
ڳالهيون ڪتابن
سنديون
رئوف نظاماڻي

# ڳالهيون ڪتابن سنديون

## رئوف نظاماڻي

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڳالهيون ڪتابن سنديون |
| ليکڪ | : | رئوف نظاماڻي |
| ڇاپو | : | ڊجيٽل ايڊيشن، 2021 |
| پبلشر | : | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| ٽائيٽل | : | ذوالفقارعلي ابڙو هالائي |

**ڊجيٽل ايڊيشن:** **سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”ڳالهيون ڪتابن سنديون“ اوهان اڳيان حاضر آهي، جيڪو سندس مطالعي هيٺ ايندڙن ڪتابن تي تبصرن تي مشتمل آهي.

رئوف نظاماڻي جو ڪتاب ”ڳالهيون ڪتابن سنديون“، سنڌيءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب آهي، جيڪو سندس مطالعي هيٺ آيل ڪتابن تي تبصرن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ ڪل 92 مضمون آهن، جن ۾ 80 ڪن ڪتابن تي تبصرا آهن. جن ليکڪن جي ڪتابن تي تبصرا ڪيا ويا آهن سي به ادب، صحافت ۽ سياست سميت مختلف ميدانن جا تمام وڏا نالا آهن. انهن ۾ جارج آرويل، آرٿر ڪوئسلر، سولزي نتسن، اروندتي راءِ، نجيب محفوظ، طحہٰ حسين، ايلف شفق، ازبل آلندي، رابرٽ فسڪ، ايم ايچ پنهور، محمد حنيف ۽ طاهر بن جلون شامل آهن. انهيءَ ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جي ڪافي ڪتابن تي تبصرو آهي، جن جي ليکڪن ۾ نور ظهير، فهميده رياض، انتظار حسين، جميله هاشمي، جمال نقوي، خالد طور، رسول بخش پليجي، شاهه محمد پيرزادي، انور ابڙي، چندر ڪيسواڻي، رسول ميمڻ، قاسم ميرجت، شبير شر ۽ منور سراج سوڍو بيا ليکڪ شامل آهن.

هي ڪتاب ڪنهن به اداري اڃا تائين ناهي ڇاپيو، پر سائين رئوف نظاماڻيءَ قرب ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، جنهن لاءِ سندس ٿورائتا آهيون. مهربانيون سائين حبيب سنائيءَ جون جنهن ڪمپوز ٿيل مواد کي سنواري ڪتاب سنڌ سلامت ڏانهن ايميل ڪيو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


1. مهانگ ڪتابن جي دنيا جا اسرار — منوج ڪمار
2. سنڌ جا عامل
3. ڪراچي ۽ عامل
4. حيدرآباد ۽ عامل
5. ادب ۽ پابنديون
6. ادب ۽ مزاحمت
7. ڌرتي جي ڌوڙ: فرانس ۽ فاشزم
8. نڪسل سان ڪجھ ڏينهن
9. ڌتڙيل ماڻهن جي پناه گاه
10. جارج آرويل ۽ اسپين جي گهرو ويڙه
11. اسپين جي گهرو ويڙه ۽ نظرياتي اختلاف (حصو ٻيون)
12. اسپين: فاشزم خلاف جنگ ۾ سوپ ممڪن هئي (حصو ٽيون ۽ آخري)
13. ليڪڪ ۽ زندگي
14. اسپينوزا جو مسئلو ۽ نازي نظريو
15. اسان ڪي انقلاب نہ گهرجي
16. ايران: ماڻهن ۽ حڪومت جي اڪٻوٽ
17. امازون جي پراسرار دنيا ۽ جديد دنيا جا ماڻهو
18. هي اوجاڳو اجا ڪيترو ڍگهو ٿيندو؟
19. زنجير نيٺ تہ ٽٽڻي آهي
20. سراج ميمڻ متعلق ڪجھ ڳالهيون
21. الطاف شيخ
22. بائبل ۽ يهودين جي تاريخ جو هڪ پاسو
23. ريٽا شهاڻي جا ناول ۽ هند جو سنڌي ادب
24. پورائي ۾ پيال

25. سومرا دور جي سنڌ
26. دجلا ۽ فرات جو ڊيلٽا وارو علائقو
27. جلاوطني جا ڏک
28. سوويت يونين جو وکرجڻ ۽ پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي
29. مارڪس ۽ سوشلزم
30. چندر ۽ نئون ادب ۽ نيون ڳالهيون
31. ننيڙو چنڊ
32. چنگيز خان ۽ مذهب ڏانهن سندس رويو
33. جنسي حراس ۽ مزاحمت
34. حشو ڪيولراماڻي: ڪجھ سوال
35. ڪراچي : هڪ ناول نگار جي نظر ۾
36. تيرنهون قبيلو
37. تبديلي جو ڏيپ
38. ذات پات جو نظام رڳو هندن تائين محدود ناهي
39. عربن جي سنڌ تي ڪاه ۽ اٺويهه عورتون
40. ايران جا مذهب ۽ انهن جا اثر
41. زرتشت جا يورپ تي اثر
42. زيد پيرزادو جا نثري نظم
43. نجيب محفوظ جا ناول
44. سياسي تبديلي ۽ احساساتي زندگي
45. ڪوئيٽا ڪان دهلي: ورهاڱي جي هڪ ٻي ڪٿا
46. سرسوتي: هڪ ڏند ڪٿا ۽ حقيقت
47. سنڌو تهذيب: شهر، ماڻهو ۽ انت
48. سنڌو سرسوتي تهذيب: ڪجھ سوال
49. سرگردان سنسار ۾
50. انتظار حسين جا ناول
51. خالد طور جو ناول بالون ڪا گچا
52. طاهر بن جلون جو ناول رخصت
53. حسين بن منصور: عشق جو شهيد
54. هڪ صورت ۾ سمايل سونهن جون سو صورتون

55. ڊاندرس قيدي جي ڊائري: ڪجھ ويچار
56. صابره ۽ شتيلا ڪئمپن جي قتل عام کي ڪيئن وساري سگھبو
57. ليلا جا ڏھ منٽ ۽ ائتيھ سيڪنڊ
58. سچاڻپ جي ڳولها
59. عورت، ليکڪا ۽ ماء
60. حوا جون ٽي ڌيئرون
61. ارون ڊي يالوم جو ناول د شوپنھار ڪيور
62. نتشي جو سپرمين ۽ سندس ڏک
63. شيعہ سياست جو اپار
64. ڊاڪٽر طٰحيٰ حسين جي آتم ڪٿا
65. نور ظهير جو ڪتاب
66. نيتر سنگھ راوت جو سفر نامون پٿر اور پاني
67. هڪ صحافي جي ڪٿا (رابرٽ فسڪ)
68. پهرين مهاڀاري جنگ ڪانپوء جي دنيا
69. رابرٽ فسڪ جون اساما بن لادن سان ملاقاتون
70. رابرٽ فسڪ، افغانستان ۽ سوويت فوجون
71. لبنان ۽ فلسطيني مزاحمت
72. رابرٽ فسڪ جو قنڌار جو سفر ۽ افغان پناهگير
73. پليجي جي لکڻين تي ڊاڪٽر فيروز احمد جي راءِ
74. يوسف القعيد جو ناول سرزمين مصر ۾ جنگ
75. ڪوٽ لکپت جو قيدي
76. ڪاني نڪاح
77. انڪي ڪي ديس مين
78. فهميده رياض
79. پارت: اڻ برابري ۽ خود مختياري جون تحريڪون
80. لينن: هڪ انقلابي اڳواڻ ۽ هڪ عام ماڻھو
81. ڪارل مارڪس: هڪ تعارف
82. مايا جي ڪهاڻي
83. اورنگزيب ۽ مغل سلطنت جو زوال
84. ڪتاب ڪهاڻيون ڪردار

85. نئين دور جي محبت
86. جنگ، جدوجهد ۽ آدرش
87. ڪجهه ايران متعلق
88. احمدي نجاد جو ايران
89. ايران: حڪومت جي پاليسي ۽ مزاحمت
90. پيار، شادي ۽ ايران کان واپسي
91. پاڳلپڻي جو لمحو: ورهاڱي جي هڪ ڪٿا
92. ورهاڱي جو عمل اڃا جاري آهي
93. ڪامريڊ نورظهير جو پاڪستان

مهاڳ

# ڪتابن جي دنيا جا اسرار

ڪو دور هوندو هو، سنڌ ۾ ڪتاب پڙهڻ جو تمام وڏو رجحان هوندو هو. شهرن ۾ وڏين لئبريرن ڪانسواءِ گهٽين ۾ اهڙيون لئبريريون به هيون جتي ڪرائي تي ڪتاب وٺي پڙهبا هئا. مختلف سماجي ۽ سياسي تنظيمن پاران ننڍن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ به لئبريريون قائم ڪيون وينديون هيون. انهيءَ رجحان ڪي هٽي وناٺڻ ۾ ڪابي ڌر ۽ قومپرست ڌرين جو وڏو هٿ هوندو هو، جيڪي پنهنجي ڪارڪنن جي تربيت لاءِ اسٽڊي سرڪل هلائيندا هئا جتي نظرياتي ۽ سياسي ڪتاب سان گڏ ادبي ۽ ڪتابن ڪي پڙهڻ لاءِ به همٿايو ويندو هو. انهن سياسي ڪارڪنن ڪانسواءِ به ٻيا عام ماڻهو به ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ جا شوقين هوندا هئا. وڏي انگ ۾ ڪتاب ۽ رسالا ڇپبا هئا. دنيا جهان جي ادب ڪي پڙهڻ، ان تي ڳالهائڻ، ان ڪان متاثر ٿيڻ، انهن جي ترجمي ڪرڻ جو ٽرينڊ هو. هٿ ۾ ڪتاب هئڻ فخر جي نشاني هوندي هئي. پر وقت سان ڪتاب پڙهڻ جو رجحان آهستي آهستي گهٽبو ويو. انهيءَ جو سبب جتي نظرياتي سياست جو زوال آهي، اتي تفريح جي ٻين ذريعن جي فراهمي به ماڻهن ڪي ڪتابن ڪان پري ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان وٽ تمام گهٽ ماڻهو وڃي بچيا آهن، جيڪي تسلسل سان ڪتابن جو مطالعو ڪن ٿا. انهن ۾ اهي ماڻهو آڱرين تي ڳڻڻ جهڙا آهن، جيڪي سنجيدگي سان گهڻ موضوعي مطالعو ڪن ٿا. ۽ انهن ٿورن ماڻهن ۾ اسان وٽ فقط رئوف نظاماڻي ئي آهي، جيڪو نه فقط گهڻ موضوعي مطالعو ڪري ٿو پر پنهنجي مطالعي جي حاصلات ڪي ٻين سان ونڊي به ٿو ۽ ٻين ڪي مطالعي لاءِ اتساهي به ٿو.

رئوف نظاماڻي سان منهنجي تعلق ڪي هاڻ ٽن ڏهاڪن ڪان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي. انهيءَ تعلق جي شروعات سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۾ شرڪت ڪرڻ سان ٿي. نوي جي ڏهاڪي ۾ ڪراچي جي شاخ، سنڌي ادبي سنگت جي سڀ ڪان متحرڪ شاخ هئي، جنهن سان سنڌي ادب، صحافت ۽ تنقيد جا وڏا نالا جڙيل هوندا هئا. نه فقط انهيءَ جون باقاعده گڏجاڻيون ٿينديون هيون. جنهن ۾ سڄي سنڌ مان ناليورا تخليقڪار پنهنجيون تخليقون تنقيد لاءِ پيش ڪندا هئا، پر ان گڏجاڻين ۾ پڙهجندڙ اسمن

تي تمام معياري تنقيد به ٿيندي هئي ۽ ان سان لاڳاپيل موضوعن تي سنجيده بحث به ٿيندا هئا. جيڪي بحث اسان جهڙن سيڪڙاٽن لاءِ ڪافي لاڀائتا هوندا هئا. انهيءَ سان گڏ ڪراچي سنگت پاران انتهائي شاندار ادبي پروگرام به ڪرايا ويندا هئا. سنگت ڪراچي جي انهن گڏجاڻين کي منظم ڪرڻ، انهن بحثن ۾ اها سنجيدگي برقرار رکڻ ۽ پروگرامن جو اهو معيار رکڻ ۾ رئوف نظاماڻي جو وڏو هٿ هوندو هو، جيڪو ڪافي عرصي تائين ڪراچي سنگت جو سيڪريٽري رهيو. رئوف نظاماڻي جي طبعيت جي تحمل ۽ برداشت، غيرجانبدار تجزئي، سندس وسيع مطالعي، مختلف موضوعن تي سندس گهري ڄاڻ ۽ بنان ڪنهن مصلحت جي پنهنجي موقف کي رکڻ واري مزاج سان منهنجي وڏيڪ واقفيت تڏهن ٿي، جڏهن منهنجو جان خاصخيلي سان گڏجي تقريبن هر جمعي تي سندس لي مارڪيٽ واري گهر تي وڃڻ ٿيندو هو. انهن ڪچهرين ۾ سياست، ادب، پرڏيهي مامرن ۽ تاريخ جي موضوعن سوڌو ٻين ڪيترن ئي تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. مونکي اهو ٻڌائيندي فخر ٿيندو آهي ته انهن ڪچهرين ۽ سنگت ڪراچي جي گڏجاڻين ۾ ٿيندڙ بحثن منهنجي فڪري سفر کي هڪڙو دڳ ڏنو.

رئوف نظاماڻي تسلسل سان گذريل چئن ڏهاڪن کان لکندو اچي. هن سَون جي تعداد ۾ ادبي، تنقيدي، سماجي، سياسي، بين القوامي مامرن ۽ معاشي موضوعن تي مضمون لکيا آهن. هُو وڏي وقت کان مختلف اخبارن ۾ ڪالم به لکندو اچي. رئوف نظاماڻي انهن ٿورن ليکڪن مان آهي، جن ٻولي جي سونهن ۽ جذباتيت سان پنهنجي پڙهندڙن کي متاثر ڪرڻ جي بدران، پنهنجي دليل ۽ تجزيئي سان پڙهندڙن کي موهيو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ رئوف نظاماڻي ڪافي اهم ڪتابن جو ترجمو به ڪيو آهي. جن ۾ طارق علي جو ڪتاب ”ٽين دنيا ۽ فوجي آمريتون“، روڊريجو روجاس جو ”گوڏن ڀر نہ جهڪنداسين“، فيڊرل ڪاسترو جي تقرير ”سامراج ۽ عوام“، گرميڪو جون يادگيريون ”سرد جنگ جا 50 سال“، بورس پيسترنڪ جي جڳ مشهور ناول ”ڊاڪٽر زواگو“ جي ترجمي سوڌو ٻيا ڪتاب به شامل آهن. انهيءَ ڪانسواءِ سندس ادبي تنقيد جو ڪتاب، ”جديد سنڌي ڪهاڻي“ ۽ مختلف موضوعن تي مشتمل مضمونن جو ڳٽڪو، ”گل گل ٻهڪار“ به شايع ٿي چڪو آهي .

رئوف نظاماڻي جو موجوده ڪتاب ”ڳالهيون ڪتابن سنديون“، سنڌي ۾ پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب آهي، جيڪو سندس مطالعي هيٺ آيل ڪتابن تي تبصرن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ ڪل 92 مضمون آهن ،جن ۾ 80 کن ڪتابن تي تبصرا آهن. جن ليکڪن جي ڪتابن تي تبصرا ڪيا ويا آهن سي به ادب، صحافت ۽ سياست سميت مختلف ميدانن جا تمام وڏا نالا آهن. انهن ۾ جارج آرويل، آرٿر ڪوئسلر، سولزي ٽتسن، اروندتي راءِ، نجيب محفوظ، طحہٰ حسين، ايلف شفق، ازبل آلندي، رابرٽ فسڪ، ايم ايچ پنهور، محمد حنيف ۽ طاهر بن جلون شامل آهن. انهيءَ ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ اردو ۽ سنڌي جي ڪافي ڪتابن تي تبصرو آهي، جن جي ليکڪن ۾ نور ظهير، فهميده رياض، انتظار حسين، جميله هاشمي، جمال نقوي، خالد طور، رسول بخش پليجي، شاهه محمد پيرزادي، انور ابڙي، چندر ڪيسواڻي، رسول ميمڻ، قاسم ميرجت، شبير شر ۽ منور سراج سوڌو ٻيا ليکڪ شامل آهن .

سڀ کان پهرين شئي جيڪا اسان کي هن ڪتاب ۾ نظر اچي ٿي سا مختلف موضوعن تي ڪتابن جي وسيع چونڊ آهي، جيڪا رئوف نظاماڻي جي وسيع مطالعي جي شاهدي ڏئي ٿي. سندس تبصري لاءِ چونڊيل ڪتابن ۾ مختلف صنفن ۽ مختلف موضوعن جا ڪتاب شامل آهن. انهن ۾ ناول به آهن ته شاعري جا ڪتاب به، انهن ۾ سارواڻيون آهن ته تاريخ جا ڪتاب به. رئوف سياسي ڪتابن جي به چونڊ ڪئي آهي ته مذهبي ڪتابن جي به. انهن ڪتابن ۾ ٽيڪنالاجي جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب آهن ته فلسفي جا ڪتاب به شامل آهن.

”ڳالهيون ڪتابن سنديون“ ۾ موجود مضمون ڪي رواجي تبصرا ناهن. رئوف نظاماڻي انهن سيني ڪتابن کي ڪو رڳو تبصري لکڻ لاءِ ناهي پڙهيو. انگلنڊ جي مشهور مضمون نگار ۽ فلسفي ڪتابن جي باري ۾ چيو هو ته ”ڪي ڪتاب چکڻا آهن، ڪي ڳهڻا آهن ۽ ڪي آهستي چٻاڙي ۽ هضم ڪبا آهن.“ رئوف نظاماڻي ڪنهن به ڪتاب کي رڳو چکي ناهي ڇڏي ڏنو ۽ نه وري بنان چٻاڙڻ جي ڳِٽو آهي. پر هُن هر ڪتاب کي باقائدگي سان چٻاڙيو ۽ هضم ڪيو آهي. هُن هر ڪتاب کي سنجيدگي سان ۽ گهرائي سان پڙهيو آهي. ان تي نوٽس ورتا آهن ۽ پوءِ پوري غير جانبداري سان انهن تي راءِ ڏني آهي. رئوف نظاماڻي کي جيڪڏهن لڳو آهي ته ڪو ڪتاب تفصيلي راءِ جو گهرجائو آهي تہ هُن انهيءَ ڪتاب کي اها گهربل اهميت ڏني آهي. انهي ڪري توهان کي اهڙا ڪتاب به ملندا جن تي تبصرا ٽن ٽن مضمونن تي مشتمل آهن. انهيءَ سان انهن ڪتابن سان اهو ڀرپور انصاف ٿيو آهي، جيڪو اهي لهڻن. گهڻن پڙهندڙن کي انهي سان انهن ڪتاب کي گهرائي سان متعارف ٿيڻ جو موقعو ملندو. پر ڪي اسان پارا پڙهندڙ به هوندا، جن کي اهو احساس ٿيندو ته اهي تبصرا ايترا ته جامع آهن، جو هاڻ انهن ڪتابن کي پڙهڻ جي ضرورت ئي ناهي، ڇاڪاڻ جو ڪتاب جون سڀ اهم ڳالهيون رئوف نظاماڻي پنهنجي تبصري ۾ ڏئي ڇڏيون آهن. منهنجي راءِ اها آهي ته ڪتاب تي تبصري ۾ ڪجهه ڳالهيون پڙهندڙن لاءِ به ڇڏي ڏجن ته جيئن اهي به انهن پاسن کي ڳولي لهڻ جو لطف پاڻ به وٺي سگهن. ڪن جڳهين تي جيڪڏهن رئوف نظاماڻي ڪتابن جي مواد کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي بدران جيڪڏهن انهن تي پنهنجي تنقيدي راءِ تي وڌيڪ توجه ڏئي هان ته پڙهندڙن لاءِ اهان به وڌيڪ لاڀائتو ٿئي ها.

ڪتابن جي چونڊ ۾ ڪي اهڙا ڪتاب به هئا جن جا موضوع رئوف نظاماڻي جي دل جي تمام ويجها هوندا. خاص طور تي ڪابي ڌر جي سياست ۽ ادب جي ڪارج ۽ پابندين جي حوالي سان جيڪي ڪتاب هئا، انهن تي پڙهڻ وقت ڪئي دل ۾ اها خواهش به ايري ته ڪاش رئوف نظاماڻي انهن موضوعن کي سنڌ جي ماضي جي سياست سان به جوڙي ۽ سنڌ جي سياست ۽ سماج تي وڏي وقت تائين نظر رکندڙ جي حيثيت سان انهن ڪتابن ۾ ڏنل بحثن جي روشني ۾ سنڌ جي سياست ۽ ادب جو به جائزو وٺي ها. اسان کي اميد آهي ته رئوف نظاماڻي اسان جي انهيءَ معصومانه خواهش تي غور ڪندو.

”ڳالهيون ڪتابن سنديون“ سنڌ ۾ موجود انهن ماڻهن لاءِ هڪ انتهائي قيمتي سوکڙي آهي جيڪي اجان ڪتاب پڙهن ٿا، جيڪي ڪتابن تي ڳالهائين ٿا ۽ جيڪي بهترين ڪتابن پڙهڻ جي خواهش

رکن ٿا. رئوف نظاماڻي نه فقط اسان کي دنيا جي بهترين ڪتابن سان متعارف ڪرايو آهي پر اسان جي دل ۾ اها خواهش به پيدا ڪئي آهي ته ڪتابن سان اسان پنهنجي عشق جي وري تجديد ڪريون. تبصري هيٺ آيل انهن ڪتابن ۾ اهڙن ٻين ڪتابن کي پڙهون. اميد آهي ته موجوده ڪتاب انهيءَ سلسلي جي پهرين ڪڙي هوندو. رئوف نظاماڻي ٻيا جيڪي به ڪتاب پڙهندو، انهن سان اسان جي واقفيت ڪرائيندو رهندو .

**منوج ڪمار**
**هالا نوان**

# سنڌ جا عامل

سنڌ مان ورهاڱي وقت جيڪي هندو لڏي ويا آهن، هن وقت ستر سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ کانپوءِ انهن جو ٽيون نسل ڀارت ۽ دنيا جي خاص طور آمريڪا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ آباد آهي. انهن ماڻهن لاءِ اهم مسئلو پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولها آهي. وٽن پنجابين ۽ بنگالين جيان ڀارت ۾ ڪا اهڙي زمين ناهي، جنهن کي هو پنهنجو وطن چئي سگهن. جيتوڻيڪ انهن عمليت پسندي جو مظاهرو ڪندي، مقامي ڪلچر ۽ ٻولي ۾ ضم ٿيڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي پنهنجي اصل ڏانهن وڃڻ جي سندن خواهش اڀري اچي ٿي. ان جي نتيجي ۾ ورهاڱي، سنڌي هندن جي ماضي، حال ۽ سنڌ ۽ ڀارت ۾ انهن جي زندگي متعلق گهڻو ڪجهہ لکيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ ساز اگروال جو ڪتاب The Amils of Sindh- A Narrative History of a Remarkable Community هڪ تفصيلي دستاويز آهي، جنهن ۾ مختلف پاسن کان خاص طور سنڌ جي عاملن جي ماضي، حال، اتڻ ويهڻ ۽ طور طريقن جو جائزو ورتو ويو آهي. ان ۾ سنڌ جي حوالي سان گهڻو ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي تي توجهہ ڏني ويئي آهي. ان جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ جي گادي جو هنڌ جڏهين خدا آباد مان حيدرآباد منتقل ٿيو تہ گهڻا عامل، جيڪي شاهي دربار سان لاڳاپيل هئا، اهي حيدرآباد منتقل ٿي ويا. انهن کي خدا آبادي عامل چيو وڃي ٿو. اهي نون ذاتين ۾ ورهايل آهن، جڏهين تہ حيدرآباد ۾ ٻيا عامل بہ هئا، جن جو خدا آباد سان ڪو واسطو نہ هو ۽ انهن کي حيدرآبادي عامل چيو ويندو آهي. اهي چار ذاتين ۾ ورهايل آهن.

شايد هڪ ڊگهي عرصي تائين مسلمان حڪمرانن ۽ مسلم گهڻائي واري آبادي سان رهڻ ڪري سنڌي هندن ۾ هندوستان جي ٻين علائقن جيان ذات پات جو هڪ سخت نظام نہ هو. عامل ۽ ڀائي بند جي تفريق بہ پيشن جي بنياد تي هئي، جيڪا شروع ۾ ايتري سخت نہ هئي ۽ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ ان کي باقاعدي خانن ۾ ورهايو ويو هو. جيتوڻيڪ عامل ان تي سختي سان عمل ڪندا هئا ۽ وڏي جاچ کانپوءِ ئي ڪنهن کي پنهنجي حلقي ۾ شامل ڪندا هئا. ايستائين تہ نائون مل جي خاندان کي بہ انهن اهو چئي ڇڏيو تہ توهانجو پسمنظر عاملن جو ناهي، جنهن تي ڪاوڙجي انهن چيو تہ ٺيڪ آهي، پوءِ اسان پاڻ کي سيٺ سڏرائينداسين. پر ڏٺو وڃي تہ اها ڪا اهڙي ليڪ نہ هئي جيڪا اڻ مٽ هجي. گهڻن عاملن پنهنجي تعليم سان گڏ واپار ۾ بہ پنهنجو پاڻ کي مجرايو، جڏهين تہ ڀائي بند ۽ سيٺ واپار سان تعليم ۾ بہ اڳتي هوندا هئا. مثال طور بمبئي يونيورسٽي مان پهرئين سنڌي گريجوئيٽ جو واسطو سيٺ نائون مل جي خاندان سان هو. ساڳي ريت عاملن جي حوالي سان جيڪا تحقيق ٿي آهي ان ۾ اها ڳالهہ پڻ سامهون آئي آهي تہ هڪ ئي ذات سان واسطو رکندڙ ماڻهن ۾ ساڳي وقت عامل بہ آهن تہ ڀائي بند بہ.

عامل جيئن تہ گھڻو ڪري ميرن جي دربار ۾ انگريزن جي حڪومتي مشنيري جو حصو رهيا آهن، ان ڪري انهن، انهن جا طريقا ۽ ٻولي اختيار ڪئي آهي. ميرن جي دور ۾ جيئن تہ سرڪاري ٻولي فارسي هئي، ان ڪري انهن فارسي کي ئي پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي ٻولي ڪيو ۽ سنڌي رڳو ڳالهائڻ جي حد تائين هئي. انگريز جڏهين سنڌ ۾ آيا تہ ڪين شروع ۾ سرڪاري ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ ڏکيائي پيش آئي. ڇاڪاڻ تہ جيڪي عامل ساڻن شامل ٿيا، انهن کي رڳو فارسي لکڻ پڙهڻ آئي ٿي ۽ سنڌي کان اهي اڻ ڄاڻ هئا. اها ساڳي صورتحال اڳتي هلي انگريزي جي سلسلي ۾ ٿي. ان سلسلي ۾ رڇرڌ برٽن لکي ٿو تہ اسان جي لکپڙه ڪندڙ جي مادري ٻولي سنڌي آهي پر هو ڪڏهين بہ ان ۾ موجود مواد تي توجهہ نہ ٿو ڏئي، ان ڪري سوائي ڳالهہ ٻولهہ جي، هو ان سڀ کان اڻ ڄاڻ آهي. ساڳي ريت لڏي ويندڙ ماڻهن ۾ کي ٿورا ئي اهڙا عامل هئا، جن کي پنهنجي مادري ٻولي نہ اچڻ جو افسوس هجي.

عامل رڳو شهرن ۾ سرڪاري نوڪرين تائين محدود نہ هئا. انهن جون سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وڏيون زميندارون هيون. ڪنهن وٽ ڏهہ هزار ايڪڙ هئا تہ ڪنهن وٽ بدين پاسي بہ سو ڳوٺ هئا. شهرن ۾ انهن جيتوڻيڪ مختلف فلاحي ۽ تعليمي ادارا وغيره قائم ڪيا هئا، پر اهي پنهنجي هڪ انفرادي الڳ ٿلڳ زندگي گذاريندا هئا. ڪراچي جي عامل ڪالوني ۾ ٻئي ڪنهن غير ماڻهو ۽ خاص طور ڪنهن مسلمان کي گهر وٺڻ جي اجازت نہ هئي. ساڳي ريت اهي پاڻ ۾ بہ گھڻو ميل جول نہ رکندا هئا. هڪٻئي جي ٻارن کي هڪ ٻن نسلن کانپوءِ پنهنجن ويجهن مائٽن جي بہ خبر نہ هوندي هئي. جيتوڻيڪ لڏي وڃڻ کانپوءِ اهي هڪ جاءِ تي نہ رهيا ۽ ٽڙ وکڙ ٿي ويا، پر پنهنجي ذات جي معاملي ۾ نهايت سخت رهيا. عامل پنچائت پوري جاچ جوچ ۽ ستن پيڙهين تائين ڪنهن جي تحقيق ڪرڻ کانپوءِ ان کي پنهنجي تنظيم ۾ شامل ڪري ٿي يا ان کي ڪتو جواب ڏنو وڃي ٿو.

سنڌ مان ورهاڱي وقت جيڪا لڏپلاڻ ٿي، اها پنجاب جي پيٽ ۾ مختلف هئي. هتي ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ ان نموني جا منظم فساد نہ ٿيا هئا، جنهن ۾ ماڻهن کي سيڪجهہ ڇڏي ڀڄڻو پئي. ڪجهہ ماڻهن جن ورهاڱي کان اڳ لڏڻ جو ارادو ڪيو هو، انهن پنهنجن ٻارن ٻچن کي اڳ ئي ڀارت جي مختلف شهرن ۾ پنهنجن مٽن مائٽن وٽ موڪلي ڇڏيو هو، يا اتي پنهنجا گهر وني ڇڏيا هئا ۽ پوءِ پنهنجيون ملڪيتون وغيره وڪڻي پاڻ بہ لڏي ويا. ڪجهہ اهڙا ماڻهو هئا جن ڀارت مان پاڪستان لڏي ايندڙ مسلمانن سان پنهنجي ملڪيت جي ڏي وٺ ڪئي. خاص طور ڪراچي ۽ حيدرآباد مان گهڻن کي ڀارت مان آيل پناهگيرن جي فسادن جي ڪري پنهنجا گهر ڇڏي وڃڻو پيو يا انهن جي گهرن ۽ ملڪيتن تي زوري قبضو ڪيو ويو. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ شروع ۾ اچ وڃ تي گهڻيون پابنديون نہ هيون، ان ڪري سرحد پار ڪرڻ ۾ ڪا گهڻي ڏکيائي نہ هئي. 1965 ۽ پوءِ 1971 جي جنگين جي ڪري ٻنهي ملڪن جا ناتا خراب ٿي ويا ۽ سرحدن تي سختيون وڌي ويون. ان صورتحال جي ڪري گهڻا اهڙا جن پاڪستان ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو، هتان مستقل طور لڏي ويا. اهو لڏپلاڻ جو سلسلو اڃا بہ جاري آهي ۽ گهڻا خاندان مختلف بهانن سان سرحد پار وڃن ٿا ۽ پوءِ اتي ئي رهجي وڃن ٿا.

سنڌ مان لڏي ويندڙ گهڻن ماڻهن کي ڀارت جي مختلف شهرن جي مهاجر ڪئمپن ۾ رهايو ويو هو. هڪ مثبت ڳالهه اها هئي ته انهن ماڻهن ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻ بجائي پنهنجي تعليم، محنت ۽ تجربي جي بنياد تي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. ساڳي وقت انهن کي ڪميونٽي ۽ سرندي وارن ماڻهن جي سهائتا حاصل هئي. ان سان گڏوگڏ انهن تعليم تي خاص توجهه ڏنو. اهڙا اٽڪل پنج هزار شاگرد هئا، جيڪي سنڌ ۾ پنهنجي تعليم اڌوري ڇڏي ڀارت لڏي ويا هئا. انهن جي ۽ ٻين گهڻن جي تعليم جو بندوبست ڪرڻو هو. ان مقصد لاءِ ايستائين ته حيدرآباد جي هڪ ڪاليج جو هڪ پروفيسرڪاليج جي ليبارٽري مان ضروري ساز و سامان ڪٽي ويو هو ته جيئن نئين ملڪ ۾ لڏي ويندڙ شاگردن جي ڪم اچي سگهي. ان سلسلي ۾ خاص طور هوتچند آڏواڻي جون ڪوششون ذڪر جوڳيون آهن، جنهن پرنسپل ڪي ايم ڪندناني، جنهن سنڌ جي پروفيسرن جي هڪ ٽيم کي گڏ ڪيوهو، سان گڏجي ڪيترا ئي تعليمي ادارا قائم ڪيا. هوتچند آڏواڻي ان مقصد لاءِ پنهنجن ڀائي بند مؤڪلن، جيڪي آسودا هئا ۽ جن جو ڪاروبار چڱو هلي رهيو هو، کان فنڊ به ورتا. اهي ماڻهو مٿس ايترو اعتبار ڪندا هئا جو ڪيس بلينڪ چيڪ ڏيئي ڇڏيندا هئا. جيستائين هوتچند حيات هو سندس اصرار هوندو هو ته ڪاليجن ۾ سنڌي جو شعبو هئڻ گهرجي پوءِ ڀلي رڳو ٻه شاگرد ئي ڇو نه سنڌي پڙهڻ چاهيندا هجن. پر اڳتي هلي جڏهين گهڻن مائٽن کي سنڌي جو عملي زندگي ۾ ڪو ڪارج نظر نه ٿي آيو ته انهن پنهنجن ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ ڇڏي ڏني ۽ اهڙي ريت انهن ادارن مان سنڌي ختم ٿي ويئي. الهاس نگر ۽ ٻين مهاجر ڪئمپن ۾ قائم ڪيل تعليمي ادارن ۾ سنڌي جي پڙهائي گهڻي عرصي تائين هلندي رهي. هوتچند جي هڪ ٻي خاصيت اها هئي ته 1950 جي ڏهاڪي ۾ جڏهين ڪي سي ڪاليج قائم ٿيو ته ويجهڙائي جي ڀيندي بازار جا مسلم خاندان به پنهنجين ڇوڪرين کي اتي جي محفوظ ماحول جي ڪري پڙهڻ موڪليندا هئا. ڪاليج جي بورڊ هوتچند آڏواڻي کان پڇيو ته هو ان ڪميونٽي جي ٻارن کي ڇو داخلا ٿو ڏئي جن جي ڪري ڪين سنڌ ڇڏڻي پيئي، پر هو پنهنجي موقف تي مضبوطي سان قائم رهيو ته جيڪڏهين انهن ڇوڪرين کي داخلا نه ڏني ويئي ته اهي پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو وڃائي ڇڏينديون.

سنڌ ۾ جيڪي عامل ۽ ٻيا سرڪاري نوڪرين ۾ هئا انهن کي ڀارت ۾ به مناسب جاءِ ڏني ويئي. گهڻا وڏن ۽ اهم عهدن تي فائز ٿيا. سنڌ جو آئي سي ايس آفيسر حشمت رائي چيناني، بمبئي هائي ڪورٽ جو مستقل چيف جسٽس مقرر ٿيو. اهو پهريون آئي سي ايس افسر هو، جيڪو پنهنجي قانوني مهارت جي ڪري هائي ڪورٽ جو مستقل چيف جسٽس مقرر ٿيو هو. مشهور نانا وتي ڪيس ۾ ڀارت جي بچاءَ جي وزير ڪرشنا مينن جي دٻاءُ ۽ جيوري جي سفارش جي باوجود هن پنهنجي مرضي جو فيصلو ڏنو. بدقسمتي سان ميرين ڊرائيو ۾ پنهنجي گهر جي آڏو واڪ ڪندي هڪ ڪار جي ٽڪر ۾ سندس انتقال ٿي ويو. گهڻا عامل انگريزن جي فوج ۾ به هئا، جن ٻي مهاڀاري جنگ ۾ حصو ورتو هو. ڀارت جي بري، بحري ۽ هوائي فوج ۾ انهن مان گهڻا اهم عهدن تي هئا ۽ اڄا به آهن. اهڙي ئي هوائي فوج جي هڪ پائلٽ جو ذڪر ڪندي ليڪڪا ٻڌائي ٿي ته پاڪ ڀارت جنگ ۾ ڪيس ڪراچي تي

حملن جو ڪم ڏنو ويو هو. هڪ حملي کان واپسي تي سندس جهاز سان حادثو ٿيو ۽ هو ان ۾ مري ويو.

اها ڳالهہ تہ پنهنجي جاء تي طئي آهي تہ شروع ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت سان لڏي ويندڙن جو جيڪو لڳاءُ هو اهو هاڻي نہ هئڻ جي برابر وڃي رهيو آهي. جيئن ليکڪا ريتا شاهاڻي جو چوڻ آهي تہ اسان وٽ اهو ثقافتي ماحول ئي ناهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري سگهي. ساڳي ريت مائٽن پاران پنهنجن ٻارن کي سنڌي هئڻ جو احساس ئي نہ ٿو ڏياريو وڃي ۽ نہ ئي انهن سان اهي سنڌي ۾ ڳالهھائين ٿا. ليکڪا جو چوڻ آهي تہ آمريڪا جي مندرن ۾ جتي ڀارت جي مختلف علائقن جا ماڻهو اچن ٿا اتي اهي پاڻ ۾ ۽ پنهنجن ٻارن سان پنهنجيون ٻوليون ڳالهائين ٿا. جيڪڏهين ڪنهن کي اوهان انگريزي ۾ ڳالهائيندو ٻڌو تہ پڪ سمجهو تہ اهي زال مڙس يا تہ ٻن مختلف ٻولين سان واسطو رکن ٿا ۽ يا وري اهي سنڌي آهن، جن کي پنهنجي ٻولي نہ ٿي اچي يا اهي اها پاڻ ۾ ۽ پنهنجن ٻارن سان اها ڳالهائڻ نہ ٿا چاهين.

نوي جي ڏهاڪي ۾ پاڪ ڀارت ناتن ۾ ڪجهہ بهتري اچڻ جي ڪري ڀارت جي هڪ وڏي ٽور آپريٽر رنجيت ملڪاڻي کي ڪراچي ۽ حيدرآباد گهمڻ جي دعوت ڏني ويئي. جڏهين هن حيدرآباد ۾ آڏواڻي گهٽي، ملڪاڻي گهٽي ۽ سنڌي عامل پنچائت جو بورڊ ڏٺو تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. جڏهين هو موٽي آيو تہ هن ڀارت جي سنڌين کي سنڌ گهمائڻ جو منصوبو ناهيو، جيڪي سندس خيال ۾ ان لاءِ سندس ٿورائتا ٿيندا. ان مقصد لاءِ هن پي آئي اي ۾ ٽيويهہ هزار چار سو نشستون بڪ ڪرايون ۽ هلو تہ هلون جي نعري سان وڏي پئماني تي مارڪيٽنگ جي مهم شروع ڪئي. ان سڄي مهم جي نتيجي ۾ ڪيس رڳو اهڙا چوڏنهن ماڻهو ملي سگهيا جن کي سنڌ ڏسڻ جو شوق هو. اهڙي ريت رڳو ڪجهہ ئي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي واقعي سنڌ جي محبت ۾ ۽ پنهنجن وڏن جي وطن کي ڏسڻ لاء سنڌ اچڻ چاهين ٿا جڏهين تہ گهڻائي کي ان سان ڪا دلچسپي ناهي.

ان سلسلي ۾ گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي ۽ وقت سان گڏوگڏ ٻيا گهڻا پاسا پڻ سامهون ايندا.

# ڪراچي ۽ عامل

ميرن پاڻ کي حيدرآباد ۽ ہين شهرن تائين محدود رکيو هو. ڪراچي جي سندن لاءِ ڪا خاص اهميت نہ هئي. ايستائين تہ 1839 ۾ جڏهين انگريز ڪراچي ۾ آيا، تڏهين بہ ميرن ان ڳالهہ تي خاص توجهہ نہ ڏنو. ڪراچي کي اهميت 1843 ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ ملي جڏهين انهن گادي جو هنڌ حيدرآباد کان منتقل ڪري ڪراچي آندو. انگريزن جي آندل مختلف انتظامي تبديلين، خاص طور تي سنڌ جي بمبئي پريزيڊينسي سان ڳنڍجڻ ڪري ڪراچي ان وقت ئي هڪ ڪاسموپوليٽن شهر ۾ تبديل ٿي ويو. هتي جيتوڻيڪ آبادي جي گهڻائي سنڌين جي هئي، پر ڀر پاسي وارين رياستن جا ماڻهو خاص طور نوڪرين ۽ واپار جي موقعن جي ڪري هتي اچي آباد ٿيا، جيڪا ڳالهہ حيدرآباد ۾ نہ هئي، جتي گهڻي ڀاڱي سنڌين جي ئي آبادي هئي. جيئن تہ حڪومت جو سڄو ڍانچو ڪراچي ۾ هو، ان ڪري اها فطري ڳالهہ هئي تہ عامل جيڪي حيدرآباد ۾ هئا اهي ڪراچي کي پنهنجو مرڪز ناهين. ان سان گڏوگڏ هتي واپار جا موقعا پڻ هئا، جنهن مان ڀائي بند ۽ عامل ٻيئي فائدو وٺي سگهيا ٿي. ان لاءِ اها ڳالهہ ضروري هئي تہ انگريزن خاص طور تي تعليم جي ميدان ۾ جيڪي سڌارا آندا هئا، ان سان پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي هم آهنگ ڪن ۽ انگريز سرڪار جو هڪ ڪارائتو حصو بڻجن. ساز اگروال جي ڪتاب The Amils of Sindh- A Narrative History of a Remarkable Community ۾ ڪراچي ۾ آيل تبديلين جون ڪجهہ جهلڪيون ملن ٿيون.

عام طور اهو تاثر آهي تہ واپار وغيره ڀائي بندن جو ڪم آهي ۽ عاملن جو ان سان واسطو نہ رهيو آهي، پر ائين ناهي. عامل وقت سان گڏو گڏ پاڻ کي تبديل ڪندا رهيا آهن. اهي سرڪاري ڪامورن سان گڏوگڏ سنا دوڪاندار پڻ رهيا آهن. 1940 جي ڏهاڪي ۾ ڪراچي ۾ اهڙيون بازارون هيون، جتي رڳو عاملن جا دوڪان هوندا هئا. ايلفينسٽن اسٽريٽ، جنهن کي هاڻي زيب النساء اسٽريٽ جو نالو ڏنو ويو آهي، جتان انگريز گهڻو ڪري پنهنجن ڪپڙن ۽ ٻئي سامان جي خريداري ڪندا هئا، گلزارريسٽورنٽ کان فريئر هال تائين هڪ ميل کان وڌيڪ ڊگهي هوندي هئي. هتي جيڪڏهين نظر ڪبي هئي تہ ايڪڙ ٻيڪڙ ڀائي بندن، پارسين ۽ مسلمانن جي دوڪانن کي ڇڏي باقي هڙيئي دوڪان عاملن جا هئا .

شهر ۾ مختلف ڪميونٽي وارن جهڙوڪ گجراتين ۽ پارسين وغيره پنهنجيون رهائشي ڪالونيون ٺاهيون هيون. عامل ڪالوني هڪ جمشيد ڪوارٽر جي ويجهو هئي، جڏهين تہ عامل ڪالوني ٻي ڪليٽن روڊ جي چوواٽي کان شروع ٿي ٿي. هتي ئي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن لاءِ ڌار سنڌي ميڊيم اسڪول هئا ۽ ويجهو ئي ساڌو واسواڻي مرڪز هو، جتي هو پنهنجي ڪراچي جي دوري دوران ليڪچر وغيره ڏيندو هو. ٻہ نمبر جي بس گرومندر کان ساڃي پاسي مڙندي هئي، جتي ڪاسموپوليٽن ڪالوني هئي. ان ڪالوني جي ساڄي پاسي تي وڏي شڪارپوري ڪالوني هئي، جتي شاهوڪار شڪارپوري

رهندا هئا. گجراتي ڪالوني ۾ شاهوڪار گجراتين پنهنجا بنگلا ٺاهيا هئا. ان ڪالوني کي عامل ڪالوني ۽ نمبر ڪان هڪ وڏو ميدان ڌار ڪندو هو، جتي ڪانگريس پنهنجو 1934 جو سيشن منعقد ڪيو هو .

اهڙي ريت ڪراچي کي هڪ جديد شهر ٺاهڻ ۾ سنڌي عاملن سان گڏ ٻين ماڻهن جو به حصو هو. خاص طور تي تعليم جي شعبي ۾ اهم ادارا قائم ڪيا ويا، جنهن مان شهر جا ماڻهو اڄا به لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. ان سلسلي جي اهم پيش رفت سنڌ آرٽس ڪاليج جو قيام هو جيڪو اناويهه شاگردن سان هڪ مسواڙ جي جاءِ ۾ شروع ٿيو. هن ڪاليج کي قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ هندن جو وڏو هٿ هو، جڏهين ته پارسين ڪليل دل سان ان جي مالي سهائتا ڪئي. ان جو مقصد سيني ماڻهن، پر خاص طور گهڻائي واري ڪميونٽي يعني مسلمانن جي ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي، جنهن جي لاءِ انهن کي اسڪالرشپ ۽ تحفن وغيره جي سلسلي ۾ ترجيح ڏني ٿي ويئي. 1898 ۾ ڪراچي ۾ پليگ جي ڪري بجائي ڪاليج کي بند ڪرڻ جي، ان کي پروفيسر جيڪسن ڪجهه مهينن لاء حيدرآباد منتقل ڪري ڇڏيو. ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ اٽڪل شروع کان ئي آرٽس ۽ انجينيئرنگ جا ڪلاس هلندا هئا. وقت گذرڻ سان گڏ ان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اهڙا ادارا قائم ڪيا. 1922 ۾ حيدرآباد ۾ ڊي جي نيشنل ڪاليج قائم ڪيو ويو. شڪارپور ۾ 1933 ۾ چيلاسنگهه ۽ سيتل داس ڪاليج قائم ٿيو ۽ 1939 ۾ سڪرنڊ ۾ زراعت جو انسٽيٽيوٽ قائم ٿيو .

1888 ۾ پي ڊبليو ڊي جي انجنيئرن جي تربيت لاء قائم ڪيل سرڪاري انسٽيٽيوٽ انجينيئرنگ ڪلاس کي ڪاليج ڏانهن منتقل ڪيو ويو. سکر بئراج کي مقامي انجنيئرن لاءِ هڪ سونهري موقعو ڏسندي، پروفيسر شاهاڻي هڪ مڪمل انجنيئرنگ ڪاليج جي تجويز پيش ڪئي. اها هڪ ڏکي جدوجهد هئي. نيٺ ڪاليج کي بنارس هندو يونيورسٽي سان الحاق ڏنو پئي ويو، پر هوشنگ ڊنشا جي ڏيڍ لک روپين جي عطئي ڌار ڪاليج جي تجويز کي قابل عمل بڻائي ڇڏيو ۽ سندس پيءُ جي نالي سان نادر شا ايڊلجي ڊنشا سول انجنيئرنگ ڪاليج قائم ڪيو ويو. اهڙي ريت جڏهين سنڌ ۾ پهريون لا ڪاليج قائم ڪيو ويو ته ان کي ان جي پرنسپل شاهاڻي جو نالو ايس سي شاهاڻي لاء ڪاليج ڏنو ويو. سنڌ جي ٻين علائقن مان ڪراچي جي انهن تعليمي ادارن ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ شاگردن جي رهائش لاء 1901 ۾ خيرپور جي مير جي ڏنل پنج هزار ۽ ٻن پائرن ديارام ۽ منارام گدومل جي ڏنل پندرنهن هزار روپين مان هڪ هاسٽل تعمير ڪيو ويو، جنهن جو نالو منارام هاسٽل رکيو ويو. ان وقت جي رهائش جي لحاظ کان سنن هاسٽلن ۾ ان جو شمار ٿيندو هو، جتي شاگردن لاء سٺي فرنيچر سان ڌار ڪمرا هوندا هئا. ان هاسٽل ۾ ادبي گڏجاڻيون وغيره به ٿينديون هيون. انهن وڏن ادارن جي قيام کانسواءِ شهر جي مختلف علائقن ۽ خاص طور لياري ۾ غريب ۽ پورهيت طبقي لاءِ مختلف تعليمي ادارا قائم ڪيا ويا جن مان اڄا گهڻا ساڳين نالن سان موجود آهن .

ٻي مهاڀاري جنگ جي دوران جيتوڻيڪ سامونڊي رستا بند ٿي ويا هئا ۽ سنڌ ورڪي پنهنجي وطن کان اٽڪل ڇهن سالن لاء ڪٽجي ويا هئا، پر عاملن لاءِ ان جنگ جي ڪري نوان موقعا پيدا ٿي

ويا هئا ۽ گهٽيون تبديليون واقع ٿيون هيون. ڊرگ روڊ جي قائم ڪيل هوائي اڏي تي برطانيا ۽ ٻين اتحادي فوجن جا سپاهي ايندا هئا. انهن کي هر جمعي تي پگهار جا چيڪ ملندا هئا ۽ اهي اوسي پاسي جي علائقن ۾ خريداري لاءِ نڪرندا هئا. جلد ئي ان علائقي ۾ ڪاروباري سرگرمي وڌي ويئي ۽ حڪومت پاران مقامي ماڻهن کي ٻه اتي دوڪان وغيره قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي. گهٽن عامل واپارين کي ڪيمپ جي ضرورت جي شين جي فراهمي جا ٺيڪا مليا ۽ انهن اتي پنهنجا دوڪان وغيره ٻه کوليا. ان علائقي جو نالو ئي نئون لندن پئجي ويو هو. ڪراچي جي معيشت کي اڳتي وڌائڻ ۾ ان هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو .

اها هڪ شروعات هئي جنهن اڳتي هلي ڪراچي جي هڪ وڏي شهر ٺهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

## حيدرآباد ۽ عامل

جيتوڻيڪ مغل دربار ۾ بہ سرڪاري ڪامورن کي عامل چيو ويندو هو ۽ ڪجھ کي ديوان جي لقب سان نوازيو ويندو هو پر سنڌ ۾ عامل باقاعدي چڻ هڪ ذات بڻجي ويا. انهن مان گهڻا پرپاسي جي رياستن پنجاب، راجپوتانہ ۽ ڪانياواڙ وغيره مان سترنهين صدي ۾ اورنگزيب جي اختيار ڪيل اسهپ وارين پاليسين ۽ ان ڪانپوءِ پيدا ٿيل ڏقيڙ جي ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. نهايت گهٽ تعداد ۾ هئڻ ڪري انهن پنهنجيون گهڻيون رسمون ڇڏي مقامي آبادي ۾ ضم ٿي ويا. انگريزن هتي اچي انهن کي لوهاڻا جي نالي ۾ گڏ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٻيا گهڻا عامل بہ ان ۾ شامل ٿيندا ويا ۽ انهن کي ذات جي لحاظ کان ڌار ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو.

ساز اگروال پنهنجي ڪتاب The Amils of Sindh- A Narrative History of a Remarkable Community ۾ سنڌ جي عاملن ۽ سندن سنڌ جي مختلف شعبن ۾ ادا ڪيل ڪردار جو هڪ جامع مطالعو پيش ڪيو آهي. عامل ڪلهوڙا، ٽالپور ۽ پوءِ انگريزن جي دور ۾ حڪومت جي اهم عهدن تي رهيا. ايستائين هڪ غلطالعام ڳالهه اها رهي آهي تہ عاملن ۽ سنڌ ورڪين جن کي پائي بند جو نالو ڏنو ويو، اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي واپار وغيره جي سلسلي ۾ سنڌ کان ٻاهر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ويا ۽ اتان ڪمايل دولت کي پنهنجي گهر، ٻارن ۽ عام ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيو، کي ڌار خانن ۾ ورهائي الڳ ذاتين جي طور پيش ڪيو ويو آهي. اها ورهاست انگريزن جي دور ۾ شروع ٿي جڏهين سامونڊي سفر جي سهولت جي ڪري گهڻن سنڌي هندن انگريزن جي مختلف نوآبادين ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃي اتي پنهنجا واپاري مرڪز قائم ڪيا ۽ اهي ڪجھ عرصي ڪانپوءِ جڏهين وطن موٽندا هئا تہ پرڏيہ جون شيون ۽ مال دولت ڪٺي ايندا هئا. گهڻا عامل ساڳي وقت سنڌ ورڪي بہ رهيا آهن ۽ واپار وغيره جي سلسلي ۾ ٻاهر ملڪن ۾ ويندا رهيا آهن.

عامل پنهنجي تعليم ۽ سرڪاري عهدن جي ڪري پائي بندن کي گهٽ تعليم يافتہ هئڻ ۽ جديد دور جي طور طريقن کان واقف نہ هئڻ ڪري پاڻ کان گهٽ سمجهندا هئا جڏهين تہ پائي بندن کي دنيا جي مختلف ملڪن جو تجربو هوندو هو، اهي اتان جي ٻولين ۽ طور طريقن کان اتان جي مقامي ماڻهن جيان ئي واقف هوندا هئا. اهي چوندا هئا تہ عامل تہ ٻين جا نوڪر آهن ۽ ڪين ٻين جي چوڻ مطابق هلڻو پئي ٿو جڏهين تہ هو پنهنجي زندگي جا پاڻ مالڪ آهن. اها حقيقت بہ هئي تہ گهڻا عامل پائي بندن جي دولت ۽ گهرن جي سامان کي ڏسي مٿن رشڪ ڪندا هئا ۽ گهڻا انهن جي ڪمپنين ۽ فرمن وغيره ۾ ملازمت بہ ڪندا هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ ديوان گدو مل نئين گادي جي هنڌ جي ڳولها ڪندي گنجي ٽڪر، جتي مختلف عقيدن جا ماڻهو عبادت لاءِ ايندا هئا ۽ جتي ليڪ ڪي آر ملڪاڻي چواڻي ته ڪالي ديوي جو مندر هو، لڳ نيرون ڪوٽ جي ڊٿل شهر کي نئين نالي حيدرآبا د جي نالي سان ٻيهر تعمير ڪيو. ڪلهوڙن کي ته شهر جي پڪي ۽ ڪچي قلعن ۾ رهڻ نصيب نه ٿيو پر اهو شهر ٽالپرن جي گادي جو هنڌ رهيو. هتي هندن ۽ خاص طور عاملن جا گهڻا گهر هوندا هئا. انگريزن جي دور ۾ شهر تي خاص توجهه ڏنو ويو. ٽالپرن جي دور ۾ شهر جون گهٽيون سوڙهيون هونديون هيون ۽ صفائي وغيره جو ڪو مناسب بندوبست نه هوندو هو. انگريزن جي دور ۾ هڪ ته شهر جي رٿابندي ۽ صفائي سترائي تي توجهه ڏنو ويو، روڊ رستن کي ويڪرو ڪيو ويو ۽ ٻيو جيڪي سنڌ ورڪي ٻاهران پئسو ڏوڪڙ آڻيندا هئا ان کي اهي پنهنجن نون گهرن ناهڻ، انهن کي سينگارڻ ۽ عام ڀلائي جي ڪمن تي خرچ ڪندا هئا. ان سان گڏوگڏ خاص طور تي ويهين صدي جي شروعات ۾ گهڻا عامل ڇوڪرا تعليم حاصل ڪري انجينيئر ۽ وڪيل وغيره ٿي ويا ۽ انهن به شهر جي ترقي تي خاص توجهه ڏنو. جيتوڻيڪ ان وقت ڪراچي سنڌ جي گادي جو هنڌ هو ۽ هتي سنڌ جي ٻين علائقن جي سنڌين ڪانسواءِ بوهري، پارسي، عيسائي ۽ ڪچي وغيره رهندا هئا پر انهن ماڻهن لاءِ حيدرآباد جي هڪ خاص اهميت هوندي هئي. ۽ ان ڪي ئي پنهنجو گهر ڪري ليکيندا هئا. اهي ڀلي پنهنجي نوڪري ۽ ٻين ڪمن ڪارين جي حوالي سان سنڌ جي ڪهڙي به شهر ۾ هجن پر موقعي مهل تي حيدرآباد ئي ايندا هئا. خاص طور ٻار جي ڄمڻ تي اهي هتي اچڻ لازمي سمجهندا هئا ته جيئن ٻار حيدرآباد سان پنهنجي تعلق کي ظاهر ڪري سگهي.

ليکڪا ريٽا شاهاڻي شهر متعلق پنهنجي يادگيري ٻڌائي ٿي ته عاملن جا سڀ گهر ۽ انهن جو سامان، فرنيچر ۽ ايستائين ته رڌڻي جا ٿانهن به هڪجهڙا هوندا هئا. سيني جا ٻار گڏجي پيا راند ڪندا هئا ۽ هر ڪو هڪٻئي کي سڃاڻندو هو. گهر جا گهڻا ڀاتي هڪ جاءِ ۾ رهندا هئا. پنهنجن ۽ پائر پينرن جي ٻارن ۾ ڪو فرق نه ڪيو ويندو هو جيڪا ڳالهه پارٽ جي ٻين صنعتي شهرن ۾ نه هئي. هيرآباد، جنهن جي نالي متعلق مختلف رايا آهن ته اهو نالو ڏکڻ آفريڪا مان آندل هيرن جي ڪري پيو يا ڪنهن شخص هيرانند جي ڪري، هڪ فيشن پريڊ ڪري ليکيو ويندو هو جتي شام جو هندو ناريون واڪ ڪنديون هيون. اڳتي هڪ جاءِ تي سيڪيورٽي جو بندوبست هوندو هو ته جيئن ڪنهن ناپسنديده شخص کي روڪي سگهجي. ڪارڻ اهو هوندو هو ته ان وقت مسلمان پنهنجين عورتن کي ٻاهر نه ڪڍندا هئا. ان موقعي تي وڏي عمر جون عورتون سنن رشتن لاءِ نوجوانن جو جائزو وٺنديون هيون. ورهاڱي کان پوءِ شام جو اهو معمول بمبئي ۾ ميرين ڊرائيو تي منتقل ٿي ويو.

ديارام ڪاملاني شهر ۾ هڪ بس سروس هلائيندو هو جيڪا هوم اسٽيڊ هال ڪان هير آباد تائين هلندي هئي. اهي پنج يا ڇهہ بسون هيون جيڪي هر ڪلاڪ ڪانپوءِ هلنديون هيون. شهر ۾ مختلف پارڪ پڻ هئا جتي ماڻهو پسار ڪرڻ ويندا هئا. سيٺ ديال مل ڪان چرچ جي راهبائن گرجا جي پر ۾ خالي پيل سندس گهر رهڻ لاءِ گهريو هو. هن ان شرط تي انهن کي اهو گهر ڏنو تہ اهي اتي انگريزي اسڪول قائم ڪنديون جنهن جو خرچ هو پاڻ ڏيندو جيستائين اهو اسڪول پنهنجي پيرن تي بيهي. اهڙي ريت سينٽ بوناوينچر نالي اسڪول قائم ٿيو جنهن ۾ ديال مل ۽ ٻين عاملن پنهنجين ڌيئرن کي داخل ڪرايو.

ساڌو واسواڻي ٻالڪن جي ٻاري قائم ڪئي هئي جتي ٻارن کي سٺي اخلاق ۽ طور طريقن جي تعليم ڏني ويندي هئي. ٻين گهڻن هندن وانگر سندس بہ سنڌ مان وڃڻ جو ڪو ارادو نہ هو پر هڪ ڏينهن سندس ڪمپائونڊ ۾ ٿيل بم ڌماڪي ۾ سندس هڪ پوئلڳ جي موت ڪانپوءِ هن اهو سوچي لڏڻ جو فيصلو ڪيو تہ هاڻي پاڪستان ۾ رهڻ محفوظ ناهي ۽ هو پنهنجن پوئلڳن جي حياتي کي وڏيڪ خطري ۾ وجهڻ نہ ٿو چاهي،

پنهنجي صفائي سترائي ۽ سونهن ۾ يڪتا اهو شهر اوپر جو پيرس سڏيو ويندو هو بس هڪڙي ڳالهه جنهن ان کي متاثر ڪيو تي اهي هيون هتان جون کليل نااليون جتي سجو گند پيو وهندو هو ۽ صفائي ڪرڻ وارا روز اچي ان جي صفائي ڪري ويندا هئا.

اهو حيدرآباد بس هاڻي هڪ يادگيري ئي آهي.

# ادب ۽ پابنديون

بورس پاسترنيڪ ۽ سولزي نتسن سوويت يونين جا ٻه اهڙا اهم اديب آهن جيڪي سوويت يونين جي حڪومت سان ٽڪراءَ ۾ لاڳيتو گهڻو عرصو خبرن ۾ رهيا. پر ڏنو وڃي ته ليکڪن ۽ فنڪارن جو سوويت حڪومت سان اختلاف ۽ ٽڪراءَ انقلاب جي شروع ڏينهن کان رهيو هو. جيئن برٽنڊ رسل جو چوڻ آهي ته فن هميشه چڙواڳ هوندو آهي ۽ ڪنهن ضابطي ۽ تنظيم جي مزاحمت ڪندو آهي. گورڪي پورهيت طبقي جو ليکڪ، انقلاب جو حامي ۽ لينن جو ويجهو دوست هو. انقلاب ڪانپوءِ گهڻن اهڙن اديبن کي جيڪي انقلاب مخالف هئا گورڪي جي سفارش ۽ مداخلت تي ڇڏيو ويو ۽ انهن خلاف ڪا ڪاروائي نه ڪئي ويئي. جڏهين لينن ڏٺو ته هاڻي گهڻو تي ويو هو ته هن 1921 ۾ گورڪي کي چيو ته جيئن ته اوهان جي طبيعت نيڪ ناهي ان ڪري اوهان پرڏيه ۾ وڃي پنهنجو علاج ڪرايو. مختلف ملڪن مان ٿيندو هن اٽلي ۾ وڃي مستقل رهائش اختيار ڪئي. لينن جي وفات ڪانپوءِ اسٽالن کي اها ضرورت محسوس ٿي ته ادب ۽ فن کي انقلاب جي مقصدن سان هم آهنگ ڪجي ۽ ان ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ لاءِ کيس گورڪي کان وڌيڪ اعتبار جوڳو ڪو نالو نظر نه آيو. سندس چوڻ تي گورڪي 1932 ۾ پرڏيه مان وطن موٽي آيو. کيس اديبن جي تنظيم جو صدر مقرر ڪيو ويو پرهو ساڳي ريت مونجهارن ۽ ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار رهيو ۽ سرڪار سان پوري ريت نهڪي هلي نه پئي سگهيو. 1935 ۾ پيرس ۾ سوويت حڪومت پاران سندس صدارت ۾ جيڪا ليکڪن جي پهرين عالمي ڪانگريس منعقد ڪئي ويئي ان ۾ هو پنهنجي صحت جي خرابي ڪري شريڪ نه ٿيو. اهو جيئن ته اسٽالن جو ليکڪن جي حوالي سان عالمي سطح تي پهريون وڏو شو هو ان ڪري هن گورڪي جي ڪانفرنس مان ان ريت نڪري وڃڻ کي چڱو نه سمجهيو ۽ ڪانئس ناراض ٿي ويو. جيتوڻيڪ پوءِ گورڪي کي سرڪاري اهتمام سان دفن ڪيو ويو ۽ اسٽالن پاڻ ان ۾ شريڪ ٿيو پر سندس پٽ ۽ سندس پنهنجي موت متعلق گهڻيون افواهون گردش ڪرڻ لڳيون هيون.

اهو سلسلو لڳاتار هلندو رهيو. انهن مان ٻه نالا خاص طور نمايان ٿي سامهون آيا. ڊاڪٽر زواگو جو خالق بورس پاسترنيڪ ٽڪراءَ کان پاسو ڪندي ۽ مصلحت کان ڪم وٺندي نوبل انعام وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان جو اهم ڪارڻ سندس پنهنجي ڌرتي سان محبت هئي. کيس اهو خدشو هو ته جيڪڏهين هو انعام وغيره وٺڻ جي حوالي سان ملڪ کان ٻاهر ويو ته پوءِ شايد کيس واپس اچڻ نه ڏنو وڃي ۽ اهڙا کيس اشارا به ڏنا ويا هئا. نوبل انعام سولزي نتسن کي به مليو پر هو سوويت حڪومت جي مخالفت جي حوالي سان گهڻو عرصو خبرن ۾ رهيو. سولزي نتسن شروع کان سوويت نظام ۽ ان جي اڳواڻن جي خلاف نه هو بلڪ هو هڪ ڊگهو عرصو سوويت فوج ۾ اهم عهدي تي رهيو. هونئن به اسٽالن جي پيٺ ۾ لينن ڏانهن سندس همدردانا رويو آهي جيڪو سندس لکڻين مان به ظاهر آهي. مون کي سندس ٻه ناول First Circle ۽ Gulag Archipelago پڙهڻ جو موقعو مليو آهي. اهي ٻيئي ناول

اسٽالن جي دور جي حوالي سان آهن. پهريون ناول هڪ خاص جيل جي حوالي سان آهي جنهن ۾ مختلف قسم جي قيدين کي رکيو ويو آهي. ان ۾ هڪ اهڙي نظام کي چٽيو ويو آهي جنهن ۾ ڪنهن به نموني جي اختلاف جي گنجائش ناهي. اسٽالن جو هڪ مختصر خاڪو ڏنو ويو آهي جنهن ۾ کيس هڪ اڪيلي ۽ شڪي مزاج شخص جي طور پيش ڪيو ويو آهي. سندس ناهيل جاسوسي جو نظام نهايت وسيع ۽ منجهيل آهي. ڪوبه پاڻ کي ٻئي کان محفوظ نه ٿو سمجهي ۽ اهو يقين نه ٿو هجي ته ڪير سندس ڪهڙي ڳالهه کي ڪهڙو رنگ ڏيئي اڳتي پيش ڪندو. گهرن جون تلاشيون، اڌ رات جو گهرن تي ڇاپا ۽ گرفتاريون معمول هجن ٿا. اهو ضروري ناهي ته اچ جيڪو ماڻهو چيف جي ويجهو آهي سڀاڻي به ائين ئي هوندو. هو ڪنهن به وقت پڪڙ ۾ اچي سگهي ٿو ۽ سندس وات مان نڪتل ڪو به گفتو ۽ ڪو به عمل مٿس عتاب جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. سزا جو مدو ختم ٿيڻ ڪانپوء اهو يقين نه ٿو هجي ته همراه آزاد ٿي ويندو پر ان مدي کي اجا وڌايو وڃي ٿو. وڏي ڳالهه اها ٿي هجي ته قيدي جن مان ڪجهه اسٽالن جي ڏنل رٿا تي ڪم ڪن ٿا هر وقت پنهنجي اڳواڻ سان وفاداري جو اظهار ڪن ٿا ۽ عزت سان سندس نالو وٺن ٿا. هڪ لحاظ کان اهڙي سماج جو تصور ڪندي ئي ماڻهو ڏپ ۾ وٺجي وڃي ٿو. جارج آرويل پنهنجي ناول 1984 ۾ رياست جو جيڪو نقشو پيش ڪيو آهي سولزي نتسن جڻ پنهنجي ناول ۾ ان جي هڪ عملي تصوير پيش ڪئي آهي. ڏنو وڃي ته فلاسافر ٿامس هابس جو رياست لاء جيڪو ليوياٿن يا هڪ وڏي اجگر بلا جو تصور آهي انهن تخليقڪارن ان کي فڪشن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. سولزي نتسن جو اهو ناول ته رڳو اسٽالن جي سوويت يونين جي حوالي سان آهي جڏهين ته هاڻي هڪ کان وڌيڪ ملڪن ۾ رياست جو ڪردار ان کان به وڌيڪ سخت صورت اختيار ڪري ويو آهي.

سولزي نتسن جو ٻيو ناول ناول کان وڌيڪ هڪ تحقيقي مقالو آهي. ان ۾ هن سماج جي مختلف حصن ليکڪن، انجنيئرن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين مختلف پيشن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته انهن کي ڪهڙي ريت نشانو بڻايو ويو جنهن سان ملڪ جو سڄو سماجي تاڃي پيٽو وکرجي ويو. هن مختلف جيلن ۽ ليبر ڪئمپن جو احوال ڏنو آهي جتي انهن ماڻهن کي رکيو ويندو هو ۽ ايذاء ڏنا ويندا هئا. هو پاڻ به هڪ ڊگهو عرصو انهن جيلن ۽ ڪئمپن ۾ رهيو ۽ هتان جي مختلف قيدين جي احوال کي ڊاڪومينٽ ڪيو. صفائي جو عمل ساڳي وقت پارٽي ۾ به هلندو رهي ٿو ۽ ان ڳالهه کي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪهڙي ريت مرڪزي ڪاميٽي ۽ پولٽ بيورو جي ناپسنديده ميمبرن کي پاسيرو ڪيو وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ هن بخارين جو ذڪر ڪيو آهي ته ڪهڙي ريت ان کي پاسيرو ڪيو ويو ۽ نفسياتي طور کيس اهو احساس ڏياريو ويو ته هاڻي اسٽالن ڪانئس خوش ناهي ۽ پارٽي کي به سندس ضرورت ناهي. ايترو ڪجهه سهڻ جي باوجود هو ماڻهو پارٽي سان لاڳاپيل رهڻ چاهي ٿو ۽ ان صورتحال کي منهن نه ٿو ڏيڻ چاهي جيڪا پارٽي کان ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ کيس پيش اچي سگهي ٿي. روسي ناول جي روايت موجب اهو هڪ ضخيم ناول آهي. ان کي پڙهڻ سان اهو تاثر ملي

ٿو ته ملڪ هڪ وڏي جيل آهي جتي هر شخص ڊپ ۽ خوف جي ڪيفيت ۾ رهي ٿو ته ساڻس ڪنهن به وقت ڪا به وارتا ٿي سگهي ٿي.

اهو چئي سگهجي ٿو ته سولزي نتسن سرد جنگ جي ڏينهن ۾ سوويت يونين جي مخالفت ڪندڙ اولہ جي ملڪن هٿان استعمال ٿيو پر هو ساڳي وقت پنهنجي وطن سان لاڳاپيل رهيو. سوويت يونين جي ختم ٿيڻ کانپوءِ سندس شهرت هڪ اهڙي قوم پرست جي رهي جنهن جو آدرش روس ۾ وري زار شاهي جو راڄ قائم ڪرڻ هو. بهرحال اهي نالا گهٽي عرصي تائين گهٽ ماڻهن لاءِ هڪ Taboo رهيا آهن ۽ انهن جي ويجهو وڃڻ ڪي ڪفر سمجهيو ويندو هو. پر اهو سوويت دور جي ادب جو ٻيو پاسو آهي جنهن مان جوڳي واقفيت هئڻ ضروري آهي.

# ادب ۽ مزاحمت

سوويت يونين ۾ اسٽالن جي دور ڪي مخالفن لاءِ هڪ سخت دور ڪري ليکيو وڃي ٿو جنهن ۾ پارٽي اندر ۽ پارٽي کان ٻاهر مخالفت کي سختي سان ڪچليو ويو. گهڻن کي جلاوطن ڪيو ويو، گهڻن مجبور ٿي آپگهات ڪيو ۽ گهڻن کي فائرنگ اسڪواڊ جو ٻڪ ٽيڪو پيو.ان ۾ سماج جي هرطبقي جا ماڻهو اچي ويا ٿي ۽ لازمي طور ان ۾ ليکڪ ۽ اديب پڻ شامل هئا. ڇاڪاڻ ته اهو هميشه جو دستور آهي ته حڪمران عمل کان وڌيڪ سوچ کي پنهنجي لاءِ هاڃيڪار سمجهندا آهن.

پر اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته ان سڄي عرصي ۾ ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهرنظام ۽ حڪومت جا مخالف ليکڪ به موجود رهيا ۽ اهڙي ادب جي تخليق پڻ ٿيندي رهي جيڪو حڪومت ۽ پارٽي جي نظرياتي لائين ۽ پاليسي سان نهڪندڙ نه هو.

جيڪڏهين ان دور ۽ ان ۾ تخليق ٿيندڙ ادب جي ڪجهه شين تي نظر وجهجي ٿي ته ائين لڳي ٿو ته اهو هڪ اهڙو ڇڪتاڻ پر ساڳي وقت مونجهاري جو دور هو جنهن ۾ گهڻن ماڻهن کي اهو يقين نه هو ته آيا اهي صحيح به آهن يا نه. انهن ۾ گهڻا اهڙا هئا جن انقلاب لاءِ جدوجهد ڪئي هئي ۽ پوءِ گهرو ويڙهه ۾ پڻ حصو ورتو هو. خاص طور لينن جي وفات کانپوءِ ٽرائٽسڪي ۽ اسٽالن جي اختلافن ۽ اها ڳالهه ته انقلاب جي عالمگير حيثيت هجي ۽ ان کي ٻين ملڪن ۾ ڦهلائجي يا ان کي پنهنجي ملڪ ۾ مضبوط ڪجي پارٽي ۾ مونجهارن کي وڌايو هو.

تازو مون هنگري ۾ جنم وٺندڙ برطانيا جي شهري آرٿر ڪوئسلر جو Darkness at Noon پڙهيو. 1940 ۾ لکيل اهو ناول ان دور جي هڪ اهم بالشويڪ اڳواڻ متعلق آهي جنهن آڪٽوبر انقلاب ۽ پوءِ گهرو ويڙهه ۾ پارٽي پاران انقلاب جي بچاءَ لاءِ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ان کي ليکڪ رباشو جو نالو ڏئي ٿو.

پارٽي سان اختلافن جي ڪري به پيرا اڳ ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ٿو ۽ مٿس پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ سان غداري جا الزام هنيا وڃن ٿا ۽ ٽارچر ڪيو وڃي ٿو. پر هو پنهنجي بيگناهي کي ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف دليل ڏئي ٿو. ڪيس نه رڳو آزاد ڪيو وڃي ٿو پر اهم ذميواريون ڏيئي ٻاهر ملڪن ۾ به موڪليو وڃي ٿو.

اهم ڳالهه اها آهي ته هو مختلف موقعن تي پاڻ کي بچائڻ لاءِ پنهنجن ويجهن ساٿين خلاف گواه بڻجي وڃي ٿو. جرمني ۾ پارٽي سيل هلائيندڙ رچرڊ خلاف گواه بڻجي ٿو جيڪو پارٽي جي پاليسي سان اختلاف ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته پارٽي ختم ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي رڳو ان جا ننهن وغيره وڌي رهيا آهن جيئن مئل ماڻهو جا وڌندا آهن. ساڳي ريت هو پنهنجي سيڪريٽري، جيڪا ڪيس پنهنجو اهم گواه قرار ڏئي ٿي، کي فائرنگ اسڪواڊ جي حوالي ڪري پاڻ پاسيرو ٿي وڃي ٿو. هڪ ٻئي ملڪ ۾

هڪ مزدور اڳواڻ سندس پاران مقامي پارٽي جي پاليسين تي تنقيد جي ڪري پاڻ کي ڦاهي ڏيئي پنهنجو انت آڻي ٿو.

هڪ اهڙو ڪردار جيڪو ٻڌتر جو شڪار هجي ٿو. هو سوچي ٿو تہ ڇا انقلاب وقت کان اڳ تہ نہ اچي ويو آهي، ڇا ماڻهو ان جي لاءِ تيار هئا، ڇا اهو ضروري نہ هو تہ سوشلزم کان پهرين لبرل ڊيموڪريسي جي مرحلي مان گذرجي ها.

ٽيون پيرو جڏهين ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ٿو تہ مٿس بين الزامن سان گڏ اڳواڻ کي قتل ڪرڻ جي سازش جو الزام پڻ هجي ٿو. هو اهو ڏسي ٿو تہ سيني پراڻن اڳواڻن کي تشدد وسيلي رستي تان هٽايو ويو آهي ۽ هاڻي ممڪن آهي تہ سندسن وارو هجي.

ڪانئس پڇا ڳاڇا لاءِ جنهن آفيسر کي مقرر ڪيو وڃي ٿو اهو سندس دوست هجي ٿو جنهن ساڻس گڏ گهرو ويڙه ۾ حصو ورتو هجي ٿو. هو ڪيس قائل ڪري ٿو تہ جيڪڏهين هو پنهنجن ڏوهن جو اعتراف ڪندو تہ ممڪن آهي تہ ڪيس ڪا رعايت ملي وڃي. گهڻي ڏي وٺ ڪانپوءِ هو ان ڳالهہ تي راضي ٿئي ٿو. هو پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ سان پنهنجي وفاداري جو وري اظهار ڪري ٿو ۽ اهو سوچي ٿو تہ جيڪڏهين هو آزاد ٿي ويو تہ پوءِ سڄي توجهہ پنهنجي علمي ڪم تي ڏيندو. پر سندس اها خواهش پوري نہ ٿي ٿئي. تفشيش ڪندڙ افسر کي هٽائي ان کي ملزم کي رعايت ڏيڻ جي ڏوہ ۾ گولي هنئين وڃي ٿي ۽ ان جي جاءِ تي سندس اسسٽنٽ کي مقرر ڪيو وڃي ٿو جنهن جو رباشو سان شروع کان سخت رويو هجي ٿو. هو مختلف طريقن سان ڪيس اڳواڻ کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪرڻ جي ڏوہ سميت سڀ ڏوہ قبول ڪرائي ٿو ۽ نيٺ ڪيس گولي هڻي ماريو وڃي ٿو.

هي اهڙو ڪردار آهي جيڪو نظام ۽ ان جي اڳواڻ سان اختلاف رکڻ جي باوجود بہ فيصلو نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو ڪٿي بيٺل آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪيس اهو احساس ڏياريو وڃي ٿو ۽ ان جي پڪ ڪرائي وڃي ٿي تہ مٿس جيڪي ڏوہ مڙهيا ويا آهن اهي سڀ سچ آهن ۽ هو واقعي پنهنجي وطن، پارٽي ۽ ان جي اڳواڻ سان غداري جو مرتڪب ٿيو آهي.

ساڳي ريت نوبل انعام يافتا سوويت يونين جو منحرف ليکڪ سولزي نتسن ان سلسلي ۾ هڪ اهم نالو آهي. هو سوويت فوج ۾ رهيو، ان نظام سان گڏ ڪم بہ ڪندو رهيو ۽ ساڳي وقت پنهنجن اختلافن جو اظهار پڻ ڪندو رهيو. سندس ناول The First Circle کي هڪ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. ان ۾ قيد خاني ۾ ڪم ڪندڙ قيدين، جيڪي گهڻو ڪري پارٽي جا منحرف ڪارڪن هجن ٿا، کي مختلف ڪم ڏنا وڃن ٿا. انهن مان گهڻن کي حڪومت جي مخالفت جي ڏوہ ۾ سزا ڏني وئي آهي. ڪين اها خبر نہ ٿي هجي تہ ڪين سزا ڇو ڏني وئي آهي ۽ ان جو مدو ڪيترو آهي. جيڪڏهين مدو مقرر بہ آهي تہ اها خبر ناهي تہ اهي ان ڪانپوءِ آزاد بہ ٿيندا يا اهو اجا وڌي ويندو. ساڳي ريت اڄ جيڪڏهين ڪنهن کي سنو سمجهيو وڃي ٿو ۽ هو سني عهدي تي آهي تہ اهو ضروري ناهي تہ حقيقت ۾ بہ ائين ئي هجي. ممڪن آهي تہ سندس خلاف ڪا انڪوائري هلي رهي هجي ۽ ڪڏهين رات جي

اونداهي ۾ ڪيس گرفتار ڪري قيد ڪيو ويجي ۽ ان لاء اهڙا ثبوت ڏنا وڃن جن جي ڪيس ڄاڻ ئي نہ هجي. ان قيدخاني ۾ ڪم ڪندڙ هر قيدي اهو سمجهي ٿو تہ هو ان طريقي سان پنهنجي ملڪ ۽ نظام جي خدمت ڪري رهيو آهي. ساڳي وقت هو ان ڳالهہ تي بہ قائل هجي ٿو تہ ساڻس جيڪو ورتاء ڪيو وڃي ٿو هو واقعي ان جو مستحق آهي ۽ مٿس جيڪي ڏوہ مڙهيا ويا آهن اهي سڀ صحيح آهن. هڪ ٻي خاص ڳالهہ جيڪا انهن ليکڪن ۽ انهن جي ناولن جي ڪردارن ۾ ملي ٿي اها هي تہ اهي لينن ۽ اسٽالن ۾ فرق ڪن ٿا ۽ اسٽالن جي پيٺ ۾ لينن جي شخصيت، ڪردار ۽ پاليسين ڪي ساراهين ٿا.

اها ڳالهہ پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ گهرو ويڙه جي خاتمي ڪانپوء اسٽالن جي ڏاڍ ۽ تشدد وغيره جي هڪ ڏکي دور ۾ سوويت يونين ۾ حڪومت يا نظام خلاف اها مزاحمت نہ ٿي ملي جيڪا ايستائين تہ انقلاب کان اڳ زار جي دور ۾ بہ موجود هئي. ٻڌ تر واري ان ڪيفيت ماڻهن جي مزاحمت جي سگهہ کي مڏو ڪري ڇڏيو هو.

ادب ڪنهن بہ ملڪ جي ماڻهن جي نفسيات ۽ سياسي سوچ وغيره کي سمجهڻ لاء هڪ ضروري شي آهي. ان حوالي سان انقلاب کان اڳ ۽ پوء جو سوويت يونين جو ادب اتان جي حالتن کي سمجهڻ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو.

# ڌرتي جي ڌوڙ: فرانس ۾ فاشزم

ڌرتي جي ڌوڙ Scum of the Earth آرٿر ڪوئسلر جي ٻين مهاڀاري جنگ وقت فرانس جي قيد ۾ رهڻ ۽ اتان ڀڄي مختلف ملڪن مان ٿيندو انگلينڊ پهچڻ جو احوال ۽ ڊائري آهي.

ڪوئسلر جو واسطو هنگري سان آهي پر هو انگريزي ٻولي جي ليکڪ ۽ صحافي طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس طبيعت ۾ هڪ بيچيني ۽ انفراديت هئي. سندس تعلق هڪ يهودي خاندان سان هو. ڪجهه عرصو صيهونين سان فلسطين ۾ گذاريائين پر انهن مان مطمئن نه هوندي پيرس اچي ويو. 1931 ۾ جرمن ڪميونسٽ پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪيائين. ست سالن ڪانپوءِ اسٽالن جي پارٽي ۽ فوج ۾ پنهنجن مخالفن خلاف ڪاروائي جي ڪري مايوس ٿي پارٽي ڇڏي ڏنائين. سندس چوڻ هو ته يورپ جي ڪميونسٽن وٽ به اسٽيج جي جادوگر جيان ڪيسي ۾ مختلف ڪبوتر پيل آهن. جڏهين به سوويت پاليسي ۾ ڪا تبديلي اچي ٿي ته اهي ان ڳالهه کان قطع نظر ته اها اڳ اختيار ڪيل موقف جي بلڪل ابتڙ آهي فورن ڪيسي مان ٻيو ڪبوتر ڪڍن ٿا ۽ ان تبديلي جي حق ۾ نوان دليل گهڙين ٿا. اسٽالن ۽ هٽلر جي ناه سندس مايوسي ۾ اجا واڌارو ڪيو. سوويت يونين جنهن کي فاشزم خلاف هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو ان جو هٽلر جي فاشزم سان گڏجي وڃڻ فاشسٽ مخالف قوتن لاءِ هڪ وڏو صدمو هو.

هي جيتوڻيڪ سال جا ڇهه مهينا فرانس ۽ ڇهه مهينا انگلينڊ ۾ گذاريندو هو پر هو ساڳي وقت اسپين ۾ جرنل فرانڪو خلاف وڙهندڙ انٽرنيشنل بريگيڊ جو پڻ حصو هو. اتي ڪيس گرفتار ڪري موت جي سزا ڏني ويئي هئي ۽ هو اتان ڪنهن ريت فرار ٿي ويو هو. ٻين مهاڀاري جنگ جي شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ هو ڏکڻ فرانس ۾ هو. اتان جڏهين هو پيرس پهچي ٿو ته سندس مالڪ مڪان ڪيس ٻڌائي ٿي ته پوليس سندس پڇا ڪرڻ آئي هئي ۽ بهتر آهي ته هو فوري طور هتان هليو وڃي. هو سوچي ٿو ته هاڻي جڏهين هو ڪميونسٽ پارٽي ڇڏي چڪو هو ۽ ڪنهن حڪومت مخالف سياسي سرگرمي ۾ به ملوث نه هو ته پوءِ پوليس سندس پويان ڇو هئي. هو اهو فيصلو ڪري ٿو ته بجائي ڀڄڻ ۽ لڪڻ جي پاڻ پوليس سان رابطي ۾ اچجي. پوليس پاران ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته سندس خلاف ڪجهه به ناهي ۽ هو بي فڪر ٿي وڃي. بهرحال هو ان ڳالهه لاءِ تيار هجي ٿو ته ڪيس اوچتو گرفتار ڪيو ويندو. ان دوران سندس ذهن ۾ اها ڳالهه اچي ٿي ته جيئن ته وٽس انگلينڊ جو مستقل ويزا آهي ان ڪري هو اوڏانهن هليو وڃي. پر ڪيس سفارتخاني پاران ٻڌايو وڃي ٿو ته موجوده هنگامي صورتحال ۾ حڪومت پاران اهڙا سڀ ويزا رد ڪيا ويا آهن ۽ سندس ڪيس کي انگلينڊ موڪليو ويندو جنهن جي لاءِ ڪيس ڪافي انتظار ڪرڻو پوندو.

ان دوران فرينچ پوليس اهڙن پرڏيهين کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪري ٿي جيڪي مختلف سياسي ۽ ٻين ڪارڻن جي ڪري اتي رهيل هئا. انهن ۾ اٽڪل ٽيويهه ملڪن جا سوين ماڻهو شامل

هجن ٿا. هڪ ڏينهن صبوح سوير سندس در تي ٻه پوليس پهچي وڃي ٿي ۽ پڇا ڳاڇا جي بهاني ڪيس پوليس اسٽيشن آندو وڃي ٿو. اتان هڪ وڏي اسٽيڊيم ۾ آندو وڃي ٿو جتي ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد موجود هجي ٿو. گهڻي وقت تائين انهن سڀني کي اتي ويهارڻ کانپوءِ ڪجهه ماڻهن کي اتان گاڏين ۾ روانو ڪيو وڃي ٿو. ڪيس ٻه راتون اهڙي تهخاني ۾ گذارڻيون پون ٿيون جيڪو ڪوئلن رکڻ جي جاءِ هجي ٿو ۽ هو سڄو ڪوئلي جي رک سان ڀرجي وڃي ٿو. ان کانپوءِ ڪيس هڪ ڏورانهين هنڌ ورنيٽ موڪليو وڃي ٿو جتي انهن قيدين کي رکڻ لاءِ مختلف ڪئمپ ٺاهيا ويا هئا. اسپين ۾ جنرل فرانڪو خلاف ڪومنٽرن جي مدد سان جيڪا انٽرنيشنل بريگيڊ ٺاهي وئي هئي انهن مان گهڻا ڪومنٽرن ۽ سوويت يونين جي پنيرائي ختم ٿيڻ جي ڪري رلي ويا هئا ۽ گهڻن کي جرمني ۽ ٻين مختلف ملڪن ۾ قيد ڪيو ويو هو. اها ساڳي صورتحال فرانس ۾ به هئي. ورنيٽ ۾ به هڪ اهڙو ڪئمپ هو جتي انٽرنيشنل بريگيڊ جا رضاڪار نهايت ئي خراب حالتن ۾ رهي رهيا هئا. انهن مان گهڻن جي ذهني حالت به خراب هئي.

ليڪ جو چوڻ آهي ته انهن ڪئمپن جي حالت انتهائي خراب هئي. گهڻن ماڻهن کي هڪ تنگ جاءِ ۾ رهايو ويو هو جتي پير ڊگهيرڻ جي جاءِ به نه هوندي هئي. ڪاٺو نهايت خراب هوندو هو. انهن کان سخت زوري پورهيو ورتو ويندو هو۽ ان جو ڪو اجورو به نه هو. هتان جي صورتحال هٽلر جي نازي ڪئمپن کان به وڌيڪ خراب هئي. سندس چوڻ آهي ته جن نازين کي قيد رکيو ويو هو انهن کي بهتر سهولتون مهيا ڪيون وينديون هيون. ان ڪارڻ ساٺن قيد هڪ اڌ جرمن قيدي اهڙو به هو جنهن بهتر سهولتن لاءِ پاڻ کي هٽلر جو حامي ڪري پيش ڪيو هو.

هڪ ڊگهو عرصو ڪئمپ ۾ گذارڻ کانپوءِ ڪيس پنهنجي انگلينڊ جي ڪجهه واقفڪارن ۽ دوستن جي مدد سان ڪئمپ مان ته آزادي ملي ٿي پر پيرس پهچڻ کانپوءِ ڪامورن پاران ڪيس قانوني طور تي فرانس ۾ رهڻ لاءِ گهربل ڪاغذ ڏيڻ ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون. پوليس لاڳيتو ڪيس تنگ ڪندي رهي ٿي. ان دوران جرمن فوج پيرس جي وڌيڪ ويجهو ٿيندي ٿي وڃي. ڪيس اها پڪ هجي ٿي ته فرانس جا حڪمران هڪ ته جلد ئي جرمن فوج آڏو هٿيار ڦٽا ڪندا ۽ ٻيو ته هٽلر ۽ فاشزم جي جن مخالفن فرانس ۾ پناه ورتي هئي انهن کي گستاپو جي حوالي ڪيو ويندو.سندس ذهن ۾ هڪ خيال اچي ٿو ته هو چو نه پنهنجي سڃاڻپ تبديل ڪري. ان خيال سان هو فوجي ڀرتي جي مرڪز ۾ وڃي پاڻ کي سوئس شهري ڄاڻائي هڪ فرضي نالو ٻڌائي ٿو ۽ پنج سالن لاءِ فرانس جي پرڏيهي رضاڪارن جي دستي ۾ شامل ٿي وڃي ٿو.

فرانس هٿيار ڦٽا ڪري ٿو ۽ جرمن فوج فرانس جي هڪ وڏي حصي تي قبضو ڪري وٺي ٿي. فرانس جا حڪمران ماڻهن کي اهو ئي چون ٿا ملڪ کي اها جيڪا هزيمت ڪٽڻي پئي هئي ان جو مک ڪارڻ عام ماڻهو جي سهل پسندي، ڪاهلي ۽ عياشي آهي جڏهين ته اسان جنگ بندي رڳو قوم جي بهترين مفاد ۾ ڪئي آهي. ان جي ابتڙ انگلينڊ گهڻي نقصان ڪڻڻ جي باوجود جرمني سان جنگ جاري

رکي ٿو. ليڪن ان جو تجزيو ڪندي چئي ٿو ته فرانس جي زراعت ان جي معيشت جو بنياد هئي ۽ انهن سمجهيو ٿي ته ماڻهن کي ان مان ماني ۽ شراب ملي ٿو ان ڪري جديد ٽيڪنالوجي، هٿيارن ۽ ڪارخانن وغيره تي توجهه ڏيڻ جي ضرورت ناهي جڏهين ته سندس ٻن پاڙيسرين جرمني ۽ انگليند پنهنجن وسيلن کي نون هٿيارن ناهڻ، جديد ٽيڪنالوجي ۽ ڪارخانن وغيره جي لڳائڻ ۾ استعمال ڪيو. نتيجو اهو نڪتو ته سندس روايتي هٿيار جرمني جي جديد فوجي مشين جو مقابلو نه ڪري سگهيا ۽ ڪيس هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا.

جرمني پاران فرانس جي فوج کي اها رعايت ڏني ويئي هئي ته اهي قبضي ٿيل علائقن ۾ پنهنجا هٿيار ڇڏي انهن علائقن ۾ وڃي سگهيا پئي جيڪي اڃا فرانس جي قبضي ۾ هئا. ليڪ انهن فوجي دستن سان گڏ انهن علائقن ڏانهن هليو ويو ٿو. هڪ ڊگهو عرصو مختلف ڪئمپن ۾ رهڻ ڪانپوءِ مختلف طريقن سان گهڻن ملڪن مان ٿيندو هو انگليند پهچي ٿو.

آرٿر ڪوئسلر لاءِ چيو وڃي ٿو ته سندس گهڻين عورتن سان تعلق هو پر انهن ڏانهن سندس هڪ ڪنورتا وارو رويو هوندو هو. آخر ۾ هن بيماري مان تنگ ٿي پنهنجي محبوبه سان گڏ آپگهات ڪري ڇڏيو.

# نڪسل سان ڪجھ ڏينھن

ارون دتي رائي ڪجھ سال اڳ نڪسل باڙي اڳواڻن کي ملڻ لاء درخواست ڏني هئي. سندس ان درخواست جي جواب ۾ کيس ڪجھ نشانين سان ڍنتيواڍا چتيش ڳڙه جي ما ڍنتيشوري مندر ۾ ملڻ ۽ پوء اتان انهن جي جهنگل ۾ مختلف نڪاڻن تي وني وڃڻ شامل هو. سندس ڪتاب Walking with the Comrades ان سفر ۽ تجربي کي بيان ڪري ٿو.

ڀارت جي اڳوڻي وزيراعظم من موهن سنگھ نڪسل باڙي تحريڪ کي ڀارت جي سلامتي لاء وڏي ۾ وڏو اندروني خطرو قرار ڏنو هو. 1967 ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا سان هٿيار بند جدوجهد جي معاملي تي اختلاف رکندي هڪ ڌڙو ڌار ٿيو هو جنهن پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي مارڪسٽ ليننسٽ سڏايو. اهو ڌڙو مائو جي فلاسافي جو پوئلڳ ۽ هٿيار بند جدوجهد جو حامي هو. شروع ۾ اهواولهہ بنگال جي ڪجھ علائقن تائين محدود پر وقت سان گڏوگڏ سوائي اولهندي ڀارت جي سڄي ملڪ ۾ ان جا اثر محسوس ٿيڻ لڳا آهن. ملڪ جي ڏهن کان وڌيڪ رياستن ۽ سو کان مٿي ضلعن ۾ ان جو اثر رسوخ آهي. انهن جو اصل مرڪز ملڪ جي ٻهراڙي ۽ جهنگل آهن. هڪ اندازي موجب ڀارت جا اٽڪل ويهہ سيڪڙو جهنگل انهن جي قبضي ۾ آهن. ارون دتي رائي جي چوڻ موجب حڪومت جيتوٽيڪ انهن جهنگلن ۾ سڙڪون وغيره ناهيون آهن پر اهي گوريلن لاء رڳو هڪ کان ٻئي پاسي وڃڻ ۽ فوج ۽ پوليس تي راتاها هڻڻ جو ڪم ڏين ٿيون. انهن جو ڪم گهٽو ڪري ڳوٺن ۽ جهنگلن ۾ پوئتي پيل ڏتڙيل قبائلي ۽ آديواسي ماڻهن ۾ آهي. ان جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ حڪومت پاران قبائلي ماڻهن جي خودمختياري کي ختم ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي جهنگ ۽ پيداوار تي جيڪي حق حاصل هئا انهن کان محروم ڪيو ويو آهي. ساڳي وقت ڀارت جي سرڪار علائقي جي معدني وسيلن ۽ اسٽيل وغيره جي ڪارخانن وغيره لڳائڻ جي حوالي سان ڏيهي ۽ پرڏيهي سرمايادارن سان جيڪي ناه ڪيا آهن ان بہ انهن ماڻهن جي زندگي ۽ معاش لاء مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. مذهبي لحاظ کان اهي ماڻهو عام هندن کان مختلف آهن ۽ هندووتا جي موجوده دور ۾ انهن کي پنڊتن ۽ پروهتن پاران زوري هندو مذهب ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي جنهن کي اهي قبولڻ لاء تيار ناهن. اهو عام طور چيو ويندو آهي تہ نڪسل اوهان کي شهرن ۾ نظر نہ ايندا جڏهين تہ جهنگ ۽ ٻهراڙي انهن سان ڀريل هوندي.

اولهہ بنگال جي هڪ ڳوٺ نڪسل باڙي، جتي هارين وڏن زميندارن خلاف جدوجهد شروع ڪئي هئي، جو نالو هاڻي پوري ملڪ ۾ جدوجهد جو استعارو بڻجي ويو آهي. ايستائين تہ حڪومت پنهنجي ڪنهن شهري لبرل مخالف کي بہ نندي ٿي تہ ان کي شهري نڪسل جو نالو ڏئي ٿي. حڪومت پاران جيتوڻيڪ انهن کي دهشت گرد جو نالو ڏنو وڃي ٿو پر ٽائمز آف انڊيا جي هڪ سروي موجب

آندرا پرديش جا انونجاه سيڪڙو ماڻهو نڪسل جي حمايت ڪن ٿا جڏهين ته ٽيويهه سيڪڙو ان جا مخالف آهن.

ارون دتي رائي ڪي جنهن علائقي ۾ پهچايو ويو ته اهو نڪسل جي ضابطي ۾ هجي ۽ سرڪاري ڪارندا ان ڪي نفرت وچان پاڪستان جو نالو ڏين ٿا. هتان سندس موٽر سائيڪل جو سفر ختم ٿئي ٿو ۽ هو گوريلن سان لاڳيتو جهنگ ۾ پنڌ هلي ٿي. اهي بس رات گذارڻ لاءِ ڪٿي نڪاٽو ڪن ٿا ۽ پوءِ اڳتي روانا ٿي وڃن ٿا ۽ پوئتي ڪو نشان نه ٿا ڇڏين. جيتوڻيڪ انهن جي ضابطي ۾ هڪ وسيع علائقو هجي ٿو ۽ اتي اهي پنهنجو سياسي ۽ معاشي ڍانچو به قائم ڪن ٿا پر اهي فوج ۽ پوليس ۽ حڪومتي سهڪار سان ناهيل وڏن زميندارن جي هٿيار بند جٿن سان لاڳيتو ويڙهه ۾ رهن ٿا. ڳوٺن کي باهيون ڏيڻ، ماڻهن کي مارڻ عورتن جي عزت لٽڻ ۽ ڦرمار ڪرڻ وغيره فوج ۽ پوليس جو معمول آهي. پارٽي جهڙوڪر انهن ماڻهن لاءِ هڪ پرجهلو آهي. ڳوٺ ۾ پارٽي جي ناهيل مليشيا فوج ۽ پوليس کي پنهنجي وت آهر منهن ڏيندي آهي. ٻئي پاسي پارٽي انهن ماڻهن کي منظم جدوجهد ۽ ان جي فائدن کان به عملي طور آگاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خاص طور تي ٻيڙي جي پن ۽ ڪاغذ وغيره جي هارين کي منظم ڪري ڪين ٺيڪيدارن ۽ ڪارخيندارن کان بهتر اگهه وٺڻ جي سلسلي ۾ به ڪامياب جدوجهد ڪئي ويئي آهي.

پارٽي ۾ ويڙهاڪن ۾ اٽڪل پنجيتاليهه سيڪڙو عورتن جو تعداد آهي. پارٽي پاران عورتن جي هڪ تنظيم ناهي ويئي آهي جنهن جي ميمبرن جو ڪل تعداد نوي هزار کان وڌيڪ آهي.عورتن جي ايڏي وڏي تعداد ۾ شامل ٿيڻ جو هڪ ڪارڻ ته فوج ۽ پوليس ۽ وڏن زميندارن جو ڳوٺن ۾ ٻهراڙين تي دٻاءُ آهي جڏهين ته ٻيو اهم ڪارڻ جنسي اڻ برابري ۽ عورتن سان ٿيندڙ امتيازي ورتاءُ آهي. پارٽي پاران ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي پر ان کي مڪمل طور ان ۾ ڪاميابي نه ٿي سگهي آهي. ليڪڪا ان جو مثال ڏيندي ٻڌائي ٿي ته عورتن کي ٻج پوکڻ جي اجازت ناهي هوندي. پارٽي فيصلو ڪيو ته هاڻي عورتون به ائين ڪري سگهنديون. مڙد ميمبرن پاران ان کي اتي ته مڃيو ويو پر ان تي عمل نه ڪيو ويو ۽ عورتن کي اهو ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويو. نتيجي ۾ پارٽي کي عورتن کي پارٽي جي ضابطي واري زمين ۾ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اهڙي ريت پارٽي جي اعليٰ ادارن ۾ به عورتن جي نمائندگي نه هئڻ برابر آهي. پوليٽ بيورو ۽ مرڪزي ڪاميٽي ۾ اها نمائندگي نالي ماتر آهي.

جهنگ جي انهن ماڻهن ۾ زمين کيڙڻ جو ڪو تصور ئي نه هو. پارٽي پاران ان سلسلي ۾ انهن جي تربيت ڪئي ويئي آهي ۽ انهن اهو ڪم شروع ڪيو آهي. پر اهو ڪم اڃا ابتدائي مرحلن ۾ آهي ۽ پارٽي جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ڪين ان سلسلي ۾ جديد زرعي ٽيڪنالوجي ۽ اهڙن زرعي ماهرن جي ضرورت آهي جيڪي سندن ماڻهن کي ان جي استعمال وغيره جي حوالي سان تربيت ڏيئي سگهن. پارٽي سان مختلف شعبن جا پيشي ور پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به آهن جيڪي ان جي مدد ڪن ٿا. اهڙي

ئي هڪ ڊاڪٽر ليڪڪا کي ٻڌايو ته هتي جي ماڻهن ۾ مليريا ۽ ٻيون بيماريون آهن جن جي علاج لاءِ هڪ ته دوائون ناهن ۽ ٻيو ته علاج جون سهولتون به نه هئڻ برابر آهن. هتان شهر ويندڙ ۽ اتي خريداري ڪندڙ ماڻهن تي خاص نظر رکي وڃي ٿي ۽ وڌيڪ خريداري ڪندڙ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي ٿي.

ليڪڪا ڀمڪيل جي سو سالہ تقريب جو ذڪر ڪيو آهي. ڀمڪيل جو مطلب زلزلو يا زمين جو ڌڏڻ آهي. اها تقريب 1910 ۾ ڪويا قبيلي جي ماڻهن جي انگريزن خلاف مزاحمت جي ياد ۾ ملهائي وڃي ٿي جنهن ۾ پري پري کان ماڻهو اچي شريڪ ٿين ٿا. مختلف گروپ ڊانس ۽ ٻيا آئٽم پيش ڪن ٿا. هن تقريب جي خاص ڳالهه اها هجي ٿي ته ان ۾ گهٽ اهڙن مائٽن ۽ دوستن کي هڪٻئي سان ملڻ جو موقعو ملي ٿو جيڪي هڪٻئي سان عرصي کان نه ٿا مليا هجن.

پر پارٽي جي لاءِ سيڪجهه چڱو ناهي. ان کي گهٽ سماجي ۽ قبائلي دشمني وغيره جي مسئلن کي به منهن ڏيڻو پئي ٿو ۽ ان ڳالهه تي نظر رکڻي پئي ٿي ته انقلاب جي نالي ۾ قبائلي ويڙه پارٽي جي اصل ڪم کي نقصان نه پهچائي. ساڳي ريت پارٽي مائو جي فلاسافي ۽ حڪمت عملي کي پنهنجي لاءِ رهنما اصول قرار ڏئيي ٿي. ان ڳالهه جي باوجود ته هن وقت چين پنهنجي واٽ تبديل ڪري هڪ سرمايہ دارانہ واٽ اختيار ڪئي آهي پر پارٽي پنهنجي ساڳي مائو جي فلسفي تي قائم آهي. ساڳي وقت اهو سوال به آهي ته ڇا عوامي فوج اقتدار سنڀالڻ يا اختيار ملڻ جي صورت ۾ ماڻهن خلاف اها ساڳي پاليسي اختيار ڪري سگهي ٿي جيڪا چين ۾ پيپلز آرمي ماڻهن خلاف ڪئي آهي.

پنجاه سالن کان وڌيڪ عرصي کان هلندڙ ان جدوجهد پنهنجا اثر ته ڇڏيا آهن پر ان جو دائرو گهٽو ڪري ڳوٺن ۽ جهنگلن تائين محدود آهي. ڪجهه ٺوس سياسي نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ ان جو شهري علائقن ۾ هڪ تحرڪ پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

# ڏتڙيل ماڻهن جي پناه گاه

ارون دتي رائي هڪ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ لکيل پنهنجي ٻئين ناول The Ministry of Utmost Happiness ۾ هڪ لحاظ کان ڀارت جي مختلف علائقن جي صورتحال ۽ اتان جي ماڻهن جي جدوجهد کي جهڻ ته دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. سندس ڪردار سماج جي مک ڌارا کان ڌار، باغي ۽ منفرد آهن ۽ سندن واسطو گهڻو ڪري اهڙن گروهن ۽ علائقن سان آهي جيڪي رياستي ڏاڍ جو شڪار آهن. ناول جي شروعات دهلي ۾ آفتاب جي جنم کان ٿئي ٿي جنهن جو جسم ۽ مزاج ساڳي وقت نسواني خاصيتون پڻ رکن ٿا ۽ جيڪو نيٺ انجم جي روپ ۾ تبديل ٿي کدڙن جي مڏي خوابگاه ۾ شامل ٿئي ٿو. پر اهو هڪ عام ماڻهو نه ٿو هجي. هڪ ته ان ڪردار جي وسيلي دهلي ۾ سرمد شهيد جي مزار ۽ ان جي ڪردار جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي جنهن کي دهلي گهمندڙ ماڻهو گهڻي اهميت نه ڏيندا آهن. ٻي ڳالهه ته اهو ڪردار ساڳي وقت هڪ همدرد دل پڻ رکي ٿو ۽ جامع مسجد جي ڏاڪڻين تان مليل ٽن سالن جي ٻار کي پنهنجي ڌي وانگر پالي ٿو. ان ٻار جي بيماري جي سلسلي ۾ ئي هو مليل ڏس تي اجمير شريف خواجه غريب نواز جي مزار تي وڃي ٿي، جتان احمد آباد هڪ ٻي مزار تي ويندي هو گجرات ۾ شروع ٿيل فسادن جي وڪوڙ ۾ اچي وڃي ٿي، جنهن ۾ ساڻس گڏ آيل ذاڪر ميان مارجي وڃي ٿو ۽ هو رڳو ان ڪري بچي وڃي ٿي ته فسادي ٽين جنس جي فرد کي مارڻ بدشگوني سمجهن ٿا. زينب انجم جي پيٽ ۾ خوابگاه جي هڪ ٻي عورت سعيده سان وڌيڪ مانوس ٿئي ٿي جيڪا ڳالهه انجم لاءِ مايوسي جو باعث هجي ٿي ۽ هو خوابگاه ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ٿي. سڀ اهو ئي سمجهن ٿا ته اهو ڪو پائدار فيصلو ناهي ۽ هو وري موٽي خوابگاه ۾ ايندي. پرهو هڪ ويران قبرستان ۾ پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ٿي جيڪو اڳتي هلي جيڪي به رانده درگاه هجن ٿا انهن جو نڪاڻو بڻجي وڃي ٿو. هتي قبرن جي وچ ۾ ڪمرا ناهيا وڃن ٿا ۽ ان کي جنت گيسٽ هائوس جو نالو ڏنو وڃي ٿو جنهن ۾ ڪنهن کي رهڻ ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو اختيار مڪمل طور انجم وٽ هجي ٿو.

ان دوران دهلي ۾ ڪجهه ٻيا واقعا ٿين ٿا. ناول ۾ ليکڪا ڪردارن ۽ خاص ڪري اهم سياسي شخصيتن کي سندن اصلي نالا نه ٿي ڏئي جيئن هو گجرات جي فسادن جي حوالي سان مودي کي گجرات جي لالا جي نالي سان ياد ڪري ٿي. اهڙي ريت هو پارتي پارليامينٽ جي ويجهو جنتر منتر وٽ انا هزاري جي ڪرپشن جي خلاف ڌرڻي جو ذڪر ڪندي ان جي سچي شخصيت کي بيان ڪري ٿي پر ان جو نالو نه ٿي وٺي. ميڊيا وغيره پاران انا هزاري کي گهڻي اهميت ڏني وڃي ٿي ۽ ماڻهن جو هڪ هجوم سندس چوڌاري اچي گڏ ٿئي ٿو. پنهنجي ان اهميت کي ڏسندي هو پنهنجي ايجنڊا کان ٻاهر وڃي بيان ڏيڻ شروع ڪري ٿو. ٻيا گهڻا گروپ پنهنجين گهرن کي ماڻهن آڏو آڻڻ لاءِ ان موقعي مان فائدو وٺڻ چاهين ٿا ۽ ان علائقي ۾ پنهنجا ڪئمپ قائم ڪن ٿا. پر اهو ٺئي هجي ٿو ته انهن کي يا ته پوليس ذريعي هٽايو وڃي يا انهن کي گهڻي اهميت نه ڏني وڃي. ان ڪري سرمايا دارن جي ميڊيا

گروپن پاران اهو طئي ڪيو ويو هو ته سڄي توجهه انا هزاري تي مرڪوز ڪئي وڃي ته جيئن سياستدانن جي ڪرپشن کي فوڪس ڪري سرمائيدارن جي ڪرتوتن کي لڪايو وڃي. اهو جيئن ته ڪانگريس جي حڪومت جو دور هجي ٿو ۽ بي جي پي لاءِ به ان مان فائدو وٺڻ جو موقعو هجي ٿو ان ڪري اڳ جيڪو ان تحريڪ جو انتظام غيرسياسي اين جي اوز وغيره جي ڪارڪنن جي هٿ ۾ هجي ٿو ان تي آهستي آهستي گجرات جي لالا جا پوئلڳ قبضو ڪندا وڃن ٿا ۽ سڄي شو کي پنهنجي ضابطي ۾ آڻي ڇڏين ٿا. هتي آزاد پارتيا نالي جو هڪ جهونو ڪارڪن چوويهه ڪلاڪ موجود هجي ٿو ۽ گهڻو ڪري بک هڙتال تي رهي ٿو. سندس واسطو انجم جي دوستن ۽ ٻين اهڙن احتجاج ڪندڙن سان هجي ٿو جن کي ميڊيا وغيره پاران گهڻي اهميت نه ٿي ڏني وڃي.

جنتر منتر واري جاءِ تي هڪ واقعو ٿئي ٿو. هڪ عورت پنهنجو نئون ڄاول ٻار اتي ڇڏي غائب ٿي وڃي ٿي. هرڪو ان اڻتڻ ۾ هجي ٿو ته ان ٻار جو ڇا ڪجي ته هڪ عورت اوچتو ظاهر ٿئي ٿي ۽ ان ٻار کي کڻي غائب ٿي وڃي ٿي. انجم سان قبرستان ۾ رهندڙ صدام حسين هڪ ٻئي همراه سان گڏ ان عورت جي پويان وڃي ٿو. اهي ان عورت جي فليٽ تي پهچي اتي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڇڏي اچن ٿا. اها عورت ڏکڻ ڀارت سان واسطو رکندڙ ٽلو هجي ٿي جيڪا دهلي ۾ آرڪيٽيڪچر جي شاگردياڻي هجي ٿي. سندس واسطو هڪ ڪشميري موسا يسوي، بپلاپ داس گپتا ۽ ناگراج هريهرن سان هجي ٿو جيڪي سندس دوست هجن ٿا ۽ هڪ ڊرامي ۾ گڏجي ڪم به ڪن ٿا. هتان ناول ڇڻ ڪشمير جي صورتحال ڏانهن مڙي وڃي ٿو. انهن ڪردارن جو مختلف طريقن سان ان صورتحال سان تعلق ٻڌجي ٿو. موسا يسوي آزادي جي تحريڪ سان لاڳاپيل هجي ٿو جڏهين ته داس گپتا ڪشمير ۾ اينٽيليجينس جي هڪ اهم عهدي تي فائز هجي ٿو ۽ گورنر جي ٽيم جو رڪن هجي ٿو. ناگراج صحافت سان لاڳاپيل هجي ٿو ۽ ساڳي وقت ڀارتي اينٽيلينجينس لاءِ پڻ ڪم ڪري ٿو. انهن ٽنهي جي ٽلو ۾ دلچسپي هجي ٿي پر هو موسا سان وڌيڪ لاڳاپيل هجي ٿي. موسا جي ڪشمير وڃڻ ڪانپوءِ به ٽلو سان سندس لاڳاپو رهي ٿو ۽ هو ڪيس مختلف شيون ۽ نياپا پنهنجن ماڻهن وسيلي موڪليندو رهي ٿو. هڪ ڀيري هو ڪيس ڪشمير اچڻ لاءِ چئي ٿو. هو جمون جي رستي ڪيترين فوجي چوڪين ۽ تلاشين ڪانپوءِ سري نگر پهچي ٿي جتي موسا جا ماڻهو ڪيس هائوس بوٽ شاهين تائين پهچائين ٿا.هتي موسا کي ساڙس ملڻو هو. موسا ڪمانڊر گلريز جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو جيڪو ان ٻيڙي جو انتظام وغيره سنڀاليندڙ سندس دوست جو نالو هجي ٿو. موسا ڪيس ٻڌائي ٿو ته کهڙي ريت سرينگر ۾ جنازي جي جلوس تي ڪيل فوج جي فائرنگ ۾ گهر جي بالڪني ۾ بيٺل سندس زال عارفه ۽ ڌي مس جبين پهرين مارجي ويون هيون. موسا جي اتان لڪي نڪرڻ ڪانپوءِ جڏهين هو اتان واپسي لاءِ نڪرڻ واري هجي ٿي ته فوج امريڪ سنگهه جي اڳواڻي ۾ ڪمانڊر گلريز کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ٻيڙي تي ڇاپو هڻي ٿي. موسا ته ڪين نه ٿو ملي پر اهي سندس دوست گلريز ۽ ٽلو کي گرفتار ڪري وڃن ٿا. رستي ۾ ٻيڙي ٻيهاري گلريز کي هڪ جاءِ ۾ وٺي وڃي قتل ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي انعام جي رقم

ونڻ لاءِ پنهنجن آفيسرن کي اهو ڏيکارين ٿا ته انهن ڪمانڊر گلريز کي ماري ڇڏيو آهي ۽ ٽلو کي پڇا ڳاڇا لاءِ هڪ سينيما ۾ قائم ڪيل پڇا ڳاڇا واري موڪز ۾ وٺي وڃن ٿا. ڪانئس پڇا ڳاڇا شروع ٿئي ٿي. ڪيس چيو وڃي ٿو ته جڏهين هو ڪشميري به ناهي ته پوءِ هو هتي ڇو آئي آهي ۽ سندس دهشت گردن سان ڪهڙو تعلق آهي. ڪيس پنو ۽ پين ڏنو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو ته ان تي جيڪي لکڻ چاهي ٿي لکي. هو ان تي رڳو ٻيلاپ داس گپتا جو ڊرامي نارمن، جيڪو ڪڏهين اسٽيج تي نه سگهيو، ۾ ادا ڪيل ڪردار جو نالوگارسن هوبرٽ لکي ٿي ۽ اهو گپتا کي پهچائڻ لاءِ ڏئي ٿي. گپتا پنهنجي ۽ ٽلو جي دوست ناگراج، جيڪو ان وقت سري نگر ۾ موجود هجي ٿو، کي ڪيس وٺي اچڻ لاءِ موڪلي ٿو جنهن سان هو پوءِ شادي ڪري ٿي. ٽلو ناگراج سان گهڻو عرصو نه ٿي رهي سگهي ۽ هڪ فليٽ، جيڪو گپتا جو هجي ٿو، مسواڙ تي وٺي ان ۾ رهڻ لڳي ٿي. پر ڪجهه عرصي کانپوءِ ڪيس محسوس ٿئي ٿو ته پوليس ان ٻار، جنهن کي هو جنتر منتر تان کڻي آئي هئي ۽ جنهن کي هن مس جبين ٻئين جو نالو ڏنو هو، جي ڳولها ۾ آهي ۽ ڪنهن وقت به سندس فليٽ تي ڇاپو لڳي سگهي ٿو ۽ هو گرفتار ٿي سگهي ٿي. هو ان سلسلي ۾ آزاد ڀارتيا سان صلاح ڪري ٿي جيڪو ڪيس جنت گيسٽ هائوس ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ چئي ٿو. هو پنهنجو ضروري سامان ۽ موسا جون موڪليل گهڻيون شيون کڻي صدام حسين ۽ سندس هڪ دوست جي مدد سان جنت گيسٽ هائوس منتقل ٿي وڃي ٿي.

هتي هڪ نئون انڪشاف ٿئي ٿو. آزاد ڀارتيا هڪ خط کڻي اچي ٿو جيڪو مس جبين ٻئين جي ماءُ ڪامريڊ ريواتي جو لکيل هجي ٿو جنهن ۾ اها ٻڌائي ٿي ته هو آندرا پرديش جي گوداوري ضلعي ۾ مائو نواز گوريلن سان ڪم ڪندي رهي آهي. هڪ ڀيري گرفتار ٿيڻ کانپوءِ ساڻس اجتماعي زنا ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾  اها ڇوڪري پيدا ٿي جنهن جو نالو هن ادايا رکيو هو. پر جيئن ته ان کي سنڀالڻ سندس لاءِ ممڪن نه هو ان ڪري ڪيس ٻار کي جنتر منتر تي ڇڏڻو پيو ۽ هاڻي سندس حياتي پڻ پوري ٿيڻ واري آهي.

ساڳي ريت موسا به ڪجهه وقت جنت گيسٽ هائوس ۾ گذاري ٿو ۽ ٽلو کي ٻڌائي ٿو ته هاڻي هو جنهن ڪم لاءِ وڃي ٿو ان ۾ سندس جيئرو موٽڻ ممڪن ناهي. زينب ۽ صدام حسين جي شادي ٿئي ٿي ۽ ناول خوش اسلوبي سان پڄاڻي تي پهچي ٿو.

جيتوڻيڪ ناول جو وڏو حصو ڪشمير جي صورتحال جي حوالي سان آهي پر ان ۾ ٻين مختلف سماجي ۽ سياسي لاڙن کي پڻ مختلف ڪردارن وسيلي سمويو ويو آهي. هڪ لحاظ کان ڄڻ اهو ڀارت جي صورتحال جو هڪ Bird's Eye view آهي. اهو ناول ان ڳالهه کي پڻ ظاهر ڪري ٿو ته جيڪڏهين ناول جي جمالياتي ۽ فني ضرورتن کي پورو ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ان ڳالهه سان ڪو فرق نه ٿو پئي ته ناول جو موضوع سياسي آهي يا ڪو ٻيو آهي. هتي ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويو آهي ۽ ڪٿي به اهو پروپئگنڊا واري ڪيفيت جو شڪار نه ٿيو آهي.

# جارج آرويل ۽ اسپين جي گهرو ويڙھ

گهڻن ليکڪن جي زندگي متعلق پڙهجي ٿو تہ اها پاڻ هڪ ڪهاڻي ۽ هڪ افسانو محسوس ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ گهڻا مثال پنهنجي ديس مان ۽ ٻاهران ڏيئي سگهجن ٿا. ان حوالي سان ڪجھ عرصي کان انگلش ليکڪ جارج آرويل منهنجي مطالعي ۾ آهي. سندس ناول Animal Farm تہ مون گهڻو وقت اڳ پڙهيو هو جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن اهو سوويت انقلاب ۽ خاص طور تي اسٽالن ۽ ٽراٽسڪي جي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ جي حوالي سان لکيو هو. ان کان پوءِ سندس شاهڪار ناول 1984 مطالعي هيٺ رهيو جنهن جي لکڻ ۾ هن پنهنجو رت ست ڏيئي ڇڏيو ۽ جيڪو چاليہ پنجيتاليہ سالن جي ننڍي ڄمار ۾ ئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو. اهو ناول جيتوڻيڪ 1940 جي ڏهاڪي ۾ لکيو ويو هو پر ان ۾ آئندي جي دنيا ۽ ان جي حڪمرانن جو نقشو چٽيو ويو آهي. هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ ماڻهو جي هلت چلت، اٿڻ ويهڻ ۽ اظهار تي هزار پابنديون هونديون پوءِ ڀلي اهي کهڙي بہ پاسي جاءِ کهڙي بہ نظرئي جا ملڪ هجن. رياست کي هن هڪ Big Boss سان تشبيهہ ڏني آهي جيڪو نظر تہ نہ ٿو اچي پر موجود هر جاءِ تي آهي ۽ سندس اک سيڪجھ ۽ هر ڪنهن کي ڏسي رهي آهي. اهڙي رياست جيتوڻيڪ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي جي ڪري وسيلن ۾ مالامال هوندي آهي پر اها انهن وسيلن کي پنهنجي رعايا جي ڀلائي تي خرچ ڪرڻ جي بجائي هر وقت ٻي رياست سان جنگ جي ڪيفيت ۾ هوندي آهي ۽ انهن وسيلن کي پنهنجن جنگي خرچن کي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي آهي. اهڙي ريت جنگ اهڙي رياست جي مستقل خاصيت هوندي جيئن تہ دشمن جي ڀو ۽ ڊپ کي ماڻهن تي ڏاڍ ۽ ڏمر جي حڪمراني ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي. گهڻا نقاد ان ڳالهه سان متفق آهن تہ آرويل جيڪا اڳڪٿي ڪئي هئي ان کي موجوده دور جي مختلف رياستن ۾ مختلف طور تي ڏسي سگهجي ٿو ۽ اها صورتحال اجا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ واضح ٿيندي پئي وڃي.

آرويل ڀارت ۾ پيدا ٿيو ۽ پوليس ۾ نوڪري ڪندي ڇڱو وقت هندوستان ۽ برما ۾ گذاريو هئائين. هن اتي انگريز جي حڪمراني کي پنهنجين اکين سان ڏٺو. هن جيتوڻيڪ پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏني پر ان دوران هو اسان کي Burmese Days جي نالي سان هڪ شاهڪار ناول ڏيئي ويو جنهن ۾ مختلف ڪردارن وسيلي هن برما جي ماڻهن جي غربت، ڪسمپرسي ۽ انگريزجي مٽيرائپ جي احساس، سامراجيت ۽ حڪمراني جي طريقن کي نهايت خوبصورتي سان چٽيو آهي. پنهنجي ئي حوالي سان هن ٻين مضمونن ۾ اهو بہ ڏيکاريو آهي تہ ماڻهو اتي انگريز سان ڪيتري نفرت ڪن ٿا ۽ موقعي ملڻ تي سندن بيعزتي ڪرڻ کان بہ نہ ٿا رهن.

آرويل رڳو فڪشن جو ليکڪ ناهي رهيو. نان فڪشن جي حوالي سان بہ سندس ڪيئي مضمون ۽ ڪتاب آهن. تازو منهنجي مطالعي ۾ سندس ڪتاب Homage to Catalonia رهيو آهي. هي ڪتاب 1936 جي اسپين جي گهرو ويڙھ جي حوالي سان آهي جنهن ۾ آمريڪي ليکڪ ارنيسٽ هيمنگوي سان گڏ يورپ جي ترقي پسند ۽ فاشسٽ مخالف ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد شريڪ هو. انهن ماڻهن جي اتي وڃڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو هو تہ ان وقت جرمني، اٽلي ۽ يورپ جا مختلف ملڪ هٽلر ۽ مسوليني

جهڙن فاشسٽ حڪمرانن جي حڪمراني هيٺ هئا. اهڙي ريت اسپين جي جمهوري حڪومت سندن لاءِ اميد جو هڪ ڪرڻو هئي جنهن ڪي جنرل فرانڪو جي فاشزم کان بچائڻ انهن پنهنجو فرض سمجهيو ٿي. اسپين ان وقت بنيادي طور تي هڪ زرعي ملڪ هو. زمين گهڻو ڪري وڏن زميندارن جي ملڪيت هئي ۽ هارين جي حيثيت غلامن واري هئي. جنرل فرانڪو ڪي انهن وڏن زميندارن جو ئي نمائندو سمجهيو ويو ٿي جنهن ڪين جمهوري حڪومت جي سڌارن کان بچائڻ چاهيو ٿي. اهڙي ريت مقصد اسپين ۾ انقلاب نہ پر جمهوري حڪومت جو بچاء هو. آرويل، جيڪو پنهنجوپاڻ ڪي سوشلسٽ سڏائي ٿو هڪ صحافي جي حيثيت ۾ اسپين جي شهر بارسلونا ۾ داخل ٿيو هو تہ جيئن اتان جي صورتحال ڪي ڏسي ۽ ان جو جائزو وٺي سگهجي. سندس چوڻ آهي تہ هتي معاملو جمهوري حڪومت ڪي بچائڻ کان وڌيڪ انقلاب جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. ڪارخانا مزدورن جي ملڪيت بڻجي چڪا هئا، ٻنيون هارين جون اجتماعي ملڪيت بڻجي چڪيون هيون. وڏا زميندار ۽ سرمايا دار اتان ڀڄي چڪا هئا. حڪومت جو اختيار جڻ تہ نالي ماتر هو. مختلف سياسي جماعتن پنهنجيون ڏار ڏار مليشيائون ناهي ڇڏيون هيون. آفيسر ۽ سپاهي جو هڪ ئي يونيفارم ۽ هڪ جيتري ئي پگهار هئي. ڪو ڪنهن ڪي سيلوٽ ڪرڻ ۽ تعظيم ڏيڻ جو پابند نہ هو. هوٽلن ۾ بيرن ڪي جيڪڏهين ٽپ ڏبي هئي تہ اهي اوهان ڪي عجيب نظرن سان ڏسندا هئا. اها سندس لاءِ جڻ تہ هڪ نئين ۽ آدرشي صورتحال هئي جنهن ڪيس اهو اتساهه ڏنو تہ چو نہ پاڻ ان جو حصو بڻجي ۽ ان عمل ڪي اڳتي وڌائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿجي. ان وقت اسپين جي ڪميونسٽ پارٽي سميت ڪاٻي ڌر جون گهڻيون جماعتون ڪم ڪري رهيون هيون جن ان سڄي صورتحال ڪي پنهنجي پنهنجي نڪتہ نظر سان ڏنو ٿي. آرويل جو چوڻ آهي تہ هن شروع ۾ انهن جماعتن جي نظرئي، سندن سياسي حڪمت عملي ۽ اختلافن تي گهڻو توجهه نہ ڏنو هو. هن بس اهو سمجهيو ٿي تہ انهن سڀني جو گڏيل مقصد اسپين ڪي فاشزم کان بچائڻ آهي جيڪو پڻ سندس پنهنجو مقصد بہ هو. ان ڪري ڪنهن هڪ يا ٻي جماعت سان گڏجڻ سندس لاءِ ڪو نظرياتي مسئلو نہ هو. ان خيال جي ڪري ڪيس ان وقت جنهن جماعت وڌيڪ متاثر ڪيو ۽ جنهن جو ان وقت بارسلونا ۾ چڱو خاصو اثر رسوخ هو ان جي تحت ڪم ڪندڙ مليشيا ۾ پاڻ ڪي رجسٽر ڪرائي ڇڏيائين. پر ان جي باوجود هو اسپين ۾ رهڻ جي سڄي عرصي دوران ان جماعت جو باقاعدي ميمبر نہ ٿيو. هو محاذ تي وڃڻ لاءِ گهڻي عرصي تائين انتظار ۾ هو. هٿيارن، يونيفارم ۽ ٻئي ضروري سامان جي کوٽ واضح طور محسوس ٿئي پئي. انهن بيرڪن ۾ رهندي هو پنهنجو هڪ ٻيو مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ شهر ۾ کاڌي پيتي جي شين جي واضح کوٽ محسوس ٿئي پئي. انهن شين ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن جون وڏيون قطارون لڳل هجن ٿيون پر بيرڪن ۾ مليشيا جي سپاهين لاءِ جام ماني هجي ٿي جنهن مان گهڻي زيان پڻ ٿئي ٿي. گهڻن ماڻهن جو پنهنجن ٻارن ڪي مليشيا ۾ شامل ڪرائڻ جو هڪ مقصد سندن لاءِ کاڌي پيتي جي شين جو حصول بہ هو. نيٺ هڪ ڊگهي انتظار کان پوءِ آرويل ڪي ٻين سپاهين سان گڏ محاذ تي موڪليو وڃي ٿو.

# اسپين جي گهرو ويڙهه ۾ نظرياتي اختلاف

(حصو پيون)

جارج آرويل جو چوڻ آهي ته محاذ تي وڃڻ کان اڳ اسان اهو قسم کنيو هو ته اسان گهٽ ۾ گهٽ هڪ فاشسٽ کي ضرور مارينداسين. پر اتي صورتحال بلڪل ئي مختلف هئي. جيتوڻيڪ فاشسٽن ۽ اسان جي وچ ۾ بس ٿورو ئي فاصلو هوندو هو پر اسان ٻنهي ڌرين وٽ جيڪي هٿيار هوندا هئا انهن ۾ ايتري طاقت ئي نه هوندي هئي جو اهي هڪٻئي کي ڪو نقصان پهچائي سگهن ۽ ٻنهي جا ڪيل فائر بس وچ ۾ ئي نس تي ويندا هئا. ٻي ڳالهه اها ته اسان کي گولين وغيره جو محدود مقدار ڏنو ويو هو جنهن کي نهايت احتياط سان ۽ هنگامي حالتن ۾ ئي استعمال ڪرڻو پوندو هو. سپاهين کي جنگ کان وڌيڪ ٿڌ، نمونيا ۽ مڇرن سان ويڙهه ڪرڻي پوندي هئي ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ موت جنگ ۾ ٿيندڙ انساني جانين جي نقصان کان وڌيڪ هوندو هو. اسان جي سپاهين جو فائرنگ کان وڌيڪ زور پروپيگنڊه ۽ مائڪرو فون وغيره ذريعي اعلان ڪري فاشسٽ سپاهين کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ هوندو هو ته اهي سرمايا دارن ۽ جاگيردارن جي مفادن جي بچاء لاء وڙهي رهيا هئا جيڪي سندن سڄڻ نه پر دشمن آهن ۽ سندن مفاد ان ڳالهه ۾ ئي هو ته اهي اسان سان گڏجي انهن جي خلاف ويڙهه ڪن. جيڪي فوجي فاشسٽ صفن کان ڌار ٿي ٻئي پاسي ايندا هئا انهن جي بيانن مان به خبر پوندي هئي ته اتي به کاڌ خوراڪ ۽ يونيفارم وغيره جي حوالي سان، جيئن اسان سمجهيو ٿي، ڪا گهڻي چڱي صورتحال نه هئي.

هو چئي ٿو ته آئون اڪثر اهو سوچيندو هوس ته جنهن جنگ جو تصور ڪٽي هتي آيو هوس اهڙي ته ڪا ڳالهه نظر ئي نه پي آئي ۽ آئون هرو پرو پنهنجو وقت زيان ڪري رهيو هوس. هتي جيڪي ڪجهه هو ان کي جنگ ته بلڪل ئي نه پيو چئي سگهجي. پر پوء سوچيندو هوس ته هرو پرو ائين به نه هو. هتي مون زندگي جو جيڪو سبق سکيو هو اهو شايد هوندئن ڪڏهين به حاصل نه ڪري سگهان هان. ماڻهو جي برابري جنهن ۾ سپاهي ۽ افسر جي ساڳي يونيفارم، پگهار، کاڌي ۽ عزت ۾ ڪو به فرق ناهي ۽ هر ڪو هڪٻئي کي ڪامريڊ ۽ دوست جي لقب سان سڏي ٿو. ان سڄي عرصي ۾ هڪ موقعو اهڙو آيو جو انهن پنهنجي سامهون دشمن جي چوڪي تي راتاهو هنيو ۽ ان کي اتان ڀڄڻ تي مجبور ڪيو.

ساڳي وقت پنهنجن دلچسپ مشاهدن جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو ته اسان کي دشمن جي گولين کان وڌيڪ پنهنجن ئي سپاهين جي فائرنگ کان وڏو خطرو هوندو هو. اسپيني سپاهين جو نشانو پورو سارو هوندو هو. ۽ تي پيرا رات جي ڊيوٽي ڏيندي آئون سندن فائرنگ کان بچي ويس ۽ ڪين رڙ ڪري ٻڌائڻو پيو ته اهو دشمن نه پر آئون هوس. هڪ ڀيري مون سندن فوٽو پئي ڪڍيا ته انهن اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڇڏي ۽ آئون وڏي ڏکيائي سان پاڻ کي بچائي سگهيس. سندس زال سندس پويان بارسلونا پهتي هئي جيڪا کيس اتان سگار ۽ سگريٽ، جن جي محاذ تي کوٽ هوندي هئي، ۽ ٻيون شيون موڪليندي رهندي هئي.

ڪجھ عرصي کان پوءِ هو جڏهين موڪلن گذارڻ لاءِ بارسلونا پهچي ٿو ته اتي ڪيس صورتحال ئي بلڪل مختلف نظر اچي ٿي. ننڍ وڏائي جو تصور جيڪو سندس اڳ هتي هوندي چڻ ختم ٿي ويو هو وري موٽي آيو هو. هوٽلن، شاپنگ مال ۽ روڊن رستن تي ان جي واضح طور تي پسي سگهجي پيو. ساڳي وقت فاشزم خلاف وڙهندڙ مختلف گروپن وچ ۾ ڇڪتاڻ جا پڻ واضح آثار هئا. ڪميونسٽ پارٽي جي مدد سان حڪومت مليشيائن جي اثر رسوخ کي ختم ڪرڻ ۽ فوج ۽ پوليس جي نئين سر تنظيم ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ سرگرم هئي. حڪومت تي ڪميونسٽن جي فيصلي ڪن اثر رسوخ جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو هو ته فاشسٽن کي ته جرمني، اٽلي ۽ ٻين مختلف ملڪن کان مدد ملي رهي هئي جڏهين ته حڪومت کي رڳو سوويت يونين پاران هٿيارن جي ۽ ٻي مدد ملي رهي هئي. ان وقت ڪميونسٽن ۽ ٻين انقلابي جماعتن ۾ هڪ واضح فرق اهو موجود هو ته ڪميونسٽن جي پهرين ترجيح فاشزم خلاف جنگ کٽڻ هئي ۽ انقلاب جو وارو پوءِ ٿي آيو. جڏهين ته جنهن جماعت سان آرويل لاڳاپيل هو ان جو موقف اهو هو ته انقلاب ۽ جنگ کي گڏوگڏ هلائجي نه ته ٻي صورت ۾ ساڳيا قرمار ڪندڙ طبقا اقتدار تي قابض ٿي ويندا ۽ سڄي جدوجهد رائيگان ٿي ويندي. ان حوالي سان جارج آرويل موجب سوويت يونين جي رياستي مفادن جو به هڪ ڪردار هو ۽ انهن ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين کي انهن پاليسين جي پوئواري ڪرڻي پوندي هئي. ان وقت سوويت يونين جا فرانس سان ڪجھ دوستي جا ناه ٿيل هئا ۽ هن اهو نه ٿي چاهيو ته فرانس جي سرحد تي ئي موجود ڪنهن ملڪ ۾ انقلاب جي همت افزائي ڪرڻ جي ڪري ان جا ساڻس ناتا خراب ٿين.

پنهنجين انهن موڪلن جي دوران هو هڪ ڏينهن بازار کان پنهنجي هوٽل وڃي رهيو هو ته شهر ۾ اوچتو فائرنگ شروع ٿي ويئي ۽ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. هر ڪو پاڻ کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ لڳي ويو. هن پاڻ به هڪ هوٽل ۾ پناه ورتي جيڪا سندس پارٽي جي قبضي ۽ استعمال ۾ هئي. ڳالهه اها هئي ته حڪومت جي سول گارڊز پاران ٽيليفون ايڪسچينج، جيڪو آرويل جي جماعت پوم جي قبضي ۾ هو، کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. اها ويڙه گهٽا ڏينهن هلندي رهي جنهن ۾ آرويل پڻ پنهنجي پارٽي پاران شامل ٿي ويو هو ۽ سندس موڪلن جو گهڻو وقت بجائي آرام ڪرڻ ۽ پنهنجي زال سان وقت گذارڻ جي، جيئن سندس ارادو هو، ان ويڙه ۾ گذريو. پاڻ ۾ ٿيندڙ ان ويڙه جو فائدو لازمي طور تي فرانڪو جي فاشسٽ فوجن کي ئي ٿيڻو هو. ان ڳالهه کي نيٺ ٻنهي پاسن جي اڳواڻن پاران محسوس ڪيو ويو ۽ ان بحث ۾ پوڻ کان سواءِ ته پهرين فارنگ ڪنهن شروع ڪئي هئي جنگ بندي جو فيصلو ڪيو ويو.

آرويل جو اهو خيال هو ته موڪلن ختم ٿيڻ کان پوءِ هو اها درخواست ڪندو ته ڪيس انٽرنيشنل بريگيڊ ۾ شامل ڪري ميڊرڊ جي محاذ تي موڪليو وڃي جتي باقاعدي طور تي فاشسٽن سان جنگ هلي رهي هئي. پر ڪيس ترقي ڏيئي ساڳئي محاذ تي ئي موڪليو ويو.

# اسپين : فاشزم خلاف جنگ ۾ سوپ ممڪن هئي
## (حصو ٽيون ۽ آخري)

محاذ تي پهچڻ سان ئي آرويل سان هڪ عجيب واقعو ٿئي ٿو. ڪيس اجان موٽئي گهٽا ڏينهن نہ ٿيا هئا. باقاعدي جنگ جو تہ ڪو نالو نشان نہ هو جنهن ۾ ماڻهو ڪي ڪو ڏک ڦٽ لڳي. سندس چوڻ آهي تہ هڪ ڏينهن هو پنهنجي يونٽ جي هڪ آمريڪن فوجي سان خندق جي ٻاهران بيهي ڳالهائي رهيو هو تہ اوچتو ڪٿان هڪ گولي اچي ڪيس لڳي ۽ هو ڪري پيو. گولي جيتوڻيڪ هٿ ۾ لڳي هئي پر ڪيس لڳو تہ گولي ڳچي ۾ لڳي هئي ۽ هو بس هاڻي ڪجھ گهڙين جو مهمان هو جيئن اهڙي صورتحال ۾ گهڻن سان ٿيندو رهيوهو. ڪيس فوري طور تي فرسٽ ايڊ لاء ويجهي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو. اتي هونديءَ فوج سان ئي لاڳاپيل ٻہ جوان وٽس آيا ۽ ڪيس چيائون تہ جيئن تہ تون ڦٽجي پيو آهين ان ڪري پنهنجي گهڙي ۽ پستول وغيره اسان جي حوالي ڪري ڇڏ. اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي ۽ سيني سان ائين ئي ٿيندو هو. ان ڪان سواء ايمبولينس ۾ اسپتال ايندي سندس گهڻو ذاتي سامان چورائجي ويو هو. ان ڏک جي ڪري سندس آواز ختم ٿي ويو هو ۽ جڏهين ڊاڪٽر ان جي چڪاس ڪئي تہ ان ڪلي ڪيس چيو تہ هاڻي اهو هميشہ لاء ختم ٿي ويو ۽ ڪڏهين ٻہ موٽي واپس نہ ايندو. اها ساڳي ڳالهہ پوءِ مختلف اسپتالن جي ڪجھ ٻين ڊاڪٽرن پاران ٻہ ڪئي ويئي. پر اڳتي هلي اهي سڀ غلط ثابت ٿيا ۽ منهنجو آواز موٽي آيو.

وڌيڪ علاج لاء مريضن ڪي بارسلونا يا ٻئي ڪنهن وڏي شهر جي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويندو هو. پر ان جو دارومدار ريل گاڏي جي اچڻ ۽ ان ۾ جاءِ هئڻ تي هوندو هو جنهن جي لاءِ ڪيئي ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو هو. ساڳي وقت اها ريل جي ڊرائيور جي مرضي هوندي هئي تہ هو گاڏي ڪي ڪهڙي شهر تي وٺي هليو. نيٺ گهڻن ڏينهن ڪان پوء اسان ڪي ٻڌايو ويو تہ فلاڻي ڏينهن اوهان ڪي بارسلونا موڪليو ويندو ۽ مون اهڙو نياپو پنهنجي زال ڪي ٻہ موڪلي ڇڏيو. پر ريل ۾ سوار ٿيڻ ڪان پوءِ خبر پيئي تہ گاڏي جي ڊرائيور جو ارادو بدلجي ويو هو ۽ هاڻي اها بارسلونا نہ پر ٻئي ڪنهن شهر وڃي رهي هئي. پروگرام ۾ آيل ان اوچتي تبديلي جو اطلاع ڏيڻ لاءِ مون پنهنجي زال ڪي تار موڪلي جيڪا ڪيس ڪڏهين ٻہ ملي نہ سگهي. اتي نئين شهر جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن مون ڪي اهو ٻڌايو تہ هاڻي تون جنگ ۾ شامل نہ ٿي سگهندين. ان ڪري ڪجھ ڏينهن ڪان پوء بارسلونا موٽي علاج لاء ڪجھ وقت اسپتال ۾ گذاري مون ڪي اهو بهتر لڳو تہ پنهنجي زال سان گڏ اسپين مان موٽي وڃجي. پر ان وقت حڪومت ۽ اسان جي مليشيا پوم جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ويئي هئي ۽ اسپين ڪان ويندي گهڻن اهڙن پرڏيهين ڪي گرفتار ڪيو ويو هو جن وٽ ڊسچارج وغيره جي حوالي سان دستاويز پورا نہ هئا.

انهن ڪاغذن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي اسپين جي ڪجھ بين شهرن ۾ وڃڻو ۽ مختلف ميڊيڪل ٽيسٽن مان گذرڻو پيو. ان دوران انهن شهرن کي ڏسڻ ۽ اتان جي ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو جيڪو اڳ محاذ تي ويندي انهن ئي شهرن مان گذرندي نہ ملي سگهيو هو. دستاويز حاصل ڪرڻ کان پوءِ جڏهين بارسلونا پنهنجي هوٽل پهتس تہ اتي مون کي عجيب صورتحال نظر آئي. منهنجي زال ڪمري جي ٻاهران بينل هئي ۽ ان مون کي ڏسندي ئي چيو تہ هتان فورن هليو وڃ. مون کي ڳالهہ سمجھ ۾ نہ آئي ۽ مون ڪانئس وڌيڪ سوال ڪرڻ شروع ڪيا، پر هن مون کي رڳو ايترو ٻڌايو تہ جنهن تنظيم پوم جي مليشيا سان تون لاڳاپيل هئين ان تنظيم تي پابندي لڳي ويئي هئي ۽ ان سان لاڳاپيل سيني ماڻهن کي گرفتار ڪيو پئي ويو. ان ڪري ان کان اڳ جو هوٽل وارا تنهنجي متعلق پوليس کي مطلع ڪن ۽ توکي گرفتار ڪيو وڃي تون هتان هليو وڃ.

ڪيس اها بہ خبر پيئي تہ سندس پارٽي جي گهڻن اڳواڻن کي سندن جماعت جي دفترن مان گرفتار ڪيو ويو هو جن مان گهڻن کي جيل ۾ ڪوڙا مقدما هلائي موت جي سزا ڏيئي شوٽ پڻ ڪيو ويو هو. پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن تي مک الزام اهو هو تہ اهي ٽراٽسڪائٽ هئا ۽ سندن جنرل فرانڪو ۽ فاشسٽن سان لاڳاپا هئا ۽ انهن جمهوري حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاء ڪم ڪيو پئي. جڏهين تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهه نہ هئي. پارٽي جي مليشيا باقاعدي فاشسٽن خلاف جنگ ۾ شامل هئي ۽ سندن ڏنل قربانيون ڪنهن کان بہ لڪل نہ هيون. دراصل ان وقت پنهنجن مخالف انقلابين کي بدنام ڪرڻ جو ڪميونسٽن جو اهو هڪ مک حربو هو جنهن کي اسپين ۾ بہ استعمال ڪيو ويو. آرويل هوٽل مان نڪرڻ ڪانپوء ڏينهن تہ ماڻهن جي گهٽي آبادي واري ان وڏي شهر ۾ گهمي ڦري گذاري سگهي پيو جتي ماڻهن جي هجوم ۾ سندس سڃاڻپ ڏکيو هو. ڪيس رڳو اهڙين جاين تي وڃڻ کان گريز ڪرڻو هو جتي ماڻهو ڪيس سندس پارٽي جي حوالي سان سڃاڻندا هئا. اصل مسئلو رات گذارڻ جو هو جنهن جي لاء وٽس ان کان سواء ٻي ڪا واٽ نہ هئي تہ گرجائن جي فرش، فٽپاٿن ۽ پارڪن ۾ سمهي ڏکيو سکيو گذارو ڪري. ان دوران مختلف جاين تي پنهنجي زال سان ملاقاتن وسيلي ڪيس پنهنجن دوستن يارن جي خبر چارہ ملندي رهندي هئي جن کي گرفتار ڪيو ويو هو يا جيڪي اجا محاذ يا روپوشي جي حالت ۾ هئا. سندس لاء اسپين مان نڪرڻ جو واحد رستو برطانوي سفارتخاني وسيلي پنهنجي پاسپورٽ ۽ بين سفري دستاويزن کي درست ڪرائڻو هو. ان سلسلي ۾ سفارتخاني پاران سندن گهڻي مدد ڪئي ويئي ۽ هو پنهنجي زال ۽ ڪجھ دوستن سميت اسپين کان فرانس پهچي ويو.

آرويل اسپين جي ماڻهن جي مزاج ۽ سندن هلت چلت جي حوالي سان دلچسپ مشاهدا لکيا آهن. مثال طور جيڪڏهين ڪنهن کي ڪنهن ڪم لاء چئبو تہ اهو چوندو تہ ها اهو صبحاڻي تي ويندو. خوش اخلاقي ۽ ٻئي جي ڪم اچڻ سندن خاص وصفون هيون. ساڳي ريت عورتن جو وٽن جيڪو احترام هو ان جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو تہ پوليس جا ماڻهو منهنجي ڳولها ۾ هوٽل آيا ۽ منهنجي زال کي ڪمري جي تلاشي وٺڻ لاء چيائون. ان تلاشي دوران منهنجي زال بستر تي ليٽي پيئي هئي.

پوليس ڪمري جي ذري ذري جي تلاشي ورتي پر منهنجي زال کي انهن بستر تان اٿڻ جو نہ چيو جتي ڪين ڪيترائي دستاويز وغيره ملي سگهيا ٿي. جيتوڻيڪ سندن تعلق ڪميونسٽ پارٽي سان هو پر ساڳي وقت اهي اسپيني بہ هئا ۽ ڪين ڪنهن عورت کي بستر تان اٿارڻ مناسب نہ پئي لڳو.

اسپين جي مختلف انقلابي گروپن ۾ ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط ان متعلق هن وقت فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي پرگهرو ويڙهه متعلق اهو چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهين اهي اختلاف پاسيرا رکي فاشزم خلاف جنگ تي توجهہ ڏنو وڃي ها تہ جنرل فرانڪو کي شڪست ڏيڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي ۽ اها جنگ گهڻو اڳ ئي جمهوري حڪومت جي حق ۾ ختم ٿي وڃي ها. ممڪن آهي تہ ان سان يورپ ۾ هٽلر ۽ مسوليني جي طاقت کي پڻ ڌڪ لڳي ها. بهرحال اهو هاڻي رڳو تاريخ جو هڪ باب آهي.

# ليکڪ ۽ زندگي

لکڻ جو عمل ڪا ماورائي شي ناهي. دنيا جي وڏن ليکڪن جيڪي شاهڪار تخليق ڪيا آهن ان ۾ بس انهن ان زندگي جيڪا انهن گذاري آهي ۽ ماحول جنهن ۾ هو رهيا آهن جو گهرائي سان مشاهدو ڪندي ان کي نهايت سادن لفظن ۾ چٽيو ۽ ماڻهن آڏو پيش ڪيو ۽ ان تي ٺيڪا ٺپڻي ڪئي آهي. ان حوالي سان انگريز ليکڪ جارج آرويل مون کي هڪ منفرد ليکڪ لڳندو آهي. سندس زندگي جو هڪ وسيع تجربو رهيو آهي ۽ اهو تجربو سندس لکڻين جي زينت بڻيو آهي. هو برما ۾ برطانوي حڪومت ۾ پوليس ۾ رهيو ته هن اتي اتان جي ماڻهن جي ڪسمپرسي ۽ برطانوي افسرن جي عياشي واري زندگي ۽ سندن اتان جي ماڻهن سان ورتاء جو مشاهدو ڪيو ۽ ان تي هڪ بهترين ڪتاب لکيو. ساڳي ريت هو اسپين جي 1936 جي گهرو ويڙه ۾ فاشسٽن خلاف وڙهندڙ پرڏيهين جي انقلابي دستي ۾ شامل هو. ان گهرو ويڙه ۽ اتان جي انقلابي قوتن ۾ موجود اختلافن جي حوالي سان سندس لکيل ڪتاب پڙهندڙ کي گهڻي آگهي ڏئي ٿو.

ان لحاظ کان سندس ڪتاب Down and Out in Paris and London هڪ الڳ ٿلڳ موضوع آهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته هن ڪتاب لکڻ لاء اهو تجربو ڪيو جڏهين ته ڪجهه ان کي سندس غربت ۽ ڪسمپرسي واري زندگي جو نتيجو قرار ڏين ٿا. اهڙي زندگي جو هن وقت يورپ جي ڪنهن ملڪ جي ليکڪ لاء تصور ڪرڻ ئي محال آهي. پيرس ۾ رهندي ڪجهه عرصو ته هو اخبارن ۾ پنهنجن لکيل ڪالمن جي ملندڙ معاوضي مان گذارو ڪندو رهي ٿو پر جلد ئي سندس آمدني جو اهو ذريعو بند ٿي وڃي ٿو ۽ هو ماني لاء به محتاج ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي جاء جي مسواڙ به نه ٿو ڏيئي سگهي. ڪنهن اخبار ۽ رسالي وغيره پاران ڪيس ڪا موٽ نه ٿي ملي. هو پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيون ذاتي شيون گروي رکي پنهنجو گذارو ڪندو رهي ٿو پر اهو پئسو به گهڻو وقت نه ٿو هلي ۽ نيٺ مجبور ٿي هو پنهنجن ڪجهه دوستن جي حوالي سان هڪ هوٽل ۽ پوء ٻي هوٽل ۾ بيرا گيري جي نوڪري حاصل ٿو ڪري جتي ڪيس گهٽ ۾ گهٽ ٻن وقتن جي ماني ملي وڃي ٿي. اها هڪ سخت قسم جي نوڪري هجي ٿي جنهن ۾ آرام جي گنجائش گهٽ هجي ٿي. انهن هوٽلن جو ٻاهر جو ڏيکاء ته نهايت صاف سترو ۽ وڻندڙ هوندو آهي جڏهين ته ڪچن ۽ ڪاڌي تيار ڪرڻ وغيره جي جاء تي جيڪا گندگي ۽ غلاظت هوندي آهي ان جي رڳو انهن ماڻهن کي ڄاڻ هوندي آهي جيڪي اتي ڪم ڪندا آهن. ليکڪ ان سڄي صورتحال کي نهايت تفصيل سان چٽيو آهي. ان وچ ۾ سندس هڪ دوست ڪيس هڪ نئين هوٽل جي کلڻ متعلق ٻڌائي ٿو ۽ چئي ٿو ته اتي سندس حيثيت هتان کان گهڻي بهتر هوندي. ڪجهه سوچ ويچار ڪانپوء هو ان نئين هوٽل جي مالڪ سان شامل ٿي وڃي ٿو. ان هوٽل جي مالڪ جي ذهن ۾ ته گهڻو ڪجهه هجي ٿو پر وٽس ان سيڪجهه جي تڪميل لاء وسيلا محدود هجن ٿا. اتي ليکڪ جي حيثيت ته يقينن پهرين کان بهتر هجي ٿي پر مالڪ جي ڪمزور مالي حيثيت جي ڪري ڪيس پگهار پوري ۽ وقت تي نه ٿي ملي ۽ هو اتي نوڪري تي هوندي به هڪ پريشاني واري حالت ۾ اچي وڃي ٿو.

هتان لندن ۾ سندس پنهنجي هڪ دوست سان خط و ڪتابت ٿئي ٿي ۽ اهو دوست سندس لاءِ اهڙي نوڪري جو انتظام ڪري ٿو جيڪا سندس معيار جي مطابق هجي. پيرس ۾ پنهنجي ڪسمپرسي واري زندگي ڪي ڏسندي اهو ڪيس بهتر ٿو لڳي ته هو لندن هليو وڃي. هوٽل جي مالڪ ۽ پنهنجي دوست جي آسرن ۽ دلاسن جي باوجود هو پئرس ڇڏي لندن اچي ٿو. پر هتي به سندس لاءِ ڪا گهڻي خوشگوار صورتحال نه ٿي هجي. جنهن دوست سان سندس خط و ڪتابت هئي اهو لندن ڪان ڪجهه عرصي لاءِ ٻاهر ويل هجي ٿو. اهڙي ريت جنهن ڪم لاءِ هو اچي ٿو اهو ڪم في الحال ڪيس نه ٿو ملي. هتي وري سندس آڏو اهو مسئلو اچي ٿو ته زندگي جي گاڏي ڪي ڪيئن گهلجي. ڪو دوست ڪيس ڪجهه پئسا ڏئي  ٿو جيڪي ڪجهه وقت ڪانپوءِ ختم ٿي وڃن ٿا. هتان سندس زندگي جو هڪ نئون مرحلو شروع ٿئي ٿو. هڪ Tramp يا رول جي زندگي. سندس واسطو ان قبيل جي مختلف ماڻهن سان پئي ٿو. هڪ اهڙي زندگي جنهن جا پنهنجا ضابطا هجن ٿا. انهن جي لاءِ گندگي، چوري ڪرڻ ۽ پنهنجي ساٿي ڪي ئي ماري ڇڏڻ ڪا وڏي ڳالهه نه ٿي هجي. انهن مان ڪجهه رستن ۽ چوواٽن تي ڳائي وڄائي ۽ ڪجهه  ديوارن تي تصويرون ناهي ماڻهن ڪي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪن ٿا ۽ اهڙي ريت پنهنجو گذر بسر ڪن ٿا. ان دوران سندس واسطو ان قبيل جي نهايت ذهين ماڻهن سان به پئي ٿو جن ڪي سماج ۾ ته مڃتا نه ٿي ملي پر ساڳي وقت هو عام زندگي ۽ ڪنهن سماجي پابندي ڪي به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿا هجن. ساڳي وقت اهڙن ماڻهن سان به جيڪي ڪيس نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن ۾ دوست به هجن ٿا ۽ دشمن به هجن ٿا. اهڙن ماڻهن جي رهڻ جي لاءِ پوري شهر ۾ اهڙا مرڪز هجن ٿا جتي اهي هڪ رات يا ڪجهه وقت رهي سگهن ٿا. انهن مان ڪتي رهڻ جون مناسب حالتون هجن ٿيون ۽ ڪتي بلڪل ئي خراب. هو هڪ چڱو عرصو انهن ماڻهن سان گذارڻ ڪان پوءِ ان نتيجي تي پهچي ٿو ته برطانيا ۾ خاص طور تي لندن ۾ انهن ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد رهي ٿو ۽ ساڳي وقت اهو به ته انهن ماڻهن جو سماج ۾ جيڪو منفي اميج نهيل آهي اهو مڪمل طور تي صحيح ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته اهي عام ماڻهن واري زندگي ۽ سماجي ضابطن ڪي قبول نه ٿا ڪن. انهن جي زندگي جا پنهنجا اصول ۽ ضابطا هجن ٿا جن مطابق اهي رهڻ چاهين ٿا ۽ اهي عام اصولن سان نهڪي نه ٿا اچن. ان وچ ۾ جنهن دوست ڪيس لندن گهرايو هو اهو موٽي ٿو اچي ۽ سندس زندگي جو اهو اهم مرحلو پڄاڻي تي پهچي ٿو.

# اسپينوزا جو مسئلو ۽ نازي نظريو

سترنهين صدي جي يورپ ۾ خيالن ۽ نظرين جي تڪرار جي حوالي سان اسپينوزا هڪ اهم نالو آهي. ان وقت يورپ ۾ يهودين جي خلاف هڪ مهم جاري هئي. اسپين ۾ ڪين عيسائيت اختيار ڪرڻ يا ملڪ ڇڏي وڃڻ جي چونڊ ڏني ويئي هئي. ساڳي صورتحال پرتگال ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ هئي. ٻين سزائن سان گڏ انهن کي قتل ڪرڻ ۽ جيئرو ساڙڻ هڪ عام ڳالهه هئي. انهن حالتن ۾ هالينڊ اهو واحد ملڪ هو جتي امن امان ميسر هو ۽ يهودين کي پنهنجي مذهب تي هلڻ جي آزادي هئي. ان ڪري گهڻا يهودي ٻين ملڪن مان ڀڄي اچي هالينڊ ۾ پناه وٺندا هئا.

اسپينوزا متعلق گهڻي معلومات نہ ٿي ملي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هڪ پيرو تہ سندس وفات کانپوءِ سندس قرض لاهڻ لاءِ ٻين شين سميت سندس ڪتابن کي بہ نيلام ڪيو ويو هو. سندس ڪجهہ خيرخواهن ڪوشش ڪري ان مان گهڻا ڪتاب وري گڏ ڪيا پر ٻن سو سالن کانپوءِ نازي نظريہ دان الفريڊ روسن برگ جي اڳواڻي ۾ وري انهن کي تهس نهس ڪيو ويو. ان ڪري نہ رڳو سندس اصلوڪي لائبريري ۽ ڪتاب اڻ لڀ آهن پر سندس زندگي متعلق بہ تصديق ٿيل احوال گهٽ ٿو ملي. ان ڪري نفسيات دان ليکڪ ارون ڊي يالوم پنهنجي ڪتاب The Spinoza Problem کي ناول جو روپ ڏنو آهي جنهن ۾ گهڻا ڪردار ۽ واقعا فرضي آهن.

اسپينوزا پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ سان گڏ ايمسٽرڊم ۾ دوڪان هلائيندو هو. ان سان گڏوگڏ هو مذهبي تعليم پڻ حاصل ڪندو هو. هو هڪ ذهين شاگرد هجي ٿو ۽ سندس پيءُ ۽ استاد سندس ڪارڪردگي مان خوش ۽ مطمئن هجن ٿا. پر هو ساڳي وقت مختلف معاملن تي سوچي ٿو ۽ پنهنجو اهڙو ڏار رايو قائم ڪري ٿو جيڪو روايتي مذهبي خيالن ۽ اصولن کان نہ رڳو مختلف هجي ٿو پر ان سان ٽڪراءُ ۾ اچي ٿو. هو چئي ٿو تہ فطرت ئي خدا آهي ۽ هر شي عقل ۽ دليل جي تابع آهي. پرتگال مان آيل هڪ همراه هڪ ٻئي جهڙي سان گڏجي سندس مخالفن جي هشي تي سندس جاسوسي ڪن ٿا. سندن رپورٽ تي اهو فيصلو ڪيو وڃي ٿو تہ کيس ڪميونٽي مان ڪڍيو وڃي ۽ سندس حقو پاڻي بند ڪيو وڃي.

ان قدم کڻڻ کان اڳ وڏي رابي پاران کيس گهرائي تفصيل سان ڳالهه ٻولهہ ڪئي وڃي ٿي جنهن ۾ هو مڃي ٿو تہ سندس خلاف جيڪا رپورٽ ڪئي ويئي هئي ۽ جيڪي چيو ويو هو اهو سڀ سچ هو. کيس اها آڇ ڪئي وڃي ٿي تہ جيڪڏهين هو پنهنجن ملحدانا خيالن تان هٿ کڻي ٿو تہ کيس مختلف مذهبي عهدا ڏيڻ سان گڏوگڏ سڄي عمر لاءِ کيس ايتري پينشن ڏني ويندي جو هو اطمينان سان پنهنجي زندگي گذاري سگهي. پر هو اهو سيڪجهہ وٺڻ ۽ پنهنجن خيالن تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪري ٿو. ساڳي وقت سندس ڀاءُ ۽ ڀيڻ بہ کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر هو پنهنجي موقف تي قائم رهي ٿو. نتيجي ۾ کيس سخت ۾ سخت سزا ڏيئي هميشہ لاءِ Ex Communicate ڪري ڪميونٽي جي ڪنهن بہ ماڻهو کي ساڻس ڪنهن بہ قسم جي تعلق ۽ رابطي رکڻ کان منع ڪيو وڃي ٿو.

هو پنهنجو بسترو ۽ ڪتاب وغيره کڻي گهر ۽ دوڪان ڀاءُ جي حوالي ڪري اتان هليو وڃي ٿو ۽ پنهنجي استاد جي گهروجي رهي ٿو جيڪو کيس مختلف ٻولين جهڙوڪ لاطيني، يوناني ۽ ٻين

مختلف ٻولين ۽ فلسفي وغيره جي تعليم ڏئي ٿو. پرتگال مان آيل همراه جنهن پنهنجن ڪجھ مفادن جي ڪري مٿس جاسوسي ڪئي هئي ۽ الزام هنيا هئا ڪانئس معافي گهري ٿو ۽ سندس بهترين دوست بڻجي وڃي ٿو. هو ڪيس ڪميونٽي جي مختلف معاملن جي ڄاڻ پڻ ڏئي ٿو. مٿس جڏهين قاتلانا حملو ٿئي ٿو ۽ حملو ڪندڙ پڇي وڃي ٿو ته هو ئي ڪيس ٻڌائي ٿو ته اهو پرتگال مان آيل هڪ مذهبي جنوني پناهگير آهي جيڪو سائينگاگ جي ته خاني ۾ لڪل آهي ۽ هو پوليس کي ان جي اطلاع ڪندو پر اسپينوزا ڪيس ائين ڪرڻ کان منع ڪري ٿو. هو اسپينوزا کي صلاح ڏئي ٿو ته بهتر اهو آهي ته هو هتان لڏي وڃي. پر هو مناسب وقت جي انتظار ۾ هجي ٿو.

جيتوڻيڪ اسپينوزا جا گهڻا شاهوڪار دوست سندس مالي مدد ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ايستائين ته پنهنجي سڄي ملڪيت سندس نالي ڪرڻ لاء تيار هجن ٿا پر هو ائين ڪرڻ نه ٿو چاهي. چاڪاڻ اها انهن جي ٻارن ۽ گهر وارن سان ناانصافي ٿئي ها. سندس وقت هڪ ته پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ گذري ٿو ۽ ٻيو هو پنهنجي روزگار لاء محدب شيشا وغيره ناهي ٿو جنهن سان سندس صحت متاثر ٿئي ٿي. هو چوئيتاليه پنجيتاليه سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس چرچ ۾ دفن ڪيو ويو. گهڻن اهو خيال ڪيو ته هو عيسائي ٿي ويو هو پر ائين نه هو. ان وقت اها روايت هئي ته ڪجھ پيسن جي عيوض اتي دفن ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي. اهي پيسا پوء ڏيڻا ڪيا ويا هئا پر جيئن ته اهي ادا نه ٿي سگهيا ان ڪري گهڻي عرصي ڪانپوء سندس هڏن کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو.

سندس پاء نئين دريافت ٿيل سرزمين آمريڪا ڏانهن لڏي ويو هو جتي هو هيڊي بخار وگهي گذاري ويو جڏهين ته سندس پيڻ جنهن ساڻس سڀ ناتا ٽوڙي ڇڏيا هئا مرڻ ڪانپوء سندس وارث طور سامهون آئي پر جڏهين ڪيس اهو پتو پيو ته سڀ حساب ڪتاب ڪرڻ ڪانپوء اسپينوزا تي اڃا گهر جي مسواڙ ۽ ٻيو قرض باقي رهيو ٿي ته هن پويان پير ڪيا ۽ وارث هئڻ تان هٿ ڪڍي ويئي. اهڙي ريت سندس سڄو قرض سندس دوستن ادا ڪيو.

اسپينوزا جي خيالن گوئٽي ۽ آئنسٽائن جهڙن يورپ جي وڏن دماغن کي متاثر ڪيو. چيو وڃي ٿو ته سندس بنيادي ڪتاب Ethics گوئٽي سان گڏ هوندو هو ۽ هن ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ پورو سال لڳايو.

اٽڪل ٻن صدين گذرڻ ڪانپوء جڏهين يورپ ۾ نازي ازم جو ظهور ٿئي ٿو ته اسپينوزا هڪ نئين روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ايسٽونيا ۾ رهندڙ هڪ جرمن نژاد نوجوان شاگرد الفريڊ روسن برگ يهودين جي خلاف تقريرون ڪري ٿو. هو ان بنياد تي انهن جي نسل ڪشي ۽ انهن کي يورپ مان نيڪالي ڏيڻ جي وڪالت ڪري ٿو ته اهي سازشي ۽ لالچي آهن ۽ انهن اعليٰ آريائي جرمن نسل کي خراب ڪيو آهي. ان جي سزا جي طور سندس استادن پاران ڪيس اسپينوزا جي ڪتاب مان ڪجھ حصا پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان تي ڳالهائڻ لاء چيو وڃي ٿو. هو حيران ٿئي ٿو جڏهين ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته اسپينوزا ته يهودي هو پوء گوئٽي جهڙي وڏي جرمن دماغ ڇو سندس ڪتاب کي سال تائين پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاء پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ رکيو هو. بهرحال ڪوشش جي باوجود ڪيس گهڻيون ڳالهيون سمجھ ۾ نٿيون اچن. گهڻو پوء جڏهين هو اهو ذڪر پنهنجي هڪ دوست سان ڪري ٿو ته هو ڪيس صلاح ڏئي ٿو ته اسپينوزا کي سمجهڻ لاء ايٿڪس پڙهڻ کان اڳ هو ان جا ٻيا ابتدائي ڪتاب پڙهي.

هو ايستونيا ۾ موجود جرمن فوج ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر کيس چيو وڃي ٿو ته اها رڳو جرمني جي ماڻهن لاءِ آهي ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن ڪي ان ۾ شامل نه ڪيو ويندو آهي. بهرحال هو ڪنهن ريت جرمن فوج جي ٽرين ۾ جاءِ حاصل ڪري پهرين برلن ۽ پوءِ اتان ميونخ هليو وڃي ٿو. اتي کيس هڪ يهودي مخالف اخبار جي خبر پئي ٿي. هو ان جي ايڊيٽر سان ملاقات ڪري ٿو جيڪو سندس خيالن کي پنهنجن خيالن ۽ اخبار جي پاليسي سان ٺهڪندڙ محسوس ڪندي کيس ملازم رکي ٿو. هو پنهنجن مضمونن جي ڪري جلد ئي يهودي مخالف لابي ۾ مقبوليت حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ نازي پارٽي جو حصو ٿي وڃي ٿو. انهن گڏجاڻين ۾ هٽلر به شريڪ ٿئي ٿو ۽ جلد ئي خاص طور پنهنجي تقريري صلاحيتن جي ڪري ان جو اڳواڻ ٿي وڃي ٿو.

الفريڊ پنهنجي نسل پرستي ۽ يهودين خلاف نظرين جي ڪري  پارٽي جو نظرياتي اڳواڻ ٿي وڃي ٿو. سندس اخبار جو ايڊيٽر کيس يورپ جي مختلف ملڪن جي دوري تي موڪلي ٿو ته جيئن هو اتان جي صورتحال متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. ان دوري ۾ هو هاليند ۾ اسپينوزا جي لائبريري ڏسڻ وڃي ٿو. پر لائبريري جو نگران کيس پري کان ئي ڪتاب ڏسڻ ڏئي ٿو ۽ ويجهو نه ٿو وڃڻ ڏئي. هو کيس ڌمڪي ڏئي ٿو ته اهو ڏينهن ايندو جڏهين اها لائبريري ۽ پاڻ هو سندن قبضي ۾ هوندا.

هو پنهنجي اڪيلائپ ۽ مايوسي وغيره جي ڪري نفسياتي مونجهارن جو شڪار هجي ٿو. پارٽي ۾ هوندي کيس اها پريشاني به هجي ٿي ته هٽلر سندس پيٺ ۾ پارٽي جي ٻين اڳواڻن کي گهٽي اهميت ڏني ٿي. سندس هڪ نفسيات دان دوست سندس علاج ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ان دوران کيس صلاح ڏئي ٿو ته  هو يهودين متعلق پنهنجو رويو بدلائي. پر هو ان لاءِ تيار نه ٿو ٿئي.

ٻين مهاڀاري جنگ هلندي جڏهين جرمني جون فوجون هاليند تي قبضو ڪن ٿيون ته الفريڊ روسن برگ هڪ ڀيرو وري پنهنجي جٿي سان گڏ اسپينوزا جي لائبريري پهچي ٿو ۽ زوري زبردستي جيڪي ڪتاب کيس هٿ اچن ٿا اهي کڻي وڃي ٿو. پر پوءِ کيس خبر پئي ٿي ته اهي سڀ ڪتاب سندس لاءِ بيڪار هئا. ڇاڪاڻ ته جڏهين هو انهن کي پڙهڻ لاءِ کڻي ٿو ته کيس خبر پئي ٿي ته اهي لاطيني، يوناني ۽ ٻين اهڙين ٻولين ۾ هئا جيڪي کيس ڪونه ٿي آيون.

جنگ ۾ جرمني جي شڪست کانپوءِ ٻين نازي اڳواڻن سان گڏ الفريڊ روسن برگ کي به گرفتار ڪيو وڃي ٿو ۽ مقدمي هلائڻ کانپوءِ کيس گولي هڻي مارڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي.

اهو ناول فڪشن ۽ حقيقت کي گڏي لکيو ويو آهي. پڙهندڙ کي ان مان معلومات به ملي ٿي ۽ سندس دلچسپي به برقرار رهي ٿي.

# اسان کي انقلاب نہ گهرجي

جيڪو ٻار پنهنجي وطن کان پري پليو نپنو ۽ وڏو ٿيو هجي ۽ پنهنجن وڏن کان هميشہ پنهنجي وطن جا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌيون هجن ان جي ذهن ۾ پنهنجي وطن جو هڪ تاثر جڙندو آهي جنهن جي هو پاڻ پالنا ۽ پرورش ڪندو ۽ ان ۾ نوان رنگ پريندو رهندو آهي. پر ڪيس اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ اهو وطن سندس مائٽن جي اتان لڏي وڃڻ کان پوء ڪيترو نہ بدلجي چڪو هوندو آهي.

ايران جو انقلاب ملڪ ۾ سماجي ۽ سياسي لحاظ کان وڏي اٿل پٿل جو باعث بڻيو هو. ان اتان رڳو شاه، سندس خاندان ۽ ساٿين کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور نہ ڪيو هو پر ملڪ جي شاهوڪار طبقي جو هڪ وڏو تعداد پنهنجي حياتي ۽ ملڪيت بچائڻ لاء يورپ ۽ آمريڪا ڏانهن لڏي ويو هو. انهن ماڻهن ۾ آمريڪي هفتيوار مئگزين ٽائم جي صحافي آزادي موئني جو خاندان بہ هو. ٽائم ۾ جڏهين مون سندس ايران جي حوالي سان Lipstick Jihad جي عنوان هيٺ ڪجھ ڪالم پڙهيا هئا تہ مون کي سندس لکڻيون ڪافي منفرد ۽ دلچسپ لڳيون هيون. سندس انداز سماجي تبديلين ۽ سياست کي گڏي پيش ڪرڻ آهي. انقلاب کان پوء ماڻهن نئين نظام سان پاڻ کي ڪيئن هم آهنگ ڪيو ۽ پوء حڪومت خلاف تحريڪ جي نتيجي ۾ سندن زندگي ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون سندس لکڻين جو خاص موضوع رهيو آهي. هن وقت ان ساڳئي عنوان هيٺ سندس ڪتاب آيو آهي جيڪو جيتوڻيڪ سندس ڪالمن جو مجموعو ناهي پر ان جو موضوع ۽ انداز ساڳيو ئي آهي. ان ڪتاب کي هڪ لحاظ کان انقلاب ۽ انقلاب کانپوء بدليل ايران جي حقيقتن ۾ پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولا ڪري ليکي سگهجي ٿو.

سندس ذهن ۾ هڪ تہ اهو ايران هجي ٿو جڏهين هو ننڍي هوندي پنهنجن مائٽن سان گڏ اتان لڏي وڃي آمريڪا رهي ٿي ۽ هڪ اڌ ٻيرو ڪجھ وقت لاء اتي اچي ٿي ۽ ٻيو اهو جيڪو هو پنهنجن وڏن جي واتان ٻڌي ٿي. باغن، بلبلن، وڏن گهرن ۽ شاعري جو هڪ پراسرارملڪ جنهن جو تصور هو پنهنجي ذهن ۾ جوڙي ٿي. آمريڪا ۾ سندن سڃاڻپ ايران جي حوالي سان آهي ۽ هر Diaspora وانگر ڪين هميشہ اها اميد رهي ٿي تہ جلد ئي حالتون سڌري وينديون ۽ اهي پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ويندا. اهڙي ريت هو ان ملڪ ۽ اتان جي ماڻهن کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ چاهي ٿي. ڪيس اهو موقعو ان وقت ملي ٿو جڏهين هو قاهره ۾ ٽائم مئگزين پاران پنهنجي پيشہ ورانا ڪم جي سلسلي ۾ رهيل هجي ٿي. ساڻس گڏ رهندڙ سندس هڪ ايراني دوست سندس ايران متعلق ان تجسس کي اجا گهڻو وڌائي ڇڏي ٿي. ان دوران ۾ ئي ايران ۾ حڪومت خلاف شاگردن ۽ عام ماڻهن جا مظاهرا شروع ٿي وڃن ٿا ۽ ملڪ کان ٻاهر وينل ايراني ان مان فوري طور اهو تاثر وٺن ٿا تہ اها هڪ نئين انقلاب جي شروعات آهي ۽ منجهن پنهنجي وطن موٽڻ جي هڪ نئين اميد ۽ جذبو جنم وٺي ٿو. ان ڪري جڏهين موئني کي مئگزين پاران ان صورتحال کي ڪور ڪرڻ لاء ايران وڃڻ لاء چيو وڃي ٿو تہ هو ان ڳالهہ جي باوجود تہ ڪيس سندس والدين ۽ ٻين مٽن مائٽن پاران اتي اڪيلي وڃڻ جي خطرن کان آگاه ڪندي اتي وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو هو اوڏنهن وڃڻ ۾ ڪا دير ئي نہ ٿي ڪري ۽ ان ڳالهہ

جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ته اتي سندس رهڻ وغيره جو بندوبست ڇا هوندو ۽ حڪومت جو ساڻس ڇا رويو هوندو فوري طور وڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي.

هو جنهن ايران ۾ پهچي ٿي اهو ان کان بلڪل مختلف هجي ٿو جيڪو سندس ذهن ۾ موجود هو ۽ جنهن متعلق هن قصا ڪهاڻيون پڙهي هڪ تصور جوڙيو هو. هو سياستدانن، شاگردن، تبديلي جي تحريڪ جي اڳواڻن، صحافين ۽ مختلف عام ماڻهن سان ملي ٿي ۽ اهو ڏسي ٿي ته انهن نين حالتن سان ڪيئن مطابقت پيدا ڪئي هئي ۽ انهن جي روين ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون هيون. هو اهو ڏسي ٿي ته ٻاهرين دنيا ۾ جيئن ايران کي سياسي طور ٽي ٻن گروهن، بنياد پرست ملن ۽ صدر خاتمي جي حامين، جيڪي مذهبي دائري ۾ رهندي نظام ۾ ڪي تبديليون آڻڻ چاهين ٿا، ۾ ورهايل ڏيکاريو وڃي ٿو ائين ناهي پر هتي هڪ ٽيون گروهه يعني اهڙا ماڻهو به موجود آهن جيڪي مذهبي عالمن جي سياست ۾ مداخلت کي پسند نه ٿا ڪن ۽ مذهب کي سياست کان بلڪل ڌار رکڻ چاهين ٿا. انهن ماڻهن لاءِ ايران جو قومي مفاد سڀ کان اتم هوندو آهي ۽ ضروري ناهي ته سيڪيولرزم ۽ جمهوريت جي ڳالهه ڪرڻ جي ڪري اهي يورپ ۽ آمريڪا جا حامي هجن. هو ملڪ ۾ هڪ ڇڪتاڻ ۽ اڻ تڻ واري ڪيفيت محسوس ڪري ٿي. هڪ اصلاح پسند صدر ۽ پارليامينٽ هئڻ جي باوجود عدليا ۽ فوج تي بنياد پرستن جو قبضو هجي ٿو جيڪي تبديلي جي هر ڪوشش ۾ رڪاوٽون حائل ڪن ٿا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ولايت فقيہ جو ادارو موجود آهي جنهن تحت خوميني کان پوءِ خامنئي کي جڻ هڪ لحاظ کان رياست جي سيني معاملن تي ويٽو پاور حاصل آهي ۽ تبديلي جي ڪا به ڪوشش سندس منظوري کانسواءِ ڪامياب نه ٿي ٿي سگهي. اصلاح پسندن جون گرفتاريون ۽ انهن کي هيسائڻ لاءِ مختلف طريقن جو استعمال ۽ مخالف اخبارن تي بندش عام طريقا آهن.

ليڪڪا اصلاح پسندن جي انهن ڏکيائين ۽ رڪاوٽن جو ذڪر ته ڪري ٿي پر ساڳي وقت اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته اهي پاڻ تبديلي جي حوالي سان ماڻهن کان وڌيڪ مذهبي اسٽيبلشمنٽ جي ويجهو هئا. منجهانئن گهڻا ماضي ۾ انهن جي بنياد پرست پاليسين جو حصو رهي چڪا هئا. هو اصغر زادي نالي هڪ اهڙي اصلاح پسند اڳواڻ سان پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪري ٿي جيڪو آمريڪي سفارتخاني تي قبضي ۽ سفارتڪارن کي يرغمال ڪرڻ وارن ۾ شامل هو. اهي پنهنجي سياست جي حوالي سان مذهب جي دائري مان نڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. سندن مقصد ايران ۾ هڪ مذهبي جمهوريت قائم ڪرڻ هو. انهن هڪ لحاظ کان اهو سمجهيو ٿي ته تبديلي جي خواهش رکندڙ ماڻهن لاءِ سندن ساٿ ڏيڻ کانسواءِ ٻي ڪا واٽ نه هئي. ان جي باوجود ته اصلاح پسندن جي ڪري ايران جي سماج ۽ ماڻهن جي روزمره جي زندگي ۾ گهٽيون تبديليون واقع ٿيون هيون پر ماڻهو سياسي سطح تي جنهن اظهار جي آزادي ۽ سيڪيولر جمهوريت جا خواهش مند هئا اها ڪانئن گهڻو پري هئي ۽ اها ڳالهه اصلاح پسند صدر ۽ ان جي ساٿين جي ايجنڊا جو حصو به نه هئي. ماڻهو سندن ان روئي ۽ پاليسين جي ڪري ڪانئن مطمئن نه هئا. ان ڳالهه کي صدر خاتمي، جيڪو لباس وغيره جي لحاظ کان هڪ نفيس طبيعت جو مالڪ، ٽي ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ اولهه جي فلاسافرن کان واقف شخص هو، چڱي ريت سمجهندو هو. ان ڪري ڪيس سندس ويجهن ماڻهن پاران اها صلاح ڏني ويئي هئي ته هو ٻيهر 2001 جي صدارتي چونڊن ۾ حصو نه وٺي. پر هن صدارتي چونڊ لاءِ پنهنجو فارم داخل ڪري ڇڏيو. ايران ۾ انقلاب

ڪانپوءِ ٽيندڙ چوندن ڪي پنهنجين سيني حدبندين ۽ بندشن جي باوجود وچ اوڀر جي ملڪن ۾ ٽيندڙ چوندن جي حوالي سان بهتر ليکي سگهجي ٿو جتي ماڻهو جي ووٽ جو قدر ۽ فيصلي ۾ انهن جو حصو رهيو آهي. چوندن جي ان مهم جو ذڪر ليکڪا خرم شهر، جتي هو خاتمي سان گڏ هئي، ۾ صدر جي بيوسي جو ذڪر ڪري ٿي جڏهين ماڻهن سان خطاب ڪندي سندس اکين مان ڳوڙها زاروقطار وهي رهيا هئا ۽ هو پنهنجي بيوسي جو اظهار ڪري رهيو هو ۽ ساڻس گڏ ليکڪا سميت جيڪي ماڻهو موجود هئا سيني جا ڳوڙها وهي رهيا هئا.

ان سڄي سياسي بيچيني ۽ خاص طور تي نوجوانن ۽ شاگردن ۾ تبديلي جي خواهش جي باوجود ليکڪا هڪ نهايت اهم لاڙي جو ذڪر ڪري ٿي. سندس چوڻ آهي ته جلاوطن ايرانين لاءِ ته هڪ ٻيو انقلاب جيڪو ملڪ مان ملن جي راڄ کي ختم ڪري ۽ هڪ سيڪيولر جمهوريت جو باعث بڻجي ئي مسئلي جو حل آهي پر هن جڏهين ان تحريڪ جي مهڙ ۾ هلندڙ شاگردن ۽ ٻين ماڻهن سان ملاقاتون ڪئي ته انهن اها عجيب ڳالهه ڪئي ته ڪين هڪ ٻيو انقلاب نه گهرجي. هو چاهين ٿا ته ملڪ ۾ ترقي جو عمل هلي ۽ ان نظام ۾ ئي تبديلين وسيلي هو پنهنجا حق حاصل ڪن. هو پاڻ ان مان اهو نتيجو ڪڍي ٿي ته اهڙي ريت ته ملڪ ۾ ملن جو راڄ هميشه قائم رهندو ۽ ان ۾ ڪا بنيادي تبديلي نه اچي سگهندي. اهو سوال پنهنجي جاءِ تي گهڻي اهميت رکي ٿو.

# ايران: ماڻهن ۽ حڪومت جي اڪيڙ

ايران ۾ مذهبي عالمن جي حڪومت سنڀالڻ ڪانپوءِ سماجي طور تي هڪ اهم تبديلي اها آئي آهي ته شاه جي دور جو حڪمران شاهوڪار طبقو جيڪو اولهه جي طرز تي پنهنجي زندگي گذاريندو هو پوئتي ڌڪجي ويو آهي ۽ ان جي جاءِ تي شهرن ۽ ٻهراڙين جو روايتن سان لاڳاپيل غريب ۽ هيٺين وچولو طبقو مذهبي عالمن جي اڳواڻي ۾ طاقت ۾ اچي ويو آهي جيڪو پنهنجي زندگي جو نڪته نظر سڄي ملڪ تي مڙهڻ چاهي ٿو. شهرن ۾ رهندڙ ان شاهوڪار طبقي کي هو جنهن نظر سان ڏسن ٿا ان جي هڪ جهلڪ گارجين جي تهران بيورو جي صحافي جي ذڪر ڪيل هڪ واقعي مان پئي ٿي. سندس چوڻ آهي ته هڪ ڀيرو اهي ڪجهه دوست تهران جي اتر ۾ جبلن تان گهمي واپس پئي موٽيا ته ڪين هڪ ڳوٺ وٽ محافظن پاران روڪيو ويو. کين چيو ويو ته ڇا اسان کي اها خبر ناهي ته جبلن تي اوهان کهڙيون عياشيون ڪرڻ ٿا وڃو. حالانڪه ڏنو وڃي ته اهڙي ڪابه ڳالهه نه هئي. منجهانئن هڪ ڄڻي کين مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان تهران وارا نيٺ پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا. ڀ تي اولهه جي فلاسافرن جا نالا ڪڻندي ان چيو ته ڇا اهي ڀ تي ڪتاب پڙهي اوهان معتبر ٿي ويا آهيو، اسان ٻه اهو سيڪجهه پڙهيو آهي. اهڙيون ۽ ٻيون ڪجهه ڳالهيون چئي ليڪچر ڏيڻ کان پوءِ هن انهن کي وڃڻ جي اجازت ته ڏيئي ڇڏي پر ان صحافي جو چوڻ آهي ته اها ان وقت کان اهو سوچيندي رهي آهي ته نيٺ ان شخص جي اهو سيڪجهه چوڻ جو مطلب ڇا هو. جيتوڻيڪ مطلب بلڪل صاف آهي. رڳو ايران ۾ نه پر پاڪستان ۽ ٻين مسلم ملڪن ۾ به مذهب رڳو مذهبي عالمن ۽ مذهب سان لاڳاپيل ماڻهن جو هڪ نظرياتي ۽ زندگي جي نڪته نظر جو مسئلو ناهي پر اهو ساڳي وقت هيٺين ۽ روايتي طبقن کي ملڪ جي ايليٽ خلاف، جيڪو سندن چواڻي ته مذهب کان هٽيل ۽ استعماري ملڪن ۽ قوتن جو آله ڪار آهي، پنهنجي طاقت جو احساس ۽ نفرت جي اظهار جو هڪ موقعو به فراهم ڪري ٿو.

انقلاب سماجي لحاظ کان مختلف طبقن کي مختلف طريقن سان متاثرڪندو آهي. ايران ۾ ان غريب ۽ هيٺين وچولي طبقي جي عورتن کي هڪ لحاظ کان چار ديوارين کان ٻاهر نڪرڻ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جو تحرڪ ڏنو جيڪو اڳ نه هو ۽ اهي ماڻهو پنهنجين عورتن کي گهرن تائين محدود رکڻ ئي ڪافي سمجهندا هئا. جيتوڻيڪ ان تعليم کان پوءِ سندن لاءِ وڌيڪ اڳتي وڌڻ ۽ روزگار جا موقعا محدود هئا. جڏهين ته مٿئين طبقي ۽ خاص طور تي عورتن لاءِ ته ان ملڪ کي ڄڻ هڪ جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. شاه جي دور ۾ کين لباس ۽ گهمڻ ڦرڻ وغيره جي سلسلي ۾ جيڪا آزادي حاصل هئي اها ختم ٿي ويئي. انقلاب جي شروع کان ئي مذهبي قانونن کي استعمال ڪندي ايران جي حڪمران طبقي ماڻهن تي گهڻيون پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون. عورتن جي لباس ۽ عورتن مڙدن جي گڏجي گهمڻ ڦرڻ تي خاص نظر رکي ٿي ويئي ۽ انهن جي خلاف ورزي ڪندڙن کي مختلف سزائون ڏنيون ٿي ويون. جيئن ملڪ تي انهن جو سياسي ضابطو مضبوط ٿيندو ويو ۽ مزاحمت ختم ٿيندي

ويئي تيئن انهن پابندين تي عملدرآمد ۾ سختي ايندي ويئي. نوي جي ڏهاڪي جي آخر ۾ اصلاح پسندن کي سياسي ڪاميابين حاصل ٿيڻ سان جيتوڻيڪ صورتحال ۾ ڪجهه سڌارو آيو پر ساڳي وقت قدامت پسندن پاران ان سلسلي ۾ اجا وڌيڪ سختي ٿيڻ شروع ٿي. آزادي موئني 2000 جي گرمين ۾ جڏهين هو بيروت ۾ هئي اهڙي هڪ سزا جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿي ته جن عورتن کي سندن ٽنگن نه ڍڪيل هئڻ ڪري پڪڙيو ويندو هو انهن جي ٽنگن کي ڪاڪروچن سان ڀريل بالٽي ۾ وڌو ويندو هو ۽ سندن پيرن تي باقاعدي رنگ جو ڦوهارو هنيو ويندو هو جيڪو گهٽ ڏينهن تائين نه لهندو هو ۽ کين پنهنجي سزا جو احساس ڏياريندو رهندو هو. عورت ۽ مرد جو گڏجي هلڻ پوء پلي اهي زال مڙس هجن، ڀيءُ ڌيءَ هجن يا پاءُ پيڻ هجن سندن لاءِ مسئلن کي جنم ڏيندو آهي. کين پنهنجي تعلق جي ثابتي ڏيڻي پوندي آهي ۽ ٿوري به شڪ پوڻ تي ٻنهي تي تشدد ڪرڻ ۽ ماڻهن آڏو ڦٽڪن جي سزا ڏيڻ هڪ عام ڳالهه آهي. حڪومت پاران ماڻهن جي ڀلائي وارن ڪمن تي توجهه ڏيڻ جي بجائي تازو اهڙي اخلاقي پوليس جي تعداد ۾ ست هزار واڌاري جو فيصلو ڪيو ويو آهي جيڪي لڪل نموني مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻندا ۽ عورتن جي لباس وغيره جي پابندي جي سلسلي ۾ اجا وڌيڪ سختي ڪندا. ان ملڪ جي مختلف حلقن ۾ تشويش پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ ايران جي مختلف حلقن پاران ان جي ننداڪندي ان فيصلي کي واپس وٺڻ لاء چيو ويو آهي. ايستائين ته صدرروحاني ان تي ڳالهائيندي چيو آهي ته قانون تي عمل ڪرڻ وقت ماڻهن جي وقار ۽ انسانيت جو خيال رکيو وڃي.

پر اها ايراني ماڻهن ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ هڪ لاڳيتي جدوجهد آهي. ماڻهن زندگي کي ترڪ ناهي ڪيو پر نئين صورتحال سان مطابقت پيدا ڪرڻ لاء پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي اظهارلاء اهڙن موقعن جي چونڊ ڪئي آهي جنهن تي اعتراض جي گنجائش گهٽ ئي نڪري ٿي. ماڻهو محرم، عاشوري ۽ ٻين مذهبي تهوارن جو بيچيني سان انتظار ڪندا آهن جڏهين کين وڏي تعداد ۾ جلسن جلوسن جي صورت ۾ شهر ۾ نڪرڻ جي آزادي هوندي آهي. اهو اهڙو موقعو هوندو آهي جڏهين جلوسن ۾ شامل ڇوڪريون ميڻ بتيون ڪٽي نڪرنديون آهن جن جي هيٺان ڪاغذ جون پرچيون هونديون آهن جن تي ٽيليفون نمبر لکيل هوندا آهن جيڪي مختلف طريقن سان جلوس جي پاسن کان بيٺل ڇوڪرن تائين پهچندا آهن ۽ اهڙي ريت هڪ تعلق قائم ڪندا آهن. ايران جي فٽ بال ٽيم جا ميچ ماڻهن جي لاءِ پنهنجي اوبر ڪڍڻ جو هڪ ٻيو ذريعو هوندا آهن. ان ۾ ان ڳالهه جي اهميت نه هوندي آهي ته ٽيم جي ڪارڪردگي ڇا آهي ۽ اها مئچ ڪٽي ٿي يا هارائي ٿي، ٻنهي تي ساڳي نموني جو هڪ خوشي ۽ جشن وارو ردعمل ڏيکاريو ويندو آهي. اهڙن موقعن تي اخلاقي پوليس پاسن کان بيٺل هوندي آهي ۽ سڀڪجهه ڏسندي واسندي به ڪجهه نه ڪري سگهندي آهي جيستائين معاملو پنهنجي دائري مان نه ٿو نڪري. متحده عرب امارات سان اهڙي هڪ هارايل مئچ جو ذڪر ڪندي آزادي موئني ٻڌائي ٿي ته سڄي تهران ۾ مختلف هنڌن تي ماڻهو جڻ هڪ جشن ملهائڻ لاء نڪري آيا هئا جنهن دوران خميني مرده باد جو نعرو هڻندي ڪو ماڻهو موٽر سائيڪل ڊوڙائيندو نڪري ويو ۽ ڪنهن شي

ڪي تيلي ڏيڪاري باه ٻاري ڇڏي جنهن سان جڻ ماڻهن ۾ هڪ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي ۽ محافظن ڪي ماڻهن تي تشدد ڪرڻ جو هڪ موقعو هٿ اچي ويو. هو پنهنجي هڪ دوست سان گڏ ان واقعي ڪي ڪور ڪري رهي هئي پر هو ان تشدد کان پاڻ ڪي بچائي نہ سگهي. لنيون ڪائي، پڪڙجڻ کان بچڻ لاءِ ميلن تائين ڊوڙي هو گهر پهچي تي پر ڦٽن ۽ جسماني تڪليف مان نڪرڻ کان پوءِ بہ هڪ ڊگهي عرصي تائين هو ان نفسياتي ڪيفيت مان نہ نڪري سگهي ۽ سندس چوڻ آهي تہ هو ماڻهن جي ميڙن جي ويجهي وڃڻ کان بہ ڪيٻائيندي هئي ۽ پنهنجي رپورٽنگ لاءِ پنهنجين ساٿين کان مدد وٺندي هئي.

ساڳي ريت تهران ۾ اهڙا فيشن ڊيزائنر اچي ويا جن پيرس ۽ ٻين مختلف هنڌن تان تربيت حاصل ڪئي آهي. حجاب ۽ مذهبي ڪپڙن جي حوالي سان انهن اهڙي نواڻ متعاف ڪرائي آهي جنهن جو مقصد قانون جي پابندي ڪرڻ ۽ ساڳي وقت لباس ۽ ان جي پائيندڙ جي سونهن کي بہ وڌائڻ آهي.

بهرحال ماڻهن ڪي اهو سيڪجهه ڪرڻ جي آزادي ڏيڻ ۽ ان کي نظر انداز ڪرڻ جو مقصد انهن کي ان حد تائين پنهنجي اوبر ڪيڻ ڏيڻ آهي جتي سياسي حڪمراني ۽ نظام لاءِ ڪو جوکم پيدا نہ ٿئي. ان مقصد لاءِ وقت بوقت رياستي طاقت جو استعمال ڪندي اها پڪ ڪئي تي وڃي تہ ماڻهو ان حد کان ٻاهر نہ نڪرن.

# امازون جي پراسرار دنيا ۽ جديد دنيا جا ماڻهو

هي اسرارن سان ڀريل هڪ دلچسپ دنيا آهي. زمين هجي يا آسمان ماڻهو ڪنهن هڪ نڪتي تي نہ ٿو بيهي سگهي. هو گهڻين ڪوششن جي باوجود بہ ان جي انت تائين نہ پهچي سگهيو آهي ۽ شايد پهچي بہ نہ سگهي.

زمين تي گهڻيون اهڙيون جايون آهن جيڪي انسان جي لحاظ کان غير آباد آهن ۽ جيڪڏهين اتي ڪا آبادي آهي بہ تہ ان جو جديد دنيا سان ڪو لاڳاپو ۽ واسطو ناهي.

لاطيني آمريڪا جي امازون جهنگل کي اهڙين جاين ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. اهو گهڻن ملڪن تي ڦهليل هڪ وسيع جهنگل آهي. اهو هر قسم جي وسيلن ۽ جيوت سان مالامال آهي. دنيا جي وڏن دريائن، آبشارن ۽ چشمن سان گڏوگڏ پکين، جانورن ۽ وڻن ۽ ٻوٽن جا سوين قسم هتي موجود آهن. انهن مان گهڻا دنيا جي ٻين حصن ۾ ختم ٿي چڪا آهن پر هتي جديد دنيا جي انسان جي دخل اندازي گهٽ هئڻ ڪري اهي اجا تائين باقي آهن. تخليقي ذهن جي حوالي سان ڏسجي تہ هتي انسان جا اهڙا قسم بہ آهن جن جو مڪمل طور ارتقاء نہ ٿي سگهيو آهي ۽ اهي سوين بلڪ هزارين سالن کان ساڳي حالت ۾ موجود آهن.

هڪ لحاظ کان اهو جهنگل قدرت جو ڪرشمو آهي پر نفعو، لالچ ۽ لوڀ سيني قدرن ۽ فطرت جي سونهن تي حاوي ٿي ويئي آهي. هن وقت امازون هڪ وڏي خطري کي منهن ڏيئي رهيو آهي. مختلف طريقن سان جهنگل کي ختم ڪيو پيو وڃي. هتي سون جي کاڻين ۽ سون جي ذخيرن ۽ ٻين قيمتي ڌاتن جي هئڻ واري ڳالھ تہ گهڻي پراڻي آهي ۽ ان لاءِ گهڻا مهم جو جوکم کڻي هتي ايندا رهيا آهن. پر هاڻي باقاعدي منظم نموني سان اهو ڪم شروع ڪيو ويو آهي جنهن ۾ لاڳاپيل ملڪن جون حڪومتون، خاص طور آمريڪا جون گهڻ قومي ڪمپنيون ۽ مقامي مافيا شامل آهن. پنهنجي ڪم کي سولو ڪرڻ لاءِ جهنگل جي وچ مان هائي وي ٺاهيو پيو وڃي. مختلف وقتن تي عدالتن پاران منع نامي جي باوجود اهو ڪم جاري رهيو آهي. ان ڪم ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ هتي صدين کان رهندڙ ماڻهو بہ آهن جن کي مختلف طريقن سان اتان لڏائڻ ۽ مارڻ جا طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا. ان سڄي صورتحال کي ڏسندي اهو خدشو هاڻي پڪ ۾ بدلجي ويو آهي تہ ڪجھ عرصي کانپوءِ امازون جي جهنگل واري حيثيت ختم ٿي ويندي جنهن جا اثر پوري دنيا جي ماحوليات تي پوندا.

ان سڄي صورتحال کي ناول نگار آئيزيبل آلندي پنهنجي ناول City of Beast ۾ مختلف ڪردارن وسيلي نهايت سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. اها ڳالھ مشهور ٿئي ٿي تہ جهنگل ۾ هڪ اهڙو وحشي جانور آهي جيڪو ماڻهن ۽ ٻين جانورن کي ماري ٿو پر ان کي ڪنهن ڏٺو نہ ٿو هجي. هو جتان گذري ٿو اتي گهڻي وقت تائين سندس بو رهي ٿي جنهن سان ماڻهو ۽ جانور بيهوش ٿي وڃن ٿا.

انٽرنيشنل جاگرافڪ مئگزين پاران هڪ ٽيم ٺاهي وڃي ٿي جنهن جو ڪم ان جانور جي ڳولها ۽ ان بابت لکڻ هجي ٿو. ان ٽيم ۾ علم الانسان جو هڪ ماهر، ٻہ ٽي وي جا فوٽو گرافر، مئگزين جي هڪ ليکڪا ۽ سندس پوٽو اليگزينڊر، هڪ ڊاڪٽر، گائيڊ ۽ سندس ڌي ناديا شامل هجن ٿا. اها ٽيم

جڏهين امازون ۾ داخل ٿئي ٿي ته ان لاءِ چئڻ ته دنيا ئي نئين هجي ٿي. هو دنيا جي ٻئين نمبر وڏي دريا امازون ۽ ٻين ننڍين دريائن ۾ ٻيڙين تي سفرڪن ٿا. اهو هڪ ڏکيو ۽ وڏو سفر هجي ٿو جنهن دوران اهي پنهنجي کاڌي لاءِ جانورن ۽ پکين جو به شڪار ڪن ٿا ۽ نانگ بلائون به کائين ٿا. اهي گهڻي ڀاڱي برازيل جي علائقي ۾ هجن ٿا جڏهين ته ڪٿي ان جي سرحد وينزويلا سان به ملي ٿي. هتي مختلف جاين تي حڪومت پاران مقامي ماڻهن جي حفاظت لاءِ فوج مقرر هجي ٿي. ٽيم جي ملاقات هڪ اهڙي فوجي ڪمانڊر سان ٿئي ٿي. پر ان ڪمانڊر جو علائقي جي اهڙن ماڻهن سان ڳٺ جوڙ هجي ٿو جن جو مقصد امازون جي دولت ۽ هتان جي ماڻهن کي ختم ڪرڻ هجي ٿو.

ٽيم جيئن دريا ۽ جهنگل ۾ اڳتي وڌي ٿي تيئن ان لاءِخطرا وڌندا وڃن ٿا. کين ائين لڳي ٿو ته مٿن نظر رکي پيئي وڃي. پر کين ڪو نظر نه ٿو اچي. سندن ڪو ڪو ماڻهو اوچتو غائب ٿي ٿو وڃي ۽ پوءِ ان مان ڪن جو خراب حالت ۾ لاش ٿو ملي. هڪ فوٽو گرافر کي دريا ۾ هڪ وڏو ازدهو وڪوڙي ٿو وڃي. ان کي ان مان آجو ته ڪيو وڃي ٿو پر سندس سڄو جسم چچرجي وڃي ٿو.

انٿراپولوجسٽ جيڪو اڳ امازون ۾ مقامي ماڻهن سان رهي ويو هو ۽ دنيا ۾ علائقي جي ماهر طور ڄاتو ويندو هو ان جو هتان جي ماڻهن متعلق ڪو چڱو رايو نه هو. سندس چوڻ هو ته اهي وحشي ۽ آدمخور آهن ۽ مٿن ڪنهن به ريت ڀروسو نه ٿو ڪري سگهجي ۽ ان ڪري ٽيم کي واپس موٽڻ گهرجي. جڏهين ته گائيڊ ۽ سندس ڌي، جيڪي هڪ ڊگهي عرصي کان هتي رهيل هئا ۽ نه رڳو سندن هتان جي ماڻهن سان واسطو هو پر اهي انهن جون ڪجهه ٻوليون به ڳالهائيندا هئا، بلڪل مختلف رائي جا هئا. ٽيم جي ٻين ميمبرن جو به اهو ئي خيال هجي ٿو ته سفر جاري رهڻ گهرجي ۽ جنهن وحشي جانور جي ڳولها ۾ نڪتا آهيون ان کي پورو ٽيڻ گهرجي.

بهرحال کين اهو محسوس ٿئي ٿو ته مٿن نظر رکي پيئي وڃي پر ڪير کين نظر نه ٿو اچي. هڪ رات اليگزينڊر ۽ ناديا جيئن رات جو چڪر لاءِ نڪرن ٿا ته نظر نه ايندڙ قبيلي جي ماڻهن جي هٿان اغواء ٿي وڃن ٿا. هن قبيلي جي ماڻهن جي اها خاصيت هجي ٿي ته اهي جڏهين چاهين تڏهين ائين غائب ٿي سگهن پيا جو ڪنهن کي نظر نه اچن. اهي کين مٿي جبل تي نهيل پنهنجي ڳوٺ ۾ وٺي ٿا وڃن. منجهن عورت ۽ مرد ۾ ڪا تفريق نه ٿي هجي. سردار جي مرڻ ڪانپوءِ سندس زال قبيلي جي سردار ٿئي ٿي ۽ اليگذينڊر ۽ ناديا کي اها ذميواري ڏني وڃي ٿي ته اهي انهن نظر نه ايندڙ ماڻهن جا ٻي دنيا سان رابطي لاءِ نمائندا هوندا. جادوئي حقيقت پسندي جي انداز ۾ لکيل هن ناول ۾ انهن ٻنهي ۾ جانورن جون خاصيتون هجن ٿيون جيڪي سندن مختلف معاملن ۾ رهنمائي ڪن ٿيون. اليگذينڊر ۾ جهنگلي ٻلي ۽ ناديا ۾ عقاب جون خاصيتون هجن ٿيون. ساڳي وقت ناديا جي انهن ماڻهن جي بزرگ ولي مائي، جنهن جو سندن خدائن سان رابطو هجي ٿو، سان پڻ دوستي هجي ٿي. ولي مائي انهن ٻنهي کي جبلن ۽ غارن جي اهڙي پراسرار سلسلي مان وٺي وڃي ٿو جتي هزارين سالن کان ڪنهن انسان پير نه پاتو هو. هو اهڙي جاءِ تي پهچن ٿا جتي کين لڳي ٿو ته هر شي سون جي نهيل آهي پر اهو سون نه هو ۽ اهي شيون مختلف ڪيميڪل وغيره جي ڪري ائين نظر آيون ٿي. اتي انهن ٻنهي کي هڪ نه پر ٻارنهن ٻارنهن اهي جانور نظر اچن ٿا جنهن جي ڳولها ۾ ان ٽيم امازون جو اهو ڏکيو سفر ڪيو هو. ولي مائي کين ٻڌائي ٿو ته اهي اسان جا خدا آهن. اهي بلڪل نظر نه ايندڙ قبيلي جي ماڻهن جيان

ڳالهائي رهيا هئا. ولي مائي انهن کي اليگذيندر ۽ ناديا متعلق ٻڌائي ٿو ته سردار جي مري وڃڻ ڪانپوء نئين سردار انهن کي ٻاهرين دنيا سان رابطي لاء نمائندو مقرر ڪيو آهي. ولي مائي جڻ ان قبيلي جي ماڻهن ۽ خدائن وچ ۾ رابطو هو ۽ انهن کي سيني خبرن کان آگاه رکندو هو. اهڙي ريت انهن کي هر ڳالهه جي خبر هوندي هئي. ولي مائي ٻڌائي ٿو ته انهن خدائن جي سوين سال عمر آهي ۽ انهن جو هلڻ چلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ آهستگي سان هوندو آهي.

سڄي پراسرار دنيا گهمڻ ڪانپوء اهي جڏهين موٽن ٿا ته ڪين مٿي جبل تي نظرنه ايندڙ ماڻهن جي ڳوٺ وٽ هڪ هيلي ڪاپٽر بينل نظر اچي ٿو جيڪو اليگذيندر ۽ ناديا جي ڳولها ۾ اتي پهتو هو پر ساڳي وقت قبيلي جا ماڻهو غائب ٿي وڃن ٿا. گهڻي انتظار ڪانپوء جڏهين هو نه ٿا موٽن ته ڊاڪٽر ناديا ۽ اليگذيندر کي چئي ٿي ته اهي انهن کي موٽڻ لاء قائل ڪن ته جيئن هو پنهنجو ويڪسين هڻڻ وارو ڪم مڪمل ڪري. هو اهو ڪم ته ڪن ٿا پر ان دوران ڪين اها خبر به پئي ٿي ته ڊاڪٽر جو ان همراه سان ڳٺ جوڙ آهي جنهن جي علائقي جي وسيلن تي نظرآهي ۽ جيڪو هتان جي ماڻهن کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو. ڊاڪٽرجون اهي ويڪسين دراصل بيمارين کان محفوظ رهڻ جي بجائي بيمارين کي ڦهلائڻ لاء هيون ۽ عين وقت تي ڊاڪٽر جي اهڙي ڪوشش کي ناڪام بڻايو وڃي ٿو.

پنهنجي ان سڄي تجربي سان گڏ اها ٽيم واپس موٽي ٿي. جيتوڻيڪ ان قبيلي وارن ۽ سندن خدائن کي في الحال ته ڪو ضرر نه ٿو پهچي ۽ اهي محفوظ رهن ٿا پر اها ڳالهه ته پنهنجي ليکي آهي ته امازون جي وسيلن تي جن ماڻهن ۽ قوتن جي نظر آهي انهن کان اهو سڀڪجهه گهڻي عرصي تائين محفوظ نه رهي سگهندو.

# هي اوجاڳو اجا ڪيترو ڏگهو ٿيندو؟

انور ابڙو جو تازو ڪتاب اڌ صديءَ جو اوجاڳو ڪجھ وقت اڳ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. انور سنڌي ليکڪن جي ان پيڙهي مان آهي جن جي لاءِ سنڌ هڪ مقصد ۽ لکڻ هڪ پيشي کان وڌيڪ مشن رهيو آهي. ان ٿهي جو واسطو ساڳي وقت عوام دوست سياست، ادب ۽ صحافت سان رهيو آهي. فقير محمد لاشاري، انور پيرزادو ۽ بدر ابڙو جو تسلسل ۽ هڪ لحاظ کان انهن جي تربيت هيٺ رهندڙ نسل ئي آهي جنهن ادب ۽ سياست کي گڏي هلايو ۽ جن جي لاءِ سنڌ هڪ جاگرافيائي ايکي کان وڌيڪ هڪ رومانس آهي ۽ سندن لاءِ محبوب ۽ سنڌ ۽ ان جا ماڻهو گڏجي هڪ ٿيو تا وڃن. اهڙي ريت سندن صحافتي ۽ ادبي لکڻين ۾ فرق ڪرڻ ڏکيوٿي پوندو آهي. اهڙا مثال دنيا جي ٻين اديبن جي سلسلي ۾ به ملن ٿا. خاص طور جڳ مشهور ليکڪ گارشيا مارڪيز جو مثال ان سلسلي ۾ ڏيئي سگهجي ٿو.ان ۾ ممڪن آهي ته ليکڪ پنهنجي صحافتي لکڻين ۾ موضوعيت جو شڪارٿي ڪنهن حد تائين معروضيت کان پري هليو ويندو هجي پر سندس پنهنجي وطن ۽ ماڻهن سان ڪمٽمنٽ سندس لکڻين کي هڪ نئون رنگ ڏيئي ٿي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجن ماڻهن ڏانهن ذميوار محسوس ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ جو اٽڪل ٽيرنهن چوڏنهن سالن جو پورهيوآهي. مختلف اخبارن ۾ شائع ٿيل انهترچوندہ مضمونن ۽ ڪالمن کي شامل ڪيو ويو آهي. اهم موضوع جيتوٽيڪ سنڌ ئي آهي پر دنيا به مجموعي طور تي لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي. نئين صدي جا اهي شروعاتي سال نه رڳو سنڌ پر پوري دنيا لاءِ اهم واقعا کڻي آيا آهن. جيڪي اميدون گذريل صدي جي آخري سالن ۾ مايوسين ۾ بدلجي ويون انهن هڪ ڀيرو ٻيهراهو پيغام ڏيڻ شروع ڪيو ته اجا سڀڪجھ ختم ناهي ٿيو. خاص طور تي عرب بهار اسانجي پاسي جي ملڪن ۽ ماڻهن کي هڪ نئون اتساه ڏنو. گلوبلائزيشن مخالف تحريڪ اهو ٻڌايو ته سرمايادار دنيا جي اڳواڻ ملڪن ۾ به سڀڪجھ نيڪ ناهي ۽ اتان جو پورهيت ۽ عام ماڻهو به انهن ملڪن ۾ جيڪي ڪجھ ٿي رهيو آهي ان مان مطمئن ناهي. انهن تبديلين هڪ ته اهو ٻڌايو ته دنيا موضوعي ۽ معروضي ٻنهي طريقن سان تبديل ٿي چڪي آهي. ٽيڪنالاجي ۽ خاص طور تي سوشل ميڊيا ماڻهن کي منظم ڪرڻ وارن پراڻن طريقن، وڏن اڳواڻن جي تقريرن، جلسن ۽ جلوسن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ساڳي وقت جيئن گلوبلائزيشن مخالف تحريڪ جي هڪ اڳواڻ جو چوڻ آهي ته ان تحريڪ مان نظريو پڻ غائب ٿي ويو آهي. تاريخ ۾ هيستائين جيڪي به تحريڪون اٿيون آهن ۽ انقلاب آيا آهن اهي ان کان قطع نظر ته ڪيترو ڪامياب يا ناڪام ٿيا آهن سماج کي متاثر ۽ ان کي تبديل ڪرڻ ۾ هڪ ڪردار ضرور ادا ڪيو آهي. نه رڳو انهن تحريڪن جي اثرن ۽ انهن جي نتيجن وغيره تي بحث هڪ ڏگهي عرصي تائين ٿيندو رهندو پر دنيا انهن جي اثرن کي پڻ محسوس ڪندي.

جيتوٽيڪ سنڌ جا ڪي مخصوص مسئلا آهن پر دنيا سياسي، سماجي ۽ معاشي لحاظ ان حد تائين هڪٻئي سان ڳنڍجي چڪي آهي جو ان جي هڪ گلوبل وليج ته پري جي ڳالهه آهي پر هڪ گلوبل فيميلي هئڻ ۾ به ڪو شڪ نه رهيو آهي. اهڙي ريت سنڌ به هڪ ڏار بيٺ نه پر ان سڄي ماحول

جو حصو آهي ۽ ان کي اهڙي ريت ئي ڏسڻ گهرجي. ليکڪ انهن تحريڪن جي حوالي سان بحث ڪيو آهي ۽ جيئن مضمون عرب اسپرنگ، سنڌ سمر ۾ انهن کي سنڌ جي صورتحال سان ڳنڍڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. ليکڪ ليبيا ۽ مصر جي صورتحال سان بحث ڪئي آهي ۽ان سلسلي ۾ پنهنجونڪتہ نظر ڏنو آهي. بهرحال انهن ملڪن ۾ اجا تائين بہ ڪا ڳالهہ حتمي ناهي ۽ صورتحال لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي. جيئن تازو ليبيا ۾ ٿيندڙ واقعن مان ظاهر آهي ۽ مصر ۾ لاڳيتو هڪ بيچيني واري ڪيفيت آهي. تيونس، شام ۽ يمن متعلق تفصيلي بحث جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي جيڪا ڳالهه ان موضوع کي گهڻي حد تائين مڪمل ڪري ڇڏي ها. ايران جي گرين موومينٽ ڇو ناڪام ويئي، هيوگو شاويز ۽ نيلسن منديلا کي خراج عقيدت، هڪ انقلابي جو موت، وينزويلا ڪارو ويس اوڍيو ۽ جڏهين هڪ ڇوڪري کي منديلا جي آزادي جي خوشي ۾ سندس والد ڪيڪ وٺي ڏنو، راج گهاٽ تي اوباما، ڪردن جون بندوقون ۽ اوباما کي فلسطيني ٻارن جي ڳڻتي، افضل گورو جي ڦاهي هندوستاني جمهوريت تي آيل سواليہ نشان عالمي معاملن متعلق مختلف مضمون آهن جيڪي ليکڪ جي ڪاٻي ڌر جي سياسي پسمنظر جي نشاندهي ڪن ٿا. پر نندي ڪنڊ جي نئين وار ايند پيس جو مهاڳ ليکڪ ۽ ڪتاب جي مزاج کان کي قدر هٽيل مضمون لڳي ٿو. پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ڇڪتاڻ تہ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن لاءِ هڪ لاڳيتو مسئلو آهي. جيڪڏهين جنگ ناهي بہ تہ بہ اهي هڪ جنگ واري صورتحال ۾ ئي رهن ٿا. ڊيموڪلس واري تلوار ڪڏهين دهلي ۾ پارليامينٽ تي حملي جي صورت ۾ ۽ ڪڏهين ممبئي حملن جي صورت ۾ سندن مٿان لٽڪيل ئي رهي ٿي. اهو ذڪر ڪيل مضمون ڪارگل جي جنگ جي حوالي سان لکيل آهي. ڪارگل هڪ اهڙو واقعو هو جنهن کي پاڪستان جي حڪمرانن تہ شروع ۾ مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ٿي تہ ان ۾ ڪنهن لحاظ کان پاڪستان جي رياست شامل آهي ۽ انهن ان کي مجاهدين جي ڪاروائي قرار ڏنو ٿي. اهو تہ بلڪل آخر ۾ جڏهين هندوستان فوجي ڪاروائي شروع ڪئي ۽ عالمي دٻاءُ وڌي ويو تہ پوءِ پاڪستان پاران ان سڄي ڪاروائي کي اون ڪيو ويو. ٻي ڳالهه تہ اها جنگ پاڪستان جي سرزمين تي نہ پئي وڙهي ويئي. ان ڪري پاڪستان جي حڪمرانن وٽ اهڙو ڪو اخلاقي جواز نہ هو جنهن جي بنياد تي ان کي هڪ قومي جنگ ڪري پيش ڪري سگهجي ها ۽ اهڙي ريت ملڪ جي ليکڪن ۽ فنڪارن کي تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ها جيئن اڳ ڪيو ويو هو. جڏهين تہ ڀارت لاءِ اها بلڪل مختلف صورتحال هئي. ان ان کي پنهنجي سرزمين تي حملو ڪري پيش ڪيو ۽ ان بنياد تي نہ رڳو ملڪ ۾ پرعالمي سطح تي معاملي کي اڻاريو. مادر وطن جي دفاع لاءِ جيڪڏهين فنڪارپاسو وٺن ٿا ۽ پنڪج اداس ۽ جاويد اختر جيڪڏهين پنهنجن سپاهين کي خراج پيش ڪن ٿا تہ اها ڪا اهڙي حيرت جهڙي ڳالهہ ناهي ۽ اهو سيڪجهہ نہ رڳو ٻنهي ملڪن جي حوالي سان پر تاريخ ۾ بہ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه ناهي جڏهين فنڪارن ۽ ليکڪن باقاعدي مادر وطن جي دفاع لاءِ هٿيار کڻي بہ ويڙهہ ڪئي آهي.

جيڪڏهين ائين چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ليکڪ ٻين مختلف موضوعن کي رڳو پڙهندڙ جي ذائقي بدلائڻ لاءِ شامل ڪيو آهي جڏهين تہ سندس اصل موضوع سنڌ ۽ انجا مسئلا آهن. سنڌي ليکڪ سنڌ متعلق ڏاڍو حساس رهيو آهي ۽ ان جي مسئلن ڏانهن وقت بوقت اختيارين جي توجهہ ڇڪائيندو رهيو آهي ۽ ان تي احتجاج بہ ڪندو رهيو آهي. پر مسئلو اهو رهيو آهي تہ اهي مسئلا بجائي حل ٿيڻ

يا گهٽجڻ جي اجا وڌنڌا ۽ پيچيدا ٿيندا رهيا آهن. ڳالهه اها آهي ته ليڪ وٽ نه خواب، خيال ۽ آدرش آهن جڏهين ته عملي ڪم سياستدانن جي هٿ ۾ هوندو آهي. ليڪن جي ابتڙ سنڌ جي سياستدانن جي گهڻائي جو واسطو جاگيرداري پسمنظر رکندڙ وڏي زميندار طبقي سان آهي جنهن جي لاءِ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ عام ڀلائي وارن ڪم ڪرڻ جو خيال ئي نه رڳو هڪ اوپري ڳالهه آهي پر ان کي اهي پنهنجي بيعزتي ڪري ليکين ٿا. ڇاڪاڻ ته سندن خيال ۾ خدمت ته سندن ٿيڻ گهرجي ۽ مراعاتن جا اهي حقدار آهن ۽ نه اهي ٽڪي ٽڪي جا ماڻهو جن جو ڪنڌ ئي سندن آڏو نه ٿو کڄي ۽ جن جو مقدر ئي سدا جي غلامي آهي. سنڌ جو حڪمران طبقو پنهنجي انفرادي مفادن جي تحفظ لاءِ هميشه اجتماعي مفادن ۽ سنڌ جي ماڻهن جو سودو ڪندو رهيو آهي. سندس ناتو هميشه حڪومت ڪندڙ ڌر سان ئي رهيو آهي پوءِ ان کي ڀلي جمهوريت جو نالو ڏجي يا آمريت جو. انهن جي متباد ل طور وچولي ۽ هيٺئين طبقي جي نمائندگي جي دعوا ڪندڙ جيڪي جماعتون آهن اهي هڪ ته ماڻهن ۾ اعتبار قائم نه ڪري سگهيون آهن ۽ ٻي ڳالهه ته وٽن سوائي حڪومت جي ڏنل ڪنهن مسئلي تي ردعمل ڏيکارڻ جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪو واضح پروگرام ناهي. ان صورتحال ۾ هڪ سوچيندڙ، حساس ۽ مخلص ماڻهو ۽ خاص طور تي ليکڪ وٽ فرسٽريشن، ڪاوڙ ۽ بيوسي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو بچي.

ٻوڏن، زلزلن ۽ قدرتي آفتن سان هر ملڪ ۽ قوم جو واسطو پئي ٿو ۽ انهن کي ٽارڻ جواپاءُ اجا ڪير به دريافت ناهي ڪري سگهيو پرعوام جا هڏ ڏوکي حڪمران اهڙا احتياطي اپاءَ ضرور وٺندا آهن جن سان جاني ۽ مالي نقصان کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سگهجي ۽ ماڻهن جي اهنجن کي گهٽائي سگهجي. ان سلسلي ۾ حڪمرانن جي ذميواري جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته تازوڏکڻ ڪوريا ۾ جڏهين هڪ لانچ جي ٻڏي وڃڻ ڪري سوين ماڻهو ٻڏي مري ويا ۽ انتظاميا انهن جي بچاءَ لاءِ ڪي جوڳا قدم نه کڻي سگهي ته ايستائين ته وزيراعظم ان جي ذميواري کي قبوليندي پنهنجي استعفا پيش ڪري ڇڏي. ان جي ڀيٽ ۾ تازين ٻوڏن ۽ مينهن ۾ سڄي سنڌ ٻڏي ويئي ۽ ان جو مک ڪارڻ بدانتظامي ۽ حڪمرانن  پاران پنهنجين زمينن ۽ ملڪيتن کي بچائڻ جي ڪوشش هئي. ڪتاب ۾ ان موضوع تي ڪجهه مضمون شامل آهن. سڄي سنڌ جي اخبارن ۾ ليڪن لاڳيتو ان موضوع تي لکيو پر اقتدار جي صاحبن جي ڪن تي جوں سرڻ ته پري جي ڳالهه سندن حال ته اهو هو ته ڄڻ ماڻهن کي چوندا هجن ته جيڪڏهين اوهان کي ماني نه ٿي ملي ته پوءِ ڪيڪ ڇو نه ٿا کائو. هڪ لحاظ کان سنڌ جو حڪمران طبقو ڄڻ ته سنڌ جي ماڻهن سان جنگ ۾ رڌل آهي جنهن جي ڪري سنڌ هڪ سماجي بحران جي ور چڙهيل آهي. ان سلسلي ۾ خاص طور تي ٻهراڙيون ڄڻ پنهنجن ماڻهن کي لوڏي ڪڍي رهيون آهن. رڳو زمين جي موروثي ورهاست، بيروزگاري۽سم ۽ ڪلر وغيره جي ڪري پوک لائق زمين جو گهٽجڻ مسئلو ناهي پر قد رن جو هيٺ مٿي ٿيڻ، هڪبئي جي عزت، پاڙي ۽ ڳوٺ جو خيال ۽ ڏک سک ۾ هٿ ونڊائڻ جهڙيون ڳالههيون ته ماضي ٿيچڪيون آهن پر ان جي ابتڙ سيني رشتن ناتن کي هڪ پاسي رکي تشدد وسيلي پنهنجي لاءِ فائدا حاصل ڪرڻ هڪ معمول ٿيچڪو آهي. رڳو ڏاڙيل فيڪٽر هاڻي مسئلو ناهي رهيو پر هر شخص ڄڻ ٻئي ۾ ٻگهڙ ڏسي ٿو جيان اکيون وجهيو وينو آهي ته ڪڏهين ٿو اکيون پوري ته جيئن مٿس ڪاهه ڪجي. ليکڪ واقعي صحيح ٿو چئي ته اها سنڌ ۽ ان جا ماڻهوته کي ٻيا هئا جن جي مٺ محبت، مهمان نوازي ۽ چڱاين سان ڪتاب ڀريا پيا آهن. ان

سلسلي ۾ رياست جڻ تہ غيرجانبدار ٿيوبيٺي آهي ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيل خال کي وڏن زميندارن ۽ سردارن پورو ڪيو آهي جن سڄي سنڌ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو آهي ۽ انتظامي ۽ عدالتي لحاظ کان جڻ سڄو اختيار وٺن ئي آهي. هڪ قبيلي ۽ ذات جي ماڻهو کي ٻي ذات ۽ قبيلي جي علائقي ۾ وڃڻ لاءِ جڻ تہ پاسپورٽ ۽ ويزا جي ضرورت پئجي ويئي آهي. ان ٽوڙ ڦوڙ ماڻهن کي شهرن ڏانهن ڏکي ٻهراڙين تي انهن سردارن ۽ پوتارن جي قبضي کي اجا وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي.

اها سڄي صورتحال سنڌ جي سياسي حالتن ۽ سياسي جماعتن ڏانهن توجهہ ڇڪرائي ٿي. ايم آر ڊي جي تحريڪ جڻ تہ پيپلزپارٽي جي سنڌ جي گهٽن پوتارن کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو. منجهائن گهڻن ان کي پنهنجن هٿن مان ويندي محسوس ڪندي جيل وڃڻ کي ترجيح ڏني هئي ۽ حڪومت کي اهو موقعوڏنو هو تہ اها ان کي پنهنجي ليکي ختم ڪري. اهو سنڌ جي سياسي تاريخ جو ايڏو وڏو سياسي اپار هو جو قومپرست جماعتون، جن مان ڪجهہ ان تحريڪ جو حصو پڻ رهيون هيون، جيڪي اجا پنهنجي تنظيم جي ابتدائي مرحلن ۾ هيون ان کي سنڀالي نہ سگهيون ۽ مارشل لاءِ سرڪار سياسي تشدد ۽ لالچ سان گڏوگڏ جيل ٽوڙائي ڏاڙيل فيڪٽر کي متعارف ڪرائي ۽ انهن کي جديد هٿيارن سان هٿياربند ڪري اغوائن ۽ ڦرن وسيلي وچولي طبقي، جيڪو ان تحريڪ جي ڪرنگهي هو، کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. ان عرصي ۾ عالمي حالتن ۾ پڻ بنيادي تبديليون واقع ٿيون جن جو سنڌ جي ٻهراڙي جي حوالي سان تت اهو هو تہ اين جي اوز جو جار وڏي پئماني تي ڦهلجي ويو ۽ سياسي ڪارڪن هڪ بلڪل اڻ لپ شيءِ ٿي پيو. اهڙي ريت اسٽيٽس ڪو خلاف جدوجهد گهٽي ياڳي پسمنظر ۾ هلي ويئي. انهن سيني ڳالهين گڏجي سنڌ ۾ پوتارن جي ڪمزور ٿيندڙ ضابطي کي مضبوط ڪيو. انهن جو بچاءَ ويڙاهيو ۽ راڄ ڪيو ۽ ڪنهن بہ سياسي تحريڪ کي جيڪا سندن مفادن لاءِ هاجيڪار هجي کي ايرڻ کان روڪڻ ۾ هو.

هن وقت سنڌي سماج ۾ جيڪا اڻ تڻ، بيچيني ۽ افراتفري آهي اها هڪ لحاظ کان جڻ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي سياسي شعور جي ملندڙ سزا آهي. ان صورتحال کي روڪڻ ۾ سياسي ۽ طبقاتي جماعتن جو ڪو ڪردار ڪونهي ۽ اهي هڪ لحاظ کان ان سلسلي ۾ جڻ بلڪل غير موثر ٿي چڪيون آهن. اها صورتحال جيڪڏهين ساڳي رهي ٿي تہ پوءِ اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ انور ۽ اسان جهڙن ليکڪن جا اوجاڳا اجا ڪيترو عرصو هلندا.

# زنجير نيٺ تہ ٽٽڻي آهي

زندگي جي اصل ڪمائي دوست ئي آهن جن سان زندگي جي ڪنهن مرحلي تي واسطو پيو هجي ۽ اجا تائين محبت جو ناتو رهندو اچي. اهڙن دوستن ۾ غلام حيدر بابل خواجہ بہ آهي جنهن سان ان وقت کان تعلق آهي جڏهين اسان ٻيئي سنڌي عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل هئاسين. اها اٽڪل چار ڏهاڪا اڳ جي ڳالهه آهي. آئون پوءِ پارٽي کان ڌار ٿي ويو هوس جڏهين تہ بابل ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ان سان لاڳاپيل هو. بابل زندگي جو هڪ ڏکيو سفر طئي ڪيو آهي ۽ ان دوران گهڻا تجربا ڪيا ٿس ۽ گهڻن مرحلن مان گذريو آهي. پنهنجي انهي زندگي جي سفر تي تازو هن پنهنجو پهريون ڪتاب "زنجير نيٺ تہ ٽٽڻي آهي" جي عنوان سان آندو آهي ۽ اهو واعدو ڪيو آهي تہ ان سلسلي جو ٻيون ڪتاب پڻ جلد آڻيندو.

ان ڪتاب ۾ بابل جي ذاتي ۽ خاندان جي زندگي بہ آهي ۽ ساڳي وقت سياسي ۽ سماجي زندگي جا عڪس پڻ آهن. ذاتي زندگي جي حوالي سان هن گهڻين ڏکيائين ڪي منهن ڏنو آهي ۽ لاڳيتو پنهنجي جياپي جي جدوجهد ۾ رڌل رهيو آهي. جيتوڻيڪ سندس پي جيئرو هو پر ان جي لاپرواهي ۽ لاابالي زندگي جي طريقي جي ڪري پنهنجي ماءُ، ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن ڪي سنڀالڻ جو سڄو بار مٿس رهيو ۽ هن ان ڪي پوري ذميواري ۽ سمجهہ سان پورو ڪيو. ان سلسلي ۾ هن پنهنجي خاندان سميت بکون بہ ڪاٽيون ۽ هر قسم جو پورهيو ڪيو پر ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪڍي. آهستي آهستي پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان هن هڪ پاسي پنهنجي مالي حالت ڪي مستحڪم ڪيو ۽ ٻئي پاسي پنهنجي پڙهائي ڪي جاري رکيو. ان سان گڏوگڏ هڪ باشعور ماڻهو جي حيثيت ۾ هو سوشلسٽ ليٽريچر جو مطالعو پڻ جاري رکي ٿو. ساڳي وقت هو پنهنجي ڪميونٽي ۽ ان جي مذهبي ۽ سماجي سرگرمين سان پڻ لاڳاپيل رهي ٿو.

هو هڪ ئي وقت عملي ۽ آدرشي انسان آهي. پنهنجن هارين ۽ ٻين پورهيتن سان گڏجي زمين بہ کيڙي ٿو، پنگ بہ پيئي ٿو، راڳ بہ ٻڌي ٿو ۽ عيد جي نماز جي امامت بہ ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ هو نوجوانن جيان پاڻ وندرائڻ جهڙا عشق بہ ڪري ٿو پر هڪ خاص حد کان اڳتي نہ ٿو وڌي ۽ نہ ئي ان ڪي ڪنهن آسري ۾ رکي ٿو. سندس شخصيت جو هڪ مثبت لاڙو اهو آهي تہ پنهنجي پي ۽ ٻين مائٽن جي زيادتين جي باوجود هو انهن سان هميشہ چڱو ورتاءُ ڪري ٿو ۽ هر وقت خاص طور ڏکئي وقت ۾ سندن ڪم اچي ٿو.

سياسي لحاظ کان سندس عوامي تحريڪ سان تعلق رهيو آهي ۽ هڪ لحاظ کان هو جڻ تہ ان جي باني ڪارڪنن مان آهي. ڪابہ ڌر جي سياسي جماعتن سميت مختلف سياسي جماعتن ۾ اهڙا ڪارڪن هوندا آهن جن جو پارٽي تنظيم ۽ نظرئي کان وڌيڪ ان جي اڳواڻن سان هڪ جذباتي ۽ عقيدت جو ناتو هوندو آهي ۽ اهي هزار اختلافن جي باوجود بہ انهن خلاف ڳالهائڻ پسند نہ ڪندا آهن. سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ پيرپرستي وغيره جي اثرن جي ڪري اهي لاڙا اجا گهڻا حاوي آهن. بابل بہ اهڙن ئي ڪارڪنن مان آهي. هن جيتوڻيڪ پاڻ پارٽي کان ڌار ٿيڻ ۽ ان جي اڳواڻ سان اختلافن جو ذڪر نہ

ڪيو آهي پر اياز لطيف پليجو ڪتاب جي لکيل مهاڳ ۾ ٻڌايو آهي تہ ”ڪجھ وقت ڪانپوءِ غلام حيدر بابل، مولابخش ڪوسو ۽ محمد علي ٽالپر جا پليجي صاحب سان اختلاف ٿي پيا ۽ ڪين پارٽي کان ڌار ڪيو ويو.“ هن شايد ان ڪري ان ڳالھ جي اپٽار نہ ڪئي آهي تہ سندس پارٽي کان وڏيڪ رسول بخش پليجو ۽ ان کان بہ وڏيڪ فاضل راهو سان عقيدت جي حد تائين تعلق رهيو آهي ۽ هو اجا بہ ان طريقي سان سندن ذڪر ڪري ٿو. بهرحال تاريخ جي درستگي لاءِ اهو ضروري آهي تہ ليکڪ پنهنجي آتم ڪٿا جي ان اهم پاسي جو ذڪر ضرور ڪري ها ۽ اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هو آتم ڪٿا جي ٻئي ڀاڱي ۾ ان ڪي ضرور بحث هيٺ آڻيندو.

ڪتاب جو انداز بي ساختگي ۽ خودرويت وارو آهي. واقعن جي ڪا ترتيب ڪونهي. ليکڪ جي ذهن ۾ جيئن ڳالهيون آيون آهن تيئن انهن کي لکيو ويو آهي. هڪ ڳالهه ڪانپوءِ فوري طور ٻي مختلف ڳالهه ڏانهن وڃڻ جي ڪري پڙهندڙ کي ڏکيائي تہ ٿئي ٿي پر اهو ليکڪ جو پنهنجو طريقو آهي. ٻي ڳالهه جنهن ڪتاب جي ڪوالٽي کي متاثر ڪيو آهي ۽ پڙهڻ ۾ رنڊڪ بڻجي ٿي اها آهي ڪمزور پروف ريڊنگ ۽ جملن جي بيهڪ. بابل کي هڪ دوستاڻي صلاح اها آهي تہ ٻئي ڇاپي جي صورت ۾ ڪتاب جي هڪ تفصيلي ايڊيٽنگ ڪرائي جنهن سان يقينن ڪتاب جو معيار اجا وڌي ويندو. بابل ڪتاب ۾ مختلف جاين تي پنهنجي جمڻ جي تاريخ 14 فيبروري يعني ويلنٽائن ڊي ڄاڻائي آهي پر ڪتاب جي ڪور تي اها تاريخ 16 جنوري 1950 لکيل آهي جنهن ۾ درستگي جي ضرورت آهي.

پنهنجي مواد جي لحاظ کان هڪ پڙهڻ لائق ۽ دلچسپ ڪتاب آهي. جيڪڏهين ڪجھ ٽيڪنيڪي ۽ ٻين گهٽتائين ڏانهن توجھ ڏنو وڃي تہ ان جي اهميت ۾ اجا واڌارو ٿي سگهي ٿو.

# سراج ميمڻ متعلق ڪجھ ڳالهيون

سراج سنڌي ادب جو هڪ اهم نالو آهي. هڪ گهڻ پاسائون ليکڪ جنهن فڪشن، ٻولي ۽ اخباري ڪالمن ۽ مضمونن جي حوالي سان سنڌي لٽريچر ۾ اهم واڌارا ڪيا آهن. ڪراچي مان هلال پاڪستان کي هڪ نئين ۽ جديد رنگ ڍنگ سان ڪڍڻ، جنهن اڳتي هلي سنڌي صحافت ۾ گهڻا نوان لاڙا ڏنا ۽ نون ليکڪن کي متعارف ڪرايو هڪ نهايت اهم ڪم آهي جنهن کي هميشہ ياد رکيو ويندو. اها سندس خاصيت هوندي هئي تہ سندس جيڪو بہ ڪم هوندو هو ان ۾ سنڌ کي اوليت حاصل هوندي هئي. مختلف تاريخي ناول لکڻ کانسواءِ 1983 جي ايم آر ڊي تحريڪ جي حوالي سان سندس ڪهاڻي انون ماڻهو ان دور جي تخليقي ادب ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿي.

منهنجو سراج سان واسطو هڪ تہ هلال جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ٿيو ۽ ٻيو سنگت ڪراچي سندس ڪتابن تي ورڪشاپ وغيره ڪرايا هئا جنهن مان رمپا پلازه ۾ اداره امن و انصاف ۾ ٿيل هڪ پروگرام جي صدارت شيخ اياز پڻ ڪئي هئي. ماڻهن ۾ سندس تاثر هڪ مغرور ماڻهو جو هو جيڪو ماڻهن سان گهٽو لهہ وچڙه ۾ نہ ايندو هو. پر منهنجو رايو ان متعلق مختلف آهي. اها هڪ لحاظ کان سندس طبيعت ۽ مزاج هو تہ هو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هو ۽ جنهن سان سندس واسطو هوندو هو ان کي پنهنجي وڏي ماڻهو هئڻ جو ڏيک نہ ڏيندو هو.

هلال پاڪستان کانپوءِ جاڳو ۾ سندس ڪالم شايع ٿيندا رهيا ۽ هو ماڻهن سان پنهنجي قلم ذريعي لاڳاپيل رهيو. هڪ وقت اهڙو آيو جو هن لکڻ ڇڏي ڏنو ۽ اهو چيو تہ هاڻي وٽس لکڻ لاءِ ڪجھ ڪونہ هو. اهو وقت دنيا جي گهڻن ليکڪن تي ايندو آهي جيڪو ڪڏهين وقتي هوندو آهي ۽ ڪڏهين مستقل. ائين بہ ٿيو هو تہ ڪجھ عرصو اڳ دنيا جي وڏن ليکڪن هڪ گڏجاڻي ۾ گڏيل طور اهو اعلان ڪيو هو تہ وٽن هاڻي لکڻ لاءِ ڪجھ ڪونهي.

سراج جي ڪم کي سندس لائق پٽن ڪافي حد تائين سهيڙيو ۽ سنڀاليو آهي پر اجا بہ ان ڳالھ جي ضرورت آهي تہ سندس ڪم ۽ شخصيت متعلق وڌيڪ مواد گڏ ڪيو وڃي ۽ خاص طور سندس هلال ۽ جاڳو جي ڪالمن کي گڏ ڪري ڇپرايو وڃي. اهو ڪم سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ جيڪي ادارا آهن ۽ جن وٽ ڪروڙين روپين جو فنڊ آهي انهن کي ڪرڻ گهرجي.

# الطاف شيخ

الطاف شيخ سفرنامن لکڻ جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پر هاڻي هو رڳو ان صنف تائين محدود نہ رهيو آهي. مختلف ڀين موضوعن تي سندس مضمون ۽ ڪتاب وغيره لاڳيتو ايندا رهيا آهن. هو سنڌي جو اهڙو ليکڪ آهي جيڪو جيتوڻيڪ پنهنجي جهازي سرگرمين کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي يونيورسٽين ۾ ليڪچر وغيره ڏيڻ جو ڪم بہ ڪندو آهي پر سندس ڪتابن ۽ مختلف سنڌي ۽ اڙدو اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندڙ مضمونن کي ڏسندي ائين لڳندو آهي ڄڻ تہ لکڻ ئي سندس ڪم آهي ۽ هو هڪ کل وقتي ليکڪ آهي. سندس ڪتابن جي تعداد جو ڪاٿو لڳائڻ ڏکيو هوندو آهي. هو سنڌي جو اهڙو ليکڪ آهي جنهن جا ڪتاب گهڻو وڪامن ٿا ۽ گهڻو پڙهيو وڃي ٿو. مون کي اها خبر آهي تہ ان جي باوجود ڪنهن پبلشر کان معاوضي جي گهر ڪرڻ تہ پري جي ڳالهه هو پاڻ پنهنجا ڪتاب خريد ڪري ونڊندو آهي. ذاتي طور قربائتو ماڻهو، پنهنجي وڏي ماڻهوءَ وڏي ليکڪ ٿيڻ جو احساس ڪنهن کي ٿيڻ نہ ڏيندو. ڪئميرا گهڻو ڪري ساڻس گڏ هوندو آهي ۽ هو مختلف شين، واقعن ۽ ماڻهن کي ان ۾ ريڪارڊ ڪندو ويندو آهي. مون تازو سندس ڄپان متعلق هڪ ناول مس سدا بهار چنبيلي جو ڪيل ترجمو پڙهيو. ڪتاب ۽ ترجمي جون خوبيون ۽ خاميون پنهنجي جاءِ تي پر مون کي اها حيرت ٿي تہ هو ان حوالي سان ڪيترو محتاط ۽ ذميوار آهي. اسان جي ملڪ ۾ مختلف ٻولين ۾ جيڪي ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪتاب وغيره ترجمو ٿين ٿا انهن ۾ ڪاپي رائيٽ ۽ ليکڪ وغيره کان اجازت وٺڻ جو تصور ئي ڪونهي. پر الطاف ان ناول کي ترجمي ڪرڻ کان اڳ اها پڪ ڪئي تہ ان جو ليکڪ حيات آهي ۽ پوءِ ان کي اجازت لاءِ خط لکيائين. گهڻي وقت تائين جواب نہ ملڻ جي باوجود هن ان تي ڪم شروع نہ ڪيو ۽ رڳو ان وقت ئي پنهنجو ڪم شروع ڪيائين جڏهين ڪيس اهو اجازت نامو مليو.

آئون سمجهان ٿو تہ الطاف سنڌي ليکڪن لاءِ هڪ مثال آهي جنهن ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪنهن غرض ۽ ڪنهن شهرت، مشهوري ۽ پئسي ڏوڪڙ جي تمنا کانسواءِ ڪئي آهي. سندس ڪم بس رڳو لکڻ آهي ۽ اها ئي سندس سڃاڻپ آهي.

# بائبل ۾ يهودين جي تاريخ جو هڪ پاسو

ليسلي هيزلٽن مختلف مذهبن جي مختلف پاسن تي تحقيق جي حوالي سان هڪ اهم ليکڪ سمجهيو وڃي ٿو. سندس تازي آيل ڪتاب JEZEBEL: The Untold Story of the Bible's Harlot Queen جو واسطو بائبل جي  اٽڪل ٽي هزار سال يا نو سو سال قبل مسيح جي يهودين جي تاريخ جي هڪ اهم قصي سان آهي.

هڪ لحاظ کان اهو جڻ هڪ خدا جي مڃيندڙن، اسرائيل جي رهاڪن، ۽ پرواري ملڪ طائر جي شهزادي جيزبيل، جيڪا اسرائيل جي بادشاه اهب سان شادي ڪري اسرائيل اچي ٿي ۽ جيڪا بال، اشتر ۽ ٻين گهڻن خدائن جي پوئلڳ هجي ٿي، ۾ اختلاف ۽ تنازعو آهي.

موجوده فلسطين ۾ اتر ۽ ڏکڻ ۾ اسرائيل ۽ يهوديه جي نالن سان يهودين جون ٻه رياستون هونديون هيون. شروع ۾ اترجي رياست ڪمزور هوندي هئي ۽ ڏکڻ جي اثر ۾ هوندي هئي پر پوءِ ان پنهنجي حيثيت ۽ خودمختاري بحال ڪري ورتي.

اسرائيل جي بادشاه اهب جو جيزبيل سان شادي ڪرڻ جو مقصد پنهنجي رياست ۾ اقتدار جي مضبوطي هجي ٿو. هو جيزبيل، جنهن سان گڏ طائر مان سندس مذهب جي راهبن ۽ راهبائن جو هڪ وڏو تعداد پڻ اچي ٿو، جي عبادت لاءِ هڪ ڏار مندر ناهي ٿو جنهن ۾ ان جي ديوي ديوتائن کي رکيو وڃي ٿو. اها ڳالهه ان وقت اسرائيل جي پيغمبر اليجا کي پسند نه ٿي اچي ۽ هو ان کي پنهنجي خدا يهوا جي نافرماني تصور ڪري ٿو. ساڳي وقت راڻي جيزبيل سان سندس هڪ عناد پيدا ٿي پئي ٿو.

جيزبيل کي بائبل ۾ هڪ بدڪردار ۽ وئشيا جي روپ ۾ ان ڪري پيش نه ڪيو ويو آهي ته اها واقعي ائين هئي پر ان جو بنيادي ڪارڻ سندس انهن ديوي ديوتائن جي پوڄا ۽ عبادت هو جنهن کي ڪفر سمجهيو ويو ٿي.

ان وقت اهو اصول هجي ٿو ته جنگ ۾ جيئن ته اتان جي خدا جي آشيرواد حاصل هجي ٿي ان ڪري جنگ کٽڻ جي صورت ۾ اهو ضروري هجي ٿو ته دشمن جي باقي بچيل سيني سپاهين کي ان خدا جي نالي ۾ قربان ڪيو وڃي. پر اهب دمشق سان جنگ کٽڻ جي صورت ۾ ائين نه ٿو ڪري ۽ رياستي مفادن کي نظر ۾ رکندي ان بادشاه کي معاف ڪري ان سان صلاح نامو ڪري ٿو. پيغمبر اليجا ان ڳالهه کي يهوا جي نافرماني خيال ڪري ٿو ۽ اسرائيل جي ماڻهن کي بدترين ڏکر جي بددعا ڏئي ٿو. اهو ڏکر لاڳيتو ٻه ٽي سال هلي ٿو.

اهب جو هڪ ٻيو ڪم پڻ يهوا ۽ سندس پيغمبر اليجا جي ناراضگي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هو هڪ همراه نبوت کان سندس زمين وٺڻ چاهي ٿو پر هو ان کي ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ چئي ٿو ته ڪيس اها يهوا پاران ڏني ويئي آهي. جيزبيل مختلف حيلا وسيلا هلائي ان شخص کي قتل ڪرائي ان زمين کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ٿي. اها ڳالهه اهب لاءِ ته هڪ ڏوهه بڻجي ٿي پر اها ساڳي ڳالهه موجوده اسرائيل لاءِ بائبل مان هڪ جواز طور پيش ڪئي وڃي ٿي ته ڪين اها زمين سندن خدا يهوا پاران ڏني ويئي آهي اهڙي ريت ان تي سندن ئي حق آهي.

نيٺ اليجا وري ظاهر ٿئي ٿو. هو جيز بيل جي خدائن جي پروهتن کي چئلنج ڪري ٿو ته ٻنهي مان جنهن جو خدا صحيح هوندو اهو مينهن وسائڻ ۽ ڏڪر کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. بال ۽ اشتر جا پروهت ان ۾ ڪامياب نه ٿا ٿين جڏهين ته يهوا جو پيغمبر اليجا ان ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ مينهن پوڻ سان ڏڪر ختم ٿئي ٿو. ماڻهن جي ان خوشي ۽ جوش وخروش جو فائدو وٺندي هو کين انهن سوين پروهتن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو جنهن تي عمل ڪيو وڃي ٿو.

هو پنهنجي خدا جي سوڀ ۽ جيزبيل جي خدائن جي هار ۽ پروهتن جي قتل جي خبر ڏيڻ لاء سندس محل ۾ پهچي ٿو پر هتي کيس هڪ ٻئي مسئلي کي منهن ڏيڻو پئي ٿو. جيزبيل پروهتن جي قتل جو ٻڌي انتهائي ڪاوڙ ۾ اچي وڃي ٿي ۽ کيس چئي ٿي ته هو فوري طور هن ملڪ مان هليو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سڀاڻي کيس قتل ڪيو ويندو. اليجا اهو ٻڌي ڊپ ۾ وڃي وڃي ٿو ته بال ۽ اشتر سندس انت آڻي ڇڏيندا. اهڙي ريت هو ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃي ٿو.

سندس اها بزدلي ۽ ڊپ سندس خدا يهوا کي پسند نه ٿي اچي ۽ هو کيس پيغمبري تان برطرف ڪري سندس جاءِ تي نئين پيغمبر الياس کي مقرر ڪري ٿو. ان دوران اهب دمشق جي نئين حڪمران سان جنگ ۾ سوڀ ماڻيندي مارجي وڃي ٿو ۽ سندس جاء تي سندس پٽ حڪمران ٿئي ٿو. پيغمبر الياس مختلف حيلن وسيلن سان دمشق جي بادشاه ۽ فوجي ڪمانڊر کي پنهنجي دام ۾ آڻي ٿو ۽ کين اسرائيل جي  نئين حڪمران سان جنگ لاء تيار ڪري ٿو. ان جنگ ۾ اسرائيل جو بادشاه معمولي زخمي ٿيڻ ڪانپوء ميدان مان ڀڄي وڃي ٿو ۽ الياس فوج جي ڪمانڊر جيهو کي چئي ٿو ته هاڻي تون بادشاه آهين ۽ يهوا جي حڪم جي پيروي ڪندي اهب جي سڄي خاندان کي ختم ڪري ڇڏ. جيهو بادشاه کي قتل ڪرڻ ڪان پوء جيزبيل کي مارڻ لاء محل ۾ پهچي ٿو.

جيزبيل کي اڳ ئي ان سڀڪجهه جي خبر هجي ٿي. هو بجائي ڊڄڻ يا ڀڄڻ جي همت سان ان کي منهن ڏيڻ لاء تيار ٿئي ٿي ۽ پنهنجن نوڪرن کي چئي ٿي ته کيس اهڙي ريت تيار ڪيو وڃي جيئن شادي وقت ڪيو ويو هو. هو هار سنگهار ڪري محل جي بالڪوني ۾ ويهي ٿي. جيهو سان سندس ڳالهه ٻوله ٿئي ٿي ۽ هو محل جي خواجه سرائن کي حڪم ڏئي ٿو ته کيس ڌڪو ڏيئي هيٺ ڦٽو ڪيو وڃي. هيٺ ڪرندي هو گهوڙن جي سنبن ۾ لتاڙجي مارجي وڃي ٿي. اليجا جو جيزبيل کي چوڻ هو ته هو ان کي ڪتن کان کارائيندو ۽ اها ساڳي ڳالهه جيهو کي به چئي ويئي هئي. پر هو کيس مارائڻ ڪانپوء جڏهين پنهنجي تاجپوشي جي جشن مان فارغ ٿئي ٿو ته نوڪرن کي حڪم ڏئي ٿو ته جيزبيل جي لاش کي دفن ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهين هو کيس ڪتن کان کارائي ٿو ته سندس ناتا پاڙيسري ملڪ طائر سان خراب ٿي سگهن ٿا جتان هو شادي ڪري آئي هئي. بهرحال جڏهين نوڪر لاش کي دفن ڪرڻ لاء پهچن ٿا ته اتي سوائي سسي ۽ هٿن جي ٻيو ڪجهه نه ٿو هجي جنهن کي ڪتن ميندي جي بو ڪري نه کاڌو هو.

ان سڄي صورتحال جي ڪري اسرائيل جي رياست جو استحڪام ختم ٿي ٿو وڃي. طائر پنهنجي شهزادي جيزبيل ۽ يهوديا پنهنجي بادشاه جي قتل ٿيڻ تي اسرائيل سان ناتا ٽوڙي ڇڏين ٿا. ٻئي پاسي اتر کان اسارين جي ڪاه سڄي ملڪ کي وڪيري ڇڏي ٿي ۽ اسرائيل جي ماڻهن کي لوڏي

پنهنجي ڏيہ مان نيڪالي ڏني وجي ٿي. يهودين جا اهي ڏهہ قبيلا ڪيڏانهن ويا ان متعلق اجا رڳو انومان ئي آهن ۽ ڪا صحيح ڄاڻ ناهي.

ٻئي پاسي ڏکڻ ۾ يروشلم واري رياست بہ ٻاهرين ڪاهن ڪي منهن نہ ٿي ڏيئي سگهي. پر انهن لاء هڪ ڳالهہ اها فائديمند هئي تہ انهن کي بابل ڏانهن نيڪالي ڏني ويئي جتي انهن ويهي پنهنجيون ڪهاڻيون ۽ داستان لکيا. اڳ خدا جو تصور ڌرتي ۽ وطن سان لاڳاپيل هو ۽ هر ملڪ جي ماڻهن جو پنهنجو ڌار خدا هو. هن جلاوطني ۾ ائين ٿيو تہ خدا ڌرتي کان مٿانهون هڪ وڏي حيثيت اختيار ڪري ويو. حالتن سازگار ٿيڻ تي اهي ماڻهو جڏهين پنهنجي وطن موٽيا تہ وٽن خدا جو اهو نئون تصور هجي ٿو.

## ريٽا شهاڻي جا ناول ۽ هند جو سنڌي ادب

سنڌين ورهاڱي وقت جڏهين هند ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي هئي تہ بنگالين ۽ پنجابين جيان وٽن اتي ڪو اهڙو علائقو نہ هو جنهن کي هو پنهنجو وطن چئي سگهن يا جيڪو مستقبل ۾ سندن سڃاڻپ بڻجي سگهي. سندن لاء پنهنجي هڪ ئي سڃاڻپ هئي ۽ اها هئي سندن ٻولي. هڪ ڏکي جاکوڙ کانپوء اهي سنڌي کي ڀارت جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

جيتوڻيڪ اها سندن لاء وڏي ڪاميابي هئي پر خاص طور تي ادب ۽ ٻولي جي معاملي ۾ اجا گهڻا چئلنج اڳتي اچڻا هئا. قومي ٻولين ۾ شامل ڪرڻ کانپوء نهرو ڀاران سنڌين کي اها صلاح ڏني ويئي تہ ڀارت جي قومي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ لاء ديوناگري رسم الخط کي اختيار ڪيو وڃي. سنڌ مان ويل ان وقت جي سنڌين جي تعليم ۽ تربيت جيئن تہ عربي لپي ۾ ٿي هئي ان ڪري انهن لاء ان ڳالهه کي قبول ڪرڻ ڏکيو هو ۽ انهن ان ڳالهہ جي سخت مخالفت ڪئي. نيٺ فيصلو اهو ٿيو تہ في الحال ٻيئي رسم الخط ساڳي وقت استعمال ٿيندا. بهرحال گهڻي اهميت ۽ زور ديوناگري لپي کي ئي ڏنو ويو جنهن جا معاشي ۽ سماجي ڪارڻ هئا ۽ اسڪولن وغيره ۾ بہ ٻارن کي پڙهائڻ لاء ان لپي کي ئي ترجيح ڏني ويئي. اها ڳالهه سنڌ ۽ هند جي سنڌي اديبن ۽ ليکڪن ۾ رابطي ۽ تعلق ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿي.

مون کي ڏاڍي حيرت ٿي جڏهين مون ڏٺو تہ مون کي مطالعي لاء ريٽا شهاڻي جا جيڪي ٽي ناول ڏنا ويا آهن اهي ان ڳالهہ جي باوجود تہ هند ۾ سنڌي لکن جي تعداد ۾ آهن ۽ منجهن تعليم جو تناسب بہ گهڻو آهي پنج سو کان وڌيڪ تعداد ۾ ڇپجي نہ سگهيا آهن. ان جو هڪ ڪارڻ تہ يقينن لپي جو مسئلو آهي. گهڻا مائٽ تہ پنهنجن ٻارن کي ان ڪري سنڌي ئي نہ ٿا پڙهائين تہ ان جو عملي زندگي ۾ ڪو فائدو ناهي ۽ جيڪڏهين کي پڙهائين ٿا تہ لپي جي فرق ڪري عربي رسم الخط ۾ لکيل ڪتاب سندن لاء ڏينهون ڏينهن وڌيڪ اوپرا ٿيندا ٿا وڃن. ڀارت جا اڙدو ليکڪ ٻڌائين ٿا تہ سندن ڪتابن جي اصلوڪي رسم الخط ۾ کپت نہ هئڻ برابر هوندي آهي، جڏهين تہ ديوناگري رسم الخط ۾ ڇپجڻ کانپوءِ انهن جي سرڪيوليشن آسمان سان ڳالهيون ڪندي آهي. شايد هند جي سنڌي ليکڪن کي بہ اڳتي هلي ماڻهن تائين پهچ لاءِ اهو ساڳيو طريقو اختيار ڪرڻو پئي.

سنڌ سان سرگرم رابطي نہ هئڻ جو هڪ اثر ٻنهي پاسي ڇپجندڙ ڪتابن جي گهٽ سرڪيوليشن جي صورت ۾ تہ ڏسي سگهجي ٿو پر ٻولي، احساسن ۽ خيالن ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن ان ٻنهي پاسي جي ادب ۽ اديبن ۾ وڏيڪ ويڇا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. هند جي اديبن نہ رڳو سنسڪرت ۽ هندي جي لفظن کي پنهنجي ٻولي ۾ سمويو آهي پر ڀارت جي مختلف مقامي ٻولين بنگالي، گجراتي، مراٺي ۽ اڙدو وغيره جو اثر پڻ قبول ڪيو آهي. ساڳي ريت سنڌ جي اديبن عربي، فارسي ۽ اڙدو ڪانسواءِ پاڪستان جي ٻين ٻولين جي گهڻن لفظن کي پاڻ ۾ سمويو آهي. جيتوڻيڪ اها هڪ مثبت ڳالهہ آهي ۽ ٻولي جي شاهوڪار هئڻ جو ثبوت پڻ آهي پر مسئلو اهو آهي تہ گهٽ رابطي هئڻ ڪري ۽ هڪٻئي جي ڪتابن جي عام جام نہ ملڻ ۽ رڳوسوڪڙي طور ملڻ ڪري اها اوپرائپ ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي.

جڏهين ماڻهو هڪٻئي کي سمجهي نہ سگهندو آهي تہ پوءِ اهي هڪٻئي کي ماورائي ۽ مقدس شڪل ڏيئي ڇڏيندا آهن. ورهاڱي ڪانپوءِ جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي ڪري سرحد جي ٻنهي پاسي اديبن هڪٻئي جو آڌر ڀاءُ تہ ڪيو آهي ۽ انهن کي عزت بہ ڏني آهي پر هڪ مهمان جي حيثيت ۾ ۽ انهن جي لکڻين کي پڻ ڪنهن تنقيد ڪانسواءِ قبول ڪيو ويو آهي. ان روئي جي ڪري اڳ ئي موجود خال اجا وڌيڪ وسيع ٿي وڃي ٿو. ان ڪري هڪٻئي جي ويجهو اچڻ ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ لاءِ هڪٻئي جي تنقيدي جائزي وٺڻ جي اشد ضرورت آهي.

ننڍي کنڊ جو ورهاڱو تاريخ جو هڪ وڏو واقعو هو جنهن جا اثر ننڍي کنڊ جي سڀني ٻولين جي ادب تي پيا ۽ انهن ۾ مختلف طريقن سان ان جو اظهار پڻ ٿيو.هند ويل سنڌي اديب بہ ان اثر کان آجو نہ هو ۽ ان مختلف طريقن سان ان جو اظهار بہ ڪيو جنهن ۾ سنڌ موٽڻ جي خواهش خاص طور تي حاوي هئي. وقت سان گڏوگڏ حقيقتن ان خواهش کي گهٽو ٽڏو ڪري ڇڏيوءِ هاڻ اها جڻ رڳو هڪ اڪيڊمڪ ڳالهہ وڃي رهي آهي.

جيئن پاڪستان آيل مهاجرن کي پنهنجي ڀلائي ۽ تحفظ جماعت اسلامي ۽ ٻين مذهبي جماعتن ۾ نظر آيو ٿي ساڳي ريت هتان ويل سنڌين جي گهڻائي کي پنهنجي ڀلائي شيو سينا ۽ ٻين هندو انتها پسند جماعتن ۾ نظر آئي ٿي. هن وقت تائين جيڪي مختلف اسٽيڊيز سامهون آيون آهن انهن مان اها خبر پئي ٿي تہ مذهبي لحاظ کان ڀارت جو سنڌي وڌيڪ انتهائن ڏانهن هليو ويو آهي ۽ منجهس سهپ ۽ مذهبي رواداري واريون اهي خاصيتون جيڪي هو سنڌ مان کڻي ويو هو تقريبن نہ هئڻ برابر وڃي رهيون آهن. ٻي ڳالهہ تہ ڪيس پنهنجي عدم تحفظ جو علاج ان ڳالهہ ۾ نظر آيو آهي تہ مقامي ماڻهن کان پري رهي رڳو پنهنجي ڪميونٽي جي فائدي لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اهي نہ رڳو مقامي ماحول ۾ پوري ريت جذب نہ ٿي سگهيا آهن پر ڀارت جي گهڻن پرڳڻن ۾ مقامي ماڻهن پاران کين چڱي نظر سان نہ ٿو ڏٺو وڃي.

ان سڀڪجهہ جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ شروعات ۾ هند جي سنڌي اديبن ۾ جيڪا نظرياتي ڇڪتاڻ موجود هوندي هئي اها تقريبن ختم ٿي چڪي آهي ۽ اهي گهڻي ڀاڱي سياست کان لاتعلق ٿي چڪا آهن.

ان سڄي پس منظر ۾ ريتا شهاڻي جي ٽن ناولن گونگي گگن سان گفتگو، ست سر ست ڏينهن ۽ ڇهي مهي ڪي ڏسي سگهجي ٿو.

انهن ۾ پهريون ناول خاص طور تي توجهه ڇڪائيندڙ آهي. اهو ناول جيتوڻيڪ 2001 ۾ ڇپيو آهي پر ان ۾ زوري زنا واري جنهن مسئلي کي کنيو ويو آهي اهو اڄ جي پارٽ جو ڄڻ ته هڪ اهم مسئلو ٿي سامهون آيو آهي. اهو ان سماج جو تضاد آهي ته هڪ پاسي پارٽ سائنس ۽ صنعت جي ميدان ۾ هڪ اهم ظاقت طور ابري رهيو آهي ته ٻئي پاسي ڇوڪرين کي ڄمندي يا ايستائين ته حمل جي دوران ئي جنس جي خبر پوندي ئي انهن کي قتل ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. ان سان هڪ ته آبادي ۾ ڇوڪرين جو تناسب گهٽجي رهيو آهي جڏهين ته ٻئي پاسي حيواني جبلت ۽ عورتن خلاف تشدد ۾ واڌارو اچي رهيوآهي. ليڪڪا ان مسئلي کي نهايت خوبصورتي سان نباهيو آهي. اهو ساڳيو مسئلو جيڪڏهين سنڌ ۾ هجي ها ته هتي ان ظلم جي شڪار ڇوڪري کي کهاڙين ۽ بندوقن مان ڪڍڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ نه هجي ها. ڇوڪري کي نه رڳو سندس گهر وارن پاران قبول ڪرڻ پر ان جي نفسياتي ۽ جسماني بحالي ۾ مدد ڪرڻ هڪ مثبت لاڙو آهي.

ست سر ست ڏينهن هڪ انگريز خاتون جي هڪ سنڌي نوجوان سان شادي ڪانپوءِ پارٽ جي هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهڻ ۽ اتي پيش ايندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ آهي. ان ناول ۾ جيتوڻيڪ ليکڪا وديشين ۽ امير ماڻهن جي حوالي سان مقامي ماڻهن ۾ موجود نفرت کي ڇهيو آهي جيڪا خاص طور تي مهاراشٽر پرڳڻي ۾، جتي اها خاتون رهيل آهي، گهڻي شدت سان موجود آهي. پر هڪ ته هو تفصيل ۾ وڃڻ کان ڪيٻائي ٿي ۽ ٻي ڳالهه ته هو ان سڄي معاملي کي ذاتي جهيڙي جو رنگ ڏيئي ان کي هڪ منفي انداز ۾ پيش ڪري ٿي. ناول مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته مقامي ماڻهن جو زميندارن ڏانهن، جن کي سندن سنڌ ۾ زمين هئڻ ڪري هتي ڪليم ۾ زمين ملي آهي، ڪو منفي رويو ناهي.

ناول ڇهي مهي سيتا نالي هڪ ڇوڪري جي احساساتي ڪهاڻي آهي جنهن کي ڏکين حالتن مان سهارو ڏيئي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ٿي.

انهن ٽنهي ناولن ۾ ڪجهه گڏيل ڳالهين کي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو.

1) اهي مختلف سماجي موضوعن سان لاڳاپيل آهن؛

2 ) ماحول ۽ ڪردار وچولي طبقي سان واسطو رکن ٿا؛

3 ) ڪردارن جو تعداد گهٽ ۽ دائرو محدود آهي؛

4) هندي ۽ سنسڪرت لفظن جو استعمال گهڻو ڪيل آهي. خاص طور تي ناول ڇهي مهي ۾ اهڙو استعمال گهڻين جاين تي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏي ٿو ۽ خاص طور تي سنڌ جي پڙهندڙ کي ان کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي سمجهه کان گهڻو ڪم وٺڻو پئي ٿو؛

5) هڪ ڳالهه جيڪا خاص طور تي مون کي وڻندڙ لڳي اها اهڙي ٻولي جو استعمال آهي جيڪا خاص طور تي اسان ڪراچي جا سنڌي استعمال ڪندا آهيون جنهن ۾ گجراتي، ميمڻي، ڪڇي ۽ اڙدو جا لفظ شامل هوندا آهن؛

6) ٽنهي ناولن ۾ ٽريجڊي آخر ۾ خوشگوار انجام تي ختم ٿئي ٿي. خاص طور تي ست سر ست ڏينهن ۾ اهو ڄڻ هڪ هندي فلم جو منظر لڳي ٿو.

بهرحال جيئن موتي پرڪاش ايم يو ملڪاڻي جي حوالي سان چئي ٿو ته ريٽا شهاڻي ڪي جيڪڏهين زياده نويس چئجي ته وڌاء نه ٿيندو جنهن ادب جي مختلف صنفن تي ٿيه ڪان وڏيڪ ڪتاب لکيا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سندس شخصيت ۽ فن جو مختلف حوالن سان جائزو ورتو وڃي ۽ ان تي ڪم ڪيو وڃي.

# پورائي ۾ پال

پورائي ۾ پال شاه محمد پيرزادي جي جيون ڪٿا آهي. جيتوڻيڪ سندس شاعري جو مجموعو اڳ اچي چڪو آهي پر سندس نثر جو اهو پهريون ڪتاب آهي. ماڻهو جو جيون هڪ فرد جو جيون نہ هوندو آهي پراهو ڪيئي نسلن، سماج جي هڪ وسيع حصي ۽ هڪ ڊگهي عرصي تي ڦهليل هوندو آهي. اهو ماڻهو تي پاڻ تي منحصر هوندو آهي تہ اهو ان کي ڪيتري حد تائين وسيع يا محدود ڪري ٿو. ٻلهڙيجي جا سڀ پيرزادا پاڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ کان هڪٻئي جا مائٽ تہ آهن پر هڪ ڏاڏي جو اولاد ناهن. هي ڪتاب دراصل شاه محمد جي ڏاڏي جي خاندان جي ڪٿا آهي. هڪ اهڙو خاندان جيڪو هڪ ڊگهي عرصي گذرڻ، شهر ۾ اچڻ ۽ معاشي وسيلن جي ڌار ٿيڻ جي باوجود پاڻ ۾ هڪ ايڪو برقرار رکندو اچي. ان ڳالهه جي باوجود تہ ڏاڏي جي سيني پٽن جو مزاج، خيال ۽ نظريا هڪ ٻئي کان مختلف رهيا پر انهن ٻئي ڪنهن ماڻهو کي اها اجازت نہ ڏني تہ اهو انهن کي استعمال ڪري منجهن ڏڦيڙ ۽ اختلاف پيدا ڪري. پنهنجي خاندان جي احوال ڏيڻ کان پوءِ ڪتاب جو گهڻو حصو ليکڪ جي پنهنجي حياتي ۽ سندس نظرين متعلق آهي.

جيتوڻيڪ سياسي حوالي سان اسان ٻيئي ڪڏهين بہ ساڳي جماعت ۾ نہ رهيا آهيون پرسنگت جي حوالي سان مون پاڻ شاه محمد سان هڪ ڊگهو وقت گذاريو آهي. هڪ لحاظ کان ساڻس هڪ ذاتي تعلق ۽ دوستي وارو ناتو رهيو آهي ۽ مختلف نظرياتي، سياسي ۽ ادبي مسئلن تي پاڻ ۾ ڊگهيون ڪچهريون پڻ ڪندا رهيا آهيون. اهو چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو تہ گهڻين ڳالهين ۾ اسان سهمت هوندا آهيون. هن آتم ڪٿا ۾ خاندان جي مختلف پاسن کانسواءِ شاه محمد جي شخصيت جا ڪي نظرياتي اهڙا پاسا آهن جيڪي منهنجي لاءِ بلڪل نوان آهن. ساڻس ٿيندڙ ملاقاتن ۾ ان جا اشارا تہ ملندا هئا پر انهن ملاقاتن ۾ پهرين جي پيٽ ۾ ڊگهن وقفن اچڻ جي ڪري انهن جي گهرائي ۽ تفصيل کان پوري ريت واقف نہ هوس.

هن ڪتاب ۾ شاه محمد خاص طورتي پنهنجن چاچن، پيءُ ۽ ڏاڏي وغيره جي حوالي سان پنهنجي خانداني قدرن تي زور ڏنو آهي. نج ٻهراڙي سان تعلق هوندي بہ ان خاندان جو زمين ڪيڙڻ سان ڪو واسطو نہ رهيو آهي. ان خاندان جو ڪو فرد نہ تہ هاري رهيو آهي ۽ نہ ئي زميندار. فقيراڻي زندگي گذاريندي هن خاندان جو توجهہ پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ ڏانهن گهڻو رهيو آهي، جنهن ڳالهہ سندن معاشي ۽ سماجي حيثيت کي بدلائڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهم ڳالهه اها آهي تہ اهو هاڻي هڪ خاندان ناهي ۽ هرڪنهن جا پنهنجا ڌار گهر، ٻار ٻچا ۽ مسئلا آهن. خاص طور تي وڏن شهرن ۾ اچڻ کان پوءِ جيڪو دٻاءُ هوندو آهي ان ۾ هڪٻئي جي خبر چار وٺڻ ڏکيو هوندو هو پر ان خاندان پاڻ ۾ اهو تعلق برقرار رکيو آهي ۽ گڏو گڏ هڪٻئي جي ضرورتن جو خيال پڻ رکيو آهي.

جيتوڻيڪ شاه محمد اها ڳالهہ ڪندو آهي تہ سندس عملي سياست سان ڪو واسطو ناهي رهيو، پر آئون سندس ان ڳالهہ سان متفق ناهيان. جيڪڏهين سنگت سان سندس واسطو هو تہ اهو سندس ڪميونسٽ پارٽي سان لاڳاپي جي ڪري هو، جيئن هو انور ۽ ڄام ساقي جي ملاقاتن جو حوالو ڏئي

ٿو، جنهن ۾ جام انور ڪي سنگت ڪي سرگرم ڪرڻ لاءِ چيو هو ۽ ساڳي وقت شاه محمد ان ڪي پارٽي جي هڪ اوپن پليٽ فارم طور مڃي ٿو. ساڳي وقت هو پارٽي جي مختلف ادارن جي گڏجاڻين ۾ پڻ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. پارٽي ۾ جيڪي اختلاف پيدا ٿيا ۽ جيڪا ٽوڙ ڦوڙ ٿي ان متعلق به سندس پنهنجو هڪ واضح موقف آهي.

مون کي ساڳي وقت شاه محمد جي اها ڳالهه به سمجهه ۾ نه آئي آهي ته ماڻهو نظرياتي ۽ سياسي طور تي ڪيئن ڏار ٿي سگهي ٿو. اهو جواز نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل ماڻهو ته ڏيئي سگهن ٿا، جن جا سياست ۽ مذهب ٻنهي سان مفاد وابستا آهن پر شاه محمد جهڙي ماڻهو لاءِ اها عجيب ڳالهه آهي جنهن جو اهڙو ڪو به مفاد ڪونهي. هو پاڻ کي سياسي طور تي مارڪسٽ ڊيڪليئر ڪري ٿو جڏهين ته ساڳي وقت مذهب جي هڪ پنهنجي مرضي جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو مذهب سان پنهنجو ڪو رسمي تعلق ظاهر نه ٿو ڪري پر اهڙن ماڻهن سان واسطي ۾ اچي ٿو جن جو ڪرشمن ۽ ڪراماتن سان واسطو هجي ٿو. ڏنو وڃي ته هن معاشري ۾ اهڙن ماڻهن جو هئڻ ڪا غيرمعمولي ڳالهه ناهي ۽ اٽڪل هر ماڻهو جو زندگي جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي اهڙن ماڻهن سان واسطو پئي ٿو. رڳو اهو آهي ته ماڻهو انهن شين ۾ ڪيترو يقين رکي ٿو ۽ انهن کي ڪيتري اهميت ڏئي ٿو. دنيا ۾ گهڻا گروهه رشي ۽ پير ماڻهن جي انهن نفسياتي ڪمزورين مان فائدو وٺڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا آهن ۽ سندن دوڪان هلندا رهندا آهن. بهرحال اها مثبت ڳالهه آهي ته ليکڪ ان سڄي گورک ڌنڌي مان نڪرڻ لاءِ شعوري ڪوششون ورتيون ۽ ان ۾ ڪامياب به ٿي ويو.

شاه محمد جيئن هو پاڻ به چئي ٿو ته سندس شخصيت ۾ بغاوت ناهي پر هرڪنهن سان نهي هلڻ آهي. سندس خاندان ۾ خاص طور مذهبي رجحان به رهيو آهي ۽ ساڳي وقت دهريت ۽ صوفي ازم جا لاڙا پڻ رهيا آهن. سندس شخصيت اهي ٻيئي اثر قبول ڪيا آهن ۽ انهن کي پاڻ ۾ جذب ڪيو آهي پر ڪنهن ۾ به هو انتهائن تي نه ويو آهي ۽ ٻنهي جي چڱن ڳالهين کي گڏ ڪٺي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي دور نظرياتي بحرانن جو دور آهي جنهن خاص طور تي باشعورماڻهن جي شخصيتن کي نظرياتي طور تي ورهائي ڇڏيو آهي. اها ٻڌ تر واري ڪيفيت ڪنهن ماڻهو جي ڪيستائين رهي ٿي اهي هرڪنهن جي پنهنجي شخصيت ۽ اوسي پاسي جي صورتحال تي منحصرآهي. بهرحال جلد يا بدير فيصلو ته ڪرڻو پئي ٿو.

هتي ريڪارڊ لاءِ لاهور ۾ ٿيل جمهوريت پسند ليکڪن جي ڪانفرنس جي حوالي سان اها درستگي ضروري آهي ته هڪ ته ان ڪانفرنس ۾ سنڌي ليکڪن جو جيڪو وفد ويو هو ان ۾ آئون به شامل هوس ۽ ٻي ڳالهه ته ان وفد ۾ قمر شهباز شامل نه هو.

آئون سمجهان ٿو ته اها آتم ڪٿا خاص طور تي شاه محمد جي سياسي، ادبي ۽ شخصيت جي ٻين مختلف پاسن جي حوالي سان اڻپوري آهي. ان کي سندس شخصيت جو هڪ خاڪو چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ اڃا ڪيئي رنگ ڀرڻ جي ضرورت آهي. هو پاڻ گهڻ ڳالهائڻ وارو ماڻهو آهي پر ان جو مطلب گهڻ لکڻ ناهي. پڙهندڙ جي ان مان تسلي ڪونه ٿي ٿئي.

روس ۽ فرانس جي انقلابن لاءِ عام طور اهو چيو ويندو آهي ته ان وقت جي ادب ۽ اديبن ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اها ڳالهه ناهي ته اهي انقلاب ئي انهن اديبن ۽ سندن تخليق ڪيل ادب جي

ڪري آيا. پر ڳالهه اها هئي ته ان وقت انهن ملڪن ۾ جيڪي معاشي ۽ سماجي تبديليون اچي رهيون هيون ۽ سماج ۾ جيڪي نيون پيداواري قوتون جنم وٺي رهيون هيون انهن ليکڪن ان جو ادراڪ ڪيو، انهن کي سمجهيو ۽ انهن کي پنهنجي ادب جو موضوع ڪري نين قوتن سان گڏ ٿي بيٺا ۽ انهن کي اتساهه ڏنائون. جيستائين انقلابن ۽ تحريڪن جي اڳواٽي جو سوال آهي ته اهو ڪم سياسي قوتن ۽ سياسي اڳواڻن جو هو ۽ انهن پنهنجو اهو ڪم بخوبي پورو ڪيو.

هن وقت سنڌ ساڳي ريت معاشي، سماجي ۽ ثقافتي تبديلي جي عمل مان گذري رهي آهي. تبديلي جو عمل سولو ناهي هوندو. اهو هڪ ڏکيو، منجهيل ۽ پيچيدو عمل هوندو آهي ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ وڏي جاکوڙ جي ضرورت هوندي آهي. ان سڄي مشق ۽ محنت کان بچڻ لاءِ گهڻا ليکڪ لنوائيندا آهن ۽ فرار جون مختلف واٽون ڳولهيندا آهن. هن وقت سوال اهو ناهي ته اديب ۽ ليکڪ تحريڪن جي رهنمائي ڪن. اهو ڪم سياسي اڳواڻن جو آهي ۽ انهن کي ئي ڪرڻ ڏيو. اديب ۽ ليکڪ جو ڪم ان کان وڌيڪ ڏکيو آهي ۽ اهو ماڻهن جي زندگي ۾ جهاتي پائڻ ۽ اهو ڏسڻ ته نين حالتن جي ڪري سندن احساسن ۽ جذبن ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون آهن ۽ انهن جو رخ ڪهڙي پاسي آهي. ڇا هن وقت سنڌي ادب ۽ اديب اهو ڪم انجام ڏيئي رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ گهٽي ۾ ڳي ائين ناهي. جيڪو ادب هن وقت لکجي رهيو آهي ان ۾ ليکڪ ۽ سندس ذات وڌيڪ اهم آهي جڏهين ته سماجي منظرنامو هڪ ثانوي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. اديب ۽ ليکڪ جو سماج سان ناتو ان وقت ئي مضبوط ٿي سگهي ٿو ۽ ان وقت ئي هو ماڻهن لاءِ ڪارائتو ٿي سگهي ٿو جڏهين سماج ۽ زندگي ۾ ايندڙ تبديلين جو هو ادراڪ ڪري ۽ اهي سندس تخليق جو حصو هجن.

# سومرا دور جي سنڌ

هيستائين سنڌ جي تاريخ تي سائنسي لحاظ کان جوڳو ڪم نه ٿيو آهي. خاص طور تي سومرا ۽ سما دور تي ته نه ٿيڻ جوڳو ڪم ٿيو آهي ۽ ان کي رڳو ڪجهه لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن تائين محدود رکيو ويو آهي جن جي پڻ ڪا تاريخي حيثيت ناهي. ان جو هڪ اهم ڪارڻ ته اهو آهي، جيڪو تاريخ جي اٽڪل سيني دورن تي لاڳو ٿئي ٿو، ته تاريخ کي رڳو بادشاهن، جنگي سردارن ۽ وڏن ماڻهن جي ڪارنامن تائين محدود رکيو ويو آهي ۽ عام ماڻهو جي زندگي ۽ هلت چلت کي ان جو حصو ڪري نه ليکيو ويو آهي. ان ڪري گهڻي ڀاڱي ڏند ڪٿائن کي تاريخ ڪري ليکيو ويو آهي ۽ اصل تاريخ پس منظر ۾ هلي ويئي آهي.

ان ڪارڻ ئي سنڌ جي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکندڙ سومرا خاندان جي دور کي هڪ اونداهو دور چيو وڃي ٿو. اها ڳالهه ان لحاظ کان به عجيب لڳي ٿي ته اهو دور عرب ۽ ان کانپوءِ حبارين جي دور حڪومت کانپوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ جڏهين عرب دور متعلق اسان کي جوڳي معلومات ملي ٿي ته پوءِ اهو دور ڇو ان لحاظ کان اونداهو آهي. سومرا دور سنڌ ۾ اٽڪل ٽي سو چاليهه سال رهيو آهي. هن دور جي تاريخ ۾ اهم حيثيت آهي. ان ڪري به ته عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ جي اٽڪل ٽي سو سالن کانپوءِ اهو پهريون سنڌي خاندان هو جنهن سنڌ تي ايتري ڊگهي عرصي تائين حڪومت ڪئي. ايم ايچ پنهور ان دور متعلق پنهنجي تحقيقي ڪتاب اين السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ وسيلي اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهين تاريخ متعلق تحقيق جي جديد طريقن کي استعمال ڪيو وڃي، فطري سائنس جيان ان جي پرک ڪئي وڃي ۽ عام ماڻهو کي به تاريخ جو حصو سمجهيو وڃي ته اهو دور اونداهو نه رهندو ۽ ان جي تاريخ کي سهيڙي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾هن آرڪيالاجي، موسمن جي تبديلي ۽ سماجي حالتن وغيره کان مدد ورتي آهي. هو پنهنجي ان اپروچ جي وضاحت ڪندي چئي ٿو ته منهنجي تاريخ جي سمجهاڻي اها آهي ته اها پيداوار، پيداوار تي ضابطي ۽ پيداوار جي حتمي ورهاست جي تاريخ آهي. تاريخ سياست کان وڌيڪ ماڻهن جي تاريخ آهي. ان تحقيق گهڻين نين ڳالهين کي سامهون آڻڻ سان گڏ گهڻين ڏند ڪٿائن کي پڻ ظاهر ڪيو آهي.

دريا جو سنڌ جي تاريخ ۾ حڪومتن ۽ شهرن جي نهڻ ۽ ڊهڻ ۾اهم ڪردار رهيو آهي. رڳو سومرن کي پنهنجي گادي جو هنڌ ٽي ڀيرا دريا جي رخ مٽائڻ ڪري تبديل ڪرڻو پيو. پران سان ائين نه ٿيو ته ڪين اقتدار کان محروم ٿيڻو پيو هجي جيئن ماضي ۾ گهڻن حڪمران خاندانن کي ٿيڻو پيو هو. ان سان گڏوگڏ ليڪڪ موسمن جي تبديلي کي حڪومتن جي نهڻ ۽ ڊهڻ جو پڻ هڪ اهم ڪارڻ قرار ڏنوآهي. مينهن، پاڻي، سڪار ۽ خوشحالي حڪومتن جي مضبوطي ۽ استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن جڏهين ته ان جي ابتڙ حالتون حڪومتن کي لوڏي ڇڏينديون آهن ۽ انهن جي خاتمي جو باعث بڻبيون آهن. سنڌ ۾ عربن جي زوال جو ڪارڻ هڪ ڊگهي عرصي جي خشڪ سالي ۽ ڏڪر هو جنهن ماڻهن کي سنڌن خلاف اٿي کڙي ٿيڻ تي مجبور ڪيو ۽ پهرين حبارين ۽ پوءِ سومرن جي اقتدار ۾ اچڻ کي ممڪن بڻايو. عربن جي آخري دور ۾ سنڌ ۾ خشڪ سالي وارين حالتن جي ڪري بيچيني

۽ بغاوت واري ڪيفيت هئي ۽ عربن ڪي ٿوري عرصي ۾ هتي چاليہ گورنر تبديل ڪرڻا پيا جن مان پندرنهن آموي دور ۾ ۽ پنجويہ عباسي دور ۾ پر اهي حالتن ڪي قابو ۾ آڻي نہ سگهيا ۽ ڪين نيٺ اقتدار ڪان محروم ٿيڻو پيو. حباري ان لحاظ ڪان خوش قسمت هئا تہ سندن دور ۾ سنڌ ۾ سڪار ۽ خوشحالي هئي ۽ ڪين بغاوتن ۽ بيچيني ڪي منهن ڏيڻو نہ پيو. حباري انهن عربن جو اولاد هئا جن هتي مقامي ماڻهن سان رشتا ڳنڍيا هئا ۽ شاديون ڪيون هيون. حبارين متعلق چيو وڃي ٿو تہ بغداد جي سلطنت ڪمزور هئڻ ڪري حبارين لاۓ پنهنجي حڪومت ڪي برقرار رکڻ لاۓ اهو ضروري هو تہ اهي مقامي لباس پائين، مقامي رسمون ۽ مقامي ثقافت اختيار ڪن. حضرت بهاءالدين ذڪريا متعلق چيو وڃي ٿو تہ اهو حبارين جي اولاد مان هو.

انڪانپوۓ 1011 عيسوي ۾ سومرن جو دور آيو جيڪواٽڪل ٽي سئو چاليهہ سال رهيو. سني موسم ۽ سڪار جو دور ٻارهين صدي تائين رهيوآن ڪانپوۓ موسم ۾ تبديليون اچڻ شروع ٿيون. اهڙي ريت ان وقت تائين معاشي خوشحالي جي ڪري سومرن ڪي ڪنهن خاص مزاحمت ڪي منهن ڏيڻو نہ پيو. ان ڪانپوء موسمي حالتن ۾ آيل تبديلي ئي سندن زوال ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سمن جي اقتدار ۾ اچڻ ڪي ممڪن بڻايو.

تاريخ دان سومرا دور جي خود مختياري جو هڪ ڪارڻ اهو بہ ٻڌائين ٿا تہ ان وقت دهلي ۽ بغداد ۾ مضبوط حڪومتون نہ هيون جيڪي ڪين پنهنجي ماتحت ۽ اثررسوخ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪن ها. . ليڪڪ ان وقت جي سماجي حالتن، مذهب، رهڻي ڪهڻي ۽ ماڻهن جي طور طريقن ڪي بحث هيٺ آندو آهي ۽ ان پس منظر ۾ ئي حڪمراني جي انداز ۽ طور طريقن تي پڻ بحث ڪئي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ يارهين ڪان سورهين صدي تائين سنڌ جي آبادي جو نوي سيڪڙو سمن ۽ سومرن تي مشتمل هو. هو ان ڳالهہ ڪي رد ڪري ٿو تہ سومرا ڪي ٻاهريان آيل هئا بلڪ سندن تعلق انهي ڌرتي سان هو جنهن جي ثابتي سندن زندگي گذارڻ جي طور طريقن ۽ عقيدن مان ملي ٿي. ان ساڳي ڳالهہ ڪي ملتان جي عبدالحق بہ پنهنجي ڪتاب سومراز ۾ پڻ تاريخي حوالن ۽ دليلن سان ثابت ڪيو آهي. ان مان اها خبر پڻ پئي ٿي تہ ماڻهن جي مذهب ۽ سماجي زندگي جي طور طريقن ۾ وقت ۽ حالتن پٽاندڙ تبديلي ٿيندي رهي آهي ۽ اهي ڪي ساڪت ۽ هڪ جاء تي بيٺل شيون ناهن. ان لحاظ ڪان ان وقت جي سنڌ تي جيڪڏهين نظر وجهي ٿي تہ اها اسان ڪي اڄ جي ڀيٽ ۾ هڪ بلڪل ئي ٻي دنيا نظر اچي ٿي. ان جو هڪ مختصر خاڪو هن ريت ڏسي سگهجي ٿو.

عربن جي سنڌ ۾ اچڻ جو مقصد هتي اسلام جو ڦهلاء نہ هو جيئن عام طور سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري اوچي طبقي جي ڪجهہ ماڻهن ئي پنهنجو مذهب بدلايو جڏهين تہ ماڻهن جي گهڻائي پنهنجي پراڻي مذهب ۽ طورطريقن تي هلندي رهي. سنڌ سميت ڏکڻ ايشيا جا مسلم حڪمران غير مسلمن ڪي مسلمان ڪرڻ تي گهٽ توجهہ ڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهڙي ريت اهي جزئي جي رقم ڪان محروم ٿي ويا ٿي جيڪا سندن خزاني جو هڪ اهم حصو هئي. اهڙي ريت اسلام ڦهلائڻ ۾ حڪمرانن ڪان وڌيڪ صوفين جوهٽ هو.

تيرهين صدي عيسوي تائين سنڌ ۾ ٻڌازم، اسماعيليت،هندوازم ۽ صوفيت گڏوگڏ هلندا هئا. ٻڌازم صدي جي آخر تائين ختم ٿي ويو. جڏهين تہ ان دوران اسماعيليت جو زور پڻ ڪافي حد تائين

گهٽجي ويو ۽ اهي هن وقت سنڌ ۾ هڪ ننڍي ٿورائي ۾ آهن. ان جو وڏو ڪارڻ صوفين پاران اسلام جو ڦهلاءُ هوجن مٿي ذڪر ڪيل ٻن مذهبن جي گهٽن ماڻهن کي پنهنجي پاسي ڪري ورتو. مذهب جي تبديلي سان ماڻهن جي اوتارن ۽ مذهبي عقيدن ۾ گهٽي تبديلي نه آئي ۽ گهٽي پاڳي رڳو انهن جا نالا بدلجي ويا. سومرا جيتوڻيڪ صوفين جواحترام ڪندا هئا ۽ انهن کي سهولتون به مهيا ڪندا هئا پر جيستائين سومرن جي گهڻائي جو مذهب اسماعيليت رهيو تيستائين اهي ان تي ئي قائم رهيا ۽ سني مذهب اختيار نه ڪيائون.

عربن جي دور ۾ به هندن جيان سنڌ جي ماڻهن کي چار ذاتن ۾ ورهايو ويو هو جن ۾ عرب اشراف، ٻيا مسلمان موالي، غير مسلم ذمي ۽ ٻيا غلام هوندا هئا. غلام سنڌ جي ٻاهران ايندڙ مال جو هڪ اهم حصو هوندا هئا.

ستين صدي عيسوي تائين برهمڻ ڳئون جو گوشت کائيندا هئا. ڏڳو جيئن ته زراعت جي ڪم لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو ان ڪري ان خيال کان ته متان ان جي نسل نه ختم ٿي وڃي ڳئون کي پوتر حيثيت ڏني ويئي. ساڳي ريت ليکڪ ٻڌائي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن جي خوراڪ ۾ سور جو گوشت پڻ شامل هوندو هو ۽ ان کي گهرن ۾ ٻڪرين، رڍن ۽ ڳئن جيان پاليو ويندو هو. ان کي ترڪ ڪرڻ جو هڪ اهم ڪارڻ اهو هو ته ان جي خوراڪ به اها ساڳي آهي جيڪا ماڻهو جي آهي جنهن جي ڪري خوراڪ جي بحران پيدا ٿيڻ جوپڻ خدشو هو. ٻيو ڪارڻ مذهبي هو. اسلام جي سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ اهو ممنوع ٿي ويو. مسلمانن اهو يهودين کان ورتو هو جڏهين ته انهن وٽ اها روايت فرعون جي مصر مان آئي هئي. شراب واپرائڻ تي پابندي نه هونئي هئي پر مهانگي هئڻ ڪري ماڻهو اهو گهٽ استعمال ڪندا هئا، جڏهين ته سومرا حڪمران شوق سان ان جو استعمال ڪندا هئا. عام ماڻهن ۾ چرس ۽ ڀنگ جو استعمال عام هوندو هو.

سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جي دور کي، جيڪو يارهين صدي کان سورهين صدي يا وچئين دور تي مشتمل آهي، محبت ۽ پيار جو دور ڪري ليکيو وڃي ٿو پر هن دور ۾ عورتن جي حالت تي نظر وجهڻ سان ڪجھ حقيقتون واضح ٿين ٿيون. پهرين ڳالھ ته جيڪي به لوڪ قصا ۽ ڪهاڻيون ان دور سان منسوب ڪيون وڃن ٿيون انهن جي ڪا حقيقت ناهي. اهي قصا سڀئي سومرا دور کان اڳ جا آهن. مثال طور عمر مارئي جي قصي کي وٺئون ته اها خبر پئي ٿي ته تاريخ ۾ عمر نالي جا ٻه سومرا حڪمران گذريا آهن جن مان ڪنهن جي به گادي جو هنڌ عمر ڪوٽ نه رهيو آهي بلڪ اهي نري ۽ ٺٽي ۾ هئا جڏهين ته عمر ڪوٽ اصل ۾ راجپوت حاڪم امر سنگھ جي نالي پويان امر ڪوٽ آهي. ساڳي ريت جيتوڻيڪ سومرن حڪمرانن ۾ چار دودا ۽ ٻه چنيسر نالي جا حڪمران گذريا آهن پر انهن جو دور هڪ ٻئي کان مختلف رهيو آهي. اهڙي ريت دودي چنيسر واري ڪهاڻي پڻ هڪ ڏند ڪٿا کانسواءِ ٻيو ڪجھ به ناهي.

انهن ڪهاڻين جو مقصد اصل ۾ عورتن ۾ وفاداري ۽ پارسائي پيدا ڪرڻ هو. انهن ڪهاڻين مان بهرحال هڪ اها ڳالھ سامهون اچي ٿي ته سنڌ ۾ شادين ۾ ذات پات کي گهٽي اهميت نه ڏني ويندي هئي جنهن جو وڏو مثال نوري ۽ ڄام تماچي جو قصو آهي جنهن ۾ هڪ راجا مهاڻي سان شادي ڪري ٿو ۽ ان کي ساڳي راڻي واري حيثيت حاصل هجي ٿي ۽ سندس اولاد کي به ساڳي حيثيت ڏني وڃي

ٿي. سنڌ ۾ ٻڌازم ۽ اسماعيليت جي تعليمات ذات پات جي نظام کي ختم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

سومرا هندن جيان پنهنجي خاندان مان شاديون نہ ڪندا هئا پر ساڳي وقت اهي غيرسومرن مان بہ شاديون نہ ڪندا هئا. ساڳي ريت ليڪڪ جو چوڻ آهي تہ ٻار پيدا ٿيڻ کانپوءِ اهي پنهنجين زالن سان همبستري نہ ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ سنڌن ليکي اهي ناپاڪ ٿي ويون هيون. اهو بلڪل ائين هو جيئن ميرا ڪپڙا ڌوئڻ کانپوءِ ٻيهر نہ پائيا هئا. ماهواري جي دوران عورت کي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏبو هو. سومرا ٻڌازم اسلام ۽ هندوازم جي گڏيل رسمن تي عمل ڪندا هئا. منجهن گهٽين شادين ڪرڻ جو رواج هو. جڏهين تہ ٻئي پاسي منجهن بادشاهن ۽ راجپوت سردارن ۾ ستي جو لازمي رواج هو پرعام ماڻهو کي ان جي لاءِ بادشاه جي اجازت وٺڻي پوندي هئي. عورتن جي سماجي لحاظ کان ان گهٽ حيثيت هئڻ جي باوجود عورتن کي نہ رڳو اهو تہ دربار ۾ اچڻ جي اجازت هئي پر اهي ساڳي وقت رياستي معاملن ۾ رائي ڏيڻ جو حق پڻ رکنديون هيون ۽ ايستائين تہ ان دور ۾ جيڪي عورت حڪمران رهيون انهن پڻ نهايت اطمينان سان پنهنجي مدو پوروڪيو ۽ انهن کي رضيا سلطانا جيان زوري تشدد وسيلي تخت کان محروم نہ ڪيو ويو. ساڳي ريت عورت کي پنهنجي مڙس جي ملڪيت مان وراثت جو پڻ حق هوندو هو.

سومرن ۾ ڪي عجيب رسمون هيون. مثال طور اهي اجنبي ماڻهن جي آڏو ڪاڌو نہ ڪائيندا هئا. سا ڳي ريت اهي پنهنجن مڙدن کي دفن بہ ڪندا هئا ۽ ٻاريندا بہ هئا. اهي مينهن جو گوشت وڏي شوق سان ڪائيندا هئا جڏهين تہ هندو اهو استعمال نہ ڪندا هئا. ڪنهن ڏوهاري جي معصوميت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ان کان ٻاه يا پاڻي جو امتحان ورتو ويندو هو. سومرا وهمن وسوسن ۽ جنن ڀوتن وغيره ۾ يقين رکندا هئا. وٽن هڪ خاص تصور اهو هوندو هو تہ لاڙ جا ماڻهو جگر خور آهن ۽ اهي جگر ڪائي ماڻهو کي بيمار ڪري ڇڏيندا آهن. سنڌن عقيدا ٻڌازم، اسلام ۽ بت پرستي جو مجموعو هئا. قلندر سيوهڻ جي سيني هندن کي مسلمان ڪيو جن سندس وفات کانپوءِ کيس شيوجي مندر ۾ دفن ڪيو مذهب تبديل ڪرڻ جي باوجود انهن ماڻهن پنهنجين عادتن کي ڏيري ڏيري ئي بدلايو. سومرن جي اسماعيلي مذهب اختيار ڪرڻ جو هڪ اهم ڪارڻ اهو بہ هو تہ ان ۾ سنڌن گهٽين انهن رسمن کي بہ شامل ڪيو ويو هو جيڪي سنڌن اڳوڻن مذهبن جو حصو هيون.

ليڪڪ عام مشاهدي طور ٻڌائي ٿو تہ منگولن سنڌ کي ان ڪري تباه نہ ڪيو هو تہ ڪين هتان ڪاڌ خوراڪ ملندي هئي جڏهين تہ جن علائقن کي اهي تباه ڪري رهيا هئا اهي ڪاڌ خوراڪ جي حوالي سان پوئتي پيل هئا. خوارزم شاه جي حملي جي حوالي سان هو ٻڌائي ٿو تہ ڀنڀور يا ديبل مان جيڪي آثار مليا آهن آنهن مان اها خبر پئي ٿي تہ ان شهر ۾ گهٽي گهٽي ۾ ويڙه ٿي هئي. ان شهر کي پوءِ خوارزم شاه باه ڏيئي ساڙي ڇڏيو هو ۽ پوءِ اهو وري آباد ٿي نہ سگهيو هو.

# دجلا ۽ فرات جو ڏيٽن وارو علائقو

ميسوپوٽيميا، ٻن دريائن، دجلا ۽ فرات جي وچ جي سرزمين آهي. جنهن جو گھڻو حصو عراق ۽ ڪجھ حصو ايران، شام ۽ ترڪي وٽ آهي. هتي ٻنهي دريائن ۾ پاڻي گھڻجڻ ڪري ڏيٽ ۽ ڍنڍون وغيره ٺهن ٿيون. انهن ڏيٽن جو گھڻو حصو ڏکڻ عراق ۽ ڪجھ حصو ايران ۾ آهي. ان علائقي کي ڏيٽن وارو علائقو بہ چيو وڃي ٿو جيڪو اٽڪل ست هزار ست سو چورس ميل تي ڦهليل آهي. گھڻي ڀاڱي اهو ٽن ڌارپر هڪ ٻئي جي ويجهو مرڪزي، هويزي ۽ همار ڏيٽن تي مشتمل علائقو آهي. هتي مختلف وڏيون پاڻي جون ڍنڍون آهن. اهو اولهندي يوريشيا جي ماحولياتي نظام جو وڏي ۾ وڏو پاڻي وارو علائقو ليکيو وڃي ٿو. 2016 ۾ انهن کي يونيسڪو جو ورثو قرار ڏنو ويو هو. رڻ پٽ ۾ چڻ اهو هڪ انوکو علائقو آهي جتي ماڻهن سان گڏوگڏ اٽڪل چاليہ قسم جا پکي، مختلف قسم جون مڇيون ۽ وڏي پئماني تي ٻي جهنگلي جيوت آباد هئي. سردي جي موسم ۾ سائيبيريا مان وڏي پئماني تي پکي هتي ايندا هئا.

هتي مختلف ڳوٺ آهن جن جو لاڳاپو هڪ ٻئي سان رڳو ٻيڙين ذريعي رهي ٿو. ماڻهن جو گذارو سارين ۽ ٻي پوک ڪرڻ، مينهون پالڻ ۽ مڇين وغيره مارڻ تي آهي. تاريخي حوالي سان اهو نهايت اهم علائقو رهيو آهي. اها سرزمين بابل ۽ سميري تهذيب جو مرڪز رهي آهي ۽ هتي رهندڙ عربن کي سميرين جا وارث ڪري ليکيو ويندو آهي. هتي دنيا جي ٽن اهم قديم مذهبن جنم ورتو آهي. مينديئن ۽ ان ئي مذهب جي پوئلڳ جي گھر پيدا ٿيندڙ ماني جنهن هڪ نئين مذهب جي بنياد وڌي. ساڳي ريتِ يزيدي مذهب جي پڻ هن علائقي مان شروعات ٿي.

1950 جي ڏهاڪي ۾ انهن ڏيٽن واري علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جي آبادي پنج لک هئي. ان وقت حڪومت پاران ان زمين، کي زراعت، تيل جي ڳولها ۽ ٻين مقصدن لاء استعمال ڪرڻ لاءِ پاڻي جي نيڪال ۽ علائقي کي خشڪ ڪرڻ جو عمل شروع ٿيو. جيڪو 1970 جي ڏهاڪي تائين معمول موجب هلندو رهيو. 1980 ۽ 1990 جي ڏهاڪن ۾ صدام حسين جي دور ۾ ان ۾ اجا تيزي اچي ويئي. خاص طور عراق جي ڪويت تي حملي ۽ صدام جي شڪست ڪانپوءِ اهو عمل اجا وڌيڪ تيز ٿي ويو. ان جو هڪ ڪارڻ اهو هو تہ ماڻهن جي روزگار جي ذريعن جي ختم ٿيڻ جي ڪري انهن پاڻ علائقي مان لڏڻ شروع ڪيو ۽ ٻيو هتي جيڪي مختلف مذهبن ۽ عقيدن جا ماڻهو آباد هئا انهن کي حڪومت پاران ملڪ جي سلامتي لاء خطرو سمجهي هتان لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. ڏنو وڃي تہ مينديئن، يزيدي ۽ ماني جي پوئلڳن جو هڪ ٿورو تعداد هتي رهندو هو جيڪي هميشہ حڪومت سان گڏ ۽ ان جا حمايتي ئي هوندا هئا ۽ حڪومت کي انهن مان ڪو خطرو نہ هوندو هو. انهن مان گھڻا ماڻهو ملڪ جي ٻين علائقن ۽ شهرن ڏانهن لڏي ويا. پر سياسي عدم استحڪام ۽ داعش ۽ ٻين مذهبي قوتن جي زور وٺڻ جي ڪري عراق جي سيڪيولر حيثيت متاثر ٿي ۽ مذهبي ٿورايون عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويون. ان جو اندازو خاص طور عراق ۽ شام جي مختلف علائقن تي داعش جي قبضي ڪانپوءِ يزيدين سان ڪيل ورتاءَ مان لڳائي سگهجي ٿو. ان ڪري انهن ماڻهن جي گھڻائي کي آمريڪا ۽ يورپ جي مختلف

ملڪن ڏانهن لڏڻو پيو. پاڻي ۾ رهڻ جي ڪري انهن ماڻهن جي مذهبن ۾ پاڻي جي هڪ خاص ۽ پوتر حيثيت آهي. اهي جتي ۽ جن ملڪن ۾ به ويا آهن اتي انهن پنهنجين انهن روايتن کي برقرار رکيو آهي، دريا ۽ پاڻي جا ٻيا ذخيرا سندن لاءِ پوتر حيثيت جا حامل رهيا آهن.

دراصل صدام لاءِ اهم مسئلو اهو هو تہ هتي ٻين مذهبن جي ڀيٽ ۾ شيعن جي گهڻائي هئي. عراق ۾ گهڻائي هوندي بہ شيعن سان امتيازي ورتاءُ ٿيندو رهيو هو ۽ اهي لاڳيتو رياستي ڏاڍ ۽ ظلم جو شڪار رهندا ٿي آيا. صدام جي حڪومت پاران کين هميشہ پنهنجي لاءِ خطرو سمجهيو ٿي ويو ۽ شڪ جي نگاه سان ٿي ڏٺو ويو. ان ڪري صدام جي شڪست ۽ آمريڪا ۽ اتحادي ملڪن جي هشي ڏيڻ تي بصره سميت انهن علائقن جي ماڻهن اهو سمجهيو تہ صدام جيڪي ساڻن ناانصافيون ۽ ظلم ڪيا هئا اهو ان سڀ جي بدلي وٺڻ جو وقت هو جنهن ۾ آمريڪا، برطانيا ۽ ٻيا سندن اتحادي سندن مدد ڪندا. پر اهو ڄڻ ساڻن دوکو ڪيو ويو هو. ڪنهن بہ ملڪ پاران سندن ساٿ نہ ڏنو ويو ۽ صدام کي منهن ڏيڻ لاءِ کين اڪيلو ڇڏيو ويو. صدام نهايت وحشياڻي نموني ان بغاوت کي ڪچلي ڇڏيو. هزارين ماڻهن کي ماريو ۽ گرفتار ڪري ايذاء گهرن ڏانهن اماڻيو ويو. گهڻن مخالفن پڄي اچي انهن ڍٻڻن ۾ پناه ورتي. هتي رهندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اسان وٽ جيڪو ماڻهو پناه وٺڻ ايندو آهي اسان ان کي پناه ڏيندا آهيون پوءِ پلي هو حڪومت جو مخالف ڇو نہ هجي. حڪومت پاران جيتوڻيڪ انهن ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هيلي ڪاپٽر وغيره موڪليا ويا ۽ هٿيارن جو استعمال ڪيو ويو پر ان علائقي ۾ گهربل ماڻهن کي هٿ ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم هو ۽ اڪثر ڪري ان سلسلي ۾ حڪومت کي ناڪامي کي ئي منهن ڏيڻو پيو هو.

ان جو حل اهو سوچيو ويو تہ پاڻي نيڪال ڪري انهن ڍٻڻن کي ئي ختم ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ مختلف جاين تي ننڍا ڊيم، بند، نهرون ۽ ٻيون رڪاوٽون ناهيون ويون تہ جيئن پاڻي جو رخ ٻئي پاسي ڪري سگهجي. 2003 ۾ عراق ۾ آمريڪي فوجن جي اچڻ وقت انهن ڍٻڻن جو نوي سيڪڙو ختم ٿي چڪو هو ۽ باقي ڏه سيڪڙو وڃي باقي بچيو هو جڏهين تہ آبادي گهٽجي ويهہ هزار وڃي رهي هئي. انهن مان گهڻا ماڻهو ايران ڏانهن لڏي ويا هئا. گهڻن پکين ۽ جانورن جا قسم ختم ٿي ويا ۽ گهڻن جو جياپو خطري ۾ آهي.

2003 کانپوءِ انهن جي بحالي جو ڪم شروع ڪيو ويو. گهڻن ڊيمن ۽ ٻين رڪاوٽن وغيره کي ختم ڪيو ويو. رابرٽ فسڪ جڏهين عراق ۾ آمريڪي فوجن جي اچڻ وقت پهتوهو تہ هن علائقي جي ماڻهن کيس ٻڌايو تہ جڏهين اسان وري پاڻي اچڻ جو آواز ٻڌو تہ اسان اتي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو. هتان ايران لڏي ويل گهڻا ماڻهو وري پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي آيا آهن. جيتوڻيڪ 2006 تائين ڍٻڻن جو انونجاه سيڪڙو بحال ٿي ويو هو. پر هڪ تہ سوڪهڙي ۽ ٻيو دريائن جي ترڪي، ايران ۽ شام وارن مٿين علائقن ۾ ڊيمن جي نهڻ ڪري هتي پاڻي گهربل مقدار ۾ نہ ٿو پهچي. ان ڪري گهڻن علائقن ۾ ڪلر جي ڪري زمين خراب ٿي ويئي آهي ۽ هاڻي اهي رڳو ٽيہ سيڪڙو تائين ئي بحال ٿي سگهيون آهن.

اهو ممڪن نہ ٿو لڳي تہ ڍٻڻين جو اهو علائقو مڪمل طرح يا گهڻي حد تائين وري بحال ٿي سگهي. ان جي تباهي ماحولياتي لحاظ کان انسان ذات لاءِ هڪ وڏو هاڃو آهي.

# جلاوطني جا ڏک

نندي کنڊ جي ورهاڱي ۾ پنجاب ۽ بنگال جي ورهاست ۽ اتان ٻنهي پاسن جي ماڻهن جي لڏپلاڻ، قتل عام ۽ اهنجن تي ته گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ فلمون ۽ ڊراما ناهيا ويا آهن پر سنڌ ۾ جيڪي ڪجھ ان وقت هتان جي هندو سنڌين سان ٿيو ان کي چو غيراهم سمجهي خاطر ۾ نه آندو ويو آهي. ايستائين ته ٽي وي سيريلز تمس ۽ بنياد ناهڻ وارا به سنڌي هئا پر انهن ۾ به پنجاب جي ڪيس کي ئي پيش ڪيو ويو آهي جڏهين ته سنڌين جي اهنجن، تڪليفن ۽ لڏپلاڻ تي ڪا توجھ نه ڏني ويئي آهي. اهو اهم سوال آهي جيڪو انهن سنڌين جي ٽين پيڙهي پڇي رهي آهي جيڪي هتان ورهاڱي وقت پارت ۽ ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويا هئا ۽ هن وقت اهي پنهنجي سڃاڻپ ۽ بڻ بنياد جي ڳولها ۾ آهن.عام خيال اهو آهي ۽ حقيقت به آهي ته ان وقت سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ به ان سطح جو تشدد ۽ رتوڇاڻ نه ٿي هئي جنهن مان بنگال ۽ پنجاب گذريا هئا ۽ جتي تشدد ۽ لڏپلاڻ جو عمل ورهاڱي جي باقاعدي اعلان کان اڳ ئي شروع ٿي ويو هو جڏهين ته سنڌ ۾ اهو ورهاڱي کان ڪجھ مهينا پوءِ ئي شروع ٿيو. ان ڪري ئي ڪانگريس جي قيادت شروع ۾ ان ڳالھ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئي ته سنڌ ۾ هندو غيرمحفوظ آهن ۽ کين اتان لڏڻ جي ضرورت آهي. ان ڳالھ کي مڃڻ ۾ کين هڪ ڊگهو وقت لڳي ويو ته سوال رڳو ڪتي ٿيندڙ تشدد ۽ رتوڇاڻ جو نه هوندو آهي پر ان سڄي ماحول جو به هوندو آهي جنهن ۾ سماج جي هڪ ٿورائي اهڙين حالتن کي منهن ڏيندي آهي جنهن ۾ اها نفسياتي لحاظ کان عدم تحفظ، ڊپ ۽ غير يقيني حالتن جو شڪار ٿي ويندي آهي ۽ کيس پنهنجي جان ۽ مال سان گڏوگڏ عزت وڃڻ ۽ ٻئين درجي واري شهري جي زندگي گذارڻ جو شديد احساس هوندو آهي. لاڳيتو ان صورتحال ۾ رهڻ ان لاءِ ممڪن نه هوندو آهي. سنڌ ان وقت اهڙين ئي حالتن مان گذري رهيو هو.

ان سلسلي ۾ خاص طور سرحد جي هن پار مختلف زاوين کان گهڻو ڪجھ لکجي رهيو آهي. نديتا پاوناني جو تازو ڪتاب The Making of Exile-Sindhi Hindus and Partition of India اهڙو ئي هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن کي لکڻ لاءِ هن ويزا جي سختين ۽ پابندين جي باوجود به ٽي ڀيرا سنڌ اچي هتان جي مختلف ماڻهن سان ملاقات ڪئي. هن پنهنجي تحقيق ۾ مختلف ذريعن کي ڪم آندو آهي جن ۾ سرحد جي ٻنهي پاسن جي ورهاڱي جي مختلف ڪردارن سان انٽروين کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي
.

ورهاڱي کان اڳ خاص طور تي منزل گاه واري تنازعي جي نتيجي ۾ ٿيل هندو مسلم فسادن سنڌ جي هندو ۽ مسلم آبادي ۾ هڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي جنم ڏنو هو. ٿورائي ۾ هئڻ ڪري هندن ۾ هڪ غير يقيني واري ڪيفيت پيدا ٿي هئي جنهن جي ڪري منجهن آر ايس ايس ۽ ٻين هندو انتها پسند جماعتن جو زور وڌي ويو هو. ڪانگريس پاران ورهاڱي جي حمايت ۽ سندس پاران سنڌ کي پاڪستان جي حصي طور مڃڻ ڪري به هندن ۾ سندس حمايت کي ڌڪ لڳو جنهن جو فائدو پڻ انتها پسند جماعتن کي ٿيو. سنڌ ۾ جيتوڻيڪ وڏي پئماني تي ڪي فساد شروع نه ٿيا هئا پر مختلف

علائقن ۾ ڦورن، چورن ۽ ڌاڙيلن پاران صورتحال جو فائدو وٺندي هندن جي گهرن ۽ ملڪيتن تي حملا ۽ لڏيندڙن جي ريل گاڏين مان ڦرمار جا واقعا ٿيڻ لڳا هئا.

ان صورتحال ڪي ڏسندي گهڻا هندو ٻڌ تر جو شڪار هئا ته آيا سنڌ مان لڏڻ به گهرجي يا نه. ان سلسلي ۾ اها ڳالهه اهم هئي ته سنڌ پنهنجي ڌار سڃاڻپ ۽ ڪلچر وغيره جي باوجود به ننڍي کنڊ ۽ ان جي سياست جو هڪ اڻ ٽٽ حصو هو ۽ اتي جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو ان کان ڌار رهڻ ان جي لاءِ اٽڪل ناممڪن هو. جيتوڻيڪ مختلف اڳواڻن پاران مختلف علائقن لاءِ انگريزن کي مختلف رٿائون پيش ڪيون ويون پر انهن ننڍي کنڊ کي هڪ ايڪي طور ورتو ٿي جنهن کي انهن کي مسلم ۽ غيرمسلم گهڻائي وارن علائقن جي بنياد تي ٻن حصن ۾ ورهائڻو هو. ورهاڱي جي وڏي ٽريجڊي اها هئي ته ماڻهن پنهنجي ليکي پر بجا طورتي اهو سمجهي ورتو هو ته پاڪستان مسلمانن ۽ ڀارت هندن لاءِ مخصوص آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته هندوستان مان آيل پناهگيرن هندن ۽ سکن کي نئين ملڪ جي مختلف علائقن ۾ نشانو بڻايو جڏهين ته پاڪستان مان لڏيندڙ سکن ۽ هندن ڀارت جي مسلمانن کي پنهنجي ڪاوڙ جو نشانو بڻايو. ليکڪا جو چوڻ آهي ته ٻنهي ملڪن ۾ جيڪي فساد ٿيا انهن ۾ وڏو هٿ لڏي آيل پناهگيرن جو هو جن پنهنجي ڪاوڙ اتي رهندڙ مخالف مذهب جي ماڻهن تي تشدد ڪري ڪڍي. پران سلسلي ۾ ڪاوڙ کان وڌيڪ هڪٻئي جي ملڪيتن ۽ گهرن تي قبضي کي فسادن جو هڪ اهم مادي ڪارڻ ڄاڻايو وڃي ٿو. ڪراچي، دلي ۽ لاهور وغيره جي آبادي ڏسندي رات وچ ۾ ٻيڻي، ٽيڻي ۽ چئوڻي ٿي ويئي جڏهين ته انهن شهرن ۾ نه ايتري گنجائش هئي ۽ نه ئي گهرن جو ايترو تعداد هو جيڪو ان سڄي واڌ کي ڪپائي سگهي ها. لڏي ايندڙن کي ان جو هڪ ئي حل نظر آيو ٿي ته مخالف مذهب جي ماڻهن کي تشدد ۽ ٻين طريقن سان تڙي سندن گهرن تي قبضا ڪيا وڃن. ڀارت مان آيل مسلمانن اهو ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي هندن سان ڪيو جڏهين ته پنجاب مان لڏيندڙ سکن ۽ هندن اهو سيڪجهه دلي جي مسلمانن سان ڪيو ۽ سنڌ مان لڏيندڙ سنڌي هندن گجرات ۽ راجستان جي مسلمانن کي سندن گهرن مان تڙي ڪڍيو. ان سڄي لڏپلاڻ جو نتيجو اهو نڪتو ته پاڪستان ته اٽڪل غير مسلم آبادي، جنهن ۾ هندن ڪانسواءِ گهڻا عيسائي، پارسي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو جيڪي پڻ نئين صورتحال جي ڪري هڪ غير يقيني جو شڪار ٿي ويا هئا، کان خالي ٿي ويو جڏهين ته ڀارت ۾ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد پوئتي رهجي ويو. اهڙي ريت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي جو مخالف ملڪ ۾ رهندڙ پنهنجن هم مذهبن جي حفاظت لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ مذهبي ٿوراين کي يرغمال ڪري رکڻ وارو نظريو ڪارائتو نه رهيو.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ جا شهر هندو گهڻائي جا شهر هئا جتي نوڪرين ۽ ڪاروبار وغيره ۾ کين مٿڀرائپ حاصل هئي. ڪراچي خاص طور تي گذريل اٽڪل ٻن صدين کان جڻ ته هڪ هندو شهر هو. ورهاڱي کان فوري پوءِ جيئن هندوستان جي ٻين علائقن مان پناهگير لڏي ان شهر ۾ آيا تيئن آبادي جي هيئت مڪمل طور تبديل ٿي ويئي. شهرن جي آبادي ۾ واڌاري اچڻ سان گڏ اهي مسلم گهڻائي وارا شهر پڻ بڻجي ويا ۽ هندو هڪ ننڍي ٿورائي ۾ بدلجي ويا. ان جو لازمي اثر اهو ٿيو ته شهر جي معاملن ۾ جيڪا سندن اهميت ۽ عمل دخل هو اهو جڻ ته ختم ٿي ويو. ان جو ٿورو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبرن ۾ غير مسلمن

جي گهٽائي هئي جن ڪي پناهگيرن پاران سندن گهرن ۽ زمين وغيره جي الاٽمنٽ ۾ هڪ رڪاوٽ ڪري ليکيو پئي ويو ۽ سندن گهر هئي ته ان ڪي ٽوڙي نئين صورتحال ۽ حقيقتن موجب ان جي جوڙ جڪ ڪئي وڃي. ان ڪري حڪومت پاران ان گهر ڪي مجيندي ان ڪي ٽوڙيو ويو.

سنڌ مان هندن جي پهرين وڏي پئماني تي لڏپلاڻ جو محرڪ 20 ۽ 21 آگسٽ 1947 تي ڪوئيٽا ۾ رهندڙ هندن ۽ سکن، جن مان گهڻن جو واسطو سنڌ سان هو، تي ٿيل حملا ۽ سندن قتل عام هو جنهن ۾ گهڻو هٿ اوپر پنجاب مان فسادن جي ڪري لڏي ايندڙ پنجابي مسلمانن جو هو. ڪوئيٽا جي فسادن جي ڪري نه رڳو هتان هندن ۽ سکن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي پر ساڳي وقت سنڌ جي هندن ۾ پڻ هڪ ڊپ پيدا ٿيو جنهن هتان لڏپلاڻ جي عمل کي تيز ڪيو. پر ان ڪانپوءِ 6 جنوري 1948 تي ڪراچي ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ ٿيل فسادن، جن ۾ نه رڳو گهڻن هندن ۽ سکن کي کنو ويو پر ڪراچي جي رتن تلاء جي علائقي ۾ هڪ گردواري، جنهن ۾ نوابشاه کان پارت لڏيندڙ سک ترسيل هئا، کي ماڻهن سميت باه ڏيئي ساڙيو ويو. سڄي شهر ۾ هندن تي حملن جو سلسلو شروع ٿي ويو. پهريون ڀيرو ڪراچي ۾ فسادن کي روڪڻ ۽ امن امان کي قائم رکڻ لاء مختلف وقفن سان اٽڪل سو ڪلاڪن جو ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. اهو سيڪجهه اتي ئي ختم نه ٿي ٿيو پر اهو هڪ تسلسل ۽ لاڳيتو عمل هو ۽ جيڪو ڪنهن حد تائين اجا به جاري آهي. هندوستان مان مسلمانن خلاف ڪنهن به ڪوڙي سچي خبر جهڙوڪ اجمير جي مزار تي حملي وغيره جو هتي هندن خلاف ردعمل هڪ لازمي ڳالهه هئي جنهن هڪ ڊپ ۽ غيريقيني جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي. ان سڄي صورتحال ۾ سنڌ حڪومت جو ڪردار بڌتر وارو هو. ان ۾ اها ئي ساڳي ورهاڱي کان اڳ واري قيادت شامل هئي جنهن واضح طور سنڌ مان هندن جي لڏڻ جي ڳالهه ڪئي ٿي ته جيئن انهن کي سندن زمينون، مال ملڪيت ۽ سماجي ۽ سياسي اثررسوخ حاصل ٿي سگهي. هڪ پاسي ته انهن پنهنجن شهرن ۾ امن امان قائم رکڻ ۽ هندو آبادي جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۽ وڳوڙين خلاف قدم کڻڻ چاهيو ٿي پر ساڳي وقت ان لاء انهن پارت جي ٻين حصن ۾ مسلمانن سان ٿيندڙ سلوڪ کي هڪ جواز طور پيش ڪيو ٿي ۽ ٻئي پاسي مٿن مرڪزي حڪومت ۽ مسلم ليگ جي مرڪزي قيادت، جنهن جي گهڻائي جو واسطو پارت جي مسلم ٿورائي وارن علائقن سان هو، پاران انهن وڳوڙين خلاف قدم نه کڻڻ لاء دٻاء پڻ هو. ان ڪانسواءِ ڪين اهو مسئلو به درپيش هو ته شهر ۾ وڌندڙ آبادي جي رهائش جي مسئلي کي ڪهڙي ريت حل ڪيو وڃي. ان جو فوري حل اهو ئي نظر آيو ٿي ته هندو هتان لڏي وڃن ته جيئن سندن جاين کي هندوستان مان ايندڙن کي الاٽ ڪري ان دٻاء کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي. مختلف ماڻهن جي حوالي سان اها خبر پئي ٿي ته حڪومت پاران ان ڪارڻ به اهڙي لڏ پلاڻ جي همت افزائي ڪئي ٿي ويئي. رهائش ۽ ٻين ڏکيائين جي ڪري، جن جو هندوستان مان ايندڙ گهڻن ماڻهن کي اندازو نه هو، گهڻن ماڻهن ان وقت هندوستان ۾ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي وڃڻ کي ترجيح ڏني.

انهن واقعن ۽ اهڙي صورتحال ڪانپوء سنڌ جي هندن کي هتان لڏڻ جي فيصلي ڪرڻ ۾ گهڻي دير نه لڳي ۽ نه ئي سوچ ويچار جي ضرورت محسوس ٿي. سمنڊ ۽ خشڪي وسيلي ٿيندڙ ان لڏپلاڻ جي ڪري سنڌ جڻ هندن کان خالي ٿي ويئي. ان وقت سنڌ ۾ رهندڙ اٽڪل چوڏنهن لک هندن مان ٻارنهن لک پارت ۽ ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويا. پر سندن آزمائشون ۽ امتحان رڳو ان لڏڻ سان ختم نه

تي ٿيا. ڀارت جي حڪومت جي پهرين ترجيح پنجاب ۽ بنگال مان فسادن جي ڪري لڏيندڙ ماڻهو هئا جڏهين ته سنڌ جي ماڻهن کي انهن حالتن جو شڪار سمجهڻ بجائي پاڻ تي زوري ٿاڦيل سمجهيو ٿي. ان ڪري هتان ويندڙن کي جيڪا اهو غلط فهمي هئي ته اتي ڪين اڪين تي ويهاريو ويندو ۽ ساڻن خاص ورتاءُ ٿيندو رڳو هڪ خام خيالي ثابت ٿي. جن جا مائٽ مٽ اڳ ۾ ئي بمبئي ۾ رهندڙ هئا يا جن اڳ ئي پيشبندي ڪندي ورهاڱي کان اڳ ئي اتي پنهنجي رهائش جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو انهن کي ته گهٽي ڏکيائي پيش نه آئي پرگهڻائي اهڙي هئي جن کي اهي سهولتون ميسر نه هيون انهن کي پنهنجي زندگي کي جڙ نئين سر شروع ڪرڻ هو. انهن مان گهڻن ۾ خاص طور تي اهي جيڪي سمنڊ رستي آيا هئا جي ترجيح هڪ وڏي شهر هئڻ ۽ اتي زندگي جون سڀ سهولتون موجود هئڻ ڪري بمبئي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ هو. جڏهين ته مهاراشٽر ۽ بمبئي جي مقامي سرڪار شهر جي وسيلن تي وڌيڪ بار وجهڻ بجائي اهو چاهيو ٿي ته رڳو هڪ خاص تعداد کي شهر ۾ رهايو وڃي ۽ ٻين کي ڀارت جي ٻين حصن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. ان معاملي ۾ حڪومت کي مزاحمت کي به منهن ڏيڻو پيو ۽ ساڳي وقت سختي به ڪرڻي پئي پر انهن گهڻن کي ملڪ جي ٻين حصن ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. حڪومت پاران انهن شرنارٿين جي لاءِ ڪئمپ قائم ڪيا ويا جتي سندن کاڌ خوراڪ جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. بمبئي شهرڪان گهڻو پري فوجي بئرڪون هيون جيڪي ٻين مهاڀاري جنگ ۾ فوج جي استعمال ۾ هيون اتي انهن شرنارٿين کي رهائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. اها ڪئمپ جي زندگي گهڻن لحاظن کان هڪ ڏکي زندگي هئي. هڪ ڪمري ۾ گهڻن خاندانن کي ڪپڙي جو پڙدو ڏيئي رهڻو پوندو هو جنهن جي ڪر privacy جهڙي ڪا ڳالهه نه رهي هئي. حاجت پوري ڪرڻ ۽ وهنجڻ وغيره لاءِ گڏيل ٽوائلئٽ هوندا هئا، جتي پنهنجي واري جي انتظار ۾ ويهڻو پوندو هو. شهر تائين پهچڻ لاءِ ريل واحد ذريعو هئي پر ريلوي اسٽيشن به اتان گهڻي فاصلي تي هئي جتي پهچڻ لاءِ بس يا ٻي ڪنهن سواري جو ڪو بندوبست نه هوندو هو. جن ماڻهن کي پنهنجي روزگار، تعليم يا ٻئي ڪنهن ڪم ڪار لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو انهن کي اسٽيشن تائين صبوح جو سويل اٿي ڊگهو پنڌ ڪري اتي وڃڻو پوندو هو.

مختصر اهو چئجي ته اهي ماڻهو انهن حالتن مان گذريا ۽ انهن اهي سڀ مثبت ۽ منفي ڳالههيون ۾ ڪم ڪيا جيڪي هڪ غيرمعمولي صورتحال، تشدد ۽ ڏقيڙ جي ڪري پنهنجي وطن کان جلاوطن ماڻهن جو هڪ گروه ٻئي ملڪ ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ لاءِ ڪندو آهي. هڪ ته انهن ۾ اهڙا ماڻهو هئا جن پنهنجو پاڻ کي اجتماعي ڀلائي ۽ خاص طور تي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي قيام ۽ انهن کي هلائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ليڪڪا حيدرآباد جي هڪ اهڙي استاد جو ذڪر به ڪيو آهي جيڪو ڪاليج جي ليبارٽري جي سامان ڪٽي وڃڻ جي اجازت نه هئڻ ڪري انهن مٿان گل وغيره وجهي انهن کي مورتيون ظاهر ڪري بمبئي ڪٽي وجي اتي ليبارٽري قائم ڪئي هئي. انهن جي ڀيٽ ۾ عام سنڌي هندو جو رويو خاص طور تي اتان جي مقامي مسلمان سان اهو ئي هو جيڪو سنڌ ۾ خاص طور تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڀارت مان آيل مسلمانن هندن جي گهرن ۾ ملڪيتن تي قبضي ڪرڻ لاءِ انهن سان روا رکيو هو. خالي گهرن تي قبضا ۽ مسلمانن کي زوري لڏائڻ لاءِ منجهن خوف هراس پيدا ڪرڻ هڪ معمول بڻجي ويو. گجرات ۽ ٻين مختلف علائقن ۾ مسلمانن کي لڏائڻ لاءِ سنڌي هندن پاران تشدد جو سهارو

ورتو ويو جنهن ۾ ڪيترا مسلمان مارجي ويا. ان سان گڏوگڏ مختلف ڪارٽن جي ڪري مقامي ماڻهن ۽ شرنارٿين ۾ ويڇا پڻ وڌي ويا. هڪ ته خاص طورتي بمبئي شهر ۾ گهرن جي گهرج وڌي وڃڻ ڪري انهن جي مسواڙ، پڳڙي ۽ قيمتن ۾ واڌارو اچي ويو جنهن جي ڪري اهي مقامي ماڻهن جي پهچ مان ٻاهر ٿي ويا ۽ جنهن جي لاء انهن بجا طور سنڌي هندن کي ذميوار قرار ڏنو ٿي. ٻيو ته سنڌين نوڪرين جي ڀيٽ ۾ گهٽو ڪري واپار کي ترجيح ڏني ٿي. ان مارڪيٽ ۾ پنهنجي جاء ناهڻ لاء ڪين مقامي واپاري سان چٽا ڀيٽي ڪرڻي هئي. ان جو بهترين طريقو ڪيس اهو نظر آيو ته مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ پنهنجي نفعي کي گهٽ رکجي ۽ اهڙي ريت گراهڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪجي. ان طريقہ ڪار مقامي واپارين ۽ سندن وچ ۾ هڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي.

ڀارت سنڌي هندن لاء ثقافت، ٻولي ۽ ايستائين ته مذهب جي حوالي سان به هڪ نئون ملڪ ۽ هڪ بلڪل ئي نئون ماحول هو. سنڌ ۾ سوين سالن تائين مسلم گهٽائي ۽ مسلم حڪمراني هيٺ رهڻ جي ڪري انهن پنهنجو پاڻ کي اتان جي ماحول سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ گهڻيون اهڙيون عادتون اختيار ڪري ورتيون هيون جن کي ڀارت ۽ خاص طور تي گجرات ۽ راجستان جي ڪٽر هندو معاشري ۾ قبول ڪرڻ ته پري جي ڳالهه بلڪ بلڪل ئي رد ڪيو ٿي ويو. خاص طور تي گوشت استعمال ڪرڻ جي ڪري سنڌي هندن کي مسلمانن جي ويجهو سمجهي انهن کي رد ڪيو ٿي ويو ۽ انهن سان معاشرتي ميل جول کان پاسو ڪيو ٿي ويو. اهڙي ريت ڪين پاڻ کي نئين ماحول مطابق ڪرڻ لاء نه رڳو پراڻين عادتن کي ڇڏڻو پيو پر پاڻ کي پڪو هندو ثابت ڪرڻ لاء اجا وڌيڪ جوش و خروش ڏيکارڻو پيو. ايل ڪي آڏواڻي ته وڏو اڳواڻ آهي جنهن جي ايوڌيا جي رٿ ياترا ۽ بابري مسجد ڊاهڻ وارن قدمن سڄي نندي کنڊ ۾ هڪ فرقيوارانہ ڏڦيڙ پيدا ڪري ڇڏيو پر ليکڪا ٻڌائي ٿي ته اهو سنڌي هندن ۾ هڪ عام لاڙو آهي. هو مايا ڪوڊناني نالي گجرات جي هڪ سنڌي عورت جو مثال ڏئي ٿي جيڪا نهايت فخر سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪري ٿي ته گجرات ۾ 2002 جي مسلم ڪش فسادن ۾ هن اٺانوي ڄڻن کي قتل ڪيو هو. ان ڪري جيڪڏهين نريندر مودي سنڌين جي تعريف ڪري ٿو ته بجائي خوش ٿيڻ جي اهو ڏسڻ گهرجي ته هو اهو ان ڪري پيو ڪري ته سنڌين ان سڄي ڪڌي ڪم ۾ سرگرمي سان حصو ورتو هو جنهن جي هن گجرات جي وڏي وزير هوندي اڳواڻي پئي ڪئي.

اها ڳالهہ ته پنهنجي جاء تي آهي ته ڀارت ۾ سنڌي کي قومي ٻولين جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پر ليکڪا جو چوڻ آهي ته ساڳي وقت ديوناگري ۽ عربي رسم الخط کي رائج ڪرڻ جي ڪري هڪ مونجهاري واري صورتحال پيدا ٿي ويئي آهي جنهن ٻولي کي فائدي پهچائڻ جي بجائي ان کي نقصان پهچايو آهي. پر ان کان به وڏو مسئلو سنڌين جو ڀارت جي معاشري سان مطابقت پيدا ڪرڻ آهي جنهن جي لاء هڪ پاسي ته اهي مذهبي لحاظ کان هندن کان وڌيڪ هندو ٿيڻ لاء تيار آهن ۽ سياسي لحاظ کان آرايس ايس جي ويجهو آهن جڏهين ته ٻئي پاسي اهي پنهنجي سنڌي هئڻ تان به هٿ کڻڻ لاء تيار آهن. مائٽ نه رڳو اهو ته پنهنجن ٻارن کي سنڌي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ ۽ سنڌي پڙهائڻ لاء تيار ناهن پر ايستائين ته سندن اها ڪوشش هوندي آهي ته شرمندگي کان بچڻ لاء پاڻ کي سنڌي ظاهر نه ڪرڻو پئي. جڏهين ته ساڳي وقت ڪين پنهنجي سڃاڻپ کي برقرار رکڻ جو به اونو هوندو آهي

جنهن جي لاءِ اهي مختلف مذهبي ۽ ثقافتي تنظيمن ذريعي ڪم ڪندا آهن جيڪي رڳو سنڌين لاءِ مخصوص هونديون آهن. اها ڳالهه بہ پنهنجي ليکي سندن گڏجڻ جي عمل ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي.

ان ڳالهه جي باوجود تہ معاشي لحاظ کان ڀارت ۾ سنڌي آسودا آهن پر سماجي ۽ سياسي لحاظ کان کين اجا تائين ٻاهريون يا outsider ڪري ليکيو وڃي ٿو. ان جو اندازو ان مان لڳايو تہ پاڪستاني پنجاب مان لڏيندڙ موهن سنگھ ۽ گجرال تہ ڀارت جي اقتدار جي سيج تي پهچي سگهن ٿا پر ايل ڪي آڏواڻي ڪي هزار ڪوشش جي باوجود ان جي لائق نہ ٿو سمجهيو وڃي. ڀارت جي سماج ۾ گڏجڻ ۽ ساڳي وقت پنهنجي ڌار سڃاڻپ بہ برقرار رکڻ هن وقت اهڙو تڪليف ڏيندڙ مونجهارو آهي جنهن مان ڀارت جا سنڌي گذري رهيا آهن. اهو مونجهارو ڪيئن حل ٿئي ٿو ۽ ان ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو ان جو جواب هن وقت نہ ٿو ڏيئي سگهجي.

# سوويت يونين جو وکرجڻ ۽ پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي

سوويت يونين جي وکرجڻ عالمي سطح تي ڪميونسٽ سياست کي هڪ بحران ۾ وجهي ڇڏيو هو. هڪ مونجهاري واري ڪيفيت پيدا ٿي ويئي هئي. گهڻا اڳواڻ پنهنجن نظرين تان ئي هٿ کڻي ويا ۽ گهڻن ملڪن جي جماعتن پنهنجن نظرين، پاليسين ۽ حڪمت عملي ۾ بنيادي تبديليون آنديون. پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي مختلف ڪارڻن جي ڪري تنظيمي ۽ نظرياتي تسلسل برقرار نہ رکي سگهي ۽ هڪ افراتفري جو شڪار ٿي ويئي. ان جو هڪ وڏو ڪارڻ تہ ملڪ ۾ ان وقت جڏهين سوويت يونين ۾ تبديلين جو عمل جاري هو سخت مارشل لاء لاڳو ٿيل هو، سياسي سرگرمين تي پابندي هئي، پارٽي جا گهڻا ڪارڪن ۽ اڳواڻ جيلن ۾ هئا، انڊر گرائونڊ هئا يا ملڪ کان ٻاهر جلاوطن هئا. پارٽي جي هڪ اهم اڳواڻ نذير عباسي کي شهيد ڪيو ويو هو. ان دوران پارٽي اندر گهٽيون تبديليون اچڻ شروع ٿيون هيون.

ان دوران هڪ ڊگهو عرصو جيل ۾ گذارڻ کانپوءِ جڏهين ڄام ساقي، جمال نقوي ۽ ڄام ساقي ڪيس جا ٻيا ڪجهہ اسير جيل کان ٻاهر اچن ٿا تہ صورتحال بلڪل بدليل هجي ٿي. پارٽي اها ساڳي نہ رهي هئي. گهڻا نوان ماڻهو پارٽي ۾ شامل ٿي ويا هئا. پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۾ اختلاف ۽ شڪ شبها وڌي ويا هئا. نذير جي شهادت جي حوالي سان گهڻن ڪارڪنن جمال نقوي ڏانهن آڱر کنئي ٿي تہ هن جو ان ۾ ڪردار هو جڏهين تہ هن ان کان انڪار ڪيو ٿي. جمال نقوي جو جيل مان نڪرڻ کانپوءِ اهو خيال هو تہ پارٽي کي انهن ماڻهن کان صاف ڪرڻ جي ضرورت هئي جيڪي سندن غير موجودگي ۾ پارٽي ۾ داخل ٿي ويا هئا ۽ انهن پارٽي جي سڄي ڍانچي ۽ پاليسي کي تبديل ڪري ڇڏيو هو. انهن ۾ سندس چواڻي ميجر اسحاق جهڙا گهڻا ڪالهوڪا چين نواز رات وچ ۾ ماسڪو نواز ٿي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿي ويا هئا. اها ڇڪتاڻ نيٺ پارٽي جي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجڻ تي پهچي ٿي. جمال نقوي پاڻ نہ رڳو پارٽي کان ڌار ٿي وڃي ٿو پر مختلف سبب ڄاڻائي ماڳيئي سوشلسٽ نظرئي تائين ئي هٿ کڻي وڃي ٿو. جمال نقوي پنهنجي آتم ڪٿا Leaving The Left Behind ۾ ان سڀني ڪٿا کي بہ بيان ڪيو آهي.

هو 1932 ۾ ڀارت جي شهر الهہ آباد ۾ پيدا ٿيو. پاڪستان 1949 ۾ پنهنجي ماءُ جي اصرار تي آيو. سندس لاڙو اڳ ئي پنهنجي هڪ ڪزن شفيق نقوي جي ڪري کاٻي ڌر ڏانهن هو. ڪراچي ۾ ان وقت هو محمد سرور، هارون احمد ۽ اديب رضوي وغيره سان گڏ ڊي ايس ايف جي پليٽ فارم تان شاگرد سياست ۾ سرگرم ٿي ويو. شاگردن جي گهرن وغيره جي حوالي سان ڪيل مظاهرن ۽ احتجاجن جي سلسلي ڪيس مختلف وقتن تي جيل بہ پوڳڻو پيو. سندس چوڻ موجب ان وقت ڊي ايس ايف جو ڪميونسٽ پارٽي سان ڪو تعلق نہ هو پر حڪومت جي آمريڪا سان مختلف ناهن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪري ڪميونسٽ پارٽي سان گڏ ان تي بہ سختي وڌي ويئي ۽ انهن لاء ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو. ان جو هڪ نتيجو اهو ٿيو تہ سندس سياسي پس منظر جي ڪري ايم اي ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ ڪو ڪاليج ۽ يونيورسٽي ڪيس پاڻ وٽ ليڪچرار طور رکڻ لاء تيار نہ هئا. مجبور ٿي حيدرآباد جي سٽي

ڪاليج ۾ نوڪري ۾ لڳو. هتي هو ست سال رهيو. ساڳي وقت ڪميونسٽ پارٽي جو به ڪم ڪندو رهيو ۽ پارٽي پاران ڪيس مختلف ذميواريون ڏنيون ويون. هر هفتي سندس ڪراچي وڃڻ ٿيندو هو جنهن جو مقصد اتي ڪجهه دوستن سان ملڻ هو. حيدرآباد ۾ سندس تعلق سوڀو گيانچنداني سان ٿيو جنهن ڪي هو پنهنجو انٽئلڪچوئل گرو چئي ٿو. سندس چوڻ آهي ته ڄام ساقي ڪي ساٺس هتي هڪ ڪميونسٽ طور متعاف ڪرايو ويو ۽ هو هميشه ڪيس سنن ۽ نه سنن ڪارٽن جي ڪري ياد رهندو. اڳتي هلي ڪيس پارٽي پاران اوڀر بنگال جي پارٽي سان رابطي جو ڪم ڏنو ويو. ان سلسلي ۾ هو لڪي ٿو ته ٿوري وقت ۾ هو اٽڪل چاليه ڀيرا ان مقصد لاءِ اوڀر بنگال ويو پر اتان جي پارٽي جي اڳواڻن پاران ڪيس ڪا مثبت موٽ نه پئي ملي. هو اوله پاڪستان جي پارٽي تي اعتبار ڪرڻ ۽ ان سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. نيٺ گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ جڏهين ناتن ۾ ڪجهه بهتري اچڻ شروع ٿي ته ملڪ جي خراب ٿيندڙ سياسي حالتن جي ڪري سندس اتي وڃڻ بند ٿي ويو.

پارٽي پابندين ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به پنهنجو ڪو فعال آزاد ڪردار ادا نه ڪري سگهي ۽ گهڻي ڀاڱي نيشنل عوامي پارٽي جي پاليسين تي هلندي رهي جن جو مقصد، جيئن جمال نقوي پاڻ چئي ٿو، پارٽي جي اڳواڻ ولي خان جا پنهنجي لاءِ فائدا حاصل ڪرڻا هئا، جنهن جي ڪري هن پنهنجي جماعت کي اوڀر بنگال ۾ پاشاني جي نعپ کان ڌار ڪري ڇڏيو هو. ڀٽو جي حوالي سان ڪجهه معاملن تي سوويت يونين جي ڏنل پاليسي تي پارٽي پاران عمل نه ڪيو ويو. مثال طور پارٽي صنعتن ۽ بينڪن وغيره جي نيشنلائيزيشن جي ان ڪري مخالفت ٿي ڪئي ته ان سان سرمايو ملڪ کان ٻاهر هليو ويندو جڏهين ته سوويت يونين ان کي ملڪ جي ماڻهن ۽ پورهيتن جي فائدي ۾ ٿي ڄاتو. ساڳي ريت سوويت يونين پاران پارٽي کي 1977 جي چونڊن ۾ ڀٽو جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو پر پارٽي مخالف ڌر سان گڏ هئڻ ڪري پي اين اي جي پاسي هئي جنهن فيصلي تي ليڪ پاڻ هاڻي پڇتاءُ جو اظهار ڪري ٿو.

1980 ۾ گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه سال جيل ۾ گذارڻ ۽ پوءِ آزاد ٿيڻ تائين ليڪ پاڻ ۾ آيل ڪنهن نظرياتي تبديلي جو اشارو به نه ٿو ڏئي بلڪ هو پارٽي کي اڻ وڻندڙ ماڻهن کان صاف ڪرڻ جي ڪم جي شروعات ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ هو هڪ پاليسي پيپر تيار ڪري ٿو جنهن ۾ مختلف معاملن تي پارٽي جي موقف کي واضح ڪري ٿو ۽ انهن فيصلن تي تنقيد ڪري ٿو جيڪي سندس غيرموجودگي ۾ پارٽي ۾ نون آيل همراهن پاران ڪنيا ويا هئا. اهڙا اشارا هو ان وقت ڏيڻ شروع ڪري ٿو جڏهين سندس ڏيءُ هڪ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ تاشقند ۽ ماسڪو وڃي ٿي ۽ اتان جي حالتن کي ڏسي مايوس ٿئي ٿي ۽ اهڙو اظهار پاڪستان واپسي تي پنهنجي پيءُ سان به ڪري ٿي. پر هو اڃا به ان سلسلي ۾ ڪو فيصلو نه ڀيو ڪري سگهي ۽ جڏهين سوويت يونين جي پارٽي پاران ڪيس هڪ ٻئي همراه سان گڏجي اتي ڪجهه وقت گذارڻ جي دعوت ڏني وڃي ٿي ته جيئن هن تازو جيل وغيره جون جيڪي سختيون سنيون هيون انهن جو ڪجهه ازالو ٿي سگهي ته هو اتي وڃي اهو سڀڪجهه پاڻ ڏسڻ جو فيصلو ڪري ٿو جنهن متعلق سندس ڌي ۽ ڀين ماڻهن ڪيس ٻڌايو هو. منصور سعيد سان گڏجي جڏهين هو اتي پهچي ٿو ته انهن کي بليڪ سي جي تفريح گاهه ڏانهن موڪليو وڃي ٿو پر سندس اصرار هجي ٿو ته ڪين واپس ماسڪو موڪليو وڃي ته جيئن هو سچي صورتحال کي ڏسي سگهي ۽

ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن سان ملي. ماسڪو ۾ هو ڏسي ٿو ته ضروري شين جي اٽاٽ هئي. ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن لاءِ ڌار اسٽور هئا جتيِ انهن لاءِ هر ڏيهي ۽ پرڏيهي شي دستياب هئي جڏهين ته عام ماڻهو کي ڊگهين قطارن ۾ بيهي انتظار ڪرڻو ۽ ضرورت جون شيون ونڊيون پيون ٿي جن مان گهڻيون دستياب به نٿيون هجن. هو سوويت پارٽي جي اڳواڻن سان ملڻ چاهي ٿو پر ان سلسلي ۾ ڪيس ڪا مثبت موٽ نه ٿي ملي ۽ پارٽي بجائي پنهنجي ڪنهن اهم عهديدار کي ملاقات لاءِ موڪلڻ جي پرڏيهي وزارت جي هڪ ڪاموري کي ساڻس ملاقات لاءِ موڪلي ٿي جنهن سان ملاقات مان هو مطمئن نه ٿو ٿئي. ٻيو ڀيرو به اهو ڪامورو ئي ساڻس ملاقات ڪري ٿو ۽ پنهنجي ناراضگي جو اظهار ڪندي ڪيس اهو باور ڪرائي ٿو ته جڏهين اسان اوهان کي پي اين اي جي ڀيٽ ۾ پٺو جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو هو ته اوهان اسان جي ڳالهه نه مڃي هئي. بهرحال هو اتي گهڻو وقت نه ٿو گذاري ۽ اٽڪل پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ موٽي اچي ٿو. سندس چوڻ موجب ته سندس ذهن ۾ اڻ تڻ هجي ٿي ۽ هو هڪ مونجهاري جو شڪار هجي ٿو. پر هو فوري طور پارٽي کي ڇڏڻ جو فيصلو نه ٿو ڪري ۽ ان کي عوامي بنياد ڏيڻ چاهي ٿو. فيصلي ڪن مرحلو ان وقت اچي ٿو جڏهين لياري ۾ ٿيل پارٽي ڪانگريس ۾ هو پنهنجو موقف اجا پيش ڪري ئي ٿو ته ڪيس پنڊال مان هوٽنگ جي ڪري ماٺ ڪرڻو پئي ٿو ۽ هو پارٽي ڇڏڻ جو چوندي اتان هليو وڃي ٿو. سندس بين ا لسطور لکڻ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس ان ڪري هوٽنگ ڪري ماٺ ڪيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو جو هو هن زمين جو پٽ نه هو. چاڪاڻ ته ڪانئس پوءِ اهي ساڳيون ڳالهيون جام ساقي به اچي ڪيون پر ان کي ماٺ ڪري ٻڌو ويو.

ان ڪانپوءِ جام پارٽي جو سيڪريٽري جنرل ٿيو. جام متعلق سندس رايو آهي ته هو ڪو نظرئي دان نه هو پر منجهس ماڻهن کي گڏ ڪرڻ، انهن کي اتساهه ڏيڻ ۽ متحرڪ ڪرڻ جي بي پناه صلاحيت موجود هئي. جام ساڻس لاڳيتو رابطي ۾ رهندو هو. سندس پارٽي ڇڏڻ جي ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هو وٽس آيو هو. ان وقت اتي پارٽي جو هڪ ٻيو ڪارڪن نديم اختر به وينو هو. جام ڪانئڻ صلاح ورتي ته چا ڪيس پارٽي ۾ وڌيڪ رهڻ کپي يا استعفا ڏيڻ گهرجي. ٻنهي ڪيس صلاح ڏني ته هو استعفا ڏئي. هو لکي ٿو ته جام کي جيڪر اها صلاح نه ڏئي ها ته بهتر هو. چاڪاڻ ته استعفا ڏيڻ ڪانپوءِ جام صوفي ۽ مولائي ٿي ويو. پر ان ڪانپوءِ به جام سان سندس فون تي باقاعدي رابطو رهندو ٿي آيو.

جمال نقوي اٽڪل پنهنجي زندگي جا چاليهه سال پارٽي لاءِ ڪم ڪندي گذاريا. آخر ۾ هو اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته ائين سندس سڄي زندگي جڻ رڃ جي پويان ڊوڙندي ضائع ٿي ويئي. ڏنو وڃي ته، جيئن سندس آتم ڪٿا مان ظاهر ٿئي ٿو، هن آخر تائين اها ڪوشش ڪئي ته پارٽي سندس چئي ۽ ضابطي ۾ رهي پر هو ان ۾ ڪامياب نه ويو ۽ هن هڪ بيوسي محسوس ڪندي پارٽي کان ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هو پاڻ اها ڳالهه مڃي ٿو ته سندس طبيعت ۾ ضد ۽ لچڪ جو نه هئڻِ آهي ۽ اهڙي ڳالهه نه رڳو پارٽي جي ڪارڪنن پر ساڻس ڊگهو عرصو رهندڙ ۽ پارٽي ۾ گڏ ڪم ڪندڙ سندس دوست امام علي نازش ۽ پارٽ جي ڪميونسٽ پارٽي جي اهم عهديدارءِ سندس ڪزن شفيق نقوي به ڪيس چئي. پر سندس چوڻ آهي ته هو اهو سڀڪجهه پارٽي جي مفاد ۾ ڪري ٿو ۽ ائين ڪرڻ کان رهي نه ٿو سگهي. ان سڀڪجهه جو نتيجو اهو نڪتو ته ٿورائي ۽ گهٽائي ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيئي ختم

ٿي ويا. هن وقت پارٽي ڪجهه ننڍڙن گروهن ۾ باقي آهي جڏهين ته عملي طور تي ان جو ڪردار ختم ٿي چڪو آهي.

ان ڪانپوءِ جمال نقوي جو عملي سياست ۾ ڪردار جڻ ختم ٿي ويو. هو ڪنهن به ٻي سياسي جماعت ۾ شامل نه ٿيو. سوشلزم جي متبادل طور هن صنعت ڪاري ۽ جمهوريت جو جيڪو خيال پيش ڪيو هو ان جي لاءِ هن هڪ فورم قائم ڪيو هو پر اهو هڪ ٻن گڏجاڻين کان وڌيڪ اڳتي هلي نه سگهيو. هڪ ته ان جي لاءِ پئسي جي ضرورت هئي جيڪو وٽن نه هو ۽ ٻي ڳالهه ته اهو فورم نوجوانن کي پاڻ ڏانهن آڪٽي نه سگهيو هو. سندس چواڻي ته ان جو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ عمر وارو رڪن نديم اختر هو ان جي عمر به ان وقت سٺ سال کان مٿي هئي.

جڏهين پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي تاريخ لکي ويندي ته ان ۾ جمال نقوي جي ڪردار کي ضرور بحث هيٺ آندو ويندو. هڪ پاسي پارٽي لاءِ سندس قربانين جو ذڪر ايندو ته ٻئي پاسي اها ڳالهه به سامهون ايندي ته پارٽي کي ختم ڪرڻ ۾ ٻين گهڻن همراهن سان گڏ سندس به هڪ اهم ڪردار هو.

# مارڪس ۽ سوشلزم

چينمل پرسرام سنڌي ادب جو هڪ اهم نالو آهي. مختلف موضوعن تي سنڌي ۽ انگريزي ۾ هن جا اٽڪل پنجاهه کن ڪتاب آهن. تازو سندس 1926 ۾ شائع ٿيل ڪتابڙي سوشلزم (ساميہ واد) کي ڪتاب پبلشرز پاران اسلم خواجه ڪارل مارڪس ۽ سوشلزم (ساميواد) جي نالي سان ٻيهر ڇپرائي سامهون آندو آهي. چينمل ساڳي وقت صوفي ازم سان به لاڳاپيل هو ۽ هڪ سوشلسٽ به هو. هو زندگي جي انهن ٻنهي طريقن ۾ ڪو تضاد نه سمجهندو هو. هو لکي ٿو ته "منهنجو رايو آهي ته ڌرم ئي آهي جو ساميہ واد جو سچو بنياد ٿي سگهي ٿو. پر انهي ۾ به ڪو شڪ ڪونہ آهي ته ڌرم ۽ نيتي ۾ شاهوڪاري جزا سمائجي ويا آهن جنهن ڪري نيتي ۽ ڌرم کي اخلاق ۽ مذهب کي رنگ شاهوڪاري لڳي ويو آهي."

هو ان ڳالهہ ۾ واضح آهي ته ملڪيت ۽ شاهوڪاري جو نه ته محنت سان ڪو تعلق آهي ۽ نه ئي اهو ڪو ڪرم جو ڦل آهي پر اها سنئين سڌي ڦرمار آهي جنهن ۾ ڌاڙي، زور ۽ زبردستي وسيلي ماڻهن جي گهڻائي کي محڪوم، غريب ۽ مسڪين ڪري رکيو وڃي ٿو. هو چئي ٿو ته "ساميہ وادي ثابت ڪري رهيا آهن ته ملڪيت آهي چوري" ان جو علاج هو هڪ لوڪشاهي يعني ماڻهن جي گهڻائي جي حڪومت چاهي ٿو جنهن ۾ سيني ماڻهن کي هڪ انسانن جهڙي زندگي گذارڻ جون سهولتون حاصل هجن.

ان سان گڏوگڏ چينمل پرسرام جو سنڌ ۾ صوفي ازم، سچل سرمست ۽ خاص طور تي ٿيائي جي حوالي سان تفصيلي ڪم ٿيل آهي. اها ڳالهہ سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته جيڪي ادارا خاص طور تي

ان ڪم لاءِ مختلف يونيورسٽين وغيره ۾ قائم ڪيا ويا آهن اهي ان پاسي توجهه ڇو نه ٿا ڏين. جيڪڏهين ڪا نئين تحقيق ۽ نئون ڪم نه ٿو ٿي سگهي ته ائين ته ڪري سگهجي ٿو ته اڳ جيڪو ڪم ٿيل آهي ان کي سامهون آڻجي جيڪو پڻ نئين ڪم لاءِ به هڪ اتساهه ۽ بنياد فراهم ڪري سگهي ٿو.

# چندر ۽ نئون ادب ۽ نيون ڳالهيون

نئون ادب نيون ڳالهيون چندر ڪيسواڻي جو نئون ڪتاب آهي. ان کان اڳ سندس شاعري جا ٻه ڪتاب زندگي، خواب ۽ خود ڪشي ۽ روپوش محبت ڇپجي چڪا آهن.

اسان مان گهڻن وانگر چندر جو ادبي حوالو پڻ سنڌي ادبي سنگت آهي. هڪ اهڙي نرسري جنهن نه رڳو اديبن جي هڪ کان وڌيڪ نسلن جي تربيت جو فرض انجام ڏنو آهي پر گهڻن سياسي ڪارڪنن کي آمريتن جي دور ۾، جڏهين سياسي سرگرمين تي پابندي ۽ اظهار جي آزادي تي پهرا هوندا هئا، هڪ اجهو ۽ اظهار جو ذريعو مهيا ڪيو هو. سنگت جي اها ساک ئي آهي جنهن جي ڪري اجا تائين ايڏي پيچ ڏاه جي باوجود به ان سان لاڳاپيل ماڻهن کي سماج ۾ عزت ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو.

دوستي ۾ شايد وقت جو احساس نه رهندو آهي ۽ خاص طور تي ان وقت جڏهين ذهني آهنگي وڌنڌڙ هجي ۽ ماڻهو ڏينهون ڏينهن هڪٻئي جي ويجهو ٿيندو وڃي. مون کي سالن جي ڳڻپ ياد ناهي پر چندر شايد منهنجن ڪجهه اهڙن دوستن مان آهي جن لاء مون کي محسوس ٿيندو آهي ته اهي هميشه مون سان گڏ رهيا آهن پوء پلي ساڻن سالن جا سال بالمشافه ملاقات نه ٿي هجي.

ضياءالحق جي دور ۾ خاص طور تي ڪراچي سنگت سنڌ جي سيني قوم پرست ۽ ترقي پسند سياسي ڪارڪنن لاء هڪ اجهي مثل هئي. سنگت جي گڏجاڻين جي اهڙي ڇڪ هوندي هئي جو سنڌ جي مختلف شهرن مان ماڻهو ڪهي ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاء پهچندا هئا. اهو ممڪن ئي نه هوندو هو ته خميس جي ڏينهن ڪو سنڌي اديب ۽ سياسي ڪارڪن ڪراچي ۾ موجود هجي ۽ سنگت جي گڏجاڻي ۾ شريڪ نه ٿئي. چندر به اهڙن ماڻهن ۾ شامل هوندو هو.

سنگت جي تنقيدي ڪلاسن ۾ پيش ڪيل اسمن تي تنقيد جو مطلب شريڪ ٿيندڙن ۽ تخليقڪار جي تربيت هوندو هو. ان دور جي ڪراچي سنگت جي دوستن کي ان ڳالهه جو چڱي ريت اندازو هوندو ته هڪ ته تنقيد جي نوعيت ذاتي نه هوندي هئي ۽ ٻي ڳالهه ته دوستي يا ننڍي وڏي هئڻ ڪري ڪنهن سان رو رعايت نه ڪئي ويندي هئي ۽ ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه ته اهڙي تنقيد سان ذاتي ناتا بجائي خراب ٿيڻ جي اجا وڌيڪ مضبوط ٿيندا هئا جيڪي اجا تائين مختلف طريقن سان هلندا اچن.

سياسي جماعتن جي سرگرمين کان پاسيرو ٿيڻ ۽ سنگت ۾ سرگرم ٿيڻ تي مون کي ان وقت هڪ دوست مهڻو ڏيندي چيو هو ته دنيا ۾ ماڻهو ادبي تنظيمن کان سياسي جماعتن ڏانهن ويندا آهن جڏهين ته اوهان سياسي تنظيم کان ادب ڏانهن موٽ ڪاڏي آهي. پر ڏٺو وڃي ته ان سلسلي ۾ آئون اڪيلو نه هوس گهڻا اهڙا سياسي ڪارڪن هئا جن سنگت کي پنهنجين سرگرمين ۽ اظهار جو ذريعو بڻايو هو. ان جو ڪارڻ منهنجي خيال ۾ رياستي ڏاڍ ۽ تشدد ته هو ئي پر ساڳي وقت ان وقت سنڌ جي

ترقي پسند ۽ قوم پرست تنظيمن ۾ جيڪا ٽوڙ ڦوڙ ٿي رهي هئي ان گهڻن کي مايوس ۽ بيزار ڪري ڇڏيو هو.

اهو ذڪر مون ان ڪري ڪيو آهي ته چندر به انهن سياسي ڪارڪنن مان ئي هو جيڪي جيتوڻيڪ ان وقت سياست ۾ سرگرم هئا پر ساڳي وقت منجهن هڪ تبديلي جو عمل پڻ جاري هو ۽ سنگت ڇڻ سندن لاءِ هڪ متبادل اجهو هو. سوويت يونين جو ٽٽڻ ۽ ڪابي ڌر جو وکرجڻ اهڙن ڪارڪنن لاءِ آخري ڌڪ ۽ گهڻن لاءِ سياست کان بيزاري جو آخري بهانو هو.

ڪنهن سياسي جماعت سان سلهاڙيل نه هجڻ ۽ غير سياسي هئڻ ٻه ڌار ڳالهيون آهن. منهنجي نظر ۾ ڪنهن سياسي جماعت سان وابستا نه هوندي به ماڻهو پنهنجو سياسي موقف ۽ رايو رکي سگهي ٿو. پر هن وقت Depoliticization گهڻو وڌي ويئي آهي ۽ آئون سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن جو جيڪو هڪ وڏو تعداد Depoliticize ٿيوآهي ان ۾ چندر به شامل آهي. ان جو رڳو هڪ مثال ڪتاب ۾ شامل مضمون جنگ، انقلاب ۽ شاعري ۾ استعمال ڪيل لفظ ڳاڙها ڪامريڊ آهي. ان هڪ لفظ ۾ جيترو طنز ۽ جيتري نفرت سمويل آهي ان کي رڳو محسوس ڪري سگهجي ٿو.

بهرحال سنڌو مان هاڻي گهڻو پاڻي وهي چڪوآهي. هن وقت چندر جو سياست سان ڪوبه واسطو ناهي. هاڻي سندس واسطو اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن سان آهي. ساڳي وقت هو هڪ نه ٻئي نموني سنگت سان پڻ سلهاڙيل آهي. سندس لاڳيتو ايندڙ ڪتاب ان ڳالهه جي گواهي آهن ته هو هاڻي هڪ مستند ليکڪ آهي ۽ سندس شخصيت جي تبديلي وارو عمل گهڻي ڀاڱي مڪمل ٿي چڪو آهي.

هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن ۽ شخصيتن تي مضمون شامل آهن. اها واقعي خوش قسمتي آهي ته هن دور ۾ اياز ۽ موهن ڪلپنا جهڙا ليکڪ رهيا آهن جيڪي اسان جا همعصر آهن ۽ جن پنهنجين لکڻين سان هڪ نئون اتساهه ڏنو آهي.

اياز جي حوالي سان ڪتاب ۾ ٻه مضمون شيخ اياز_پڇاڙڪو عڪس ۽ ڪٿي نه پڄبو ٽڪ مسافر شامل آهن. اياز جي حوالي سان سنڌي اديبن ۾ هڪ عقيدت جو لاڙو حاوي آهي. اياز تي تنقيد ڪندڙ ڇڻ ته outcast ٿيو وڃي. چندر ان روايت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پهرئين مضمون ۾ ليکڪ پاڻ کي پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اياز جيئن سوچيو پئي تيئن ان کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر جيئن ته اهو ڪو انٽرويو نه پر تاثر ۽ مضمون آهي ان ڪري ان ۾ ليکڪ جو پنهنجو رايو هئڻ ضروري آهي. جڏهين ته ٻئي مضمون کي پڻ موهن ڪلپنا جي طارق اشرف کي اياز متعلق لکيل تعريفي خط کان شروع ڪندي ائين ئي ختم ڪيو ويو آهي. هڪ ترقي پسند ليکڪ جي سڃاڻپ رکڻ جي ڪري چندر کي روايتن کي ٽوڙڻ جو ڪم ڪنهن حد تائين ته ڪرڻ گهرجي ها.

موهن تي مضمون نهايت جامع ۽ مختلف پاسن جو احاطو ڪندڙ آهي. ايستائين ته پڙهندڙ واقعي موهن کي محسوس ڪرڻ شروع ڪري ٿو. پر هتي پڻ ساڳي ريت پڙهندڙ کي ليکڪ جي تنقيدي

اپروچ جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. خاص طور تي موهن جي نظرياتي حوالي سان جڏهين هو آر ايس ايس سان لاڳاپيل هوجنهن جو هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ پڻ ذڪر ڪيو آهي.

ائين ناهي ته ليکڪ جو اهو رويو سپني مضمونن ۾ آهي ڇاڪاڻ ته جڏهين هو امير ابڙو جي ڪتاب ڪانئر جو موت جو جائزو وٺي ٿو ته ان ۾ ڪنهن به قسم جي رو رعايت کان پاسو ڪري ٿو ۽ جنهن کي غلط ۽ صحيح سمجهي ٿو ان جو اظهار ڪري ٿو.

سنگت ڪراچي جي اها خاصيت هوندي هئي ته ان پاڻ کي رڳو ادب جي ڪجھ صنفن تائين محدود نه رکيو هوپر پنهنجي دائري کي وڌائي مختلف سماجي ۽ سياسي موضوعن کي پڻ ان ۾ شامل ڪيو هو. ڪتاب ۾ شامل پهريون مضمون سنڌي عورت جو سماجي اپياس اهڙي ئي هڪ سيمينار ۾ پڙهيو ويو هو. اهو تاريخي حوالن سان نهايت ڀرپور مضمون آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اهو ساڳي ريت اڄ جي حالتن سان پڻ مطابقت رکي ٿو.

ڪتاب ۾ چندر جي ٽهي جي گهٽن ليکڪن جهڙوڪ اميرابڙو، انورابڙو، جان خاصخيلي ۽ غفار تبسم وغيره جي ڪتابن تي ليک شامل آهن. تاجل بيوس جي سفرنامي ”ڏور به اوڏا سپرين“ تي هڪ تفصيلي ليک ڪتاب ۾ شامل آهي.

شاعري ۽ سنو ادب ته سرجبو ئي گهٽي ڀاڳي ڏکين حالتن ۾ آهي. جيئن امر جليل جو چوڻ آهي ته جڏهين معاشري ۾ گهٽ، ٻوسٽ، ڇڪتاڻ ۽ ڏاڍ هوندو آهي ته هو سمجهندو آهي ته اهو تخليق لاء مناسب ۽ سازگار وقت آهي. مون کي اها ڳالھ سمجھ ۾ نه ٿي اچي ته چندر کي ڪنهن جنگ جي وقت شاعري ڪرڻ کان روڪيو هو جو ڪيس جنگ، انقلاب ۽ شاعري لکڻ تي مجبور ٿيڻو پيو.

ڪتاب ۾ هر مضمون جي ايتري وقعت آهي جو ان تي ڌار مضمون لکي سگهجي ٿو. ليکڪ گهٽن نون لاڙن، نين بحثن ۽ نون موضوعن کان متعارف ڪرايو آهي. پڙهندڙ کي يقينن سندس ايندڙ ڪتابن جو انتظار رهندو.

# نِنڊڙو چنڊ

انور جو اهو ناول نِنڊڙو چنڊ پنهنجي ٻولي، مزاج ۽ موڊ جي حوالي سان ٻارن متعلق سنڌس اڳوڻي ناول پڳل رانديڪو کان بلڪل ئي مختلف آهي. هڪ پيءِ سرمد پنهنجي پٽ عتيق جي ڄمڻ کي انجوائي ڪري ٿو ۽ شروع ڏينهن کان ان جي تربيت ڪري ٿو ۽ پنهنجو پرائم ٽائيم ان کي ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ سرمد کي ڪراچي شهر ۾ رهندي ٽيهه سال ٿيا آهن پر سندس ٻالپڻ ۽ ننڍپڻ جو سڄو پس منظر عتيق کان مختلف آهي جيڪو شهر ۾ ڄائو آهي ۽ اتان جي ماحول ۾ ئي وڏو ٿي رهيو آهي. سرمد ان کي پنهنجو ڳوٺ ۽ سڄي سنڌ گهمائي ٿو ته جيئن منجهس اهي جزا به شامل ٿين جيڪي منجهس آهن ۽ هو رڳو هڪ شهري بابو بڻجي پنهنجي ڳوٺ، ماڻهن ۽ ڪلچر کان ڪٽجي نه وڃي.

ان سڀ جي باوجود عتيق خاص طور تي ٻولي جي حوالي سان ڪجھ اهڙا اثر قبول ڪري ٿو جيڪي سرمد لاءِ اڻ وڻندڙ آهن ۽ هو انهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر ڏٺو وڃي ته سرمد پاڻ انهن اثرن کان بچي نه سگهيو آهي. مثال طور هو مختلف جاين اڳڻ بدران صحن جو لفظ استعمال ڪري ٿو ۽ ڪڪرن جي بجائي عتيق کي اهو ٻڌائي ٿو ته اهي بادل آهن. مجموعي طور ٻار ۽ پيءُ جي ناتي جي حوالي سان اها انور جي هڪ انوکي ۽ غير روايتي ڪوشش آهي.

# غلام مصطفيٰ لاکو جي يادگيري

غلام مصطفيٰ لاکو انهن دوستن مان هو جن سان واقفيت عوامي تحريڪ سان تعلق جي ڪري ٿي. اها اٽڪل پنجٽيهه چاليهه سال پراڻي ڳالهه آهي. ان وقت ڪراچي پر امن هو ۽ نسلي ۽ لساني فسادن ۽ مافيائن جي ور نه چڙهيو هو. لاکو، صوبل خان بلوچ، سراج سومرو ۽ ارباب نوناري وغيره الڪرم اسڪوائر جي ويجهو ايف سي ايريا جي سرڪاري فليٽن ۾ رهندا هئا. لاکو ۽ صوبل خان اتي ڇڙا رهندا هئا ۽ انهن جو فليٽ جڻ پارٽي جي ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن کان ايندڙ دوستن لاءِ اوطاق هوندي هئي جتي ڪين مفت رهائش، ڪاڌو پيتو ۽ مختلف دوستن سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ وغيره جا موقعا ميسر ايندا هئا. هتي منهنجو اڪثر بلڪ هفتي ۾ ٻه ٽي ڀيرا اچڻ ٿيندوهو. مصطفيٰ ان وقت سرڪاري نوڪري ۾ هو پر پنهنجي آزاد طبيعت جي ڪري آفيسرن جي ڪاڻ نه ڪڍڻ ۽ انهن جي هر جائز ناجائز ڳالهه کي نه مڃڻ جي ڪري نوڪري جڻ سندس مزاج وٽان نه هئي ۽ هن جلد ئي نوڪري مان پاڻ کي آجو ڪري وڪالت شروع ڪئي. عوامي تحريڪ به اسان گڏ ئي ڇڏي هئي ۽ پوءِ ڪجهه عرصو مختلف سياسي جماعتن ۾ اڳواڻن سان رهڻ کان پوءِ هر ڪنهن پنهنجي واٽ ورتي.

ان دور ۾ ڪراچي سنگت جي حوالي سان به مصطفيٰ ڪجهه عرصو گڏ رهيو. ان سلسلي ۾ خاص طور تي ابراهيم جوئي تي سنڌ مدرسي ۾ سنگت جي ڪيل هڪ پروگرام ۾ سندس پڙهيل هڪ مضمون ابراهيم جوئي کي ڪاوڙائي ۽ چيڙائي وڌو هو ۽ هن پنهنجي جواب ۾ بجائي ڪيس مناسب جواب ڏيڻ جي ڪيس جماعت اسلامي جو ايجنٽ قرار ڏنو هو. مصطفيٰ جي مضمون جي ايڊيٽنگ کان پوءِ به جويو ان کان مطمئن نه هو ۽ آئون جڏهين ان ڪتاب جي ڇپائي جي سلسلي ۾ ساڻس سندس حيدرآباد واري گهر ۾ مليو هوس ته هن اها ساڳي ڳالهه مون سان به ڪئي هئي. لاکي جو مضمون ۽ جوئي جو جواب ٻيئي سنگت ڪراچي جي ڇپايل ڪتاب ادبي گڏجاڻي ۾ موجود آهن.

وقت سان گڏ سنگت ۾ به سندس اچڻ گهٽجي ويو ۽ اسان ٻنهي جي ملڻ جا بهانا به جڻ ختم ٿي ويا. ڪڏهين ڪنهن تقريب ۾ پريس ڪلب يا آرٽس ڪائونسل وغيره ۾ ساڻس ملاقات ٿي ويندي هئي. اهڙي ريت اخبارن ۽ دوستن وغيره ذريعي سندس خبرچار ملندي رهندي هئي پر ساڻس هڪ ڊگهي عرصي کان ذاتي ڪچهري ۽ حال احوال نه ٿي سگهيا ۽ نه ئي هڪٻئي جي زندگين ۾ آيل تبديلين جي ڪا ڄاڻ ملي سگهي.

# چنگيز خان ۽ مذهب ڏانهن سندس رويو

تاريخ ۾ جن ماڻهن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي انهن ۾ چنگيز خان جو نالو بہ نہ رڳو شامل آهي پر هڪ نهايت اهم حيثيت رکي ٿو. هو ڪنهن بادشاهہ يا سردار جو پٽ نہ هو بلڪ هڪ اهڙي ماءُ جو پٽ هو جنهن کي سندس پيءُ ان وقت اغوا ڪري کڻي آيو هو جڏهين ان کي حمل هو ۽ ڪجھ وقت کانپوءِ کيس پٽ ڄمڻو هو جنهن جو نالو تيموجين رکيو ويو ۽ جيڪو پوءِ اڳتي هلي جڳ جهان ۾ چنگيز خان جي نالي سان سڃاتو ويو. تيموجين، سندس ماءُ ۽ ٻئي خاندان سان سندس پيءُ جي مرڻ کانپوءِ سندن قبيلي وارن سڀ سماجي ناتا ختم ڪري ڇڏيا ۽ کين قبيلي ۽ پنهنجي علائقي مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. انهن کي پوءِ برڪان ڪلدون نالي جبل وٽ پناهہ وٺڻي پيئي جتي هر وقت کين دشمن جو ڊپ رهندو هو ۽ ان کان بچاءَ لاءِ پناهہ گاهون ڳولڻيون پونديون هيون.

تيموجين جو پنهنجي بهادري ۽ خاندان ۾ پنهنجي مٿيراڻپ کي ثابت ڪرڻ جو پهريون عمل پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏجي پنهنجي ماٽيجي وڏي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ هو تہ جيئن خاندان تي سندس ضابطو رهي ۽ سندس حڪم هلي سگهي. ان کانپوءِ مختلف قبيلن سان اتحاد ۽ ويڙهہ وسيلي هو پنهنجي طاقت ۽ اقتدار جي دائري کي وڌائيندو ويو. ايستائين تہ چيو وڃي ٿو تہ ان وقت ايشيا ۽ يورپ جا جيڪي ملڪ هئا اهي سڀ اٽڪل ڏيڍ سو سالن کان وڌيڪ جي عرصي تائين سندس پنهنجي ۽ سندس خاندان جي زير اثر رهيا.

هن وقت موضوع Jack Weatherford جوهڪ ڪتاب Genghis Khan And The Quest for God آهي جيڪو ٻين ڳالهين سان گڏ ان ڳالھہ سان بحث ڪري ٿو تہ چنگيز خان جو فتح ڪيل علائقن جي ماڻهن، جن جو مذهب ڪانئس مختلف هو، سان خاص طور تي مذهبي حوالي سان ڪهڙو ورتاءُ رهيو ۽ انهن جي مذهبن ڏانهن مجموعي طور سندس رويو ڇا هو. هو پاڻ بنيادي طور فطرت پرست هو ۽ سندس لاءِ بجائي عمارتن واري عبادتگاهن ۾ وڃڻ ۽ بتن مجسمن وغيره اڳيان مٿو ٽيڪڻ جي سج، چنڊ، وڻ، جبل ۽ دريا وغيره وڌيڪ اهميت رکندا هئا. هو آخر تائين برڪان ڪلدون جبل، جتي هن پنهنجي قبيلي وارن کان ڇپجي پناهہ ورتي هئي ۽ جتي هن پنهنجو ننڍپڻ گذاريو هو، کي پوتر ۽ مقدس سمجهندو هو ۽ جڏهين بہ کيس ڪا ڏکيائي پيش ايندي هئي تہ هو اچي جبل تي سوچ ويچار ڪندو هو ۽ پوءِ هيٺ اچي ماڻهن کي ٻڌائيندو هو تہ کيس ڪهڙي بشارت ملي آهي ۽ هاڻي کين ڇا ڪرڻو پوندو. هو جيڪي ملڪ ۽ علائقا فتح ڪندو هو تہ اتان جي ماڻهن کي چوندو هو تہ اوهان جا حڪمران ۽ مذهبي اڳواڻ عياشين ۾ پورا آهن ۽ اهي جيئن تہ خدا، ان جي پيغام ۽ ماڻهن سان سچا ناهن ان ڪري خدا مون کي انهن کي سزا ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي ۽ انهن تي سوڀارو ڪيو آهي.

هن پنهنجي صحرا ۾ پهرين جنهن حڪمران جي اطاعت قبول ڪئي اهو عيسائي مذهب جو پوئلڳ هو پر پوءِ ان پاڻ ان سان بغاوت ڪري ان جي سلطنت تي قبضو ڪري ورتو. ان خاندان جي عورتن سان هن پاڻ ۽ پنهنجن پٽن جون شاديون ڪرايون ۽ اهڙي ريت عيسائيت هڪ لحاظ کان سندس خاندان ۾ داخل ٿي. پر ان نہ تہ سندس عقيدي کي متاثر ڪيو ۽ نہ ئي هن انهن جي عقيدي ۾ مداخلت

ڪئي. ساڳي ريت وچ ايشيا ۽ ايران وغيره ۾ سندس واسطو مسلمانن ۽ اسلام سان پيو. چين ان وقت مختلف رياستن ۾ ورهايل هو ۽ ان جا حڪمران عوام کان ڪٽيل هئڻ جي ڪري ڪمزور حيثيت ۾ هئا. هتي خاص طور تي مسلم گهڻائي وارن علائقن ۾ عام ماڻهن، جيڪي پنهنجن غيرمسلم حڪمرانن جي پاليسين ۽ روين مان تنگ هئا، پاران بجائي مزاحمت جي اجا ڪيس مدد ملي. چين مان گهڻو ڪجهه مال ميڙڻ ۽ اتي پنهنجين حڪومتن قائم ڪرڻ ڪانسواءِهتي چنگيز خان جو ٽن اهم عقيدن سان واسطو پيو جيڪي تائوازم، ٻڌازم ۽ ڪنفيوشس جو نظريو هئا.

هر مذهب جي عالمن جو اهو خيال هوندو هو ته جيئن ته سندن مذهب حق ۽ سچ جو داعي آهي ان ڪري چنگيز خان، جيڪو انهن وڏن مذهبن مان ڪنهن جو به پوئلڳ نه هو، ڪي پنهنجي مذهب ڏانهن آڻي سگهجي ٿو. پوپ ۽ يورپ جي مختلف ملڪن جي بادشاهن جو اهو خيال هو ته چنگيز خان ايشيا ۾ اسلام ۽ مسلمانن خلاف سندن اهم اتحادي ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ انهن مذهبي اڳواڻن ۽ حڪومتي عملدارن تي مشتمل مختلف وفد پڻ ڏانهس موڪليا. ساڳي ريت چين جي حوالي سان خاص طور تي تائو ازم ۽ ٻڌازم جا پوئلڳ ان ڪوشش ۾ هئا ته چنگيز خان ڪي پاڻ ڏانهن ڪري ٻئي کي مات ڪيئن ڏجي. جڏهين ته چنگيز خان جو رويو مختلف مذهبن کي سمجهڻ جو هوندو هو. ان مقصد لاءِ هو مختلف مذهبن جي عالمن سان ملندو هو ۽ کين بحث مباحثي وغيره ڪرڻ جو موقعو به ڏيندو هو پر ڪنهن خاص نڪته نظر ۽ عقيدي جو پاسو نه وٺندو هو. هن ڪنهن هڪ مذهب جي پوئلڳن کي ٻين تي فوقيت نه ڏني ۽ نه ئي پنهنجن فتح ڪيل علائقن ۾ ڪنهن مذهب ۽ عقيدي کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هر ڪنهن کي پنهنجي عقيدي مطابق هلڻ ۽ عمل ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي ايستائين ته اها حڪومتي معاملن ۾ ڪنهن رڪاوٽ جو باعث نه بڻجي.

ليڪ جو خيال آهي ته چنگيز خان جي مذهبي آزادي ۽ سهپ وارو اهو نظريو اولهه جي ملڪن ۾ آيل انقلابن ۽ اهڙن خيالن کان گهڻو اڳ جو هو. انگريز فلاسفر جان لاڪ 1669 عيسوي ۾ ڪيرولينا لاءِ پنهنجي آئيني تجويزن ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو جنهن جي لاءِ مشهور تاريخ دان ايڊورڊ گبنز جو خيال آهي ته هن اهي خيال چنگيز خان کان ورتا هئا جڏهين ته ڪتاب جي ليڪ جو خيال آهي ته لاڪ جو نظريو مذهبي سهپ کي تقويت ڏيڻ جي بجائي اجا ان ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو ۽ هو هڪ خاص عقيدي جي پنيرائي ڪري ٿو. آمريڪي آزادي جو ابو ٿامس جيفرسن چنگيز خان ۽ سندس مذهب متعلق خيالن کان چڱي ريت واقف هو. وٽس فرانس ۾ ڇپيل چنگيز خان جي سوانح عمري جون گهڻيون ڪاپيون موجود هيون جيڪي هن پنهنجن دوستن ۽ ڏي ۾ ورهائڻ ڪانسواءِ ڪانگريس جي لائبريري ۾ پڻ رکيون هيون. ليڪ جو خيال آهي ته آمريڪي آئين ۾ مذهبي آزادي ۽ سهپ جي حوالي سان جيڪي شقون شامل آهن ان جو هڪ ڪارڻ آمريڪي آزادي جي ابن ۽ خاص طور ٿامس جيفرسن جو چنگيز خان جي مذهب متعلق رويي ۽ خيالن مان اتساهه وٺڻ پڻ هو.

ڪجهه وقت اڳ مون بي بي سي ويب سائٽ تي پڙهيو هو ته چنگيز خان جي مرڻ ڪانپوءِ سندس منگول سپاهي گهوڙا ڊوڙائيندا لاش کي پاڻ سان کڻي ويا ۽ پوءِ ان کي ريگستان ۾ دفن ڪرڻ ڪانپوءِ واري ۾ غائب ڪري ڇڏيائون ته جيئن قبر جو ڪو نالو نشان نه رهي ۽ اهڙي ريت ان جي بيحرمتي نه ٿي سگهي. ويب سائٽ مطابق گهڻا محقق اجا تائين ان قبر جي ڳولها ۾ آهن پر ڪامياب نه ٿي سگهيا

آهن. جڏهين ته ڪتاب جو ليکڪ اها دعوا ڪري ٿو ته اها قبر برڪان ڪلدون جبل وٽ آهي، جتي آمريڪي صدر فريڪلن روزويلٽ جو نائب صدر لاء مقرر ڪيل اميدوار ٻي مهاڀاري جنگ هلندي 1944 ۾ لکل خزاني جي ڳولها ۾ ان اميد سان ته ان مزار تي وڃڻ وارن جون اميدون پوريون ٿينديون آهن، ويو هو. پر هو نه رڳو خالي هٿئين موٽيو هو پر ڪيس پنهنجي نائب صدر واري نامزدگي کان به محروم ٿيڻو پيو هو. بهرحال ڪتاب چنگيز خان جي زندگي متعلق گهڻيون نيون ڳالهيون سامهون آڻي ٿو.

# جنسي حراس ۽ مزاحمت

عورتن سان زندگي جي هر شعبي ۾ امتيازي ورتاءَ ڪرڻ هڪ عام ڳالهه آهي. مردن کان گهٽ پگهارۡ کين رڳو تعليم ۽ صحت وغيره جهڙن شعبن تائين محدود ڪرڻ جو عمل گهڻن ملڪن ۾ ٿي رهيو آهي. اهم ڳالهہ اها آهي تہ عورت کي رڳو سندس پيءُ، پائر، مڙس ۽ پٽ ئي پنهنجي ملڪيت نہ ٿا سمجهن پر جتي هو ڪم ڪري ٿي اتي بہ سندس باس کان وٺي ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ مٿس پنهنجو حق سمجهن ٿا. عورتن جي گهڻائي پنهنجين مجبورين جي ڪري ان سيڪجهہ کي خاموشي سان برداشت ڪري ٿي ۽ ٻڙڪ ٻاهر نٿي ڪڍي. پر ڪي سيني رڪاوٽن جي باوجود ان ناانصافي خلاف اٿي کڙي ٿين ٿيون.

جنسي طور حراس ڪرڻ جو معاملو ڪنهن هڪ ملڪ ۽ ڪنهن خاص سماج تائين محدود ناهي. اهو بہ ضروري ناهي تہ ان جو واسطو ماڻهن جي ڪنهن خاص طبقي ۽ انهن جي تعليم وغيره سان هجي. ايستائين تہ اهو معاملو اقتدار جي ايوانن ۽ وائٽ هائوس تائين وڃي پهچي ٿو.

ان سلسلي ۾ اهم ڳالهه اها آهي تہ مڙد کي نہ رڳو هڪ اهم حيثيت حاصل آهي ۽ عورت پوءِ پلي اها رشتي ناتي ۾ ان سان لاڳاپيل نہ بہ هجي ان جي ملڪيت سمجهي وڃي ٿي. عورت سان ڪنهن بہ زيادتي کي هڪ معمول جي ڳالهه سمجهيو وڃي ٿو ۽ نہ رڳو ان کي ثابت ڪرڻ عورت جو ڪم هوندو آهي پر جيڪڏهين اها ثابت ٿي بہ وڃي ٿو تہ گهٽو ڪري ان جو ڏوهي ان عورت کي ئي قرار ڏنو ويندو آهي.

ڊاڪٽر فوزيہ سعيد پاڪستان جي هڪ ناليواري سماجي ڪارڪن، عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ ۽ ليکڪا آهي. پشاور سان واسطو رکندڙ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم ورتل فوزيہ سعيد جڏهين پاڻ سان ٿيل اهڙي وارتا جو داستان ٻڌائي ٿي تہ واقعي حيرت ٿئي ٿي ۽ ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. خاص طور جڏهين اهو سيڪجهہ گڏيل قومن جي ترقياتي اداري UNDP ۾ اسلام آباد ۾ نوڪري دوران ساٿس ٿئي ٿو. عام طور ٿيندو ائين آهي تہ لڄ ۽ ڳالهه ظاهر ٿيڻ جي ڊپ جي ڪري گهڻيون عورتون چاهيندي بہ اهو سيڪجهہ ظاهر نہ ڪنديون آهن جنهن جو فائدو ان خاص مرد کي ئي ملندو آهي. ان اداري ۾ بہ مختلف ملڪن جون سورنهن کن اهڙيون عورتون موجود هيون جن سان اها سڀ وارتا ٿي چڪي هئي پر مجبورين جي ڪري اهي خاموش هيون. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر فوزيہ سعيد جهڙين عورتن جي همت گهڻين اهڙين عورتن کي حوصلو ڏنو.

سندس ڪتاب Working with Sharks ان حوالي سان هڪ دستاويز آهي جنهن ۾ هڪ بين الاقوامي اداري جي خاص طور عورتن سان ٿيندڙ ورتاءَ کي وائکو ڪيو ويو آهي. ان اداري ۾ سندس ڪم ڪرڻ جو هڪ مقصد ملڪ جي پنتي پيل علائقن ۽ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ انهن کي مختلف سهولتون پهچائڻ هو جيڪا ساڳي وقت ان اداري جي بہ ايجنڊا آهي. اها ڳالهه تہ مٿس اداري ۾ شامل ٿيڻ سان

ئي واضح ٿي وڃي ٿي ته ان اداري جي بيهڪ به ڪنهن رضاڪارانه ڪم کان وڌيڪ ڪامورا شاهي واري طريقه ڪار تي ٻڌل هئي. ان ڪري نوڪري ۾ رهڻ ۽ فائدن حاصل ڪرڻ لاء صاحب سان نهي هلڻ ۽ ان کي راضي رکڻ ضروري هو.

هن سماج ۾ نوڪري ڪندڙ عورت لاءِ عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي ته سندس ڪردار خراب آهي ۽ کيس پنهنجن مقصدن لاء استعمال ڪري سگهجي ٿو. پنهنجي ان سوچ جي تحت سندس باس طارق خان پاران پيشرفت ڪئي وڃي ٿي پر کيس ڪاميابي نه ٿي ٿئي. هو ماٺ ڪري نه ٿو ويهي ۽ نوان طريقا استعمال ڪري ٿو. روزبروز سندس رويو وڌيڪ جارحاڻو ٿيندو وڃي ٿو. گهر تي فون ڪرڻ، فحش قسم جا اشارا ڪرڻ ۽ آفيس جي معاملن ۾ تنگ ڪرڻ هڪ معمول بڻجي وڃي ٿو. هو نه رڳو اهو سيڪجهه سهي ٿي پر ان جي مزاحمت ڪري ٿي ۽ پنهنجي نوڪري به ڪندي رهي ٿي. اهو سيڪجهه رڳو ساڻس نه پر اداري ۾ ڪم ڪندڙ ٻين عورتن سان به ساڳيو ورتاء ٿئي ٿو. فحش اشارا ۽ تبصرا ڪرڻ ۽ گهرن تي فون ڪرڻ وغيره ان ۾ شامل هجن ٿا. هو سمجهي ٿي ته اهو هڪ بين الاقوامي ادارو آهي ان وٽ عورتن کي حراس ڪرڻ جي تدارڪ جي حوالي سان ضرور ڪو طريقه ڪار هوندو. کيس جڏهين ملڪ ۾ اهو سيڪجهه نه ٿو ملي سگهي ته هو اداري جي هيڊ ڪوارٽر ۾ طارق خان جي وڏن افسرن سان رابطي ۾ اچي ٿي. پهرين ته کيس اهو جواب ملي ٿو ته اداري جي قاعدن قانونن ۾ اهڙو ڪو طريقه ڪار موجود ناهي. پر جڏهين هو کوجنا ڪري ٿي ۽ سڄي ريڪارڊ جو جائزو وٺي ٿي ته کيس خبر پئي ٿي ته گهڻو اڳ جو نهيل اداري جو اهڙو قانون موجود آهي پر گهڻن آفيسرن کي ان جي ڄاڻ نه هئي.

ساڳي وقت هو اهو پڻ محسوس ڪري ٿي ته ٻين ملڪن ۽ هيڊڪوارٽر ۾ ويٺل آفيسرن کي سندس باس طارق خان خوش ڪندو رهندو آهي ۽ ان جا انهن سان سٺا ناتا آهن. ان ڪري اهي آفيسر به طارق خان کي ناراض ڪرڻ نه پيا چاهين. هڪ آفيسر ته کيس ايستائين چئي ٿو ته توهان پاڪستان جي عورتن سان گهرن، دفترن ۽ بازارن ۾ اهڙو سلوڪ ٿيڻ ته هڪ عام ڳالهه آهي ان ڪري جيڪڏهين توسان ائين ٿيو آهي ته ان ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي.

پر هو ماٺ ڪري نه ويني. اداري جون ٻارنهن عورتون ان معاملي ۾ ساڻس گڏ بيهڻ لاء تيار هجن ٿيون. اهو معاملو 2001 ۾ هڪ قومي مسئلي جي طور سامهون آيو. انهن عورتن پارليامان جي مختلف ميمبرن ۽ ٻين اهم ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون ته جيئن ان مسئلي جي قومي سطح تي تدارڪ لاء ڪي جوڳا قدم کڻي سگهجن. سالن جي جدوجهد ڪانپوء پارليامان 2010 ۾ عورتن جي جنسي طور حراس ڪرڻ جي خلاف قانون منظور ڪيو ۽ وزيراعظم پاران 22 دسمبر، جنهن تاريخ تي 1997 ۾ پهرين اها شڪايت داخل ڪئي ويئي هئي، کي قومي سطح تي نوڪري پيشه عورتن جي ڏينهن طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو.

عورتن جي جدوجهد جي حوالي سان اها هڪ وڏي ڪاميابي هئي جيڪا تڏهين ئي ممڪن ٿي سگهي جڏهين هن محسوس ڪيو ته هو اها ويڙهه اڪيلي سر نه ٿي وڙهي سگهي. اهو هڪ اجتماعي مسئلو آهي ۽ هو ٻين سان گڏجي ان جي حل لاءِ ڪوششون ڪري سگهي ٿي.

ظاهر ڳالهه آهي ته اهو انت نه هو. پاڪستان جي سماج ۾ عورتن جا مسئلا نهايت گنڀير ۽ منجهيل آهن ۽ انهن جي حل لاءِ نه رڳو لاڳيتي جدوجهد پر ساڳي وقت ان ڪي سماج جي ٻين طبقن سان گڏي هلائڻ جي به ضرورت آهي.

# حشو ڪيولراماڻي: ڪجھ سوال

نندي ڪنڊ جو ورهاڱو تاريخ جو ايڏو وڏو واقعو آهي جو ان جو ذڪر لاڳيتو ٿيندو رهندو. سرحد جي ٻنهي پاسي هزارين ماڻهن جي قتل عام ۽ لکين ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪانسواءِ ڪي اهڙا شخصي ڏک آهن جيڪي واقعي جي ڪي جهوريندڙ آهن. سنڌ مان گهڻا هندو ورهاڱي ڪان پوءِ ٿيندڙ فسادن ۽ ڦرمار جي واقعن جي ڪري لڏي ويا هئا پر ڪي اهڙا ماڻهو هئا جن ان سڀ جي باوجود سنڌ ڇڏڻ نہ ٿي چاهي. اهڙن ماڻهن ۾ حشو ڪيولراماڻي جو نالو بہ شامل آهي. هو ورهاڱي ڪانپوءِ ٻن سالن ڪان وڌيڪ عرصو سنڌ ۾ رهيل هو. اهو گهڻو وقت هن جيل ۾ ئي گذاريو ۽ دسمبر 1949 ۾ ڪيس جيل مان ئي ايئر پورٽ آڻي سڌو ڀارت روانو ڪيو ويو.

حشو جو تعلق پريا ضلعي نوابشاه جي هڪ سگهڙ خاندان سان هو. سندس پيءُ ڪيس آئي سي ايس افسر ٿيڻ لاءِ لندن موڪليو هو. پر هو اتي بہ آزادي پسندن سان لاڳاپي ۾ رهيو ۽ پنهنجي پيءُ جي خواهش پوري ڪرڻ ڪانسواءِ سنڌ اچي هندوستان جي آزادي جي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. هو سنڌ جي گهڻن ڏاهن ماڻهن جي ويجهو رهيو ۽ انهن مان گهڻن جي تربيت بہ ڪيائين. علامہ آئي آئي قاضي سندس دوست هو. ابراهيم جوئي جي هو ويجهو رهيو جڏهين تہ سوڀي، اياز ۽ ايستائين تہ جي ايم سيد جي تربيت ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. اياز پاڻ چئي ٿو تہ هو جيڪي ڪجھ بہ آهي اهو حشو جي ڪري آهي ۽ جي ايم سيد بہ ان ڳالهہ جو اقرار ڪري ٿو تہ حشو جي ڪري ئي هو قوم پرست نظرئي کي صحيح نموني سمجهي سگهيو. حشو سيد جي ڪتاب نئين سنڌ لاءِ جدوجهد جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيو. اهو سيد جو انگريزي ۾ پهريون ڪتاب هو. ان ڪانسواءِ دهلي وڃڻ ڪانپوءِ هن اتان مختلف سنڌي ڪهاڻين جو ڳچکو انگريزي ۾ ترجمو ڪري ڇپايو هو. ڀارت وڃڻ ڪانپوءِ هو هندوستان اسٽينڊرڊ ۾ پاڪستان اڪسريڊ جي عنوان سان ڪالم لکندو هو جنهن متعلق سندس گهڻن پاڪستان جي دوستن جو چوڻ هو تہ هو پنهنجي ڪالم ۾ اهڙيون ڳالههيون لکي ٿو جن جي اسان کي بہ خبر نہ هوندي آهي. پر ڪنهن جو ماتحت ٿي نوڪري ڪرڻ حشو جي طبيعت ۾ نہ هو. حشو لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪرشنا مينن، جيڪو ان وقت نهرو جي ڪابينا ۾ پرڏيهي وزير هو، سندس دوست هو. ساڳي وقت نهرو خاندان سان بہ سندس ويجها ناتا هئا. ڪرشنا مينن جي چوڻ تي نهرو حشو کي پاڪستان ۾ سفير ٿيڻ لاءِ چيو پر هن ان ڪري ان ڪان معذرت ڪئي تہ هن ڪنهن بہ سرڪار جي ماتحت رهي ڪم ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. حشو سنڌي کي ڀارت جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪرائڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس چوڻ هو تہ بجائي ٽوڙ ڦوڙ ۽ هل هنگامي جي اهو ڪم منٿ محبت سان ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ هن هڪ انوکو ۽ منفرد طريقو اختيار ڪيو. ان وقت جڏهين ٻولي جي بل تي پارليامان ۾ بحث ۽ ووٽنگ ٿيڻي هئي هن پنهنجي پٽ گل کي ڪراچي حلوي جون ٽڪيون ڏيئي ٻاهر بيهاري ڇڏيو ۽ جيئن ميمبر ايندا ويا تيئن کين حلوي جي ٽڪي ڏيئي اهو چوندو ويو تہ سنڌ جي سوکڙي سان منهن مٺو ڪيو ۽ اميد تہ اوهان سنڌي ٻولي جي حق ۾ ووٽ ڏيندا.

اهو واقعي هڪ الميو آهي تہ ايڏي وڏي ۽ ذهين ماڻهو متعلق جنهن جا سنڌ جا وڏا نالي وارا اديب ۽ ليکڪ دوست ۽ شاگرد هجن، رڳو مٺاچري معلومات آهي. ان سلسلي ۾ سوچيو جو هڪ مختصر ليک آهي جڏهين تہ اياز لاڳيتو حشو جو مختلف جاين تي ذڪر ڪندو رهيو ۽ اهو چوندو رهيو تہ هو حشو تي هڪ ڪتاب لکڻ چاهي ٿو پر هو آخر تائين ائين نہ ڪري سگهيو. ان سلسلي ۾ مدد علي سنڌي ڪوشش ڪري مختلف ذريعن کان معلومات گڏ ڪري ڪتاب حشو ڪيولراماڻي نہ وسرندڙ شخصيت جي عنوان سان آندو آهي جيڪو هڪ ساراه جوڳو ڪم آهي.

حشو ڪي جڏهين جيل مان برنس گارڊن ڪراچي ۾ سندس فليٽ تي آندو ويو هو تہ اتي ان وقت اياز پنهنجي زال سان گڏ رهيل هو. حشو ان وقت رڳو هڪ گلدستو اياز جي زال کان ورتو ۽ کيس چيائين تہ آئون پارت پيو وڃان، اياز کي چئجان تہ هي فليٽ ۽ هن ۾ جيڪي ڪجھ آهي اهو هاڻي کيس آيو. اياز کان پوءِ جڏهين حشو جي ڪتابن جي هڪ وڏي ذخيري متعلق پڇيو ويو تہ سندس چوڻ هو سندس سکر وڃڻ کانپوءِ اهو فليٽ سندس دوست مونس وٽ هو ۽ هن اهي سڀ ڪتاب وڪڻي ڇڏيا. اها ڳالهه واضح ناهي تہ ان فليٽ جو ڇا ٿيو. جيڪڏهين ان ڪي وڪرو ڪيو ويو تہ ڇا اهي ۽ ڪتابن جي وڪري مان آيل پئسا حشو، جيڪو پارت ۾ سخت مالي بحران جو شڪار هو، کي موڪيا ويا يا نہ.

شايد ڪجھ گهر جي مسئلن جي ڪري حشو ذهني طور نارمل نہ رهيو هو. هن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ دهلي کان بمبئي اچي ويو هو. هتي نہ وٽس رهڻ جو ڪو مستقل نڪاڻو هو ۽ نہ گذاري لاءِ ڪي مالي ذريعا هئا. هو فٽ پاٿن، ريلوي پليٽ فارمن ۽ شمشام گهاٽن تي رات گذاريندو هو ۽ سڄو ڏينهن بمبئي جي سڙڪن تي هلندو رهندو هو. دوستن کان پنج ڏه روپيا وٺي يا بکن تي گذارو ڪندو هو. گهڻا ڪانئس لنوائيندا هئا ۽ کيس پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سندس زندگي جي آخري رات جڏهين هو  ڪنهن دوست سان ملي نڪتو هو بمبئي ۾ سخت مينهن پئجي رهيو هو. ان کانپوءِ هو ڪنهن کي نظر نہ آيو ۽ نہ ئي سندس ڪنهن سان ملاقات ٿي. سندس متعلق مختلف انومان ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ هو مينهن ۾ ڪنهن برساتي نالي وغيره ۾ لڙي ويو جڏهين تہ ڪن جو خيال آهي تہ جيئن تہ ان وقت وٽس ڪجھ پئسا هئا ان ڪري ممڪن آهي تہ شمشان گهاٽ جي سنيال ڪندڙ ان لالچ ۾ کيس ماري لاش کي ساڙي ڇڏيو هجي. ان سلسلي ۾ جوڳي ڪوشش نہ ڪئي ويئي. هند ۽ سنڌ جا اديب رڳو ان ڳالهه ۾ دلچسپي وٺن ها تہ سنڌ جي هن قابل ۽ ذهين پٽ جي جيڪڏهين لاش نہ بہ ملي ها تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ سندس مرڻ جي ڪارڻ جي خبر پئجي وڃي ها تہ گهڻن کي اطمينان ۽ سڪون ملي ها. پر ائين نہ ٿي سگهيو.

ڏنو وڃي تہ هند جي سنڌين جي ايتري مالي ۽ سياسي پهچ هئي تہ اهي حشو جي سرڪاري يا خانگي لحاظ کان  جوڳي مدد ڪري سگهيا ٿي. سندس علاج، ڪنهن نڪاڻي جو بندوبست ۽ مالي مدد سندن پهچ کان ٻاهر نہ هئي. پر ائين نہ ٿي سگهيو ۽ اهو شخص بي يار و مددگار ۽ لاوارث ٿي خاص طور تي سنڌ ۽ هند جي سنڌي اديبن ۽ خاص طور انهن ماڻهن لاءِ جيڪي حشو جي دوستي ۽ ساڻس قربت جون دعوائون ڪن ٿا گهڻا سوال ڇڏي ويو جن جا جواب شايد نہ ملي سگهن.

# ڪراچي : هڪ ناول نگار جي نظر ۾

محمد حنيف هڪ صحافي جي حيثيت سان پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. سندس پهرئين ناول A Case of Exploding Mangoes کيس هڪ ناول نگار طور پڻ متعارف ڪرايو. هڪ ناول جي طور ان کي ڏيهي ۽ پرڏيهي لحاظ کان گهڻي پذيرائي ملي. اهو بحث بهرحال هاڻي پراڻو ٿي چڪو آهي ته آيا صحافت تخليقي صلاحيتن تي منفي اثر وجهي ٿي يا مثبت. اها ڳالهه گهڻي پاڳي طئي ٿي چڪي آهي ته اهي ٻيئي شعبا هڪ ٻئي کان ڌارنه پر هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن ۽ هڪٻئي جي مدد ڪن ٿا. فرق رڳو اهو آهي ته صحافت مڪمل طور حقيقتن تي مدار رکي ٿي جڏهين ته ادب ۾ حقيقتن سان گڏوگڏ ليکڪ جي خيالن ۽ تصورن جو پڻ عمل دخل هجي ٿو ۽ هو پنهنجي فن ۽ تخليقي صلاحيتن ذريعي ان کي هڪ نئون روپ ڏيئي ٿو. اهڙن ليکڪن جا گهڻا مثال آهن جيڪي ساڳي وقت صحافي به رهيا آهن ۽ انهن شاهڪار ادب پڻ تخليق ڪيو آهي.

محمد حنيف جي ناولن جي خاصيت اها آهي ته انهن جو واسطو ان ماحول جي حقيقتن سان هوندو آهي جنهن ۾ هو رهي ٿو. ائين لڳندو آهي ته جيڪي ڪجهه هو بيان ڪري رهيو آهي اتي هو پاڻ موجود آهي ۽ اهو سڀڪجهه سندس اکين آڏو ٿي رهيو آهي. ان ڪري پڙهندڙ کي پڻ اوپرائپ محسوس نه ٿيندي آهي ۽ هو پاڻ کي ليکڪ سان ساڳي پيج تي محسوس ڪندو آهي. سندس پهريون ناول ان پسمنظر ۾ لکيل آهي جنهن جو انت ضياء الحق جي جهاز جي ڦاٽڻ ۽ سندس مرڻ جي صورت ۾ ٿيو هو. جڏهين ته سندس ٻيو ناول Our Lady of Alice Bhatti خاص طور ڪراچي جي حالتن جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. اهو ناول فرينچ ڪالوني نالي ڪچي وستي ۾ رهندڙ هڪ خاڪروب جوزف ڀٽي جي ڌي الائس، جيڪا هڪ عيسائي ڊاڪٽر جي خيراتي هسپتال، جتي هر مرض جو علاج ٿئي ٿو، ۾ هڪ سيڪڙات نرس طور ڪم ڪري ٿي، جي چوڌاري گهمي ٿو. جوزف ڀٽي گٽر صاف ڪرڻ ۽ صفائي جي ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ قرآني آيتن ۽ روحاني طريقي سان ماڻهن جي السر ۽ پيٽ جي بيمارين جو پڻ علاج ڪري ٿو جنهن جي ڪري عيسائين پاران متس شڪ ڪيو وڃي ٿو ته ڪٿي هو مسلمان ته نه ٿي ويوهو پر هو اهڙي هر ڳالهه کي رد ڪري ٿو. اهو خاندان هڪ ته عيسائي ۽ ٻيو خاڪروب هئڻ جي ناتي ٻٽي مذهبي ۽ طبقاتي امتياز جو شڪار آهي. هڪ پاسي مسلمان کين پنهنجي ويجهو نه ٿا اچڻ ڏين ته ٻئي پاسي امير طبقي جا عيسائي گهٽ ذات ۽ پيشي هئڻ ڪري کين پاڻ جهڙو نه ٿا سمجهن.

اهي ساڳي وقت معاشي ۽ جنسي استحصال جو پڻ شڪار آهن. الائس جي ماء، جيڪا هڪ وڏي گهر ۾ ڪم ڪري ٿي، گهر جي مالڪ جي جنسي ڏاڍ جو شڪار ٿئي ٿي جيڪو مزاحمت ڪرڻ تي کيس قتل ڪري ڇڏي ٿو ۽ ان قتل کي ڏاڪڻ تان ڪرڻ جو هڪ حادثو قرار ڏنو وڃي ٿو جنهن ۾ چرچ جي پادري کي به ڏوڪڙ ڏيئي پاڻ سان شامل ڪيو وڃي ٿو. ساڳي ريت اسپتالن ۾ نرسن سان ڊاڪٽرن، اسپتال جي ٻئي عملي، مريضن ۽ سندن تيمارداران پاران جيڪو ورتاء ڪيو وڃي ٿو الائس کي به ان مان گذرڻو پوي ٿو. سندس نرسنگ جا ڪلاس وٺندڙ هڪ ڊاڪٽر، جيڪو پاڻ کي ڪميونسٽ

سڏائي ٿو، ساڻس پيار جو اظهار ڪري ٿو ۽ انهن ۾ هڪ جنسي ناتو پڻ قائم ٿئي ٿو پر جڏهين ڪيس حمل ٿئي ٿو ته اهو ڊاڪٽر اهو بهانو ڪري ته سندس ماءُ رڳو شيعه خاندان مان ئي سندس شادي ڪرائيندي ۽ سندن ان تعلق کي ڪنهن به صورت قبول نه ڪندي اهو ناتو ختم ڪري ڇڏي ٿو.

الائس جي اها خاصيت هجي ٿي ته اها هر ڏاڍائي خلاف مزاحمت ڪري ٿي. هڪ ڀيري جڏهين سندس ڊيوٽي هڪ امير خاتون مريض جي وي آئي پي روم ۾ لڳائي وڃي ٿي ته اتي ان عورت جو هڪ نوجوان تيماردار ساڻس جنسي ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر هو ائين تيڻ نه ٿي ڏئي ۽ ان همراه جي نازڪ عضوي کي بليڊ سان چير ڏيئي ڪمري مان هلي وڃي ٿي. اسپتال ۽ عدالت پاران ڪيس ئي ڏوهاري قرار ڏنو وڃي ٿو. ان ڏوه جي ڪري ڪيس سزا ملي ٿي ۽ ڪيس ڪجھ عرصو عورتن ۽ ٻارن جي جيل ۾ رهڻو پوي ٿو.

هتي اسپتال ۾ ئي الائس جي واقفيت ٽيڊي بٽ نالي پوليس جي هڪ مخبر، جيڪو اسپتال ۾ مختلف ميڊيڪو ليگل رپورٽن جي سلسلي ۾ پوليس سان گڏ ايندو رهي ٿو، سان ٿئي ٿي. ٽيڊي بٽ پوليس جو باقاعدي ملازم ناهي پر انهن سان ڪم ڪندو رهي ٿو. هو ڪيس هڪ ڀيرو اسپتال جي چرين جي وارڊ مان ڪڍڻ ۾ پڻ مدد ڪري ٿو. ساڳي وقت هو الائس کي پسند به ڪري ٿو ۽ شادي جي آڇ ڪري ٿو جنهن کي هو قبول ڪري ٿي. سمنڊ ۾ هڪ آبدوز تي سندن اسلامي طريقي مطابق نڪاح ٿئي ٿو پر هو پنهنجو نالو تبديل نه ٿي ڪري جنهن جي ڪري گهڻا اهو شڪ ڪن ٿا ته هن دل سان اسلام قبول ناهي ڪيو ان ڪري ٽيڊي بٽ ۽ سندس وچ ۾ جيڪو ناتو آهي اهو ناجائز آهي.

جنهن رات هو ٽيڊي بٽ سان گڏ رهڻ لاءِ سندس فليٽ تي وڃي ٿي ان رات ئي انسپيڪٽر ملنگي، جنهن سان ٽيڊي بٽ ڪم ڪري ٿو، پاران ڪيس اڌ رات جو ڊيوٽي تي هلڻ لاءِ تيار رهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. الائس سوچي ٿي ته اها ڪهڙي ڊيوٽي آهي جنهن ۾ هو پهرين رات به پنهنجي زال سان نه ٿو گذاري سگهي. دراصل پوليس جي گاڏي ۾ زنجيرن ۾ قابو ٿيل هڪ نوجوان هجي ٿو جنهن تي دهشت گردي جو شڪ هجي ٿو ۽ انسپيڪٽر هن کي سندس ماءُ سان ملڻ جي بهاني نارٿرن بائي پاس، جتي ڪيس مارڻ جو پروگرام هجي ٿو، وٺي وڃي ٿو. ٽيڊي بٽ کي ان نوجوان سان حال احوال ڪرڻ لاءِ سندس پر ۾ ويهاريو وڃي ٿو جيڪو ڪيس ٻڌائي ٿو ته سندس ماءُ ان پاسي نه ٿي رهي ۽ ڪيس خبر آهي ته ڪيس اوڏانهن ڇو وٺي پيا وڃن. ٻيو ته هو رڳو ان همراه سان پويان موٽر سائيڪل تي وينو هو جنهن اها دهشت گردي جي ڪاروائي ڪئي هئي ۽ هو ان ۾ سڌي ريت ملوث نه هو. جڏهين گاڏي مقرر جاءِ تي پهچي ٿي ته ان همراه کي پيشاب ڪرڻ جي لاءِ زنجيرون وغيره لاهي ٽيڊي بٽ سان ٻوڙن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو جتي ٽيڊي تي ڪتا حملو ڪن ٿا ۽ ان جو فائدو وٺي هو همراه ڀڄي وڃي ٿو. ان جي سڄي ذميواري ٽيڊي بٽ تي وڌي وڃي ٿي ۽ ڪيس چيو وڃي ٿو ته همراه کي ڳولهي ڏي يا نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. ان پريشاني ۾ هو ڏينهن جا ڏينهن گهر مان غائب ٿو رهي ۽ الائس کي خبر نه ٿي پئي ته نيٺ هو ڪٿي هو.

ان وچ ۾ اسپتال ۾ هڪ واقعو ٿئي ٿو. الائس هڪ عورت جي ويم وقت موجود هجي ٿي. ويم ٿيڻ تي اهو سمجهيو وڃي ٿو ته ٻار مئل حالت ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ماءُ جيئري هجي ٿي. پر الائس جي اتي هوندي ٻار ۾ اوچتو زندگي اچي وڃي ٿي ۽ ماءُ فوت ٿي وڃي ٿي. ان سڀ ڪجھ کي الائس جي

روحاني قوت ڪري ليڪيو وڃي ٿو ۽ جيڪي مريض اسپتال کان ٻاهرهجن ٿا اهي چون ٿا ته انهن الائس کي مور پنک سان آسمان کان تخت تي لهندي ڏٺو هو. بهرحال الائس ان ٻار کي پاڻ سان کڻي وڃي ٿي ۽ ٽيڊي ٻڻ جو گهر ڇڏي هڪ ٻي سينيئر سسٽر سان گڏ رهڻ لڳي ٿي.

ٽيڊي جڏهين گهر موٽي ٿو ته الائس کي گهر تي نه ڏسي ڪيس شڪ ٿئي ٿو ته هو ڪيس ڇڏي ٻئي ڪنهن سان هلي ويئي آهي ۽ سندس ڳولها ۾ نڪري ٿو. ان دوران انسپيڪٽر ملنگي رٽائر ٿيڻ واري ڏينهن ان ساڳئي فرار ٿيل نوجوان هٿان ٽريفڪ سگنل تي قتل ٿيڻ کان اڳ ٽيڊي ٻڻ کي مال خاني مان تيزاب جي بوتل ڏئي ٿو ۽ ڪيس انهن همراهن وٽ نوڪري وني ڏئي ٿو جن مطابق الائس تي اجا سندن حساب رهيل هو. اهڙي ريت ٽيڊي الائس تي تيزاب وجهي ڪيس ماري ڇڏي ٿو.

الائس جي روحاني مرتبي کي چرچ پاران قبول نه ٿو ڪيو وڃي. ان تي احتجاج ڪندي جوزف پٽي روم ۾ ويٽيڪن کي خط لکي ٿو ته الائس جي روحاني حيثيت کي ان ڪري قبول نه ٿو ڪيو وڃي ته اها هيٺئين طبقي جي فرد هئي جڏهين ته اها ڳالهه طئي آهي ته ڪيس تخت تي آسمان ڏانهن ويندي گهڻن ماڻهن ڏٺو هو ۽ زمين تي رڳو سندس مڙه موجود آهي. ان ڪري چرچ کي انصاف ڪندي سندس روحاني حيثيت کي مڃيندي ڪيس جائز مرتبو ڏيڻ گهرجي.

اها شهر جي حالتن جي هڪ احساساتي تصوير آهي جنهن کي ان طبقي جي ماڻهن جي نظر سان ڏٺو ويو آهي جن جي هن سماج ۾ ڪا حيثيت ناهي. غير جذباتي نموني سان لکيل هي ناول پڙهندڙ لاء سوچ جا نوان در کولي ٿو.

# تيرنهون قبيلو

تاريخ، ڏند ڪٿا ۽ قصن ڪهاڻين ۾ فرق ڪرڻ هڪ ڏکيو عمل رهيو آهي. ساڳي ريت گهڻن مذهبي ڪتابن وغيره ۾ بيان ڪيل قصن کي پڻ هڪ تاريخ جي حيثيت ڏني ويئي آهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ اهي جڻ مستند حيثيت جا حامل ۽ تاريخي ڄاڻ جو هڪ ذريعو ٿي ويا آهن. ساڳي ريت يهودين متعلق جيڪي پراڻي بائبل ۾ ڏنل آهي ته اٽڪل ٻه هزار سال اڳ يروشلم ۾ سندن سلطنت  کسجڻ کان پوءِ ڪين اتان نڪرڻو پيو هو. ان حوالي سان ٻارنهن قبيلن جو ذڪر ملي ٿو جيڪي دنيا جي مختلف حصن ۾ پناه جي ڳولها ۾ ڀٽڪندا رهيا ۽ سندن يروشلم موٽڻ جي جستجو جاري رهي. ان سلسلي ۾ انهن ڪانسواءِ هڪ اڌ وجايل قبيلي متعلق ٻه مختلف اندازا لڳايا وڃن ٿا. ڪجھ محقق پناڻن جي حوالي سان ٻه اها ڳالهه ڪن ٿا ۽ سندن خيال ۾ پشتو ۾ عبراني جي ڪجھ لفظن کي ان جي ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿو. بهرحال مستند طور تي ان سلسلي ۾ ڪجھ ٻه نه ٿو چئي سگهجي. ان ڪري يهودين جي عام طور تي انهن ٻارنهن قبيلن سان تعلق جي حوالي سان نسلي طور سڃاڻپ ڪئي ويندي آهي.

ان سلسلي ۾ تازو منهنجي مطالعي مان آرٿر ڪوئسلر جو ڪتاب تيرنهون قبيلو گذريو جيڪو يهودين متعلق گهڻين ڏند ڪٿائن جي نفي ڪري ٿو. ان ڪتاب ۾ عرب ۽ يورپي دستياب تاريخي حوالن سان گهڻي تحقيق ڪان پوءِ ڪجھ نتيجا ڪڍيا ويا آهن. قديم دور کان ايشيا ۽ يورپ جي ميدانن ۾ مختلف جنگجو خانه بدوش قبيلا چراگاهن تي قبضي ۽ ٻين قبيلن تي پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ هڪ لاڳيتي جدوجهد ۾ مصروف رهيا آهن. ڇهين ۽ ستين صدي عيسوي ۾ اوپر يورپ جي هڪ حصي ۾ اهڙن ئي قبيلن مان هڪ خضر قبيلي پاران اهڙين ئي ڪوشش جي نتيجي ۾ ٻين گهڻن قبيلن کي مطيع ڪري پنهنجي سلطنت قائم ڪئي ويئي هئي جيڪا پر پاسي وارن قبيلن وغيره کان خراج وصول ڪندي هئي. اها سلطنت ڪاري سمنڊ کان ڪئسپين ۽ وولگا تائين ڦهليل هئي. مذهب جي حوالي سان اهي انهن ميدانن جي ٻين سيني قبيلن جيان بت پرست هئا جڏهين ته سندن هڪ پاسي ڏکڻ ۾ مسلم خلافت هئي ۽ اتر ۾ بازنطيني عيسائي سلطنت هئي. ان وقت مسلمانن جون ڪاهون ۽ مختلف علائقن تي قبضن جو سلسلو هلندڙ هو. انهن اسپين ۾ سندن سلطنت هئڻ ڪانسواءِ يورپ جي گهڻن حصن تي پڻ قبضو ڪري ورتو هو. يورپ ۾ وڌيڪ اڳتي وڌڻ لاءِ سندن لاءِ وڏي رڪاوٽ اها خضر سلطنت هئي جنهن سندن هرڪاه کي منهن ڏنو ٿي ۽ ان کي پوئتي ڌڪيو ٿي. جيڪڏهين ان وقت عيسائي دنيا ۽ مسلمانن جي وچ ۾ خضر سلطنت جي صورت ۾ اها رڪاوٽ موجود نه هجي ها ته هن وقت مذهبي لحاظ کان يورپ جي صورتحال بلڪل ئي مختلف هجي ها. ان سان گڏو گڏ ان سلطنت بازنطيني سلطنت کي ٻين جنگجو قبيلن جي ڪاهن کان پڻ بچاءَ ڏنو ٿي.

مذهبي حوالي سان خضر حڪمرانن تي مسلمان ۽ عيسائي ٻنهي جو اهو دٻاءُ هو ته اهي سندن مذهب اختيار ڪن. پر انهن  اهو ڏسي ته اهڙي ريت اهي انهن حڪمرانن جا مطيع ٿي ويندا نهايت سوچ ويچار ڪانپوءِ هڪ ته پنهنجي انفراديت قائم رکڻ لاءِ ۽ ٻيو اهو ڏسندي ته انهن ٻنهي مذهبن جو بنياد

يهوديت ئي آهي يهوديت اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. نسلي حوالي سان اهي سامي نسل جا نه، جيئن يهودين لاءِ خيال ڪيو ويندو آهي، پر يورپ جي ٻين ماڻهن جيان آريا نسل جا ۽ غير سامي ماڻهو آهن. ساڳي ريت اهي پاڻ کي حضرت نوح جي ٽئين پٽ جيپٿيت جو اولاد قرار ڏين ٿا جڏهين ته يروشلم مان بيدخل ٿيل يهودي پنهنجو ناتو حضرت حضرت ابراهيم سان ڳنڍين ٿا. انهن ماڻهن جي نئين مذهب اختيار ڪرڻ سان هڪ ڳالهه اها به ثابت ٿئي ٿي ته يهوديت رڳو نسل تي ٻڌل مذهب نه پر ان کي ٻيا ماڻهو به اختيار ڪري سگهيا پئي. هڪ ڊگهي عرصي تائين سندن اها سلطنت قائم رهي. مسلم خلافت ۽ بازنطيني سلطنت ٻنهي سان سندن اختلاف ۽ ناه واري صورتحال لاڳيتو رهندي ٿي آئي. مذهبي لحاظ کان ان سلطنت ۾ مسلمانن ۽ عيسائين تي ڪا پابندي نه هئي ۽ اهي پنهنجن گرجائن ۽ مسجدن ۾ پنهنجي عبادت ڪندا هئا. ليڪ موجب ان سان اها ڏند ڪٿا به غلط ثابت ٿئي ٿي جنهن موجب يروشلم مان نڪرڻ ڪانپوءِ اسرائيل جي قائم ٿيڻ کان اڳ به هزار سالن تائين يهودين جي پنهنجي ڪا سلطنت قائم نه ٿي سگهي هئي. ليڪ ان سلسلي ۾ اسپين جي مسلم حڪمران عبدالرحمان جي يهودي صلاحڪار، جنهن کي دربار ۾ نهايت اهم حيثيت حاصل هئي، ۽ خضر حڪمران جوزف جي وچ ۾ لکپڙه جو حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ ان صلاحڪار دنيا ۾ هڪ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ هڪ يهودي سلطنت جي قائم ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو هو ۽ اها خواهش ڏيکاري هئي ته هو ان ملڪ ۾ رهڻ لاءِ ايستائين ته اسپين ۾ پنهنجي اهم حيثيت تان به هٿ کڻڻ لاءِ تيار هو.

چنگيز خان جي اڳواڻي ۾ منگولن جي ايار جنهن چين کان يورپ تائين سڄي دنيا ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي هئي خضر سلطنت جي خاتمي جو پڻ سبب بڻي. ان سلطنت جي منتشر ٿيڻ کان پوءِ خضر ۽ ان سان لاڳاپيل قبيلن جي ماڻهن اوڀر يورپ جي مختلف ملڪن خاص طور تي هنگري ۽ پولينڊ وغيره ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. انهن ملڪن جي حڪمرانن پوپ جي دعوت ۽ يورپ جي مک ڌارا سان ڳنڍجڻ لاءِ ڪيٿولڪ عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو پر سلطنت جي اهم معاملن تي سندن مک صلاحڪار يهودي هئا ۽ ان معاملي تي اهي پوپ جي دٻاءَ کي به منهن ڏيئي ويندا هئا.. ساڳي ريت سندن سلطنت ۾ يهودين کي پوري مذهبي آزادي حاصل هوندي هئي. ايستائين ته هڪ ڀيري پوپ کي پولينڊ جي حاڪم سان اها شڪايت ڪرڻي پيئي هئي ته سندس ملڪ ۾ يهودين جي عبادتگاه سائينگاگ جا گنبد چرچ جي گنبدن کان به مٿي هئا.

ليڪ ان وقت يورپ ۾ يهودين سان ٿيندڙ زيادتين جو ذڪر ڪيو آهي. عيسائين جي يروشلم تي ڪاه ۽ يورپ ۾ پليگ ڦهلجڻ وقت سندن ٿيندڙ قتل عام، زوري مذهب جي تبديلي ۽ ان جي نتيجي ۾ اجتماعي آپگهات جي واقعن گهڻن يهودين کي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو. ليڪ اوڀر يورپ ۽ خاص طور تي هنگري جي ٻولي، جنهن جو يورپ جي ٻئي ڪنهن ملڪ جي ٻولي سان ڪو تعلق ثابت نه ٿو ٿئي، اهو ثابت ڪيو آهي ته جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن مان لڏپلاڻ ڪندڙن جو رخ پولينڊ ۽ هنگري ۽ اوڀر يورپ جي ٻين ملڪن ڏانهن نه هو.

ممڪن آهي ته ان حوالي سان گهڻيون ڳالهيون بحث طلب به هجن پر ساڳي وقت اهو ڪتاب پڙهندڙ کي گهڻن نون پاسن کان پڻ متعارف ڪرائي ٿو.

# تبديلي جو ڊپ

نون خيالن کي فوري ۽ جلد قبول ڪرڻ ته هونئن ئي هڪ ڏکي ڳالهه آهي پر ساڳي وقت نئين ٽيڪنالوجي کي قبول ڪرڻ ۽ ايستائين ته ان جي سڄاڻ رکڻ ۽ ان کان مانوس ٿيڻ به ڪو ايڏو سولو ڪم ناهي. گهڻو عرصو اڳ پي ٽي وي تي هڪ ڊاڪومينٽري هلي هئي جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو هو ته ڪجهه ماڻهو هڪ جيپ ۾ شايد گلگت بلتستان جي اهڙي ڏورانهين علائقي ۾ پهچن ٿا جتان جي ماڻهن اڳ ڪڏهين به جيپ ڏٺي نه هئي. انهن جي ليکي اهو به ٻين سواري جي جانورن جيان سواري جو ڪو جانور هو. ان خيال کان ڪو جيپ جي اڳيان گاهه آڻي پيو رکي ۽ ڪو پاڻي جي بالٽي. ساڳي ريت لائوڊ اسپيڪر جي استعمال کي مذهبي عالمن پاران هڪ ڊگهي عرصي تائين قبول نه ڪيو ويو ۽ ڪفر ڪري ليکيو ويو.

پاڪستان ۾ شروع ۾ شايد يونائيٽيڊ بينڪ ۾ ئي وڏا ڪمپيوٽر لڳل هئا جيڪي اهي مختلف ادارن کي مسواڙ تي استعمال لاءِ ڏيندا هئا. آئون جڏهين سنڌ ريجنل پلان آرگنائزيشن ۾ هوس ته اتي سروي وغيره جي انگن اکرن جي تجزئي لاءِ اهي ڪمپيوٽر ئي استعمال ٿيندا هئا. هڪ ڪمپيوٽر آپريٽر انگ اکر ڪمپيوٽر ۾ وجهي ڪارڊ آڻي اسان کي ڏيندو هو ۽ اسان انهن کي چيڪ ڪرڻ ڪانپوءِ درستگي لاءِ واپس ڪندا هئاسين. اها چئُ هڪ لحاظ کان ملڪ ۾ ڪمپيوٽر جي استعمال جي شروعات هئي. اسٽيٽ بينڪ انهن مشينن جي استعمال جي حوالي سان اڃا گهڻو پوئتي پيل هو. مون جڏهين اتي ريسرچ ڊپارٽمنٽ، جتي انگن اکرن ۽ انهن جي تجزئي جو ئي ڪم هوندو هو، ۾ نوڪري جوائن ڪئي ته اتي حساب ڪتاب لاءِ جيڪي ڪيلڪيوليٽرهئا انهن ۾ ڪاغذ وجهي لڳل هينڊل ذريعي انهن کي هٿ سان هلائڻو پوندو هو جنهن ۾ گهڻو وقت ۽ محنت درڪار هوندي هئي. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ بيٽري تي هلندڙ ڪيلڪيوليٽر آيا جنهن سان ڪم ۾ گهڻي سولائي ٿي پيئي.

ٽيڪنالوجي تيزي سان اڳتي وڌي رهي هئي ۽ ملڪ جي بينڪن ۽ ٻين مختلف ادارن ۾ پرسنل ڪمپيوٽر (PC) اچي چڪا هئا پر ملڪ جي مرڪزي بينڪ جو اڃا ان پاسي لاڙو نه هو. ان جو مک ڪارڻ اهو هو ته ان وقت بينڪ ۾ جيڪو اسٽاف موجود هو اهو انهن مشينن کان اڻواقف هو ۽ اهو ان اڻ ڄاتل دنيا ۾ داخل ٿيڻ نه پيو چاهي. پر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ٿيو ائين ته ڪنهن عالمي اداري پاران بينڪ کي ڪجهه ڪمپيوٽر ڏنا ويا ۽ اهڙي ريت چئُ ان کي زوري ان نئين دنيا ۾ ڌڪيو ويو. ملازمن ۽ آفيسرن لاءِ اهي بجائي هڪ اثاثي ۽ ڪم ۾ مددگار هئڻ جي هڪ بار ۽ ذميواري بڻجي ويا جن کي سنڀالڻو ۽ انهن جو خيال ڪرڻو ٿي پيو. ڪجهه شعبن ۾ انهن جي لاءِ باقاعدي ڪمرا ٺاهي اتي ايئرڪنڊيشن لڳائي انهن کي تالو هنيو ويو ۽ سوائي ڪن خاص ماڻهن جي اتي ٻئي ڪنهن کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي هئي. جڏهين ته ريسرچ ۾ جتي انهن جي گهڻي ضرورت هئي ماڳيئي انهن ڊٻن کي جن ۾ اهي بند هئا کوليو ئي نه ويو ۽ اهي ائين ئي انهن ڊٻن ۾ ئي بند رهيا. ان سڀڪجهه جو وڏو ڪارڻ اهو ڊپ هو ته متان هٿ لڳائڻ ۽ استعمال ڪرڻ سان اهي خراب نه ٿي پون. انهن مشينن کي ان وقت پوري ريت کوليو ۽ استعمال ڪيو ويو جڏهين بينڪ ۾ اهڙا آفيسر ڀرتي ٿيا جن کي

تعليمي ادارن ۾ انهن مشينن جي استعمال جي تربيت ڏني ويئي هئي ۽ جن کي اها خبر هئي ته اهي استعمال ڪرڻ سان نه پر استعمال نه ڪرڻ سان خراب ٿينديون.

اها ساڳي صورتحال صحافت جي سلسلي ۾ به ملي ٿي. زبيده مصطفا پنهنجي ڪتاب My Dawn Years ۾ ڊان جي حوالي سان ٻڌائي ٿي ته جيتوڻيڪ ڪمپيوٽرن جي اچڻ سان گهڻي سهولت ٿي پيئي هئي ۽ ڪم گهڻو سولو ٿي پيو هو پر گهڻا ماڻهو انهن جي ويجهو وڃڻ لاء به تيار نه هئا. ان ۾ خاص طور تي اهي ماڻهو شامل هئا جيڪي ٽائپ رائٽر جو استعمال نه ڪندا هئا. اخبار جي ناميار ايڊيٽر احمد علي خان، جيڪو خان صاحب جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، جي ڪمري ۾ وڏي اسڪرين وارو پي سي لڳل هو پر هو ان کي استعمال ڪرڻ جي بجائي بال پوائنٽ ۽ ڪاغذ جي استعمال کي ترجيح ڏيندو هو. ساڳي ريت اسٽاف جي هڪ ٻئي سينيئر رڪن ماجد جو حوالو ڏيندي هو ٻڌائي ٿي ته جڏهين ايڊيٽر جي چوڻ تي اخبار ۾ سيني کي ڪمپيوٽر ڏيڻ لاء ڪم ٿي رهيو هو ته هن ڪين ويجهي اچڻ کان ئي منع ڪري ڇڏي ۽ جڏهين ڪيس اهو يقين ڏياريو ويو ته هتان رڳو تار گذرندي ۽ ڪمپيوٽر سندس ڊيسڪ تي نه ايندو ته پوء ڪيس تسلي ٿي. ساڳي ريت جنگ گروپ پاران جڏهين انگريزي اخبار دي نيوز شروع ڪئي ويئي ته اتي شروعات ئي ان نئين ٽيڪنالوجي سان ڪئي ويئي. مشهور دانشور ڊاڪٽر اقبال احمد کي جڏهين اخبار جي دفتر جو دورو ڪرايو ويو ته انهن سيني شين کي ڏسڻ ڪانپوء سندس پهريون سوال اهو هو ته انهن سيني مشينن کي استعمال ڪير ڪندو.

اها ڳالهه پنهنجي ليکي صحيح آهي ته مشينن جو استعمال ماڻهو ئي ڪندا ۽ جيستائين اهي انهن کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت حاصل نه ڪندا تيستائين اهي مشينون بيڪار آهن. هن وقت پاڪستان ۾ انهن مشينن جو استعمال عام ٿي ويو آهي. اها ته هڪ طئي شده حقيقت آهي ته نئين ٽيڪنالوجي جتي گهڻيون سهولتون مهيا ڪري ٿي ۽ ڪم کي گهڻو سولو ڪري ٿي اتي اها مختلف ماڻهن ۽ طبقن جي وچ ۾ فرق جو باعث پڻ بڻجي ٿي. خاص طور تي ڪمپيوٽر جي اچڻ ان سلسلي ۾ هڪ وڏو ڪردارادا ڪيو آهي. ٻي ڪنهن به ايجاد ڪان وڌيڪ اهو هڪ وڏو چال هو. اٽڪل سيني پيشن ۾ گهڻا اهڙا ڪم جيڪي اڳ هٿ سان يا روايتي مشينن ذريعي ٿيندا هئا هاڻي ڪمپيوٽر وسيلي ٿي رهيا آهن. هڪ ته ڏهن ماڻهن جو ڪم هڪ ماڻهو ڪري سگهي ٿو ۽ ٻي ڳالهه ته گهڻا پراڻا ڪم مدي خارج ٿي ختم ٿي ويا آهن. پر ساڳي وقت انهن مشينن گهڻن نون ڪمن کي پڻ جنم ڏنو آهي ۽ روز نيون تبديليون اچي رهيون آهن. ان سلسلي ۾ جيڪي ان سان مطابقت پيدا ڪري سگهن ٿا اهي ئي پنهنجو گذارو ڪري سگهن ٿا. پر اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. ان سلسلي ۾ رياست روزگار جي نون ذريعن پيدا ڪرڻ ۾ تربيت وغيره جي پروگرامن وسيلي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙي ريت سماجي فرق جنهن جو نئين ٽيڪنالوجي جي ڪري پيدا ٿيڻ اٽڪر آهي کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو.

# ذات پات جو نظام رڳو هندن تائين محدود ناهي

صدين گذرڻ ڪانپوءِ به ڀارت ۾ ذات پات جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي. اهو چئي هڪ لحاظ کان ماڻهو جي لاشعور جو حصو بڻجي ويو آهي. ان جي تدارڪ لاءِ گهڻا سياستدان، سماج سڌارڪ ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ميدان ۾ آيا پر آخري نتيجي ۾ اهي پاڻ ان سيڪجهه جو حصو بڻجي ويا. ٻڌ مت، اسلام ۽ عيسائيت انسان جي برابري جو پيغام کڻي آيا ۽ هيٺين ذات جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو پر اهي پاڻ کي سڌي ۽ ان سڌي ريت ان ذات پات جي لعنت کان نه بچائي سگهيا ۽ ان جو شڪار ٿي ويا. گانڌي ۽ نهرو سميت آزادي جي تحريڪ جي اهم اڳواڻن به رڳو زباني ڪلامي ان ۾ سڌارن جي ڳالهه ڪئي ٿي جڏهين ته گانڌي جو ته انهن کي هريجن يا ڀڳوان جي اولاد سڏڻ جي باوجود اهو چوڻ هوندو هو ته ڀارت جي ترقي ان ۾ ئي آهي ته هر ذات وارا پنهنجو ڪم ڪن ۽ پنهنجو ڪرم پورو ڪن. اهي سڀ ماڻهو ظاهري طرح ان جي نندا ڪرڻ ۽ ڪجهه ڏيکاءُ وارن ڪمن ڪرڻ جي باوجود مختلف وقتن تي پنهنجن روين ۾ ان جو اظهار ڪندا آهن. ان جون پاڙون گهڻيون گهريون آهن. بظاهر ته ان کي رڳو هندومت تائين محدود سمجهيو وڃي ٿو ۽ ٻين مذهبن ۽ نظرين جا مڃيندڙ ان جي نندا ڪن ٿا. گهٽ ذات وارن جي ٻين مذهبن کي اختيار ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به ڄاڻايو وڃي ٿو پر اتي به انهن سان ڪو چڱو ورتاءُ نه ٿو ڪيو وڃي. هندو انتها پسندن پاران جتي مذهبي توراين عيسائين ۽ مسلمانن سان ظلم ۽ ڏاڍ روا رکيو وڃي ٿو اتي ان کان وڌيڪ امتيازي ورتاءُ قبائلين، آدي واسين ۽ گهٽ ذات وارن هندن سان ڪيو وڃي ٿو جيڪو انهن جي هندو هئڻ جي ڪري گهڻو نمايان ٿي سامهون نه ٿو اچي.

ارون دتي رائي جو پهريون ناول The God of Small Things ان ڏکوئيندڙ حقيقت جي نشاندهي ڪري ٿو. اها ڏکڻ ڀارت جي رياست ڪيرالا، جتي ان وقت ڪميونسٽ پارٽي جي حڪومت هجي ٿي، جي ڪوٽايم ضلعي جي ڳوٺ ايامينم جي هڪ شامي عيسائي خاندان جي ڪهاڻي آهي. زال مڙس، ڌي پٽ ۽ گهر جي ڪجهه ٻين ڀاتين تي ٻڌل خاندان آهي. پي هڪ رٽائرڊ بدمزاج سرڪاري ڪامورو آهي جيڪو پنهنجي زال کي مارڪٽ ڪري ٿو. سندس پٽ چاڪو اسڪالر شپ تي آڪسفورڊ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي. اتي هڪ انگريز ڇوڪري سان سندس تعلق ٿئي ٿو ۽ ان سان شادي ڪري ٿو. هو هڪ ذهين شاگرد هجي ٿو پر شادي ڪانپوءِ سندس عادتن ۾ وڏو بدلاءُ اچي وڃي ٿو. سندس طبيعت ۾ لاپروائي اچي وڃي ٿي، پڙهائي اڌ ۾ رهجي وڃي ٿي ۽ اسڪالرشپ بند ٿي وڃي ٿي. زال کان اهي ڳالههيون گهڻيون سنيون نٿيون ٿين ۽ اها ڪانئس طلاق وٺي ٻئي همراه سان شادي ڪري ٿي ۽ هو ڀارت موٽي اچي مختلف ڪمن ڪارين سان لڳي ٿو. ڌي جي پڙهائي وغيره ۾ ڪا گهڻي دلچسپي ناهي. مائٽن کي سندس شادي جو فڪر هجي ٿو. هو پنهنجي پي جي رويي کان تنگ اچي گهر ڇڏي وڃي ٿي ۽ ڪلڪتي ۾ پنهنجي هڪ مائٽ جي گهر ۾ رهي ٿي جتي چانهن جي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ هڪ نوجوان سان سندس ملاقات ٿئي ٿي ۽ هو ان سان شادي ڪري ٿي. اهو همراه پنهنجين شراب پيئڻ وارين عادتن جي ڪري نوڪري تي گهڻي توجهه نه ٿو ڏئي ۽ نيٺ پنهنجي نوڪري بچائڻ لاءِ پنهنجي

زال کي پنهنجي انگريز باس ڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو جيڪا ڳالهه سندس زال کي قبول نہ ٿي هجي ۽ اها ڪيس ڇڏي پنهنجن ٻن ٻارن پٽ ايستا ۽ ڌي راحيل سان گڏ پنهنجن مائٽن جي گهر هلي اچي ٿي. ماءُ ۽ انهن جاڙن ٻاءِ ڀيڻ جي زندگي کي ننڍيون ننڍيون شيون ڪيئن متاثر ڪن ٿيون، ڪيئن هڪٻئي کان ڌار ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ هڪ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ ملن ٿا ناول ۾ ان کي نهايت ڏکوئيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

مون ان ناول مان جيڪو نتيجو ڪڍيو اهو تہ ڏکڻ ڀارت ۾ ڪميونسٽن جي اثررسوخ جي باوجود ذات پات جو هڪ سخت نظام آهي. اهو رڳو اوچي ذات جي هندن تائين نہ پر عيسائين ۽ ايستائين تہ ڪميونسٽن ۾ بہ موجود آهي جن جي ان وقت ڪيرالا ۾ حڪومت هئي ۽ هاڻي بہ اهي هڪ اهم سياسي قوت آهن. گهرن جي صفائي سترائي، گند صاف ڪرڻ ۽ ٻيا گهٽ درجي جا ڪم تہ انهن ماڻهن کان ورتا ويندا هئا پر انهن کي ڇيو ويندو هو تہ اهي پٺي پر ٻهاري ڏيئي پنهنجن پيرن جا نشان بہ ڊاهي ڇڏين. ان ناول جي ڪري ليکڪا کي اتان جي ڪميونسٽن جي مخالفت کي پڻ منهن ڏيڻو پيو ۽ سندس خلاف احتجاج ۽ مظاهرا ڪيا ويا.

ان ماحول ۾ مڙد عورت جي پيار جا اصول بہ سماج جي قاعدن قانونن موجب طئي ٿيندا آهن. گهٽ ذات سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان ويلوتا ان عيسائي خاندان جا سڀ ننڍا وڏا ڪم ڪري ٿو ۽ اهي پڻ سندس خيال ڪن ٿا. سندس پيءُ جي لاءِ هڪ نقلي اک جو بندوبست، گهر ناهڻ لاءِ زمين ڏيڻ ۽ ويلوتا کي گهٽ ذات وارن جي اسڪول ۾ ابتدائي تعليم ڏيارڻ وغيره شامل هجي ٿو. هو هڪ سنو واڊو هجي ٿو ۽ چاڪو کيس پنهنجي اچار جي ڪارخاني ۾ سپروائزر جي اهم عهدي تي مقرر ڪري ٿو. امو جا ٻار ويلوتا جي گهڻو ويجهو هجن ٿا. هو کين مختلف رانديڪا ۽ ٻيون شيون وغيره ناهي ڏيئي ٿو ۽ وقت سان گڏوگڏ هو ۽ امو هڪٻئي جي ويجهو اچن ٿا. ذات پات واري سماج جي حوالي سان اها ڳالهه نهايت خطرناڪ هجي ٿي. ايستائين تہ ويلوتا جو پيءُ اها ڳالهه امو جي ماءُ مماچي سان ڪري ٿو ۽ کيس چئي ٿو تہ اوهان جا مون تي تمام گهڻا تورا آهن ۽ آئون پاڻ پنهنجي پٽ جو قتل ڪري کيس ان ڳالهه جي سزا ڏيندس. ان سان گڏوگڏ ڪجھ ٻيون ڳالههيون ٿين ٿيون. امو جي ڀاءُ جي زال مارگريٽ کانئس طلاق وٺڻ ڪانپوءِ جنهن همراه سان شادي ڪئي هئي ان جو هڪ حادثي ۾ انتقال ٿي وڃي ٿو ۽ چاڪو کيس پنهنجي ڌي سان ڀارت اچڻ لاءِ چئي ٿو تہ جيئن هو ان صدمي مان نڪري سگهي. ان وقت ڪيرالا رياست ۾ پورهيتن جا پنهنجن گهرن ۽ پگهارن وغيره وڌائڻ جي حق ۾ مظاهرا ۽ جلوس وغيره هلندڙ هجن ٿا. ڪوچين ۾ ايئرپورٽ ڏانهن ويندي سندن ڪار هڪ جلوس ۾ ڦاسي پئي ٿي جتي امو جي ڌي کي سندن اچار ناهڻ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ ويلوتا نظر اچي ٿو. جلوس ۾ شامل ڪو فرد امو جي ڀڦي جي هٿ ۾ ڳاڙهو جهنڊو ڏيئي کانئس انقلاب زنده باد جا نعرا هڻائي ٿو. هو سمجهي ٿي تہ اهو سڀڪجھ ويلوتا ڪيو هو ۽ پنهنجي ان بيعزتي کي هو وساري نہ ٿي سگهي. ٻي ڳالهه اها ٿئي ٿي تہ چاڪو جي انگليند مان آيل ڌي صوفي راحيل ۽ ايستا سان گڏ هڪ طوفاني رات ۾ دريا ۾ ٻيڙي ۾ ويندي ٻيڙي اونڌي ٿيڻ ڪري ٻڏي مري وڃي ٿي جڏهين تہ ڀيئي ڀاءُ ڀيڻ بچي وڃن ٿا.

ان صورتحال ۾ ويلوتا چڻ ان سڄي ڪهاڻي جو هڪ اهم ڪردار بڻجي وڃي ٿو. پهرين ته امو جي ماء مماچي ڪيس پنهنجي گهر گهرائي گهٽو بيعزت ڪري ٿي ۽ پوء امو جي پڦي ٽاڻي وڃي سندس خلاف تنهي ٻارن جي اغواء جو ڪيس داخل ڪري ٿي جيڪي رات کان گهر مان غائب هجن ٿا. گهٽ ذات وارن نوجوانن لاء ڪميونسٽ پارٽي ۽ نڪسل باڙي خاص ڇڪ جو باعث هجن ٿا جنهن جي وسيلي هو پنهنجي لاء سماج ۾ هڪ مقام حاصل ڪري سگهن ٿا. ۽ اها ساڳي ڳالهه ويلوتا سان به هجي ٿي. هو پارٽي جو رڪن بڻجي ٿو ۽ ڪارڊ هولڊر هجي ٿو. ان علائقي ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو اڳواڻ پلائي پاڻ اسمبلي جي رڪن ٿيڻ لاء پارٽي جي ٽڪيٽ لاء مختلف حيلا هلائي ٿو. جڏهين ايس ايچ او ڪيس چئي ٿو ته ويلوتا خلاف اها شڪايت آئي آهي ۽ هو جيڪڏهين ان خلاف ڪو قدم کڻي ٿو ته پارٽي کي ڪو اعتراض ته نه ٿيندو. چاڪاڻ ته هن سمجهيو ٿي ته پارٽي جيڪڏهين ان خلاف احتجاج ڪيو ته سندس لاء مسئلا ٿي سگهن ٿا. پر پلائي ڪيس صاف طور اهو چئي ٿو ته ويلوتا جو پارٽي سان ڪو واسطو ناهي ۽ اها ان معاملي ۾ مداخلت نه ڪندي. ويلوتا امو جي گهران موٽندي ڪامريڊ پلائي جي گهر وڃي ٿو ۽ ڪيس سڄي صورتحال کان واقف ڪندي چئي ٿو ته پارٽي ان سلسلي ۾ سندس ڪهڙي مدد ڪري سگهي ٿي. پر ڪامريڊ ڪيس صاف طور چئي ٿو ته جيئن ته اهو سندس ذاتي معاملو آهي ان ڪري پارٽي سندس ڪابه مدد نه ٿي ڪري سگهي. اهڙي ريت جيتوڻيڪ اها پڪ ٿئي ٿي ته ٻار هڪ حادثي جو شڪار ٿيا آهن ۽ چاڪو جي ڌي جو موت به ان جو نتيجو آهي، ٻار به ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا ته ڪين اغواء نه ڪيو ويو هو پر اهي هڪ حادثي جو شڪار ٿيا هئا. پر پوليس ان کي مقابلو ڄاڻائي ويلوتا تي تشدد ڪري ٿي جنهن ۾ سندس موت ٿئي ٿو. ايس ايچ او امو جي پڦي بي بي ڪوچاما، جنهن ايف آئي آر درج ڪرائي هئي، کي اهو سيڪجهه ٻڌائي ٿو ۽ ڪيس چئي ٿو سندس خلاف ڪوڙي ايف آئي آر لڪرائڻ جي ڪري ڪيس داخل ڪري سگهجي ٿو جنهن جا سنا نتيجا نه نڪرندا. نتيجي ۾ هو ٻارن کي سندن ماء جي نالي ۾ بليڪ ميل ڪري سندن بيان تبديل ڪرائي ٿي ۽ اهڙي ريت ويلوتا جو قتل ڪين ڦٻي وڃي ٿو.

امو ۽ سندس پٽ ايستا کي بي بي ڪوچاما سازشون ڪري گهر مان وڃڻ تي مجبور ڪري ٿي ته جيئن ڪنهن به موقعي تي سندس ڪوڙ ۽ ڏوه ظاهر نه ٿي پئي. اهي ٻيئي ڏار ڏار منزلن ڏانهن هليا وڃن ٿا. امو جو تڪليفن واري زندگي گذاريندي ننڍي ڄمار ۾ انتقال ٿي وڃي ٿو جڏهين ته ايستا اٽڪل پندرنهن سالن کانپوء گهر موٽي اچي ٿو. ڪميونسٽ اڳواڻ پلائي جنهن ويلوتا کي پارٽي جو رڪن ئي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو اهو سندس موت مان سياسي فائدا حاصل ڪرڻ لاء چاڪو جي اچار جي ڪارخاني، جتي ويلوتا ملازم هجي ٿو، پنهنجن پارٽي جي ڪارڪنن سان سندس حق ۾ مظاهرو ڪري ٿو پر ان وچ ۾ چاڪو ڪينيڊا وڃي چڪو هجي ٿو ۽ ڪارخانو بند ٿي وڃي ٿو ۽ ڪامريڊ کي ڪجهه حاصل نه ٿو ٿئي.

ناول ساڳي وقت انساني رشتن جي بي ثباتي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ اهو ٻڌائي ٿو ته پيار به سماجي اصولن ۽ قانونن جي تابع هوندو آهي. انهن جي خلاف ورزي ڪندڙ سزا جو مستحق هوندو آهي. ساڳي ريت اهو به ته وڏن نظرين جي حامي هٿنڌڙ به پنهنجي اندر ۾ انهن ڳالهين جي پوئواري ڪندي نظر ايندا آهن جن جي خلاف اهي بظاهر جدوجهد جي دعوا ڪندا آهن.

# عربن جي سنڌ تي ڪاهه ۽ اٺويهه عورتون

رسول ميمڻ سنڌي فڪشن ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل نالو آهي، هڪ ڊگهي عرصي کان لاڳيتو لکندڙ ليکڪ جيڪو پنهنجن موضوعن جي نواڻ سان پڙهندڙن کي حيرت ۾ وجهندو رهندو آهي. ڊڪشن ۽ اسٽائيل وغيره جي لحاظ کان سندس هر تخليق ٻي کان مختلف هوندي آهي ۽ ان متعلق اڳواٽ اندازو لڳائڻ ڏکيو هوندو آهي. اها ڳالهه سنڌي ليکڪن جي حوالي سان گهٽ ئي ڏسڻ ۾ آئي آهي. ان ڪري پنهنجي ڊڪشن ۽ اسٽائيل وغيره جي لحاظ کان ڪيس ڪنهن هڪ ڪيٽيگري ۾ نه ٿو وجهي سگهجي. بهرحال هڪ ڳالهه جيڪا سندس لکڻين کي هڪٻئي سان ڳنڍي ٿي اها آهي سندس اندر ۾ لڪل درد جنهن کي هو پنهنجن ڪردارن ۾ منتقل ڪندورهي ٿو ۽ پڙهندڙن کي ان کي محسوس ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. پر اهو درد ساڳي وقت هڪ حساس فنڪار جيان سندس اندر ۾ پڻ موجود رهي ٿو ۽ نئين تخليق جوڪارڻ بڻبو رهي ٿو.

رسول جنهن تيزي سان لکي ۽ ڇپجي رهيو آهي ان ۾ سندس ڪنهن لکڻي ۽ ڪتاب کي نئون چوڻ شايد مناسب نه ٿئي. هن وقت منهنجي مطالعي ۾ سندس ناول اٺويهه عورتون آهي. جيتوڻيڪ ناول جو پس منظر تاريخي آهي ۽ سنڌ تي عربن جي ڪاهه جي حوالي سان لکيل آهي پر جيئن ليکڪ پاڻ چئي ٿو ته ناول جو پس منظر تاريخ آهي پر پيش منظر خيالي آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ڪو تاريخ جو بيان ناهي. اهو تاريخ ڏانهن ليکڪ جو هڪ احساساتي ردعمل آهي. پر ان سلسلي ۾ ناول شاعري ۽ ڪهاڻي کان ان لحاظ کان مختلف هوندو آهي ته اهڙي موضوع سان لاڳاپيل ناول رڳو هڪ احساس جو اظهار ناهي هوندو پر ان ۾ هڪ تحقيق جي پڻ ضرورت هوندي آهي ۽ پوري ماحول کي نظر ۾ رکڻو پوندو آهي. اها ڳالهه ليکڪ جي زير نظر رهي آهي ۽ هن ان ڳالهه جو اظهار به ڪيو آهي ته جيئن ته ان دور متعلق گهڻو تاريخي مواد دستياب ناهي ان ڪري ڪيس گهڻي ڀاڱي پنهنجي تصور تي ڀاڙڻو پيو آهي. ان ناول کي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان لکيل انهن ناولن جو تسلسل چئي سگهجي ٿو جيڪي ورهاڱي کان پوء قوم پرست تحريڪ جي زير اثر لکيا ويا جن  تي تاريخ کان وڌيڪ ليکڪ جو احساس ۽ جذبو حاوي رهيو آهي.

عربن جي ڪاهه سنڌ جي تاريخ جو هڪ نهايت اهم واقعو آهي جنهن سنڌ جي تاريخ، آبادي جي بيهڪ ۽ مذهب وغيره کي چڙ ته هميشه لاء بنيادي لحاظ کان تبديل ڪري ڇڏيو. ان ڪاهه اڳتي هلي هڪ مذهبي ۽ تقدس جي شڪل اختيار ڪري ورتي. ان ڪري اهو موضوع نئين ملڪ،جنهن جو بنياد ئي مذهب تي هو ۽ جنهن نندي ڪنڊ ۾ پنهنجي تاريخ جي شروعات ئي سنڌ ۾ عربن جي اچڻ سان ڪئي ٿي، جي نهڻ ڪانپوء وڌيڪ حساس ٿي پيو. ان حوالي سان ان موضوع تي لکڻ تاريخ جي ٻين موضوعن تي لکڻ کان مختلف آهي. ساڳي وقت سنڌ ۾ جيڪا قومي تحريڪ اڀري ان کي پنهنجا متبادل گهربل هئا جيڪي رياست جي نظرئي ۽ پيش ڪيل تاريخ جي مقابلي ۾ پيش ڪري سگهجن. ڏاهرساڄي ڌر جي دانشورن لاء ڪافر ۽ ملعون هو، جيئن ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ان سلسلي ۾ حوالو ڏنو آهي، پر جي ايم سيد ان کي سنڌ جي سورمن ۾ شمار ڪري ٿو جنهن پنهنجي وطن جو بچاء ڪندي

قرباني ڏني. رسول ميمڻ ناول جي شروعات ۾ ئي پنهنجي نڪتہ نظر کي واضح ڪري ڇڏيو آهي.تہ ڏاهر سنڌ ملڪ جو اهو بادشاه هيو جنهن ڌارين سان جنگ جوٽي پوء اها جنگ سنڌي عوام لاء هئي يا پنهنجي شهنشاهيت کي تحفظ ڏيڻ لاء. هو چئي ٿو تہ ليکڪ جي حيثيت ۾ مان ڌر ناهيان پرمنهنجو ملڪ سنڌ آهي، منهنجيون همدرديون سنڌ سان آهن نہ ڪي راجائن ۽ سپہ سالارن سان.

ناول جا ڪردار نہ تہ راجا ۽ سردار آهن ۽ نہ ئي جرنيل جن کي دشمن خلاف غير معمولي بهادري جا ڪارناما ڪندي ڏيکاريو ويو هجي ۽ نہ اهي اوٺويهہ عورتون کي شهزاديون ۽ حڪمران خاندان سان واسطو رکندڙ آهن پر اهي سپ عام ماڻهو ۽ مندر جون داسيون آهن جن کي برهمڻ آباد تي حملي وقت غلام بڻائي عراق(شام) جي حاڪم کي موڪلڻ لاء بحربانيا موڪليو ٿو وڃي. ناول جو هيرو کهيداس بازيگرن جي قبيل سان واسطورکندڙ هڪ شخص آهي جيڪي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهمي پنهنجي روزي ڪمائين ٿا. هو بس هڪ عام ماڻهو آهي جنهن جي لاء حب الوطني وغيره سپ ثانوي شيون آهن ۽ جيڪڏهين ڪنهن ڳالهه جي ڪا اهميت آهي تہ اها آهي پنهنجي محبوبہ هارانسي کي قيد مان آزاد ڪرائڻ. سندس ڪا ماورائي حيثيت ناهي جنهن جي اهڙي قسم جي ناولن ۾ گهڻي گنجائش هوندي آهي. خاص طور تي ان وقت جڏهين هو شهزادي جي علاج لاء جڙي ٻوٽين جي ڳولا ۾ اروڙ پهچي ٿو جتي جنگ لڳل هجي تي ۽ ڏاهر جي مرڻ جي پڪ ٿي وڃي ٿي. ان وقت بہ سندس ذهن تي سندس محبوبہ جو ئي خيال هجي ٿو تہ واپس موٽي ان کي ڪيئن آزاد ڪرائجي. ان سان ان وقت ماڻهن جي حڪمرانن سان هڪ لاتعلقي جي پڻ خبر پئي ٿي جن جي لاء پنهنجي ذاتي زندگي جي حوالي سان حڪمرانن جي بدلجڻ سان ڪو خاص فرق نہ پيو پئي. هونئن بہ ڏاهر جي شڪست ۽ عربن جي سوپاري ٿيڻ جو مک ڪارڻ سنڌي سماج جو اندروني طور ورهائجڻ ۽ ڏڦيڙ بہ هو. ان مقصد لاء جيتوٽيڪ هو بادشاه ۽ شهزادن کي پنهنجي مهارت جو يقين ڏياري پنهنجي لاء رعايتون ۽ پنهنجي محبوبہ تائين پهچ حاصل ڪري ٿو پر انهن شعبن ۾ بہ ڪيس کي خاص تہ ڇا بلڪ کي بہ ڪارناما ڪندي نہ ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي ريت بجائي پنهنجي مهارت جي بادشاه ۽ شهزادي جي انڌي اعتماد، جيڪو رڳو سندن ابوجهائپ ۽ بيوقوفي کي ظاهر ڪري ٿو، جي ڪري ئي هو پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻي ٿو. گهڻين ڳالههين کي ناول نگار نهايت سولو ڪري پيش ڪيو آهي. سندس بادشاه ۽ شهزادي کي اعتماد ۾ وٺڻ بہ هڪ سولي ڳالهه تہ اروڙ جي قيد خاني مان نڪري بحربانيا پهچڻ بہ سندس لاء ڪو مسئلو نہ ٿو هجي. اهم ڳالهه اها آهي تہ هيرو کي ڪٿي بہ هٿيار ڪڍڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي جيڪا ان ويڙه ۽ جنگ واري صورتحال ۾ هڪ اٽٽر ڳالهه هوندي آهي.

ناول ۾ جيتوٽيڪ گهڻن ڪردارن کي متعارف ڪرايو ويو آهي پر سرگرم ڪردار رڳو ناول جي هيرو کهيداس جو آهي جڏهين تہ باقي سپ ٻيا ڪردار سندس مددگاريا غير سرگرم آهن. اها ڳالهه خاص طور تي ناول جي هيروئن لاء چئي سگهجي ٿي جنهن جو ناول ۾ هيرو لاء رڳو هڪ اتساه هئڻ ڪانسواء ٻيو ڪو خاص ڪردار ناهي.

هڪ بنيادي ڳالهہ جنهن کي ليکڪ نظرانداز ڪري ويو آهي اها اها تہ سنڌ تي عرب ڪاه اموي دور ۾ ٿي هئي ۽ ان وقت ان جي گادي جو هنڌ دمشق شام هو جڏهين تہ ناول ۾ تواتر سان ان کي بغداد ۽ عراق ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

ناول جو ڪينواس ڪهاڻي کان وسيع هوندو آهي ۽ ان ۾ ماحول کي وسيع تناظر ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. هي ناول جيئن ته هڪ عام ماڻهو جي حوالي سان لکيل آهي ان ڪري سنڌ جي تاريخ جي ان باب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ليکڪ کان اها گهر ڪري سگهجي ٿي ته هو ان وقت جي حالتن جو هڪ خاڪو پيش ڪري ها. اهو ان لحاظ کان اجا وڌيڪ مناسب ٿئي ها ته ناول جو هيرو شڪست کي ڏسندي فليش بيڪ ۾ ان سڄي صورتحال جا ڪارڻ ڄاڻائي سگهي ها. ڇاڪاڻ ته هڪ عام ماڻهو هئڻ جي باوجود هو هڪ ته هڪ باشعور شخص آهي ۽ ٻي ڳالهه ته ان سڄي صورتحال سندس زندگي کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. اهو ان ڪري به ممڪن آهي ته هن وقت ان موضوع تي رڳو چچ نامو اڪيلو ذريعو ناهي پر ٻيو گهڻو مواد به دستياب آهي جنهن مان اها ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ته ڏاهر ۽ سنڌي فوجن جي هارائڻ جو ڪارڻ رڳو سندن فوجي ڪمزوري يا عربن جي فوجي طاقت نه هئي پر ملڪ اندر اهڙيون قوتون موجود هيون جيڪي ڏاهر سان بغاوت ڪري وڃي عربن سان شامل ٿيون هيون. ان سلسلي ۾ ان عنصر کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي ته ان وقت سنڌ جي آبادي جي گهڻائي جو مذهب ٻڌ مت هو جڏهين ته حڪومت ڪندڙ برهمڻ هئا. ڏاهر سنڌ جو آخري هندو حڪمران هو ۽ سندس دور تائين ئي سنڌ جي هندن ۾ ذات پات جو نظام رهيو آهي جيڪو پوء آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو. ان مذهبي فرق ۽ سماجي ڏڦيڙ به ڏاهر جي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ناول بنيادي طور تاريخ کان وڌيڪ تصور تي ٻڌل آهي، جيئن اڳ به ذڪرٿيل آهي، پر تصور حقيقت تي وڌيڪ حاوي ٿي ويو آهي ۽ هيرو ڄڻ الف ليلوي داستان جو ڪو ڪردار محسوس ٿئي ٿوجنهن جي لاء سڀ ڪم اک ڇنڀ ۾ سولا ٿي پون ٿا. موضوع جيئن ته سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم باب سان لاڳاپيل آهي ان ڪري اهو هڪ ڪهاڻي جي حوالي سان ته ٺيڪ آهي پر پڙهندڙ ناول جي حوالي سان ان ۾ ڪجهه کوٽون محسوس ڪري ٿو. اهو ان ڪري به آهي ته سنڌي ۾ اهو ان دور جي حوالي سان شايد پهريون ناول آهي جيڪو هڪ سڄاڻ ليکڪ جي قلم ذريعي پڙهندڙن تائين پهتو آهي.

# ايران جا مذهب ۽ انهن جا اثر

ان ڳالهہ جي باوجود تہ زرتشت جي مذهب کي مڃيندڙ پارت، پاڪستان، ايران ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڪي ٿورا ئي وڃي رهيا آهن پر ان جو اثر دنيا جي ٻين ملڪن جي ماڻهن جي مذهبن ۽ ثقافت تي تمام گهڻو رهيو آهي. ليڪڪ پال ڪريواڪزيڪ پنهنجي ڪتاب In Search of Zarathustra ۾ تفصيلي طور ان مذهب جي مختلف پاسن جو جائزو ورتو آهي.

زرتشت جو واسطو مذهبي پروهتن جي گهراڻي سان هو. سندس جَم جو هنڌ بلخ ٻڌايو وڃي ٿو. سندس جَم جي تاريخ متعلق ڪا پڪ ناهي پر اهو چيو وڃي ٿو تہ ممڪن آهي تہ هو 1200 قبل از مسيح ۾ پيدا ٿيو هجي جيڪو حضرت موسا جي دور جي ويجهو آهي  يا اهو بہ ممڪن آهي تہ اهو سن 1700 قبل از مسيح هجي جيڪو حضرت ابراهيم جي دور جي ويجهو آهي. ليڪڪ جو خيال آهي تہ سندس تعلق آريائن سان آهي جن مان هڪ حصو هندوستان واري پاسي هليو ويو جڏهين تہ ٻيو حصو ايران ۾ رهجي ويو. ان ڪري نہ رڳو سنڌو جي ڪناري لکيل ويدن جي ٻولي سنسڪرت ۽ زرتشت جي اوستا ۾ ڪافي مماثلت آهي پر ڪي خيال تہ بلڪل ساڳيا آهن.

زرتشت کان اڳ سندس ملڪ جا ماڻهو گهڻن ديوي ديوتائن کي مڃيندا هئا. زرتشت اهو خيال پيش ڪيو تہ خدا رڳو هڪ آهي جنهن جي اختيار ۾ هر شي آهي ۽ ان کي هن اهورا مزدا جو نالو ڏنو جڏهين تہ بدي جي قوت کي هن پهرين ڪوڙ ڪونيو ۽ پوء ان کي اهرمن جو نالو ڏنو. سندس چوڻ هو تہ انهن ٻنهي قوتن جي وچ ۾ لاڳيتي ڇڪتاڻ ۽ جنگ جاري رهي ٿي ۽ ماڻهو کي بدي خلاف ويڙه ۾ چڱا ئي جو پاسو وٺڻ گهرجي.

جيئن هر پيغمبر ۽ مصلح سان ٿيندو رهيو آهي ائين زرتشت سان بہ ٿيو تہ پهرين تہ ان ڳالهہ تي سندس ننندا ڪئي ويئي تہ هي اسانجي خدائن کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي ۽ ٻيو تہ پلا ملڪ ۾ ايترن معتبر ۽ عالم فاضل ماڻهن جي هوندي نيٺ هن کي ڇو چونڊيو ويو آهي. ان ڪري هو پاڻ خدا سان هي شڪايت ڪري ٿو تہ سندس ڪير بہ ڳالهہ نہ ٿو ٻڌي، نہ عام ماڻهو تا ٻڌن ۽ نہ ئي امير ۽ بادشاه ٿو ٻڌي. هو ان سڄي صورتحال جي ڪري لڏي ٻئي ملڪ هليو ويو جتي بادشاه سندس ڳالهہ ٻڌي ٿو ۽ ان کي مڃي ٿو. هو اتي ڊگهو عرصو رهيو، تي شاديون ڪيائين ۽ اٽڪل ستتهر سالن جي عمر ۾ سندس مذهبي مخالفن ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. ڪانئس پوء گهٽين پراڻين ديوي ديوتائن کي وري ان نئين مذهب جو حصو بڻايو ويو جن کي زرتشت ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو هو.

زرتشت کان اڳ يهودين ۽ ٻين مذهبن وٽ  نيڪي ۽ بدي لاء هڪ ئي خدا جو تصور هو. سندس فلسفي جي خاص ڳالهہ جيڪا ان کي اڳ وارن مذهبن کان مختلف ڪري ٿي اها آهي تہ هن نيڪي ۽ بدي لاء ڌار ڌار خدائن جو تصور ڏنو. ساڳي وقت هن موت ڪانپوء زندگي، جنت، دوزخ ۽ ملائڪن جو تصور ڏنو جيڪي ڳالهيون اڳوڻن مذهبن ۾ نہ هيون. يهودين جي يروشلم ڇڏڻ ۽ بابل ۾ اچڻ کان اڳ وارين ڪتابن ۾ بہ اهي ڳالهيون نہ هيون جيئن اڳ حضرت دائود جي ڪنهن ڪوتاهي جي حوالي سان ان کي بجائي شيطان جي گمراه ڪرڻ جي يهودين جي خدا يهوا جي کاتي ۾ وڌو ويو هو. بابل ۾ جيڪا

بائبل لکي ويئي ان ۾ اهي ڳالهيون شامل ڪيون ويون هيون. ليڪ جو خيال آهي تہ ان وقت يهودين جا ڪي طئي ٿيل مذهبي اصول ۽ طور طريقا نہ هئا ۽ مختلف گروہ ۽ فرقا پنهنجي پنهنجي ليکي مختلف ڳالههين جي وضاحت ڪندا هئا. ان ڪري انهن ڳالهين متعلق مختلف گروهن ۽ فرقن ۾ اختلاف هئا پر اهو گروہ نيٺ حاوي ٿي ويو جنهن انهن ڳالهين کي صحيح سمجهيو ٿي. ان کان پوءِ عيسائين انهن ڳالهين کي گهڻي رد و ڪد ۽ مبهم انداز ۾ پنهنجي مذهب ۾ آندو جڏهين تہ اسلام ۽ مسلمانن نهايت واضح انداز ۾ انهن ڳالهين کي پنهنجو ڪيو.

جيتوڻيڪ زرتشت مذهب جو ڪتاب اوستا ۽ سندن گوٿڪ آهن جن جو اهي پنهنجي عبادت دوران ورد ڪندا رهندا آهن پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ زرتشت جي تعليم جو گهڻو حصو محفوظ نہ رهي سگهيو آهي. ان جو اهم ڪارڻ اهو آهي تہ ان وقت جي ايرانين وٽ لکت کي چڱو نہ سمجهيو ويندو هو. ان وقت سڄي وچ اوڀر جي عام ٻولي ارامڪ هوندي هئي ۽ بادشاه جي دربار ۾ فارسي سان گڏ هڪ ارامڪ ڄاڻندڙ بہ هوندو هو جيڪو سڄي ڪاروائي کي لکندو ۽ ريڪارڊ ڪندو ويندو هو. اهو ساساني بادشاه اردشير جي دور ۾ ٿيو جڏهين هن پنهنجي سلطنت جي پرڳڻن جي گورنرن کي اهو حڪم ڏنو تہ اهي اوستا جون بہ ڪاپيون رکن ۽ ساڳي وقت پنهنجي دربار جي مذهبي عالم تانسر کي چيو تہ هو مختلف علائقن مان زرتشت جي تعليمات کي گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪري.

ان سلسلي ۾ زرتشت عالمن جو هڪ خيال اهو بہ آهي تہ سڪندراعظم جي ايران تي ڪيل حملي ۾ ڦرمار ۽ باهين ڏيڻ جي واقعن ۾ اهو ريڪارڊ تباه ٿي ويو هو. ايران جي اها روايت هوندي هئي تہ نوروز جي موقعي تي سلطنت جي هر حصي مان گورنر ۽ امير بادشاه کي عزت ڏيڻ ۽ پنهنجي تابعداري ڏيکارڻ لاءِ خاص تحفا آڻيندا هئا. سڪندر کي اها توقع هئي تہ هاڻي اها ساڳي حيثيت ڪيس ڏني ويندي ۽ ڪيس ايران جو بادشاه مڃيو ويندو پر سندس اها توقع پوري نہ ٿي سگهي ۽ ڪاوڙ ۾ هن پنهنجي فوج کي محلن ۽ شهرن کي باهيون ڏيڻ، ڦرمار ڪرڻ ۽ ايراني عورتن جي عزتن سان کيڏڻ جي کلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي. ايرانين جو چوڻ آهي تہ اهو سيڪجهہ ڪرڻ جي باوجود ايران ۾ سڪندر جو نالو نشان باقي نہ رهيو جڏهين تہ ايران ۽ ايراني ماڻهو اڄ بہ ساڳي ريت باقي آهن.

سائرس لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ هو زرتشت جو پوئلڳ نہ هو. ساڳي ريت جيڪو نوروز جو ڏڻ ملهايو وڃي ٿو اها زرتشت جي روايت ناهي پر سائرس اها بابل فتح ڪرڻ وقت اتان کڻي آيو هو. اتان جا شهري مردوڪ ديوي جو ساليانو ڏڻ ملهائيندا هئا جنهن ۾ هو اتان جي بادشاه جي اڳواٽي ۾ ديوي کي مندر مان ڪڍي شهر ۾ گهمائيندا هئا ۽ خوشيون ملهائيندا هئا. سائرس جي بابل کي فتح ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ انهن اهو ٻڌايو تہ ان سال بادشاه شهر ۾ نہ هو ۽ شهري اهو ڏڻ نہ ملهائي سگهيا هئا جنهن جي ڪري ديوي ناراض ٿي ويئي هئي ۽ ڪين سائرس هٿان شڪست جو منهن ڏسڻو پيو هو. جڏهين تہ دارا لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو زرتشت مذهب تي سختي سان عمل ڪندو هو ۽ سندس دور ۾ ان کي جڻ هڪ سرڪاري مذهب جي حيثيت حاصل هئي.

ساڳي ريت ايران سان واسطو رکندڙ ماني، جنهن کي روشني جو پيغمبر پڻ چيو وڃي ٿو، 216 عيسوي ۾ پيدا ٿيو ۽ 274 عيسوي ۾ وفات ڪيائين بلڪ ڪيس ماريو ويو. زرتشت نيڪي ۽ بدي جي ڳالهہ ڪندو هو جڏهين تہ ماني روح ۽ مادي ۽ روشني ۽ اونداهي وچ ۾ ويڙه جي ڳالهہ ڪندو هو.

سندس چوڻ هو تہ ڪيس روشني نظر ايندي هئي. ٻارنهن ۽ چوويہ سالن جي عمر۾ ڪيس روحاني تجربا ٿيا جن ۾ سندس چوڻ هو تہ ڪيس چيو ويو تہ پنهنجي پيءُ جيڪو هڪ مذهبي عالم هو، جي مذهب کي ترڪ ڪري ماڻهن تائين يسوع جي صحيح تعليم کي پهچائي. ان حوالي سان هن هندوستان ۽ خاص طور سنڌ ۽ توران جو سفر ڪيو. سندس تبليغ جو هڪ خاص طريقو هوندو هو. هو بجائي عام ماڻهو ڏانهن وڃڻ جي اميرن ۽ بادشاهن کي پنهنجي پاسي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن ڇهہ ڪتاب شامي ٻولي ۾ لکيا جڏهين تہ ستون بادشاه لاء وچولي دور جي فارسي ۾ لکيو. شاه پور پهرئين جي دور ۾ هن سندس ڪجهہ گورنرن وغيره کي پنهنجي پاسي آڻڻ کانپوءِ بادشاه تائين رسائي حاصل ڪئي هئي. بادشاه جو چوڻ هو تہ هن پهرين تہ ڪيس مارائڻ لاء سوچيو هو پوءِ روشني جو معجزو ڏسي هن اهو ارادو بدلائي ڇڏيو. هن ماني کي اها اجازت ڏني تہ هو سندس سلطنت ۾ گهمي ڦري پنهنجي تبليغ جو ڪم ڪري سگهي ٿو. شاهپور کان پوءِ سندس وڏو پٽ حڪمران ٿيو ۽ هن بہ ماني کي اهي ساڳيون سهولتون ڏنيون جيڪي سندس پيءُ ڏنيون هيون پر ڪانئس پوءِ سندس ننڍو ڀاء بهرام حڪمران ٿيو. ان وقت دربار جي زرتشت عالم ڪارتر کي ماني جي دربار ۽ سلطنت ۾ اثر رسوخ وڌڻ جي صورت ۾ پنهنجي لاء خطرو محسوس ٿيو. هن بادشاه کي ان ڳالهہ تي قائل ڪيو تہ ماني کان زرتشت مذهب کي خطرو آهي ان ڪري نہ رڳو اهو تہ ڪيس کي سهولتون نہ ڏنيون وڃن پر مٿس پابنديون لڳايون وڃن. ان وقت کان ئي اها ڳالهہ واضح هئي تہ جڏهين ڪنهن بہ مذهب کي سرڪاري حيثيت ۽ سرپرستي حاصل ٿيندي آهي تہ ٻئي ڪنهن بہ مختلف نڪتہ نظر جي ماڻهو لاء زندگي ڏکي ٿي پوندي آهي. ماني بهرام جي دربار ۾ وڃي ٿو ۽ ڪيس ياد ڏياري ٿو تہ سندس پيءُ ۽ ڀاء ساڻس ڪهڙو نہ بهتر ورتاء ڪيو هو ۽ سهولتون ڏنيون هيون پر بهرام سندس ڪابہ ڳالهہ نہ ٿو ٻڌي. هو ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ جيسين سندس تن ۾ ساه رهي ٿو هو ائين جڪڙيل رهي ٿو. بهرحال ماني جي گذاري وڃڻ سان سندس خيال ۽ مذهب ختم نہ ٿيو ۽ گهڻا ماڻهو سندس پوئلڳ رهيا.

# زرتشت جا يورپ تي اثر

مسلمانن جي ايران ۾ اچڻ ڪانپوءِ جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان گهڻن پنهنجو مذهب بدلايو ۽ گهڻا هندوستان ۽ ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويا پر انهن ٻولي سميت پنهنجين گهڻن روايتن کي برقرار رکيو آهي. شاهه ايران پاڻ کي اڍائي هزار سال پراڻي ساساني سلطنت جو وارث سمجهندو هو ۽ ان سڄاڻپ کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ هن وڏي پئماني تي جشن جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مختلف طريقن سان ان دور کي وري جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ان جشن ۾ جيتوڻيڪ ايراني عوام جي شرڪت نه هئي پر ٻي دنيا جا اتڪل اوڻهتر مملڪت ۽ حڪومت جا سربراهه ۽ ٻيا عمائدين شريڪ ٿيا هئا. ساڳي ريت نوروز اسلام کان اڳ جو ڏڻ آهي پر ايراني ان کي هڪ قومي ڏڻ طور ملهائيندا آهن. ايستائين ته موجوده مذهبي حڪومت ان جي مخالفت ڪرڻ ۽ ان کي غير اسلامي قرار ڏيڻ جي باوجود هر سال ان کي ملهائڻ لاءِ باقاعدي ملڪ ۾ موڪل ڪندي آهي. ساڳي ريت فردوسي جو شاهنامو ماضي جي عظيم ايران، جنهن ۾ وچ ايشيا ۽ وچ اوڀر جا هاڻوڪا ملڪ شامل هئا، جو رزميو آهي. هڪ لحاظ کان اهو زرتشتين لاءِ ان ڪري اهميت جو حامل آهي جو اهو ان مذهب جي شروعات کان وٺي آخري ساساني بادشاهه جي وفات تائين جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ڪانپوءِ زرتشتين جو زوال شروع ٿيو. شاهنامي جا ڪردار رڳو موجوده ايران جا ناهن پر انهن ۾ گهڻا ڪردار توران جا آهن جنهن کي ڪنهن دور ۾ ايران جو مخالف ليکيو ويندو هو.

زرتشت لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو بلخ ۾ پيدا ٿيو جنهن کي ڪنهن دور ۾ شهرن جو شهر چيو ويندو هو. اهڙي ريت جيتوڻيڪ ان مذهب جو مک علائقو ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا کي ڄاڻايو وڃي ٿو پر ان جا اثر يورپ جي مختلف ملڪن جهڙوڪ انگلينڊ، فرانس ۽ بوسنيا وغيره ۾ مليا آهن. اها واقعي هڪ حيرت جوڳي ڳالهه آهي ته يورپ جو هڪ فلاسفراوڀر جي هڪ پراڻي مذهب جي پيغمبر جي حوالي سان ڪتاب ائين زرتشت ڳالهھايو لکي ٿو. نتشي جنهن جو شروع ۾ مذهب سان لڳاءُ هو ۽ جنهن جو پيءُ گرجا سان لاڳاپيل هو پر پوءِ هن ماڳيئي مذهب ۽ خدا کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. زرتشت متعلق ڪتاب لاءِ نتشي جو چوڻ آهي ته زرتشت پنهنجي تعليم ۾ جنهن نيڪي ۽ بدي جي قوتن وچ ۾ ويڙهه ۽ ان ۾ نيڪي جي ساٿ ڏيڻ ۽ اخلاق وغيره تي زور ڏنو آهي هو سندس ان غلطي کي درست ڪرڻ چاهي ٿو ته اڄوڪي دور ۾ ان تعليم جي ڪا ضرورت نه رهي آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته نتشي تائين زرتشت جو نالو ۽ سندس تعليم ڪيئن پهتي. اهو چيو وڃي ٿو ته ارڙهين صدي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي دور ۾ زرتشت سان لاڳاپيل ڪجهه لکڻيون يورپ جي ملڪن فرانس ۽ انگلينڊ وغيره ۾ پهتيون هيون. پر انهن کي پڙهڻ جو بندوبست نه هئڻ ۽ ان مذهب ۽ ان جي پيغمبر متعلق مڪمل معلومات نه هئڻ ڪري اهو معاملو گهڻو اڳتي نه وڌي سگهيو. ان وقت هڪ نوجوان انهن مسودن کي پڙهڻ لاءِ ان ٻولي کي سکڻ ۽ ان مذهب متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍي هندوستان جو سامونڊي سفر ڪيو. پارسي، جيئن هندوستان جي زرتشتين کي چيو ويندو آهي، پنهنجي مذهب متعلق ڄاڻ کي نهايت لڪل رکندا آهن. ان ڪري ان نوجوان کي ان ڄاڻ کي هٿ ڪرڻ

۾ گهڻين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ڪمپني جي ڪجهه آفسرن سان سندس جهيڙو به ٿيو پر جڏهين هو يورپ موٽيو ته سندس ڳٽپ انهن ڪجهه ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳي جيڪي زرتشت ۽ سندس مذهب تي اٿارٽي سمجهيا ويندا هئا.

اهو هڪ لحاظ کان جديد يورپ سان زرتشت جو تعارف هو. جڏهين ٿوري وڏيڪ کوجنا ڪجي ته يورپ ۾ پري تائين ان مذهب جا اثر ملن ٿا. ان جو هڪ ڪارڻ ته اهو آهي ته ايران هڪ ڊگهي عرصي تائين هڪ وڏي سلطنت رهيو آهي ۽ مختلف علائقا ان جي اثر هيٺ رهيا آهن. ٻيو ڪارڻ اهو آهي ته ايراني نسل سان واسطو رکندڙ خانه بدوش قبيلا، جن کي ليڪ سمارٽين، جو نالو ڏئي ٿو اهي ميدانن ۾ چراگاهن جي ڳولها ۾ يورپ تائين هليا ويندا هئا. ساڳي وقت يورپ جي پاسي کان گوٿڪ ان ساڳئي مقصد لاءِ ميدانن جو رخ ڪندا هئا. انهن ٻنهي جو ٽڪراءِ به ٿيندو هو ۽ ساڳي وقت پاڻ ۾ مختلف نمونن سان سهڪار به ڪندا هئا. اڳتي هلي يورپ جي مختلف ملڪن ۾ انهن پنهنجيون حڪومتون به قائم ڪيون ۽ پنهنجا ثقافتي ۽ مذهبي اثر به ڇڏيا. اهڙي ريت ليڪ جو چوڻ آهي ته يورپ جي جنهن تهذيب کي گوٿڪ نالو ڏنو وڃي ٿو اها دراصل سمارٽين گوٿڪ تهذيب آهي.

ان جي ڪري يورپ ۾ خاص طور مختلف مذهبن ۽ فرقن جنم ورتو. ان جي اثر جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته روم جي سلطنت ۽ ايران ۾ لاڳيتو جنگون ٿينديون رهنديون هيون پر محققن ۽ تاريخدانن کي ان ڳالهه تي حيرت ٿئي ٿي ته رومن فوج جا عام سپاهي ايران جي ديوي مترا کي پوڄيندا هئا. ان جو ڪارڻ اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته روم جي حڪمرانن جو اهو اصول هوندو هو ته اهي پنهنجن سپاهين کي پنهنجي گهر ۽ علائقي کان پري رکندا هئا. گهر کان پري هئڻ جي پريشاني ۽ سڪون جي ڳولها انهن فوجين کي انهن مذهبن ڏانهن وٺي ويندي هئي جن جو واسطو سندن دشمنن سان هوندو هو. ان حوالي سان خاص طور ماني جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو جنهن جا مبلغ رومي سلطنت جي خاص طور ايراني سرحد سان لڳ گهڻن حصن ۾ پهچي ويا هئا ۽ اهو به چيو وڃي ٿو ته اهو ممڪن هو ته روم جو حڪمران عيسائيت قبول ڪرڻ کان اڳ ماني جو مذهب قبول ڪري ها ۽ هن وقت يورپ جي مذهب جي لحاظ کان صورتحال مختلف هجي ها.

ساڳي ريت ٻين مهاڀاري جنگ ۾ لندن تي جرمني جي بمباري شهر جي گهڻي حصي کي تباه ڪري ڇڏيو هو. گهڻا ماڻهو مري ۽ ڦٽجي پيا هئا. بس هڪ قيامت جو منظر هو. پر ان تباه ٿيل شهرجي سڄي ملبي کي صاف ڪندي انهن صفائي ڪندڙن کي انهن کنڊرن مان هڪ مورتي ملي. ان سلسلي ۾ جڏهين ماهرن سان رجوع ڪيو ويو ته خبر پيئي ته اها ايران جي ديوي مترا جي مورتي آهي ۽ هتي ان جو مندر هوندو هو. قديم آثارن جي ماهرن جو اصرارهو ته ان ساڳي جاءِ تي مندر جي اڏاوت ڪئي وڃي پرجيئن ته اهو تجارتي لحاظ کان هڪ اهم علائقو هو ان ڪري گهڻي هڻ هٽان ۽ بحث مباحثي کانپوءِ مندر کي ٻي جاءِ تي منتقل ڪيو ويو. ساڳي ريت ليڪ بوسنيا جي شهر سرائيوو ۾ هڪ مسلمان عورت سان مليو جنهن کيس ٻڌايو ته اهي هتي ترڪن سان گڏ نه پر ان کان گهڻو اڳ جا رهيل آهن پر اهي سرب ۽ ڪروٽس وانگر بالترتيب آرٿوڊوڪس ۽ ڪيٿولڪ عيسائي نه رهيا آهن. هو بوگو مل نالي فرقي سان لاڳاپيل رهيا آهن جنهن جون خاصيتون ساڳيون نيڪي ۽ بدي جون به قوتون آهن ۽ سندن ان مذهب جا مندر اڃا موجود آهن. ترڪن جي هتي اچڻ وقت اسلام قبول ڪرڻ متعلق هو

ٻڌائي ٿي ته ان جو خاص ڪارڻ پنهنجي اڪيلائي کي ختم ڪرڻ ۽ پاڻ کي ساڳي ريت عيسائين جي فرقن کان مختلف ثابت ڪرڻو هو.

يورپ ۾ عيسائين جو ٻين مذهبن ڏانهن رويو تنگ نظري ۽ اسهپ وارو رهيو آهي ۽ انهن بت پرستي جي نالي ۾ انهن کي هر طرح سان چيپاڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ليڪ ڪٽار نالي هڪ فرقي جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي خدا ۽ شيطان ۾ يقين رکندا هئا پر سندن اهو چوڻ هوندو هو ته دنيا جا سڀ ڪم ڪار شيطان ڪري ٿو ۽ خدا جو انهن معاملن ۾ گهڻو عمل دخل ناهي. ان ڪري هو گهڻن معاملن ۾ ڏانهس ئي رجوع ڪندا هئا. عيسائي فوجن پاران انهن جو وڏي پئماني تي قتل عام ڪيو ويو ۽ انهن جبلن وغيره ۾ جتي پناه ورتي ٿي انهن نڪاڻن کي تباه ڪيو ويو.

اهڙي ريت دنيا ۾ جيستائين نيڪي ۽ بدي وچ ۾ جنگ جاري آهي تيستائين زرتشت جو نظريو باقي آهي. ليڪ جڏهين هڪ زرتشت عالم کي چيو ته پنهنجي مذهب ۽ نظرئي کي هڪ جملي ۾ بيان ڪر ته هن چيو ته اهو ائين آهي ته نيڪي ڪيو، بدي کان بچو ۽ بدي خلاف ويڙه ڪيو.

# زيد پيرزادو جا نثري نظم

زيد پيرزادو اٽڪل سال سوا اڳ پنهنجي نثري نظمن جو ڪتاب خيال مون کي ڏنو هو. ڪتاب جيتوڻيڪ مون ان وقت ئي پڙهي ڇڏيو هو ۽ ان تي ڪجھ لکڻ جو بہ سوچيو هو پر اهو ٻين ڪمن جي ڪري اڌ ۾ رهجي ويو. تازو زيد مون کي ياد ڏياريو تہ مون ڪتاب کي وري ڏسڻ شروع ڪيو.

هن مجموعي ۾ ستر نثري نظم شامل آهن. نثري نظم کي هڪ ڊگهي عرصي تائين تہ شاعري جي هڪ صنف طور قبوليت ئي حاصل نہ هئي. فيض جهڙو شاعر بہ چوندو هو تہ پيائي هي نثري نظم ڇا آهي. هي يا تہ نظم آهي يا نثر آهي.

نثري نظم لاء اهو سمجهيو ويندو آهي تہ ان ۾ شاعر کي پنهنجن خيالن جي اظهار جي وڌيڪ آزادي هوندي آهي ۽ ڪيس شاعري جي پابندين تي گهٽو ڌيان نہ ڏيڻو پوندو آهي. ان جي باوجود ان ڳالهہ تي سڀ شاعر متفق آهن تہ سٺو نثري نظم ان وقت ئي لکي سگهجي ٿو جڏهين شاعر کي رديف قافئي ۽ شاعري جي ٻين گهرجن جي ڄاڻ بہ هجي ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جو ڏانء بہ هجي. ساڳي وقت اها جيئن تہ شاعري جي ئي هڪ صنف آهي ان ڪري ان ۾ ردم ۽ شاعري جو مزو هئڻ بہ ضروري آهي نہ تہ ٻي صورت ۾ بهتر آهي تہ بجائي شاعري ڪرڻ جي نثر لکجي.

هن ڪتاب ۾ گهڻن موضوعن کي ڪنيو ويو آهي. اهو رايو ڏيئي سگهجي ٿو تہ هڪ تہ ليکڪ سنڌي جي گهڻن شاعرن وانگر داخليت پسند ناهي ۽ پنهنجي اندر ۾ پاڻ سان ڪچهري نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي پنهنجي رومانوي جذبن جو اظهار ڪري ٿو. هو هڪ ايڪسٽرووٽ شاعر آهي جيڪو مختلف سماجي ۽ سياسي مسئلن تي پنهنجو اظهار ڪري ٿو. منهنجي خيال ۾ شاعر لاء جيڪڏهين رومانس ڪرڻ نہ تہ بہ پنهنجي شاعري ۾ رومانس جو اظهار ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪانسواء شاعري ۾ اهو چس ۽ مزو نہ ٿو رهي.

سماجي ۽ سياسي لحاظ کان شاعر جو نڪتہ نظر ترقي پسندانا آهي جيڪا هڪ مثبت ڳالهہ آهي.

# نجيب محفوظ جا ناول

جيتوڻيڪ مصر ۾ جمال ناصر جي وفات کانپوءِ انور سادات جو اقتدار ۾ اچڻ هڪ لحاظ کان هڪ تسلسل ئي سمجهيو وڃي ٿو پر معاشي ۽ سياسي لحاظ کان اها هڪ وڏي تبديلي هئي. هڪ صدر جنگ هارائي هئي ۽ ٻئي صدر جنگ کٽي هئي پر مصر جي ناميار تخليقڪار نجيب محفوظ جي ناول جنهن ڏينهن صدر جو قتل ٿيو جا ڪردار ان کي ٻئي طريقي سان ڏسن ٿا ۽ چون ٿا ته هڪ صدر جنگ هارائي به کٽي ويو ۽ ٻيو جنگ کٽي به هارائي ويو.

سادات جيتوڻيڪ 1973 جي اسرائيل سان جنگ بظاهر کٽي ويو هو ۽ اسرائيل کان 1967 جي جنگ ۾ وڃايل گهڻا علائقا به مصر کي واپس ملي ويا هئا پر سندس اسرائيل ۽ آمريڪا سان دوستي ۽ ناصر جي عوام جي فائدي وارين معاشي پاليسين ۾ تبديلي ماڻهن ۾ سندس لاءِ هڪ مخالفت کي جنم ڏنو هو. هي ناول هن صورتحال جي عڪاسي ڪري ٿو. چار ماڻهن جو هڪ خاندان آهي جيڪي ٽن نسلن جي نمائندگي ڪن ٿا، هڪ ڏاڏو، سندس پٽ ۽ ننهن ۽ پوٽو. هو سوچي ٿو ته اڳ زندگي ڪيتري سهل ۽ آسان هوندي هئي جڏهين ته ملڪ ۾ آيل تبديلين کانپوءِ مهانگائي چوٽ چڙهي ويئي آهي. ڪيس پينشن به ملي ٿي ۽ خاندان جا باقي ٽي فرد به نوڪري ڪن ٿا پر پوءِ به گذارو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ڪرپشن ۽ بدعنواني هڪ معمول آهي ۽ ان کانسواءِ گذارو ڪرڻ ڏکيو آهي.

ناول جو مرڪزي ڪردار نوجوان پوٽو آهي جيڪو ان عمارت جي هڪ ٻئي فليٽ ۾ رهندڙ هڪ ڇوڪري سان محبت ڪري ٿو. ٻيئي ساڳي دفتر ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ سندن مائٽ سندن اصرار تي سندن مڱڻو به ڪري ڇڏين ٿا. پر هڪ ڊگهي عرصي گذرڻ کانپوءِ به اهي پاڻ کي ان لائق نه ٿا سمجهن ته پنهنجي لاءِ ڪو ڌار گهر ۽ ٻيو سامان وغيره وٺي شادي ڪري سگهن. ويجهڙائي ۾ اهڙو ڪو امڪان نظر به نه ٿو اچي. ڇوڪري جي عمر وڌڻ جي ڪري مائٽن جو مٿس ان رشتي کي ختم ڪرڻ ۽ ٻئي هنڌ شادي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌندو ٿو وڃي. سندن افسر ڇوڪري ۾ دلچسپي رکي ٿو ۽ ان رشتي جي ختم ٿيڻ سان هو ان کي شادي لاءِ چئي ٿو جنهن جي لاءِ هو پاڻ ۽ سندس مائٽ راضي ٿي وڃن ٿا. ٻئي پاسي ان افسر جي بيوه پر شاهوڪار ڀيڻ ان ڇوڪري ۾ دلچسپي وٺي ٿي ۽ ان کي پنهنجي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

شادي ٿيڻ کانپوءِ اهو ظاهر ٿئي ٿو ته افسر جا ان ۾ پنهنجا مفاد هجن ٿا ۽ هو ان ڇوڪري کي پنهنجن واپاري ۽ مالي فائدن لاءِ مالدار ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ انهن کي سندس موجودگي ۽ غيرموجودگي ۾ خوش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو جيڪا ڳالهه ان ڇوڪري کي قبول نه ٿي هجي ۽ هو پنهنجي هني مون ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ان کان طلاق وٺي پنهنجي مائٽن جي گهر اچي وڃي ٿي. ٻئي پاسي هو ڇوڪرو بيوه ڀيڻ جي ويجهو ٿيڻ لڳي ٿو پر نئين صورتحال کيس پنهنجي محبوبا جي ويجهو آڻي ٿي ۽ اهي وري پراڻن ناتن کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ان دوران هڪ قومي ڏينهن جي موقعي تي ملڪ جو صدر فوج جي سلامي وٺڻ لاءِ اچي ٿو. اها سڄي ڪاروائي ملڪ جي ٻين ماڻهن سان گڏ ڇوڪرو به ريڊيو تي ٻڌي رهيو هجي ٿو. ٿوري وقت

ڪانپوء ٽرانسميشن ۾ گڙٻڙ پيدا ٿئي ٿي، قومي نغما ۽ تلاوت شروع ٿي وڃي ٿي. صدر متعلق متضاد خبرون اچڻ شروع ٿين ٿيون. ڪڏهين چيو وڃي ٿو ته هو معمولي زخمي ٿيو آهي ڪڏهين ڪجهه وڏيڪ ٻڌايو وڃي ٿو. هڪ هوٽل ۾ اهي سڀ خبرون ٻڌنڌي هو اتان اٿي ٻاهر گهر وڃڻ لاء نڪري ٿو جتي اوچتو هو پاڻ کي ان بيوه پيڻ جي گهر سامهون ڏسي ٿو جتي ان افسر جي گاڏي بيٺي هجي ٿي. هو گهر اندر وڃي ٿو ۽ افسر سان سندس جهيڙو ٿئي ٿو جنهن ۾ اهو افسر فوت ٿي وڃي ٿو. پيڻ ڪيس چئي ٿي ته هو ڪيس قتل جي الزام کان اهو چئي بچائي سگهي ٿي ته ڪيس اڳ ئي دل جي بيماري هئي ۽ هو ان ڪارڻ مئو آهي. پر هو ان ڳالهه کي نه ٿو مڃي ۽ پاڻ کي قانون حوالي ڪري ٿو جتي ڪيس جيل جي سزا اچي ٿي. ان تي ڏاڍي کي ڏک ته ٿئي ٿو پر سوچي ٿو ته ممڪن آهي جيل ۾ هو نوان هنر ۽ نيون ڳالهيون سکي جيڪي پوء اڳتي هلي ڪيس ڪم اچن.

ناول هڪ خاص دور ۾ عام ماڻهن جي اڻ تڻ، انهن جي مسئلن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿو. ناول نگار اهڙي ريت جڻ ته ڪنهن خاص سياسي ڌر سان لاڳاپيل نه هئڻ جي باوجود به پنهنجن ماڻهن سان لاڳاپيل آهي.

***

مصرجو نوبل انعام يافته ناول نگار نجيب محفوظ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. عمر جو گهڻو حصو سرڪاري نوڪري ۾ گذارڻ جي باوجود سندس ڪم جڻ رڳو لکڻ پڙهڻ ئي رهيو. سندس جڳ مشهور CAIRO TRIOLOGY ڪانسواء ٻيا ڪيئي شاهڪار ناول مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي پڙهندڙن جي توجهه جو مرڪز رهيا آهن. اهي ناول گهڻي ڀاڱي مصر ۽ خاص طور تي قاهره جي زندگي سان واسطو رکن ٿا. تازو سندس ناول Midac Alley يا ميداڪ گهٽي پڙهڻ جو موقعو مليو. هو ڇهن سالن جي عمر ۾ ئي پنهنجي خاندان سان قاهره جي پراڻي علائقي مان يورپي علائقي ۾ منتقل ٿي ويو هو ۽ اتي ئي برطانوي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي. پر هي ناول قاهره جي پراڻي علائقي جي هڪ پاڙي، ان جي ماڻهن ۽ ان جي رنگا رنگ زندگي متعلق آهي.

ٻين مهاڀاري جنگ جي پسمنظر ۾ لکيل هي ناول ان دور جي مسئلن کي ظاهر ڪري ٿو جڏهين ماڻهو بمباري کان بچاء لاء بچاء گهرن يا شيلٽرن ۾ پناه وٺندا هئا. انهن ۾ ٻار، ٻڍا، جوان عورتون ۽ مڙد سڀئي شامل هوندا هئا ۽ روايتي اخلاقيات جڻ ته پسمنظر ۾ هلي ويئي هئي. هن ناول ۾ ڪو هڪ شخص هيرو ۽ هيروئن يا ولين ڪونهي پر مختلف ڪردار آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي انداز سان زندگي گذارين ٿا ۽ سندن پنهنجون خواهشون آهن. مثال طور حميده لاء عباس جي محبت جو ان کان وڌيڪ ڪو ڪارج ناهي ته هو پنهنجي زندگي کي بهتر بڻائي. جيتوڻيڪ عباس ان کي هڪ بهتر زندگي ڏيڻ لاء برطانوي فوج جي نوڪري اختيار ڪري ٿو پر جڏهين حميده ۽ سندس ماء کي ڪمپني جي سيٺ، جيڪو پنهنجي زال مان مطمئن ناهي ۽ ڪيس ان جو پورائو حميده جي جواني ۽ سونهن ۾ نظر اچي ٿو، جي صورت ۾ هڪ بهتر آپشن ملي ٿو ته اهي عباس کي ڇڏڻ لاء تيار ٿي وڃن ٿيون ان جي باوجود ته هو عمر ۾ ڪانئس گهڻو وڏو آهي. جڏهين اهو معاملو نه ٿو نهي ته هو پنهنجين خواهشن جي پورائي لاء ڌنڌو ڪرڻ لاء به تيار ٿي وڃي ٿي. ساڳي وقت سندس ماء جنهن ان کي رڳو پاليو آهي اها به ان لاڙي جي شڪار آهي. اهڙي ريت ان ئي پاڙي جي هڪ گهر ۾

رهندڙ زيتا جو ڪردار آهي جيڪو ماڻهن کي سندن مرضي موجب معذور بڻائي ٿو تہ جيئن اهي پنڻ جهڙا ٿي سگهن. ساڳي ريت ڊاڪٽر بوشي آهي جيڪو نقلي ڏندن جو ڪم ڪري ٿو ۽ زيتا سان گڏ هڪ مڙدي جا سونا ڏند چورائڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو. عباس جنهن تي سچي محبت جو ڀوت سوار آهي ۽ پراڻين قدرن جو علمبردار آهي اهو آخر ۾ حميده جي عاشقن هٿان مارجي وڃي ٿو ۽ زندگي جيئن جو تيئن هلندي رهي ٿي.

# سياسي تبديلي ۽ احساساتي زندگي

نجيب محفوظ کي ڪنهن تعارف جي ضرورت ناهي. هن مصر جي تاريخ ۽ سماج جي مختلف موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ساڳي ريت ملڪ ۾ جيڪي سياسي لاها چاڙها آيا آهن اهي به سندس مختلف ناولن جو موضوع رهيا آهن. سندس ناول Autumn Quail 1952 ۾ فوجي آفيسرن جي انقلاب، ان جي پسمنظر ۽ ان جي سماج جي مختلف ماڻهن تي پوندڙ اثرن جي ڪهاڻي آهي.

مصر پاران برطانيا، جنهن جو ملڪ تي راڄ هجي ٿو ۽ سڀ معاملا ان جي چوڻ موجب هلن ٿا، سان سوئز ڪئنال متعلق ناه جي ختم ٿيڻ سان ٻنهي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ وڌي وڃي ٿي، ملڪ هڪ بحران ۾ ونجي وڃي ٿو ۽ مارشل لاء لاڳو ٿئي ٿو. فوجي آفيسر اقتدار سنڀالڻ ڪانپوء بادشاهت کي ختم ڪري سياسي جماعتن تي پابندي هڻن ٿا.

آفيسر شاهي ۾ وڏي پئماني تي اٿل پٿل ٿئي ٿي، گهڻن کي سندن سياسي وفادارين ۽ ماضي ۾ ڪيل ڪرپشن جي ڪري نوڪرين تان برطرف ڪيو وڃي ٿو جڏهين ته گهڻن ننين اهلڪارن کي سندن انقلابي سوچ جي ڪري وڏن عهدن تي مقرر ڪيو وڃي ٿو.

هن ناول جو مرڪزي ڪردار عيسيٰ آهي جيڪو وفد پارٽي سان لاڳاپيل آهي. هو پارٽي جي سياسي جدوجهد ۾ به شامل هجي ٿو، سزائون ڪاٽي ٿو ۽ مختلف وقتن تي نوڪري تان برطرف به ٿئي ٿو پر پارٽي جي وري اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوء نوڪري تي بحال ٿئي ٿو ۽ اجا وڏا عهدا ماڻي ٿو. پنهنجي ان حيثيت جو فائدو وٺندي هو هڪ پرتعيش زندگي گذاري ٿو. هڪ عاليشان گهر ۽ بينڪ بيلنس سندس سجاڻپ هجن ٿا. انقلاب ڪانپوء ڪيس زوري رٽائر ڪيو وڃي ٿو. هو سمجهي ٿو ته اهو سيڪجهه به اڳ جيان آهي ۽ حالتن تبديل ٿيڻ ڪانپوء سندس پراڻي حيثيت بحال ٿي ويندي. پر جلد ئي ڪيس اهو احساس ٿئي ٿو ته حالتون اڳ جيان نه هيون ۽ سندس پراڻي حيثيت جو بحال ٿيڻ ممڪن نه هو.

ان سان عيسيٰ جي زندگي ۾ وڏي تبديلي اچي وڃي ٿي. گهر جي خرچ پوري نه ڪري سگهڻ جي ڪري هو اهو ڇڏي پراڻي آبائي گهر ۾ منتقل ٿي وڃي ٿو. سندس مڱڻو، جيڪو هڪ امير گهراڻي ۾ ٿيل هجي ٿو، ختم ٿي وڃي ٿو. ڪيس هاڻي پنهنجي پينشن ۽ بينڪ بيلنس تي گذارو ڪرڻو هو. سندس سوٽ جنهن کي هوئنئن عيسيٰ گهڻي اهميت نه ڏيندو هو انقلاب جي ڪري هڪ ننڍي عهدي کان وڏي ۽ اهم عهدي تي پهچي ٿو. هو عيسيٰ کي هڪ ڪمپني ۾ نوڪري جي آڇ ڪري ٿو پر عيسا ان کي رد ڪري ڇڏي ٿو ۽ آزاد زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. سندس شامون مختلف هوٽلن ۾ دوستن يارن سان گپ شپ ڪندي گذرن ٿيون.

نيٺ هو قاهره ڇڏي اسڪندريه وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو. اهو مصر جو هڪ مختلف شهر آهي. هتي ڪنهن دور ۾ يونانين جي وڏي آبادي هوندي هئي. انهن مان ملڪي حالتن جي ڪري گهڻا پرڏيه لڏي ويا آهن پر شهر جي ڪلچر، طور طريقن، هوٽلن ۽ ڪلبن تي انهن جو اثر اجا باقي آهي. هتان جي ماحول ۾ عيسا کي ائين لڳي ٿو ته هو جڻ پرڏيه ۾ نه هوندي به پرڏيهه ۽ پرڏيهين جي وچ ۾ آهي.هتي

هو گهمندي ڦرندي سمنڊ جي ڪناري هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ پنهنجو وقت گذاري ٿو. سمنڊ جي ڪناري سندس ملاقات هڪ عورت سان ٿئي ٿي. اها وئشيا هجي ٿي. پر هڪ رات گذارڻ کان پوءِ هو سندس ناراضگي جي باوجود بہ ساڻس رهڻ شروع ڪري ٿي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ هو پيٽ سان ٿئي ٿي جنهن جي ڪري سندن ناتا اجا وڌيڪ خراب ٿي وڃن ٿا ۽ هو ڪانئس پري رهڻ لڳي ٿو.

ان دوران کيس قاهره ۾ پنهنجي ماءُ جي وفات جي خبر ملي ٿي ۽ هو فوري طور اوڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. قاهره ۾ هوندي سوئز ڪينال کي قوميائڻ جي ڪري اسرائيل مصر تي حملو ڪري ٿو جنهن کي برطانيا ۽ فرانس جي حمايت بہ حاصل هجي ٿي جڏهين تہ پس پرده آمريڪا بہ ان جي مدد ڪري ٿو. ان صورتحال ۾ عيسا ۽ سندس دوست سوچين ٿا تہ نيڪ آهي تہ سندن حڪومت سان اختلاف آهن پر هي ملڪ جي سلامتي جو مسئلو آهي ان ڪري ڪين جنگ ۾ حڪومت جي موقف جي حمايت ڪرڻ گهرجي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ عالمي صورتحال جي خراب ٿيڻ جي خدشي جي ڪري وڏيون طاقتون جنگ کي بند ڪرڻ تي آماده ٿي وڃن ٿيون.

عيسيٰ پنهنجي ماءُ جي گهر کي وڪري لاءِ آڇي ٿو. ان کي خريد ڪرڻ لاءِ هڪ ماءُ ۽ ڌي اچن ٿيون.ڌي جيتوڻيڪ اڌوڙٽ عمر جي هجي ٿي پر عيسيٰ ان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪري ٿو. ان جو ڪارڻ سندس سونهن کان وڌيڪ سندس دولت هجي ٿي. کيس خبر پئي ٿي تہ ان عورت کي ٽي ڀيرا طلاق ٿي چڪي هئي ۽ سندس ڪو اولاد ناهي ۽ نہ ئي ان جي ٿيڻ جي ڪا توقع هئي. هو ان سان شادي ڪري ٿو ۽ ان جي پئسي تي گذر بسر ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لڳي ٿو.

هو نيٺ ان مان بہ بيزار ٿي پئي ٿو ۽ کيس اهو روٽين ۽ پابندي تنگ ڪرڻ لڳي ٿي. مصر جي ڪنهن شهر ۾ پنهنجي زال سان وقت گذاريندي هو گهڻو ڪري اڪيلو هوٽلن، ڪلبن ۽ سمنڊ جي ڪناري گهمندو ۽ پنهنجن دوستن سان سڄي رات تاش کيڏندو رهي ٿو ۽ ان ۾ لاڳيتو پئسا هارائيندو رهي ٿو. زال ڪانئس ناراض ٿئي ٿي ۽ کيس گهر ۾ اچڻ نہ ٿي ڏئي. ڪنهن ريت سندن صلح ٿئي ٿي ۽ هو پنهنجن دوستن جي چنڊال چوڪڙي کان پري اسڪندريا هليا وڃن ٿا. هتي بہ مٿس اها ساڳي بيزاري واري ڪيفيت حاوي رهي ٿي ۽ هو زال ۽ گهر کان پري ڪلبن، هوٽلن ۽ سمنڊ جي ڪناري پنهنجو وقت گذاري ٿو. هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري کيس اها عورت جنهن ساڻس اڳ ۾ ڪجھ وقت گذاريو هو فاسٽ فوڊ جو اسٽال هلائيندي نظر اچي ٿي. هو شروع ۾ ڪانئس پري رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ڪجھ وقت ڪانپوءِ هو هڪ ننڍي ڇوڪري کي وٽس ايندو ڏسي ٿو. هو سمجهي وڃي ٿو تہ اها سندس ئي ڌي هئي. پوءِ هو ان ڇوڪري سان ملڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪري ٿو، ان عورت سان ملاقات ڪري کيس پنهنجي ڌي سان ملائڻ لاءِ منٿون ڪري ٿو پر هو اول تہ کيس سڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪري ٿي ۽ ٻيو تہ ڪنهن بہ ريت ڇوڪري کي ساڻس ملائڻ لاءِ تيار نہ ٿي ٿئي.

سندس اهي رولاڪيون جاري رهن ٿيون. هڪ ڏينهن ڪلب ۾ کيس ڪو شخص نظر اچي ٿو جيڪو کيس ڄاتل سڃاتل لڳي ٿو. کيس ياد اچي ٿو تہ جڏهين هو آفيسر هو تہ اهو شخص سياسي ڏوهن ۾ گرفتار ٿي لاڪپ ۾ بند هو ۽ هو کيس اتي ڏسڻ ويو هو. اتي شايد ان سان سٺو ورتاءُ نہ ڪيو ويو هو. کيس اهو ڊپ ٿئي ٿو تہ متان بدلي وٺڻ لاءِ هو ڪا حرڪت نہ ڪري. هو اتان اٿي سمنڊ جي ڪناري وڃي هڪ بينچ تي ويهي رهي ٿو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ اهو ساڳيو شخص بہ اچي سندس پر ۾

ويهي ٿو ۽ ڪيس چئي ٿو ته هو ساڻس ڪجهه ڳالهائڻ چاهي ٿو. پر هو لاڳيتو انڪار ڪندو رهي ٿو. نيٺ ڪڪ ٿي اهو شخص اتان اٿي شهر ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. ڪيس پوءِ اهو احساس ٿئي ٿو ته سندس مسئلي جو حل ته ان شخص سان ڳالهائڻ ۾ هو. اهو خيال ايندي ئي هو فوري طور ان شخص جي پويان وڃي ٿو.

اهو ناول هڪ لحاظ کان ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته ملڪ ۽ سماج ۾ ايندڙ تبديليون ۽ اٿل پٿل ڪهڙي ريت فرد جي سماجي ۽ معاشي حيثيت ۽ جذباتي ۽ احساساتي ڪيفيتن کي متاثر ڪن ٿا.

# ڪوئيٽا ڪان دهلي: ورهاڱي جي هڪ ٻي ڪٿا

ورهاڱي سڄي ڪنڊ کي مختلف طريقن سان متاثر ڪيو آهي. بنگال، پنجاب ۽ ڪنهن حد تائين ڪي پي ۽ سنڌ ۾ ٿيل فسادن ۽ لڏپلاڻ وغيره جو ذڪر ٿيندو رهيو آهي پر بلوچستان ۽ خاص طور ڪوئيٽا جو ذڪر نه هئڻ برابر ٿيو آهي. لڏپلاڻ ڪندڙ ۽ متاثر ماڻهن جي پهرين ۽ ٻي نسل ته ايتري نفسياتي ۽ جذباتي صدمي ۾ ورتل هئي جو اهي ان سڀ ڪجهه کي زبان تي آڻڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي ٻڌائڻ کان پيا ڪيٻائيندا ۽ ڊڄندا هئا. گهڻن کي اها ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه آئي ته اهو سڀڪجهه ڪيئن ۽ ڇو ٿيو. جنهن زمين ۽ جن ماڻهن سان اهي صدين کان رهندا پئي آيا اهي ڪيئن ڏسندي ڏسندي سندن لاءِ اوپرا ۽ سندن ويري ٿي ويا.

هي ڪتاب From Quetta to Delhi پارتي ليڪڪا رينا نندا جو لکيل آهي. هو ورهاڱي ڪانپوءِ جڏهين سندس عمر اجا ٻه سال مس هئي پنهنجي خاندان سان ڪوئيٽا کان دهلي لڏي ويئي هئي. هي بنيادي طور پنجاب جي شهر جهنگ جي هندو کتري ذات سان تعلق رکندڙ زميندار خاندان آهي. ان وقت انهن خاندانن جي پڙهيل ڳڙهيل فردن لاءِ سرڪاري نوڪري معاش کان وڌيڪ عزت ۽ مرتبي جو باعث هوندي هئي. ليڪڪا جي ماءُ جي ناني، لالا جي، کي ڪوئيٽا، جيڪو ان وقت انگريزن جي عملداري ۾ هوندو هو، مان نوڪري جي آڇ اچي ٿي. هو پنهنجي خاندان جي مخالفت جي باوجود اتي وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو ۽ اتي وڃي پنهنجو گهر ناهي ٿو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هو پنهنجي ڳوٺ جي هڪ نوجوان، ساون مل، کي ڪوئيٽا ۾ نوڪري وٺي ڏئي ٿو ۽ ان جي پنهنجي ڌي سان شادي ڪرائي ٿو. ساون مل هڪ خود دار نوجوان هجي ٿو جيڪو ڪجهه عرصو پنهنجي سهري سان رهي ٿو پر ترت ئي پنهنجو ڌار بندوبست ڪري وٺي ٿو.

جيتوڻيڪ اهو هندو خاندان هجي ٿو پر ساڳي وقت سڪ ڌرم سان انهن جي ويجهڙائي هجي ٿي. هندو ۽ سک ۾ ڪو فرق روا نه ٿو رکيو وڃي. اهي ساڳي وقت مندر ۽ گردواري ۾ وڃن ٿا، سندن لاءِ جيئن رام ۽ ڪرشن عزت لائق هجن ٿا ائين گرونانڪ ٻه محترم هجي ٿو. گرو گرنٿ ۽ گيتا سندن لاءِ ساڳي پوتر حيثيت رکن ٿا. ڪوئيٽا پناڻ گهڻائي وارو شهر هجي ٿو ۽ انهن جو انهن سان گهڻو واسطو رهي ٿو. هڪ مٺ محبت وارو تعلق هجي ٿو. مذهبي تفريق ۽ ذات پات جو فرق گهر جي عورتن ۾ گهڻو هجي ٿو جڏهين ته مڙد ان ڳالهه جي گهڻي پروا نه ٿا ڪن. خاص طور ساون مل ان سلسلي ۾ مذهبي طور طريقن کي گهڻي اهميت نه ٿو ڏئي. هو ماس کائي ٿو پنهنجن مسلمان ۽ انگريز دوستن ۽ آفيسرن جون دعوتون ڪري ٿو ۽ انهن معاملن ۾ ڪنهن ٻه ريت پنهنجي زال کي مداخلت ڪرڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي. ساون مل کي جڏهين پهرين ڌي ٿئي ٿي ته اها ڄڻ سندس لاءِ هڪ قدرت جو تحفو هجي ٿي. هو انتهائي پيار، لاڏ ۽ جديد طريقن سان ان جي تربيت ڪري ٿو ۽ ان کي جديد تعليم ڏيارڻ سان گڏوگڏ سوسائٽي ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ جا طريقا پڻ سيکاري ٿو. ساون مل جي ٻارن ۾ مذهبي لحاظ کان پنهنجي ڌار هئڻ جو ڪو احساس نه ٿو هجي. هو ساڳي ريت پنهنجن بلوچ ۽ پناڻ دوستن ۽ ساهيڙين جي گهر وڃن ٿا جهڙي ريت اهي پنهنجن هندو مائٽن ۽ دوستن سان ملن ٿا.

1935 جي ڪوئيٽا جي زلزلي، جنهن ۾ سڄو شهر مٽي جو ڍير ٿي ويو هو ۽ اٽڪل پنجاه هزار کن ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا هئا، ان خاندان جي زندگي ۾ وڏي تبديلي آندي. سندن گهر ته تباه ٿي ويو پر سندن گهر جا گهڻا ڀاتي جنهن ۾ ساون مل جو پٽ به هجي ٿو مري وڃن ٿا، ساون مل پاڻ ڦٽجي پئي ٿو، کيس علاج لاء ڪراچي موڪليو وڃي ٿو ۽ خاندان کي ڪجھ وقت لاء جهنگ ۾ پنهنجي اباڻي گهر ۾ وڃي رهڻو پئي ٿو.

هي ليکڪا جي ماءُ جو پنهنجي ڄمڻ ڪانپوء ٻيون ڀيرو جهنگ وڃڻ ٿئي ٿو. پهريون ڀيرو هو پنهنجن ڀائرن سان گڏ ڏهن سالن جي عمر ۾ ان وقت اتي وڃي ٿي جڏهين انهن جي جهنڊ لاهڻ جي رسم ٿئي ٿي ۽ سندس پيءِ سڄو مٿو ڪوڙائڻ کان کيس بچائي رڳو ٿورا وار وڍرائي ٿو. جيتوڻيڪ ٻيون ڀيرو جهنگ وڃڻ ڪري سندس پڙهائي جو سلسلو ٽٽي وڃي ٿو ۽ هو ميٽرڪ جو امتحان نه ٿي ڏيئي سگهي پر هي سندس لاء پنجاب جي ڳوناڻي زندگي جو تجربو حاصل ڪرڻ جو هڪ وڏو موقعو هجي ٿو. پهريون ڀيرو هو پنهنجي ڏاڏي جي گهر ۾ رهي ٿي ۽ ٻيون ڀيرو به ائين ئي ڪرڻ چاهي ٿي پر کيس ٻڌايو وڃي ٿو ته زلزلي ۾ پنهنجي پوٽي جي مري وڃڻ ۽ پنهنجي پٽ جي سخت ڦٽجي پوڻ جو صدمو نه سهندي هو ننڊ ۾ ئي گذاري ويئي آهي. هتي ئي کيس مختلف رسم رواجن، لوڪ گيتن، جهنگ جي مشهور لوڪ داستان هير رانجها، چناب جي پاڻين ۽ جهنگ جي کوهن جي پاڻي جي تاثير جو پتو پئي ٿو. هتي هو پيشه ور ماتم ڪندڙ عورتن جو سياپو ڏسي ٿي جيڪي موت واري ڪنهن به گهر ۾ وڃي هڪ ماتم جو سمان پيدا ڪن ٿيون. ان سلسلي ۾ هن پنهنجي ذاتي تجربي جي حوالي سان اهو ٻڌايو آهي ته اهو ڪهڙي ريت هڪ نفسياتي علاج ثابت ٿئي ٿو ۽ متاثر ٿيلن کي صدمي واري حالت مان نڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. سندس ماء خاص طور تي زلزلي ۾ پنهنجي پٽ جي مري وڃڻ جي صدمي ۾ صفا چپ ٿي ويئي هئي ۽ کيس نه ته ڪا ڳالهه ياد هئي ۽ نه ئي اها ڪنهن کي سڃاڻي سگهندي هئي. ڊاڪٽرن سندس نيڪ ٿيڻ جو ڪو آسرو نه ڏيکاريو هو. ان موقعي تي سياپي وارين ماين اچي سندس آڏو ماتم ڪرڻ شروع ڪيو، کيس منهن تي ڌڪ هنيا ۽ رڙيون ڪيون ته تون ڪهڙي ماء آهين، تنهنجو پٽ مري ويو آهي ۽ تون ائين چپ آئين. اهي نيٺ ان کي ان حالت تي وني اچن ٿيون ته هو رانياٽ ڪري روئي ۽ اهڙي ريت سندس يادگيري واپس اچي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي نارمل حالت ۾ موٽي اچي ٿي.

ان وچ ۾ ساون مل موٽي اچي ٿو. هو پنهنجي ڌي کي جهنگ شهر جي هڪ سني اسڪول ۾ داخل ڪرائي ٿو. اتان ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوء جڏهين ان خاندان جي واپس ڪوئيٽا وڃڻ جو وقت اچي ٿو ته هو پنهنجي زال ۽ خاندان جي ٻين همراهن، جن جو چوڻ هجي ٿو ته هاڻي ان جي شادي جي عمر ٿي ويئي آهي ۽ وڌيڪ پڙهڻ جو ڪو ضرور ناهي، ان کي لاهور جي مشنيري اسڪول ۾ داخل ڪري ٿو جتي هو پنهنجي ماسي جي گهر ۾ رهي ٿي. اتان فارغ ٿيڻ ڪانپوء ان کي لاهور جي عورتن جي اعلا طبقي جي ڪينيئرڊ ڪاليج ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو جتي سندس اٿڻ ويهڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ جا طور طريقا سڀ اولهه جي معيار مطابق هجن ٿا ۽ هو پنهنجين ساهيڙين کي ٻڌائي ٿي ته اهي ڪوئيٽا جا هندو پناڻ آهن.

ساون مل کي آخر تائين اهو يقين هجي ٿو تہ ورهاڱي ۽ ٻن ڌار ملڪن جي نهڻ جون جيڪي ڳالهيون هلن پيون ان سان ڪو خاص فرق نہ پوندو ۽ زندگي ائين ئي هلندي رهندي. ايستائين تہ جڏهين ٻنهي ملڪن جي حوالي سان سرڪاري ڪامورن جي چونڊ جو مرحلو اچي ٿو تہ هو پاڪستان جي سول سروس جي چونڊ ڪري ٿو. پر سياسي حقيقتون ڪي ٻيون هجن ٿيون. قاضي عيسيٰ، بلوچستان جي مسلم ليگ جي اڳواڻن ۽ ٻين گهڻن همراهن جون نظرون شهر جي هندن جي ملڪيت ۽ ڪاروبار تي هجن ٿيون. قاضي عيسيٰ جو هڪ پائيتو ساون مل جي هڪ مائٽ کي ٻڌائي ٿو تہ عيسيٰ هتي هندن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاء تيار ناهي. ورهاڱي جي تاريخ ويجهي اچڻ سان شهر ۾ فساد شروع ٿي وڃن ٿا. هڪ سرڪاري دعوت هلندي ساون مل کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ فسادي جاء کي باه ڏيڻ لاء ٿوري دير ۾ اچي ويندا ان ڪري هتان نڪرڻ جي ڪيو پر هو ان کي مذاق سمجهي ٽاري ڇڏي ٿو. اهو صحيح ثابت ٿئي ٿو. هو اتان تہ ڪنهن ريت بچي نڪري وڃي ٿو پر ڪجهہ وقت ڪانپوء اهي فساد سڄي شهر ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. ساون مل جي آفيس جو هڪ ڪلرڪ فسادين هٿان مارجي وڃي ٿو ۽ فسادي هندن جي گهرن کي باه ڏيڻ لاء پهچي وڃن ٿا پر ڪجهہ پناڻ پاڙيسرين جي مداخلت کين ان ڪان باز رکي ٿي. ساون مل تي خاندان ۽ دوستن پاران لاڳيتو شهر ڇڏڻ ۽ ڀارت لڏي هلڻ لاء دٻاء هجي ٿو پر هو تيار نہ ٿو ٿئي. نيٺ سندس خاندان ڪوئيٽا ڇائوڻي ۾ موجود ڪجهہ دوست آفيسرن جي مدد سان جهاز ذريعي دهلي روانو ٿي وڃي ٿو ۽ هو اتي ئي رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو.

ڪجهہ عرصي ڪانپوء جڏهين سندس پاڙيسري پناڻ سردار، جنهن جي آسري تي هو ڪوئيٽا ۾ رهيل هو، جي ماء کيس اهو چئي ٿي تہ پٽ هاڻي اوهان بہ پنهنجي گهر هليا وڃو اسان گهڻي دير تائين تنهنجي حفاظت نہ ٿا ڪري سگهون تہ کيس محسوس ٿئي ٿو تہ هاڻي مذهب سندس قوميت ۽ وطن جو تعين ڪندو ۽ هي زمين هاڻي سندس لاء اجنبي ٿي چڪي آهي. ان جي باوجود بہ هو اتي رهيل هجي ٿو ۽ پنهنجي نوڪري ڪندو رهي ٿو. ٿوري وقت ڪانپوء هو موڪلن تي دلي پنهنجي خاندان سان ملڻ وڃي ٿو ۽ پوئتي ضروري ڪمن جي حوالي سان جلدي موٽڻ جي ڪري ٿو پر سندس گهر وارا کيس موٽڻ نہ ٿا ڏين ۽ زال جي بيماري جو بهانو ڪري پاڪستان حڪومت کي سندس موڪل جي درخواست موڪلي ڇڏين ٿا ۽ اهڙي ريت هو ڀارت ۾ رهجي وڃي ٿو نہ تہ ٻي صورت ۾ هو ڇڻ هميشہ لاء پنهنجي خاندان کان ڌار ٿي وڃي ها. جيئن تہ هن پاڪستان سول سروس جي چونڊ ڪئي هئي ان ڪري ڀارت جي سرڪار کيس فوري طور نوڪري نہ ٿي ڏئي ۽ ڪجهہ ماڻهن پاران تہ کيس پاڪستان جو جاسوس ڪري ليکيو ٿو وڃي. پوء جڏهين کيس نوڪري تي بحال ڪيو وڃي ٿو تہ اهو بہ گهٽ عهدي تي.

معاشي طور تي ساون مل جو خاندان نهايت تڪليف واري زندگي گذاري ٿو. ڪليم ۾ ان کي سندس سوٽن سان گڏ ئي زرعي زمينون ملن ٿيون جيڪي اهي سوٽ پاڻ ئي هضم ڪري وڃن ٿا ۽ ان جي آمدني جو ڪو حصو ان کي نہ ٿو ملي. ساڳي ريت کين پناهگيرن وارن فليٽن ۾ رهڻو ٿو پئي جيڪا ڳالهہ خاص طور تي سندس زال، جنهن ڪوئيٽا جي هڪ شاندار گهر ۾ زندگي گذاري هئي، لاء نهايت تڪليف واري هجي ٿي ۽ نفسياتي طور تي ان کي هڪ بحران جو شڪار ڪري ڇڏي ٿي. لڏپلاڻ جو اهو عمل ۽ ماحول ۽ معاشي حالتن ۾ تبديلي خاص طور تي عورتن لاء نهايت تباه ڪن ثابت

ٿئي ٿي. هڪ موقعي تي ساون مل جي ڏي شڪنت پڻ هڪ نفسياتي صدمي جو شڪار ٿي بلڪل ماٺ ٿي وڃي ٿي ۽ ڪجھ عرصي ڪانپوءِ جڏهين حالتن ۾ ڪجھ سڌارو اچي ٿو ته سندس حالت به نيڪ ٿئي ٿي.

دهلي ان لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ جڻ پنجابين سان ڀرجي ويو هو. ان ۾ گهڻو ڪري اوڀر پنجاب جا اهي پنجابي هئا جيڪي اولهه پنجاب ۾ نهري نظام جي قائم ٿيڻ جي ڪري اتي اچي آباد ٿيا هئا ۽ هاڻي وري جڻ واپس اوڀر پنجاب ۽ دلي ۾ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا هئا. اهي پنهنجي ٻولي رک رکاءُ، اٿ ويه ۽ طور طريقن جي لحاظ کان اولهه پنجاب جي ماڻهن کان گهڻو مختلف هئا ۽ منجهن هڪ واضح فاصلو هو. ليکڪا ان ڳالهه تي افسوس ڪري ٿي ته اها اهم ڳالهه ته هئي ته اولہ پنجاب جا ماڻهو پنهنجو مال ملڪيت ۽ گهر ٻار پوئتي ڇڏي آيا هئا پر ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته اهي پنهنجي ثقافت، ٻولي، ماحول، رسم رواجن ۽ پنهنجي ڌرتي کان ڌار ٿي ويا هئا ۽ ڪين هڪ اوپري ماحول ۾ اوپرن ماڻهن سان رهڻو پئجي رهيو هو. سندس چواڻي جيڪڏهين انگريز ورهاڱي جي رٿابندي جي سلسلي ۾ واضح هجي ها ته اهي فساد، ايترن بي گناه ماڻهن جو قتل عام ۽ ايڏي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ نہ ٿئي ها. هڪ ته انگريز جي هندوستان مان وڃڻ جي تاريخ کي جون 1848 مان آگسٽ 1947 تي آندو ويو ۽ ٻيو خاص طور تي پنجاب جي حوالي سان لاهور، امرتسر ۽ فيروزپور جي لاءِ اهو شروعات ۾ فيصلو نہ ڪيو ويو هو ته اهي ڪهڙي ملڪ ۾ شامل هوندا. ان ڪري ٻنهي ڌرين پاران انهن شهرن جي آبادي جي توازن کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ فسادن کي هوا ڏني ويئي.

هڪ مثبت انداز ۾ ڪتاب جي پڄاڻي ڪندي ليکڪا اهو چئي ٿي ته جيڪي ڪجھ اسان سان ٿيو اهو ساڳيو انهن سان به ٿيو جن کي ڀارت کان پاڪستان ڏانهن لڏڻو پيو. بهرحال اسان پاڪستان جي سرزمين ۽ اتان جي ماڻهن کي پنهنجو سمجهي انهن سان محبت ڪيون ٿا ۽ انهن جي لاءِ نيڪ خواهشون رکون ٿا. ورهاڱي جي ٻين لکڻين ۽ ڪتائن جيان اهو ڪتاب به ساڳي ريت ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو ته لڏپلاڻ ڪندڙن جي ٽين پيڙهي، پوءِ اهي پاڪستان ۾ هجن يا ڀارت ۾ اجا تائين پنهنجي سڃاڻپ جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن ۽ ان جي ڳولها ۾ آهن.

# سرسوتي: هڪ ڏند ڪٿا ۽ حقيقت

ذهني تصورحقيقي شين کان وڌيڪ مضبوط حيثيت رکندا آهن. اهڙي ريت  جڏهين ڏند ڪٿائون حقيقت جو روپ وٺنديون آهن ۽ حقيقتن سان آمهون سامهون ٿينديون آهن تہ گهڻن ماڻهن لاءِ پهرين تہ هڪ صدمي جو باعث هونديون اهن ۽ پوءِ آهستي آهستي  پنهنجي ڪشش ۽ ڇڪ وڃائي ڇڏيندون آهن. سرسوتي دريا هڪ لحاظ کان ڇڻ نندي ڪنڌ جي ماڻهن جي لاشعور جو هڪ حصو آهي. ان جو ذڪر رگ ويد ۾ ٻاهتر ڀيرا آيو آهي جڏهين تہ ٻين ويدن ۾ ان جو ذڪر گهٽ ملي ٿو.  ساڳي ريت مها ڀارت ۽ پرانن وغيره ۾ پڻ ان جو ذڪر آيو آهي پر ان جي حيثيت هڪ ڏند ڪٿا جي ئي رهندي آئي آهي. مذهبي لحاظ کان ان جي هڪ اهم حيثيت رهي آهي. ان کي برهما يعني خالق ۽ پيدا ڪندڙ جي پتني ڪري ليکيو ويندو آهي. اڳ سچ گرهڻ جي وقت ڪروڪيشتريا ۽ ٿانيسر جي مقام تي سرسوتي جي ڪناري عبادت ٿيندي هئي. دريا جي ٻنهي گاه سان ڀريل ڪنارن تي پورو رهندا هئا. ٻيما ۽ ڏريودنا جي وچ جنگ بہ دريا جي  ڏاڪٽي پاسي ان مقام تي ٿي جتي گهٽي مٽي نہ هئي. هن وقت هندو مذهب ۾ سرسوتي جي حيثيت هڪ نظر نہ ايندڙ دريا ۽ ديوي جي آهي. اهڙي ريت الہ آباد ۾ ٽن دريائن گنگا، جمنا ۽ نظر نہ ايندڙ دريا سرسوتي جي گڏجڻ جو هنڌ آهي جنهن کي ترياگا يا ٽن ديوين جي گڏجڻ جو هنڌ چيو وڃي ٿو ۽ جتي ڪنڀ ميلو لڳندو آهي. هندن جي پوتر ڪتابن ۾ سرسوتي جي حيثيت ٻين دريائن کان مٿانهين آهي جنهن جي تعريف ڪندي چيو وڃي ٿو تہ تنهنجي شاندار ۽ پوتر پاڻي سان سڄي ڪائنات ڀريل آهي. جڏهين تہ گنگا، جيڪا برهما جو اولاد آهي، کي سرسوتي جو اوتار چيو وڃي ٿو.

انگريزن هندوستان جي ماڻهن سان گهڻا ظلم ڪيا پر ساڳي وقت انهن کي سندن ڪيل ڪجھ چڱن ڪمن جو ڪريڊٽ پڻ ڏيڻ گهرجي. انهن ڪمن مان هڪ اهم ڪم اهو هو تہ انهن ملڪ جي مختلف علائقن جي جاگرافي، اتان جي قدرتي وسيلن، جهنگلن ۽ دريائن وغيره جي سروي جو ڪم پڻ ڪيو. ليڪ مائيڪل ڊينينو پنهنجي ڪتاب  The lost River: On the Trail of Sarasvati ۾ ان بظاهر ڏندڪٿائي دريا جي حقيقت کي ڄاڻڻ لاءِ انفرادي ۽ سرڪاري طور جيڪي ڪوششون ڪيون ويون انهن جو جائزو ورتو آهي. ليڪ 1956 ۾ فرانس ۾ پيدا ٿيو. ايڪويہ  سالن جي عمر ۾ هو هندوستان آيو ۽ هاڻي اتي ئي رهيل آهي. آرڪيالوجي سميت مختلف موضوعن تي تحقيق سان گڏوگڏ هن 2010 ۾ هي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب لکيو.

اوڻويهين صدي ۾ سرسوتي جي پندرنهن سو ميل ڊگهي پيٽ کي دريافت ڪيو ويو.هن ڪتاب ۾ سرسوتي متعلق تاريخي ۽ موجوده تحقيق جا حوالا ڏنا ويا آهن ۽ مختلف نڪتہ نظر پيش ڪيا ويا آهن. رگ ويد موجب هماليہ جي شولڪ مان شروع ٿيندڙ هي دريا اولہ ڏانهن سفر ڪندي هريانا ۽ اچڙي ٿروغيره  مان ٿي ڪڇ ۾ سمنڊ تائين وڃي ٿو جڏهين تہ رگ ويد کان پوءِ لکيل مهاڀارت موجب اهو ريگستان ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿو. ڪارڻ اهو آهي تہ ممڪن آهي تہ رگ ويد ۽ مهاڀارت جي لکڻ جي وچ واري عرصي ۾ دريا جي وهڪري ۽ پاڻي جي مقدار ۾ ڪي تبديليون آيون هجن.

رگ ويد ۾ پنجاب جي پنج دريائن، سنڌو ۽ سرسوتي کي ستن ڀينرن سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي. اهي دريا ڏهن کان ٻارنهن هزار سال اڳ هماليہ جي گليشيئرن جي پگهرڻ جي ڪري وجود ۾ آيا هئا. انهن سيني ۾ سرسوتي جي حيثيت مقدم هئي. هي دريا اوڀر کان اولهہ ڏانهن وهندو هو ۽ ان جي هڪ پاسي ستلج ۽ ٻئي پاسي جمنا هوندا هئا. جمنا جو وهڪرو جڻ تہ پنجاب ۽ گنگا وچ ۾ سرحد هوندي هئي. هڪ لحاظ کان ان کي سنڌو ۽ گنگا تهذيبن جي وچ هڪ پل جو نالو بہ ڏنو وڃي ٿو. انهن ٻنهي جو پاڻي سرسوتي کي ملندو هو. ستلج تہ اڪثر پنهنجن وهڪرن بدلائڻ لاءِ ڄاتو وڃي ٿو. ليڪ جو چوڻ آهي تہ ممڪن آهي تہ زلزلن ۽ ٻين قدرتي تبديلين جي ڪري زمين جي سطح مٿي ٿي هجي ۽ اهڙي ريت دريائن جي وهڪرن ۾ تبديلي آئي هجي. ستلج اولهہ ڏانهن پنهنجو وهڪرو بدلائي بجائي سرسوتي کي پاڻي ڏيڻ جي وڃي بياس سان مليو جيڪو اڳتي هلي سنڌو جو حصو ٿي بڻيو. اهڙي ريت جمنا پنهنجو وهڪرو اوڀر ڏانهن بدلائي گنگا جو حصو ٿي ٿيو. اهو چئي سگهجي ٿو تہ سرسوتي کي ملندڙ پاڻي ٻن وڏن دريائن سنڌو ۽ گنگا پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو. اهو سڄو معاملو فوري طور نہ ٿيو هو پر اهو اٽڪل 2600 قبل مسيح کان شروع ٿي 1900 قبل مسيح ۾ پنهنجي انتها تي پهتو. هن وقت گهگهر ۽ هاڪڙي جي وهڪري کي سرسوتي جو وهڪرو ڄاڻايو وڃي ٿو جڏهين تہ هماليہ مان ساڳئي شولڪ جي جاءِ تان هڪ ننڍو چشمو نڪري ٿو جنهن کي بہ سرسوتي چيو وڃي ٿو پر ان ڳالهہ تي محقق متفق ناهن تہ سرسوتي جنهن جو ايڏو گهڻو ذڪر ۽ ايڏي تاريخي حيثيت آهي اهو ان ننڍي چشمي جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو. مذهبي لحاظ کان ڏسجي تہ مهاڀارت ۾ چيو ويو آهي تہ سرسوتي جي رت هاڻو پاڻي سمنڊ ڏانهن ڪٽي وڃڻ جي ڪري وشوامترا ان کي پاراتو ڏنو هو جنهن جي ڪري ان جو پاڻي گهٽجي ويو هو ۽ اهو سڪي ويو هو. ان مان اهو نتيجو بہ ڪڍي سگهجي ٿو تہ دريا جي ڪناري ڪي جنگون ٿيون هونديون جن ۾ رتوڇاڻ جي ڪري دريا جو پاڻي رت هاڻو ٿي پيو هو.

ساڳي وقت ليڪ ان جي مخالف نڪتہ نظر کي پڻ پيش ڪيو آهي جنهن جو چوڻ آهي تہ ان دريا جي ڪا حقيقت ناهي پر اها رڳوهڪ ڏند ڪٿا آهي. گهڻن جو خيال آهي تہ اهڙو ڪو دريا هندوستان ۾ نہ هو. اهو ممڪن آهي تہ اهو افغانستان وغيره ۾ هجي ۽ آريا جڏهين هندوستان ڏانهن آيا هئا تہ انهن اتي نڪاڻو ڪيو هجي. هتي اچڻ ڪانپوءِ انهن ان دريا جي ياد ۾ اهي سڀ داستان ناهيا ۽ جيڪو سرسوتي جي نالي سان چشمو آهي ان کي اهو نالو ڏنو . پر هڪ ننڍي چشمي لاءِ اها ڳالهہ گهڻن کي آئڙي نہ ٿي. ان حوالي سان خاص طور ڀارت جي ناميار تاريخدان عرفان حبيب جو حوالو ڏنو وڃي ٿو جنهن جو چوڻ آهي تہ اهو هڪ دريا ناهي پر ٽن چئن دريائن کي گڏي اهو نالو ڏنو ويو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ان کي هڪ ريگستان جو دريا چئي سگهجي ٿو جيڪو ريگستان ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿو. پر ليڪ ان ڳالهہ کي صحيح نہ ٿو سمجهي. ان ڳالهہ جي ثبوت طور هو ٻڌائي ٿو تہ چولستان ۾ سرسوتي جي پيٽ ۾ هن وقت بہ منو پاڻي ملي ٿو جڏهين تہ جيسلمير ۾ دريا جي پيٽ ۾ ڏہ لک ٽيوب ويل اٽڪل چاليہ سالن تائين هلي سگهن ٿا. هو مختلف تحقيقن ۽ تاريخي حوالن سان ان ڳالهہ کي ثابت ڪري ٿو تہ سرسوتي حقيقت رهيو آهي ۽ ان جي ڪنارن تي ائين مختلف تهذيبن جنم ورتو آهي جيئن سنڌو ۽ ٻين مختلف دريائن جي ڪنارن تي شهر آباد ٿيا ۽ تهذيبن جو جنم ٿيو. ايندڙ مضمون ۾ ان ڳالهہ جو جائزو ورتو ويندو.

# سنڌو تهذيب: شهر، ماڻهو ۽ انت

انگريزن پنجاب تي قبضي ڪانپوءِ ملتان کان لاهور تائين 160 ڪلوميٽر ڊگهي ريلوي لائين تي وڏي جنهن جي لاءِ ڪين وڏي مقدار ۾ سرن جي ضرورت هئي. فوري طور ان جو بندوبست ڪرڻ ڏکيو ڪم هو. ساهيوال کان چوويھ ڪلوميٽر کن جي فاصلي تي راوي دريا جي ڪناري هڙپا نالي ڳوٺ جي ويجهو انهن کي سرن جو هڪ وڏو ڍير نظر آيو. ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته انهن ايسٽائين ته ريل جا ڳاڌا پري اتان سرون ڪنيون. پر انهن جيئن سرن ڪٽڻ لاءِ کوٽائي شروع ڪئي ته ڪين اتي پراڻي شهر جا آثار نظر آيا. اهو پراڻو هڙپا شهر هو ۽ ان جي ويجهو ئي هڙپا جي نالي سان ئي نئون ڳوٺ آباد ڪيو ويو هو. جيستائين اتي آرڪيالاجي جا ماهر پهتا تيستائين سرن ڪڍڻ وارن انهن آثارن کي گهڻو نقصان پهچايو هو. اها موئين جي دڙي کان به اڳ سنڌو تهذيب جي آثارن جي پهرين دريافت هئي. ان ڪري سنڌو تهذيب کي متبادل طور هڙپا تهذيب جو نالو پڻ ڏنو ويندو آهي.

موئين جو دڙو جي دريافت ان کان پوءِ ٿي. هڙپا ۽ موئين جو دڙو جي وچ ۾ راوي، چناب ۽ سنڌو جي وسيلي اٽڪل اٺ سو ڪلوميٽر جو سفر طئي ڪرڻو پئي ٿو. ليکڪ جو چوڻ آهي ته هيستائين اٽڪل اهڙين 1140 جاين جي نشاندهي ٿي آهي پر انهن مان رڳو ڏه سيڪڙو جي کوٽائي ٿي سگهي آهي ۽ جيڪڏهين کوٽائي جي سيني مرحلن کي شامل ڪيو وڃي ته اهو پنج سيڪڙو کان به گهٽ آهي. اهو ڪم جيئن اڳتي وڌي ٿو ته نيون شيون دريافت ٿين ٿيون ۽ پراڻن نظرين کي رد يا انهن ۾ ڦير گهير ڪرڻي پئي ٿي. جيئن بلوچستان ۾ مهرڳڙه جي آثارن جي دريافت کانپوءِ سنڌو تهذيب جو مدو پنج هزار سالن کان وڌي ست هزار سالن کي وڃي پهتو

موئين جو دڙو جي دريافت ڪندڙ جان مارشل موجب هندوستان جي اٺ لک ڪلوميٽر يا پنجويھ سيڪڙو حصي کي هڙپا ڪلچر ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. سنڌو جي سلطنت 2600 قبل مسيح ۾ 2000 ڪلوميٽرن ۾ ڦهليل هئي پر ان جي ڪا مرڪزي حڪومت نه هئي، نه ئي ڪا مضبوط فوج هئي ۽ نه ئي ڪو بادشاهه هو. وڏن شهرن ۾ ڪائونسلون هونديون هيون جيڪي انهن جو انتظام هلائينديون هيون. فوج کان وڌيڪ انهن جو زور واپار ۽ مذهب تي هوندو هو. ليکڪ جو چوڻ آهي ته سنڌو تهذيب جي شهرن ۾ ڪشتري يا ويڙهاڪ طبقو نه ٿو ملي. اهو بنيادي طور هڪ پرامن سماج هو. هتان تير ۽ ٽامي جا ٻيا هٿيار مليا آهن جيڪي جنگ لاءِ نه پر شڪار وغيره لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. اهو واپار نه رڳو انهن شهرن جو پاڻ ۾ هوندو هو پر ان وقت جي معلوم دنيا جي ٻين علائقن سان پڻ هوندو هو.

موئين جو دڙو ان تهذيب جو هڪ اهم شهر هوندو هو بلڪ ائين چئجي ته وڏاءَ نه ٿيندو ته اهو هڪ لحاظ کان ان جي گادي جو هنڌ هو. مارشل ان شهر کي 3250 قبل مسيح کان 2750 قبل مسيح جي وچ واري عرصي جو ٻڌائي ٿو جيڪو 2600 قبل مسيح ۾ پنهنجي عروج تي پهتو. 1900 قبل مسيح تائين اهو عروج رهيو ۽ پوءِ ان جو زوال شروع ٿيو جيڪو 1300 قبل مسيح ۾ شهر جي ختم ٿيڻ تي منتج ٿيو.

موئين جو دڙو جو شهر 200 کان 300 هيڪٽر تي ڦهليل هو. شهر جي ڪل آبادي اٽڪل چاليهه هزار هئي. شهر جي مٿانهين حصي تي حڪمران ۽ امير طبقي جا گهر ٺهيل هئا جڏهين ته هيٺانهين تي وچولي ۽ هيٺئين طبقي جي رهائش هئي. هتي بادشاهن ۽ اميرن وزيرن جا اهڙا محل ۽ عاليشان گهر نه مليا آهن جيڪي مصر ۽ ميسوپوٽيما وغيره ۾ مليا آهن. هتان جي خاص ڳالهه اها هئي ته هتي حڪمرانن ۽ اعلا طبقي جي پيٽ ۾ عام ماڻهو جي ڀلائي تي وڌيڪ توجهه ڏنو ويندو هو. ان جو مثال ڏيندي ليکڪ ٻڌائي ٿو ته حوض ۽ ڪاڪوس اهڙا ٺاهيا ويندا هئا جن جو ان وقت جي دنيا ۾ ڪو مثال نه هو. اٽڪل ٻه هزار سال پوءِ اهي روم ۾ اسان کي ملن ٿا. اهڙي ريت انهن جي لاهي ٺاهي ويندي هئي جو سڄو گند ٻاهر نالين ۾ ويندو هو. جيئن ته انهن نالين کي باقاعدي صاف ڪرڻ جو بندوبست هوندو هو جنهن مان اها خبر پئي ٿي ته هتي شهري سهولتن لاءِ ميونسپل ڪائونسلن وغيره جو انتظام پڻ هو. ساڳي ريت پاڻي جي لاءِ ڇهه سو کان ست سو کوه هئا جن مان شهرين کي سراسري طور پنجٽيهه ميٽر جي فاصلي تي پاڻي ملندو هو.

مذهب جي حوالي سان ليکڪ ٻڌائي ٿو ته پڪ سان اها خبر نه ٿي پئي ته اهي ڇا جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن جو مذهب ڪهڙو هو. ڪٿي ڪٿي مندرن ۽ عبادت گاهن جا نشان مليا آهن. لنگ جهڙي شڪل جون عبادت جون شيون ملن ٿيون. مارشل جي چوڻ موجب موئين ۽ سنڌو تهذيب جي ٻين شهرن جا ماڻهو جانور پاليندا هئا ۽ گوشت به کائيندا هئا. ساڳي ريت هتان ٽن مٿن واري لارڊ شيوا، جنهن کي جانورن جو ديوتا چيو وڃي ٿو، جي مورتي به ملي آهي. ڏند ڪٿائي جانورن کي ڪنول جي گل جي صورت ۾ مراقبي ۾ ڏيکاريو ويو آهي. يوگا جو تصور ان دور ۾ پيش ڪيو ويو هو. باهه جي پوڄا جا آثار سنڌوتهذيب جي شهرن ۾ نه ٿا ملن. جڏهين ته اهي انهن شهرن ۾ ملن ٿا جيڪي سرسوتي جي ڪناري آباد رهيا آهن. مري ويلن جي لاشن کي گهڻي ڀاڱي ساڙيو ويندو هو. قبرن جا نشان گهٽ ٿا ملن. اهي قبرون به ائين ناهن جيئن مصر وغيره ۾ مليون آهن جتي مردي سان گڏ قبر ۾ سندس ضرورت جو هر سامان رکيو ويندو هو.

مصر ۽ بابل وغيره جي تهذيبن متعلق تفصيلي ڄاڻ هئڻ جو هڪ اهم ڪارڻ اهو به آهي ته ماهرن اتان جي ٻولين کي پڙهي ورتو آهي. پر سنڌو تهذيب جي ٻولي گهڻين ڪوششن جي باوجود اڃا به هڪ اسرار بڻيل آهي. جيڪي نشان ۽ تصويرون وغيره مليون آهن انهن ۾ رڳو ڪجهه ٽڙوڪڙ اکر ئي ملن ٿا ۽ تفصيلي طور ڪا شي نه ٿي ملي. ماهرن جو خيال آهي ته اهي بي ترتيب انگ اکر شايد واپار جي مقصد ۽ حساب ڪتاب لاءِ ڪم ايندا هجن. اهو چيو وڃي ٿو ته سنڌو تهذيب جي علائقن ۾ برهمي ٻولي استعمال ٿيندي هئي جيڪا 1800 قبل مسيح ۾ غائب ٿي ويئي ۽ وري 500 قبل مسيح ۾ ظاهر ٿي جنهن جي ڪري ان تهذيب متعلق مڪمل ۽ تفصيلي معلومات نه ملي سگهي آهي.

ٻين گهڻين ڳالهين وانگر اهو پاڻ هڪ اسرار آهي ته سنڌو جي تهذيب ۽ خاص طور موئين جو دڙو جو زوال ڪيئن ٿيو ۽ ان ۾ ڪهڙا عنصر ڪارفرما هئا. ان سلسلي ۾ مختلف خيال ۽ نظريا پيش ڪيا وڃن ٿا. هڪ خيال اهو آهي ته اهو ٻاهرين حملي آورن جي ڪري ٿيو. جيتوڻيڪ آثارن مان گهڻين ۾ پيل رڳو هڪ لاش ملي آهي ۽ اهڙي ريت ان جا ڪي واضح ثبوت نه ٿا ملن. اهو ان ڪري به آهي ته ليکڪ جو خيال آهي ته اهو زوال فوري طور نه ٿيو پر ان ۾ پنج ڇهه سو سالن جو عرصو لڳو. ممڪن

آهي ته شهر جي ماڻهن ۾ خاص طور حڪمران طبقي ۾ اختلاف ۽ انتشار پيدا ٿيو هجي. هڪ ٻئي اهم عنصر جي نشاندهي ڪئي وڃي ٿي ۽ اهو آهي ماحول ۾ تبديلي ۽ ان جا اثر. وڻن ڪي وڍڻ ۽ جهنگلن ڪي ماڻهن ۽ جانورن پاران گهڻي استعمال ۾ آڻڻ جي ڪري جهنگلن ڪي گهڻو نقصان پهتو. نتيجي ۾ هڪ پاسي مينهن گهٽجي ويا ۽ ٻئي پاسي دريا جي وهڪري ۾ تڪڙيون تبديليون واقع ٿيڻ شروع ٿيون ۽ ٻوڏن جو تعداد وڌي ويو. انهن امڪانن تي ان ڪري به زور ڏنو وڃي ٿو ته وقت سان گڏوگڏ شهري سهولتن جي معيار ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي جنهن جو هڪ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ انت ٿيو.

## سنڌو سرسوتي تهذيب: ڪجھ سوال

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي قديم آثارن جي تحقيق جي ڪم کي وڏو نقصان پهچايو. ان وقت تائين چاليھ کن قديم آثاردريافت ٿي چڪا هئا ۽ انهن مان گهڻا ان خطي ۾ هئا جيڪو پاڪستان جي حصي ۾ آيو هو. اهڙي ريت جن محققن جو ڀارت سان تعلق هو انهن لاءِ هن نئين ملڪ ۾ ڪم ڪرڻ ڏکيو هو. انهن ۾ گهڻن ڀارت جي پهرئين وزيراعظم جواهر لال نهرو کي درخواست ڪئي ته کين ڪڇ، پنج، راجستان، هريانا ۽ ملڪ جي ٻين علائقن ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي جتي خاص طور سرسوتي جي پيٽ جي حوالي سان ان تهذيب جي گهڻن آثارن جي ملڻ جي توقع هئي. نهرو پاران اهڙي اجازت ڏني وئي ۽ فنڊ وغيره به مهيا ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ ايستائين گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي ۽ ڪجھ وقت اڳ تائين ننڍي کنڊ ۾ دريافت ٿيل آثارن جو تعداد اٽڪل 3700 ٿي ويو هو.

جيڪي آثار مليا آهن، انهن جو اٽڪل پنجويھ سيڪڙو گجرات ۾ آهي جنهن مان اٽڪل ٽيٽيھ سيڪڙو ترقي ڪيل شڪل ۾ آهن. ماهرن جو خيال آهي ته اتر راجستان ۾ ڪالي بنگن ۾ جيڪي آثار مليا آهن انهن مان خبر پيئي ٿي ته اها تهذيب موئين جو دڙو ۽ هڙپا کان به اڳ جي آهي. انهن ۾ ڪجھ ڳالههيون ته سنڌو تهذيب سان مشابهت رکن ٿيون پر ڪجھ اهڙيون به آهن جيڪي سنڌو تهذيب کان مختلف آهن. مثال طور هتي باه جي پوڄا ڪئي ويندي هئي جيڪا ڳالهه سنڌو تهذيب جي شهرن ۾ نه هئي. ساڳي ريت هتي لوٿل جي جاءِ تي سمنڊ جي ديوي وينووتي ماتا جي پوڄا جا آثار ملن ٿا جيڪا ڳالهه سنڌو تهذيب ۾ ناهي. انهن دريافتن جي بنياد تي اهو خيال پيش ڪيو وڃي ٿو ته ان پراڻي تهذيب جو مرڪز سنڌ نه پر بيڪانير ۽ جيسلمير هئا جتان سرسوتي وهندو ڪڇ نار ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو هو. ان بنياد تي ليڪڪ اهو خيال پيش ڪري ٿو ته ان تهذيب کي بجائي سنڌو تهذيب جو نالو ڏيڻ جي سنڌو سرسوتي تهذيب چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو. ساڻس ڪجھ ڄڻا ته متفق آهن پر ان ڳالهه کي اجا عام قبوليت حاصل نه ٿي سگهي آهي.

ننڍي کنڊ ۾ آرين جي اچڻ ۽ هتان جي اصلوڪن رهاڪن سان سندن ورتاءَ جو معاملو هڪ وڏي بحث جو موضوع آهي ۽ هڪ لحاظ کان سرسوتي جي ڏند ڪٿا يا حقيقت جو معاملو به ان سان لاڳاپيل آهي. عام خيال ته اهو آهي ته آريا ٻاهران ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ وغيره مان آيل حملي آور ۽ ڌاريان آهن جن هتان جي اصلوڪن رهاڪن، جن کي دراوڙ چيو وڃي ٿو، تي حاوي ٿي متن پنهنجو مذهب، ديويون، ديوتائون، ٻولي ۽ ثقافت وغيره مڙهي. جڏهين ته ان جو مخالف اهو خيال پيش ڪيو وڃي ٿو

ته اهي ٻاهران آيل نه پر هتان جا ئي مقامي ماڻهو هئا. ٽيون خيال اهو پيش ڪيو وڃي ٿو ته اهي هتان جا مقامي ماڻهو هئا جيڪي ڪن حالتن جي ڪري لڏي ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا هئا ۽ پوءِ حالتن جي سازگار ٿيڻ تي موٽي آيا هئا. جن جن ملڪن ۾ اهي رهيا اتان جي ٻولين ۽ ثقافت وغيره تي سندن اثر اچا به ملن ٿا. ويدن جي حوالي سان به هڪ رايو ته اهو آهي ته سنڌو جي ڪناري تي ويهي لکيا ويا ۽ ان جي ساراهه ڪئي ويئي جڏهين ته ٻيو رايو اهو پيش ڪيو وڃي ٿو ته اهو پوتر دريا جنهن جي ڪناري ويد لکيا ويا اهو سنڌو نه پر سرسوتي هو.

هڪ رايو آهي ته 1900 قبل مسيح ۾ هڙپا تهذيب جي زوال ۽ 1200 قبل مسيح ۾ آرين جي اچڻ ۽ هندوستاني سماج جي نئين سر تنظيم ڪرڻ ۾ اٽڪل ست سو سالن جي هڪ ڪاري رات ۽ وقفو آهي. پر ليڪڪ ان خيال سان متفق ناهي. سندس چوڻ آهي ته اهڙي ڪنهن ڪاري رات جو وجود ناهي. پر اهو هندوستاني تهذيب جو هڪ تسلسل آهي جيڪو هلندو آيو آهي ۽ ست سو سالن جو اهو عرصو ان جي نئين سر تنظيم ۽ هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿيڻ جو عمل آهي. دريا جي ختم ٿي وڃڻ جي ڪري گهڻا شهر ۽ آباديون ختم ٿي ويون ۽ ماڻهن کي مجبور ٿي ٻين علائقن ڏانهن لڏڻو پيو. گهڻا گنگا ۽ جمنا جي ڪنارن تي وڃي آباد ٿيا. گهڻا برهمڻ ڪشمير، ڪيرالا ۽ ڪرناٽڪا وغيره ڏانهن لڏي ويا. اهڙي ريت اهي ماڻهو جيڪي سرسوتي جي ڪنارن تان لڏي گنگا ۽ جمنا جي ڪنارن تي آباد ٿيا ٻاهران حملي آور نه هئا جن اچي قرمار ڪئي ۽ هتان جي ماڻهن کي غلام بڻايو پر اهي هتان جا اصلوڪا ماڻهو هئا جيڪي شروع کان ئي هتي رهيل هئا.

ان جي لاءِ هو اهو ثبوت پيش ڪري ٿو ته ويد ان وقت لکيا ويا جڏهين سرسوتي پنهنجي عروج تي هو جڏهين ته ٻارنهين تيرنهين صدي قبل مسيح ۾ آرين جي هندوستان ۾ اچڻ جو جيڪو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ان وقت دريا گهڻي ڀاڱي گم ٿي چڪو هو. ان ڪري ان کي صحيح نه ٿو مڃي سگهجي.

پر تاريخدان عرفان حبيب ان نظرئي کي صحيح نه ٿو سمجهي. هو پهرين ڳالهه ته سرسوتي جي هئڻ سان ئي اختلاف ڪري ٿو. ٻي ڳالهه ته سندس چوڻ آهي ته ان نظرئي کي پيش ڪرڻ جو مقصد هڪ لحاظ کان دراوڙن کي پنهنجي تاريخي ڪردار ۽ ورثي کان محروم ڪرڻ آهي.

هن وقت الميو اهو آهي ته ڀارت ۾ تاريخ اهڙو موضوع ۽ سائنس نه رهي آهي جنهن کي معروضي ۽ اڻ ڏريو ٿي پرکي سگهجي. خاص طور بي جي پي جي حڪومت اچڻ ڪانپوءِ تاريخ به جڻ هڪ سياسي هٿيار ٿي پيو آهي. هڪ لحاظ کان نسل پرستي ۽ مٿيرائپ جو جيڪو تصور آهي ان کي صحيح ثابت ڪرڻ آهي ۽ صدين کان جن ماڻهن حڪمراني ڪئي آهي انهن جي لاءِ اهو جواز پيش ڪرڻ آهي ته اهي ڪي ڌاريان ۽ ٻاهران آيل ماڻهو نه پر هتان جا ئي اصلوڪا رهاڪو آهن.

اها به ڳالهه آهي ته محققن ۽ عالمن جو پنهنجي ليکي هڪ موقف ۽ نظريو هوندو آهي ۽ اهي ڪوشش ڪندا آهن ته ان کي درست ثابت ڪن ۽ ساڳي وقت ان تحقيق لاءِ سرڪاري سرپرستي ۽ فنڊنگ وغيره به ضروري شيون آهن. ان ڪري اهي هدف حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جيڪي گهڻي ڀاڱي سرڪار پاران ڪين ڏنا ويندا آهن. بهرحال ان موضوع تي بحث جي ختم ٿيڻ ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ في الحال ممڪن نه ٿو لڳي.

# سرگردان سنسار ۾

سرگردان سنسار ۾ محمد قاسم ميرجت جو سندس زندگي جي مختلف پاسن جي حوالي سان لکيل ڪالمن جو مجموعو آهي. ليکڪ هن وقت وڪيل آهي ۽ ڪجهه وقت کان اسلام آباد ۾ رهي ٿو پر سندس سڄي زندگي سنڌ ۽ گهڻي ڀاڱي سياست جي ميدان ۾ گذري آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه وقت آئون به ان سياسي جماعت، سنڌي عوامي تحريڪ، ۾ رهيس پر قاسم، جيڪو پارٽي ۾ نذر جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ۽ مون سميت گهڻن ڪي سندس اصل نالي جي خبر نه هوندي هئي، سان گهڻو لهه وچڙ ۾ نه اچي سگهيس. جيتوڻيڪ عالم شاهه، فاضل راهو، گل حسن ڪيڙانو سان واسطو پوندو هو پر قاسم سان گهڻي ويجهڙائي نه ٿي سگهي.

هي ڪتاب جيڪڏهين بجائي ڪالمن جي ڳُٽڪي جي، ليکڪ جي زندگي جو پيرائتو احوال هجي ها ته ڳالهه کي سمجهڻ ۽ ان تي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿئي ها. اهو ليکڪ جي زندگي ۽ سياست جو هڪ وکريل احوال آهي. ان ڪري مختلف جاين تي ورجاء جو شڪار پڻ ٿي وڃي ٿو. ماڻهو جي زندگي جا سڀ پاسا، سندس خاندان، پڙهائي، روزگار ۽ سياسي ۽ سماجي سرگرميون وغيره هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن ۽ هڪٻئي تي اثرانداز ٿينديون آهن. انهن کي هڪٻئي کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي.

قاسم گهڻي ڀاڱي سنڌي عوامي تحريڪ يا عوامي تحريڪ سان ئي لاڳاپيل رهيو آهي. هن ان جماعت کي پنهنجي زندگي جو بهترين حصو ڏنو آهي. هوِ اجا به ذهني طور جڻ پاڻ کي ان جو حصو ئي سمجهي ٿو. هن ڪتاب ۾ هڪ لحاظ کان هن جڻ پنهنجي ان سڄي عمل جو جائزو ورتو آهي پر ساڳي وقت هو ڪنهن ٻي سياسي جماعت ۾ به شامل نه ٿيو آهي.

ڪتاب مان اهو پوري ريت تاثر ملي ٿو ته ليکڪ مختلف وقتن ۾ پارٽي جيڪي پاليسيون اختيار ڪيون ان تي هن ان وقت ته من وعن عمل ڪيو پر هاڻي پري ويهي هو انهن جو تنقيدي جائزو وٺي ٿو ۽ انهن جي نفعي ۽ نقصان کي ڏسي ٿو. انهن سڀني جو ذميوار هو هڪ فرد کي سمجهي ٿو جيڪو انهن کي ناهڻ ۽ بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هو ۽ ڪنهن به مخالفت کي برداشت نه ڪندو هو.

عوامي تحريڪ جو ان ڊگهي عرصي ۾ پاڪستان جي ڪابي ڌر جي مختلف گروپن سان جيڪو واسطو رهيو انهن جو لاڙو پليجو ۽ سندس دوستن وانگر چين ۽ فڪر مائوزي تنگ ڏانهن هو. اهو لاڙو پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن ۾ ڪميونسٽ تحريڪن جي وکرجڻ جو هڪ اهم ڪارڻ هو. پليجو ۽ سندس ساٿي به ان ڪري ئي پارٽي کان ڌار ٿيا هنا پر ماڻهن کي منجهائڻ لاء ان کي انهن ٻيا نالا ڏيئي ڇڏيا جيئن ته متن ڪا ڳالهه نه اچي. ليکڪ کي پليجي ۽ ان جي دوستن جو پارٽي کان ڌار ٿيڻ جو ذڪر ڪندي ان ڳالهه کي واضح ڪرڻ گهرجي ها.

فاضل راهو جو هاري تحريڪ ۽ پارٽي ۾ هڪ اهم ڪردار رهيو آهي. ايستائين گهڻو ڪري ٿيندو ائين آيو آهي ته فاضل کي پارٽي ۾ هڪ غير متنازعہ اڳواڻ جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. پر ان

ڳالهه کي سچي سياق و سباق ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. پارٽي ۾ پليجو جي مختلف وقتن تي اختيار ڪيل پاليسين ۽ روين جي مخالفت ڪندي ڪافي ڪارڪن ۽ اڳواڻ مختلف وقتن تي ڌار ٿي ويا. ان لحاظ کان جڻ پليجوءَ سندس ساٿي هڪ پاسي هئا ۽ اختلاف ڪندڙ دوست ٻئي پاسي هئا جن کي سچي سنڌ ۾ غدار ۽ انقلاب دشمن ڪري پيش ڪيو ويندو هو. فاضل ان ۾ آخر تائين پليجو سان گڏ ئي بيٺل هو. ليڪڪ ان حوالي سان فاضل جو بچاءُ ڪندي اهو جواز ڄاڻايو آهي ته فاضل اختلاف ڪندڙ ڪارڪنن کي چوندو هو ته بابا پارٽي اسان جو پرجهلو ۽ گهر آهي ۽ اوهان جيڪڏهين مطمئن ناهيو ته پلي ڌار ٿي وڃو. پر ساڳي وقت پارٽي کي نون اتحادن ۽ نين سياسي جماعتن جي ٺاهڻ جي حوالي سان گهڻا پيرا ختم ڪيو ويو فاضل پوءِ به پليجو سان بيٺو رهيو. فاضل جيڪڏهين ڪنهن به موقعي تي پارٽي اڳواڻ جي پيٺ ۾ اختلاف ڪندڙ ڪارڪنن سان گڏ بيٺل هجي ها ته پارٽي جي صورتحال مختلف هجي ها ۽ ليڪڪ سميت پارٽي جا گهڻا بي لوٿ ڪارڪن جن پنهنجيون حياتيون پارٽي کي ارپي ڇڏيون هيون نڌڻڪا ٿي پارٽي مان نه ڪديا وڃن ها.

ڊاڪٽر فيروز احمد پارٽي جي نظرياتي پاسي کي مضبوط ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن واقعي اهو سمجهيو ٿي ته هي پارٽي سنڌ ۾ هڪ انقلابي ڪردار ادا ڪري سگهي پئي. ان جي لاءِ هن هڙان وڙان پارٽي جي مدد ڪئي. جيئن ليڪڪ پارٽي مان بيدخل ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ پارٽي ڪارڪن پاران نڳي ڪري سندس ڳوٺ جي گهر کي هضم ڪرڻ متعلق لکيو آهي تيئن فيروز پارٽي جي ڪجهه معتبر اڳواڻن متعلق ٻڌائيندو هو جن اهڙي ريت سندس پئسا هضم ڪيا هئا. جيتوڻيڪ فيروز جي پارٽي ڇڏڻ جي حوالي سان ليڪڪ جو هڪ مرڪزي ڪردار هو ۽ ان کي ئي ساڻس آخري پيرو ڳالهه ٻولهه لاءِ مقرر ڪيو ويو هو پر هن ابهام کان ڪم وٺندي ڳالهه کي بس ائين مٽاڇري انداز ۾ ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهو ته ٺيڪ آهي ته فيروز پارٽي جي ڪنهن مرڪزي پاليسي ساز اداري جو حصو نه هو، پر جيڪي ان جو حصو هئا انهن جي به ڪيتري اهميت ۽ ڪهڙي حيثيت هئي ان جي وضاحت به ليڪڪ مختلف جاين تي ڪئي آهي، پر ليڪڪ اهو واضح نه ٿو ڪري ته فيروز جا پارٽي سان ڪهڙا اختلاف هئا ۽ سندس ڪهڙو موقف هئو. ڇا ان وقت مرڪزي ادارن جا ڪي فرد فيروز جي موقف سان متفق هئا ۽ جيڪڏهين ائين هو ته پوءِ اهي ان سان گڏ ڇو نه بيٺا. رڳو ڪيس اهو چئي معاملي کي ختم ڪرڻ ته ساٿي اوهان کي پارٽي ضابطي جي پابندي ڪرڻي پوندي ڳالهه کي اجا وڌيڪ منجهائي ٿو. ائين آئون ان ڪري پيو چوان ته فيروز هڪ مهذب نموني سان پارٽي کان پاسيرو ٿي ويو ۽ نه هن نه هن جي ڌار ٿيندڙ ساٿين مان ڪنهن اختلافن کي عام ڪيو ۽ نه ڪا لابنگ ڪئي. پر جڏهين هاڻي پارٽي جي هڪ سينيئر ڪارڪن پاران ان متعلق لکيو پيو وڃي ته انهن ڳالهين جي وضاحت ٿيڻ گهرجي.

ليڪڪ پنهنجي پارٽي ڇڏڻ جي حوالي سان به گهڻي تفصيل ڏيڻ کان لنوايو آهي. جنگشاهي ۾ ٿيل اجلاس ۾ چوندن ۾ ٿيل خرچ جي تفصيل گهرڻ تي صبوح جو ڪيس هڪ پني تي اهو لکي ٻڌايو وڃي ٿو ته اوهان کي پارٽي جي سيني ذميوارين کان آجو ڪيو ويو آهي. ان جي پويان ضرور پارٽي پاليسي وغيره جي حوالي سان ڪي ڳالهيون هونديون يا ليڪڪ جا پارٽي اڳواڻن سان ڪي اختلاف هوندا جيڪي واضح نٿا ٿين.

ليڪڪ ڪجهه عرصو عزيز سلام بخاري سان بہ رهيو آهي. ان حوالي سان ڪتاب ۾ هن هڪ اهم اعتراف ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هڪ ڀيرو ڪنهن ڪم سانگي حيدرآباد وڃڻ ٿيو تہ سوچيم تہ چو نہ لطيف آباد ۾ پليجو سان بہ ملاقات ڪئي وڃي. ان ملاقات ۾ ڪيس عزيز سلام بخاري سان ڪم ڪرڻ متعلق بہ ٻڌايم تہ هن مون کي چيو تہ اوهان پلي ان سان ڪم ڪيو پر قومي مفاد ۾ ڪميونسٽ پارٽي جا لڪل دستاويز مون تائين پهچايو. ليڪڪ جو چوڻ آهي تہ پهرين تہ هن ان ڳالهه کي مڃڻ کان انڪار ڪيو پر پوء ان تي راضي ٿي ويو ۽ هن گهڻا اهڙا دستاويز بخاري کان هٿ ڪري انهن جي فوٽو ڪاپي پليجو کي پهچائي.

ڪتاب ليڪڪ جي وڪالت جي پيشي، سندس خاندان ۽ ٻين گهڻين اهم شخصيتن، جن سان سندس پنهنجي سياسي ۽ پيشہ ورانہ زندگي ۾ واسطو پيو، متعلق ڪارائتي معلومات ڏئي ٿو. پر ان حوالي سان مون کي اها ڪوٽ محسوس ٿي تہ ليڪڪ پليجو، جنهن سان سندس نهايت گهاٽو ناتو رهيو آهي، جو رڳو ڇڙو ڇڙ ذڪر ڪيو آهي ۽ گهڻين جاين تي سندس نالي ونڻ کان بہ لنوايو آهي. بهتر ائين ٿئي ها تہ جيئن ٻين شخصيتن جا پروفائل ڏنا ويا آهن ائين پليجو جو بہ پروفائل ڏنو وڃي ها.

ڪتاب ۾ اجا گهڻين ڳالهين ۽ وضاحتن جي ضرورت آهي ۽ منهنجي خيال ۾ ان سلسلي ۾ ڪنهن وڏيڪ مصلحت جي گنجائش بہ ناهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي خال رهجي ويا آهن انهن کي پرڻ جي ضرورت آهي.

# انتظار حسين جا ناول

تازو انتظار حسين جا ٻه ناول آڳي سمندر هي ۽ چاند گهن پڙهي پورا ڪيا. ان کان اڳ سندس ناول بستي ۽ افسانن جو مجموعو مطالعي هيٺ رهيو. آڳي سمندر هي ۾ ٻه ليکڪ جو اهو ئي انداز آهي، جنهن حوالي سان هو سڃاتو وڃي ٿو. ناول جو موضوع بنيادي طور ڪراچي جا اهي ڪجهه خاندان آهن جيڪي ورهاڱي ڪانپوءِ لڏي هتي اچي آباد ٿيا آهن. اهو ناول ڪراچي جي اسي ۽ نوي جي ڏهاڪن جي صورتحال جي پسمنظر ۾ لکيل آهي جڏهين شهر جون حالتون خراب هيون. اهڙي ريت اهو ورهاڱي کان اٽڪل چاليھ سال پوءِ جو ڪراچي آهي بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته غلط نه ٿيندو ته ڪراچي جا ڪجھ علائقا جهڙوڪ ناظم آباد ۽ لياقت آباد وغيره آهن جتي مهاجرن جي گهڻائي آهي. ماضي ۽ حال جي وچ ۾ لٽڪيل هڪ نسل آهي جيڪا هڪ سونهري آئندي ۽ ٻين جي آسري تي هن ملڪ ۾ اچي ٿي پر منجهانئن گهڻن کي جهڳين ۾ رهڻو پئي ٿو ۽ اهي خواهشون پوريون نٿيون ٿين جيڪي اهي پاڻ سان کڻي اچن ٿا. سندن نئين نسل کي سندن ماضي سان ڪا دلچسپي نه ٿي هجي اهي جيڪڏهين هتان نڪرڻ چاهين ٿا ته سندن منزل آمريڪا ۽ اولھ جا ملڪ آهن. جڏهين ته پراڻي نسل لاءِ ٻه پوئتي موٽڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ ته اتي ٻه سيڪجھ بدلجي ويو آهي. اڪيلي واٽ پنهنجي اولاد سان گڏ وري اولھ ڏانهن هجرت ڪرڻ آهي يا هن شهر جي نئين صورتحال ۾ جيئڻو آهي جنهن ۾ جيئڻ کان وڌيڪ مرڻ جا امڪان وڌيڪ آهن جنهن سان روز ان ناول جي ڪردارن جو واسطو پئي ٿو.

چاند گهن ورهاڱي واري وقت هڪ شهر حسن پور جي ڪهاڻي آهي. ورهاڱي کان اڳ هتان جي مسلم آبادي جي جيڪا نفسياتي ڪيفيت آهي، ليکڪ ان کي چٽيو آهي. هڪ اڻ تڻ آهي. مختلف ڪردار پنهنجي حيثيت جي تعين ۾ آهن. ڪي حقيقت پسند آهن جيڪي ان ڳالهه کي سمجهن ٿا ته ورهاڱي جي نتيجي ۾ فرقيوارانا فسادن ۽ رتوڇاڻ جو گهڻو امڪان آهي جڏهين ته ڪي پنهنجي ڦوٽ ۾ آهن ته اسان هندن تي حاوي ٿي وينداسين. عورتون پنهنجن وهم وسوسن ۾ ورتل آهن ۽ مختلف قدرتي مظهرن مان مختلف انومان ڪڍن ٿيون. ملڪ جي مختلف حصن مان فرقيوارانا ويڙھ جون خبرون ۽ گهڻي ڀاڱي افواهون زورن تي هجن ٿيون. خاص طور تي سرحد پار کان لڏي ايندڙن جي اچڻ ڪانپوءِ صورتحال اجان خراب ٿي وڃي ٿي ۽ اهي ماڻهو ٻه جيڪي هتي رهڻ چاهين ٿا ۽ لڏڻ نه ٿا چاهين اهو سمجهن ٿا ته هتي رهڻ جي گنجائش نه رهي آهي. پر اهي ماڻهو پوءِ ٻه اوستائين پنهنجو گهر نه ٿا ڇڏين جيستائين فساد سندن گهر تائين نه ٿا پهچن. پاڪستان ڏانهن ايندڙ ٽرين ۾ هڪ ڊپ واري ڪيفيت ۾ پنهنجو سفر طئي ڪن ٿا ۽ نيٺ پنهنجي نئين ملڪ پهچن ٿا. هتي هرڪو پنهنجي عادتن موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو. ڪي ڪوڙا ڪليم داخل ڪري شاهوڪار ٿي وڃن ٿا ته ڪي روڊ تي پان ٻيڙي ۽ ڪبابن جا نيلها لڳائي پنهنجو گذارو ڪن ٿا ته ڪي وري جهاد جي شوق ۾ ان وقت ڪشمير ۾ هلندڙ جنگ ۾ حصي وٺڻ لاءِ هليا وڃن ٿا.اهو نوستلياجا ناهي ۽ انتظار حسين جي ٻين لکڻين کان مختلف آهي.

# خالد طور جو ناول بالون ڪا ڳچا

تازو خالد طور جو ناول بالون ڪا ڳچا پڙهي پورو ڪيو. اهو ناول سرگودا جي هڪ ننڍي شهر جهاوريان جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هڪ نائين ڪلاس جو ٻار اسڪول جي موڪلن ۾ پنهنجي خاندان سان گڏ پنهنجي وڏي پاءُ جي دعوت تي جهاوريان وڃي ٿو جتي هو هڪ سرڪاري اسپتال ۾ جانورن جي ڊاڪٽر طور ڪم ڪري رهيو آهي. اتي بجلي وغيره جي ڪا به سهولت موجود ناهي ۽ ماڻهو بلڪل ڳوٺاڻي نموني جي زندگي گذاري رهيا آهن. خالد جيتوڻيڪ نائين ڪلاس جو شاگرد هجي ٿو ۽ انگريزي وغيره ۾ به گهڻو هوشيار نه ٿو هجي پر ادب سان سندس خاص لڳاءُ هجي ٿو. هو هڪ ترقي پسند سوچ رکي ٿو ۽ مهم جوئي سندس طبيعت جو خاص حصو هجي ٿي. جهاوريان ۾ پنهنجي پاءُ جي گهر ۾ ڪيس هڪ نوڪرياڻي جو ننڍو ٻار نظر اچي ٿو جنهن جو سڄو مٿو ڪوڙيل هجي ٿو پر هڪ حصي تي وارچڏيل هجن ٿا. پڇڻ تي خبر پئي ٿي ته اهي وار علائقي جي هڪ پير جي چوڻ تي رکيا ويا آهن ته جيئن ٻار بلائن ڪان محفوظ رهي سگهي ۽ پوءِ جڏهين هو پنجن سالن جو ٿيندو ته اهي وار ڪوڙائي انهن جي تور برابر سون يا چاندي پير کي ڏني ويندي. ان ٻار جي ماءُ انهن وارن جي سختي سان حفاظت ڪندي رهي ٿي.

خالد ان ڳالهه تي سوچيندو رهي ٿو ته پيرن انهن پنتي پيل علائقن ۾ غريب ۽ ابوجهه ماڻهن کي ڦرڻ جا نوان نوان طريقا ڪڍيا آهن. هو ان پير کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن موقعو ڏسي ان ٻار جا اهي وار ڪوڙي انهن کي نهر ۾ وجهي ڇڏي ٿو. هو گهر وارن آڏو اهو به مڃي ٿو ته هن اهو ڪم ڪيو آهي. ٻار جي ماءُ پنهنجي پٽ جي زندگي جي حوالي سان صدمي واري ڪيفيت ۾ اچي وڃي ٿي ۽ خالد کي پٽون پاراتا ڏيڻ شروع ڪري ٿي. ٻئي پاسي خالد جو ڀاءُ ۽ سندن دوست اهو سوچڻ شروع ڪن ٿا ته پير اهڙي ريت پنهنجي اختيار کي چئلنج ٿيندو ڏسندي ضرور ردعمل ڏيکاريندو ۽ بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو. ساڳي وقت علائقي جا ماڻهو به پير جي حمايت ۾ ڪو قدم کڻي سگهن ٿا.

پير کي ڪنهن ريت ان ڳالهه کان مطلع ڪيو وڃي ٿو جيڪو ان اطلاع ڏيندڙ ماڻهو کي اهو ٻڌائي ٿو ته هاڻي ڪاري بلا انيتاليهه ڪلاڪن ڪانپوءِ حملو ڪندي ۽ ان کي ڪنهن به ريت روڪي نه ٿو سگهجي. ان ڪم لاءِ پير پاران ٻه ملنگ جهاوريان موڪليا وڃن ٿا جيڪي سڄي شهر ۽ خاص طور ان گهر جو جائزو وٺن ٿا جتي ٻار پنهنجي ماءُ سان رهيل هجي ٿو. رات جو سندن حملي جو پروگرام هجي ٿو جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ خالد ۽ سندس دوست تيار هجن ٿا. اهي ملنگ اهو سمجهي ته ٻار پنهنجي کٽ تي ماءُ سان گڏ ستل آهي جڏهين ته انهن کي اڳ ئي ٻي جاءِ تي موڪليو وڃي ٿو ڪوبرا نانگ ان کٽ تي ڦٽو ڪن ٿا پر اهو ڪوبرا نانگ به مارجي وڃي ٿو ۽ هڪ ملنگ، جنهن اهو نانگ ڦٽو ڪيو هو، به خالد جي دوست جي سر مٿي ۾ لڳڻ جي ڪري ڦٽجي وڃي ٿو. اها ڳالهه ٻار جي ماءُ جي پير ۽ ڪاري بلا جي وسوسن مان يقين کي ته ختم ڪري ڇڏي ٿي پر پوءِ به ان ڳالهه کي عام نه ٿو ڪيو وڃي ته ماڻهو فوري طور پير جي حوالي سان ڪنهن منفي ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

ليڪڪ ان ناول ڪي فطرت جي ٻن قوتن نيڪي ۽ بدي وچ ۾ جدوجهد جي طور پيش ڪيو آهي. خالد جا اتي ئي ڳوٺ جي هڪ ڇوڪري گلناري سان نينھ اڙجي ٿا وجن جيڪا ڳوٺ جي هڪ ٻئي ڇوڪري سان مڱيل هجي ٿي. ناول جي آخر ۾ خالد جو نيڪي جي قوت سان هڪ ڏکهو مڪالمو آهي جيڪا ڪيس ٻڌائي ٿي ته مذهب، عقيدا ۽ ٻيون اهڙيون شيون دنيا ۾ ماڻهو ڪي رڳو نقصان پهچائين ٿيون. تون نيڪي جو نمائندو آهين. عام ماڻهن جيان زندگي گذار پر هميشه نيڪي جو پاسو وٺ. گلناري ڪي پنهنجي زندگي گذارڻ ڏي. هو رڳو توکي نيڪ واٽ ڏانهن وٺي وڃڻ جو هڪ ذريعو هئي جنهن ڪي تون حاصل ڪري چڪو آهين.

اهو هڪ ڏکهو ناول آهي ۽ جيتوڻيڪ ڪٿي ماڻهو ٿوري بيزاري به محسوس ڪري ٿو پر مجموعي طور ڳوناٽي زندگي جي تفصيل ۽ ان ڪي ڇٽڻ جي حوالي سان اتساهيندڙ آهي.

# طاهر بن جلون جو ناول رخصت

رخصت مراڪش جي فرانسيسي ۾ لکندڙ ليکڪ طاهر جلون جو ناول آهي جنهن کي عمر ميمڻ انگريزي مان اڙدو ۾ ترجمو ڪيو آهي. هي ناول مراڪش جي شهر طنجه جي ماڻهن جي زندگي جي حوالي سان آهي. ان شهر ۽ اسپين ۾ انن ڏهن ڪلوميٽر جو ساموندي فاصلو حائل آهي. هتي ماڻهن جي زندگي اهڙي ئي آهي جهڙي عام طور تي ٽين دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جي هوندي آهي. انهن وٽ نه ته روزگار آهي، نه عزت آهي ۽ نه ئي سياسي آزادي ۽ ٻيون شهري سهولتون آهن. نوجوان نشي ۽ ڏوهن ۾ ورتل ۽ ملڪ مان ڪنهن به صورت ۾ نڪرڻ لاء آتا هوندا آهن. طنجه نه رڳو مراڪش پر آفريقا جي مختلف ملڪن جي ماڻهن لاء جڻ اسپين، يورپ ۽ اهڙي ريت نئين زندگي جو دروازو آهي. جيئن هن وقت اهو اڪثر ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچي ٿو ته ليبيا، مراڪش ۽ الجزائر جي ملڪن مان سمنڊ جي رستي يورپ جي مختلف ملڪن ڏانهن ويندڙ ماڻهن جون ٻيڙيون اونڌيون ٿي وڃن ٿيون ۽ گهڻا سمنڊ ۾ ٻڏي مري وڃن ٿا جڏهين ته گهڻن کي جيڪي ٻئي ڪناري تي پهچن ٿا انهن ملڪن جا محافظ وري پنهنجن ملڪن ڏانهن اماڻي ڇڏين ٿا. ساڳي صورتحال طنجه ۾ به آهي. نشي جو ڪاروبار ڪندڙ ۽ انساني اسمگلر گهڻن ماڻهن کي يورپ ۾ بهتر زندگي جا ڏتا ڏيئي ڪائنئ وڏيون رقمون وني ڪين ٻيڙين ۾ ٻئي ڪناري پهچائڻ جا واعدا ڪن ٿا. پر انهن مان ڪي ٿورا ئي پنهنجي منزل تائين پهچي سگهن ٿا. اتي ڪين جنهن صورتحال کي منهن ڏيڻو پئي ٿو ۽ جيڪا زندگي گذارڻي پئي ٿي اها هڪ ڌار ڪهاڻي آهي. ساڳي وقت مذهبي انتها پسند تنظيمون پڻ نوجوانن جي برين واشنگ ڪري ڪين پنهنجن مقصدن لاء پرتي ڪرڻ جو ڪم ڪن ٿيون.

هن ناول ۾ گهڻا ڪردار آهن. مک ڪردارن ۾ هڪ نوجوان عازل، سندس ڀيڻ ڪنزه ۽ سندن ماء آهي. عازل پڙهيل ڳڙهيل پر بيروزگار آهي. سندس هڪ سوٽ انساني اسمگلرن ذريعي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ جي ڪري پنهنجي زندگي وڃائي چڪو هو. انهن اسمگلرن سان سندس جهيڙو رهي ٿو. هڪ ڀيري اهڙي ئي هڪ جهيڙي ۾ ميگيل نالي اسپين جو هڪ همراه ڪيس انهن کان ڇڏائي پاڻ سان وني وڃي ٿو. ميگيل هم جنس پرست هجي ٿو ۽ ڪيس عازل ۾ ان لاء گهڻي ڇڪ محسوس ٿئي ٿي. هو عازل کي قانوني طور ڪاغذ وغيره نهرائي اسپين وني وڃي ٿو ۽ ساڳي وقت سندس خاندان جي مدد ڪرڻ لاء سندس ڀيڻ سان شادي به ڪري ٿو ۽ ان مقصد لاء مسلمان به ٿئي ٿو. جڏهين ته عازل جي لاء ميگيل سان گڏ رهڻ رڳو هڪ مجبوري هجي ٿي ۽ هو ميگيل جي ناراضگي ۽ منع ڪرڻ جي باوجود عورتن سان پنهنجن ناتن کي جاري رکي ٿو. ميگيل پاران هر سهولت ملڻ جي باوجود هو جڻ ڪائنس نفرت ڪري ٿو ۽ چورين ۽ ٻئي هر طريقي سان ڪيس نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ميگيل نيٺ تنگ اچي ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏي ٿو. هو مراڪش جي انهن ماڻهن سان گڏجي وڃي ٿو جيڪي اسپين ۾ غيرقانوني طور رهي منشيات وغيره جو ڌنڌو ڪن ٿا. سندس جنسي طاقت ختم ٿي وڃي ٿي. ساڳي وقت مذهبي تنظيمن جا ماڻهو به ساڻس لاڳاپي ۾ اچن ٿا. پوليس جي هڪ ڇاپي ۾ رهائش جي ڪاغذن نامڪمل هئڻ ڪري هو گرفتار ٿئي ٿو. پوليس کي

هو پنهنجي آزادي لاءِ مذهبي تنظيمن لاءِ جاسوسي ڪرڻ ۽ مخبر ٿيڻ جي آڇ ڪري ٿو. ان ڪم جي نتيجي ۾ هو اخوان جي ڪارڪنن هٿان هڪ ڏينهن قتل ٿي وڃي ٿو.

ناول جڻ پاڪستان ۽ ٻئي ڪنهن اهڙي ملڪ جي ماڻهن جي ڪهاڻي آهي جيڪي پنهنجي ملڪ جي معاشي ۽ سماجي حالتن مان مطمئن نہ ٿيندي ٻين خوشحال ملڪن ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪوششون وٺن ٿا ۽ نتيجي ۾ انساني اسمگلرن جي هٿان ڦرجن بہ ٿا، تڪليفون بہ سهن ٿا ۽ گهڻا پنهنجي جان تان بہ هٿ ڪڻن ٿا. اهو واقعي هڪ الميو آهي جڏهين پنهنجي ڌرتي پنهنجن پٽن ۽ ڌيئرن لاءِ تنگ ٿي وڃي ۽ انهن کي لوڏي جڻ تہ خلا ۾ اڇلائي ڇڏي جتي اهي پٽڪندا رهن ٿا.

# حسين بن منصور: عشق جو شهيد

مسلم تاريخ جي حوالي سان عباسي دور مختلف ڳالهين جي ڪري ڄاتو وڃي ٿو. هڪ پاسي الف ليلا جا طلمساتي داستان هئا ته ٻئي پاسي مختلف نظرين ۽ عقيدن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ مٿڀرائپ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش هئي. عباسي سلطنت سندن پيشرو اموين کان ان لحاظ کان مختلف هئي ته اها رڳو عربن تي ٻڌل نه هئي پر ان ۾ اتر آفريڪا جا بربر، ايراني، ترڪ يوناني ۽ ٻيون قومون به شامل ٿي ويون هيون. سلطنت جي آخري دور ۾، جڏهين خلافت پنهنجي زوال جي دور مان گذري رهي هئي، دربار ۾ سازشون پنهنجي عروج تي هيون. انهن قومن جي سردارن، جن کي دربار ۽ فوج ۾ اثر رسوخ حاصل هو، جي اها ڪوشش هوندي هئي ته پنهنجي پسند جي خليفي کي مقرر ڪن ۽ اهو سندن مرضي موجب هلي ۽ فيصلا ڪري. جيڪڏهين هو ائين نه ڪندو هو ته کيس مارائڻ ۽ نئين خليفي جي مقرري ۾ به دير نه ٿيندي هئي.

سلطنتون جڏهين ڪمزور ٿينديون ۽ زوال ڏانهن وينديون آهن ته ان جو مثبت پاسو اهو هوندو آهي ته ثقافتي، علمي ۽ نظرياتي حوالي سان رياست جي گرفت ڪمزور ٿي ويندي آهي ۽ مختلف خيالن ۽ نظرين کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. جيتوڻيڪ عباسي حڪمران هونئن به عقيدي جي حوالي سان گهڻا سخت نه هئا پر مرڪز جي ڪمزوري هڪ انارڪي واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي. هڪ پاسي مختلف سردارن پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ خودمختيار حڪومتون قائم ڪري ڇڏيون هيون ۽ ٻئي پاسي نوان مذهب، عقيدا ۽ نظريا ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا هئا جيڪي سلطنت جي مک نظرئي ۽ مذهب کان مختلف هئا. مختلف علائقن ۾ باغين زور ورتو هو ۽ مصر ۾ فاطمين ۽ ايران ۾ بوئدين جون حڪومتون قائم ٿي ويون هيون. شاهراهون محفوظ نه هيون ۽ قافلن جو لٽجڻ عام هو. گهڻا قافلي وارا پاڻ سان هٿياربند جٿا به گڏ کڻي هلندا هئا.

ان دور جي حوالي سان حسين بن منصور هڪ اهم ڪردار آهي جيڪو ساڳي وقت حافظ قرآن، شاعر۽ صوفي هو. سندس نعرو هو ته آئون سچ آهيان. هن جڏهين ان وقت جي هڪ وڏي صوفي حضرت جنيد بغدادي سان پنهنجي اندرجي ڳالهه ڪئي ته هن کيس چيو ته احتياط ڪر، مون کي تنهنجي لاء رت نظر اچي پيو.

جميلا هاشمي جو ناول دشت سوس حسين بن منصور جي زندگي ۽ سندس شهادت جي حوالي سان آهي . هي ناول ڄڻ ته هڪ جامع ۽ گهڻي تحقيق ڪيل دستاويز آهي. ريشم جو ڪاروبار ڪندڙ حسين جو ڏاڏو آتش پرست هو جنهن عباسي سلطنت ۾ هڪ ويراني دشت ۾ اچي پنهنجو گهر ناهيو هو جتي هر وقت گرم هوائون ۽ واچوڙا لڳندا رهندا هئا. سندس گهر ۾ آتش ڪده هو جنهن ۾ هر وقت باه ٻرندي رهندي هئي. حسين جي پي منصور جي قرآن ۽ اسلامي تعليم ۾ دلچسپي هئي ۽ هو پاڻ مسلمان ٿي ويو هو ۽ پي کان گهڻو پري وڃي رهڻ لڳو هو.

گهڻا قافلي وارا بغداد ۽ ٻين مختلف شهرن ڏانهن ويندي ڪجهه آسيس وٺڻ ۽ رات رهڻ لاء حسين جي ڏاڏي جي گهر ۾ رهندا هئا. انهن ۾ حڪومت جا مخالف باغي ۽ مختلف نظرين ۽ مذهبن

جا ماڻهو بہ هوندا هئا جيڪي انهن علائقن ۾ ماڻهن جا حال احوال ٻڌائيندا هئا جتان سندن گذر ٿيو هو. انهن جي ڳولها ۾ ايندڙ سپاهي حسين جي گهر وارن کان اچي آڏي پڇا ڪندا هئا.

حسين جي پيءُ کي شروع ۾ سندس ذهانت جو اندازو ٿي ويو هو. سندس خيال هو تہ حسين کي مذهبي تعليم ڏيارجي. پر حسين جي طبيعت ۾ قرار نہ هو. ڪنهن هڪ مدرسي ۾ ڪنهن استاد وٽ هو گهڻو عرصو نہ ٽڪي سگهندو هو ۽ نہ ئي سندس خيالن سان ٺهڪي هلي سگهندو هو. هو پنهنجن استادن کان گهڻو مختلف ۽ ڌار سوچيندو هو. دراصل ڪيس ڪنهن شي جي ڳولها هئي جنهن ڪيس هڪ جاء تي ٽڪڻ نہ ٿي ڏنو. ان جي لاء هو لاڳيتو سفر ۾ رهندو هو ۽ مختلف ماڻهن سان ملندو هو. هڪ ڀيري بصره ويندي قافلي ۾ سندس ملاقات هڪ عيسائي عورت ۽ سندس ڌي اغلول سان ٿئي ٿي. هو جڻ اغلول جي نيڻن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. قافلي تي ڦورن جو حملو ٿئي ٿو ۽ اغلول ٻين عورتن سان گڏ باندي بڻجي وڃي ٿي. ڪيس بغداد جي بازار ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

عباسي خلافت جو هڪ وزير حماد بن عباس ڪيس خريد ڪري ساڻس شادي ڪري ٿو جڏهين تہ حسين جي لاء زندگي هاڻي جڻ اغلول جي ڳولها جو نالو بڻجي وڃي ٿي. هو مڪي ۽ مديني ۾ ويندو رهي ٿو. چيو وڃي ٿو تہ هن ٽي حج ڪيا هئا. هڪ ڀيري اتي سندس ملاقات اغلول سان ٿئي ٿي ۽ اغلول جي ٻانهي سندن لاء هڪ رابطي جو ذريعو هجي ٿي. اغلول بيمار هجي ٿي ۽ مڪي ۾ ئي سندس وفات ٿئي ٿي. حماد پنهنجي زال سان گهڻي محبت ڪندو هو. ڪيس سندس وفات جو گهڻو افسوس ٿئي ٿو ۽ هو اهو معلوم ڪرڻ چاهي ٿو تہ نيٺ مڪي ۾ ڇا ٿيو هو. ڪيس اغلول جي ٻانهي کان حسين ۽ اغلول جي تعلق جي خبر پئي ٿي.

ڏنو وڃي تہ بغداد ۾ عباسي سلطنت جي ان وقت جي صورتحال ۾ حسين جو اناالحق جو نعرو ڪا وڏي اهميت نہ پيو رکي. چاڪاڻ تہ مختلف نظرين جا حامل سوين فرقن جا ماڻهو کلي عام ملڪ ۾ پيا هلندا هئا ۽ مٿن ڪنهن بہ قسم جي ڪا روڪ ٽوڪ ۽ پابندي نہ هئي. حسين جي لاء اصل معاملو اغلول سان تعلق هو جنهن جي ڪري وزير حماد ڪنهن بہ صورت ۾ ڪيس بخش ڪرڻ لاء تيار نہ هو ۽ حسين کي بہ اها ڄاڻ هئي تہ سندس اڄ رڳو ان وقت اجهندي جڏهين هو ڪنهن بيگناه ۽ معصوم جو رت پيئندو ۽ اهو بيگناه ۽ معصوم هو پاڻ هو. حسين جي حيثيت تہ اها هئي تہ خليفي پاران پاڻ ڪيس دربار ۾ گهرائڻ ۽ اعلا مرتبي تي فائز ڪرڻ جي باوجود ڪيس اطمينان نہ ٿيندو هو ۽ هو اهو سيڪجهہ ڇڏي پنهنجي واٽ وني هليو ويندو هو. پر هو روحاني لحاظ کان هڪ وڏي مقام تي پهتل هو ۽ چيو ويو ٿي تہ سندس دعائن کي قبوليت جو درجو حاصل هو. سندس اها حيثيت ۽ دربار ۾ سندس اهميت ان وقت جي گهڻن صوفين ۽ مذهبي عالمن کان سني نہ ٿيندي هئي.

هو مختلف موقعن تي گرفتاري کان بچڻ لاء بغداد مان هليو ويندو هو. پر شهادت کان نو سال اڳ ڪيس شاهي محل جي تهخاني ۾ قيد ڪيو ويو هو. اتي خليفي جي ماء سندس مريد ٿي ويئي هئي. خليفي تي سندس ماء جو زور هو تہ ڪنهن بہ ريت حسين کي قتل ڪرڻ جي منظوري نہ ڏئي. ان ڪري خليفو ان کي ٽاريندو آيو. پر دربار جي مذهبي عالمن، صوفين، اميرن ۽ وزيرن جو خليفي تي دٻاء هو تہ جيئن تہ حسين مسلمان نہ پر قرمتي فرقي سان واسطو رکي ٿو جيڪي ڪعبت الله کي ڍاهڻ چاهين

ٽا ان ڪري سندس قتل ضروري هو. انتهائي مجبوري جي حالت ۾ زور دٻاء ڪانپوء خليفي ڪي نيٺ ان جي منظوري ڏيڻي پئي.

حسين کي قيد خاني مان فرار لاء به چيو ويجي ٿو ۽ اها آڇ به ڪئي ويجي ٿي ته هو اناالحق جي نعري تان هٿ ڪڍي ته کيس آزاد ڪيو ويندو. پر هو آزاد ٿيڻ جي هر اهڙي ڪوشش کي رد ڪري ڇڏي ٿو. سندس سڄي جستجو پنهنجي محبوب سان ملڻ لاء هئي ۽ آخري ساه تائين اناالحق سندس انگ انگ مان گونجندو رهيو. کيس انتهائي اذيت ڏيئي ماريو ويو. پهرين جلاد سندس ڇهري تي ڌڪ هنيا، پوء کيس ڦٽڪا هنيا ويا، سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي ويئي ۽ جسم جا ڳتڙا ڪيا ويا.

حسين کي ان وقت جي صوفين صوفي جو درجو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پر اڳتي هلي انهن جي لاء هو هڪ رهنما بڻجي ويو. هو ان عشق جو شهيد ٿي ويو جنهن کي اناالحق جو نالو ڏنو ويو آهي. حسين جي شاعري کي اعلا مقام حاصل آهي. سندس خيالن ۾ شاعري جو اثر عربي، فارسي، سنڌي، اڙدو ۾ ٻين گهڻين ٻولين تي پيو آهي.

هن ناول کي اڙدو جي ڪلاسڪ لٽريچر ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. پر اها حيرت جي ڳالهه آهي ته ليکڪا کي اها مڃتا نه ملي سگهي آهي جيڪا اڙدو جي ٻين وڏن ليکڪن کي ملي آهي. ان جو ڪارڻ هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ڄاڻايو آهي ته شهرت ۽ مڃتا لاء پبلڪ رليشنز جي ضرورت آهي جنهن جي وٽس کوٽ آهي. ڏنو وڃي ته اها ساڳي صورتحال پاڪستان جي ٻين ٻولين جي ليکڪن سان پڻ آهي. بهرحال هي ناول سندس سڃاڻپ آهي.

# هڪ صورت ۾ سمايل سونهن جون سو صورتون

شاه محمد ڪراچي سنگت جو هڪ سرگرم ڪارڪن ۽ ان جو سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. سنگت جي شهر جي ٻين ادبي سرگرمين ۾ شموليت ۽ ان ٻين ادبي تنظيمن سان جيڪي واسطا رکيا انهن ۾ سندس هڪ اهم ڪردار رهيو آهي.منهنجو ساڻس واقفيت جو عرصو شايد ٽيه سالن کان وڌيڪ آهي. ان سڄي عرصي ۾ گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن۽ گهڻوپاڻي پلن هيٺان وهي چڪو آهي.

هو هڪ ڊگهي عرصي کان شاعري ڪندورهيو آهي ۽ ان ڪي سنگت ۾ غيرسرگرم ٿيڻ ڪانپوء بہ جاري رکندوآيو آهي. شاه محمد جي لاء عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هو عشق، محبت ۽ حسن جو شاعر آهي، جيڪا ڳالهه گهڻي ڀاڱي صحيح بہ آهي پر هن ساڳي وقت مختلف ٻين موضوعن تي پڻ پنهنجي ردعمل ۽ خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اهو ضروري ناهي تہ تخليق تخليقڪار جي مزاج جيان ئي هجي. ڪي تيز طبيعت جا ماڻهو پنهنجو اظهار نهايت ڌيمي ۽ نرم انداز ۾ ڪندا آهن جڏهين تہ ڪي نفيس ۽ نرم مزاج شخص پنهنجي اظهار ۾ بلڪل ئي ان جي مختلف هوندا آهن. پر اها ڳالهه شاه محمد لاء نہ ٿي چئي سگهجي. سندس شاعري مڪمل طور سندس مزاج سان هم آهنگ آهي. هو جهڙي ريت پنهنجي ورتاء ۾ هڪ نفيس ۽ ڌيمي مزاج وارو ماڻهو آهي ساڳي ڳالهه سندس شاعري ۾ بہ ملي ٿي. ممڪن آهي تہ عام پڙهندڙ ڪي اهو محسوس نہ ٿيندو هجي پر منهنجي جيئن تہ ساڻس نسبتا ويجهڙائي رهي آهي ان ڪري آئون ان ڳالهه کان بہ واقف آهيان تہ هو ساڳي وقت نہ رڳو هڪ سياسي ڪارڪن بہ رهيو آهي پر اڄا تائين هو نہ رڳو ملڪي ۽ عالمي معاملن کان اپ ڊيٽ آهي پر انهن تي پنهنجي هڪ رائي پڻ رکي ٿو. اها ڳالهه خاص طور ان ڪري بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ سندس خاندان ۾ ئي انور پيرزادو سندس پيشرو ۽ گهڻي حد تائين سندس لاء هڪ اتساه جو باعث پڻ رهيو آهي. پرانور جي شخصيت ۾ هڪ پيار ۽ نفاست هئڻ جي باوجود سندس شاعري جڻ هڪ احتجاج آهي. سندس پيار جي شاعري بہ جڻ تہ سندس ان احتجاج جو ئي هڪ حصو آهي. پر شاه محمد ان لحاظ کان مختلف آهي جيئن هو چئي ٿو تہ

هلي آ زمانا
تون منهنجي اکين کان
محبت جي جيڪا چمڪ آ
کسي وڃ
اها مان لکائي
سگهان ئي نہ ٿو

هي ڪتاب جو ٻيون ايڊيشن آهي ۽ ان ڪي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ايڊيشن ۾ جيتوڻيڪ شاعري جو گهڻو حصو رومانس ۽ محبوب جي تعريف تي ٻڌل آهي پر شاعر ٻين جن مسئلن کي ڪنيو آهي انهن مان گهڻن کي بہ ٻين مختلف شاعرن جيان پنهنجي محبوب ۽ پيار جي نکتہ نظر

سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس نظم لوڊ شيڊنگ کي ان سلسلي ۾ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

بجلي اوچتو هلي ويئي
۽ تنهنجي باري ۾ منهنجو نظم
اڌ ۾ ائين لڳي رهيو آهي
جيئن موت جي سزا وارو قيدي
پنهنجي زندگي جي آخري رات ۾
صبح جي پهر جو انتظار ڪري رهيو هجي
هن کي ڦاهي ايندي
يا ڪو معجزو ٿيندو

ان ساڳئي ايڊيشن ۾ شاعر مختلف موضوعن تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي جهڙوڪ ايٽمي ڌماڪي جو جشن، سنڌ، موت چا آهي، نيوٽران بم جي خالق ڏانهن، نظير عباسي جي موت تي ۽ ٽارچر سيل مان هڪ قيدي. ساڳي وقت سندس شاعري ۾ غم جانان ۽ غم دوران جي تضاد کي پڻ پسي سگهجي ٿو جيئن هو نظم چپ جڏهين سنسار ٿيو ۾ چئي ٿو ته

هاءِ پر.
جيڪا شفٽ سياڻي ڪرٽي آهي
تنهن لاءِ زوري ننڊ جي هنج ۾ وڃڻو آهي
ڪيڏو هي الميو آهي
هاءِ، پرين ڏس!
هاڻي توکي ياد ڪرڻ پڻ
مون کان ڪانه افورڊ ٿئي ٿو!!

شاعري ۾ عام طور ۽ رومانس جي شاعري ۾ خاص طور تي تشبيهن جو استعمال جيڪڏهين ضروري نه ته به وڻندڙ ضرور هوندو آهي. ان نظم ۾ ساهه، سج ۽ سمنڊ جي چولين جي محبوب سان پيٽ تي ٿورو غور ڪيو.

زندگي ۾ ساهه ٿو ڪيڏو ڪچي
ڪير ٿو ان کي ڪٽي؟
ڪير ٿو سج کان پڇي
روشني تون ڪيتري ڦهلائيندين؟
سمنڊ ڪيڏيون چوليون آهن سمايون پاڻ ۾
ڪيئن ڪو تن کي ڳڻي؟
ڪيئن مان توکي ٻڌايان
ڪيتريون ڳالهيون ڪرڻ
چاهيان ٿو تو سان

ڪيترين راتيون ڪٽڻ
چاهيان ٿو تو سان

ساڳي ريت جڏهين نظم جدائي جون ڳالههيون ۾ شاعر موسمن، چنڊ تارن ۽ لهندڙ سج سان جدائي جي لمحن کي پيش ٿو ڪري ته پڙهندڙ واقعي پنهنجي اندر ۾ هڪ منو درد محسوس ڪري ٿو.

هي نظم
دنيا جا سرمائيدارو!
اڄو ۽ خوشحالي جي نالي ۾
پنهنجي سرمائي سان
منهنجي ديس جي نوجوانن کي
اڄي ڪرپٽ ڪريو
هو ان لاء بلڪل تيار آهن.
هاڻي انهن وٽ سماج کي بدلائڻ جو
ڪوبہ خواب ناهي رهيو.

جيتوڻيڪ شاعر جو موجوده حالتن تي هڪ ردعمل ۽ هڪ احتجاج آهي پر مون کي اهو ترنم، موسيقيءَ تشبيهن جي لحاظ کان سندس ٻي شاعري سان ميل ڪائيندو محسوس نہ ٿو ٿئي بلڪ ان جي بجائي هڪ سڌي سنئين ڪاوڙ جو اظهار آهي جيڪو هن شاعر جي لاء هڪ استشنا ئي چئي سگهجي ٿو.

ٻئي ايڊيشن لاء ڪتاب ۾ جيڪا شاعري شامل ڪئي ويئي آهي اها خاصيتي لحاظ کان پهرئين ايڊيشن جي شاعري کان ان لحاظ کان مختلف آهي تہ ان ۾ شاعر پنهنجي جذبن ۽ احساسن جو نئين سر جائزو وٺي ٿو ۽ هڪ لحاظ کان جڻ تہ پنهنجي ترجيحن کي نئين سر طئي ڪري ٿو. پنهنجي محبوب سان سان تعلق ۾ بدلاء، ٻارن جو پيار ۽ مختلف سماجي ۽ سياسي مسئلا سندس ان شاعري ۾ حاوي آهن.جيئن سندس نظم محبت جون ڳالهيون ۾ هو چئي ٿو تہ

محبت جون ڳالهيون
جڏهين هن کي هاڻي ڇيڇوريون لڳن ٿيون
تڏهين دل چوي ٿي
نئين ڪا محبت جي هڪڙي ڪهاڻي ٻڌائڻ
شروع ڪيان

ساڳي ريت هن بغداد تي آمريڪا جي حملي ۽ بمباري کي پنهنجي محبوب جي روئي ۾ تبديلي سان نظم بغداد تي حملو ۾ نهايت خوبصورتي سان ڳنڍيو آهي:

آمريڪا ۽ ان جي اتحادي فوجن
بغداد تي
بمباري جو پهريون وسڪارو شروع ڪيو
۽ بلڪل ان ئي سمي

تو مون کي اها ڳالهه چٽي ڪري ٻڌائي
تہ تنهنجو مون سان عشق جهڙو ڪو بہ تعلق ناهي
ويچارو بغداد
۽ ان جون ڪجون
۽ ان جا گلاب
۽ ان جا ٻارڙا
ويچاري منهنجي دل
۽ ان جون حسرتون
ان جا خواب
۽ ان جا ارمان
بغداد کي برباد ڪرڻ وارن جي دعوي آهي تہ هو
ان کي ٻيهر تعمير ڪندا
پر افسوس:
جو منهنجي دل لاءِ اهڙو ڪوبہ واعدو ڪيل ناهي.

شاه محمد جيتوڻيڪ پابند شاعري بہ ڪئي آهي پر سنڌ جي ٻين نوجوان شاعرن جيان سندس گهڻو لاڙو آزاد ۽ نثري نظم ڏانهن رهيو آهي. ان صنف تي جيتوڻيڪ وڏن وڏن شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ ان کي جديد دور جي گهرجن مطابق سمجهيو وڃي ٿو جن کي پوري ڪرڻ جي صلاحيت سندن چوڻ موجب پابند شاعري ۾ ناهي. پر ان متعلق هن دور جا وڏا شاعر مختلف رايو رکن ٿا. فيض جو چوڻ آهي تہ اهو نثري نظم چا ٿيندو آهي. يا تہ نثر آهي ۽ يا نظم. جڏهين تہ شيخ اياز نئين ٿهي جي شاعري جي مجموعي ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان جي پيش لفظ ۾ ان تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. هو سمجهي ٿو تہ ان صنف جي شاعري هئڻ تي نيٺ اصرار چوٿو ڪيو وڃي ۽ انهن کي نثر جي ٽڪرن طور چو نہ ٿو پيش ڪيو وڃي. سندس چوڻ آهي تہ نندي ڪنڌ ۾ نثري نظم کي ان وقت مشهوري ملي جڏهين ٽئگور کي سندس بنگالي شاعري جي انگريزي ۾ ترجمو ڪيل گيتانجلي تي نوبل ايوارڊ مليو. ماڻهن اهو ئي سمجهيو تہ ترجمي جيان ٽئگور جي اصل شاعري بہ آزاد ۽ نثري پيرائي ۾ هئي جڏهين تہ ائين نہ هو ۽ ٽئگور جي اها شاعري موزون ۽ ترنم ۾ هئي. ان ڳالهہ نثري نظم جي لکڻ کي گهڻو زور وٺايو. اياز ان سلسلي ۾ خاص طور تي بريٽالٽ بريخت ۽ ماياڪوفسڪي جا مثال ڏنا آهن جن شاهڪارنثري نظم تخليق ڪيا آهن. بريخت ان لاءِ پنهنجي منظوم شاعري کي ترڪ ڪيو. مختصرا سندس اهو چوڻ آهي تہ نوجوان نسل جي ان صنف کي اختيار ڪرڻ جو هڪ اهم ڪارڻ سندن سهل پسندي بہ آهي. جيڪڏهين آزاد ۽ نثري نظم بہ لکڻو آهي تہ ان لاءِ بہ شاعري جي ٽيڪنيڪي ضرورتن جي ڄاڻ ضروري آهي. ان سان گڏوگڏ ان ۾ ترنم ۽ موسيقي جو هئڻ پڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ شاعري اها ئي قبوليت ماڻي سگهي ٿي جنهن کي ساڳي وقت ڳائي بہ سگهجي. هن مجموعي ۾ نظم،آزاد نظم ۽ نثري نظم جي ڳپل حصي هئڻ جي باوجود ٻين مختلف صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي ويئي آهي ۽ ان ۾غزل،گيت ۽ ترائيل وغيره شامل آهن. منهنجي خيال ۾ شاه محمد جي شاعري کي جيڪا

قبوليت حاصل آهي ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ سندس شاعري ۾ ترنم، موسيقي ۽ وڏي ڳالهه تہ شاعري موجود آهي. سندس شاعري جو سفر هڪ مٺڙ ۽ صاف پاڻي جي چشمي جيان خاموشي سان جاري آهي ۽ اهو جڏهين پنهنجو وهڪرو بہ بدلائي ٿو تہ ان جي خبر گهٽ ماڻهن کي ئي پئجي سگهي ٿي.

# ڏاندرس قيدي جي ڏائري: ڪجھ ويچار

ڏاندرس قيدي جي ڏائري شبير شر جي جيل ڏائري آهي. شبير ڪي ڪميونسٽ پارٽي جي ٻين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن، جن ۾ جمال نقوي، ڪمال وارثي ۽ نذير عباسي وغيره شامل هئا، سان گڏ جولائي 1980 ۾ ناظم آباد ڪراچي مان سرخ پرچم ڇاپڻ ۽ ورهائڻ جي ڏوھ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ساڳي ريت سهيل سانگي ۽ بدر ابڙو کي به انهن ئي ڏينهن ۾ ٻين هنڌن تان گرفتار ڪيو ويو هو جڏهين ته ڄام ساقي اڳ ۾ ئي جيل ۾ هو. ڪجھ عرصو ٽارچر ڪئمپن ۾ اذيتن سهڻ ڪانپوءِ شبير ۽ ڪمال وارثي کي لانڍي جيل منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ جمال نقوي، سهيل سانگي ۽ ڄام ساقي به اتي اچي ساڻن ساڳي بيرڪ ۾ گڏ رهيا. ٽارچر ڪئمپ مان ان جيل منتقل ٿيڻ جو هڪ ڪارڻ نذير عباسي جي ٽارچرڪئمپ ۾ شهادت هئي جنهن حڪمرانن تي ٻين قيدين تي نرمي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌائي ڇڏيو هو.

اهو پاڪستان ۾ ضياءالحق جي سخت مارشل لاءِ وارو دور هو. ذوالفقار علي ڀٽو کي تازو ئي ڦاهي ڏني ويئي هئي. سياسي ڪارڪنن لاءِ زندگي سخت هئي. ڦٽڪا، ڦاهيون ۽ جيل هڪ عام ڳالھ هئي. افغانستان جي ثور انقلاب هڪ پاسي ته پاڪستان جي ڪميونسٽن کي هڪ اتساھ ڏنو هو ۽ انهن سمجھيو ٿي ته بس ڄاڻ هتي به انقلاب آيو پر ساڳي وقت سندن لاءِ زندگي اڃا وڌيڪ سخت ڪري ڇڏي هئي. انقلاب جي رومانس گهڻن نوجوانن کي ڪميونسٽ سياست ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو. ان وقت شبير جي عمر ايڪويھ ٻاويھ سال مس هئي ۽ هن سرڪاري نوڪري ڇڏي نالي ماتر ماهوار الائونس تي پارٽي جو ڪل وقتي ڪارڪن ٿيڻ قبول ڪيو هو. زندگي جون حقيقتون رومانس کي ڏنڍلو ڪري ڇڏينديون آهن ۽ اها ڳالهه شبير تي گرفتار ٿيڻ کان اڳ ئي واضح ٿي ويئي هئي جڏهين هو سرخ پرچم جي ڪم ۾ مصروف هجي ٿو ۽ وٽس بک هڻڻ جي باوجود ماني کائڻ لاءِ پئسا نه ٿا هجن. هو سوچي ٿو ته ڪيس ڪھڙي ڪتي ڪنئين هئي جو هو چڱي ڀلي سرڪاري نوڪري ڇڏي اچي هن ڪم ۾ پيو هو.

شبير ڏائري ۾ مختلف جاين تي اهو ذڪر ڪري ٿو ته هو پارٽي جو باقاعدي رڪن نه هو ۽ نه ئي کيس پارٽي جي اندروني معاملن متعلق ڪا گهٽي ڄاڻ هئي. هو جڏهين پنهنجي پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارن کي اهو ٻڌائي ٿو ته هو حيران ٿيڻ کان وڌيڪ مٿس اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿا هجن ته ايترو اهم ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو ڪيئن ائين تي سگهي ٿو. لڳي ائين ٿو ته سندس ان تعلق جو ذريعو نذير عباسي هو جنهن جو هو مختلف جاين تي ذڪر ڪري ٿو. اها عجيب ڳالھ آهي ته جنهن جاءِ ۾ هو رهيل هجي ٿو ان متعلق ڪين اهو اندازو هجي ٿو ته ان تي ڪنهن به وقت ڇاپو لڳي سگهي ٿو ۽ اهي گرفتار ٿي سگهن ٿا. اهي هڪ لحاظ کان جڻ ان جي انتظار ۾ هجن ٿا ۽ در تي ٺڪ ٺڪ ٿيل هر کڙڪو کين ڇرڪائي ڇڏي ٿو. پوءِ به ان جاءِ ۾ نه رڳو پارٽي جي اهم ماڻهن جو اچڻ وڃڻ رهي ٿو پر اتي حساس قسم جو لٽريچر ۽ سامان پڻ پيل هجي ٿو. شبير اتان نڪرڻ متعلق سوچي به ٿو پر کيس وري نذير عباسي جو اهو چوڻ ياد اچي ٿو ته ائين ڪرڻ پارٽي سان غداري ٿيندي. ان جاءِ متعلق فيصلو پروفيسر جمال نقوي جو ڪيل هجي ٿو جنهن کي گهڻن کي پوڳڻو پئي ٿو.

شبير پنهنجي ان اسيري جواڻڪل ساڍا ست سالن جو عرصو ٽارچر ڪئمپن ۽ سنڌ جي چار جيلن ۾ گذاريو. اهو ملڪي ۽ عالمي سطح تي وڏي سياسي هلچل وارو دور هو. 1983 ۽ 1986 واريون ايم آرڊي جون تحريڪون، شاه نواز ڀٽو جو قتل، بينظيرڀٽو جو جلاوطني ختم ڪري وطن موٽڻ، افغانستان ۾ حڪومت جي تبديلي ۽ ببرڪ ڪارمل جي جاء تي نجيب الله جو اقتدار ۾ اچڻ ۽ سوويت يونين جو بحران اهم واقعا آهن. جيل ۾ شبير هڪ ڊگهو عرصو پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جمال نقوي، ڄام ساقي، ڪمال وارثي ۽ سهيل سانگي سان رهيو جڏهين ته سياسي تحريڪن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽي ۽ ٻين سياسي جماعتن جا ڪارڪن پڻ وقت بوقت سندس وارڊ ۾ رهيا.

جمال نقوي نذير عباسي سان گڏ ئي گرفتار ٿيو هو ۽ ٻنهي کي هڪ جاء تي ئي مختلف ڪولين ۾ رکيو ويو هو. شبير ۽ ڪجهه ٻين دوستن اهو گمان ڪيو ٿي ته نذير جي شهادت ۾ پروفيسر جو هٿ هو ۽ ان ڪري هو اڪثر موقعن تي ان حوالي سان ساڻس تلخ به ٿي ويندو هو. ڄام جيئن ته ان حوالي سان ڪيس ٿڌو رهڻ جي تلقين ڪندو هو ان مان هن اهو سمجهيو ته ڄام ۽ پروفيسر هڪ آهن. منهنجي خيال ۾ پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۾ شڪ شبهن جي جنم وٺڻ ۽ اڳتي هلي پارٽي جي ٽٽڻ جو اهم ڪارڻ نذير جي شهادت هئي. اها ڳالهه به ڌيان طلب آهي ته گهڻو عرصو ڄام سان هڪ بيرڪ ۾ رهڻ جي باوجود سندس شخصيت ڪيس متاثر ڪرڻ ۽ اتساه ڏيڻ ته پري جي ڳالهه هتئين ڄام جو جيڪو هڪ انقلابي ۽ ڪميونسٽ جو تصور هو ان کي ئي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو. سندس چوڻ آهي ته ڄام وٽ سب رنگ ڊائجسٽ جي سيني شمارن ڪانسواء ٻيو ڪو ڪتاب ۽ رسالو نه هو. هو ڪارڪنن جي ڪا نظرياتي تربيت وغيره ڪرڻ جي بجائي پنهنجو سجو وقت تاش کيڏڻ ۽ گندن لطيفن ٻڌائڻ ۾ گذاريندو هو.

خاص طور تي ڄام ساقي ڪيس دوران پارٽي اڳواڻن جو ساڻس ۽ ڪمال وارثي سان ورتاء سندس لاء هڪ وڏو صدمو هو. هڪ ته ان ڪيس ۾ ٻين سيني جوابدارن جا وڪيل هئا پر شبير جو ڪو وڪيل نه هو. ٻي ڳالهه ته جڏهين ڪيس هلندي اهي امڪان پيدا ٿي ويا هئا ته فوجي عدالت شاهدين ۽ ثبوتن جي بنياد تي ڪيس کي ڪوڙو قرار ڏيئي سيني کي آزاد ڪري ڇڏيندي ته اتي سندن وڪيل يوسف لغاري اهو موقف اختيار ڪيو ته جيئن ته شبير ۽ ڪمال سائيڪلو اسٽائيل مشين ۽ سرخ پرچم وغيره سان سڳ سوڌو گرفتار ٿيا هئا ان ڪري انهن کي سزا ڏني وڃي ۽ ڪيس جي باقي جوابدارن کي آزاد ڪيو وڃي. اها ڳالهه شبير لاء حيران ڪندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ هجي ٿي ۽ هو ڪورٽ ۾ ان جي خلاف احتجاج ڪري ٿو. ساڳي ريتِ ٻاهر اچي هو وڪيل کي چئي ٿو ته تو اهو ڇا ڪيو ته هو ڪيس اهو ئي جواب ڏئي ٿو ته ڪيس اهڙي موقف اختيار ڪرڻ لاء ڄام ۽ ٻين اڳواڻن پاران هدايتون ڏنيون ويون هيون. جڏهين ان سلسلي ۾ ڄام سان ڳالهھائي ٿو ته هو ڪيس جواب ڏئي ٿو ته اهڙي ريت پارٽي جي سينيئر اڳواڻن کي ٻاهر وڃي بهتر نموني سان پارٽي جو ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو. اها صورتحال پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن جي حوالي سان سندس لاء انتهائي مايوس ڪن هجي ٿي. جن لاء مياس اهي ڪانڊي به نه ٿيا. ڪورٽ جو فيصلو به اهڙو ئي اچي ٿو جيڪو هڪ ڪرنل، جيڪو عدالت جو حصو به نه ٿو هجي، ڪيس زباني جيل ۾ ٻڌائي وڃي ٿو. ان فيصلي موجب باقي سيني کي آزاد ڪري شبير ۽ ڪمال کي ست ست سال قيد جي سزا ڏني وڃي ٿي. انتهائي ڪاوڙ ۾ هو دائري ۾ مختلف جاين تي

اهو اظهار ڪري ٿو تہ ڇام ساقي ڪيس مان ڇام ساقي نڪري ويو باقي ڪيس رهجي ويو. هڪ جاءِ تي هو انهن سيني آزاد ٿيلن کي سرڪاري ايجنٽ قرار ڏئي ٿو جن کي ضياءالحق جي سخت دور ۾ آزاد ڪري ٻاهر سرگرم ٿيڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي. هو لکي ٿو تہ انهن اڳواڻن ٻاهر وڃي پارٽي لاءِ اهو ڪم ڪيو تہ پارٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. هو ٻنهي ڌڙن جي اڳواڻن مان مطمئن نہ ٿو هجي. هو جتي ڇام ۽ جمال نقوي تي تنقيد ڪري ٿو اتي مير ٿيبو ۽ مختيار باڇا بہ ان جو نشانو بڻجن ٿا. جيئن تہ انهن جي امداد ڪندڙ سوويت يونين پاڻ ان وقت بحران ۾ هو ان ڪري هو سمجهي ٿو تہ انهن ٻنهي ڌڙن مان بہ ڪو باقي نہ رهندو. هو پنهنجي سزا پوري ڪري جيل مان نڪري ٿو ۽ پاڻ کي ڪنهن بہ ڌڙي سان لاڳاپيل نہ ٿو سمجهي. پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن لاءِ وٽس بس تلخ يادون ئي هجن ٿيون.

ڪتاب ۾ ڪجھ غلطيون آهن جن کي ليکڪ ٻئي ڇاپي ۾ درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. رڳو هڪ مثال هتي ڏيندس تہ هڪ جاءِ تي ليکڪ اهو لکيو آهي تہ 1935 ۾ آئي ايم ايف، عالمي بينڪ ۽ ٻين مختلف ادارن ۾ ملڪن جي گڏجاڻي ٿي هئي جنهن ۾ سوشلزم ۽ آزادي جي تحريڪن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪئي ويئي هئي. ان سلسلي ۾ اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ بريٽن ووڊ نظام تحت انهن ادارن جو قيام ئي ٻين مهاڀاري جنگ جي خاتمي کان پوءِ ٿيو هو.

ان ڊائري مان حالتن جي ڪري گهڻو عرصو غائب آهي ۽ ترتيب بہ متاثر ٿي آهي ۽ ليکڪ پاران ان جي وضاحت بہ ڏني ويئي آهي. ان جي باوجود چارسو صفحن کان وڌيڪ جي اها ڊائري سنڌ جي سياسي تاريخ جي هڪ اهم ڪيس جي قيدي جو موقف آهي جنهن جي پنهنجي ليکي اهميت آهي.

# صابره ۽ شتيلا ڪئمپن جي قتل عام ڪي ڪيئن وساري سگهبو

بيروت مان جون 1982 جي اسرائيل جي حملي ڪانپوء جنگ بندي ۽ پي ايل او جي اتان نڪري وڃڻ ڪانپوء حالتن ۾ نہ رڳو اهو تہ ڪو سڌارو نہ آيو هو پر اهي وڌيڪ خراب ٿي ويون هيون. خاص طور تي فلسطينين لاء ڪو تحفظ نہ هو. آمريڪا پاران ياسرعرفات کي فلسطينين جي تحفظ جي ضمانت ڏني ويئي هئي. پر آمريڪا، فرانس ۽ اٽلي تي مشتمل گهڻ قومي فوج جيڪا لبنان ۾ امن قائم ڪرڻ لاء هڪ مهيني لاء آئي هئي اها جنگ بندي ڪانپوء سترنهن ڏينهن ۾ ئي واپس هلي ويئي.

ان صورتحال ۾ فلانجسٽن لاء اسرائيلي فوج جي مدد سان فلسطينين سان پراڻا ۽ نوان حساب ڪتاب صاف ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو هو. فلسطينين متعلق لبنان جي مسلمانن ۽ عيسائين ۾ مختلف رايا رکيا ٿي. مسلمانن فلسطينين جي جدوجهد ۽ اسرائيل خلاف ويڙه کي عربن جي اسرائيل خلاف جدوجهد جي اجتماعي نڪتہ نظر سان ڏٺو ٿي ۽ ان جي حمايت ڪئي ٿي جڏهين تہ عيسائين جي ليکي فلسطينين جو لبنان تي ڪو حق نہ هو ۽ انهن لبنان جي معاملن ۾ مداخلت ڪري حالتن کي خراب ڪيو هو. لبنان تي ڪاه اسرائيلي جرنل شيرون جو ئي آئيڊيا هو. ان ڪاه، جنهن کي آپريشن گليلي جو نالو ڏنو ويو هو، جو مقصد اتر اسرائيل کي ڏکڻ لبنان مان ٿيندڙ فلسطينين جي حملن کان محفوظ ڪرڻ هو. بي هٿيار فلسطينين تي حملي ۽ ڪوس ڪرڻ لاءِ بہ هن ئي فلانجسٽن ۽ اسرائيل جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪندڙ ميجر حداد جي ڏکڻ لبناني فوج جي همت افزائي ڪئي هئي. رابرٽ فسڪ جو چوڻ آهي تہ ان ڪوس کان اڳ واري رات اسرائيل جي جهازن پاران اولہ بيروت ۾ روشني جا اهڙا فليئرز ڪيرايا ويا جنهن سان سڄو شهر ڏينهن جيان روشن ٿي ويو. شهر ۾ جيڪا چرپر هئي ان مان اهي اطلاع مليا ٿي تہ مهاجر ڪئمپن ۾ فلانجسٽ ڪا ڪاروائي ڪري رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن رابرٽ فسڪ ۽ ٻہ ٻيا صحافي گڏجي مهاجر ڪئمپن ڏانهن وڃن ٿا. ڪين ڪئمپ جي ٻاهر ڪجهہ گاڏيون بيٺل نظر اچن ٿيون جڏهين تہ اندر صورتحال گهٽي خراب ۽ ڊيڄاريندڙ هجي ٿي. عورتن، ٻارن ۽ مڙدن کي نهايت بيدردي سان ڪُنو ويو هو. اهي هڪ اهڙي جوان عورت ۽ سندس معصوم ٻارڙي جا لاش ڏسن ٿا جن کي ڏوتل ڪپڙا سڪائيندي تازو ڪُنو ويو هو. اها تصوير چڻ سندن ذهن تي نقش ٿي وڃي ٿي. ساڳي وقت ڪين هڪ اهڙي گرڀ واري عورت جي لاش ملي ٿي جنهن جي پيٽ کي چيري اڻڄاول ٻار کي بہ ماريو ويو هو. فسڪ ۽ سندس دوستن جي اتي هئڻ وقت بہ انهن قاتلن مان ڪجهہ اتي موجود هئا. ان خيال کان تہ اهي ڪنهن بہ ثبوت کي ختم ڪرڻ لاء ضرور ڪين ماريندا هو لڪي وڃن ٿا ۽ سندن وڃڻ ڪانپوء ٻاهر نڪرن ٿا. گهٽين لاشن کي اجتماعي قبرن ۾ پوريو ويو هو پر گهٽيون اجا ائين بي گور وڪفن پيون هيون.

ان ڪانپوء ٻيا پرڏيهي ۽ لبناني صحافي بہ ان جاء تي پهچن ٿا. اسرائيل پاران ان سڄي ڪوس ۾ پنهنجي ملوث هئڻ کان انڪار ڪندي اهو موقف اختيار ڪيو وڃي ٿو تہ اهو سڀڪجهہ لبنان جي مختلف گروهن جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ اختلافن جي نتيجي ۾ ٿيو هو ۽ فسڪ جي رپورٽ کي

ڪوڙ تي ٻڌل ڄاڻايو ويجي ٿو. پر فسڪ پاران باقاعدي دليلن ۽ ثبوتن سان اسرائيل جي ان قتل عام ۾ ملوث هئڻ متعلق ٻڌايو ويجي ٿو جن کان انڪار ڪرڻ ممڪن نہ ٿو ھجي.

اسرائيل سميت سڄي دنيا ۾ ان تي ردعمل ٿئي ٿو. تل ابيب ۾ اسرائيل جي فوجي ڪاروائي خلاف مظاهرا ٿين ٿا. دنيا ۽ خاص طور اسرائيل جو عوام ان ڳالهه تي حيران ھجي ٿو تہ يھودي جن ٻين مھاڀاري جنگ ۾ هٽلر جا ظلم سٺا ۽ لکين گيس چئمبرن جو بک ٿيا ۽ جيڪي سڄي دنيا آڏو پاڻ کي مظلوم ۽ اجتماعي طور هڪ بھتر اخلاق واري قوم ڪري پيش ڪن ٿا اهي اهڙي ڪم ۾ ڪيئن ملوث رهيا ۽ ڪيئن انهن ٻين ماڻهن تي اهي ساڳيا ظلم روا رکيا. اهو سوال پڻ اٿاريو ويو تہ آپريشن گليلي، جيئن نالي مان ظاهر آهي، رڳو ڏکڻ لبنان تائين محدود هئڻ گھرجي ها. اسرائيلي فوج کي بيروت تائين وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. سويڊن پاران شيرون کي جنگي ڏوهاري قرار ڏيئي مٿس مقدمو هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن کي آمريڪي مداخلت تي واپس ورتو ويو. ان سڄي ردعمل کي منهن ڏيڻ لاء اسرائيل جي حڪومت پاران ان معاملي جي جاچ لاء ڪاهان ڪميش جوڙيو ويو. ڪميشن پاران جيتوڻيڪ ان واقعي لاء شيرون ۽ اسرائيلي فوج کي ذميوار قرار ڏنو ويو جيڪا ان ڪوس وقت بيروت ۾ موجود هئي ۽ ان ڪوس جي ذميوارن کي لغام ڏيئي سگهي ٿي، پر ساڳي وقت رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو تہ ان جي پويان لبنان جي مختلف گروهن جا اختلاف بہ هئا. بهرحال ذميوارن خلاف ڪابہ ڪاروائي نہ ڪئي ويئي ۽ ايستائين تہ شيرون اڳتي هلي اسرائيل جو وزيراعظم بہ بڻجي ويو.

ان جا بہ نتيجا نڪتا. هڪ تہ فرانس، اٽلي ۽ آمريڪا تي مشتمل گهڻ قومي فوج وري لبنان پهچي ويئي ۽ ٻيو اسرائيل تي بيروت مان فوج واپس گهرائڻ لاء دٻاء وڌي ويو.

اسرائيل جو مقصد لبنان کي پنهنجي لاء محفوظ ڪرڻ ۽ اتي پنهنجي پسند جي حڪومت کي آڻڻ هو. ان مقصد لاء فلانجسٽ اڳواڻ بشير جمائل کي لبناني اشرافيہ تي ٻڌل پارليامينٽ کان صدر چونڊرايو ويو ۽ مٿس اهو دٻاء وڌو ويو تہ هو اسرئيل سان امن ناه ڪري. ان ڳالهه کي خاص طور شام، جنهن جو پڻ لبنان جي معاملن ۾ شروع کان هڪ اهم ڪردار رهيو آهي، قبول ڪرڻ لاء تيار نہ هو. بهرحال بشير جمائل تي ان ڳالهہ لاء آمريڪا پاران بہ زور وڌو ويو ۽ هن نيٺ اسرائيل وڃي ان امن ناه تي صحيح ڪئي. پر اسرئيل جي اڳواڻن پاران ساڻس جيڪو هتڪ آميز ۽ پنهنجي ٻالڪي جيان ورتاء ڪيو ويو ان سندس عزت نفس کي متاثر ڪيو. اسرائيل جي اڳواڻن پاران کيس او ڇوڪرا ڪري مخاطب ڪيو ويو. سندس چوڻ هو تہ لبنان هڪ خودمختيار ملڪ آهي ۽ هو ان جو صدر آهي ۽ ساڻس سندس ان رتبي جي لحاظ کان ئي ورتاء ٿيڻ گهرجي ها. ڪجھ عرصي کان پوء بشير جمائل بہ قتل ٿي ويو ۽ سندس جاء تي سندس ڀاء امين جمائل کي نئون صدر چونڊيو ويو.

اسرائيلي فوج کي لبنان ۾ اهي مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا جن جي حاصل ڪرڻ لاء هن لبنان تي ڪاه ڪئي هئي ۽ اتان جي ماڻهن جو قتل عام ڪيو هو. رابرٽ فسڪ بائبل جي هڪ آيت جو حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ يهودين کي هزارين سال اڳ ئي ئي لبنان ۾ مداخلت کان منع ڪئي ويئي هئي جيڪا ڳالهه سندن لاء هاڃيڪار ٿي سگهي ٿي.

اسرائيلي فوج بيروت مان نڪري ويئي پر ان ڏکڻ لبنان جي هڪ حصي کي سيڪيوريٽي زون جي طور پنهنجي قبضي ۾ رکڻ چاهيو ٿي. پر لبنان اجا شانت نہ هو. هڪ تہ اجا ملڪ ۾ گهڻ قومي فوج موجود هئي ۽ ٻيو تہ پي ايل او جي بيروت مان انخلاء ڪانپوء مختلف لبناني ويڙهاڪ گروه سامهون آيا هئا. اهڙي ريت صورتحال بلڪل هڪ نئون رخ اختيار ڪيو هو.

# ليلا جا ڏهه منٽ ۽ اٺٽيهه سيڪنڊ

سماجي تبديلي هڪ ڏکيو عمل آهي. ان ۾ ساڳي وقت موافق ۽ مخالف قوتون ڪم ڪري رهيون هونديون آهن. اهو عمل هڪ ڊگهي وقت تائين ڪڏهين هڪ ته ڪڏهين ٻئي جي حق ۾ ٿيندو رهندو آهي. اها ڳالهه خاص طور انهن سماجن ۽ ملڪن ۾ وڌيڪ واضح نظر ايندي آهي جتي اهو تبديلي جو عمل هلندڙ هوندو آهي. ترڪي انهن ڪجهه ملڪن مان آهي جيڪي نوآبادياتي تسلط هيٺ نه رهيا آهن بلڪ خلافت عثمانيه جي جهنڊي هيٺ يورپ ۽ ايشيا وغيره جا ڪيترا ملڪ ان جي تسلط هيٺ رهيا آهن ۽ اهو ٽي چار صدين تائين پاڻ هڪ نوآبادياتي قوت جي حيثيت ۾ رهيو آهي.

پهرين مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ جڏهين اها سلطنت وکرجي ويئي ۽ مختلف يورپي طاقتن اهو مال غنيمت پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو ۽ پاڻ ترڪي جو وجود خطري ۾ پئجي ويو ته ڪمال اتاترڪ خلافت عثمانيه کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي ترڪي کي هڪ جديد سيڪيولر رياست ناهڻ جو اعلان ڪيو. اتاترڪ کي آزادي جو ابو ڪري ته ليکيو وڃي ٿو. پر سندس ان اعلان سان پراڻو نظام جنهن جون پاڙون نهايت پختيون هيون ختم نه ٿي سگهيو ۽ هڪ لحاظ کان نئين ۽ پراڻي وچ ۾ ٽڪراءُ ۽ تضاد وڌيڪ تيز ٿي ويو.

اهو تضاد تخليقڪارن لاءِ اتساه جو باعث ۽ اهڙي ريت سندن تخليقن جو موضوع رهيو آهي. ايلف شفق انهن ڪجهه ليکڪن مان آهي جن لاڳيتو ترڪي جي تاريخ، ان جي سماج ۽ حال جي تضادن کي پنهنجي لکڻين جو موضوع بڻايو آهي. اها هڪ خاص ڳالهه آهي ته هن حوالي سان ڏٺڙيل ۽ سماج پاران رد ڪيل ماڻهو ۽ ترڪي جون نسلي ۽ مذهبي ٿورايون سندس توجهه جو مرڪز رهيون آهن ۽ انهن جي ڏک ۽ درد کي هن پنهنجو ڏک ۽ درد سمجهي پيش ڪيو آهي. ساڳي وقت اها ڳالهه پڻ واضح هوندي آهي ته سندس اهي ڪردار تبديلي جا نمائندا هوندا آهن ۽ هو هميشه تبديلي جي پاسي هوندي آهي. سندس تازو ناول 10 Minutes 38 Seconds in This Strange World ان سلسلي جي هڪ ٻي ڪوشش آهي.

هن ناول جو مرڪزي ڪردار ترڪي جي هڪ ننڍي شهر وان جي هڪ ڇوڪري ليلا آهي. هارون جي ٻن زالن جو نو سالن تائين اڪيلو ٻار ۽ پوءِ جيڪو پٽ ترڪان ڄمي ٿو اهو پڻ نارمل نه ٿو هجي ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ گذاري وڃي ٿو ۽ هو اڳ جيان اڪيلي رهجي وڃي ٿي. کيس پنهنجي ٻن مائرن ۽ پيءُ جو پيار ملي ٿو.ساڳي وقت کيس پڙهڻ ۽ ٻي دنيا جي خبر چار رکڻ جو پڻ شوق هجي ٿو. اوله جي ملڪن جي اداڪارائن، موسيقي ۽ گيتن سان کيس خاص چاهه هجي ٿو. هو خبرون پنهنجي اصلي ماءُ، جنهن کي هو آنٽي چئي ٿي ۽ جيڪا اڻ پڙهيل هجي ٿي، کي به پڙهي ٻڌائي ٿي.

سندس چاچو ان وقت کان جڏهين سندس عمر ڇه سال ۽ چاچي جي ٽيتاليه سال هجي ٿي مٿس خاص توجهه ڏيڻ شروع ڪري ٿو. هو کيس وقت بوقت هراسان ڪندو رهي ٿو ۽ جڏهين هو پندرنهن سورنهن سالن جي هجي ٿي ته کيس مختلف طريقن سان بليڪ ميل ڪري ساڻس زنا ڪري ٿو جنهن مان کيس پيٽ ٿئي ٿو. ان دوران اسڪول ۾ سندس دوستي اڪيلي ماءُ جي پٽ سنان سان ٿئي ٿي

جيڪو اڳتي هلي سندس پنج بهترين دوستن مان هڪ هجي ٿو. ساڳي وقت سندس ياء ترڪان جي موت سندس پي جي زندگي ۾ وڏي تبديلي آڻي ڇڏي ٿي. سندس مرشد ان جو ڪارڻ سندس پنهنجي مذهب تي عمل نہ ڪرڻ کي قرار ڏئي ٿو ۽ نتيجي ۾ هو گوشہ نشيني اختيار ڪري عبادتن ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو ۽ گهر وارن کي ان واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪري ٿو. پر ليلا سندس انهن پابندين کي قبولڻ لاء تيار نہ ٿي هجي ۽ اولہ جي اداڪارائن ۽ ڳائڻين جيان پنهنجو هارسنگهار ڪري ٿي. ساڳي ريت ليلا پنهنجي ماء کي اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ هو پيٽ سان آهي ۽ ان جو ڪارڻ چاچا آهي. سندس پي پنهنجي ياء کان ان جي پڇا ڪري ٿو پر هو ان کان انڪار ڪري ٿو ۽ ان جو ڏوه ليلا جي دوست سنان تي هڻي ٿو. پر ليلا ان کي نہ ٿي مڃي ۽ پنهنجي ڳالهه تي اصرار ڪندي رهي ٿي. هو سمجهي ٿي تہ سندس پي ڪٽي ظاهري طور سندس ڳالهه کي نہ مڃيندو هجي پر هو پنهنجي اندر ۾ ان ڳالهه کي مڃي ٿو تہ ان جو ذميوار سندس ياء آهي نہ تہ ٻي صورت ۾ هو سنان جي ماء وٽ پهچي وڃي ها. حمل ٻن مهينن کان پوء ڪري پئي ٿو ۽ اهو فيصلو ڪيو وڃي ٿو تہ ليلا جي شادي سندس هڪ ننڍي سوٽ سان ڪئي ويندي. ليلا ان ڳالهه کي نہ ٿي مڃي ۽ گهر مان فرار ٿي سنان کان ڪجهہ پئسا وٺي بس ۾ سوار ٿي پنهنجي خوابن جي شهر استنبول رواني ٿي وڃي ٿي.

اهو دور گذريل صدي جي سٺ جي ڏهاڪي جي آخر ۽ ستر جي ڏهاڪي جو دور هو. ملڪ ۾ فوج جو راڄ، هڪ افراتفري ۽ ساڃي ۽ کابي ڌر وچ ۾ گهرو ويڙه واري صورتحال هئي. يونيورسٽيون جنگ جو ميدان بڻيل هيون. فوج جي سرپرستي ۾ ناهيل يورن بگهڙن جهڙين شاونسٽ تنظيمن جو نشانو کابي ڌر جا ڪارڪن، ڪرد قوم پرست ۽ آرمينائي نسل جا ماڻهو هجن ٿا. ان سڄي پسمنظر ۾ ليلا هڪ اهڙي شهر ۾ پهچي ٿي جتي سندس ڪير واقف ناهي. ساڻس پهرين واردات اها ٿئي ٿي تہ بس اسٽاپ تي واش روم ۾ هٿ منهن ڌوئندي سندس پرس چورائجي وڃي ٿو جنهن ۾ سندس ڪجهہ رقم بہ هجي ٿي. ان ڪانپوء ساڻس اهو ڪجهہ ٿئي ٿو جيڪي ڪجهہ اهڙن وڏن شهرن ۾ جوان، سهڻين ۽ اڪيلين ڇوڪرين سان ٿيندو آهي. هو هڪ دلال جي هٿ لڳي وڃي ٿي جيڪو همدردي ڪري ڪيس هڪ عورت وٽ وٺي وڃي ٿو. ڪيس قيد ڪري رکيو وڃي ٿو ۽ شراب پيئاري ڏنڌو ڪرايو وڃي ٿو. هو گهڻن ڄڻن وٽ وڪرو ٿيندي اچي مني ماء ۽ ڪوڙي ماء نالي نائڪ جي چڪلي ۾ پهچي ٿي. وٽس مختلف نمونن جا گراهڪ اچن ٿا. هڪ ڀيري هڪ گراهڪ سندس چهري تي تيزاب اڇلڻ چاهي ٿو پر سندس بروقت ڪمري مان نڪري وڃڻ جي ڪري هو تيزاب جي بوتل سندس پويان اڇلائي ٿو جنهن جي ڪري سندس پٺ سڙي وڃي ٿي ۽ علاج ڪانپوء بہ ان تي نشان رهجي وڃي ٿو.

ان دوران جولائي 1968 ۾ خبر اچي ٿي تہ آمريڪا جو ڇهون بحري ٻيڙو ترڪي جي دوري تي اچي رهيو آهي. بازار حسن ۾ ڄڻ ان خبر سان زندگي جي هڪ نئين لهر ڊوڙي وڃي ٿي. آمريڪي سپاهين جي آڌر ياء لاء صفائي سٿرائي ۽ رنگ روغن جو ڪم شروع ڪيو وڃي ٿو ۽ بازار کي مقامي گراهڪن لاء بند ڪيو وڃي ٿو. کابي ڌر جي شاگردن وغيره پاران ان بحري ٻيڙي جي اچڻ جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي ۽ ان جي خلاف مظاهرا ڪيا وڃن ٿا. ڪجهہ آمريڪي فوجي بازار ۾ گهمندي ۽ خريداري ڪندي انهن مظاهرين ۾ ڦاسي پون ٿا ۽ پنهنجي جان بچائي ڀڄن ٿا. ان صورتحال کي ڏسندي بحري ٻيڙي پاران استنبول ۾ وڏيڪ ترسڻ جي بجائي فوري واپسي جو فيصلو ڪيو وڃي ٿو جيڪا ڳالهہ

بازار حسن جي مالڪن ۽ نائڪائن ڪي گهڻي پسند نہ تي اچي ۽ هو سوچين ٿا تہ نيٺ انهن ڪاٻي ڌر وارن کي کهڙو ضرور پيو آهي جيڪي آمريڪين خلاف ائين مظاهرا پيا ڪن ۽ سندن ڌنڌي کي خراب پيا ڪن. هو پوءِ مقامي ماڻهن لاءِ پنهنجا دوڪان کولي ڇڏين ٿا.

انهن مظاهرن دوران هڪ نوجوان شاگرد پوليس جي لاٺي چارج ۽ ڳوڙها گيس کان بچندي ڪوڙي ماءِ جي ڪوٺي ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. هن نوجوان جو نالو ڊي علي هجي ٿو. هو جرمني ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مهمان مزدور جو پٽ هجي ٿو ۽ جرمني ۾ ڪجھ عرصو تعليم بہ حاصل ڪري ٿو پر سندس پيءُ خاص طور پنهنجين ڌيئن کي اتان جي ثقافتي ۽ سماجي اثرن کان بچائڻ لاءِ کيس بہ انهن سان گڏ انهن جي سار سنڀال لاءِ ترڪي واپس موڪلي ڇڏي ٿو. هو يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي ٿو ۽ ڪاٻي ڌر جي شاگردن جي گروهن سان لاڳاپجي وڃي ٿو. ڪوڙي ماءِ کيس ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿي پر اهو الائي ڇو ليلا کي وڻي وڃي ٿو ۽ اها کيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي ٿي. اتي هو ساڻس جنسي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ رڳو ويهي ساڻس ڳالهيون ڪري ٿو. اهو ڄڻ سندس معمول بڻجي وڃي ٿو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليلا سان ڳالهيون ڪندو رهي ٿو جنهن جي کيس هڪ وڏي قيمت نائڪا کي ادا ڪرڻي پيئي ٿي. ليلا کيس اهو چئي بہ ٿي ۽ کيس اچڻ کان روڪڻ جي ڪوشش بہ ڪري ٿي پر هو ان ۾ ڪامياب نہ ٿي ٿئي. هن نوجوان ۾ گهڻيون صلاحيتون هجن ٿيون. هو هڪ آرٽسٽ بہ هجي ٿو ۽ ليلا جون مختلف طريقن سان تصويرون ناهي ٿو. نيٺ هو وياج تي هڪ وڏي رقم جو بندوبست ڪري اها نائڪ کي ڏيئي ليلا کي شادي ڪري پاڻ سان وٺي وڃي ٿو. اهي ٻئي هڪ ڌار فليٽ ۾ رهن ٿا. ليلا جي لاءِ ڄڻ تہ اها هڪ نئين زندگي هجي ٿي ۽ هو سمجهي ٿي تہ هاڻي ماضي موٽي نہ ايندو. پر ائين نہ ٿو ٿئي.

هو جيتوڻيڪ کيس پنهنجن انقلابي دوستن وغيره سان نہ ٿو ملائي، پر 1 مئي 1977 جي پورهيتن جي ڏينهن جي جلوس ۾ هو کيس پاڻ سان وٺي ٿو وڃي. اتي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ هزارين پورهيت، شاگرد ۽ ٻيا عام ماڻهو هجن ٿا. ساڳيا نعرا، ساڳيون گهرون پر هر ڪنهن وٽ پنهنجين جماعتن جا ڌار ڌار جهنڊا. هو ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلن ٿا تہ جيئن ان هجوم ۾ هڪٻئي کان وڇڙي نہ وڃن. اڳتي وڃن ٿا تہ جلوس تي فائرنگ شروع ٿي وڃي ٿي. افراتفري ۾ جڏهين هجوم پرپاسي وارين گهٽين ۽ سڙڪن ڏانهن پڇي ٿو تہ انٽرڪانٽيننٽل هوٽل جي ڪمرن جي درين ۾ وينل نشاني باز جلوس تي سڌي فائرنگ شروع ڪن ٿا. ليلا ۽ ڊي علي ڌار ٿي وڃن ٿا. ٻئي ڏينهن ان جاءِ تان ٻہ هزار کان وڌيڪ گولين جا خول ملن ٿا ۽ هڪ سو ٽيہ کان وڌيڪ ماڻهن جي قتلڻ جو ٻڌايو وڃي ٿو. ليلا ڊي علي جي ڳولها شروع ڪري ٿي ۽ هڪ اسپتال مان کيس خبر پيئي ٿي تہ هو ان افراتفري ۾ هجوم جي پيرن ۾ لتاڙجي مارجي ويو هو.

وٽس ڪجھ بہ نہ ٿو هجي. هڪ تہ سندس لاءِ ڊي علي جي ورتل قرضن کي لاهڻو هو ۽ ٻيو روزمره جو خرچ هو. هو وري پنهنجي ساڳئي ڌنڌي تي اچي وڃي ٿي. هڪ ڏينهن نائڪ کيس فون ڪري ٿي تہ هڪ سيٺ کي پنهنجي پٽ لاءِ جنهن جي هو شادي ڪرائڻ چاهي ٿو پر جيڪو عورت جي ويجهو نہ ٿو وڃي هڪ وئشيا جي ضرورت آهي جيڪا کيس ان واٽ تي وٺي اچي. کيس ان ڪم لاءِ وڏي رقم ملي ويندي. هو کيس مقرر وقت تي هڪ خاص لباس ۾ انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ پهچڻ لاءِ

چئي ٿي. هو اتي پهچي ٿي پر ان نوجوان کي گهڻو پريشان ڪرڻ ڪانسواءِ ساڻس مختصر ملاقات ڪري هوٽل مان نڪري اچي ٿي. واٽ تي هڪ مرسديز ڪار ۾ ٻه شخص ڪيس پاڻ سان گڏ هلڻ جي آڇ ڪن ٿا. هو ڪار ۾ ويهي ٿي ۽ واٽ تي اهي ان کي قتل ڪري لاش ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا. دراصل اهو سيٺ جو ماڻهو هجي ٿو جنهن کي سيٺ پنهنجي پٽ لاءِ ويشيائن جو بندوبست ڪرڻ جو ڪم ڏنو هو ۽ جنهن پنهنجي سوٽ سان گڏجي اها رٿا ناهي هئي. ان ڪان اڳ هو ٽي وئشيائن کي قتل ڪن ٿا ۽ اهو سندن چوٿون قتل هجي ٿو.

ماڻهو جڏهين مري وڃي ٿو ۽ سندس دل بيهي رهي ٿي ته سندس ذهن ڪجهه وقت تائين ڪم ڪندو رهي ٿو. اهي ليلا جي ذهن جا اهي ڏه منٽ ۽ اٺتيهه سيڪنڊ هجن ٿا جنهن ۾ هو پنهنجي سڄي زندگي کي ياد ڪري ٿي ۽ اها سڄي ڪهاڻي سندس آڏو اچي وڃي ٿي. سندس خاندان وارا سندس لاش وٺڻ کان انڪار ڪن ٿا ۽ اهڙي ريت ڪيس استنبول جي ڪليوس جي علائقي ۾ لاوارثن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي ٿو جتي سندس قبر تي ڪو نالو ۽ ٻي ڪا نشاني نه ٿي هجي بس رڳو هڪ نمبر هجي ٿو.

ان موقعي تي ليلا جا پنج دوست، جن ۾ عرب، آفريڪي ۽ ترڪ شامل هجن ٿا جن کي اسپتال وارا لاش ڏيڻ کان انڪار ڪن ٿا، اهو فيصلو ڪن ٿا ته سندن هوندي ليلا لاوارث ڪيئن ٿي ٿي سگهي. ڪيس عزت واري ۽ مناسب تدفين ڏيڻ ضروري آهي. ان مقصد لاءِ هو اڌ رات جو قبرستان وڃي سندس لاش ڪڍن ٿا ۽ ان کي ٻئي قبرستان ۾ سندس مڙس جي پير ۾ دفن ڪرڻ چاهين ٿا. پر ان سڄي وقت پوليس سندن پويان هجي ٿي. انهن مان هڪ کي ياد اچي ٿو ته ليلا پنهنجي لاش کي سمنڊ ۾ لوڙهڻ جي ڳالهه ٻه ڪئي هئي. اهي سمنڊ تي پهچن ٿا جت پوليس به گڏ ئي پهچي وڃي ٿي پر اهي ڪنهن ريت لاش کي سمنڊ جي حوالي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا.

ليکڪا ٻڌائي ٿي ته اهو ناول حقيقت ۽ سندس تصور تي ٻڌل آهي. اهو برابر آهي ته ناول جا ڪردار تصوراتي آهن پر ساڳي وقت ڪليوس ۾ لاوارثن جو قبرستان موجود آهي ۽ اتي اجا به مختلف قسم جي لاوارثن سان گڏ ايجين سمنڊ ذريعي جيڪي مختلف ملڪن جا ماڻهو ترڪي اچڻ جي ڪوشش ۾ ٻڏي مري وڃن ٿا انهن کي به اتي دفن ڪيو وڃي ٿو. ساڳي ريت پهرين مئي جي جلوس تي هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل مان جيڪا فائرنگ ٿي هئي اها به حقيقت آهي ۽ اها هوٽل هاڻي مرمرا جي نالي سان موجود آهي.

هڪ لحاظ کان اهو ناول هڪ عورت تي مرڪوز هوندي به جڻ پوري سماج جي هڪ تصوير پيش ڪري ٿو.

# سجاڳ جي ڳولها

ايلف شفق فڪشن ۽ نان فڪشن ٻنهي صنفن ۾ لکندي رهي آهي. پينگوئن پاران سندس هڪ مختصرنان فڪشن ڪتاب Dangers of The Happiness of Blond People: A Personal Meditation on the Identity ڊجيٽل فارم ۾ شائع ڪيو ويو آهي ته جيئن ماڻهو ڪنهن سفر دوران ۽ ٿوري فراغت جي وقت ان کي پنهنجي موبائل وغيره تي ئي پڙهي سگهن. هن ڪتاب ۾ ليکڪا خاص طور يورپ ۾ وڏي پئماني تي ايشيائي ۽ آفريڪي ماڻهن ۽ خاص طور مسلمانن جي اچڻ سان جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي ان تي پنهنجي سوچ ويچار پيش ڪئي آهي. هن ڪتاب لکڻ جو اتساه ڪيس ان وقت مليو جڏهين هو نيدرلينڊ جي شهر هيگ مان هڪ ادبي ڪانفرنس مان استنبول موٽي رهي هئي. ايئرپورٽ تي لائين ۾ بورڊنگ جو انتظار ڪندي هو هڪ ترڪ مرد کي پنهنجي هڪ ٻئي هم وطن سان ڳالهائيندي ٻڌي ٿي. هو ان شخص کي ٻڌائي رهيو هو ته هو هيگ ۾ جنهن عمارت ۾ رهيل هو ان جي هيٺين ماڙ تي رهندڙعورت ڪيس گهڻو تنگ ڪيو هو. ٻارن جي ٿوري به شور تي هو فوري طور پوليس کي گهرائيندي هئي ۽ پوليس به هر ڀيري سندس چوڻ تي ايندي هئي ۽ کين تنگ ڪندي هئي. ٻيو شخص کانئس پڇي ٿو ته ڇا ان عورت جا پنهنجا ٻار شور نه ٿا ڪن ته هو جواب ڏئي ٿو ته نه. ڇاڪاڻ ته گورا وڏيڪ مطمئن ۽ خوش آهن ۽ اسان کان مختلف آهن.

هو سوچي ٿي ته ڇا واقعي ائين ئي آهي. ايشيا ۽ آفريقا جا گهڻا ماڻهو پنهنجي ملڪ جي معاشي، سماجي، سياسي ۽ امن امان جي صورتحال جي ڪري ٻين ملڪن ڏانهن لڏين ٿا. ان وقت منجهن هڪ ته پنهنجن مائٽن، دوستن ۽ پنهنجي ماحول کان ڌار ٿيڻ جو ڏک ۽ هڪ ڏوه جو احساس هجي ٿو جڏهين ته سندن ملڪ جي حالتن منجهن جنهن هڪ غم جي ڪيفيت کي پيدا ڪيو هجي ٿو ان مان نڪرڻ جي خوشي به هجي ٿي.

ليکڪا پنهنجي ذاتي تجربي جي حوالي سان ٻڌائي ٿي ته سندس ننڍپڻ ۾ ئي سندس ماء پيء ۾ طلاق ٿي ويئي هئي. هو پنهنجي ماء ۽ ناني سان پهرين انقره ۾ رهي ۽ پوء پنهنجي ماء جي نوڪري جي سلسلي ۾ استنبول ۽ اتان ميڊرڊ آئي جتي هو جنهن اسڪول ۾ پڙهندي هئي اتي مختلف ملڪن جا ٻار هوندا هئا. جيڪڏهين دنيا ۾ ڪنهن ملڪ ۾ ڪو واقعو ٿيندو هو ته ان ملڪ جي ٻار جي حوالي سان اها ڳالهه ٻولھ ڪئي ويندي هئي. ڪيس پنهنجن ڪمن ڪارين ۽ لکڻ جي حوالي سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو. هو سمجهي ٿي ته سندس پاڙون ڪنهن هڪ سرزمين ۾ ناهن بلڪ هو ڏندڪٿائي وڻ Tuba جيان آهي جنهن جون پاڙون بجائي زمين جي مٽي هوا ۾ هونديون آهن.

سندس خيال آهي ته لڏي ويندڙن جي پهرين نسل پنهنجي وطن ۽ مٽن مائٽن کي گهڻو ياد ڪندي آهي جڏهين ته پوء وارين نسلن لاء اهو گهڻو مسئلو نه هوندو آهي. هو 1930 جي ڏهاڪي ۾ استنبول مان آمريڪا لڏي ويندڙ هڪ آرمينائي سان ملاقات جو ذڪر ڪري ٿي جنهن جي اکين ۾ استنبول کي ياد ڪندي ڳوڙها اچي وڃن ٿا. هن جو چوڻ هو ته سندس دل ته استنبول وڃڻ لاء گهڻو

چئي ٿي پر ڪيس خبر آهي تہ هو جيڪڏهين هڪ پيرو اتي ويو تہ وري موٽي نہ سگهندو جڏهين تہ اها ڳالهه سندس ٻارن لاءِ ناهي.

هن وقت يورپ ۾ ايشيائي ۽ آفريقي ماڻهن، جن ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي، جو ڪل آبادي ۾ تناسب پنج سيڪڙو آهي. سڀ کان گهڻي آبادي فرانس ۾ آهي جڏهين تہ لندن ۾ پڻ هڪ وڏو تعداد آهي. اصل مسئلو اهو آهي تہ انهن ملڪن جا ماڻهو ۽ پناهگير پنهنجي پنهنجي ليڪي رهن ٿا. لندن ۾ پاڪستانين ۽ هندوستانين جا اهڙا علائقا آهن جتي جي ماحول کي ڏسندي اهو چوڻ ڏکيو هوندو آهي تہ ڇا ماڻهو واقعي انگلينڊ يا يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ آهي. هڪٻئي سان رابطي نہ هئڻ ڪري اهي ماڻهو هڪٻئي کي سمجهي نہ ٿا سگهن. پناهگير ان ملڪ ۽ ماڻهن جي ثقافت ۽ طور طريقن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ٻئي پاسي انهن ملڪن ۾ گورن جون اهڙيون نسل پرست تنظيمون سامهون آيون آهن جيڪي انهن ماڻهن کي اوپرو ۽ غاصب سمجهن ٿيون ۽ انهن کي پنهنجن ملڪن مان تڙڻ چاهين ٿيون. ان جو مشاهدو عام زندگي ۾ بسن ۽ ٽرينن ۾ سفر ڪندي ۽ پارڪن ۾ گهمندي ڪري سگهجي ٿو. اهڙي ريت بجائي هم آهنگي پيدا ٿيڻ جي هڪٻئي کان نفرت ۽ مختلف مسئلن تي اختلاف هڪ عام ڳالهه آهي. لندن ۾ جيڪي بم ڌماڪا ٿيا ۽ ٻين ملڪن ۾ جيڪي دهشت گردي وغيره جون ڪاروايون ٿيون آهن انهن ۾ ڪي ٻين ملڪن جا ماڻهو نہ پر انهن ملڪن جا ئي ماڻهو ملوث آهن جن جي تربيت ۽ پالنا انهن ملڪن ۾ ئي ٿي آهي. ساڳي ريت فرانس ۽ ڪجهہ ٻين يورپي ملڪن ۾ عورتن جي پردي وغيره جي معاملي تي جيڪي اختلاف سامهون آيا آهن انهن کي بہ ان پسمنظر ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو.

انهن ماڻهن ۾ جسماني فاصلن سان گڏو گڏ ذهني فاصلا بہ آهن ۽ اهي پنهنجي خول ۾ پنهنجي ليڪي رهن ٿا ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن. ٻنهي جي ثقافت، ٻولي ۽ رهڻي ڪهڻي هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن. ساڳي وقت پناهگيرجن ملڪن مان لڏي آيا آهن اتي بيروزگاري، امن امان ۽ معاشي بدحالي وغيره جا جيڪي مسئلا آهن ان جي ڪري انهن جي ذهني بيهڪ اولہ جي انهن ماڻهن کان بلڪل مختلف آهي جن کي هڪ تہ اهڙن مسئلن کي منهن نہ ٿو ڏيڻو پئي ۽ ٻيو تہ انهن کي رياست پاران اهي سهولتون حاصل آهن جيڪي پناهگيرن کي پنهنجن اصلوڪن ملڪن ۾ نہ هيون. اهڙي ريت اهو اطمينان ۽ خوشي جيڪا گورن جي ذهني بيهڪ جو حصو آهي پناهگير ان کان محروم آهن. اهي پناهگير انهن قانونن وغيره کي بہ مڃڻ لاءِ تيار ناهن ۽ انهن جي مزاحمت ڪن ٿا جن کي اهي پنهنجي مذهب ۽ ثقافت جي خلاف سمجهن ٿا. گورا اهو سمجهن ٿا تہ انهن ماڻهن سندن رهڻ سهڻ جي طريقن ۾ رنڊڪ وڌي آهي ۽ سندن معاشي وسيلن کي قبايو آهي.

ليڪڪا جو اهو خيال آهي تہ پناهگيرن جي مايوسي ۽ تفڪر، جنهن کي هو Angst جو نالو ڏيئي ٿي، جنهن جو اهي پنهنجي ملڪ ۾ شڪار هئا ان ۾ اولهہ جي ملڪن ۾ لڏڻ ڪانپوءِ گهٽتائي اچي ٿي. پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي تہ گورن ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ ذهني ۽ جسماني فاصلا گهٽجن، اهي هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ۽ هڪ ٻئي جي نڪتہ نظر، ڪلچر ۽ مسئلن کي سمجهن. اهو ئي هڪ حل آهي جنهن وسيلي اهي سک شانتي سان رهي سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ اهي ڌڪيڙ ۽ ڇڪتاڻ جو شڪار هوندا ۽ ڪو بہ سک سان نہ رهي سگهندو.

# عورت، ليکڪا ۽ ماءُ

ڇا ڪا عورت جيڪڏهين ليکڪا آهي ته ان کي شادي ڪرڻ گهرجي ۽ ماءُ ۽ گهر جون ذميواريون نڀائڻ گهرجن؟ ڇا ان صورت ۾ اها پنهنجيون سڀئي ذميواريون احسن طريقي سان نڀائي سگهندي؟ ڇا اها ان صورت ۾ پنهنجي تخليقي ڪم ۾ ايتري قدر ئي آزاد هوندي جيترو ڪو مڙد ليکڪ ٿي سگهي ٿو؟ اهي سوال يقينن هر عورت ليکڪا جي سامهون هوندا پر هر ڪنهن لاء ان جو جواب ساڳيو به ناهي. هر ڪا پنهنجي ماحول ۽ حالتن موجب ان جو جواب ڏيئي ٿي ۽ ان سان پاڻ کي نڀائي ٿي.

ترڪي جي ناميارين ناول نگار ايلف شفق پنهنجي ڪتاب Black Milk- on Mother hood and Writing ۾ انهن سوال جو دنيا جي گهڻين ليکڪائن جي زندگي جي حوالي سان جائزو ورتو آهي. اصل ۾ ڪيس ان سلسلي ۾ پنهنجي لاء جواب گهربل هو ته هو هڪ ليکڪا جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگي لاء ڪهڙو فيصلو ڪري. اهو سوال سندس لاء انڪري به ڏکيو ۽ اهم هو ته ڪيس اڪيلي ماء، جنهن کي سندس مڙس جواني ۾ ئي ڇڏي هليو ويو هو، پالي نڀائي وڏو ڪيو هو. منجهس مڙدن لاء ڪا نفرت نه هئي پر ساڳي وقت سندس اندر هڪ اڻ تڻ هئي ۽ هو ڪنهن هڪ فيصلي تي بيهي نه پئي سگهي. شروع ۾ هو اهو فيصلو ڪري ٿي ته جيئن ته هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ هو گهڻو وقت مختلف ملڪن جي سفر ۽ لکپڙه جي ڪمن ۾ مصروف رهي ٿي ان ڪري پنهنجي گهر، مڙس ۽ ٻار جي ذميوارين کي چڱي ريت نڀائي نه سگهندي ان ڪري ڪيس شادي جي جنجهٽ ۾ پوڻ نه گهرجي. هو ان ڳالهه کي مڃي ٿي ته ليکڪ هڪ غير سماجي شخص هوندو آهي جيڪو ماڻهن کان ڌار پنهنجي ئي خيالن ۾ رهندو آهي ۽ ان کي ئي دنيا جو مرڪز ۽ پاڻ کي ان جو خدا خيال ڪندو آهي. هو مختلف موقعن تي ان ڳالهه جو اظهار ڪندي رهندي هئي ۽ ساڳي وقت پنهنجي ماء کي به اها ڳالهه چوندي رهندي هئي. ان ڪري جڏهين هن شادي ڪئي ته اها سندس ماء سميت سندس گهڻن پڙهندڙن جي توقع جي خلاف بلڪه گهڻن لاء صدمي مثل هئي ۽ گهڻن ماڻهن ڪانئس وضاحت گهرڻ شروع ڪئي ته هاڻي ايلف شفق ليکڪ، جنهن چيو ٿي ته اها شادي نه ڪندي، جو ڇا ٿيندو.

هو ان دوران جنهن تجربي مان گذري ٿي ان جي اپٽار ڪندي ٻڌائي ٿي ته ترڪي جي هڪ ٻي عورت ليکڪا عدالت اگاگو، جيڪا پاڻ اڪيلي رهندي هئي، ڪيس هڪ ڏينهن چانهه جي دعوت تي گهرايو. ساڻس ملاقات ڪيس اڃا ان سلسلي ۾ وڌيڪ سنجيدگي سان سوچڻ تي مجبور ڪيو. ان سلسلي ۾ سندس ذهن ۾ پهرين ليو ٽالسٽائي جي زال صوفيا اندروينا برس جو خيال اچي ٿو جيڪا ٽالسٽائي کان سورنهن سال ننڍي هئي. شروع جي سالن ۾ منجهن گهڻو پيار هو ۽ ڪين تيرنهن جڏهين ته ڪن جي چوڻ موجب اوڻويه ٻار ٿيا جن مان پنج گذاري ويا. صوفيا جڻ پنهنجي پوري زندگي پنهنجي مڙس لاء وقف ڪري ڇڏي هئي. هڪ پاسي هو ٻارن جو خيال ڪندي هئي ته جيئن اهي پنهنجي پي جي لکپڙه جي ڪم ۾ رخنو نه وجهن ته ٻئي پاسي هو ان لاء هڪ سيڪريٽري جو ڪم به ڪندي هئي. هن نه رڳو ناول وار اينڊ پيس جا نوٽس ورتا پر ان کي ست ڀيرا Rewrite ڪيو. بيماري دوران ڪيس اهو اونو هوندو هو ته سندس لکڻ جي ڪم جو ڇا ٿيندو. اڳتي هلي ٽالسٽائي مٿس شڪ ڪرڻ شروع ڪيو ۽

سندن ناتا خراب ٿيڻ شروع ٿيا. گھڻن نقادن جو چوڻ آهي ته ناول اينا ڪرينا ٽالسٽائي جي ان ذاتي زندگي جو عڪس پيش ڪري ٿو جنهن ۾ هڪ جوان زال ڪي پنهنجي مڙس سان بيوفائي ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. صوفيا ڪي ايسٽائين رڳو ٽالسٽائي جي نظر سان ئي ڏٺو ويو آهي جڏهين ته رڳو تازو ئي سندس هڪ ڊائري لکندڙ، دانشور ۽ واپاري عورت وارو ڪردار پڻ سامهون آيو آهي.

هو پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان اهو جائزو وٺي ٿي ته دنيا جي مختلف حصن ۾ عورت ليکڪائن ڪي ڪهڙن مسئلن سان منهن ڏيڻو پيو آهي. ورجينا وولف جو اهو سوال ته ڇا جيڪڏهين شيڪسپيئر جي ڀيڻ هجي ها ته اها اهي سڀ ناٽڪ لکي سگھي ها. سندس جواب ان ڪري نه ۾ ناهي ته منجهس اهڙي قابليت ۽ صلاحيت نه هجي ها پر ان ڪري ته هڪ عورت هئڻ جي حيثيت ۾ سندس واٽ ۾ اهي رنڊڪون هجن ها جيڪي شيڪسپيئر جي واٽ ۾ نه هيون. ساڳي ريت هو عرب، ايران ۽ ترڪي جي مشهور شاعر فاضلي جي باصلاحيت ڀيڻ فيروزه جو ذڪر ڪري ٿي جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها پنهنجي شاعري ڪي لوڪ آڏو پڌرو نه ڪندي هئي ۽ فاضلي جي گھڻي شاعري دراصل فيروزه جي ئي آهي. ساڳي ريت اوڻهويهين صدي جي آخر جي ترڪ ناول نگار فاطما عاليا لڪل طور پنهنجا ناول لکندي هئي ته جيئن سندس مڙس ۽ خاندان ڪي ڪنهن شرمندگي ڪي منهن ڏيڻو نه پئي. پر هڪ ڏينهن هن پنهنجو نالو استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ هڪ عورت جي نالي سان پنهنجين تخليقن ڪي شائع ڪرايائين. 1950 جي ڏهاڪي جي هڪ ترڪ نوجوان ليکڪا يورپي نالي سان پنهنجا ناول شائع ڪرايا. ڪانئس جڏهين ان جو ڪارڻ پڇيو ويو ته سندس چوڻ هو ته ناول ۾ جيئن ته جنس متعلق گھڻو مواد هو ان ڪري هو ان ڪي پنهنجي نالي سان شائع ڪرڻ نه پئي چاهي. ان سلسلي ۾ وڪٽورين دور جي انگريز ناول نگار ميري اين ايونس هڪ ذڪر جوڳو نالو آهي جنهن جڳ مشهور ناول نگار جارج ايليٽ جي نالي سان شهرت ماڻي. سندس چوڻ هو ته ڪيس عورتن جي پيار، محبت وغيره جي موضوعن کان نفرت آهي ۽ اها ائين لکڻ چاهي ٿي جيئن مڙد لکن ٿا.

ساڳي وقت ليکڪا انهن عورت ليکڪائن جي زندگي جو پڻ جائزو ورتو آهي جن ڪي پنهنجي شادي شده زندگي ۾ مختلف تجربن ۽ مسئلن مان گذرڻو پيو آهي. سائمن دي بوئير ۽ سارتري جو معاملو ته هڪ آدرشي معاملو هو پر ساڳي وقت سلويا پلاٿ ۽ ٽيڊ هيوز، جيڪي ٻئي ڇاتل سڃاتل ليکڪ، هڪ ٻئي ڪي سمجهندڙ ۽ هڪ ئي انداز ۾ سوچيندڙ ۽ لکندڙ هئا، جو معاملو هڪ ٽريجڊي تي ختم ٿئي ٿو. سلويا پلاٿ جيڪا سمجهي ٿي ته ٻار جي پيدائش سندس زندگي ۽ لکڻين ۾ وڏي تبديلي آڻيندي گھڻي عرصي تائين گھر ۾ اڪيلي رهڻ ۽ ادبي ماحول کان ڌار هئڻ ڪي سهي نه ٿي سگھي. پنهنجي مڙس کان ڌار ٿيڻ ۽ پوءِ آپگھات ڏانهن وڃڻ سندس مقدر بڻجي ٿو. ساڳي صورتحال زيلدا فٽزگلد جي باري ۾ به نظر اچي ٿي جيڪا پنهنجي ليکڪ مڙس سان انتهائي خوش گذاريندي ڪجھ معاملن تي اختلافن جو شڪار ٿي وڃي ٿي. ٿلهي ليکي ائين چئي سگھجي ٿو ته مڙد ليکڪن جي ڀيٽ ۾ عورت ليکڪائن جي زندگي مختلف ۽ ڏکي رهي آهي.

ليکڪا پنهنجي متعلق هڪ نهايت دلچسپ مشاهدو ڏنو آهي. جڏهين هڪ ڀيرو هو اهو فيصلو ڪري ٿي ته ڪيس هاڻي اڪيلو ئي رهڻو آهي ۽ شادي ناهي ڪرڻي ۽ پنهنجو سڄو وقت لکڻ پڙهڻ ۽ لائبريري وغيره ۾ صرف ڪري ٿي ته سندس جسم ۾ عجيب تبديليون رونما ٿين ٿيون. پنهنجي

ماهواري ۾ بيقاعدگي ۽ چمڙي وغيره جي خشڪ ٿيڻ جي ڪري هو پنهنجي عورت هئڻ وارين خاصيتن کي وڃائڻ لڳي ٿي. هو پنهنجي ڊاڪٽر سان صلاح ڪري ٿي جيڪو مختلف ٽيسٽن ڪانپوءِ کيس ٻڌائي ٿو ته کيس ڪابہ بيماري ناهي بس سندس دماغ جي جسم تي حاوي ٿيڻ ۽ جسم جو خيال نہ ڪرڻ جي ڪري اهي تبديليون ٿيون آهن. پنهنجي زندگي گذارڻ جي انداز کي بدلائڻ سان هو ان ڪيفيت مان نڪري سگهي ٿي. پوءِ ڊاڪٽر جي ان صلاح تي عمل ڪرڻ سان هو واقعي ان ڪيفيت مان نڪري هڪ معمول جي زندگي ڏانهن اچي وڃي ٿي.

سندس ايوب سان ملاقات استنبول ۾ دوستن جي هڪ گڏجاڻي ۾ ٿي ۽ پوءِ سندن ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو جيڪو نيٺ سندن شادي تي ختم ٿيو. پهرئين ڀار جي ڄمڻ تي، جڏهين سندس مڙس لازمي فوجي ڊيوٽي تي ويل هو، هو شديد ڊيپريشن جو شڪار ٿي وڃي ٿي جنهن سان لکڻ پڙهڻ سميت سندس زندگي جون سڀ سرگرميون متاثر ٿين ٿيون. هو گهڻو وقت تڪليف ۾ گذاريندي نيٺ پنهنجي همت سان ان مرحلي مان نڪري ٿي ۽ ٻئي ڀار ٿيڻ وقت کيس اهڙي ڪنهن ڪيفيت مان گذرڻو نہ ٿو پئي. ان ڪان پوءِ هن پنهنجو لکڻ جو ڪم جاري رکيو ۽ ايندڙ سال ناول Forty Rules of Love مڪمل ڪيو. سندس چوڻ آهي تہ ماءُ ٿيڻ جو تجربو هر ليکڪا لاءِ مختلف آهي ۽ ڪو هڪ فارمولو سيني تي لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي. ساڳي ريت ماءُ ٿيڻ جي پيچيدگين کي پڻ سمجهڻ جي ضرورت آهي ۽ رڳو اهو چوڻ ڪافي ناهي تہ ماءُ ٿيڻ هڪ پوتر ڪم آهي ۽ رڳو ان تي ئي ڌيان ڏيڻ گهرجي يا اهو تہ هڪ اهڙي عورت هجي جيڪا ماءُ ٿيڻ ڪانسواءِ دنيا جا سڀ ڪم ڪري ۽ انهن تي ئي سندس ڌيان هجي.

# حوا جون ٽي ڌيئرون

ايلف شفق ترڪي جي هڪ مڃيل ناول نگار آهي. سندس موضوع گهڻي ڀاڱي ترڪي جي سماج سان ئي لاڳاپيل هوندا آهن. جيتوڻيڪ ترڪي يورپ جي وڌيڪ ويجهو آهي پراتي گهڻيون اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي پاڪستان جي سماج ۾ ماڻهن سان پڻ لاڳو ٿين ٿيون. سندس ناول حوا جون ٽي ڌيئرونThree Daughters of Eve ان سلسلي جو هڪ اهم ناول آهي. اهوهڪ لحاظ کان جڻ ترڪي جي سماج ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي ان کي دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ جيان آهي. هڪ پنج ڄڻن جو خاندان آهي، ٻه زال مڙس، ٻه پٽ ۽ هڪ ڌي. اهي سڀيئي سماج جي مختلف لاڙن جي نمائندگي ڪن ٿا. مڙس سيڪيولر خيالن جو آهي ۽ مذهب کي گهڻي اهميت نه ٿو ڏئي جڏهين ته زال مذهب جي پابند آهي ۽ مڙس جي طور طريقن کي پسند نه ٿي ڪري. وڏو پٽ پنهنجي پيءُ جي ويجهو ۽ کاٻي ڌر جي خيالن جو آهي. هڪ ڏينهن گهر تي ڇاپو پئي ٿو ۽ هو هڪ ننڍي روالور رکڻ جي ڏوهه ۾ پڪڙجي پئي ٿو. ڪيس ايذاء ڏنا وڃن ٿا ۽ پوءِ اٺ سالن جي قيد اچي وڃي ٿي. ننڍو پٽ پنهنجي ماءُ جي ويجهو آهي ۽ انتها پسند قومپرست اخبار، جيڪا ترڪي ۾ رهندڙ ترڪن ڪانسواءِ ٻين سڀني سان نفرت ڪري ٿي، ۾ نوڪري ڪري ٿو. هو پنهنجي پيءُ سان جهيڙي ڪانپوءِ گهر ڇڏي هليو وڃي ٿو.

هن ناول جو مرڪزي ڪردار هن گهر جي ڌي ناز پري آهي. ناز پري جيڪا پنهنجي ماءُ کان وڌيڪ پنهنجي پيءُ جي ويجهو آهي پر پنهنجن خيالن جي لحاظ کان واضح ناهي. اها نه ته مذهبي خيالن جي آهي ۽ نه ئي غيرمذهبي خيالن جي. بس اها ڪو واضح فيصلو نه ٿي ڪري سگهي. پنهنجي پيءُ جي بيمار هئڻ جي صورت ۾ سندس لاءِ دعا به ڪري ٿي ۽ ساڳي وقت ساڻس گڏ ويهي شراب به پيئي ٿي. پنهنجو پاڻ ۾ گم رهندڙ، ڪتابن پڙهڻ جي شوقين، تعليم جي لحاظ کان هڪ سٺي شاگرداڻي ۽ پنهنجن ڀائرن کان وڌيڪ ذهين. سندس پيءُ ڪيس اعلا تعليم لاءِ آڪسفورڊ موڪلڻ جو فيصلو ڪري ٿو جتي سندس شخصيت ۾ مختلف تبديليون اچن ٿيون.

ناول درحقيقت اتان شروع ٿئي ٿو جڏهين پري پنهنجي ڌي سان هڪ پارٽي ۾ وڃي رهي هجي ٿي ۽ استنبول جي ٽريفڪ جام ۾ ڦاسي پيئي ٿي. ان دوران ٻه پينو ڇوڪرا سندس پرس کسي وڃن ٿا. انهن ٻارن جي پويان ويندي ڪيس هڪ رولاڪ سان واسطو پئي ٿو جيڪو انهن ٻارن جو سرپرست هجي ٿو. ان رولاڪ سان جهيڙي ۾ سندس پرس مان هڪ پولورائيڊ تصوير ڪري ٿي جيڪا سندس ڌي ڪٽي ٿي جيڪا به سندس پويان ئي آئي هئي. اها آڪسفورڊ ۾ ٽن ڇوڪرين ۽ هڪ مڙد جي نڪتل تصوير هجي ٿي. اهو مڙد آڪسفورڊ جو پروفيسر آذر هجي ٿو ۽ ٽي ڇوڪريون پري، شيرين ۽ مونا هجن ٿيون. ٽي مسلمان ڇوڪريون پر سندن پسمنظر ۽ سندن خيال هڪٻئي کان مختلف هجن ٿا. پري، پنهنجن خيالن جي لحاظ کان منجهيل، شيرين، هڪ لامذهب ڇوڪري ۽ مونا حجاب پائيندڙ مذهب تي سختي سان عمل ڪندڙ.

پارٽي ۾ هڪ عورت پروفيسر آذر متعلق سوال اٿاري ٿي جيڪو هڪ ڇوڪري سان اسڪينڊل ۾ ملوث هو ۽ پوءِ ڪيس آڪسفورڊ مان نيڪالي ڏني ويئي هئي. پري ان بحث کان پاسو ڪرڻ ۽ اها

وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ هو اها ڇوڪري نہ هئي پر سندس ذهن آڪسفورڊ وارن ڏينهن ڏانهن موٽي ويجي ٿو. ان پارٽي ۾ ملڪ جا وڏا شاهوڪار ماڻهو هجن ٿا جن جا ملڪ جي مسئلن متعلق مختلف خيال هجن ٿا. لبرل ۽ سيڪيولر خيالن جي همراهن ۾ ڇڪتاڻ واضح هجي ٿي. ٻنهي لاء اقتدار ۾ رهڻ ئي پنهنجي مٽيرائپ کي برقرار رکڻ جو واحد طريقو هو. جيتوڻيڪ ترڪي يورپين يونين جي رڪن ٿيڻ جي دعوا ۽ ڪوشش ڪري ٿو پر سندس طور طريقا ۽ سماجي بيهڪ ساڳي ايشيائي ۽ وچ اوڀروارن جهڙي ئي آهي.

پري آڪسفورڊ جي شروع وارن ڏينهن ۾ گهر کي گهڻو ياد ڪري ٿي پر اهو هڪ بلڪل مختلف ماحول هجي ٿو جنهن ۾ ڪيس وڏيڪ ذاتي آزادي ملي ٿي. هو اتي پروفيسر آذر جي خدا متعلق سيمينار ۾ شامل ٿئي ٿي جنهن جو پڙهائڻ جو پنهنجو ئي انداز هجي ٿو. هو ساڻس پنهنجن ذاتي مسئلن تي بہ ڳالهائي ٿي. درحقيقت هو پروفيسر ۾ هڪ ڇڪ محسوس ڪري ٿي جنهن جي پاڻ پروفيسر کي بہ ڄاڻ نہ ٿي هجي. هو شيرين تي رشڪ ڪري ٿي جنهن جا پروفيسر سان ويجها ناتا هجن ٿا ۽ ان حوالي سان آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ان جو ڏوه پروفيسر تي مڙهيو ويجي ٿو ۽ ان معاملي جي جاچ لاء هڪ ڪاميٽي ناهي ويجي ٿي. ڪيس پڪ هجي ٿي تہ پروفيسر جو ان معاملي سان ڪو واسطو ناهي پر آخري لمحي تي هو ڪاميٽي آڏو پيش نہ ٿي ٿي سگهي ۽ اهڙي ريت پروفيسر کي نوڪري مان نيڪالي ڏني ويجي ٿي.

استنبول موٽڻ ڪانپوء ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ شهر ايترو ڪاسموپوليٽن ناهي رهيو جيترو اڳ هو. سيڪيولر ۽ مذهبي خيالن جي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي لاء سهپ ۽ پاڻ ۾ شادين ڪرڻ جو لاڙو گهٽجي ويو هو. اشرافيہ جيتوڻيڪ غيرمطمئن ۽ پريشان هئي پر اها ملڪ ۾ ظاهري طور هڪ قسم جي آمريت جي حق ۾ هئي جيڪا ملڪ ۾ استحڪام رکي سگهي. سندس نندي ياء حڪان جي شادي سندس لاء هڪ حقيقي صدمو هجي ٿي. شادي جي رات هو پنهنجي زال تي الزام هڻي ٿو تہ اها ڪنواري نہ هئي. ڪنوار جا مائٽ ڇوڪري کي ڊاڪٽر ڏانهن وني وڃن ٿا جيڪو سندس ڪنواري هئڻ جي تصديق ڪري ٿو. ڪيس ڪنهن عورت لاء اهڙي قسم جو ٽيسٽ ڪرائڻ، جيڪو ساڻس بہ ٿي سگهي پيو، هڪ بيعزتي محسوس ٿئي ٿي. هو سوچي ٿي تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ عورت جي عزت کي سندس ڄنگهن جي وچ ۾ ڏنو وڃي.

ترڪي جي صورتحال کي ڏسندي هو سوچي ٿي تہ هو جيڪڏهين ڪنهن پرڏيهي ۽ ايسٽائين تہ ڪنهن اسڪيمو سان بہ شادي ڪري ٿي ۽ هو هتي ترڪي ۾ اچي رهي ٿو تہ هو مٽيرائپ وارا اهي ساڳيا طورطريقا سکي ويندو جنهن جا ترڪي جا مڙد عادي آهن.

دراصل اها هڪ اهڙي منجهيل ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي جيڪا ٻن ثقافتن جي وچ ۾ لٽڪيل آهي ۽ ڪو فيصلو نہ ٿي ڪري سگهي. اها اسان جهڙن سماجن، جيڪي تبديلي جي عمل مان گذري رهيا آهن، ۾ رهندڙ گهڻن ماڻهن جي ڪهاڻي آهي.

# ارون ڊي يالوم جو ناول د شوپنهار ڪيور

آرٿر شوپنهار اوڻهويهين صدي جو هڪ اهم فلسفي آهي. سندس فلسفي ۾ ماڻهو جي نفسياتي تجزئي ڪانئس پوءِ ايندڙ ننشي ۽ فرائڊ کي بہ متاثر ڪيو آهي. جيڪڏهين اهي ڪانئس لاڀ حاصل نہ ڪن ها تہ سندن ڪم ايڏو اثرائتو نہ هجي ها. ارون ڊي يالوم سندس ناول The Schopenhauer Cure ۾ مختلف ڪردارن وسيلي سندس زندگي ۽ فلسفي جو جائزو ورتو آهي. پنهنجي دور جي ليکڪن ۽ فلسفين ۾ گهٽ ئي ڄڻن سان سندس پوندي هئي. هيگل کي هو پسند نہ ڪندو هو جڏهين تہ گوئٽي سندس ڪجهہ دوستن مان هڪ هو.

هو ذري گهٽ هڪ واپاري ٿيندي رهجي ويو. سندس پيءُ هڪ وڏو واپاري هو. پر ساڳي وقت پنهنجي زال جوهانا شوپنهارجي معاملي ۾ شڪي مزاج هو. جيتوڻيڪ شوپنهار جي پنهنجي پيءُ جي خواهش جي ابتڙ سندس ڪاروبار ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي پريورپ جي مختلف ملڪن جي ڇهن مهينن جي گهمڻ جي موٽ ۾ هو ان ڳالهه لاءِ راضي ٿيو تہ هو پنهنجي پيءُ جي هڪ دوست وٽ ڪاروبار جي سکيا وٺندو. سندس پيءُ هينرچ پنهنجن نفسياتي مسئلن جي ڪري ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ آپگهات ڪري ڇڏي. آپگهات پوئينرن ۾ هڪ ڏوهہ افسوس ۽ پڇتاءَ جي ڪيفيت پيدا ڪندي آهي. ان ساڳي ڪيفيت هيٺ آرٿر پيءُ جي وفات ڪانپوءِ بہ پنهنجي واعدي مطابق سکيا جو مدو پورو ڪيو.

سندس ماءُ جوهانا شوپنهار پنهنجي مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ادبي ڪم جي شروعات ڪئي. هو پنهنجي ليکي جرمني جي هڪ وڏي ليکڪا هئي ۽ سندس محفلن ۾ گوئٽي سميت ان وقت جا وڏا ليکڪ شريڪ ٿيندا هئا. سندس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها ان وقت جرمني جي پهرين عورت ليکڪا هئي جنهن جا پنهنجي اصلوڪي نالي سان ڪتاب شائع ٿيا پر هاڻي هو آرٿر شوپنهار جي ماءُ جي حيثيت ۾ سڃاتي وڃي ٿي. آرٿر شوپنهار جي زندگي ۾ اها پهرين اهم عورت هئي. ماءُ ۽ پٽ ۾ هميشہ جهيڙو ۽ اختلاف رهندا هئا. هو مٿس الزام مڙهيندو هو تہ هو سندس پيءُ جي دولت کي فضول خرچ ڪري ٿي جڏهين تہ سندس چوڻ هوندو هو تہ هو ادبي محفلن ۾ پنهنجن ادبي دوستن کي رڳو ڪافي جو هڪ ڪپ پيارينديآهي. ان ڪري هو شوپنهار جي پاڻ سان گڏ رهڻ کي پسند نہ ڪندي هئي. ڏٺو وڃي تہ عورتن جي معاملي ۾ هو گهڻو خوش قسمت نہ هو. هن شادي نہ ڪئي هئي. هو جنهن عمارت ۾ رهندو هو ان جي هڪ ٻئي فليٽ ۾ رهندڙ هڪ عورت ڪيرولين ماڪيٽ سان سندس جهيڙو ڪافي مشهور آهي جنهن کي هن ڌڪ هنيا هئا ۽ جنهن مٿس عدالت ۾ هرجاني جو ڪيس ڪيو هو. هو گهڻي ڪوشش جي باوجود ڪيس هارائي ويو هو ۽ ڪيس ان عورت کي رقم ڏيڻي پيئي هئي. منجهس عورتن کي متاثر ڪرڻ ۽ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ جي صلاحيت نہ هئي. ان ڪري جڏهين هن ڪاروبار جي سکيا پئي ورتي تہ ڪيس پنهنجي هڪ دوست سان گڏجي پنهنجي جنسي تسڪين لاءِ وئشيائن وغيره تي گذارو ڪرڻو پوندو هو. سندس لاءِ اڪيلائي وڏي نعمت هئي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهين هو ماني کائڻ لاءِ هوٽل ۾ ويندو هو تہ ٻن ماڻهن جي ماني گهرائيندو هو جيئن ڪا هو پاڻ اڪيلو کائيندو هو. سندس لاءِ پنهنجي شخصيت ئي سڀڪجهہ هئي. هن پنهنجي زندگي اڪيلي ئي گذاري. سندس وفات بہ ائين ويني

ويني اوچتو ٿي ويئي. چون ٿا ته هن وصيعت ڪئي هئي ته ڪيس سندس مرڻ کان پنج ڏينهن پوءِ دفن ڪيو وڃي. اهڙي ريت جڏهين پنج ڏينهن گذرڻ کانپوءِ ڪيس دفن ٿي ڪيائون ته لاش ۾ ايتري بدبو هئي جو گهڻن ماڻهن کي نڪ تي رومال رکي تڪڙ ۾ قبرستان مان نڪرڻو پيو.

پئسي جي معاملي ۾ هو ڪنجوسي جي حد تائين محتاط هو. چون ٿا ته جنهن بينڪ ۾ سندس پئسا رکيل هئا ان جو ڏيوالو نڪري ويو ۽ ان پنهنجن اڪائونٽ هولڊرز کي رڳو هڪ معمولي رقم ڏيڻ ٿي چاهي.هن گهڻي لکپڙه ڪري بينڪ کي عدالت ۾ گهلڻ جي ڌمڪي ڏني. نتيجي ۾ بينڪ پاران ڪيس وڌ ۾ وڌ رقم واپس ڪئي ويئي جڏهين ته سندس ماءُ ۽ ڀيڻ، جن جي به رقم ساڳي بينڪ ۾ هئي، کي رڳو معمولي رقم ملي سگهي.

تنشي، هيگل ۽ ان دور جا ٻيا فلاسفر مختلف يونيورسٽين وغيره سان لاڳاپيل هئا ۽ انهن کي اتان مالي سهائتا ملندي هئي. ان جي موٽ ۾ انهن کي ڪنهن به اهڙي موضوع تي طبع آزمائي وغيره ڪرڻ کان گريز ڪرڻو پوندو هو جيڪو يونيورسٽي ۽ ٻين اختيارن جي پاليسي جي خلاف هجي. ان ڪري اسپنوزا بجائي ڪنهن يونيورسٽي جي اهڙي ڪنهن آڇ کي قبول ڪرڻ جي شيشي جو ڪم ڪري پنهنجو گذر بسر ڪندو هو. جڏهين ته شوپنهار کي پي جي ورثي مان ايترو ڪجھ مليو هو جو ان کي ڪنهن نوڪري وغيره ڪرڻ جي ضرورت نه هئي ۽ هو آزادي سان پنهنجا خيال پيش ڪري سگهيو ٿي. اهڙي ريت هي پهريون فلسفي هو جنهن جنس ۽ جنسي مسئلن تي ڪليل طور لکيو ۽ ساڳي وقت مذهب جي حوالي سان به پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. هو پاڻ ناستڪ هو. هن فرائڊ کان گهڻو اڳ ان خيال کي پيش ڪيو ته جنس هڪ نهايت طاقتور عنصر آهي جيڪو انسان جي تخليقي عمل، فلسفي، آرٽ ۽ ادب جي تخليق ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هو ان ڳالهه ۾ يقين رکندو هو ته مرڻ کانپوءِ ماڻهو هڪ ته پنهنجي جينس وسيلي ٻين ماڻهن جي شخصيت جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ ٻيو ته هوهڪ وڏي ۽ عظيم خيال جو حصو بڻجي ٿو وڃي. ان تي اهو سوال اٿاريو وڃي ٿو ته جيڪڏهين فرد جو شعور ۽ يادگيري ختم ٿي وڃي ٿي ته پوءِ ٻئي ڪنهن فرد جي شخصيت جو حصو ٿي وڃڻ ۽ ڪنهن خيال جو حصو بڻجڻ ڪا معني نه ٿو رکي. سندس لاءِ رڳو نندپڻ جي عمر ئي هڪ خوشي ۽ آسيس وارو عرصو آهي جڏهين ته باقي زندگي کي هو هڪ سزا ۽ پوڳنا ڪري ليکي ٿو. جيڪو ساه ماڻهو ڪٽي ٿو اهو موت کي پري ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي ته دنيا ۾ خوشي موجود ناهي بس غم ۽ ڏک جي غير موجودگي کي اهو نالو ڏنو وڃي ٿو. زندگي ائين آهي جيئن گلن سان گڏ ڪنڊا هوندا آهن پر ڪنڊن سان گڏ ڪو گل نه هوندو آهي. هو هڪ خيال پرست فلاسفر هو جنهن جو خيال هو ته شين جي پنهنجي ليکي ڪا صورت ۽ حيثيت ناهي بلڪ اهي ماڻهو جا پنهنجا حواس آهن جيڪي ان کي ڏسي ۽ پرکي پنهنجي ذهن ۾ ان جي هڪ صورت ناهين ٿا.

ڪيس ۽ سندس ڪم کي گهڻي عرصي تائين جوڳي مڃتا نه ملي سگهي. سندس ڪتاب ٿوري تعداد ۾ ڇپجندا هئا ۽ انهن کي ٿورا ئي ماڻهو خريد ڪندا ۽ پڙهندا هئا. ڪيس ان مان ڪا خاص آمدني نه ٿيندي هئي. عمر جي آخري حصي ۾ سندس ڪم کي مڃيو ويو ۽ سندس ڪم جي ساراه ٿيڻ لڳي ۽ سندس ڪتاب وڪامڻ لڳا.

هن ناول جو مک ڪردار هڪ نفسيات دان ڊاڪٽر جوليس آهي. پنهنجي معمول جي طبي چڪاس دوران ڪيس خبر پيئي ٿي ته ڪيس ڪينسر آهي. سندس معالج ڪيس ٻڌائي ٿو ته وٽس هڪ صحت مند زندگي گذارڻ لاءِ هڪ سال جو عرصو آهي. هو سوچي ٿو ته ان عرصي کي ڪيئن وڌ ۾ وڌ مثبت نموني استعمال ڪجي. هو اهو ڏسي ٿو ته هو هڪ ڪامياب معالج رهيو آهي ۽ سندس علاج مان گهڻن ماڻهن کي شفا ملي آهي. پر هو اهو ڏسڻ چاهي ٿو ته گهڻا اهڙا ماڻهو آهن جن کي سندس علاج مان ڪو فائدو نه رسيو آهي. هو جڏهين تورو غور ويچار ڪري ٿو ته سندس ذهن ۾ فلپ نالي هڪ مريض اچي ٿو جنهن جو مسئلو سندس اڻکٽ جنسي خواهش هئي جنهن جو ڪو انت نه هو. هو هڪ ڊگهي عرصي تائين سندس علاج هيٺ رهيو هو پر ڪيس ڪو فائدو نه ٿي سگهيو هو ۽ پوءِ هن پنهنجي ڏار واٽ ورتي هئي. ان ڳالهه کي گهڻا سال گذري چڪا هئا. ائين به ٿيندو هو ته جيڪڏهين ڪنهن کي فوري فائدو نه ٿو پهچي ته ان جا اثر پوءِ ظاهر ٿين ٿا. ان ڳالهه کي گهڻا سال گذري چڪا هئا. هاڻي هن اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي ته فلپ جي هن وقت ڇا صورتحال هئي. پنهنجي ريڪارڊ مان سندس فون نمبر هٿ ڪري هو ڪيس چئي ٿو ته هو ساڻس ملڻ چاهي ٿو. فلپ ڪيس پنهنجي آفيس ۾ گهرائي ٿو. هو ڪيس ٻڌائي ٿو ته سندس علاج مان ڪيس ڪو به فائدو نه پهتو. ڪيس فلسفي پڙهڻ جو شوق هو ۽ هن پنهنجي ذهن کي جنس کان پري رکڻ لاءِ فلسفي کي پڙهڻ شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ آرٿر شوپنهار سندس لاءِ گهڻو مددگار ثابت ٿيو آهي. جوليس سوچي ٿو ته اهو شوپنهار ڪير آهي، ڇا هي ڪو نفسيات دان آهي. فلپ ان ڳالهه جي وڌيڪ وضاحت لاءِ ڪيس پنهنجي يونيورسٽي، جتي هو پڙهائي ٿو، ۾ هڪ ليڪچر ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏئي ٿو.

ان ليڪچر ۾ هو ناول جي هڪ ڪردار جي حوالي سان شوپنهار جو موت متعلق فلسفو سمجهائي ٿو ته ان کي سمجهڻ سان موت کي قبول ڪرڻ ڪيتري قدر نه آسان ٿي ٿو وڃي. هن ليڪچر ۾ شاگردن وغيره جي دلچسپي گهٽ هجي ٿي ۽ آخر ۾ هال ۾ سندس ليڪچر ٻڌندڙن مان رڳو ڊاڪٽر جوليس رهجي وڃي ٿو. فلپ سندس پڇڻ تي ڪيس ٻڌائي ٿو ته هن جيئن ته ڪيس بيماري متعلق ٻڌايو هو ان ڪري هن اهو ليڪچر خاص سندس لاءِ ڪيو هو. فلپ ڪيس اهو به ٻڌائي ٿو ته هو مختلف ماڻهن کي سندن نفسياتي مسئلن متعلق صلاحون ۽ مشورا ڏيندو آهي. ڊاڪٽر سوچي ٿو ته فلپ جهڙو آدم بيزار ۽ اڪيلائي پسند شخص ڪيئن سائيڪو ٿراپي ۾ ڪامياب وڃي سگهي ٿو. پنهنجي ڳالهه ٻول ۾ هو ڪيس قائل ڪري ٿو ته هو سندس گروپ ٿراپي، جنهن ۾ مختلف ماڻهو شريڪ ٿين ٿا، ۾ شامل ٿئي ته جيئن خاص طور سندس ماڻهن سان ميل جول ۾ سڌارو اچي جيڪا ڳالهه سندس پيشي لاءِ ضروري هئي.

هن گروپ ۾ مختلف مزاج ۽ پسمنظر جا ماڻهو هجن ٿا. هر ڪنهن جا پنهنجا مسئلا هجن ٿا. انهن جي ٿراپي ۽ علاج اهو هجي ٿو ته هرڪو پنهنجن مسئلن جي اپٽار ڪري ٿو ۽ بيا ان تي بحث ڪري پنهنجا رايا ڏين ٿا ۽ حل تجويز ڪن ٿا. ڪڏهين ڪڏهين اهي شريڪ ٿيندڙ پاڻ ۾ اٽڪي به پون ٿا پر منجهن هڪ هم آهنگي پيدا ٿئي ٿي. ڊاڪٽر جوليس جو ڪم ان سڄي بحث جي سمت مقرر ڪرڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ هجي ٿو.

هن گروپ جي هڪ اهم رڪن انگريزي جي پروفيسر پم هجي ٿي. هڪ ته پنهنجي مڙس سان سندس طلاق ٿيڻي هجي ٿي جڏهين ته سندس دوست به ساڻس شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ٿو. هو سمجهي ٿي ته گروپ ٿراپي سندس نفسياتي مسئلن کي حل نه ڪري سگهي آهي. سندس هڪ شاگرد ڪيس پارت جي هڪ گرو ۽ آشرم جو ڏس ڏئي ٿي جتان ان کي گهڻو فائدو حاصل ٿيو هو. هو اوڏانهن اسهي ٿي. ٽرين ۾ ڪيس وجي نالي هڪ نوجوان ملي ٿو جيڪو پڻ اوڏانهن پئي ويو. هو ڪيس آشرم ۽ ان جي طور طريقن متعلق ٻڌائي ٿو ۽ اهو پڻ چئي ٿو ته ضروري ناهي ته واپسي ۾ به اسان گڏ هجون. آشرم ۾ جيتوڻيڪ ساڻس خاص ورتاء ڪيو وجي ٿو پر ڪيس اتان جي نيم ۽ اصولن تي عمل ڪرڻو پئي ٿو جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪاڌو، ننڊ ۽ ان تپسيا جي ڏهن ڏينهن ۾ چپ رهڻ هجي ٿو. هو پنهنجو اهو مدو ته پورو ڪري ٿي پر ساڳي وقت اهو به سوچي ٿي ته جيڪڏهين دنيا جا سڀ وڏا ماڻهو انهن تي عمل ڪن ها ۽ پاڻ کي دنيا جهان ۽ ماڻهن کان ڪٽي ڇڏين ها ته ڇا انسان مختلف شعبن ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي اها ممڪن هجي ها. هو ان نتيجي تي پهچي ٿي ته ٻڌ مت ۽ جين مت وغيره جيڪي ان طريقه ڪار جي وڪالت ڪن ٿا اهي پارت جي ان دور جي پيداوار هئا جڏهين هتي ڏڪر هو ۽ ماڻهن وٽ کائڻ لاء نه هوندو هو. ان صورتحال ۾ اهي مذهب ۽ فلسفا کين بکون ڪاٽڻ ۽ قناعت جي تلقين ڪندا هئا.

پم ڪنهن دور ۾ فلپ جي شاگردياڻي رهي هئي. فلپ ساڻس جنسي فعل ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو هو جيئن هو ٻين سان ڪندو هو. پم جڏهين پارت مان موٽي ٿي ته هو گروپ ۾ فلپ کي ڏسي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿي پر فلپ ان تي ڪو ردعمل ظاهر نه ٿو ڪري. اهو سلسلو هلندو رهي ٿو ۽ نيٺ ٻنهي کي هڪ ٻئي جي سمجھ اچي وجي ٿي. ان گروپ جو سال جو عرصو پورو ٿئي ٿو ۽ ڊاڪٽر جوليس جي طبيعت به خراب ٿئي ٿي ۽ سندس انتقال ٿي وجي ٿو.

ائين چئجي ته مناسب ٿيندو ته ليکڪ آرٿر شوپنهار جي فلسفي ۽ زندگي کي ناول وسيلي سولي نموني سمجهايو آهي جيئن هن تنشي ۽ اسپنوزا جي سلسلي ۾ به سندس ناولن ۾ ڪيو آهي.

# نتشي جو سپرمين ۽ سندس ڏک

اوڻهين ۽ ويهين صدي ۾ جرمن فلاسافي ۾ وڏا نالا سامهون آيا آهن جن اڳتي هلي سڄي دنيا جي سوچ فڪر، معيشت ۽ سياست تي گهرا اثر وڌا آهن. انهن ۾ فريڊرڪ نتشي هڪ اهم ترين نالو آهي جنهن جي سپر مين جي تصور کي هٽلر ٻين مهاڀاري جنگ واري دور ۾ پنهنجن مقصدن لاء استعمال ڪيو. ارون ڊي يالوم هڪ نفسيات دان ۽ ليکڪ آهي. هو پنهجين پيشه ورانه لکڻين ڪانسواء پنهنجن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ پڻ فلسفي ۽ نفسيات جو استعمال ڪندو آهي. هو پنهنجي ناول When Nietzsche Wept جو پسمنظر ٻڌائيندي چئي ٿو ته نتشي جو سپر مين ماڻهو کان ٻاهر جي ڪا شي نه هو. دراصل ان وقت ڊارون جي ارتقاء جي نظرئي مذهبن لاء هڪ بحراني صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي ۽ ماڻهو جي لاء زندگي جي نين قدرن جي ڳولها جو ڪم ضروري ٿي پيو هو. سچ جي ڳولها ۽ ماڻهو جو پنهنجو پاڻ ٿيڻ نتشي جي فلسفي جا موضوع هئا ۽ اهو ئي ماڻهو جي سپر مين ٿيڻ واري منزل ڏانهن وڃڻ هو. دراصل ڳالهه اها هئي ته نتشي سڄي عمر بيماري ۾ گذاري هئي. ذهني طور تي سندس موت 1889 ۾ ٿي چڪي هئي، جڏهين هو ڪنهن ذهني ڪم ڪرڻ جي لائق نه رهيو هو ۽ جسماني طرح سن 1900 ۾ هن دنيا کي الوداع ڪيو.

وفات ڪانپوء سندس ڀيڻ ايلزبيٿ پيراگوائي مان واپس اچي سندس سڄي ڪم کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو هو. ايلزبيٿ جيتوڻيڪ نتشي جي ڪم کي دنيا آڏو آڻڻ ۾ هڪ ڪردار ادا ڪيو آهي پر هو شروع کان ئي هڪ يهودي دشمن عورت هئي ۽ هن نتشي جي ڪم کي به پنهنجي ان مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاء استعمال ڪيو. پر نتشي پاڻ نه رڳو يهودي دشمن نه هو پر اهڙن ماڻهن کان سخت نفرت ڪندو هو. نتشي پنهنجي جرمن شهريت تان هٿ ڪنيو هو ۽ گهڻو عرصو اٽلي ۽ سوئٽزر لينڊ جي مختلف شهرن ۾ گذاريو هو پر هن انهن ملڪن جي شهريت به حاصل نه ڪئي هئي. بهرحال نتشي کي نازين پاران پنهنجن مقصدن لاء استعمال ڪيو ويو ۽ ان جي عيوض ايلزبيٿ کي هٽلر پاران گهڻي پزيرائي ۽ انعام مليا.

ليکڪ ان ناول ۾ نفسياتي علم ۽ نفسياتي علاج جي حوالي سان اوڻويهين صدي جي اهم ترين دور جو جائزو ورتو آهي جڏهين آسٽريا جي شهر ويانا ۾ نتشي، نفسياتي علاج جي باني مان هڪ ڊاڪٽر جوزف بروير ۽ نفسيات جو نوجوان شاگرد سگمنڊ فرائڊ هڪ جاء تي گڏ ٿين ٿا ۽ مختلف مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪن ٿا. هي ناول حقيقي ۽ خيالي ڳالهين تي ٻڌل آهي. فرائڊ جي حوالي سان ليکڪ جو چوڻ آهي ته ممڪن آهي ته فرائڊ سان نتشي جي ملاقات نه ٿي هجي پر اهو ممڪن ناهي ته فرائڊ نفسياتي علاج جي حوالي سان سندس خيالن کان متاثر نه ٿيو هوندو. جيتوڻيڪ فرائڊ لاڳيتو اهو چوندو رهيو ته هن نتشي کي نه پڙهيو هو. سندس مقصد اهو هو ته نفسياتي علاج جي باني جو اعزاز وٽس ئي هجي ۽ ائين نه ٿئي ته سندس لاء چيو وڃي ته هو نتشي کان متاثر هو. فرائڊ چوندو هو ته آئنسٽائن لاء نيوٽن جهڙا پيشرو موجود هئا پر ڪيس پنهنجو دڳ پاڻ ناهڻو پيو. بهرحال نتشي

جي حوالي سان اها هڪ وڏي بدقسمتي آهي تہ نفسياتي علاج جي حوالي سان ڪيس ڪا خاص اهميت نہ ڏني ويئي.

اهو سڄي يورپ ۾ يهودين خلاف سخت نفرت جو دورهو ۽ انهن سان هر معاملي ۽ شعبي ۾ امتيازي ورتاء ڪيو ويندو هو. اها ساڳي ڳالهہ ڊاڪٽر جوزف بروير ۽ سگمنڊ فرائڊ سان بہ هجي تي جن کي رڳو يهودي هئڻ ڪري گهڻن عهدن ۽ مراعاتن کان محروم ڪيو ويجي ٿو.

ڊاڪٽر جوزف بروير ويانا جي اهم ۽ قابل ڊاڪٽرن مان هو. سرڪار جي مڃتا ۽ تحقيق جي سهولتن نہ ملڻ جي ڪري هو پنهنجي خانگي پرئڪٽس ڪندو هو ۽ گهر ۾ ليبارٽري وغيره قائم ڪري پنهنجي تحقيق جو ڪم ڪندو هو. هڪ ڀيري جڏهين هو اٽلي جي شهر وينس ۾ پنهنجي زال سان موڪلون ملهائي رهيو هو تہ ساڻس هڪ روسي نوجوان عورت اوم سلوم ملاقات ڪري ٿي. هو ان عورت جي سونهن، بيباڪي ۽ اعتماد مان متاثر ٿئي ٿو. هو عورت ڪيس ٻڌائي ٿي تہ سندس شهرت ٻڌي هتي وينس ۾ ساڻس ان ڪري ملاقات ڪرڻ آئي آهي تہ معاملو نهايت اهم ۽ فوري نوعيت جو آهي ۽ جرمن فلسفي جو آئيندو خطري ۾ آهي. هو ڪيس ٻڌائي ٿي تہ هو نتشي جي دوست آهي. سندس دوست پال ري، نتشي ۽ هو پاڻ ۾ دوست هجن ٿا. شروع ۾ نتشي منجهس دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ ڪيس شادي جي آڇ بہ ڪئي جنهن کي هن ٺڪرائي ڇڏيو. هاڻي نتشي سندس پويان آهي، ۽ هو پاڻ بہ شادي وغيره جي معاملي ۾ دلچيسپي نہ ٿي رکي ۽ هڪ آزاد زندگي گذارڻ چاهي ٿي.

هو ڊاڪٽر کي ٻڌائي ٿي تہ نتشي کي ساهہ جي بيماري آهي ۽ ايستائين هو يورپ جي لڳ ڀڳ ڇويہ ڊاڪٽرن جي علاج هيٺ رهيو آهي پر ڪيس ڪٿان بہ فرق نہ پيو آهي. هن وقت هو ٻئي ڪنهن بہ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ نہ ٿو چاهي. هو تمام گهڻو مايوس آهي ۽ آپگهات متعلق سوچي رهيو آهي. اوهان ان کي علاج لاء قائل ڪيو پر ڪيس اها خبر نہ پوڻ گهرجي تہ ڪو ان سلسلي ۾ مون اوهان سان رابطو ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هو هاڻي مون کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ مون سان سندس ڪو سڌو لاڳاپو بہ ناهي.

نتشي ان وقت سوئٽزرلينڊ جي شهر باسل ۾ رهي رهيو هو. هو هتان جي يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو هو پر بيماري جي ڪري ڪيس اها نوڪري ڇڏڻي پئي هئي. اوم سلوم اڻ سڌي ريت نتشي جي دوستن کي ڪيس علاج ۽ ويانا ۾ ڊاڪٽر بروير سان ملڻ لاء راضي ڪرڻ لاء چئي ٿي. انهن جي اصرار تي نتشي نيٺ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر بروير جي ڪلينڪ ۾ اچي پهچي ٿو. ساڻس ڳالهہ ٻولہ ڪندي ڊاڪٽر کي محسوس ٿئي ٿو تہ سندس مريض گهٽ ڳالهائڻ وارو ماٺهو آهي ۽ جلد پنهنجو انت ڪنهن کي نہ ڏيندو آهي. ڊاڪٽر ان سلسلي ۾ پنهنجي دوست سگمنڊ فرائڊ ۽ هڪ ٻئي ڊاڪٽر دوست سان صلاح ڪري ٿو ۽ مختلف طريقا ۽ تدبيرون استعمال ڪري ٿو پر ان جو ڪو ڪارگر نتيجو نہ ٿو نڪري. ڊاڪٽر ڪيس مهينو کن اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاء چئي ٿو تہ جيئن سندس مڪمل علاج ٿي سگهي. جڏهين نتشي معاشي تنگدستي ڪري ان لاء راضي نہ ٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر ڪيس علاج جو سڄو خرچ پاڻ کڻڻ جي آڇ ڪري ٿو.

ڊاڪٽر کي ان وقت جڏهين نتشي ڪانئس ناراض ٿي باسل واپس وڃڻ لاء ويانا جي هڪ گيسٽ هائوس ۾ ترسيل هجي ٿو تہ هڪ ڀيري اڌ رات جو گيسٽ هائوس جو مالڪ سندس گهر تي اچي ڪيس ٻڌائي ٿو تہ نتشي جي طبيعت سخت خراب آهي. هو جڏهين اتي پهچي ٿو تہ بيهوشي جي ڪيفيت ۾

سندس وات مان منهنجي مدد ڪيو، منهنجي واهر ڪيو جا اکر نڪرن ٿا. ان سان هو سمجهي ٿو تہ هي شخص ظاهري طور جيترو خشڪ ۽ لاتعلق نظر اچي ٿو سندس اندر ايترو ئي ڏکويل ۽ اڪيلو آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر ڪيس آچ ڪري ٿو تہ هو سندس جسماني مرض جو علاج ڪندو جڏهين تہ نتشي سندس ذهني مونجهارن جو علاج ڪري. ليڪڪ نتشي ڪي هڪ نفسياتي علاج جي ماهر طور پڻ پيش ڪيو آهي جيڪو ساڳي وقت ڳالهه ٻولہ ذريعي پنهنجي معالج ڊاڪٽر بروير جي ذهني مونجهارن جو پڻ علاج ڪري ٿو. ڊاڪٽر هڪ پاسي پنهنجي زال ۽ پنهنجي گهر مان غيرمطمئن هجي ٿو تہ ٻئي پاسي هو پنهنجي هڪ مريضہ جي عشق ۾ ورتل هجي ٿو. دراصل هن جو مقصد پاڻ کي هڪ مريض طور پيش ڪري نتشي کي پنهنجي اندر اورڻ ۽ ڳالهھائڻ تي آماده ڪرڻ هو. پر ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ نتشي جي صلاحن ۽ ڳالهائڻ سان ڪيس فائدو ٿي رهيو هو ۽ هو نيٺ ان طرح سان صحتياب ٿي وڃي ٿو.

نتشي ڊاڪٽر بروير جو علاج ڪندي  پنهنجو اندر بہ اوري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ سندس پي ننڍي هوندي گذاري ويو هو ۽ گهر ۾ رڳو ٽي عورتون، سندس ماء، ڀيڻ ۽ ڏاڏي هونديون هيون جن سان هو گهٽو ويجهو نہ هوندو هو ۽ نہ ئي انهن کي پسند ڪندو هو. سندس عورت سان نفرت ڪرڻ جو اهو هڪ اهم ڪارڻ هو. ساڳي وقت هن جيتوڻيڪ اوم سلوم سان ظاهري طور نفرت جو اظهار ڪيو ٿي پر اندر ۾ ان لاء چاهت موجود هئي جيئن ڊاڪٽر بروير جي پنهنجي مريضہ برٿا لاء هئي. هو ٻڌائي ٿو تہ سندس ڪو اهڙو دوست ناهي جنهن سان هو پنهنجو اندر اوري سگهي.

ڊاڪٽر بروير ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هو سندس علاج سان مڪمل صحتياب ٿي چڪو هو ۽ گهڻن مونجهارن مان آجو ٿي چڪو هو. هو ڪيس چئي ٿو تہ پاڻ ٻنهي جو ڪم تہ ٿي چڪو آهي پر هو هاڻي منهنجي گهر ۾ منهنجي مهمان طور رهي سگهي ٿو جتي ڪيس لکڻ پڙهڻ جي هر سهولت ميسر هوندي. پر نتشي ان کان انڪار ڪري ٿو ۽ اتان اٽلي لاء روانو ٿي وڃي ٿو.

ليکڪ اهو ٻڌايو آهي تہ نفسيات دان مريض سان ڳالهائڻ ۾ رڳو ان جو علاج نہ ڪندا آهن پر گڏوگڏ پنهنجن مونجهارن کي بہ دور ڪندا آهن. ڳالهه ٻولهہ ذريعي اهو علاج مريض ۽ معالج ٻنهي لاء فائديمند ثابت ٿيندو آهي.

# سپنن جو سرجڻهار: هڪ اتساهيندڙ ڪٿا

ڊاڪٽر شيرشاهه سيد هونئن پيشي جي لحاظ کان ته طب جي شعبي سان لاڳاپيل هڪ گائناڪولوجسٽ يعني عورتن جي بيمارين جو ڊاڪٽر آهي پر هو ان ڪانسواءِ پنهنجين ٻين گهڻين خاصيتن جي ڪري پڻ سڃاتو وڃي ٿو. هو هڪ ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ پي ايم اي ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل سان لاڳاپيل هڪ سرگرم سماجي ڪارڪن پڻ رهيو آهي. اين ايس ايف سان سندس وابستگي سندس شاگردي واري دور جي ڳالهه آهي. منهنجي ساڻس واقفيت گهڻو اڳ اسلم خواجه جي حوالي سان ايمنسٽي انٽرنيشنل پاران ڪوئيٽا کان سبي تائين ڪڍيل هڪ سائيڪل ريلي جي موقعي تي ٿي هئي جنهن ۾ ڪراچي جي گهڻن ڊاڪٽرن سان گڏ آئون، ڊاڪٽر شمس سومرو ۽ اسلم خواجه به شامل هئاسين. جيتوڻيڪ پنهنجي پيشي جي لحاظ کان سندس مهارت کان ڪنهن کي انڪار ڪونهي پر پنهنجي ورتاءَ ۽ ملڻ ڪرڻ ۾ هو ڪڏهين اهو ڏيک نه ڏيندو ته هو ڪو معتبر ۽ ايڏين خوبين وارو ماڻهو آهي. ڊاڪٽر اديب رضوي جيان اهي شهر جا اهڙا خاموش ڪارڪن آهن جن کي پئسي ميڙڻ ۽ شهرت حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ رنگ، نسل، ٻولي ۽ عقيدي جي فرق ڪانسواءِ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ سان دلچسپي رهي آهي. هو اڙدو بازار جي ويجهو سوڀراج ۽ پوءِ اورنگي جي قطر اسپتال ۾ سرڪاري نوڪري ۾ هوندي اهو ساڳيو ڪم ڪندو رهيو آهي جڏهين ته سندس خاندان پاران ملير ۾ نيشنل هائي وي جي ويجهو ڪوهي ڳوٺ ۾ هڪ اسپتال قائم ڪيو ويو آهي جتي خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان جي ڳوناڻن علائقن جي عورتن جي بيمارين جو علاج ڪيو وڃي ٿو.

منهنجي آڏو هن وقت سندس حميرااشتياق سان گڏجي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب VISION جو اسلم خواجه جو ڪيل سنڌي ترجمو سپنن جو سرجڻهار آهي. ان متعلق شير شاهه لکي ٿو ته امان عطيه ظفر جا انيڪ مريض ۽ سندن ڪٽنب ياتي سنڌي ڳالهائيندڙ آهن، چاڪاڻ جو هو ملير جي انهن علائقن ۾ ڪم ڪندي رهي جتي سنڌي ۽ بلوچي ڳالهائيندڙ ٿانيڪو آهن. جڏهين انگريزي ڪتاب جي آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ رونمائي ٿي ته امان جي انيڪ مريضن ۽ منهنجن تمام گهڻن سنڌي دوستن رابطو ڪري چيو ته جيتوڻيڪ هنن ڪتاب ته پڙهي ورتو آهي پر جيڪر ان جو سنڌي ۾ ترجمو ٿئي ته ڏاڍو ڀلو ڪم ٿي ويندو.

هن ڪتاب کي هونئن شير شاهه جي پنهنجي ڪٿا به ليکي سگهجي پيو پر دراصل اها سندس خاندان جي ڪٿا آهي ۽ خاص طور تي پنهنجي پي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي جنهن پنهنجي زال سميت پنهنجن سيني گهرياتين وغيره جي تعليم لاءِ غيرمعمولي جاکوڙ ڪئي. بهار جي علائقي ديسينا سان تعلق رکندڙ اهو خاندان شروع کان ئي سياست سان لاڳاپيل رهيو آهي. سندس جد امجد مير پوجا انگريزن خلاف 1857 جي آزادي جي جنگ جو اهم ڪردار هو جنهن کي جاسوسن جي مدد سان گرفتار ڪري اذيتون ڏيئي ۽ پوءِ ڦاسي تي ٽنگيو ويو ۽ سندس سموري جائداد کي ضبط ڪيو ويو.

آزادي کان اڳ شيرشاه جو ڏاڏو مسلم ليگ سان لاڳاپيل هو جڏهين ته سندس پي ابو ظفر ڪانگريس جو ڪارڪن هو. ڪيس شروع کان ئي مختلف شين ڪرڻ جي عادت هوندي هئي. ڳوٺ ۾ سڀ کان اڳ ريڊيو هن متعاف ڪرايو جنهن کي گهڻا مذهبي ماڻهو ان وقت بدعت قرار ڏيندا هئا. هو ڪانگريس ۾ سڀاش چندر بوس کان متاثر هو ۽ ورهاڱي کان اڳ پٽنا ميونسپالٽي جو نائب ميئر پڻ رهي چڪو هو.

ورهاڱي کان اڳ بهار ۾ ٿيل فرقيوارانا فسادن جي ڪري گهڻا مسلم خاندان لڏي اچي ڪراچي جي لياري جي علائقي ۾ رهيا هئا. اهو علائقو آتما رام پريتم داس روڊ، جيڪو هاڻي شاه لطيف روڊ سڏجي ٿو، جي پڇاڙي ۾ لياري نئين سان لڳ آهي ۽ ان حوالي سان ان وقت کان ئي بهار ڪالوني سڏجي ٿو. ابو ظفر جي خاندان به پاڪستان اچڻ کان پوءِ رهڻ لاءِ ان علائقي جي ئي چونڊ ڪئي. هڪ لحاظ کان اهو جهڙو اسان جو ئي پاڙو هو. چاڪاڻ ته روڊ جي ٻئي پاسي حاجي محمد اسماعيل روڊ تي اسان جو گهر هو. ابو ظفر پاڪستان ۾ پاڻ کي سياست کان پاسيرو رکي سجو ڌيان تعليم تي ڏنو. علائقي ۾ هن هڪ اسڪول قائم ڪيو جنهن جو بنيادي مقصد لڏي آيل خاندانن جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ هو.

شير شاه جو چوڻ آهي ته گهر جا اڪثر سڀ اهم معاملا سندس پي جي چوڻ موجب هلندا هئا. ان وقت سندس ماءُ کي رڳو قرآن پڙهڻ ايندو هو ۽ هو ٻي ڪا تعليم حاصل نه ڪري سگهي هئي. سندس پي ڪيس وڌيڪ تعليم حاصل لاءِ اتساهيو. نه رڳو هو ڪيس پاڻ گهر ۾ پڙهائيندو هو پر هن ان جي لاءِ استادن جو بندوبست ڪيو جيڪي ڪيس مختلف شعبن جي تعليم ڏيندا هئا. ان وقت عطيا ظفر چئن ٻارن جي ماءُ هئي ۽ خاندان جي مختلف فردن پاران ان مرحلي تي سندس تعليم جي مخالفت به ڪئي ويئي پر ابو ظفر ان کي گهڻي اهميت نه ڏني.

ابو ظفر متعلق هڪ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هو چاهيندو هو ته سندس زال ڊاڪٽر بڻجي. ان لاءِ نه رڳو هن ڪراچي ۾ سندس لاءِ تعليم جو بندوبست ڪيو پر ان کي اوپر بنگال جي شهر چٽاگانگ به موڪليو. اها ڪيتري نه دلچسپ ڳالهه هوندي ته هڪ وقت ماءُ ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۾ آخري سال جي شاگرداڻي هئي جڏهين ته سندس وڏو پٽ ٽيپو سلطان ساڳئي ڪاليج ۾ پهرئين سال جو شاگرد هو ۽ ماءُ جون ساهيڙيون ڪيس ان ڳالهه تي چيڙائينديون هيون. ابو ظفر جي اها خواهش هئي ته سندس سڀ ڌيئرون، پٽ، ننهون ۽ ناني ڊاڪٽر هجن. هن ان ڳالهه تي عمل به ڪيو. شيرشاه هن ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو ته هن وقت سندن خاندان ۾ ڪل ٻائيتاليهه ڊاڪٽر آهن. ممڪن آهي ته ڪتاب لکجڻ کان هيستائين ان ۾ اجا واڌارو ٿيو هجي.

اهو خاندان لياري مان لڏي ملير ۾ اچي رهيو هو. هن وقت نيشنل هائي وي تي ڪالا بورڊ وٽ عطيه ظفر جي نالي سان عطيه هاسپيٽل آهي. ڪراچي ۾ هنگامن هلندي هڪ ڀيري سندس پاءُ سراج کي ڪنهن سياسي تنظيم سان لاڳاپيل همراه پنهنجن ڦٽيل همراهن جي علاج لاءِ اغواءِ ڪري کڻي ويا. پوءِ جڏهين کين اها خبر پيئي ته هو انيسٿيسيا يا آپريشن کان اڳ بيهوش ڪرڻ وارو ڊاڪٽر آهي ته ڪيس واپس ڇڏي ويا. ان کان پوءِ سندن پي چيو ته هائي وي تي رهڻ جوکم جو ڪم هو ۽ اسان کي

هتان منتقل ٿيڻ گهرجي. اهڙي ريت سندن اسپتالون وغيره ته ان علائقي ۾ ئي آهن پر انهن پنهنجي رهائش هتان منتقل ڪري ڇڏي.

شيرشاه رڳو سرسري طور اين ايس ايف سان پنهنجن لاڳاپن ۽ سياسي سرگرمين وغيره جو ذڪر ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس ملڪ ڇڏڻو پيو هو. اهو شايد ان ڪري به آهي ته اها شيرشاه جي پنهنجي نه پر سندس خاندان ۽ خاص طور تي ماء پي جي ڪٿا آهي. اهڙن ماڻهن جي ڪٿا جن ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو. اهو ڪتاب گهڻن ماڻهن لاء اتساه جو باعث ٿي سگهي ٿو.

اسلم خواجه هن ڪتاب کي سنڌي روپ پهرايو آهي ۽ پڙهندي اهو محسوس نه ٿو ٿئي ته اهو واقعي ترجمو آهي. هڪ سني ڪتاب جو سنو ترجمو سنڌي ادب ۾ هڪ بهتر واڌارو آهي.

# شيعہ سياست جو اڀار

مذهبي لحاظ کان اسلام ۾ شيعہ سني تضاد اموي دور کان اڄ تائين هلندو آيو آهي. جيتوڻيڪ ايران ۾ سورهين صدي ۾ صفوي دور ۾ شيعہ عقيدي جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون هيون ۽ ساڳي ريت مصر ۾ شيعن جي هڪ فرقي فاطمين جي هڪ چڱي عرصي تائين حڪومت رهي هئي پر سياسي لحاظ کان اهوڪڏهين بہ مسلم دنيا جو هڪ حاوي عقيدو نہ بڻجي سگهيو ۽ مختلف ملڪن ۽ دورن ۾ ان جا مجيندڙ عتاب ۾ ئي رهيا. مذهبي لحاظ کان کين پٺتيل ۽ سياسي لحاظ کان غدار ۽ ففٿ ڪالمسٽ ڪري ليکيو ويندو رهيوآهي جيڪي مسلمانن جي خلاف سازشن ۾ هميشہ دشمن سان گڏ هوندا آهن. ان سلسلي ۾ منگولن جي بغداد تي حملي ۽ ان کي تاراج ڪرڻ وقت آخري عباسي خليفي جو شيعہ وزير ابن ال القامي، جنهن منگولن جي مدد ڪئي هئي، هڪ مثال بڻجي ويو آهي ۽ ساڳئي حوالي کي موجوده دور ۾ سنين پاران آمريڪا جي عراق تي حملي ۽ صدام جي تختي اونڌي ڪرڻ ۾ شيعن جي اتحادي فوجن سان سهڪار لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

ايراني آمريڪي سفارتڪار ولي نصر پنهنجي ڪتاب دي شيعہ ريوائول The Shia Revival ۾ تاريخي پس منظر ۾ ان سڄي صورتحال جو جائزو ورتو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ان روئي جي ڪري شيعن کي سني حڪمرانن پاران هميشہ شڪ جي نگاہ سان ڏٺو ويو آهي ۽ ساڻن سياسي ۽ معاشي لحاظ کان امتيازي سلوڪ روا رکيوويوآهي. کين حڪومتي عهدن ۽ سرڪاري نوڪرين وغيره کان پڻ پري رکيو ويوآهي. سندن لاءِ معاشي موقعا هميشہ محدود رهيا آهن ۽ غريبن جي آبادي ۾ گهڻائي سندن هوندي آهي. پنهنجي ان ڏتڙيل حالت جي ڪري اهي مظلوم طبقن ۽ کاٻي ڌر جي سياست ڏانهن وڌيڪ مائل هوندا آهن. ان ڪري ئي عراق جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ سندن اهم ڪردار رهيو آهي ۽ ان جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن ۾ وڏو تعداد شيعن جو رهيو آهي.

دنيا ۾ ايستائين مسلم حڪومت جو مطلب ئي سني حڪومت رهيوآهي. ايران ۾ خميني جي اڳواڻي ۾ مذهبي عالمن جي انقلاب تي راتاهي ۽ اقتدار تي قبضي ان سلسلي ۾ هڪ متبادل کي جنم ڏنو. خميني پاڻ کي هڪ شيعہ اڳواڻ طور پيش ڪرڻ جي بجائي مسلم دنيا جي اڳواڻ طور سامهون آندو ۽ هڪ پاسي فلسطين وغيره جهڙن مسلم دنيا سان لاڳاپيل اهم مسئلن کي کنيو ۽ ٻئي پاسي مسلم ملڪن جي عوامي جذبن کي سامهون رکندي آمريڪا کي وڏو شيطان قرار ڏيئي ان سان ٽڪراءَ ۾ آيو. خميني پاران دنيا جي مختلف مسلم ملڪن جي حڪومتن کي چيلنج ڪندي مسلم دنيا جي اڳواڻي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان سان پاڪستان جهڙن ملڪن ۾، جتي شيعن جي آبادي ڪل آبادي جو اٽڪل ويہ سيڪڙو آهي، شيعن کي هڪ اتساہ مليو تہ اهي پنهنجن سياسي حقن ۽ جائز سياسي ڪردار لاءِ گهر ڪن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪن. جرنل ضياءالحق پاران جڏهين ملڪ ۾ زڪوات وغيره جهڙن اسلامي قانونن کي لاڳو ڪيو ويو تہ شيعن پاران وڏي تعداد ۾ اسلام آباد ۾ ڌرڻو هڻي گهر ڪئي ويئي تہ کين سندن فقي مطابق هلڻ ڏنو وڃي ۽ مٿن اهي قانون لاڳو نہ ڪيا وڃن. حڪومت کي ان ڌرڻي کي ختم ڪرڻ لاءِ سندن گهرن کي مڃڻو پيو. چيو وڃي ٿو تہ جنرل ضياءَ کي خميني

ڌمڪي ڏني هئي ته هن جيڪڏهين پاڪستان جي شيعن خلاف ڪو نامناسب قدم کنيو ته هو سندس حشر به اهوئي ڪندو جيڪو شاه ايران جو ڪيو هو.

مختلف ڪارڻن جي ڪري خميني جي اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته صدين جي مٿيرائپ ۽ اقتدار کي ختم ڪرڻ ايڏو سولو ڪم نه هو. هڪ ته گهڻن مسلم ملڪن ۾ سني گهڻائي هئي جن خميني جي اهڙي ڪوشش کي شڪ جي نگاه سان ڏٺو ٿي ۽ ان کي شيعن جي حاڪميت قائم ڪرڻ جو هڪ حربو سمجهيو ٿي. ساڳي وقت مختلف ملڪن ۾ شيعن جي جيڪا آبادي هئي اها به ثقافتي ۽ لساني طور هڪٻئي کان مختلف هئي ۽ ساڳي وقت اهي مذهبي لحاظ کان به خميني جي حڪمن کي مڃڻ جا پابند نه هئا. ڇاڪاڻ ته شيعن جي عقيدي موجب غائب ٿيل ٻارهين امام جي وري ظاهر ٿيڻ تائين ماڻهن کي اها آزادي آهي ته اهي مختلف مسئلن متعلق مختلف مجتهدين کان رايا وٺن ۽ پوءِ انهن تي عمل ڪن. ٻي ڳالهه ته رڳو ٻارهين امام جي قائم ڪيل حڪومت ئي مڪمل هوندي ۽ ان وقت اچڻ تائين ٻي ڪا به حڪومت ان جي ويجهو ته ٿي سگهي ٿي پر مڪمل نه هوندي. اهڙي ريت ايران ۾ خميني جي اڳواڻي ۾ قائم ڪيل مذهبي اڳواڻن جي حڪومت کي به مڪمل هئڻ جو ڪو سرٽيفيڪٽ نه ٿو ڏيئي سگهجي. ليڪ جو چوڻ آهي ته ان سلسلي ۾ عراق ۾ رهندڙ ايراني شيعه عالم امام خوئي جي مذهبي لحاظ کان ايران سميت مختلف ملڪن ۾ وڏيڪ پوئواري هئي ۽ هو مختلف معاملن تي خاص طور سياسي لحاظ کان خميني سان اختلاف رکندو هو. سندس ان سلسلي کي عراق ۾ مقيم سندس ايراني شاگرد آيت الله سيستاني جاري رکندو پيو اچي. ليڪ پاڪستان جي اترين علائقن ۾ رهندڙ شيعن سان سندس ٿيل هڪ ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته اهي ماڻهو مذهبي لحاظ کان ته امام خوئي ۽ سيستاني جا پوئلڳ آهن جڏهين ته سياسي لحاظ کان اهي خميني جي پوئواري ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ ليڪ ان اهم ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته ايران عراق جنگ ۾ ايران کي اها توقع هئي ته عراق جا شيعه صدام خلاف سندس ساٿ ڏيندا. پر سندس اها توقع پوري نه ٿي سگهي. ان جي باوجود ته عراقي فوج ۾ گهڻائي شيعن جي هئي پر ان وقت انهن پنهنجي عراقي ۽ عرب هئڻ واري سڃاڻپ کي پنهنجي شيعي هئڻ تي ترجيح ڏني ۽ ايراني فوج آڏو سينو ساهي بيهي رهيا. ساڳي ريت جڏهين ايراني فوج شيعه گهڻائي واري شهر بصره جو محاصرو ڪيو ته اتان جي ماڻهن پاران انهن جي آجيان ڪرڻ ۽ سندن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ بجائي ان جو مقابلو ڪيو ويو ۽ ايراني فوج کي مجبور ٿي پنهنجو محاصرو ختم ڪرڻو پيو. ان سان گڏوگڏ مختلف ملڪن جي سني حڪمرانن پنهنجن ملڪن ۽ ملڪن کان ٻاهر خميني جي ان چئلنج کي منهن ڏيڻ لاءِ قدم کڻڻ شروع ڪيا. ان سلسلي ۾ سعودي عرب جي حساسيت خاص طور ذڪر جوڳي آهي. ان عرصي ۾ ئي ڪعبت الله تي شاهي گهراڻي جي مخالفن پاران جيڪو قبضو ڪيو ويو. ان متعلق اهو چيو وڃي ٿو ۽ ليڪ جو به اهو خيال آهي ته انهن باغين جو واسطو ايران ۽ خميني سان هو. ساڳي ريت حج جي موقعي تي شيعه ۽ خاص طور ايراني حاجين جا مڪي ۾ مسلم دنيا کي درپيش مسئلن جي حوالي سان مظاهرا ۽ جلوس پڻ سعودي حڪومت لاءِ پريشاني جو باعث هئا. ان ڪري پنهنجي ملڪ ۾ طاقت جي استعمال ۽ ٻين مختلف قدمن کڻڻ سان گڏوگڏ سعودي حڪومت پاران سڄي دنيا ۾ شيعه مخالف قوتن کي همٿائڻ ۽ انهن جي مدد لاءِ وڏي پئماني تي مهم شروع ڪئي ويئي. عراق جي ايران تي

حملي ۽ اٽڪل اٺ سالن تائين هلندڙ لاڳيتي جنگ ۾ صدام کي سعودي عرب ۽ نار جي ٻين قدامت پسند حڪمرانن جي پوري حمايت حاصل هئي ته جيئن ايراني اثررسوخ کي روڪي سگهجي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ۾ ضياءالحق جي حڪومت اڳ ۾ ئي تيار هئي جيڪا اڳ ۾ ئي شيعن جي سياسي اظهار جو مزو چکي چڪي هئي. شيعن خلاف وڏي پئماني تي سڄي دنيا ۾ پروپيگنڊا ۽ لٽريچرڇاپڻ ۽ ورهائڻ جو ڪم ڪيو ويو. سپاه صحابہ، لشڪر جهنگوي ۽ اهڙين ٻين شيعن خلاف نفرت ڦهلائيندڙ تنظيمن کي وڏي پئماني تي هٿياربند ڪيو ويو ۽ انهن جي مالي ۽ اخلاقي مدد ڪئي ويئي. ٻئي پاسي انهن جي مقابلي ۾ ايران مختلف شيعہ سياسي اڳواڻن، تنظيم نفاذ فقہ جعفريہ جهڙين سياسي تنظيمن ۽ سپاه صحابہ وغيره جي طرز تي ناهيل تنظيم جيش محمد جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي ريت پاڪستان ڄڻ ته سعودي عرب ۽ ايران جي حامين جي وچ ۾ جنگ جو ميدان بڻجي ويو.ليڪ جو چوڻ آهي ته جيئن ته پاڪستان جي رياست به شيعن کي ضابطي ۽ سندن سياسي اثر رسوخ کي هڪ حد ۾ رکڻ چاهيو ٿي ان ڪري سني انتها پسند تنظيمن کي ان جي به مڪمل مدد حاصل هئي جنهن جي نتيجي ۾ سني انتها پسندن پاران وڏي پئماني تي ملڪ ۾ عام شيعن ۽ سندن اڳواڻن کي قتل ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت سياسي لحاظ کان ڄڻ سندن اثر رسوخ کي محدود ڪيو ويو.

ليڪ سياسي لحاظ کان نائن اليون ۽ آمريڪا جي عراق تي حملي کي شيعہ سياست ۾ هڪ اهم موڙ قرار ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي ته ان کان اڳ انهن لاء افغانستان جي مسئلي جي ڪري سني مسلمان وڌيڪ ترجيح لائق هوندا هئا جڏهين ته ايران جي اولهہ سان ناتن جي ڪري شيعن جو اميج وڌن ايترو بهتر نه هو.انهن ملڪن پاران تاريخي لحاظ کان به شيعن کي شڪ جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو جڏهين انگريزن پاران پهرين مهاڀاري جنگ کانپوء عراق جي رياست جون حدون مقرر ڪيون پئي ويون ته سني قبائلي سردارن وغيره کي گهڻي اهميت ڏني ويئي ۽ شيعن کي ان عمل کان گهڻي ڀاڱي ٻاهر ئي رکيو ويو. عراق تي آمريڪا جي پهرئين حملي کانپوء شيعن اهو سمجهيو هو ته آمريڪا صدام خلاف سندن بغاوت جي حمايت ڪندو ۽ اهي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا. پر آمريڪا ڪردن جي مدد ته ڪئي پر سعودي عرب وغيره جي دٻاء جي ڪري صدام خلاف شيعن جي مدد ڪرڻ کان پاسو ڪيو ۽ صدام کي اهو موقعو ڏنو ته هو وڏي پئماني تي شيعن جو قتل عام ڪري سندن بغاوت کي ڪچلي ڇڏي. سندس ان تشدد جي ڪري ڏکڻ عراق جي شيعہ گهڻائي وارن گهڻن علائقن مان ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿي ۽ گهڻا علائقا ۽ ڳوٺ ته بلڪل ئي ويران ٿي ويا. بغداد جي پسگردائي ۾ صدر سٽي ۽ ٻيون جيڪي غريب آباديون وجود ۾ آيون انهن ۾ گهڻائي انهن لڏ پلاڻ ڪندڙ ماڻهن جي آهي.

عراق ۾ بعث پارٽي جي انقلاب جي شروعاتي ڏينهن ۾ شيعن سان بهتر۽ برابري وارو رويو رکيو ويو پر پوء عراق ۾ گهڻائي ۾ هئڻ جي باوجود ساڻن ساڳيو امتيازي سلوڪ روا رکيو ويو. سندن آبادي جي گهڻائي گهٽ درجي جي ۽ غريب علائقن ۾ رهندي آهي. جڏهين ته نوڪرين ۽ خاص طور اعلا عهدن تي سندن نمائندگي نه هئڻ برابر هئي. فوج ۾ به توپن جي کاڄ طور سندن گهڻي تعداد سپاهين تي ٻڌل هئي ۽ وڏا افسر ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي هئا. ان کانسواء صدام حڪومت پاران ان ڳالهه تي خاص نظر رکي ويندي هئي ته اهي وڏي تعداد ۾ مذهبي اجتماعن وغيره لاء به گڏ نه ٿين. ان ڪري

عاشوري سميت ٻين مذهبي اجتماعن تي پابندي مڙهيل هوندي هئي. صدام پاران شيعن جي اهم رهنمائن کي قتل ڪرايو ويو. ڪيس اهو افسوس رهجي ويو ته هن شاه ايران جي چوڻ جي باوجود خميني، جڏهين هو عراق ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري رهيو هو، کي قتل چو نه ڪرايو.

صدام جي تختي اونڌي ٿيڻ ڪانپوء عراق ۾ انارڪي واري صورتحال هئي. آمريڪي فوجن جي جيڪي مزاحمت ڪري رهيا هئا انهن ۾ سني، شيعه ۽ صدام جي بعث پارٽي ۽ عراقي فوج جا همراه سڀ شامل هئا. ان صورتحال ۾ آيت الله سيستاني جو اهو موقف هو ۽ هن شيعن کي اها تاڪيد ڪئي ته آمريڪي فوجن جي مزاحمت نه ڪئي وڃي جڏهين ته ان وقت اجا تائين مقتده ال صدر جي مليشيا ۽ ٻيا شيعه گروپ گڏجي ٻاهرين فوجن جي مزاحمت ڪري رهيا هئا. آيت الله منتظري پاران صدر جي نجف، ڪوفي ۽ ڪربلا جي مقدس شهرن ۾ مظاهرن جي مخالفت ڪئي ويئي. ان جي ڪري ۽ سيستاني پاران مزاحمت جي مخالفت ڪري صدر کي عام شيعن جي گهڻي همدردي حاصل نه ٿي سگهي. ان سان گڏوگڏ عراق ۾ القاعده ۽ ٻين ٻاهرين ويڙهاڪن جي داخل ٿيڻ ۽ انهن پاران شيعن جي قتل عام ۽ سندن پوتر جاين تي حملن سنين ۽ شيعن ۾ ويڇن کي وڌائي صورتحال کي بلڪل ئي بدلائي ڇڏيو. سيستاني اهو سمجهيو ٿي ته مزاحمت جي نتيجي ۾ آمريڪا اسٽيٽس ڪو کي برقرار رکڻ لاء سنين کي اقتدار ۾ اهم حصو ڏيندو جيئن ان کان اڳ برطانيا پاران ڪيو ويو هو۽ اهڙي ريت شيعن سان اهو ساڳيو امتيازي سلوڪ جاري رهندو. آمريڪين مزاحمت کي ماني ڪرڻ ۾ سيستاني جي شيعه عوام ۾ اثر رسوخ ۽ اهميت کي محسوس ڪيو ٿي. هن عراق ۾ آمريڪي ڪماندر آڏو اهو موقف رکيو ته اسان ٻيئي پرڏيهي آهيون ان ڪري عراق جي آئندي جي فيصلي ڪرڻ جو اختيار هتان جي ماڻهن کي آهي جنهن جو بهترين طريقو هڪ ماڻهو هڪ ووٽ آهي. نئين آئين متعلق سندس رايو اهو هو ته ان جو شيعن يا ٻئي ڪنهن به فقه جي اصولن مطابق هئڻ ضروري ناهي بلڪ اهو اهڙو هجي جيڪو عراق جي ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪري ۽ سندن جمهوري خواهشن جي مطابقت ۾ هجي. سندس اهو هڪ حقيقت پسندانا موقف هو جنهن جي ڪري تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شيعن کي نه رڳو عراق پرشام کي ڇڏي ڪنهن به عرب ملڪ ۾ حڪومت ڪرڻ جو موقعو مليو ها. سيستاني جي ان موقف جي ڪري عراق ۾ ته گهڻائي هئڻ ڪري شيعن کي اقتدار حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو پر ان سان ٻين عرب ملڪن جهڙوڪ سعودي عرب، بحرين، لبنان ۽ متحده عرب امارات ۾ رهندڙ شيعن کي به اهو اتساه مليو ته اهي اتان جي حڪمرانن کان جمهوري بنيادن تي پنهنجن حقن جي گهر ڪن.

هن وقت شيعه سني فرقيوارانا تضاد جڻ ته سڄي وچ اوڀر کي وڪوڙي ويو آهي. سني حڪمران ان جي ذميواري آمريڪا جي خاص طور عراق ۾ اختيار ڪيل پاليسي کي قرار ڏين ٿا جنهن جي ڪري شيعن کي نه رڳو اتي اقتدار حاصل ڪرڻ جو موقعو مليوپر مختلف ملڪن ۾ پنهنجن حقن جي جدوجهد لاء هڪ اتساه پڻ مليو. پر عراق سميت عرب دنيا ۾ اهو سڄو عمل ايترو سولو ۽ آسان ناهي. سڄي خطي ۾ حڪمران ۽ سندن حمايت يافتا تنظيمون فرقيوارانا بنيادن تي هڪٻئي تي سبقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. ان سلسلي ۾ اها ڳالهه پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته لبنان جي حزب الله جهڙي تنظيم جنهن کي اسرائيل سان مزاحمت ڪرڻ جي ڪري سنين جي حمايت به حاصل هئي ۽

ان ڪي هڪ غير فرقيوارانہ تنظيم جي حيثيت حاصل تي ويئي هئي هاڻي ان عمل جو حصو بڻجندي پئي وڃي. ساڳي حيثيت ايران جي آهي. سندس فلسطين ۽ مسلم دنيا سان لاڳاپيل مسئلن ۾ اها گرم جوشي ناهي رهي ۽ اهو پڻ خطي ۾ ٿيندڙ نئين صف بندي ۾ پنهنجي حيثيت مضبوط ڪرڻ ۾ رڌل آهي. لبنان ۾ جتي اقتدار جي مذهبي بنيادن تي ورهاست جي ڪري ايسٽائين شيعن کي غيراهم عهدن تائين محدود رکيو ويو آهي حزب الله جي اڳواڻي ۾ اهي پنهنجي جائز حصي وٺڻ ۽ پنهنجي سياسي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ جي جدوجهد ۾ رڌل آهن. اها ڳالهه پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ جڏهين سيستاني عراق ۾ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي ڳالهه ڪري ٿو تہ ساڳيو اصول شام تي بہ لاڳو ٿئي ٿو جتي سني گهڻائي تي شيعہ ٿورائي جي حڪومت آهي. پر هڪ تہ فرقيوارانا تضاد جي ڪري حزب الله ۽ ايران شام جي حڪومت جي حمايت ڪري رهيا آهن جڏهين تہ القاعده ۽ ٻين سني انتها پسند تنظيمن جي ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪري سعودي عرب ۽ نار جا عرب حڪمران باغين جي مدد ڪري رهيا آهن. ليڪڪ جو خيال آهي تہ ان ڪارڻ آمريڪا جنهن پهرين شام تي حملي جا سانباها پئي ڪيا هاڻي شايد ان تان هٿ ڪڍي ويو آهي.

ليکڪ جو خيال آهي تہ هن وقت شيعن عرب قوم پرستي، وطن پرستي ۽ ڪابي ذر واري پنهنجي سڃاڻپ کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ماضي ۾ انهن سيني جو ڪين ڪو سٺو تجربو نہ رهيو آهي ۽ سني حڪمرانن پاران انهن کي مٿن وڏيڪ ظلم ڪرڻ لاء استعمال ڪيو ويوآهي. هن وقت سندن سڃاڻپ سندن شيعہ هجڻ آهي. ان بنياد تي ليڪڪ اهو نتيجو ڪڍي ٿو تہ موجوده فرقيوارانا تضاد وچ اوڀر جي مستقبل جو تعين ڪندوۜ حاوي امڪان اهو آهي تہ وچ اوڀر جو آئيندو ان جي ماضي کان وڌيڪ سٺو نہ هوندو.عراق جنهن کي ان سڄي فرقيوارانا توازن کي خراب ڪرڻ جو ذميوار قرار ڏنو وڃي ٿو هن وقت پاڻ ڏقيڙ ۽ انتشار جو شڪار آهي. جمهوريت ۽ شيعہ ڪارڊ کي استعمال ڪندي وزيراعظم مالڪي هڪ آمر تي وينو آهي ۽ ٻين سيني گروهن خاص طور سنين کي اقتدار کان ٻاهر رکيو ويو آهي جنهن جي ڪري ملڪ ۾ داعش جهڙين انتها پسند تنظيمن کي فروغ مليو آهي ۽ ملڪ جي مذهبي ۽ نسلي بنيادن تي ورهائجڻ جا امڪان پڻ پيدا ٿي پيا آهن. سعودي عرب ۽ بحرين وغيره جهڙن ملڪن ۾ رياست طاقت سميت شيعن جي سياسي اڀار کي روڪڻ لاء مختلف قدم کڻي رهي آهي. ان صورتحال ۾ اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏکي آهي تہ آئندي جي وچ اوڀر جو سياسي نقشو ڪهڙو هوندو.

# ڊاڪٽر طٰحيٰ حسين جي آتم ڪٿا

The Days مصر جي نامياري ليکڪ طاها حسين جي آتم ڪٿا آهي. هو گهڻن حوالن سان هڪ غير معمولي شخص هو. ننڍپڻ ۾ حجام، جن کي ان وقت سرجن جي حيثيت به حاصل هئي، جي غلط علاج جي ڪري پنهنجي بينائي کان محروم ٿي ويو هو. هو مٿئين مصر جي هڪ ڳوٺ سان تعلق رکندڙ گهڻن فردن واري هڪ غريب خاندان جو فرد هو. سندس بينائي نه هئڻ جي ڪري اهو سمجهيو ويو هو ته هو محدود مذهبي تعليم ئي حاصل ڪري سگهندو ۽ هڪ مذهبي عالم طور پنهنجو گذارو ڪندو. پر هن پنهنجي ذهانت ۽ ڪوشش سان ان ڳالهه کي غلط ثابت ڪيو. هو مصر ۾ قائم ٿيل پهرين يونيورسٽي جو پهريون گريجوئيٽ ۽ ان جو پهريون مصري ڊين هو. ان ڪانسواءِ هو پهريون مصري هو جنهن کي ادب جي نوبل ايوارڊ لاءِ پڻ نامزد ڪيو ويو هو. هن سٺ کان وڌيڪ ڪتاب ۽ گهڻا مضمون لکيا. سياسي، سماجي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ شامل رهيو ۽ گهڻن مخالفتن کي منهن ڏنائين. هو پاڻ کي نابينا نه سمجهندو هو ۽ نه ئي پڙهائي جو نابينائن وارو طريقو اختيار ڪيائين. هو ڪلاس ۾ ليڪچر ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڪنهن دوست يا ٻئي ڪنهن همراه جي ڪتاب پڙهي ٻڌائڻ وسيلي پنهنجي تعليم کي اڳتي وڌائيندوهو.

هي آتم ڪٿا اصل ۾ ٽن ڪتابن جو مجموعو آهي. پهريون ڪتاب سندس ننڍپڻ جي حوالي سان آهي جيڪو هن ڳوٺ ۾ تعليم حاصل ڪندي گذاريو. ٻيون ڪتاب گهڻي ڀاڱي سندس جامعہ ازهر ۾ تعليم ۽ اتي گذاريل ڏينهن جي حوالي سان آهي. هتي هو تعليم ته حاصل ڪري ٿو پر هڪ ته اڪيلائي جو شڪار هجي ٿو ۽ ٻيو ته پڙهائي جي طريقہ ڪار ۽ ان جي مواد مان مطمئن نه ٿو هجي ۽ ڪيس ڪو اتساه نه ٿو ملي. هتي بس سندس ڏينهن ائين ئي گذرندا رهن ٿا. هو هتي مختلف استادن جي ويجهو هجي ٿو جڏهين ته مختلف استادن سان سندس مختلف مسئلن جي حوالي سان اختلاف پڻ پيدا ٿين ٿا. ان دوران قاهره ۾ اولہ جي طرز تي تعليم ڏيندڙ پهرين يونيورسٽي قائم ٿئي ٿي جتي جديد تعليم ڏني وڃي ٿي. هو هتي تاريخ، ادب ۽ فلسفي تي مختلف ڪلاس اٽينڊ ڪري ٿو ۽ ڪيس هڪ اتساه ملي ٿو ۽ لڳي ٿو ته اهو ازهر کان بلڪل مختلف آهي جتي ماڻهو کي رڳو هر ڳالهه کي جيئن جو تيئن مڃڻو نه ٿو پئي پر ان کي تنقيدي نکتہ نظر سان ڏسڻ ۽ سوال ڪرڻ جي پڻ اجازت آهي. ان دوران هو ازهر مان عالم جي ڊگري جو ڪورس پورو ڪري ٿو پر انٽرويو ڪاميٽي ڪيس ازهر جي شيخ جي چوڻ تي فيل ڪري ڊگري ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ٿي.

اهڙي ريت سندس دلچسپي ازهر مان ختم ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجي پوري توجهه يونيورسٽي جي تعليم تي ڏئي ٿو. هتي هو فرانسيسي ٻولي ۽ يوناني ۽ لاطيني تاريخ سکڻ شروع ڪري ٿو. ڪيس خبر پئي ٿي ته يونيورسٽي شاگردن جو هڪ وفد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ فرانس موڪلي رهي آهي. هو ان وفد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ يونيورسٽي کي لکي ٿو ۽ ان ۾ پنهنجي فرانسيسي ٻولي سکڻ وغيره متعلق ٻڌائي ٿو پر شروع ۾ سندس اها درخواست رد ڪئي وڃي ٿي. پوءِ ڪيس چيو وڃي ٿو ته جيڪڏهين هو ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز ۾ ڪامياب ٿيو ته ڪيس فرانس موڪليو ويندو. پنهنجي لاڳيتي ڪوشش سان

هو ان امتحان ۾ بہ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ سندس نالو انهن ٽن ماڻهن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو جن کي يونيورسٽي پاران فرانس موڪليو ويندو. سڀ تياريون مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پهرين مهاڀاري جنگ جي شروع ٿيڻ جي ڪري يونيورسٽي پاران فرانس ۾ موجود مصري شاگردن کي واپس گهرايو وڃي ٿو ۽ سندس اوڏانهن وڃڻ بہ ملتوي ٿي وڃي ٿو. نيٺ حالتن ۾ سڌارو اچي ٿو ۽ هو فرانس پهچي ٿو پر ڪجھ عرصي ڪانپوءِ يونيورسٽي پاران مالي حالتن جي ڪري شاگردن کي واپس گهرايو وڃي ٿو جنهن ۾ هو بہ شامل هجي ٿو پر ڪجھ عرصي ڪانپوءِ ڪيس وري فرانس موڪليو وڃي ٿو جتي هو مختلف ڪورس ۽ پنهنجي ڊاڪٽريٽ وغيره مڪمل ڪري ٿو.هتي ئي سندس پيار هڪ فرانسيسي ڇوڪري سان ٿئي ٿو جيڪا سندس لاءِ ڪتابن پڙهڻ جو ڪم ڪندي هئي ۽ پوءِ ان سان ئي شادي ڪري ٿو.

مصر جي آزادي جي حوالي سان هو گهڻو پرجوش هجي ٿو. ان حوالي سان هو آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ اهم سياسي جماعت وفد جي اڳواڻن جي ويجهو هئڻ جي باوجود انهن سان گهڻين ڳالهين ۾ متفق نہ ٿو هجي. پنهنجي هڪ آزاد رائي رکندڙ ماڻهو جنهن جي ڪري ڪيس مذهبي انتها پسندن سميت گهڻن بااثر ماڻهن، جن مختلف موقعن تي سندس مدد بہ ڪئي هئي ۽ موٽ ۾ ڪانئس تابعداري جي توقع بہ رکن پيا، جي مخالفت کي منهن ڏيڻو پئي ٿو. هڪ آزاد منش ماڻهو جنهن پنهنجي نموني ۽ مرضي سان پنهنجي زندگي گذاري ۽ پنهنجي بينائي نہ هجڻ کي پنهنجي ڪمزوري بڻجڻ نہ ڏنو.

# نور ظهير جو ڪتاب

انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽي ملڪ جي ورهاڱي وقت اصولي طور اهو فيصلو ڪري چڪي هئي ته پارٽي کي به هندو مسلم جي بنياد تي ورهايو ويندو. ان جو هڪ اهم اشارو ته پاڻ سجاد ظهير جو پارٽي کي وري منظم ڪرڻ لاءِ پاڪستان اچڻ هو ۽ ساڳي وقت هتي موجود پارٽي جي هندو ميمبرن کي يارت لڏڻ لاءِ زور پرڻ هو. ان جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ نور ظهير پنهنجي ڪتاب At Home in Enemy Land جي صفحي 16 تي لکي ٿي ته ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ ٿيل هڪ گڏجاڻي ۾ اي ڪي هنگل ۽ سوڀو گيانچنداڻي ٻيئي گڏ هئا. سجاد ظهير ٻنهي کي يارت لڏي وڃڻ لاءِ چيو هو. انهن مان هڪ هائوڪار ڪئي ۽ ٻئي منع ڪري ڇڏي. جنرل سيڪريٽري جي هدايت جي ان فرمانبرداري ۽ نافرماني ٻن جگري يارن کي ائين جدا ڪري ڇڏيو جو انهن لاءِ ڇاونجاه سالن ڪانپوءِ ان گڏجاڻي ۾ ملڻ ئي ممڪن ٿي سگهيو.

# نيتر سنگھ راوت جو سفر نامون پٿر اور پاني

ماڻهو ٻين ملڪن ۽ علائقن جي ڪيل سفرڪي ته اهميت ڏيندو آهي ۽ انهن متعلق لکندو ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندو به آهي پر پنهنجي وطن کي گهٽي اهميت نه ڏيندو آهي. شايد سندس ذهن ۾ اهو ئي هوندو آهي ته ان متعلق ڇا ٻڌائجي، سيني کي ته ان جي خبر آهي. پر هميشه ائين ناهي هوندو. گهٽين شين جي ماڻهو کي ڄاڻ نه هوندي آهي ۽ گهٽيون شيون سندس ڏسندي ڏسندي تبديل ٿي وينديون آهن جنهن جو ان کي اندازو نه ٿي سگهندو آهي. ان ڪانسواءِ پنهنجي ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ متعلق ٻين ماڻهن کي ٻڌائڻ به هڪ ڪم هوندو آهي. مون کي تازو ان لاءِ اتساه نيتر سنگھ راوت جي هندي ۾ لکيل سفرنامي جنهن جو اڙدو ۾ ترجمو اجمل ڪمال ۽ عامر انصاري پٿر اور پاني جي عنوان سان ڪيو آهي جي پڙهڻ سان مليو. ليکڪ هماليائي سلسلي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، جتي هڪ جبل پارت کي تبت کان ڌار ڪري ٿو ۽ جيڪو سٺ جي ڏهاڪي ۾ واپار جو هڪ اهم مرڪز هو، ۾ ڄائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو. هو پنهنجي تعليم ۽ نوڪري وغيره جي سلسلي ۾ نيني تال، ممبئي ۽ دهلي وغيره ۾ رهيو. هن هڪ ڀيري پنهنجي زال سان گڏ پنڌ پنهنجي جنم ڀومي ۽ لاڳاپيل علائقن کي ڏسڻ جو ارادو ڪيو. هڪ اڙانگو سفر جنهن ۾ هو پوري گنگا جي موهيندڙ ڪناري سان گڏ هلندو واٽ جي ڏکيائين کي منهن ڏيندو هلندو ٿو وڃي. ان سفر ۾ خاص طور سندس زال جو ڪردار ساراهڻ جوڳو آهي جيڪا ڪنهن به موقعي تي پنتي هٽڻ لاءِ تيار نه ٿي هجي ۽ سندس لاءِ به هڪ اتساه جو باعث ٿئي ٿي. هو اتي ماڻهن سان ملن ٿا. علائقي جي معيشت تبت جي چين جي قبضي ۾ وڃڻ جي ڪري متاثرتي هئي. گهڻا ماڻهو لڏي ويا هئا، ڳوٺ ويران ٿي ويا هئا. ڪٿي ڪو سڃاڻ وارو ماڻهو ملي ٿي ويو. ڪي ماڻهو پوک لاءِ يا پنهنجين ٻنين جي سار سنڀال لاءِ وقت بوقت پنهنجن گهرن جو چڪر هڻن ٿا نه ته گهڻا گهر سارسنڀال نه هئڻ ڪري ڊهي ويا هئا. پري پري جا ماڻهو هڪ ٻئي کي سڃاڻن پيا ۽ ليکڪ کي پاڻ پنهنجي سڃاڻپ جي حوالي سان ڪا ڏکيائي نه ٿي ٿئي. پنهنجي سفر جي آخري مرحلي ۾ ڪين هڪ ڏکيو گليشيئر،جتان پوري گنگا نڪري ٿي، ۽ هڪ نئين کي پار ڪرڻو هجي ٿو.

ليکڪ ان سڄي علائقي ۽ ان جي منظرن کي جنهن نموني بيان ڪيو آهي اهو نهايت دلڪش ۽ وڻندڙ آهي ۽ ماڻهو ڄڻ پاڻ اهو سيڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسندو هجي. لڳي ٿو ته اهو سفر واقعي سفر آهي.

# راجندر سنگهه بيدي

گهڻن وڏن ليکڪن ۽ فنڪارن جي زندگي ڪسمپرسي جي حالت ۾ گذري آهي. پر گهڻن سان وري ائين بہ ٿيو آهي تہ انهن سڄي زندگي ڪمايو، کاڌو ۽ عيش ڪيا آهن ۽ پڇاڙي ۾ وڃي هڪ اهڙي حالت کي پهتا آهن جو ڪين ٻين جي مدد وٺڻي پئي آهي ۽ هڪ ويچارگي واري زندگي گذارڻي پيئي آهي. راجندر سنگهه بيدي اڙدو ادب جو هڪ وڏو نالو آهي. ساڳي وقت هو فلم پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر پڻ هو. هڪ چادر ميلي سي سندس مشهور تخليق آهي جنهن تي فلم پڻ ٺهي هئي. بيدي جي زندگي جي آخري ڏينهن متعلق سندس هڪ دوست اوپندر ناٿ اشڪ ڪجهه معلومات ڏني آهي. بيدي هڪ آسودي زندگي گذاري هئي. ڪيس نہ تہ پئسي ڏوڪڙ جي ڪا گهڻتائي هئي ۽ نہ ئي هو خرچ ڪرڻ ۾ ڪا ڪنجوسي ڪندو هو. هڪ سهڻي زال، ٻار ۽ هڪ سٺو گهر. مطلب تہ سندس هڪ آدرشي زندگي هئي.

ليکڪ جو چوڻ آهي هو آخري ڏينهن ۾ جڏهين بيدي سان ممبئي ۾ مليو تہ هو پنهنجو گهر ڇڏي آيو هو ۽ پنهنجي پٽ نريندر، جيڪو پاڻ فلم پروڊيوسر هو، جي دفتر ۾ رهيل هو. گهر ڇڏڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ سندس ان وقت پنهنجي فلم جي هيروئن سان افيئر هلي رهيو هو جنهن کي سندس زال پسند نہ ٿي ڪيو. ليکڪ پاران ان معاملي کي ناهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ۽ سندس زال کي ان ڳالهہ تي قائل ڪيو وڃي ٿو تہ اها ڪيس گهر واپس وٺي اچي. اها ان ڳالهه تي راضي ٿئي ٿي تہ ٺيڪ آهي هو ڀلي گهر اچي پر ان هيروئن کي گهر نہ وٺي اچي ۽ جيڪي ان سان ڪرڻو اٿس گهر کان ٻاهر ڪري. ساڳي وقت بيدي کي پڻ ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ ان هيروئن کي بيدي سان ڪا محبت وغيره ڪونهي ۽ اها بس سندن فلم ذريعي مشهور ٿيڻ ۽ پنهنجو ڪيريئر ناهڻ چاهي ٿي جيڪا ڳالهه اڪثر فلم ناهيندڙن ۽ اهڙين هيروئنن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. ڪيس چيو وڃي ٿو تہ ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاء هو سندس آڏو شادي جي تجويز رکي ۽ پوء ڏسي تہ ڇا هو هڪ پوڙهي جنهن جي ڪل لٽڪندي هجي سان شادي ڪرڻ لاء تيار ٿئي ٿي يا نہ. پر زال ۽ مڙس وچ ۾ اهو ناه گهڻو عرصو نہ ٿو هلي ۽ بيدي پنهنجي پراڻي روش جاري ٿو رکي. ان چڪتاڻ ۾ ئي سندس زال مختلف بيمارين جو شڪار ٿي مري وڃي ٿي. سندس فلم جي هيروئن بہ فلم مڪمل ٿيڻ کانپوء توقع موجب بيدي کي ڇڏي ٻئي ڪنهن سان شادي ڪري ٿي. اهو صدمو نہ سهندي بيدي پاڻ بيمار ٿي بستر پيڙو ٿي وڃي ٿو. سندس گهر قرض واپس ڪرڻ جي سلسلي ۾ وڪجي وڃي ٿو، سندس پٽ جو انتقال ٿي وڃي ٿو ۽ هو پنهنجي ننهن جي رحم وڪرم تي هجي ٿو جيڪا سندس بستر تي هوندي بہ ڪيس گهر جي خرچ ڏيڻ لاء تنگ ڪندي رهي ٿي ۽ ان حالت ۾ ئي تڪليف سهندي سندس انتقال ٿئي ٿو.

# هڪ صحافي جي ڪٿا

رابرٽ فسڪ هڪ اهڙو صحافي آهي جيڪو پنهنجي معروضيت، محنت ۽ اصولن تي سوديبازي نه ڪرڻ جي ڪري هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. سندس آئرلينڊ سان تعلق آهي. هن اتر آئرلينڊ جي جنگ ۽ يورپ ۾ سربيا ۽ بين ويڙه وارن علائقن جي ڪوريج ڪئي آهي. پر گهڻي عرصي کان هو بيروت ۾ رهي ٿو ۽ وچ اوڀر ۾ گذريل ڏهاڪن ۾ جيڪا اٿل پٿل ٿي آهي ان جو اکين ڏٺو شاهد رهيو آهي ۽ ان کي پنهنجن پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. اهڙن صحافين لاءِ جيڪي ڪنهن دٻاءَ ۽ مفاد کانسواءِ آزاد طريقي سان پنهنجي صحافت ڪرڻ چاهيندا آهن انهن جي لاءِ اهو ڪم سولو نه هوندو آهي، انهن کي مختلف پاسن کان تنگ ڪيو ويندو آهي ۽ پنهنجي مرضي موجب هلڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. ان دٻاءَ جي نوعيت وچ اوڀر جهڙي خطي ۾ اجا وڌي ويندي آهي جتي مختلف ملڪن ۾ اندروني ۽ بيروني طور هڪ جنگ واري صورتحال هجي ۽ صحافين کي هميشه پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پئي. فسڪ کي به ان دٻاءَ کي لاڳيتو منهن ڏيڻو پيو آهي. سندس مختلف رپورٽن تي اخبار جي ايڊيٽر کي شڪايت ڪئي ويندي هئي ۽ ان کي ڪوڙ چيو ويندو هو. پر فسڪ وٽ پنهنجا ثبوت ۽ دليل هوندا هئا جن جي بنياد تي هو پنهنجي سچائي کي ثابت ڪندو هو.

ڪيس ٽائيمز لندن جهڙي هڪ وڏي نالي واري اخبار ۽ وڏي پگهارواري نوڪري ڇڏي ان جي ڀيٽ ۾ هڪ گهٽ حيثيت ۽ گهٽ پگهار واري اخبار انڊيپينڊنٽ ۾ چو وڃڻو پيو. ان متعلق هو ٻڌائي ٿو ته اخبارن جي مالڪن جا پنهنجا مفاد هوندا آهن ۽ اهي رڳو هڪ خاص حد تائين ئي دٻاءَ سهي سگهندا آهن. خاص طور جڏهين معاملو وڏين طاقتن، ملڪن ۽ بااثر سياسي اڳواڻن جي حوالي سان هجي. ٽائمز جي پراڻن مالڪن نقصان ۾ وڃڻ ۽ ڏيوالي ٿيڻ کانپوءِ اخبار وڪڻي ڇڏي هئي. نون مالڪن جا پنهنجا مفاد هئا ۽ اهي ڪوبه اهڙو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه هئا جنهن سان ڪين نقصان ۽ طاقتور ڌرين جي ناراضگي کڻڻي پئي. ايران عراق جنگ دوران فسڪ ٻنهي ملڪن جي محاذ تي موجود هو. ان وقت هڪ لحاظ کان آمريڪا به جڻ عراق پاران جنگ ۾ شامل ٿي ويو هو. ان وقت نار ۾ موجود آمريڪي جنگي بحري جهاز بندر عباس کان دبئي ويندڙ ايران جي هڪ مسافر بردار جهاز کي، جنهن ۾ 290 مسافر سوار هئا، ميزائل هڻي تباه ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ سڀ مسافر مري ويا هئا. آمريڪا جو موقف اهو هو ته اهو جهازهينانهين ڏانهن اچي رهيو هو ۽ ان جو مقصد بحري جهازتي آپگهاتي حملو ڪرڻ هو ۽ ساڳي وقت پائلٽ انهن جي تنبيهن جو جواب نه ڏنو هو. فسڪ پنهنجي تحقيق جي بنياد تي ان سيڪجهه کي غلط ثابت ڪيو ۽ ٻڌايو ته جهاز هينانهين ڏانهن نه پر مٿي وڃي رهيو هو ۽ اها بندر عباس کان دبئي جي روزانا جي معمول جي فلائيٽ هئي. اخبار پاران سندس ان رپورٽ کي شروع ۾ ان ڪري نه ڇاپيو ويو ته ان سان آمريڪي موقف جي نفي ٿي ٿي ۽ پوءِ هڪ ٻن ڏينهن کانپوءِ ان کي ڪاٿي اندرين صفحن تي ڇاپيو ويو. هن ان ڳالهه کي پنهنجي عزت نفس جي خلاف سمجهيو ۽ اهو بهتر ڄاتو ته اهڙي جاءِ تي ڪم ڪجي جتي ڀلي پگهار گهٽ هجي پر ماڻهو جي عزت نفس متاثر نه ٿئي.

هن وقت هو انڊيپينڊنٽ اخبار سان لاڳاپيل آهي. هن رڳو اخباري رپورٽنگ ناهي ڪئي پر مختلف ڪتاب پڻ لکيا آهن جيڪي تاريخي دستاويز آهن. سندس هي ڪتاب The Great War for Civilization:The Conquest of the Middle East جڻ وچ اوڀر جي جديد تاريخ آهي، جنهن جو هو اکين ڏٺو شاهد رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هن مختلف ملڪن جو سفر ڪيو آهي، گهڻن اڳواڻن سان روبرو مليو آهي ۽ انيڪ ڪتابن مان مدد ورتي آهي. وچ اوڀر سان سندس تعلق ان ڪري بہ آهي تہ هن جو پنهنجو هڪ اهڙي ملڪ سان تعلق آهي جيڪو انگلنڊ جي نوآبادي رهيو آهي ۽ جنهن کي ورهاست ۽ گهرو ويڙه جا ڏک سهڻا پيا آهن.

سندس پيءُ پهرين مهاڀاري جنگ ۾ اتحادين پاران اولهندي محاذ تي وڙهيو هو. پنهنجي پيءُ متعلق سندس چوڻ آهي تہ هو منجهيل سٽ هو ۽ کيس سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ڪڏهين تہ هو ڏاڍو مٺو هوندو هو ۽ ڪڏهين ساڻس ڳالهائيندي دپ پيو ٿيندو هو. هن پهرين شادي پنهنجي پسند تي ڪئي هئي پر ان عورت ساڻس وفا نہ ڪئي ۽ کيس ڇڏي هلي وئي. پوءِ هن پاڻ کان گهڻي ننڍي رابرٽ جي ماءُ سان شادي ڪئي. جيتوڻيڪ سندس وفات کانپوءِ جيڪي سندس خط مليا انهن مان سندس پنهنجي زال سان محبت ظاهر ٿئي ٿي پر عام زندگي ۾ سندس رويو ساڻس ڏاڍو سخت هوندو هو. ايستائين تہ جڏهين وڏي عمر ۾ هو بيمار ٿي اسپتال ۾ داخل ٿيو تہ هن اتي وٽس وڃڻ بہ گوارا نہ ڪيو.

سندس وفات کانپوءِ رابرٽ سندس ماضي متعلق کوجنا شروع ڪئي. سندس فوٽو ۽ خط هٿ ڪيا ۽ ساڳي وقت سرڪاري ريڪارڊ کي پڻ ڏٺو. سندس پي جنگ دوران فرانس ۾ رهيو هو. هو انهن شهرن ۾ جاين ڏي ويو، جن متعلق سندس پي کيس ٻڌايو هو ۽ جن جو تصويرن ۽ خطن وغيره ۾ ذڪر هو. فرانس ۾ هڪ پيرو جڻ وچ اوڀر وري اچي سندس آڏو بيهي ٿو. جنهن شهر ۾ سندس پي رهندو هو ان شهر مان اٽڪل اٺ سو سال اڳ صليبي جنگن لاءِ يروشلم کي فتح ڪرڻ لاءِ هزارين ماڻهو وچ اوڀر ڏانهن نڪتا هئا. انهن مان گهڻا اتان جي مختلف ملڪن ۾ مستقل طور رهي پيا هئا. لبنان جي حوالي سان کيس ذهن ۾ اچي ٿو تہ اتان جي مارونائيٽ عيسائين جي گهڻائي انهن ماڻهن جو اولاد آهي. سندس پي کيس ٻڌايو هو تہ کيس انگريز فوج جي هڪ ڀاڄوڪڙ آسٽريلوي رنگروٽ کي گولي هڻندڙ دستي جي ڪمان ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو پر هن اهو ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. رابرٽ جي اندر جو صحافي ان ڳالهہ کي ائين ئي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿو هجي. هو ان ڳالهہ جي کوجنا ڪري ٿو. سرڪاري ريڪارڊ ڏسي ٿو ۽ فرانس ۾ ان هوٽل ۾ وڃي ٿو جتي اهو آسٽريلوي رهندو هو. هو ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ سندس پي کيس صحيح ڳالهہ ٻڌائي هئي. کيس فرانس ۾ اها پڻ خبر پئي ٿي تہ هتي جنگ دوران چينين کي وڏي تعداد ۾ مزدورن جي طور سڙڪن ۽ پلن وغيره ناهڻ جي ڪم لاءِ آندو ويو هو جن کي قلي چيو ويندو هو. انهن کي ڪئمپن ۾ خاردار تارون هڻي واڙيو ويندو هو ۽ محافظ سندن نگراني ڪندا هئا. اهڙي هڪ چيني سان هڪ جهيڙي ۾ سندس پي کي نرڙ تي چاقو لڳو هو جنهن جو نشان سندس نرڙ تي اجا باقي هو ۽ ان چيني کي هن گولي هڻي ماري ڇڏيو هو.

وچ اوڀر جي موجوده صورتحال جي مختلف پاسن کي سمجهڻ لاءِ هي هڪ تفصيلي ۽ ضروري ڪتاب آهي.

# پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ جي دنيا

مهاڀاري جنگين دنيا ۾ وڏيون تبديليون آنديون آهن. خاص طور پهرين مهاڀاري جنگ کانپوءِ پهريون وڏو واقعو سوويت يونين جو انقلاب هو. ساڳي وقت هن جنگ کانپوءِ خلافت عثمانيہ وکرجي ويئي. نہ رڳو خلافت ختم ٿي ويئي پر خاص طور وچ اوڀر ۾ جيڪي ان جي تسلط هيٺ ملڪ هئا انهن کي اتحادي ملڪن ليگ آف نيشنس جي مينڊيٽ کي استعمال ڪندي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو ۽ پوءِ پنهنجن مفادن تحت علائقي جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هتي مختلف ملڪ وجود ۾ آيا ۽ هڪ نئين صورتحال جنم ورتو.

هن جنگ جي اهم ترين ڳالهہ اها هئي تہ ان ۾ آمريڪا شروع وارن سالن ۾ غير جانبدار هو ۽ سندس ڪردار گهٽو مثبت هو. رابرٽ فسڪ جو چوڻ آهي تہ ان بنياد تي هن جو جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان ٻہ ڏرين سان رابطو هو. ان وقت جي آمريڪا جي صدر ووڊرو ولسن هڪ پاسي جرمني تي اهو زور ڏنو تہ ترڪي تي دٻاءُ وڌو وڃي تہ آرمينين جو قتل عام بند ڪيو وڃي ۽ ٻئي پاسي هن اتحادين کي اهو چيو تي تہ وچ اوڀر ۾ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي جو عرب هڪ قوم جي حيثيت ۾ جمهوري طريقي سان رهي سگهن. پر ان دوران ولسن جي بيمار ٿيڻ ۽ آمريڪي عوام جي دنيا جي معاملن کان لاتعلقي جي ڪري آمريڪا ان علائقي جي نئين جوڙجڪ ۾ ڪو موثر ڪردار ادا نہ ڪري سگهيو ۽ يورپي ملڪن کي پنهنجي مرضي هلائڻ جو موقعو ملي ويو. انهن وچ اوڀرجي نئين سر تشڪيل ڪئي. شام جي هڪ حصي کي ڌار ڪري فرقيوارانا بنيادن تي فرانس جي اتحادي عيسائي ٽورائي لاءِ نئون ملڪ لبنان ناهيو ويو. فرقيوارانا بنيادن تي ٺهيل ان جي آئين ۾ مارونائيٽ عيسائين کي اهم حيثيت ڏني ويئي ۽ ملڪ جي شيعہ گهڻائي کي گهٽ حيثيت ڏني ويئي. عراق هڪ ملڪ طور سامهون آيو ۽ مڪي جي شريف جي ترڪي خلاف اتحادين جي ساٿ ڏيڻ جي انعام طور ان جي ڪزن شاهه فيصل کي ملڪ جو بادشاه مقرر ڪيو ويو جنهن جو عراق سان ڪو تعلق نہ هو ۽ ساڳي وقت هو هڪ سني هو جڏهين تہ عراق جي آبادي جي گهڻائي شيعہ هئي. برطانيا پنهنجي مينڊيٽ جو استعمال ڪندي بالفور ڊيڪليريشن ذريعي 1917 ۾ فلسطين ۾ يهودين جي لاءِ ڌار وطن جو نظريو پيش ڪيو. مطلب تہ يهودين سان يورپ ۾ جيڪو امتيازي ورتاءُ ڪيو ويو هو ان جي سزا فلسطينين کي ڏني ويئي جنهن اڳتي هلي اسرائيل جي صورت ۾ هڪ يهودي رياست جو روپ ورتو

اهڙي ريت هڪ پاسي عربن کي مختلف ملڪن ۾ ورهايو ويو ۽ ٻئي پاسي فرقيوارانا بنيادن تي رياستون ناهيون ويون. اهڙي طريقي سان علائقي ۾ هڪ لاڳيتي چڪتاڻ ۽ جنگ وارو ماحول پيدا ڪيو ويو. ويہ پنجويہ سال گذرڻ کانپوءِ آمريڪا جي پنهنجي حيثيت بدلجي چڪي هئي ۽ اهو هڪ وڏي عالمي طاقت بڻجي چڪو هو. پنهنجين تيل جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ان وچ اوڀر جي نين حقيقتن کي قبول ڪيو ۽ باقاعدي ان صورتحال کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪندي اسرائيل جي مڪمل پٺڀرائي شروع ڪئي.

اها ساڳي پاليسي ٿوري گهڻي فرق سان يورپ ۾ بہ اختيار ڪئي ويئي. آئرلينڊ جي ڪجھ حصي کي ڌار ڪري اتي اتر آئرلينڊ جي نالي سان انگلينڊ جي حامي پروٽيسٽنٽ عيسائين کي ڌار پرڳڻو ڏنو ويو. ساڳي ريت ڪروشيا، سربيا ۽ بوسنيا وغيره کي گڏي يوگوسلاويہ جي تشڪيل ڪئي ويئي جڏهين تہ ڪروٽس سربن سان هڪ ملڪ ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ هئا. اهڙي ريت هتي بہ مذهبي ۽ نسلي بنيادن تي اهڙا بم رکيا ويا جيڪي اڳتي هلي علائقي ۾ رتوڇاڻ ۽ عدم استحڪام جو باعث بڻيا.

علائقن جي ان ورهاست ڪانسواءِ جنگ بيگناه ۽ معصوم ماڻهن جي وڏي پئماني تي قتل عام ۽ قرمار جو ڪارڻ پڻ ٿي. خاص طور تي خلافت عثمانيہ جي علائقن ۾ رهندڙ آرمينائي عيسائين جو قتل عام تاريخ جو هڪ المناڪ باب آهي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ ترڪ حڪمرانن اهو سمجهيو ٿي تہ مذهب جي بنياد تي انهن ماڻهن جون همدرديون اتحادي ملڪن سان هيون ۽ اهي خلافت عثمانيہ ۾ اتحادين جا ايجنٽ بڻجي ففٿ ڪالمسٽ جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. ليکڪ جو چوڻ آهي تہ هو ان سلسلي ۾ تحقيق ڪندي پنهنجي هڪ دوست سان شام جي هڪ ٽڪري ڏسڻ ويو هو تہ اتي ڪين ماڻهن جون کوپڙيون ۽ ٻيا جسم جا هڏا مليا. اتي ڪين سندن آرمينائي گائيڊ ٻڌايو تہ ماڻهن کي وڏي تعداد ۾ هتي آڻي ڪين هيٺ دريا ۾ ڌڪو ڏنو ويندو هو. هڪ ماڻهو کي گولي هڻي ماريو ويندو هو تہ جيئن هو پاڻ سان گڏ ٻين سيني جيئرن کي بہ هيٺ دريا جي تري ۾ گهلي وڃي. ان قتل عام ۾ عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن سميت اٽڪل پندرنهن لک کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ڪرايا ويندا هئا ۽ انهن ماڻهن کي قافلن جي صورت ۾ ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو. واٽ تي انهن مان گهڻن کي سندن محافظ ۽ اوسي پاسي جا ڳوناڻا قتل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ نوجوان ڇوڪرين کي اغواءِ ڪري ويندا هئا. ان سڄي ڪاروائي ۾ ڪرد، جن کي اڳتي هلي پاڻ ترڪن جو ظلم ۽ ڏاڍ سهڻو پيو، مذهب جي بنياد تي ترڪن سان شامل هوندا هئا. پر ان وقت ترڪن ۾ اهڙا ماڻهو بہ هئا جن انهن آرمينائين کي پنهنجن گهرن ۾ پناه ڏني ۽ سندن حفاظت ڪئي. رابرٽ فسڪ هڪ اهڙي ترڪ گورنر جو مثال ڏنو آهي جنهن کي پنهنجي پرڳڻي جي آرمينائين کي قتل ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو پر هن ان ڳالهہ کان انڪار ڪندي چيو هو تہ آئون گورنر آهيان قاتل ناهيان جيڪو اهو ڪم ڪيان. ان جي سزا طور کيس پنهنجي عهدي تان هٽايو ويو.

هن وقت ترڪي کي جيتوڻيڪ اها صلاح ڏني وڃي ٿي تہ جيئن جرمني يهودين جي قتل عام کي مڃي ان جي تدارڪ لاءِ مختلف قدم کنيا آهن ترڪي کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي پر ترڪي لاڳيتو ان ڳالهہ کان انڪار ڪندو رهيو آهي تہ انهن باقاعدي هڪ پاليسي تحت آرمينائين جو قتل عام ڪيو هو. سندن چوڻ آهي تہ اهو سيڪجھ حالتن جي ڪري ٿيو ۽ ٻيو تہ آرمينائين پاڻ گهڻن ترڪن کي قتل ڪيو. ترڪي ۾ هيستائين اهڙي ڳالهہ ڪرڻ بہ قابل سزا ڏوه آهي. آمريڪا ۽ يورپ جا گهڻا ملڪ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ کان بہ لنوائيندا آهن تہ متان ان سان ترڪي سان ناتا خراب ٿين ۽ ڪين معاشي نقصان ڪڻو پئي. هٽلر جڏهين پولينڊ جي يهودين کي مارڻ متعلق سوچيو پئي تہ هن اها ڳالهہ ڪئي هئي تہ آرمينائين جو قتل عام ڪهڙو دنيا کي ياد رهيو جيڪو اها ڳالهہ ڪين ياد رهندي.

دنيا لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي پر جنگ جي نتيجي ۾ آيل تبديلين جا اثر اجا باقي آهن ۽ اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ اهي ڪيستائين رهندا.

# رابرٽ فسڪ جون اساما بن لادن سان ملاقاتون

رابرٽ فسڪ بيروت ۾ هو ته ڪيس نياپو مليو ته هڪ اهم شخصيت ساڻس ملڻ چاهي ٿي. هن شروع ۾ ان ڳالهه کي لنوائي ڇڏيو. پر جڏهين ٻيهر ڪيس ان لاءِ چيو ويو ته هو ان لاءِ راضي ٿيو ۽ ڪيس خبر پيئي ته اها شخصيت اساما بن لادن جي هئي جيڪو ان وقت سوڊان جي شهر خرطوم ۾ هو. اساما افغانستان ۾ هڪ ڊگهو عرصو گذارڻ کانپوءِ افغان مجاهدين جي گروهي ويڙه کان بيزار ٿي سعودي عرب موٽي آيو هو. پرآگسٽ 1990 ۾ عراق جي ڪويت تي حملي ڪانپوءِ هن سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجن جي موجودگي جي مخالفت ڪئي ۽ نتيجي ۾ ڪيس ملڪ ڇڏي 1992 ۾ سوڊان وڃڻو پيو جتي ان وقت سندس دوست حسن ترابي صدر هو. اساما کي ان وقت ويه ڪروڙ پائونڊ کان وڌيڪ جو ورثو مليو هو. هن سوڊان جي معيشت جي مختلف شعبن ۾ وڏي پئماني تي سيڙپ ڪئي. هن اتي سڙڪون نهرايون، زراعت ۽ گهڻين صنعتن ۾ سيڙپ ڪئي. خرطوم ۾ جيتوڻيڪ وٽس گهڻا فليٽ ۽ بنگلا وغيره هئا پر هو سادگي سان پنهنجين چار زالن ۽ ٻن گهوڙن سان زندگي گذاريندو هو. عام تاثر اهو هو ته افغانستان مان گهڻا عرب ويڙهاڪ ساڻس سوڊان آيا هئا ۽ هو هتان عالمي دهشت گردي جو نيٽ ورڪ هلائي رهيو هو ۽ سوڊان جي حڪومت ملڪ جي ڏکڻ ۾ پنهنجن عيسائي مخالفن سان جنهن جنگ ۾ رڌل هئي ان لاءِ اسلامي گروهن جي ڪارڪنن جي تربيت ڪري رهيو هو. پر جڏهين فسڪ ان متعلق سوال ڪيو ته سندس چوڻ هو ته اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. آئون هتي رڳو سوڊان جي ترقي ۾ هٿ ونڊائي رهيو آهيان. سوڊان جي حڪومت پڻ ان ڳالهه کان انڪار ٿي ڪيو ته هو ڪو دهشت گردي جي ڪارواين ۾ ملوث هو. سندن چوڻ هو ته اسان جي انٽيليجينس سندس سرگرمين تي ڪڙي نظر رکي ٿي ۽ ڪيس اهڙين سرگرمين جي اجازت نه ٿي ڏني وڃي. هونئن جيڪڏهين ائين هجي ها ته خرطوم ايڏو وڏو شهر ناهي جتي اها ڳالهه لڪي سگهي ها. فسڪ جو چوڻ آهي ته هن جڏهين انٽرويو ٿي ورتو ته اساما جي چوڌاري مختلف عرب ملڪن ۽ سوڊان جي انٽيليجينس جا ماڻهو موجود هئا. سندس هڪ سوال تي هڪ همراهه جيڪو شايد انٽيليجينس جو ئي ماڻهو هو، ڪيس چنيپندي چيو ته گهڻو ٿي ويو. ۽ هاڻي بس ڪر. ان تي اساما ڪو رد عمل نه ڏيکاريو ۽ مٺ ڪري پنهنجن ساٿين سان اٿي هليو ويو. فسڪ هڪ سرڪاري دعوت ۾ شريڪ هو جنهن ۾ مختلف ملڪن جا سفارتڪار وغيره به شريڪ هئا. ان دعوت ڪانپوءِ ٻيڙي ۾ نيل جي سير ڪندي حسن ترابي ڪيس چيو ته سوڊان جي حڪومت مضبوط ناهي ۽ ڪنهن وڏي بحران کي منهن نه ٿي ڏيئي سگهي.

آفريڪا جي ڪجهه ملڪن ۾ بم ڌماڪن کان پوءِ 1996 ۾ آمريڪا پاران سوڊان جي حڪومت کي اساما کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ چيو ويو. سوڊان آمريڪا کي انڪار نه پئي ڪري سگهيو. ان ڪيس سعودي عرب يا آمريڪا موڪلڻ چاهيو پر انهن ٻنهي ملڪن مان ڪو به ڪيس وٺڻ لاءِ تيار نه هو. نيٺ اهو فيصلو ٿيو ته جيڪڏهين هو افغانستان وڃڻ چاهي ٿو ته ڪيس وڃڻ ڏيو. اساما جو چوڻ هو ته اهڙي ريت سوڊان جي حڪومت ساڻس دوکو ڪيو ۽ ڪيس جڏهن ته پٽ ۾ چرو هنيو. اهڙي ريت هتان 1996 ۾

هو افغانستان هليو ويو جتي ان وقت طالبان جي حڪومت هئي. ان سان مالي طور به ڪيس گهڻو نقصان ڪڻڻو پيو.

فسڪ کي هڪ ڀيرو ٻيهر بيروت ۾ اهو نياپو مليو ته جنهن شخص جو اوهان خرطوم ۾ انٽرويو ڪيو هو اهو اوهان سان وري ملڻ چاهي ٿو. ڪيس اها خبر هجي ٿي ته اساما افغانستان ۾ آهي. هو پڇي ٿو ته ان سان ڪيئن ملي سگهجي ٿو. ڪيس چيو ٿو وڃي ته هو جلال آباد پهچي جتي ساڻس رابطو ڪيو ويندو. هو اتي پهچي هڪ هوٽل ۾ رهي ٿو. ڪجھ ڏينهن جي انتظار ۽ پڇا ڳاڇا ڪانپوءِ هڪ ڏينهن سندس ڪمري جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿئي ٿي ۽ پڇا ڪرڻ تي ڪيس چيو وڃي ٿو ته هيٺ لابي ۾ اچ توسان ڪو شخص ملڻ چاهي ٿو. اهو شخص ڪيس پنهنجي پويان اچڻ لاءِ چئي ٿو. هڪ ويران ڪمپائونڊ ۾ هڪ پڪ اپ بينل هجي ٿي جنهن ۾ ڪلاشنڪوف ۽ هينڊ گرينيڊ وغيره سان ٿي هٿيار بند موجود هجن ٿا. ڊرائيور ڪيس ٻڌائي ٿو ته اهي اسان جا محافظ آهن. ڪين ننگر هار پرڳڻي جي ڏکين رستن، جبلن، ميدانن، ندين وڏن دريائن ۽ ماٿرين مان گذرندي هڪ ڏکيو رستو طئي ڪرڻو پئي ٿو. مختلف جاين تي چوڪيون ۽ هٿيار بند هجن ٿا ۽ ڪين پنهنجي سجاڻپ ڪرائڻي پئي ٿي. ٻنپهرن جو جلال آباد مان نڪتل اهي شام ڏاري هڪ ڳوٺ ۾ پهچن ٿا جتي عورتون ۽ مرد پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ رڌل هجن ٿا. انهن کي جيتوڻيڪ افغان ڪپڙا پاتل هجن ٿا پر اهي عرب هجن ٿا. اهي اتان گاڏي مان لهي ٿورو پنڌ ڪري هڪ ننڍو دريا ۽ پاڻي جو چشمو پار ڪري هڪ جاءِ تي پهچن ٿا جتي ڪجھ ماڻهو اڳ ئي موجود هجن ٿا ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ عربي جبو پاتل هڪ قد آور شخص اتي اچي ٿو جيڪو اساما هجي ٿو. سندس عمر ان وقت چاليھ سال هئي پر خرطوم جي ڀيٽ ۾ هو وڌيڪ ٿڪل ۽ ڪمزور پئي لڳو. اهو محسوس ٿيو ٿي ته هو اڳ جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي وڌيڪ اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو ۽ چڙ ته هو پنهنجي ماحول کان ناراض هجي.

اها ملاقات ان وقت ٿي رهي هئي جڏهين سعودي عرب ۾ خوبر ۾ آمريڪي اڏي تي حملي کي ڏه ڏينهن ڪن ٿيا هئا. اساما شروعات ئي هتان ڪئي ته آمريڪا اسان جي پاڪ جاين کي خراب ڪري رهيو آهي.آمريڪا ۽ ٻين اولھ جي ملڪن کي نار مان پنهنجين فوجن کي واپس ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه نيڪ آهي ته صدام هڪ آمر ۽ خراب ماڻهو آهي پر ان جو مطلب اهو ناهي ته ان جي سزا پابندين ۽ لاڳيتي بمباري وغيره جي صورت ۾ عراق جي ماڻهن کي ڏني وڃي. ساڳي ريت هن فلسطينين جي حوالي سان پڻ آمريڪا جي پاليسي کي ننديو. ساڳي وقت هو عرب حڪمرانن جي پنهنجن ماڻهن سان ورتاءَ تي پڻ مطمئن نه هو. فسڪ جو چوڻ آهي ته عرب اڳواڻن جي اها عادت آهي ته اهي اوهان جي سوال جو جواب فوري طور ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ لاڳيتو ڳالهائيندا رهندا آهن ته جيئن سامهون وارو اهو نه سمجهي ته ڪين ڪجھ نه ٿو اچي. پر اساما ان لحاظ کان انهن کان مختلف هو. هو وچ وچ ۾ منٽ اڌ لاءِ ترسي سوچيندو هو ۽ پوءِ ڳالهائيندو هو.

ان انٽرويو دوران اساما فسڪ کي مسلمان ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي. هن ڪيس چيو ته مسٽر رابرٽ اسان جي هڪ ساٿي خواب ڏٺو آهي ته تون هڪ روحاني شخص آهين. ان جو مطلب آهي ته تون هڪ سچو مسلمان آهين. ان تي فسڪ ڪيس جواب ڏنو ته شيخ اساما آئون مسلمان ناهيان، آئون هڪ

صحافي آهيان جنهن جو ڪم سچ ٻڌائڻ آهي. ان تي اساما ڪيس چيو تہ جيڪڏهين تون سچ ٻڌائين ٿو تہ ان جو مطلب تون هڪ سٺو مسلمان آهين.

ان انٽرويو هلندي پري گجگوڙ ۽ روشني جا چمڪاٽ ٿي رهيا هئا. لڳو ٿي جڻ اهي ڪڪرن جا آواز ۽ وڄ هجي. پر اساما چيو تہ اها مختلف افغان گروهن جي ويڙهہ آهي ۽ اهي سندن هٿيارن جا آواز آهن. جڏهين اهي آواز وڌندا ويا تہ اساما پريشان ٿي ويو ۽ هن چيو تہ هاڻي مون کي وڃڻ گهرجي. هو پنهنجن محافظن سان اتان اٿي روانو ٿي ويو ۽ فسڪ ساڳين محافظن سان هڪ پرخطر واٽ تان ٿينيدو پنهنجي هوٽل پهتو.

# رابرٽ فسڪ، افغانستان ۾ سوويت فوجون

افغانستان ۾ روسي فوجن جي اچڻ وقت رابرٽ فسڪ اتي ويو هو. هو ڪن افغان ذريعن جي حوالي سان اهو ٻڌائي ٿو ته سوويت يونين کي فوج موڪلڻ جي دعوت حفيظ الله امين پاڻ ڏني هئي ۽ پوءِ غلط فهمي جي بنياد تي هو پنهنجن ئي محافظن جي هٿان مارجي ويو هو.

ثورانقلاب خلاف مزاحمت جيتوڻيڪ اڳ ۾ موجود هئي پر سوويت فوجن جي اچڻ ۽ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي مجاهدين جي مختلف گروپن جي حمايت ۽ انهن کي هٿيارن وغيره جي فراهمي جي ڪري ان ۾ تيزي اچي ويئي هئي ۽ سڄو ملڪ ان ۾ وڪوڙجي ويو هو. ساڳي وقت اها ڳالهه به هئي ته افغان عوام جنهن اڳ برطانيا جي مداخلت جي مزاحمت ڪئي هئي ان سوويت مداخلت کي به پسند نه ٿي ڪيو. مختلف علائقن ۾ خاص طور هڪ پرڏيهي لاءِ سفر ڪرڻ ۽ ڪابل کان ٻاهر نڪرڻ هڪ وڏي جوکم جو ڪم هو. ڪيس مختلف علائقن ۾ سفر ڪرڻ ۾ اها ڏکيائي ٿيندي هئي ته رنگ ۽ لباس وغيره جي ڪري ماڻهو ڪيس روسي سمجهندا هئا ۽ ڪيس پنهنجي حفاظت خاطر گهڻن ماڻهن آڏو اهو واضح ڪرڻو پوندو هو ته هو روسي نه پر سندس واسطو برطانيا ۽ آئر لينڊ سان آهي.

جيتوڻيڪ حڪومت صحافين جي سرگرمين کي محدود ڪرڻ پئي چاهيو ۽ انهن کي ڪابل مان ٻاهر وڃڻ جي ڪا سهولت موجود نه هئي بلڪ هڪ لحاظ کان جڻ ته مٿن پابندي هئي. ان ڪري گهڻا صحافي ڪابل ۾ ويهي ٻڌل ٻڌل ڳالهين تي رپورٽون لکي پنهنجين اخبارن ۽ نشرياتي ادارن وغيره کي موڪليندا هئا. پر فسڪ کان ائين نه ٿيندو هو. هڪ ڀيري هن سوچيو ته ڏسجي ته ملڪ جي اتر ۾ سوويت سرحد لڳ افغانستان ۾ ڇا صورتحال آهي. هو ڪنهن کي اطلاع ڪرڻ کانسواءِ بس جي اڏي تي پهچي ٿو ۽ اتان اتر ڏانهن ويندڙ بس ۾ سوار ٿئي ٿو. مسافر ڪيس عجيب نظرن سان ڏسن ٿا. هو ڪيس روسي سمجهن ٿا. ڪيس ڊپ ورائي وڃي ٿو ته ڪير ڪيس جاني نقصان نه پهچائي. هو پنهنجي پر واري مسافر کي ٻڌائي ٿو ته هو روسي نه پر انگريز آهي. پر هو پنهنجي منزل تي نه ٿو پهچي سگهي. ڪنهن سندس ڪابل مان نڪرڻ جو اطلاع اڳ ۾ واسطيدار عملدارن کي ڏيئي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هڪ ٻن چوڪين تان بس گذري وڃي ٿي پر هڪ چوڪي تي بس کي روڪي ڪيس ان مان لاٿو وڃي ٿو ۽ اڳتي وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو. بس ٻين مسافرن سان رواني ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس چيو وڃي ٿو ته هو ڪابل موٽي وڃي.

عام بس ۾ وڃڻ سندس لاءِ جوکم جو ڪم هو. ڪوبه مسافر روسي سمجهي ڪيس نقصان پهچائي سگهيو ٿي. ان ڪري ڪيس ڪابل ويندڙ هڪ فوجي قافلي سان گڏ روانو ڪيو وڃي ٿو. ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته خاص طور فوجين لاءِ اهو هڪ خطرناڪ رستو آهي ۽ چوڌاري جيڪي جبل آهن اتي جديد هٿيارن سان مجاهدين موجود آهن، جيڪي ڪنهن به وقت حملو ڪري سگهن ٿا. ٿورو اڳتي هلي ڪيس ان ڳالهه جو ثبوت ملي وڃي ٿو. قافلي تي حملو ٿئي ٿو پر اها خبر نه ٿي پئي ته حملو ڪندڙ ڪٿي ۽ ڪهڙي پاسي لڪل آهن. ڪيپٽن ڪيس ڪلاشنڪوف ڏيئي ٿو ته جيئن ضرورت پوڻ تي هو ان کي استعمال ڪري سگهي. پر سندس لاءِ ڪلاشنڪوف هٿ ۾ ڪٽڻ جو اهو پهريون موقعو هجي

ٿو ۽ ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ان ڪي استعمال ڪيئن ڪبو. ڪجهه دير تائين اهو مقابلو هلي ٿو ۽ ان ۾ قافلي وارن کي جاني نقصان پڻ ڪٽڻو پئي ٿو. اڳتي به هڪ ٻن جاين تي اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي بهرحال ڪيس کي جاني نقصان نه ٿو پهچي ۽ هو اچي ڪابل پهچي ٿو. هن هڪ ڀيرو ٻيهر لوڪل بس ذريعي اتر ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو.

ڪابل ۾ لندن خبرن موڪلڻ جي سهولت محدود هجي ٿي ۽ رپورٽن جي پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو وڃي. فسڪ ان جو حل اهو ڪڍيو ته هن ڪابل مان جيڪا بس روز پشاور ويندي هئي ان جي ڪنڊيڪٽر سان رابطو ڪيو جيڪو روز سنڌس رپورٽون پشاور ۾ اخبار جي دفتر پهچائيندو هو جتان اهي لندن موڪليون ويندیون هيون. ان ڪنڊيڪٽر سان سنڌس دوستي ٿي ويئي هئي.

حڪومت پاران خاص طور پرڏيهي صحافين تي پابنديون وڌي ويون هيون ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو هو ته انهن جي ويزا جي مدت کي نه وڌايو ويندو. ان ڪري فسڪ بجائي واپس وڃڻ جي اهو فيصلو ڪيو ته پشاور وڃي اتي ويزا وغيره لاءِ ڪوشش ڪجي. ڪابل کان پشاور تائين سڄو علائقو جڻ ته جنگ جو ميدان هجي ٿو. ڪين ڏاڍي احتياط سان سفر ڪرڻو پئي ٿو ۽ پاڪستان جي سرحد تائين اڪثر سوويت فوجي قافلن پويان هلڻو پئي ٿو جيڪو پڻ هڪ جوکم جو ڪم هجي ٿو. پشاور مان ڪم اڪلائي هو جلال آباد ۾ اچي رهي ٿو. هتي روز ڪيس مجاهدين جي حملن ۽ سوويت فوجن جي ڪاروائي ۽ جهازن جي بمباري جا اطلاع ملن ٿا ۽ هو انهن جاين تي وڃي ماڻهن سان ملي ٿو ۽ متاثر جاين کي ڏسي ٿو. مجاهدين پاران اسڪولن کي باهيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اسڪول اچڻ کان منع ڪئي وڃي ٿي. هڪ ڳوٺ ۾ هو وڃي ٿو جتي اسڪول جي هڪ استاد کي ان ڪري ڦاهي ڏني ويئي هئي جو سندن چوڻ هو ته هو ڪميونسٽ هو ۽ ٻارن کي ڪميونزم جي تعليم ڏيئي رهيو هو. اهو لاش ڪيترن ڏينهن تائين وڻ تي ٽنگيل ئي رهيو هو. ساڳي ريت هو هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ وڃي ٿو جتي سوويت جهازن بمباري ڪئي هئي ۽ بم گهرن جي اندر تائين ويا هئا. پر ساڳئي مسئلو اهو هو ته هو جتي ويو ٿي، اتان ڪيس ترت نڪرڻ لاءِ چيو ٿي ويو ته جيئن ڪيس روسي هئڻ جي شڪ ۾ ماڻهو ماري نه ڇڏين. هڪ ٻه ڀيرا خاص طور غزني جي تاريخي شهر مان ته ڪيس واقعي پنهنجي جان بچائي نڪرڻو پيو.

هڪ ڀيري ڪيس جلال آباد کان ڪابل وڃڻو هو. سنڌس دوست جي بس روز پشاورکان موٽندي هئي. هن ان جو انتظا ڪيو پر ان کان اڳ هڪ ٻي بس اچي ويئي. ان بس جا درين جا شيشا وغيره بند هئا ۽ ان ۾ گهڻو ڪري يونيورسٽي جا شاگرد هئا جيڪي موڪلن ڪانپوءِ پشاور کان ڪابل موٽي رهيا هئا. انهن مان گهڻا سرڪاري ڪامورن جا پٽ هئا. بس اڳتي هلي ته مجاهدين گاڏين کي روڪي ڇڏيو هو. اهي بس مان شاگردن کي لاهي هڪ پاسي ڪندا ٿي ويا. ايتري ۾ پويان سنڌس دوست جي بس به اچي پهتي، هن ڪيس ان بس مان لاهي پنهنجي بس ۾ ويهاريو. ان بس کي مجاهدين پاران روڪيو نه ويو. هو جڏهين ڪنڊيڪٽر کان ان جو ڪارڻ پڇي ٿو ته هو ڪيس ٻڌائي ٿو ته هي بس جيئن ته پاڪستان جي آهي ان ڪري اهي ان کي نه روڪيندا آهن. اهڙي ريت هو اچي ڪابل پهچي ٿو ۽ اهڙي ريت هو افغانستان ۾ پنهنجو ڪم ڪري ٿو.

# لبنان ۾ فلسطيني مزاحمت

فلسطينين لاء بيروت مان نڪرڻ سندن ڪنهن ملڪ مان نڪرڻ جو پهريون واقعو نه هو. اسرائيل جي قائم ٿيڻ ۽ پوء 1948 ۽ 1967 جي عرب اسرائيل جنگن ڪانپوءِ سندن فلسطين مان لاڳيتي لڏپلاڻ جو عمل جاري رهيو آهي. هڪ وڏو تعداد اردن ۾ آباد ٿيو جنهن 1948 جي جنگ ڪانپوء اولهندي ڪناري ۽ اوپر بيت المقدس کي بجائي فلسطينين جي هڪ آزاد رياست جي شڪل ڏيڻ جي پنهنجي ملڪ جو حصو ٺاهي ڇڏيو هو. اهي علائقا 1967 جي جنگ ۾ اسرائيل جي قبضي ۾ اچي ويا.

1971 ۾ اردن ۾ جنهن پئماني تي فلسطينين جو قتل عام ڪيو ويو ان اسرائيل کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو ته جيترن فلسطينين کي اسرائيل ايتري عرصي ۾ نه ماريو هو اردن ۾ ان کان وڌيڪ فلسطينين جو قتل عام ڪيو ويوهو. هتان جڏهين انهن کي لبنان لڏڻو پيو ته عرب ليگ پاران اهو نهراء منظور ڪري فلسطينين کي اهو اختيار ڏنو ويو ته اهي لبنان مان پنهنجي وطن جي آزادي جي جدوجهد جاري رکي سگهن ٿا. لبنان ۾ اڳ اهڙن فلسطينين جو چڱو تعداد رهيل هو جن 1948 ۾ اسرائيل جي قيام ۽ ان ڪانپوء اتر فلسطين مان هتي لڏپلاڻ ڪئي هئي.

رابرٽ فسڪ اهڙن فلسطينين سان ملاقات ڪئي جن دير ياسين جي قتل عام ڪانپوء اسرائيل جي مختلف علائقن مان هتي لڏپلاڻ ڪئي هئي. انهن نه رڳو پنهنجن گهرن جا دستاويز پر چابيون به ان اميد سان سنڀالي رکيون هيون ته اهي جلد پنهنجي وطن ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندا. ان ڳالهه کي هڪ ڊگهو عرصو گذري چڪو پر اجا به جيڪي جيئرا هئا انهن ۾ اها اميد باقي هئي ۽ انهن اهي ڪاغذ ۽ چابيون سنڀالي رکيون هيون. لبنان مان اسرائيل جي شهرن تل ابيب ۽ حيفه ڪجهه ڪلاڪن جو سفر آهي پر پابندين ۽ سرحد تي بندش جي ڪري فسڪ کي هڪ ڊگهو چڪر ڏيئي بيروت مان قبرص ۽ پوء اتان اسرائيل اچڻو پيو. اتي هو انهن گهرن ۽ علائقن ۾ آيو جتان فلسطينين کي بيدخل ڪيو ويو هو. اتي هاڻي اسرائيلي رهي رهيا هئا. پراڻن علائقن جي سڃاڻپ ختم ڪئي ويئي هئي. ديرياسين جو نالو ۽ ان جي سڃي هيئت بدلائي ويهي هئي. هتي اسرائيل جي هڪ اڳوڻي وزير اعظم بيگن جي اڳواڻي ۾ ارگون نالي سان دهشت گرد گروه فلسطينين جو قتل عام ڪيو هو جنهن جي ڪري گهڻن علائقن مان وڏي تعداد ۾ فلسطينين کي ڀڄ وڃان لڏڻو پيو هو. هتان جا نوان رهائشي ان ڳالهه کي مڃڻ لاء تيار ئي نه هئا ته واقعي ائين ٿيو به هو.

ڏنو وڃي ته لبنان ۾ فلسطينين کي دل سان ڪنهن به قبول نه ڪيو هو. جيتوڻيڪ سندن دروز ۽ شيعن سان به ٽڪراء رهندو ٿي آيو پر خاص طور فلانجستن ڪين پنهنجي لاء هڪ خطرو ڪري ٿي ليکيو. فرانس پاران پهرين مهاڀاري جنگ ڪانپوء پنهنجي مينڊيٽ کي استعمال ڪندي لبنان کي شام کان ڌار ڪري ان ڪري ئي ڌار ملڪ ٺاهيو ويو هو ته جيئن وچ اوڀر ۾ هڪ عيسائي مملڪت هجي جيڪا سندن مفادن جو تحفظ ڪري. جيتوڻيڪ آبادي جي لحاظ کان هتي عيسائي ٿورائي ۾ آهن پر ملڪ جو آئين ان ريت فرقيوارانا بنياد تي ٺاهيو ويو آهي جو کين اقتدار جي ورهاست ۾ هڪ فوقيت حاصل آهي. هو پاڻ کي بجائي عرب دنيا جي اولہ جي ملڪن جو هڪ حصو ڪري ئي ليکيندا آهن.

ساڳي وقت انهن جا پاڻ ۾ اندروني اختلاف پڻ رهيا آهن جيڪي هڪٻئي جي اڳواڻن کي قتل ڪرڻ جي حد تائين رهيا آهن.

لبنان ۾ شام جي هڪ دلچسپ ۽ فيصلي ڪن حيثيت رهي آهي. هن جي اها ڪوشش رهي آهي ته ملڪ ۾ طاقت جو توازن ڪنهن به هڪ ڌر جي فائدي ۾ نه وڃي. ان لحاظ کان جڏهين ان اها ڳالهه محسوس ڪئي ته فلانجسٽ ٻين ڌرين ۽ خاص طور فلسطينين جي مقابلي ۾ ڪمزور پئجي رهيا آهن ته ان فلانجسٽن جو طرف وٺندي فوجي مداخلت تي ڪئي جيئن 1976 جي گهرو ويڙهه ۾ ٿيو ۽ جيڪڏهين معاملو ان جي ابتڙ آهي ته ان اسٽيٽس ڪو کي برقرار رکڻ لاءِ ٻين جو پاسو ورتو. جون 1982 ۾ اسرائيل جي فوجي ڪاروائي وقت شام جي فوج پنهنجن ويڙهاڪ جهازن ۽ ٽينڪن سان لبنان ۾ موجود هئي. جيتوڻيڪ اسرائيل پاران شام کي گهڻو نقصان پهچايو ويو ۽ گهڻن جهازن ۽ ٽينڪن کي بمباري ڪري تباهه ڪيو ويو پر شام پاران اسرائيل سان مهاڏو اٽڪائڻ مناسب نه سمجهيو ويو ۽ ان خاموشي سان اهو سڀڪجهه برداشت ڪيو.

پي ايل او هڪ وڏي هٿيار بند تنظيم هئي ۽ فلانجسٽن لاءِ ان کي پنهنجي ليکي منهن ڏيڻ ڏکيو هو. فلسطينين خلاف اسرائيل جو ساٿ ڏيڻ جو مک ڪارڻ اهو ئي هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسرائيلي فوجن جي بيروت مان وڃڻ ڪانپوءِ جڏهين انهن شام سان مهاڏو اٽڪايو ته شامي فوجن سختي سان ڪين ڪچلي سندن زور ڀڃي ڇڏيو.

بيروت مان پي ايل او جي ويڙهاڪن جي وڃڻ ڪانپوءِ رابرٽ فسڪ جي چوڻ موجب لبنان جي مختلف علائقن ۾ اڃا ڏهه هزار ڪن فلسطيني ويڙهاڪ موجود هئا. پر اهي هڪ ته منظم نه هئا، سندن ليڊرشپ لبنان مان وڃي چڪي هئي ۽ ٻيو ته اهي شام ۽ ٻين مختلف تنظيمن جي اثر هيٺ ڪم ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت هڪ لحاظ کان لبنان مان جڻ پي ايل او ختم ٿي چڪي هئي.

لبنان مان نڪرڻ مهل جڏهين ياسرعرفات کان پڇيو ويو ته هاڻي فلسطينين جي جدوجهد جو ڇا ٿيندو ته سندس چوڻ هو ته هاڻي اها جدوجهد فلسطين اندر منتقل ٿي ويندي. واقعي ائين ٿيو. انتفاده هڪ ڊگهي عرصي تائين جاري رهي جنهن ۾ فلسطيني نوجوانن پٿرن سان اسرائيلي فوج ۽ پوليس جي گولين، ڳوڙها گيس ۽ ڏنڊن جو مقابلو ڪيو. پر ابو عمار هاڻي ٿڪجي پيو هو ۽ مٿس آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جو به دٻاءُ هو ته هو اسرائيل سان ٺاهه ڪري. ان ڳالهه جي باوجود اسرائيل ميڊرڊ ۽ اوسلو ۾ جيڪي به ٺاهه ڪيا ۽ واعدا ڪيا انهن مان ڪو به پورو نه ٿيو. والاريل علائقن ۾ اسرائيلي آبادڪاري جو عمل جاري رهيو۽ بيت المقدس فلسطينين جي گادي جو هنڌ نه بڻجي سگهيو. اهو واقعي هڪ الميو هو ته نه رڳو عرفات اسرائيل جو قيدي بڻجي ويو ۽ ان جي اجازت ڪانسواءِ ڪٿي اچي وڃي نه ٿي سگهيو پر هو جنهن نالي ماتر رياست جو اڳواڻ هو ان کي اسرائيل جي هدايتن مطابق ئي هلڻو هو. فلسطيني مزاحمت کي ختم ڪرڻ جو جيڪو ڪم اسرائيل جي فوج ۽ پوليس ڪيو ٿي اهو هاڻي عرفات جي اڳواڻي ۾ فلسطين جي پوليس ڪري رهي هئي.

گهڻين لاهين چاڙهين ۽ مرحلن مان گذرڻ ڪانپوءِ فلسطينين جي جدوجهد جو انت هتي ٿيو. اها ڳالهه آمريڪا ۽ اسرائيل سان گڏوگڏ وچ اوڀر ۽ ٻين مسلم ملڪن جي حڪمرانن، جيڪي اسرائيل سان ناتا رکڻ چاهين ٿا ۽ جن کي اڳ فلسطينين جي مزاحمت ۽ سندن پنهنجي عوام جي مخالفت

روڪي رکيو هو، جي فائدي ۾ هئي. ان سلسلي ۾ جيڪي تبديليون اچي رهيون آهن اهي سيني جي اڳ آهن. في الحال فلسطين جو مسئلو جڻ تہ پسمنظر ۾ هليو ويو آهي.

# رابرٽ فسڪ جو قنڌار جو سفر ۽ افغان پناهگير

نائن اليون ڪانپوءِ آمريڪا جي افغانستان تي حملي وقت رابرٽ فسڪ پاڪستان ۾ موجود هو. ٻين ڌيهي ۽ پرڏيهي صحافين جيان هن به افغانستان وڃي اتان جي صورتحال کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ ۽ رپورٽ ڪرڻ چاهيو تي پر حڪومت پاران ان ڳالهه جي اجازت نه تي ڏني ويئي. حامد مير ڪنهن ريت سرحد پار ڪري تورا بورا ۾ اسامه بن لادن جو انٽرويو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو جيڪو پاڪستان جي مختلف اخبارن ۾ شائع ٿيو. واپسي تي هن رابرٽ فسڪ، جنهن اڳ ۾ اساما جا خرطوم ۽ افغانستان ۾ انٽرويو ڪيا هئا، کي ٻڌايو ته اساما سندس پڇا پئي ڪئي ته هو ڇو نه آيو.

گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ فسڪ کي اسلام آباد جي افغان سفارتخاني پاران رڳو قنڌار جو ويزا ڏنو ويو. هونئن به آمريڪا جي حملي ڪانپوءِ طالبان جي حڪومت قنڌار تائين ئي محدود ٿي ويئي هئي. باقي ملڪ آمريڪا ۽ افغان اتحادين جي قبضي هيٺ هو. ان وقت جيڪا صورتحال هئي ان ۾ قنڌار تائين پهچڻ به هڪ جوکم جو ڪم هو. آمريڪي جهاز سڄي ملڪ تي بمباري ڪري رهيا هئا ۽ ڪوبه علائقو محفوظ نه هو. چمن جي سرحد تي افغان عملدار کيس ان خطري کان آگاهه ڪن ٿا ۽ سفر کان باز رهڻ لاءِ چون ٿا. پر هو کين ٻڌائي ٿو ته اوهان جي حڪومت پاران ئي ويزا ڏنو ويو آهي ۽ هو اتي ضرور ويندو. هو سرحد ته پار ڪري ٿو. پر کيس مخالف سمت کان ماڻهن جا قافلا، جن ۾ ٻار، عورتون، مرد، پوڙها ۽ جوان شامل هجن ٿا، پاڪستان جي سرحد ڏانهن ويندي نظر اچن ٿا. اهي سڀ آمريڪي بمباري ۽ طالبان مخالف اترئين اتحاد وغيره جي ڪاروائين جي ڪري پنهنجا گهر ڇڏي لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا هئا. هو اڳتي هلي ٿو ته واٽ تي کيس ٻڌايو وڃي ٿو ته قنڌار وڃڻ محفوظ ناهي. اتي آمريڪا جي سخت بمباري ۽ طالبان مخالف افغان قوتن جون وڏي پئماني تي ڪاروايون جاري آهن. گهڻا طالبان اڳواڻ شهر ڇڏي محفوظ جاين ڏانهن وڃي چڪا آهن. کيس پاڻ به اهو محسوس ٿئي ٿو ته قنڌار پهچڻ ممڪن ناهي ۽ هو موٽ ڪائي ٿو. سرحد تي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ افغان پناهگيرن جو هڪ وڏو تعداد موجود هجي ٿو جن ۾ مرد عورتون، ٻار شامل هجن ٿا. انهن مان هرڪنهن جي پنهنجي ڪهاڻي هجي ٿي ۽ هرڪو کيس پنهنجو احوال ٻڌائي ٿو.

بهرحال قنڌار وڃڻ جي سندس خواهش باقي رهي ٿي. ٿوري وقت ڪانپوءِ هو هڪ ٻئي پرڏيهي صحافي سان چمن رستي اتي وڃڻ جي رٿا رٿي ٿو. ان وقت تائين بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ افغان پناهگيرن جو هڪ وڏو تعداد اچي چڪو هو. هو ڪوئيٽا کان روانا ٿين ٿا ته قلعه عبدالله وٽ سندن گاڏي خراب ٿي وڃي ٿي. کين اها ڄاڻ هجي ٿي ته ان علائقي ۾ افغان پناهگيرن جو هڪ وڏو تعداد آباد آهي. ان دوران جيستائين هو پنهنجي گاڏي جي مرمت جو ڪو بندوبست ڪن ڪجهه ماڻهو سندن چوڌاري گڏ ٿي وڃن ٿا ۽ ڪائنن پنهنجي ٻولي ۾ ڪجهه سوال ڪرڻ لڳن ٿا. هو کين سلام ڪري ۽ کيڪاري ٿو ۽ پنهنجو مسئلو ٻڌائي ٿو. ڪجهه ڇوڪرا کين هٿ لڳائڻ ۽ ڇهڻ شروع ڪن ٿا. اهو سلسلو وڌندو وڃي ٿو ۽ ماڻهو انهن ٻنهي ڄڻن کي ڌڪ هڻڻ شروع ڪن ٿا. هڪڙو ڇوڪرو ٻئي کان فسڪ متعلق پڇي ٿو ته ڇا هي جارج بش آهي. هجوم وڌندو وڃي ٿو ۽ وقت سان گڏ ان جي تشدد ۾

ٻہ واڌارو ايندو وجي ٿو. ايتري ۾ هڪ بس ايندي نظر اچي ٿي ۽ ڊرائيور انهن ٻنهي کي بس ۾ سوار ٿيڻ جو اشارو ڪري ٿو. ماڻهو ايسٽائين انهن کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏين ٿا. هو ڪنهن ريت پاڻ کي ڇڏائي بس ۾ سوار ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. سندس دوست تہ بس ۾ سوار ٿي وڃي ٿو ۽ فسڪ کي پنهنجو هٿ بہ ڏئي ٿو تہ جيئن هو ان کي بس ۾ سوار ڪري سگهي. پر هو ان ۾ ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي ۽ ماڻهو کيس ڇڪي هيٺ لاهي ڇڏين ٿا. ان موقعي تي اچي ڏاڙهي ۽ پٽڪي وارو هڪ شخص سندس لاء جڻ هڪ غيبي مدد بڻجي اچي ٿو. هو جيڪڏهين ماڻهن کان کيس نہ ڇڏائي ها تہ سندس بچڻ ڏکيو هو. هو ان همراه سان هلڻ لڳي ٿو پر پويان ماڻهو کيس ڌڪ ۽ چنبا هڻندا رهن ٿا. سندس چشمو بہ ٽي پيرا لهي وڃي ٿو پر هو ڪوشش ڪري ان کي قابو ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ ان کانسواء هو ڄڻ تہ انڌو هجي ٿو. ساڳي ريت هو پنهنجي نوٽ بڪ کي بہ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن ۾ سندس اهم رابطن جا ٽيليفون نمبر ۽ ٻيو مواد هجي ٿو. هو همراه کيس ويجهو ريڊ ڪراس جي دفتر وٺي وڃي ٿو جتي سندس مرهم پٽي ڪئي وڃي ٿي ۽ فرسٽ ايڊ ڏني وڃي ٿي. سندس دوست بہ اتي پهچي ٿو. اهڙي ريت اهي واپس ڪوئيٽا موٽي وڃن ٿا.

ٻئي ڏينهن پرڏيهي اخبارن ۾ اها خبر ڇپجي ٿي تہ رابرٽ فسڪ تي افغان دهشت گردن جو قاتلانو حملوء وڏي مشڪل سان هو پنهنجي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو. پرهو پاڻ ان سڄي واقعي کي هڪ بلڪل مختلف نڪتہ نظر سان پيش ڪري ٿو. هو پنهنجي ذاتي تڪليف جي بنياد تي بجائي انهن ماڻهن سان نفرت جو اظهار ڪرڻ جي ان کي هڪ وسيع پسمنظر ۾ ڏسندي اهو خيال ڏيکاري ٿو تہ متس ان حملي جو مک ڪارڻ اتان جي ماڻهن جي اولہ جي ملڪن ۽ اتان جي ماڻهن، جن جي ڪري ڪين پنهنجو گهر ۽ ملڪ ڇڏڻو پيوء وڏين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو آهي، سان نفرت آهي. سندس ان موقف تي ان لحاظ کان تنقيد ڪئي ويئي تہ اهڙي ريت هن دهشت گردن جي حمايت ڪئي هئي.

فسڪ پنهنجو چشمو تہ بچائڻ ۾ ڪامياب ويو پر ان سڄي هنگامي ۾ سندس نوٽ بڪ گم ٿي ويئي. اها هڪ لحاظ کان سندس لاء وڏي پريشاني جي ڳالهہ هجي ٿي. چاڪاڻ تہ سندس ڪم جو گهڻو دارومدار انهن ٽيليفون نمبرن ۽ نالن تي هجي ٿو جيڪي ان نوٽ بڪ ۾ هئا. هو ان سلسلي ۾ پنهنجن دوست صحافين کان مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس دوست ڊينيئل پرل، جنهن کي پوء اغواء ڪري قتل ڪيو ويو، ان وقت اسلام آباد ۾ موجود هجي ٿو. هو ان سلسلي ۾ سندس گهڻي مدد ڪري ٿو ۽ گهڻا رابطا کيس ڏئي ٿو.

اهڙي ريت هو گهڻين ڪوششن جي باوجود ان وقت قنڌار پهچي اتان جي صورتحال کي پيش نہ ٿو ڪري سگهي.

# پليجي جي لکڻين تي ڊاڪٽر فيروز احمد جي راءِ

هڪ ڏينهن 80-B لطيف آباد تي وينا هئاسين. سيد اڪبر به هيڊ ڪوارٽر تي پارٽي جي نظرياتي، تعليمي ۽ تنظيمي رٿا بندي ۽ لڪا پڙهي تي مقرر ٿيل هو. شهيد محمد فاضل راهو، قاسم پٽر ۽ ڊاڪٽر فيروز احمد سماجيات جو ماهر پر پارٽي جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ هيڊ ڪوارٽر تي آيل هو. ڪچهري ڪندي رسول بخش پليجي پنهنجي لکيل ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن جي باري ۾ ڊاڪٽر فيروز احمد کان پڇيو ته ڊاڪٽر صاحب اوهان جي ان سڄي مواد جي باري ۾ عالمانه راءِ ڪهڙي آهي؟ سوال تي ڊاڪٽر صاحب ڄڻ ته پريشان ٿي ويو. هونئن جڏهين ڊاڪٽر فيروز احمد سوچيندو هو ته ڳالهه ڪيئن پيش ڪجي ته پنهنجي ڪابي هٿ سان پنهنجي مڇن کي هيٺ مٿي ڪندو هو. ٿوري دير ڪانپوءِ اسان ڏانهن ڏٺائين. پليجي ڏانهن معني خيز مرڪ مرڪندي چيائين ته پليجا صاحب توهان جي سموري لکيل مواد مان جيڪڏهين تمهيد، محاورن، اکرن جو ورجاءُ، چوڻيون ۽ شعر ڪڍي ڇڏجن ته باقي علمي، تحقيقي ۽ تبليغي جاڻ جي حساب سان هڪ ڪتاب جيترو به مواد مس آهي. اوهان هڪ نڪتي کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪيترائي صفحا لفظن جي گلڪاري، ٻولي جا محاورا، چوڻيون ۽ شعر استعمال ٿا ڪريو، جيڪو منهنجي سمجهه ۾ ته اضافي آهي. (**<u>ڪتاب سرگردان سنسار ۾ ليکڪ محمد قاسم مير جت صفحو</u>** <u>271 ۽ 270</u> ).

اهو سنڌي جي هڪ ناليواري ليکڪ جي حوالي سان هڪ محقق ۽ عالم جو رايو آهي. ڏٺو وڃي ته اهو مضمون نگاري ۽ تحقيق جي حوالي سان سنڌي ۾ هڪ عام لاڙو آهي جنهن جي ڪري گهڻن کي فوري شهرت ته ملي وڃي ٿي پر اها شي گهڻي عرصي تائين جٽاءُ نه ٿي ڪري ۽ پنهنجو اثر ۽ مقام قائم نه ٿي رکي سگهي. بهتر اهو آهي ته هر صنف کي پنهنجي لحاظ کان ڏٺو وڃي ۽ ان سان اهو ئي ورتاءُ ڪيو وڃي، هرويرو ڪنهن تحقيقي مضمون کي افساني ۽ شاعري جي شڪل نه ڏجي.

# يوسف القعيد جو ناول سرزمين مصر ۾ جنگ

”سرزمين مصر ۾ جنگ“ هي مصر جي اديب يوسف القعيد جو لکيل ناول آهي. شروع ۾ اهو ناول مصر ۾ ڇپجي نہ سگهيو ۽ ڪجھ عرصي کانپوءِ ان کي بيروت مان ڇاپيو ويو. هي ناول مصر جي ڳوناڻي زندگي جي حوالي سان 1973 جي مصر اسرائيل جنگ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. 1967 جي جنگ ۾ شڪست ۽ جمال ناصر جي موت کانپوءِ مصر ۾ گهڻيون معاشي ۽ سياسي تبديليون آيون. هي ناول انهن ننڍن زميندارن ۽ هارين جي زندگي جو احوال بيان ڪري ٿو جن کي ناصر جي دور ۾ زمينن جي ملڪيت ملي هئي پر نئين حڪومت ۾ اهو سڀڪجھ کانئن کسجي وري پراڻن مالڪن کي ملي ويو.

ناول جي خاصيت اها آهي تہ ان ۾ ڪنهن بہ ڪردار جو ڪو نالو ناهي ۽ هرڪو پنهنجي عهدي ۽ سرڪاري حيثيت جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ ان جو بيان ڪري ٿو. ڳوٺ جو وڏو زميندار، جنهن کي مصر ۾ عمده جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، کي عدالت پاران اها سڀ زمين واپس ملڻ جو حڪم ٿئي ٿو جيڪا کانئس جمال ناصر جي زرعي سڌارن جي ڪري ونئي هارين وغيره ۾ ورهائي ويئي هئي. ان حوالي سان کيس پوليس ۽ ٻين سرڪاري عملدارن جي پٺڀرائي حاصل هجي ٿي. ان سان ڳوٺ ۾ سندس وڏي حيثيت ۾ اجا بہ واڌارو اچي وڃي ٿو.

عمده جون ٽي زالون هجن ٿيون پر ڪنهن بيماري جي ڪري هو پنهنجي مرداڻي صلاحيت وڃائي ويهي ٿو جنهن جي خبر رڳو سندس ننڍي زال کي هجي ٿي جنهن وٽ ئي هو رهي ٿو. ان زال مان کيس هڪ پٽ هجي ٿو جيڪو سندس ٻين پٽن کان ننڍو هجي ٿو. ان دوران سرڪار پاران سندس ان پٽ جي لازمي فوجي خدمت جو حڪم نامو اچي ٿو. پنهنجن ٻين پٽن لاءِ هو اهڙن حڪم نامن کي اڳ ختم ڪرائي چڪو هو. هاڻي اهو سندس لاءِ ان ڪري ضروري هو تہ اهو سندس ننڍي زال جو اڪيلو پٽ هو جيڪا اهو نہ چاهيندي تہ هو کانئس پري وڃي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هو ئي سندس راز کان بہ واقف هئي جنهن ڪري هو کيس ناراض ڪرڻ بہ نہ پيو چاهي. ان ڪري هو پنهنجي منشي وسيلي هڪ دلال سان رابطو ڪري ٿو جيڪو اهڙا ڪم ڪندو آهي. هو گهڻي سوچ ويچار ۽ ڏي وٺ کانپوءِ کيس صلاح ڏئي ٿو تہ اهو معاملو ان نموني حل ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي پٽ جي جاءِ تي ڳوٺ جي هڪ اهڙي نوجوان کي پرتي لاءِ موڪليو وڃي جيڪو ساڳي ڏينهن پيدا ٿيو هجي جنهن ڏينهن تئهنجو پٽ پيدا ٿيو آهي. جاچ جوچ کانپوءِ منشي کيس ٻڌائي ٿو تہ اهڙو نوجوان چوڪيدار، جيڪو تازو رٽائر ٿيو آهي ۽ هاڻي عمده وٽ ئي ملازمت ڪري ٿو، جو پٽ آهي جيڪو پنهنجي ذهانت جي باوجود وسيلن نہ هئڻ ڪري شهر جي اسڪول ۾ وڌيڪ نہ پڙهي سگهيو. عمده ان چوڪيدار کي مختلف طريقن سان رپيي، کيس زمين وغيره واپس ڪرڻ جي لالچ ڏيئي ان ڳالهہ لاءِ مجبور ڪري ٿو تہ هو پنهنجي پٽ کي ان ڳالهہ لاءِ مجبور ڪري تہ هو سندس پٽ جي جاءِ تي فوج ۾ لازمي خدمت لاءِ وڃي. نيٺ ڪنهن طريقي سان چوڪيدار جي پٽ کي عمده جي پٽ جو نالو ڏيئي ۽ ان کي عمده جو پٽ ڄاڻائي لازمي فوجي خدمت لاءِ موڪليو وڃي ٿو.

اتي ان نوجوان جي طبي يونٽ ۾ ڊيوٽي هجي ٿي. هو لاڳيتو اڻ تڻ جو شڪار هجي ٿو ۽ پنهنجي ٻٽي حيثيت کي سهي نہ ٿو سگهي. هو اتي پنهنجي هڪ دوست سان پنهنجي دل جو حال اوري ٿو ۽ ڪيس چئي ٿو تہ هو جيڪڏهين مارجي وڃي تہ هو اهو سيڪجهہ ظاهر ڪري ڇڏي. پر هو اها ڳالهہ جنگ جي تيز ٿي وڃڻ جي ڪري پنهنجن آفيسرن کي نہ ٿو ٻڌائي سگهي. هو ان ڳالهه کي ترجيح ڏئي ٿو تہ بجائي پوئتي رهڻ جي اڳين صفن ۾ وڃي ملڪ جي بچاء لاء وڙهي. ان جنگ ۾ هو شهيد ٿي وڃي ٿو ۽ سندس دوست، جنهن کي سندس گهر ۽ ڳوٺ جي خبر هجي ٿي، تي اها ذميواري رکي وڃي ٿي تہ هو هڪ ٻئي آفيسر سان گڏجي سندس لاش کي مائٽن تائين پهچائي. واٽ تي ان ڳوٺ جي هڪ همراه کي اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ عمده جو پٽ جنگ ۾ مارجي ويو آهي ۽ ان جي لاش کي ڳوٺ پهچائڻو آهي تہ هو کين ٻڌائي ٿو تہ عمده جو پٽ تہ جيئرو جاڳندو ڳوٺ ۾ موجود آهي. پوء اهو دوست اهو راز کولي ٿو تہ عمده جي پٽ جي نالي ۾ اهو دراصل چوڪيدار جو پٽ آهي جنهن کي عمده جي پٽ کي پرتي ڪان بچائڻ لاء فوج ۾ موڪليو ويو هو. گڏ آيل آفيسر ان سلسلي ۾ عمده خلاف ڪاروائي ڪرڻ چاهي ٿو. انڪوائري ٿئي ٿي. هينين آفيسرن جو رايو هجي ٿو تہ لاش کي سندس حقيقي پي چوڪيدار جي حوالي ڪيو وڃي ۽ سرڪار پاران شهيد لاء جيڪي مراعاتون وغيره آهن اهي بہ ان کي ڏنيون وڃن. پر عمده پنهنجي اثررسوخ ۽ وڏن آفيسرن تائين راهي رسائي ڪري ائين ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. نہ رڳو ننڍين آفيسرن کي سرزنش ٿئي ٿي پر انهن کي چيو وڃي ٿو تہ انهن فوج جي ڪمن ۾ مداخلت ڪئي آهي. جيئن تہ سرڪاري ريڪارڊ ۾ نوجوان کي عمده جو پٽ ڄاڻايو ويو هو ان ڪري جيڪي سرڪاري مراعاتون آهن اهي ان کي ملنديون ۽ پوء ان جي مرضي آهي تہ هو ان مان چوڪيدار کي ڪجهہ ڏئي ٿو يا ماڳيئي نہ ٿو ڏئي جڏهين تہ لاش کي فيصلي ٿيڻ تائين نامعلوم جاء تي رکيو ويندو. چوڪيدار کي وري بہ ننڍي انڪوائري آفيسر پاران آسرو ڏنو وڃي ٿو تہ هو ساڻس گڏ آهي ۽ لاش ۽ مراعاتن مان ڪجهہ حصو ڪيس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو پر اهو مڙيئي ائين نلهو آسرو ئي هجي ٿو.

# ڪوٽ لکپت جو قيدي

سنڌ جي سياست ۽ ادب ۾ رسول بخش پليجو هڪ اهم نالو آهي. سياسي لکڻين سان گڏو گڏ هن ڪهاڻي، شاعري ۽ ادبي تنقيد تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪوٽ لکپت جو قيدي سندس ان وقت جي جيل ڊائري آهي جڏهين ضياء الحق جي دور ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو هو. ان کان اڳ هن 1968 ۾ ڪجهه عرصو جيل ۾ گذاريو هو.

ان دوران هن هڪ مختصر عرصو خيرپور ۽ حيدرآباد جيل ۾ گذاريو جنهن جو ڪوخاص ذڪر ڊائري ۾ نہ ٿو ملي. گهڻو وقت هن لاهور جي ويجهو ڪوٽ لکپت جيل ۾ گذاريو هو جيڪو ملڪ جي سخت ترين جيلن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو ۽ جتي ذوالفقار علي ڀٽو کي بہ قيد رکيو ويو هو. ان ڊائري لکڻ وقت ليکڪ هڪ تہ پنهنجي صحت جي لحاظ کان نيڪ نہ هو ۽ ٻيو ذهني لحاظ کان وڪريل هو. سندس چوڻ موجب هن گهڻي وقت کان ڪجهہ لکيو نہ هو ۽ ڪا شي لکڻ تي سندس دل بہ نہ پئي چاهي. هن پاڻ کي ذهني طور ان ڳالهه لاء تيار ڪيو تہ لکڻ جو ڪم شروع ڪجي پوء ڀلي اهو ڪيئن بہ هجي.

اهڙي ريت ڊائري لکڻ جو اهو ڪم شروع ٿئي ٿو. ان جي شروعات ۾ ڇڙوڇڙ خيال آهن. هڪ موضوع شروع ٿئي ٿو تہ فوري طور ٻئي جملي ۾ ئي ٻيو موضوع شروع ٿي وڃي ٿو. اهڙي ريت ان ۾ فلم، موسيقي، ٽي وي ۽ ريڊيو جا پروگرام ۽ خبرون، عالمي ۽ ملڪي صورتحال تي تبصرا، خاندان ۽ پارٽي جي مختلف فردن جو ذڪر اچي ٿو. هڪ لحاظ کان جڻ اهو شعور جو وهڪرو آهي. ساڳي ريت ان سان ليکڪ جي شخصيت جا مختلف پاسا پڻ سامهون اچن ٿا.

اياز متعلق هن ڪجهہ تفصيل سان لکيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ اياز کي دنيا سان هن متعارف ڪرايو هو. 1952-53 ۾ جڏهين هو اخبار نوائي سنڌ ۾ سب ايڊيٽر هو تہ هن اياز جي فن ۽ فڪر تي هڪ تفصيلي مضمون لکيو هو. ان اخبار جي ايڊيٽر غفور سيتائي ڪيس چيو تہ هي کهڙي وات ڳاڙهي شڪارپوري تي مضمون لکيو اٿئي. پر هو پنهنجي موقف تي قائم رهيو. ساڳي ريت نئين زندگي جو ايڊيٽر عبدالواحد سنڌي عرف زورآور ۽ رسالي سان لاڳاپيل شمشيرالحيدري ڪيس رسالي لاء مضمون لکڻ لاء اصرار ڪندا رهندا هئا. هن ڪين اياز جي شاعري تي هڪ مضمون لکي ڏنو پر ايڊيٽر ان کي ڇپڻ کان انڪار ڪندي مضمون واپس ڪري ڇڏيو. ساڳي ريت اياز جي بچاء ۾ رجعت پسندن کي جواب ڏيندي هن ڪتاب انڌا اونڌا ويج لکيو. ليکڪ جو چوڻ آهي تہ وچولي طبقي جي پس منظر ۽ شيخ ڪيمونٽي سان واسطو هئڻ ڪري ايازجو پنهنجي مفاد ۽ ذاتي فائدي ڏانهن گهڻو لاڙو هو. ان ڪري ڪيس هڪ انقلابي تہ نہ ٿو چئي سگهجي پر ان ڳالهه ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ اياز هڪ وڏو شاعر آهي ۽ سندس شاعري کي ڪنهن بہ صورت ۾ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. هو پنهنجن جيل جي دوستن سان بحث ڪندي اياز کي فيض ۽ اڙدو جي ٻين شاعرن کان وڏو شاعر ڪري پيش ڪري ٿو.

جيل ۾ هو ادبي تنقيد جي هڪ ٻئي ڪتاب سندي ذات هنجن تي بہ ڪم ڪندو رهي ٿو جنهن جي مڪمل ٿيڻ ۾ طبيعت جي خرابي ڪري گهڻو وقت لڳي وڃي ٿو. سندس چوڻ هو تہ هو لطيف

جي فن ۾ فڪر تي بہ ڪتاب لکڻ چاهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ هن مختلف ڪتاب گڏ ڪرڻ پڻ شروع ڪيا هئا. مون ڪي خبر ناهي تہ اهو ڪتاب هن مڪمل ڪيو يا جيڪڏهين مڪمل ڪيو تہ اهو شائع ٿي سگهيو يا نہ. سندس ويجها ماڻهو ان سلسلي ۾ ڪجھ ٻڌائي سگهن ٿا. ليکڪ ڪنهن مصلحت تحت پنهنجي جيل جي ڪجھ ساٿين ڪي بجائي سندن مڪمل نالن جي م ۽ ش وغيره جي نالن سان لکيو آهي. جڏهين ليکڪ م، جيڪو پيپلز پارٽي پنجاب جو هڪ اهم اڳواڻ هو، سان بابا فريد جي شاعري متعلق ڳالهائي ٿو تہ م جو اهو خيال هجي ٿو تہ بابا فريد بهاولپور جي نوابن جو ماڻهو هو. پر ليکڪ کيس ان ڳالهه تي قائل ڪري ٿو تہ اهڙي ڳالهه ناهي ۽ هو واقعي هڪ وڏو شاعر هو ۽ سندس اثر ننڍي کنڊ جي مختلف شاعرن ۽ بزرگن تي آهي. سندس ٻين ٻولين ۽ خاص طور پاڪستان جي ٻولين ڏانهن رويو نهايت مثبت آهي. سندس سرائيڪي تي تہ چڱي گرفت آهي ۽ ساڳي وقت هو پشتو پڻ سکڻ شروع ڪري ٿو. بلوچي کي هو پنهنجي لاءِ هڪ ڏکي ٻولي سمجهي ٿو. سندس خيال آهي تہ اڙدو تي وڌيڪ زور ڏيڻ ۽ ان کي ملڪي سطح تي رائج ڪرڻ جي ڪري پاڪستان جي ٻولين جي ترقي ۽ ترويج تي منفي اثر پيو آهي.

ان وقت هڪ پاسي ملڪ ۾ ضياء جي مارشل لاءِ خلاف مختلف سياسي جماعتون ايم آر ڊي جي پليٽ فارم تي گڏ هيون تہ ٻئي پاسي فاڪلينڊ جي مسئلي تي برطانيا ۽ ارجنٽائن ۾ جنگ هلندڙ هئي ۽ لبنان ۾ اسرائيل فلسطينين خلاف ڪاروائي ڪري رهيو هو. ليکڪ اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي وسيلي انهن سڀني معاملن کان باخبر هو. ان وقت غوث بخش بزنجو ان ڪري ايم آر ڊي ۾ شامل نہ پئي ٿيو جو سندس اها گهر هئي تہ ايم آر ڊي پنهنجي منشور ۾ صوبائي خودمختياري متعلق وڌيڪ واضح موقف رکي جڏهين تہ پليجو جو خيال هو تہ اهو سندس اجايو ضد هو. ان وقت مسئلو ضياء جي آمريت مان جان ڇڏائڻ جو هو ۽ ان نڪتي کي اهميت ڏيئي کيس ان اتحاد جو حصو ٿيڻ گهرجي ها. ساڳي وقت فاڪلينڊ جي مسئلي تي سندس همدرديون ارجنٽائن سان گڏ هيون ۽ سندس چوڻ هو تہ ان جنگ ڪانپوءِ لاطيني آمريڪا ساڳيو نہ رهندو. ساڳي ريت لبنان جي حوالي سان سندس خيال هو تہ هڪ پاسي اسرائيل فلسطيني مزاحمت کي لبنان ڇڏڻ تي مجبور ڪري رهيو هو تہ ٻئي پاسي عرب ملڪن جا بادشاه ۽ آمر تماشو ڏسي رهيا هئا ۽ هڪ لحاظ کان چڻ اسرائيل جي خاموش مدد ڪري رهيا هئا.

ليکڪ اهو خيال ڏيکاريو آهي تہ آمريت خلاف جدوجهد ۾ ان وقت پنجاب اڳتي هو ۽ اتان جا جيل سياسي قيدين سان ڀريل هئا. هوساڳي جيل ۾ قيد هڪ سياسي قيدي رزاق جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو هڪ موچي جو پٽ هو ۽ جنهن کي ڦاهي اچٽي هئي. هو سڄي جيل ۾ پنهنجي همت ۽ بهادري ڪري ڄاتو ويو ٿي. سندس لاءِ چيو ويو ٿي تہ هن شاهي قلعي ۾ پڇا ڳاڇا دوران پڇا ڪندڙ آفيسر جي منهن ۾ ڪانگهارو هڻي ڪڍيو هو. جيل ۾ گهڻا اهڙا قيدي هئا جيڪي هائيجيڪنگ ۽ ٻين سياسي ڪيسن ۾ گرفتار ٿيا هئا. انهن مان گهڻن جو واسطو آسودن گهراڻن سان هو ۽ ڪي عورتون ۽ مڙد بينڪ آفيسر ۽ سرڪاري ڪامورا پڻ هئا. هو اهو خيال ڏيکاري ٿو تہ جيتوڻيڪ سنڌ ۽ پنجاب ٻنهي جو وچولو طبقو مفاد پرست ۽ عوامي سياست کان پري هو پر پنجاب جي وچولي طبقي جو گهٽ ۾ گهٽ ڏه سيڪڙو اهڙو هو جيڪو قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هو جڏهين تہ سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو نہ هئڻ برابر هئا.

جيتوڻيڪ هن ڊائري ۾ واضح طور ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن جو نالو نہ ورتو آهي پر هن جيڪي اشارا ڪنايا ڏنا آهن ان مان لڳي ٿو تہ هو انهن جو ئي ذڪر ڪري رهيو آهي. حالانڪہ ڏنو وڃي تہ جيل ۾ اچڻ کان اڳ جيڪي سندس مختلف مضمونن جا ڪتاب جهڙو صبوح ٿيندو ۽ ڏراڙن جا ڏڪ وغيره ڇپيا آهن ان ۾ هن باقاعدي نقوي، نازشي سازشي ٽولي جي نالي سان انهن جو ذڪر ڪيو آهي. هتي هو انهن لاء ڏينڏڙا جو لفظ استعمال ڪري ٿو جيڪو عام طور سنڌي قوم پرست تحقير طور ڪيممونسٽ پارٽي جي ڪارڪنن ۽ انهن جي حامين لاء استعمال ڪندا آهن پر اهو لفظ ان سطح جي سياستدان ۽ ليکڪ کي سونهي نہ ٿو. جڏهين سنڌي ۾ ووٽر لسٽن جي سنڌي ۾ ڇپرائڻ ۽ ون يونٽ جي مسئلي تي هو پاڻ ٻين ڪارڪنن سان گرفتار ٿيو هو ۽ ٿوري وقت کانپوء ڄام ساقي بہ انهن ساٿين الزامن هيٺ گرفتار ٿي جيل پهتو هو تہ هو ان تي تبصرو ڪندي چئي ٿو تہ انهن ماڻهن جو ان جدوجهد ۾ ڪو حصو نہ هو پر اهي آڱر وڍائي شهيدن ۾ شامل ٿي ويا هئا ۽ اسان جهڙا ٿي ويا هئا.

ان وقت ڪميونسٽ پارٽي نعپ سان گڏجي ڪم ڪري رهي هئي ۽ پليجو پاڻ نعپ حيدرآباد جو صدر هو. هو لکي ٿو تہ ڪميونسٽ پارٽي جا اڳواڻ نعپ جي محمود الحق عثماني کي خاص ان ڪري حيدرآباد وٺي آيا هئا تہ جيئن شاگردن جي 4 مارچ واري جدوجهد ۾ سندن مهاجر ڪمشنر مسرور جي حمايت ۽ پنيرائي ڪري سگهجي. هو نعپ جي حيدرآباد ۾ ٿيل هڪ ڪنونشن جو ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ ڪيس تقرير ڪرڻ نہ ٿي ڏني وئي پر هن زوري اچي تقرير ڪئي ۽ ون يونٽ جي خلاف ٺهراء منظور ڪرايو جڏهين تہ نعپ جا اڳواڻ، سندس چوڻ موجب، ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ لاء تيار نہ هئا.

سندس ٻين لکڻين وانگر هتي بہ هو ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻن سان ڪن واضح نظرياتي ۽ سياسي اختلافن، جنهن جي ڪري ڪيس ڌار ٿي ٻي سياسي جماعت ناهڻي پئي، جو ذڪر نہ ٿو ڪري. سندس سڄو زور پارٽي جي اڳواڻن جي مهاجرهئڻ ۽ سندن پاران پارٽي کي پنهنجي مرضي ۽ مفادن مطابق هلائڻ تي آهي جڏهين تہ ڪجھ سنڌين خاص طور ڄام ساقي ۽ مير ٿيبو وغيره سندن دهلاري تي پئي ڪم ڪيو. بجائي ان جي جيڪڏهين پليجو پارٽي ۽ ان جي اڳواڻن سان پنهنجن نظرياتي ۽ سياسي اختلافن کي سنجيدگي سان رکي ها تہ سنڌ جا سياسي ڪارڪن ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ها.

هن پنهنجن ٻارن، ماء ۽ ٻين گهر وارن جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان سندس انهن سان پيار، محبت ۽ هڪ جذباتي وابستگي جو اندازو ٿئي ٿو.

# ڪاني نڪاح

خالد طور جي ناولن ۾ ڪهاڻين جا موضوع گهڻي ڀاڱي اتر پنجاب جي ٻهراڻي زندگي ۽ ان جي رسم رواجن سان لاڳاپيل آهن. ڪاني نڪاح سندس هڪ اهم ناول آهي. سنڌ ۾ اسان قرآن سان نڪاح وارو رواج ٻڌو آهي ۽ ان متعلق لکيو به ويو آهي پر اها ان ڪان بلڪل ئي مختلف رسم آهي ۽ هن ناول جي پڙهڻ کان اڳ مون کي ان جي گهٽ ۾ گهٽ خبر نه هئي.

هي اتر پنجاب جي ٻهراڻي ڳوٺ حاصل جي ورهاڱي کان اڳ جي ڪهاڻي آهي جيڪا ليکڪ کي سندس ڳوٺ ڪوڙ جي هڪ بزرگ پير علي، جنهن پاڻ ان رسم جو مشاهدو ڪيو هو، ٻڌائي. حاصل جي ڳوٺ ۾ جڏهين مهاڀاري جنگ هلندي انگريز آفيسر جوانن کي ڀرتي ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ته اتان جو هڪ جوان امير خان فوج ۾ ڀرتي ٿي هليو وڃي ٿو. امير خان پنهنجي سوٽ سان مڱيل هجي ٿو. سندس وڃڻ جي ڪجهه وقت ڪانپوءِ سندس چاچو سندن گهر اچي ٿو ۽ سندس ماءُ پيءُ کي چئي ٿو ته امير خان کي جلدي چٺي لکي گهرائي وٺو. چاڪاڻ ته هو هاڻي وڏيڪ پنهنجي ڌي کي نه ٿو ويهاري سگهي ۽ ڳوٺ جا ڪجهه ٻيا ماڻهو به سندس سنگ پيا گهرن. امير خان جو پيءُ کيس ٻڌائي ٿو ته هن وقت امير خان برما يا ٻئي ڪنهن محاذ تي ملڪ کان ٻاهر آهي ۽ خط وسيلي ساڻس رابطو ممڪن ناهي. بهرحال هو جلد ئي موڪلن تي ڳوٺ ايندو ته شادي ڪري ڇڏينداسين. پر سندس چاچو ان ڳالهه تي راضي نه ٿو ٿئي ۽ زور ٿو ڀري ته کيس ڪنهن به صورت ۾ گهرايو. گهڻي هڻ هٽان کان پوءِ نيٺ امير خان جي ماءُ ان جو حل ڪڍندي چئي ٿي ته ٺيڪ آهي ته اسان ڪاني نڪاح ڪيون ٿا، ڇوڪري کي پنهنجي گهر وٺي اچون ٿا ۽ پوءِ جڏهين امير خان ايندو ته باقاعدي شادي جون رسمون ادا ڪيون وينديون.

اهو ڪاني نڪاح ڇڻ هڪ طريقي سان ڪنوار کي گهوٽ جي امانت طور محفوظ رکڻ آهي. ڪجهه ماڻهن کي ان مقصد لاءِ ان علائقي ڌانهن اماڻيو وڃي ٿو جتان وڻن جون سنهڙيون ٽاريون ملن ٿيون ۽ پوءِ انهن ٽارين مان هڪ گڏو ٺاهي ان کي گهوٽ جيان سينگاريو وڃي ٿو. باقاعدي شادي جيان ڳوٺ وارن کي ان جون دعوتون ڏنيون وڃن ٿيون، ڪاڏا تيار ڪيا وڃن ٿا ۽ جيئن ڄڃ دهل دمامن سان ڪنوار جي گهر ويندي آهي ائين گڏي کي گهوڙي تي ويهاري ڪنوار جي گهر وڃي ٿي ۽ ڪنوار کي گهوٽ جي گهر آندو وڃي ٿو.

جنهن ڪمري ۾ ڪنوار کي ويهاريو وڃي ٿو ان جي در تي گڏي کي ٽنگيو وڃي ٿو. مقصد اهو ته اهو جيسين امير خان نه ٿو اچي تيسين ڪنوار جي حفاظت ڪندو. گهوٽ جي موٽڻ تائين ڪنوار تي اها پابندي هجي ٿي ته اها رڳو صبوح جو سج اڀرڻ کان اڳ ۽ شام جو سج لٿي ڪانپوءِ پنهنجي ساهيڙين سان ڪمري مان ٻاهر نڪري سگهي ٿي جڏهين ته باقي سڄو وقت کيس ڪمري ۾ ئي گذارڻو آهي ۽ پل پل ڳڻي اميرخان جو اوسيئڙو ڪرڻو آهي.

ٿئي ائين ٿو ته هڪ ڀيري زبردست واچوڙي ۾ گڏي جي ٻانهن ڀڄي پئي ٿي. سيني کي ۽ خاص طور ڪنوار سناران ۽ اميرخان جي ماءُ پيءُ کي تشويش وڪوڙي وڃي ٿي ته هاڻي الاهي ڇا ٿيندو پر ماڻهو کين تسلي ڏين ٿا ته گڏي جي رڳو ٻانهه ڀڳي آهي ۽ اهو هيٺ پٽ تي نه ڪريو آهي سو

مڙيئي خير آهي امير خان کي ڪجهه بہ نہ ٿيندو. ان وچ ۾ شيشو،جنهن جي ماء اڳ سناران جو سڳ گهريو هو اهو چوندو ٿو وتي تہ هو سناران کي بيوه ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ جيڪڏهين اميرخان جنگ ۾ مارجي ويو ۽ جيئرو نہ موٽيو تہ هو سناران سان شادي ڪندو.
ايتري ۾ اها خبر پئي ٿي تہ اميرخان ڪجهه ڏينهن ۾ موٽي رهيو آهي. هر ڪو سندس شادي جي تيارين ۾ لڳي ٿو وڃي. رسم موجب گهُوٽ کي چيو ويندو تہ ڪنوار تہ ڪاني جي آهي ۽ ڪاني جي هوندي ڪيس نہ ملندي. ڪيس هڪ کهاڙي ڏني وڃي ٿي جنهن سان هو ڪاني جو سر لاهي ٿو ۽ پوء ئي سندس نڪاح ٿي سگهي ٿو. امير خان موٽڻ ڪانپوء تيار ٿي جڏهين ان رسم جي ادا ڪرڻ لاء گهر وڃي ٿو تہ جنهن همراه کي ڪيس ڪاني جي سر لاهڻ لاء کهاڙي ڏيڻي هجي ٿي ان ڪان اها کهاڙي شيشو ڪسي اميرخان جي مٿي تي وهائي ڪڍي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ امير خان جو موت واقع ٿئي ٿو. شيشو پاڻ بہ گولي لڳڻ ڪري مارجي وڃي ٿو ۽ ڪنوار جو ان ڏک ۾ انتقال ٿي وڃي ٿو.
اهو نہ ٿي چئي سگهجي تہ اها رسم اڃا بہ اتر پنجاب جي ڪجهه علائقن ۾ جاري آهي يا هاڻي ختم ٿي ويئي آهي.

# انڪي ڪي ديس مين

هي مراني ٻولي جي ليکڪ ولاس سارنگ جي ناول جو اڙدو ۾ ڪيل ترجمو آهي جيڪو گوري پٿوردن ۽ اجمل ڪمال ڪيو آهي. هي هندوستان جي هڪ نوجوان پرمود جي ڪٿا آهي جيڪو آمريڪا پڙهڻ لاء ويجي ٿو. پڙهائي مڪمل ڪرڻ کان پوء کيس آمريڪي يونيورسٽي مان ٻه نوڪري جي آڇ ٿئي ٿي ۽ ساڳي وقت عراق جي شهر بصره جي يونيورسٽي مان پڻ کيس اهڙي آڇ ٿئي ٿي. هو سوچي ٿو ته آمريڪا ۾ ته هڪ روٽين جي زندگي هوندي جنهن ۾ ڪابه نواڻ ۽ ڪو به جوش ۽ جذبو نه هوندو جڏهين ته عراق دجله فرات ۽ بابل جي هزارين سال پراڻي تهذيب جو مرڪز آهي ۽ اتي هو گهڻيون نيون شيون ڏسي سگهندو. اهڙي ريت هو بصره پهچي ٿو. اهو صدام حسين جو دور هو ۽ ٿوري عرصي ۾ ايران ۾ شاه خلاف عوامي تحريڪ شروع ٿيڻ واري هئي.

بغداد ايئر پورٽ تي لهڻ سان ئي کيس اندازو ٿئي ٿو ته اڳتي هلي ڪهڙين حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ڪسٽم پاران سندس ٽرانسسٽر ريڊيو کي اهو چئي روڪيو ٿو ويجي ته ان ۾ ايف ايم جي سهولت آهي جنهن جي عراق ۾ اجازت ناهي. ان سهولت کي ختم ڪرڻ کانپوء اهو ريڊيو کيس بصره ۾ واپس موڪليو ويندو. جڏهين اهو ريڊيو کيس موٽي ملي ٿو ته ان جو جڻ پورو نظام ئي بگڙيل هجي ٿو.

پرمود کي هتي پراڻا آثار ۽ سمنڊ ڏسڻ جو شوق هجي ٿو. هو پنهنجي هڪ پروفيسر دوست سان گڏ سندس ڪار ۾ مختلف جاين تي ويجي ٿو پر هڪ جاء تي رڳو مٽي جي ڏڙن کانسواء کيس ڪجهه نه ٿو ملي. اڳتي ويجي ٿو ته اتي مٽي جي ڏڙي تي مٽي انڪي ديوي جو مندر هجي ٿو جتان اها پنهنجي چوڌاري جي دنيا دريائن ۽ ميدانن تي نظر رکندي هئي. هن خوشحالي ۽ سٺي پوڪ ڏيڻ جي واعدي جي موٽ ۾ پنهنجن پوئلڳن کان اهو واعدو ورتو هو ته اهي سندس نافرماني نه ڪندا. پرمود مٽي ڏڙي تي چڙهي ۽ اتي ڏيڍ ٻه ڪلاڪ ويهي ان سڄي ماجرا تي غور ڪري ٿو جڏهين ته سندس دوست هيٺ سندس انتظار ڪندو رهي ٿو. هوائن ۽ ريگستان جي مٽي جي ڪري سندس سڄو بدن ۽ ڪپڙا پيپوت ٿي وڃن ٿا. واپسي تي کين فوجي چوڪي تي روڪيو ويجي ٿو ۽ کانئن آڌي پڇا ڪئي وڃي ٿي ته انهن ايتري دير ان رڻ پٽ ۾ جتي رڳو واري جا ڏڙا آهن ڇا پئي ڪيو. کانئن ڪئميرا ۽ دوربين وغيره جي پڇا ڪئي وڃي ٿي ۽ پوء هر پاسي کان اطمينان ڪري کين سندن يونيورسٽي پروفيسر هئڻ جي بنياد تي وڃڻ ڏنو وڃي ٿو. سمنڊ شهر کان گهڻو پري هجي ٿو. پر سندس ذهن ۾ سمنڊ ڪناري جو جيڪو تصور ممبئي ۽ آمريڪا جي حوالي سان هجي ٿو ان تي اهو پورو نه ٿو لهي. هڪ خاص جاء تائين کيس وڃڻ ڏنو وڃي ٿو جتي اڳتي ديوار آهي ۽ کيس ٻڌايو وڃي ٿو ته سامهون سمنڊ آهي ۽ ايران جي سرحد هئڻ ڪري ديوار ٽپي اتي وڃي نه ٿو سگهجي. اتي سمنڊ ۽ دريا جي ملڻ جي جاء تي کيس اهڙا جاندار نظر اچن ٿا جن کان کيس ڪرب ٻه اچي ٿي پر هو اهو نه ٿو سمجهي سگهي ته اهي نيٺ ڪهڙي مخلوق آهن. اهي آخر تائين سندس ذهن تي حاوي رهن ٿا.

هن آمريڪا مان رواني ٿيڻ وقت پنهنجي ٿيسز ۽ ڪتابن جو باڪس سامونڊي جهاز ذريعي موڪليا هئا. ان باڪس ۾ سندس ڪتابن جي هينئان ٽائپ رائٽر به پيل هجي ٿو. اهو باڪس جڏهين بغداد پهچي ٿو ته ڪسٽم جي نظر ٽائپ رائٽر تي نه ٿي پئي ۽ اهي انهن کي رڳو ڪتاب سمجهي ڪليئر ڪري ڇڏين ٿا. ڪيس پوءِ سندس هڪ واقف ٻڌائي ٿي ته هتي ٽائپ رائٽر اجازت ڪانسواءِ نه ٿو آڻي سگهجي ۽ پوءِ به ان جي رجسٽريشن ضروري آهي. اهو ڊپ سندس ذهن ۾ ويهي رهي ٿو ۽ هو ٽائپ رائٽر کي هڪ ته پلنگ هيٺان لڪائي ڇڏي ٿو ۽ ٻيو ته چاهڻ جي باوجود به ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذهن کي يڪجا نه ٿو ڪري سگهي.

يونيورسٽي ۾ سندس شاگردن ۾ ڪرد ۽ ڪميونسٽ به هجن ٿا. شيڪسپيئر جي هڪ ڊرامي جي سلسلي ۾ هو هڪ ڪرد شاگرد کي سيزر جو ڪردار ڏئي ٿو جيڪو ڊرامي جي آخر ۾ قتل ٿي وڃي ٿو. اهو همراه لاڳيتو ڊپ ۾ ورتل رهي ٿو ۽ ڪيس ٻڌائي ٿو ته هتي ڪردن کي هميشه شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڪين پنهنجن علائقن کان ٻاهر هتي موڪلڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪين قابو ۾ رکيو وڃي. هو پنهنجي ان ڪردار جي حوالي سان ڊنل آهي ته ڪٿي واقعي ڪيس ڊرامي جي آخر ۾ قتل نه ڪيو وڃي. هو ٻڌائي ٿو ته سندس لاڳيتي چوڪسي ڪئي وڃي ٿي ۽ ساڻس ملڻ تي به نظر رکي وڃي ٿي. هو ڊرامي جي اسٽيج ٿيڻ کان اڳ ئي غائب ٿي وڃي ٿو ۽ ڊرامو ائين ئي رهجي وڃي ٿو. اها ساڳي ڪار ڪميونسٽن سان به هجي ٿي. سندس هڪ ڪميونسٽ شاگرد ڪيس ٻڌائي ٿو ته هتي استادن ۽ شاگردن لاءِ اهو ضروري آهي ته اهي سرڪار جي جماعت ۾ شامل هجن. ڪانئس زوري ڌمڪيون ڏيئي ۽ پي ۽ خاندان جي نالي ۾ بليڪ ميل ڪري اهو لکرايو ويو آهي ته سندس ڪميونسٽ پارٽي سان ڪو تعلق ناهي. پر ان جي باوجود به هو ذهني طور پنهنجي پارٽي سان ڳنڍ ئي آهي. ساڳي ريت اڳ ۾ ڪنهن عراقي تي اها پابندي نه ٿي هجي ته هو ڪنهن پرڏيهي سان شادي نه ڪري پر پوءِ حڪومت پاران اها پابندي به مڙهي وڃي ٿي.

پرمود لاءِ پريشاني واري صورتحال ان وقت پيدا ٿئي ٿي جڏهين هو گرمين جي موڪلن ۾ پنهنجي گرل فرينڊ، جيڪا آمريڪا مان ايران پنهنجي پي وٽ آيل هجي ٿي، سان ممبئي ۾ ملڻ جي رٿابندي ڪري ٿو. عين وقت تي سادات جي اسرائيل سان ناهه جي خلاف بغداد ۾ عرب ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي ٿي. ان ڪانفرنس جي ڪري سيڪيورٽي جي حوالي سان ٻين سيني اڏامن کي ڪينسل ڪيو وڃي ٿو. ٻئي پاسي ايران ۾ شاهه جي خلاف مظاهرن جي ڪري اتي به ايئرپورٽ وغيره بند ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي ريت ٻنهي لاءِ اهو ممڪن نه ٿو رهي ته اهي پنهنجي پروگرام موجب ملي سگهن. ڪيس پنهنجون موڪلون بصره ۾ ئي گذارڻيون پون ٿيون.

انهن سيني پابندين جي باوجود نه ته شراب تي پابندي هجي ٿي ۽ نه ئي بيلي ڊانس جي ڪلبن تي. ماڻهو انهن پابندين ۾ رهندي ۽ حڪومت جي ڪمن کان پري رهندي هڪ خاص قسم جي آزادي ۾ پنهنجي زندگي گذاري سگهن ٿا. صدام جو عراق رڳو هڪ نمونو هو جڏهين ٻين گهڻن ملڪن ۾ اهڙيون ۽ ٻيون گهڻيون پابنديون ماڻهن تي لاڳو آهن ۽ انهن ۾ رهندي انهن کي پنهنجي زندگي گذارڻي پئي ٿي.

# فهميده رياض

فهميده رياض گذاري ويئي. جڻ هڪ دور جي پڄاڻي ٿي ويئي. هو پاڪستان ۾ جڏهين فيمنزم کي هڪ گار ڪري ورتو ويندو هو ان جي شروعاتي وڪيلن مان هئي. سندس لاء عورت رڳو هڪ جسم ۽ استعمال جي شي نہ پر هڪ فرد آهي جيڪا سماج ۾ اهو ساڳيو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي جيڪو مرد ڪن ٿا. فهميده جو رڳو ادبي ميدان ۾ نہ پر سياسي حوالي سان بہ هڪ سرگرم ڪردار هو. نعپ تي پابندي ڪانپوء نئين پارٽي ناهڻ جو جيڪو عمل هلندڙ هو ان ۾ فهميده بہ شامل هئي. ان دوران ئي سندس ملاقات ظفر اجڻ، جيڪو انهن ڳالههين ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جو نمائندو هو، سان ٿي ۽ پوء اڳتي هلي ٻنهي شادي ڪئي.

منهنجو ساڻس واسطو ان وقت پيو جڏهين هو ۽ ظفر اڙدو رسالو آواز ڪڍندا هئا. ان رسالي جي آفيس مرينا هوٽل، جتي ڪجھ وقت سنگت ڪراچي جون گڏجاڻيون بہ ٿينديون هيون ۽ جتي اسٽينڊرڊ بڪ هائوس بہ هو جتان سوويت يونين جا رسالا ۽ ڪتاب وغيره ملي سگهندا هئا، جي پڇندي تي هئي. هتي رسالي جي تيارين ۽ مواد وغيره جي لحاظ کان منهنجو ڪافي وقت ظفر ۽ فهميده سان گذرندو هو. سندس هڪ برابري جو ورتاء هوندو هو. ساڳي وقت هو ظفر تي ڪک بہ نہ سهندي هئي. مجال آهي جو سندس آڏو ظفر سان ڪو اهڙي تهڙي ڳالهه ڪري وڃي.

ان ڪانپوء بينظير جي پهرئين دور ۾ جڏهين فهميده ۽ ظفر پارت مان پنهنجي جلاوطني ختم ڪري موٽي آيا هئا تہ فهميده کي نيشنل بڪ فائونڊيشن جو اڳواڻ ناهيو ويو هو. ان جي آفيس ٿيوسيفيڪل هال بندر روڊ ۾ هئي. چارج سنڀالڻ ڪانپوء هن پهريون ڪم اهو ڪيو تہ ساڻس لاڳاپيل جيڪي ليڪڪ وِغيره هئا انهن کي فون ڪري صلاح مشوري لاء گهرايائين. پر جيئن بينظير جي حڪومت گهٽو عرصو نہ هلي سگهي تيئن سندس نوڪري بہ ختم ٿي ويئي. ان ڪانپوء ڪڏهين ڪڏهين ڪنهن موسي بهاني ظفر ۽ ساڻس سندن پي اي سي ايچ ايس واري گهر تي ملاقات ٿي ويندي هئي يا ڪنهن پروگرام ۾ سلام دعا ٿي ويندي هئي.

هاڻي گهڻي عرصي کان ساڻس ملاقات نہ ٿي هئي. تازو هڪ مضمون مان اها خبر پيئي تہ هو بيمار آهي ۽ ڪنهن سان ملي نہ ٿي. بهرحال هو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ويئي.

# ڀارت: اڻ برابري ۽ خود مختياري جون تحريڪون

ڀارت گهڻين قوميتن، مذهبن، ثقافتن ۽ ٻولين جو ملڪ آهي. انهن مان گهڻا لاڳيتو پنهنجن قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهن. آزادي کانپوءِ نون صوبن يا رياستن ناهڻ ۽ مختلف ٻولين کي قومي ٻولين کي آئيني حيثيت ڏيئي ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. پر اهو مسئلو مڪمل طور حل نہ ٿي سگهيو جنهن جي ڪري پوءِ بہ اهڙا قدم کنيا ويا پر اهو معاملو اڃا بہ حل طلب آهي ۽ مختلف علائقن جا ماڻهو پنهنجين گهرن لاءِ مختلف طريقن سان احتجاج ڪري رهيا آهن. هتي معاملو رڳو ڪشمير جو ناهي جنهن جي سڄي دنيا کي خبر آهي پر جهنگلن ۾ رهندڙ آدي واسين، دلتن ۽ ٻين ٿوراين جا معاملا بہ ساڳي ريت اهم آهن. ملڪ ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي سرمائي جي ڦهلاءَ انهن ماڻهن جي زندگي کي اڃا ڏکيو ۽ تضادن کي اڃا تيز ڪري ڇڏيو آهي. ڊيمن جي تعمير ۽ تيل گيس ۽ ٻين قدرتي وسيلن جي ڳولها هڪ پاسي انهن ماڻهن کان پنهنجا روزگار جا ذريعا کسيا آهن ۽ ٻئي پاسي انهن کي پنهنجن اجهن کان محروم ڪري ڏيہ ۽ پرڏيهہ ۾ ڌڪن کائڻ تي مجبور ڪيو آهي. معاشي ترقي جو اصطلاح هڪ پوتر ڳئون جيان آهي جنهن جي نالي ۾ انهن ماڻهن کي رياستي تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ۽ احتجاج ڪندڙ هزارين ماڻهن کي قيد ۽ ٽارچر جو عذاب سهڻو پئي ٿو. ڪارپوريٽ ميڊيا جيڪو انهن مفادن جو حصو ۽ انهن جو محافظ آهي انهن شين کي سامهون نہ ٿو آڻي ۽ جيڪڏهين آڻي بہ ٿو تہ ان جو انداز بلڪل مختلف ۽ پنهنجن مالڪن جي موقف جيان هجي ٿو. ارون دتي رائي ۽ ٻيا ڪجهہ ليکڪ جيڪڏهين اهڙن مسئلن کي کڻن ٿا تہ انهن جو آواز نقار خاني ۾ طوطي جو آواز ثابت ٿئي ٿو ۽ مٿن غداري جا ۽ ٻيا الزام ڏار هوندا آهن.

ان حوالي سان تازو مون ڪرن ڊيسائي جو ناول Inheritance of Loss پڙهيو. اهو ناول دارجلنگ ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ رهندڙ گورکن جي حوالي سان آهي جن آزادي کان اڳ برطانيا ۽ پوءِ هندي فوج ۾ خدمتون انجام ڏنيون ۽ اڃا بہ ٻنهي فوجن ۾ خدمتون انجام ڏيئي رهيا آهن. اهو علائقو نيپال جي سرحد سان لڳ آهي جنهن کي ڀارت هڪ ٺاهہ تحت نيپال کان حاصل ڪيو هو ۽ اهو تصور ڪرڻ ڏکيو ناهي تہ هڪ طاقتورملڪ کهڙي ريت پنهنجي ننڍي ۽ ڪمزور پاڙيسري، جنهن جو گهڻو دارومدار مٿس هجي، سان ٺاهہ ڪندو آهي. هن وقت اهو علائقو اولهہ بنگال ۾ شامل آهي.

نيپال سان واسطو رکندڙ انهن گورکن جي ٻولي ۽ ثقافت وغيره بنگالين کان بلڪل مختلف آهي. ساڳي ريت معاشي ۽ سماجي طرح ڪين پوئتي رکيو ويو آهي. ان ڪري سندن گهر پنهنجي لاءِ ڀارت اندر ئي گورکا لينڊ جي نالي سان ڌار خودمختيار علائقي جي آهي جنهن ۾ هو پنهنجي مرضي سان رهي سگهن ۽ پنهنجن ماڻهن جي معاشي آسودگي ۽ ثقافت ۽ ٻولي جي ترقي لاءِ ڪم ڪري سگهن. ناول جو مرڪزجبلن جي وچ ۾ دارجلنگ سان لڳ هڪ ننڍو علائقوڪالمر پونگ آهي جنهن ۾ گهڻائي گورکن جي آهي جيڪي شهر جي ڀسگردائي ۽ جبلن ۾ رهن ٿا. جڏهين تہ اتي ٻين ٻولين، ثقافتن ۽ علائقن سان واسطو رکندڙ ماڻهو پڻ رهن ٿا. معاشي لحاظ کان گورکن جي گهڻائي بدحالي ۽ پس ماندگي جو شڪار آهي. تعليم جي حوالي سان اهي پوئتي پيل آهن جڏهين تہ ڪنهن نوجوان

جيڪڏهين سيني ڏکيائين ۽ رڪاوٽن جي باوجود تعليم حاصل به ڪئي ته ان کي روزگار ميسر ناهي. ٻئي پاسي واپار ۽ ڪاروبار وغيره ٻين علائقن جي ماڻهن وٽ آهي. هتي پرڏيه ۾ ملڪ جي ٻين علائقن جي شاهوڪار ماڻهن جي هڪ ٿورائي اهڙي آهي جنهن هتان جي خوبصورتي ۽ پرسڪون ماحول جي ڪري هتي رهڻ جي چونڊ ڪئي آهي. هڪ ته انهن کي هر شي آساني سان ملي وڃي ٿي ۽ ٻيو انهن جي ضرورت جون گهڻيون شيون ملڪ جي ٻين علائقن ۽ پرڏيه مان اچن ٿيون. هر سال ٻئي اهي پرڏيهه وڃن ٿا جتي سندن اولاد ۽ مائٽ هڪ آرام واري زندگي گذاري رهيا آهن.

اهي معاشي ۽ سماجي تضاد خاص طور تي علائقي جي نوجوانن ۾ هڪ بيچيني کي جنم ڏين ٿا جنهن جي نتيجي ۾ احتجاج شروع ٿين ٿا جيڪي پوءِ هڪ پر تشدد صورت اختيار ڪن ٿا ۽ علائقي جي زندگي ڊگهين هڙتالن جي ڪري جڻ بلڪل معطل ٿي وڃي ٿي. شاهوڪار ماڻهن کان ڦرمار ۽ انهن جي ملڪيتن تي قبضا هڪ عام ڳالهه ٿي وڃي ٿي. هونئن ته ناول ۾ گهڻا ڪردار آهن پر ناول نگار ان سڄي صورتحال کي ٻن مک ڪردارن وسيلي چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مشنيري اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪيل ساهي جنهن جا ماءِ پيءُ روس ۾ ٽريفڪ جي هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويا آهن ۽ هو هاڻي پنهنجي ناني وٽ هتي رهڻ آئي آهي جيڪو هڪ رٽائرڊ آئي سي ايس جج ۽ خشڪ مزاج ماڻهو آهي جنهن پنهنجي زال کي معمولي ڳالهه تان گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ جنهن جا پنهنجي خاندان سان ڪي واسطا نه رهيا آهن. راجستان سان واسطو رکندڙ اهو جج رٽائرمنٽ ڪانپوءِ هتي رهڻ جو فيصلو ڪري ٿو. ٻئي پاسي ان علائقي سان ئي واسطو رکندڙ هڪ گورکا نوجوان گيان آهي جنهن کي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ به نوڪري نه ٿي ملي ۽ جنهن کي ساهي کي الجبرا ۽ ٻين مضمونن جي ٽيوشن پڙهائڻ لاءِ رکيو وڃي ٿو. ٽيوشن پڙهائيندي انهن ٻنهي ۾ هڪ نينهن جو ناتو جڙي وڃي ٿو.

علائقي ۾ بيچيني ته موجود هجي ٿي پر تازو اهي خبرون اچن ٿيون ته جبلن ۾ گڙٻڙ شروع ٿي ويئي آهي ۽ گورکن جي مختلف تنظيمن هٿيار بند جدوجهد جي واٽ اختيار ڪئي آهي. حڪومت اهو موقف اختيار ڪري ٿي ته انهن کي اهي هٿيار نيپال، چين يا پاڪستان کان ملي رهيا آهن پر اتي ماڻهو چون ٿا ته جا هتي هٿيارن جي گهٽتائي آهي جو ڪو ٻاهريون ملڪ هٿيار فراهم ڪندو. اهم ڳالهه اها هجي ٿي ته ان جدوجهد ۾ رٽائرڊ گورکا فوجي شامل هجن ٿا جيڪي نوجوانن کي هٿيارن استعمال ڪرڻ جي تربيت ڏين ٿا. آهستي آهستي اهو احتجاج سڄي علائقي کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏي ٿو ۽ سڄي معاشي ۽ سماجي سرگرمي معطل ٿي وڃي ٿي. غير گورڪا ۽ خاص طور تي بنگالي هڪ عدم تحفظ جو شڪار ٿي وڃن ٿا. امير ماڻهن جي گهرن تي ڌاڙا ۽ انهن تي قبضو هڪ عام ڳالهه بڻجي وڃي ٿي. ساڳي وقت ان سڄي چڪتاڻ جا اثر هن نوجوان تي به پون ٿا ۽ هو احتجاج ڪندڙن سان شامل ٿي وڃي ٿو. ساهي جي گهر مان ڦر ٿيل هٿيارن جي مخبري گيان ئي ڪري ٿو. هو ساهي سان پيار کي هڪ ڏوهه ۽ پنهنجن ماڻهن سان غداري تصور ڪري ٿو. هو ساهي کي گهٽ وڌ ڳالهائي ساڻس تعلق ختم ڪري ٿو پر ٻنهي جي اندر ۾ هڪ ويڙهه هجي ٿي ۽ سندن وچ ۾ پيار ۽ نفرت جو ناتو ساڳي وقت هلندو رهي ٿو. پوليس ۽ علائقي جي ماڻهن ۾ چڪريون لڳن ٿيون پر پوليس ان کي منهن نه ٿي ڏيئي سگهي ۽ نيٺ فوج کي مداخلت ڪرڻي پئي ٿي.

معاملو طاقت جي زور تي في الحال تہ دٻجي وڃي ٿو پر ان جا ڪارڻ باقي رهن ٿا جيڪي ڪنهن بہ وقت ان کي وري ايرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن ٿا.

# لينن: هڪ انقلابي اڳواڻ ۽ هڪ عام ماڻهو

فردن جو تاريخ ۾ اهم ڪردار هوندو آهي. لينن متعلق ٽرائٽسڪي لکيو هو ته جيڪڏهين هو وقت سر جلاوطني مان نه موٽي ها ۽ بالشويڪ پارٽي جي اڳواڻي نه سنڀالي ها ته آڪٽوبر انقلاب ممڪن نه ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ ته بالشويڪ مختلف ادارن ۾ ٽورائي ۾، منجهيل ۽ بڏتر واري ڪيفيت ۾ هئا ۽ کين پنهنجي مٿان اعتماد نه هو ته هن هنگامه خيز صورتحال ۾ ڪو فيصلو ڪري سگهن ۽ نه ئي کين اهو يقين هو ته انهن حالتن ۾ انقلاب ممڪن ٿي سگهي ٿو. لينن موٽڻ ڪانپوء اپريل ٿيسز سميت گهڻا اهڙا فيصلا ورتا جن ۾ کيس پارٽي جي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو ۽ جن ۾ ساٿس پارٽي جا رڳو هڪ يا ٻه ماڻهو ئي گڏ هئا. پر سندس اهي فيصلا ئي انقلاب لاء فيصلي ڪن هئا جن کي وقت صحيح ثابت ڪيو.

لينن ٻين ماڻهن جيان هڪ ماڻهو هو ۽ منجهس اهي سڀ ڳالهيون موجود هيون جيڪي هڪ عام ماڻهو ۾ هونديون آهن. هو پاڻ به ان ڳالهه جي حق ۾ نه هو ته مرڻ ڪانپوء سندس مڙه کي محفوظ ڪيو وڃي يا سندس شخصيت کي ڪا خاص حيثيت ڏني وڃي. سندس ٻيوه به سندس جنازي تي جيڪا تقرير ڪئي، ان ۾ هن ان ڳالهه جي مخالفت ڪئي هئي ته سندس مڙه کي ممي جي صورت ۾ محفوظ ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته لينن کي پنهنجي مشهوري ۽ پنهنجي شخصيت سان گهڻي دلچسپي نه هئي، پر کيس ان ڳالهه سان وڏيڪ خوشي ٿئي ها ته هن جي نالي ۾ اسپتال، اسڪول ۽ يتيم ٻارن جي تعليم ۽ سارسنڀال وغيره جا ادارا قائم ڪيا وڃن جن سان عام ماڻهو کي فائدو پهچي. بهرحال جيئن ٿيندو آيو آهي ته انقلابي اڳواڻن کي سندن مرڻ ڪانپوء سندن پوئيٽر سندن تعليم ۽ ڏنل پيغام تي عمل ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجن چڱن ۽ خراب ڪرتوتن کي جواز ڏيڻ لاء استعمال ڪندا رهيا آهن ۽ ائين لينن جي مڙه سان به ڪيو ويو جنهن کي سوويت يونين جي ختم ٿيڻ ڪانپوء دفن ڪيو ويو آهي.

طارق علي جو تازو ڪتاب "The Dilemmas of Lenin - Terrorism, War, Empire, Love, Revolution" لينن جي شخصيت جي مختلف پاسن متعلق آهي. طارق علي کاٻي ڌر جي دانشور جي طور هڪ ٽرائٽسڪائٽ جي حيثيت ۾ ڄاتو وڃي ٿو. ٽرائٽسڪي ۽ ان جي پوئلڳن جا اختلاف اسٽالن ۽ ان جي پاليسين سان رهيا آهن جڏهين ته لينن جي هڪ انقلابي اڳواڻ جي حوالي سان اهي ٻيئي متفق آهن. لينن کي سندس مرڻ کان پوء هڪ ماورائي حيثيت ڏني ويئي آهي ۽ سندس زندگي جي اهڙن پاسن متعلق جيڪي کيس ديوتا جي بجائي هڪ ماڻهو ثابت ڪن ڳالهائڻ ڄڻ منع ٿيل رهيو آهي. اها پنهنجي ليکي هڪ غلط ڳالهه آهي. هن عام ماڻهن جيان شادي به ڪئي، عشق به ڪيا ۽ دوستيون ۽ دشمنيون به رکيون. هن ڪتاب ۾ انهن سڀني ڳالهين جو مختصر احوال ۽ جهلڪيون ڏنل آهن.

لينن جو پيءُ هڪ قدامت پسند ۽ چرچ سان لاڳاپيل ماڻهو هو جڏهين ته سندس وڏو ڀاءُ اليگذينڊر انقلابي تنظيمن سان لاڳاپي ۾ هو جن جو دهشت پسندي ذريعي زار ۽ حڪومت جي اهم اهلڪارن کي ختم ڪري تبديلي آڻڻ ۾ يقين هو. زار کي قتل ڪرڻ جي اهڙي ئي هڪ ڪوشش ڪندي پنهنجي

گروپ جي ڪنهن رڪن جي مخبري جي نتيجي ۾ هو پڪڙجي پيو ۽ ڪيس ڦاهي ڏني ويئي. ان ڪيس ۾ لينن جي وڏي ڀيڻ کي به گرفتار ڪيو ويو هو جنهن کي قيد جي سزا ڏني ويئي. لينن جو جيتوڻيڪ پنهنجي وڏي ڀاء سان نهايت ويجهو تعلق هو پر هن سندس واٽ اختيار نه ڪئي. سندس خيال ۾ دهشت پسندي سان اقتدار جي مسند تي ويٺل حاڪمن جي نالن ۾ ئي تبديلي اچي ٿي جڏهين ته نظام اهو ساڳيو رهي ٿو. هن پنهنجين لکڻين ۾ پنهنجي ڀاء جو گهڻو ذڪر نه ڪيو آهي. سندس لکڻين جي پنجونجاه مجموعن ۾ مشڪل سان به پيرا سندس ڀاءُ جو نالو ملي ٿو. باقي اها ڳالهه پنهنجي جاء تي آهي ته چرنيشيوسڪي جو ناول نيٺ ڇا ڪجي جنهن سندس ڀاء کي متاثر ڪيو هو لينن لاء به ڪارل مارڪس جي داس ڪيپيٽال پڙهڻ کان اڳ اهو ئي اتساه جو ڪارڻ بڻيو هو.

سندس وڏي ڀاء جي ڦاهي کان پوء لينن جو خاندان جيتوڻيڪ سندس سياسي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جي حق ۾ نه هو پر هو ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي ته دهشت پسندي مسئلي جو حل ناهي پاڻ کي ملڪ جي حالتن کان پري نه رکي سگهيو. سندس هڪ ڊگهو وقت قيد، جلاوطني، مختلف انقلابي تنظيمن جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ ۽ پراڻن ۽ نون انقلابين سان ڏي وٺ ۾ گذري ٿو.

ڏنو وڃي ٿو ته اهو اهڙو وقت هو جڏهين يورپ جا مختلف ملڪ برطانيا، فرانس ۽ جرمني وغيره سياسي اٿل پٿل ۾ ورتل هئا ۽ اتي تبديلي جي حوالي سان مختلف بحث هلي رهيا هئا. روس پاڻ 1905 ۾ هڪ انقلابي صورتحال مان گذري چڪو هو جنهن جي نتيجي ۾ ڪا وڏي تبديلي ته واقع نه ٿي هئي پر ان انقلابين جي سکڻ لاء گهڻو ڪجهه ڇڏيو هو. 1914 ۾ پهرين مهاڀاري جنگ يورپ جي سوشلسٽن کي واضح طور تي ورهائي ڇڏيو هو. لينن ۽ سندس ساٿين جنگ جي مخالفت تي ڪئي جڏهين ته جرمني جا سوشل ڊيموڪريٽ پنهنجن حڪمرانن جي پاسي هئا. لينن ان خيال جو هو ته اها جنگ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ گهرو ويڙه کي جنم ڏيندي جنهن جي نتيجي ۾ انقلاب جنم وٺندا.

زمين، ماني ۽ امن لينن جو نعرو روس جي پورهيتن. هارين ۽ فوجين جي نمائندگي ٿي ڪيئي، فيبروري جو انقلاب انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويو هو ۽ نه ئي ان جي اڳواڻن جو اهڙو ڪو ارادو هو. ان نعري بالشويڪن ۾ جڻ ته هڪ روح ڦوڪي ڇڏيو ۽ سندن لاء ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ ڪيرنسڪي ۽ زار جي جنرلن کي منهن ڏيڻ ممڪن ٿي ويو

لينن چيو هو ته انقلاب مظلوم ۽ پيڙهيل طبقن لاء تهوار مثل هوندا آهن. پر مظلوم طبقن پيٽرز برگ ۾ لينن جي اوچن آدرشن کي مان ڏيئي فتح جو جشن ملهائڻ جي بجائي پراڻي دور جي روايتي طريقن کي اختيار ڪندي ونٽر پيلس جي شراب جي ذخيرن کي ڦري شراب کي استعمال ڪري موج مستي ڪرڻ شروع ڪئي. جيڪي فوجي ايستائين هڪ نظم و ضبط ۾ هئا اهي پاڻ ان ۾ شامل ٿي ويا ۽ جن کي صورتحال کي قابو ڪرڻ لاء موڪليو ٿي ويو اهي پاڻ ان ۾ شامل ٿي ٿي ويا. ڪيترن هفتن تائين اهو هنگامو هلندو رهيو ۽ پيٽرز برگ جي زندگي بلڪل معطل ٿي ويئي. اهو انقلاب لاء پاڻ هڪ وڏو جوکم هو جنهن کي وڏي ڏکيائي سان قابو ۾ آندو ويو.

هن ڪتاب ۾ لينن جي زندگي جي هڪ ٻئي پاسي کي سامهون آندو ويو آهي. هو ترگنيف جي ڪهاڻي آندري ڪولوسيف کان گهڻو متاثر هو ۽ جلاوطني دوران پنهنجي زال سان گڏ ان جي ڪجهه حصن کي جرمن ۾ ترجمو به ڪيو هئائين. ان ڪهاڻي جو ڪردار ڪولوسوف ان لحاظ کان هڪ

غيرمعمولي ماڻهو هو ته هو هڪ عورت سان عشق ڪرڻ کان پوءِ ان کي ڇڏي ٻي عورت سان عشق ڪرڻ لڳي ٿو پر ان ۾ ڪنهن ڊپ ڊاءُ کانسواءِ ۽ ايمانداري سان پهرين عورت کي ان کان آگاهه ڪري ٿو. ان ڪهاڻي کي پيرس ۾ روسي انقلابين جي حلقي ۾ هڪ ڪمزور ڪهاڻي ڪري ليکيو ويو تي پر ڪين ان ڳالهه تي حيرت هئي ته لينن کي اها ئي ڪهاڻي گهڻو پسند هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته لينن جو پنهنجو لاڙو ان پاسي هو. 1909 ۾ پيرس ۾ جلاوطني دوران سندس هڪ بالشويڪ فيمننسٽ انيسه آرمنڊ سان ملاقات ٿئي ٿي جنهن جي مڙس جو ٿي بي وگهي انتقال ٿي چڪو هجي ٿو. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ نينهن جو ناتو قائم ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڄاڻ لينن جي زال کي هجي ٿي ۽ اها ڪيس ان ڳالهه جي اجازت ڏئي ٿي ته هو ڀلي ان عورت سان پنهنجي زندگي گذاري. لينن جيتوڻيڪ ان سان شادي نه ڪئي پر ان سان ويجهو ناتو آخر تائين رهندو آيو. انيسه آرمنڊ جي وفات لينن جي زندگي ۾ ئي ٿي جنهن لينن کي بلڪل جهوري وڌو.

اهو ڪتاب ان لحاظ کان اهم آهي ته اهو لينن جي زندگي جي روايتي پاسن سان گڏوگڏ سندس گهڻن غيرروايتي پاسن تي پڻ روشني وجهي ٿو ۽ لينن کي پڙهندڙن آڏو هڪ عام ماڻهو جي طور تي پيش ڪري ٿو.

# ڪارل مارڪس: هڪ تعارف

ڪارل مارڪس جهڙي جامع شخصيت ۽ سندس ڪم ڪي ڏسندي ان تي لکيل ڪوبه ڪتاب ۽ ڪو به تحقيقي ڪم هميشہ اڌورو ئي لڳندو آهي. خاص طور تي ان پڙهندڙ لاءِ جيڪو اڳ ۾ ئي سندس شخصيت ۽ ڪم جي مختلف پاسن کان ڪنهن حد تائين واقف هجي. سنڌي ٻولي ۾ جيتوڻيڪ مارڪس جي مختلف پاسن تي گهڻو ڪم نہ ٿيو آهي پر گهڻن ماڻهن کي ٻين ٻولين جي لٽريچر وسيلي سندس متعلق جوڳي ڄاڻ آهي. مارڪس، اينگلز ۽ لينن وغيره جهڙن انقلابي استادن جي خاص ڳالهه اها هئي تہ اهي رڳو ڪتابي ڪيڙا نہ هئا پر سندن گهڻو ڪم عملي جدوجهد ۽ مختلف عوامي تحريڪن ۾ حصي وٺڻ جي نتيجي ۾ تخليق ٿيو آهي. ڪميونسٽ ميني فيسٽو ۽ پيرس ڪميون وغيره تي لکيل ڪتاب ان جو واضح مثال آهن.

سنڌ ۾ نثر ۾ خاص طور تي فلسفي، تاريخ، معاشيات ۽ سماجيات جي موضوعن تي تنقيدي ۽ تحقيقي نقطہ نظر کان لکڻ ۽ پڙهڻ جو لاڙو گهٽ رهيو آهي جيڪو نظرياتي سياسي ڪلچر جي پسمنظر ۾ وڃڻ ڪانپوءِ اڃا بہ گهٽجي ويو آهي. پر شايد اڃا بہ سيڪجهہ ختم ناهي ٿيو. ڪن ماڻهن لاءِ اهو اڃا بہ اهو هڪ آدرش، اتساهہ ۽ جيئڻ جو بهانو آهي.

اياز علي فيس بڪ تي اهو ٻڌائيندو رهندو آهي تہ هو ڪهڙن موضوعن تي ڪم ڪري رهيو آهي. هڪ پاسي پاڪستان جي آئيني ۽ سياسي تاريخ سندس موضوع آهن ۽ هن ان حوالي سان گهڻو ڪجهہ لکيو بہ آهي جڏهين تہ ٻئي پاسي هن ڪارل مارڪس جي حياتي ۽ ڪم تي سنڌي ۾ هڪ اهم ڪتاب لکي ڇپرايو آهي.

سوويت يونين جي ختم ٿيڻ ۽ سوشلسٽ ڪئمپ جي وکرجڻ کان پوءِ ڪارل مارڪس جڻ هڪ وسريل شخصيت بڻجي ويو هو. فوڪوهاما جي تاريخ جي ختم ٿيڻ ۽ تهذيبن جي ٽڪراءَ جي نظرئي پيش ڪرڻ کان پوءِ گهڻن ماڻهن اهو سمجهيو تہ مارڪس جو دور پڄاڻي تي پهچي ويو هو ۽ انهن مذهبي ڪتابن جيان سندس ڪتابن کي بہ رومال ۾ ويڙهي مٿي طاق تي رکي ڇڏيو. پر انهن ماڻهن اهو الائي ڇو نہ ٿي سمجهيو تہ مارڪس تہ پاڻ سرمائيداري نظام جو مفڪر ۽ نظريہ دان آهي. سندس اهم ترين ڪتاب داس ڪيپيٽال ان نظام جي ئي تاريخ ۽ ان جي مختلف پاسن جي سمجهاڻين تي ٻڌل آهي. ان ڪري جيسين اهو نظام دنيا ۾ موجود آهي ان جي مختلف لاهن چاڙهن کي سمجهڻ ۽ ان جي مونجهارن کي حل ڪرڻ لاءِ مارڪس جي رهنمائي جي ضرورت رهندي. ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 2008 ۾ جڏهين سرمائيدار دنيا هڪ نئين معاشي بحران ۾ ونجي ويئي جنهن مان اها اڃا تائين پوري ريت نڪري نہ سگهي آهي تہ ان جي ماهرن ۽ معيشت دانن کي هڪ ڀيرو ٻيهر مارڪس جي ضرورت پيش آئي ۽ انهن سندس ڪتابن کي طاقن تان لاهي، چنڊي ڦوڪي وري ڇپرائڻ شروع ڪيو ۽ داس ڪيپيٽال هڪ ڀيرو ٻيهر ماڻهن جي ضرورت بڻجي ويو.

اياز علي جي اٽڪل ڏيڍ سو صفحن تي لکيل هن ڪتاب کي ڪارل مارڪس جو هڪ تعارف سمجهي سگهجي ٿو جنهن ۾ سندس شخصيت، لکڻين ۽ عملي جدوجهد جو هڪ تت پيش ڪيو ويو

آهي. مارڪس جي زندگي هڪ عام ماڻهو جي زندگي هئي. ان زندگي ۾ هن تعليم به حاصل ڪئي، عشق به ڪيو، شادي به ڪئي، ٻار به پيدا ڪيا. فلسفي ۽ تاريخ جي شاگرد ۽ استاد هئڻ سان گڏوگڏ شاعري سندس شوق هوندو هو ۽ سٺو ادب پڙهڻ سندس ڪمزوري هوندي هئي. ٻارن سان ٻار ٿيڻ ۽ فارغ وقت ۾ انهن سان راند ڪرڻ سندس مشغلا هوندا هئا. سندس ڪمزور مالي حيثيت سندس علمي ۽ عملي ڪم جي لحاظ کان وڏي ڪمزوري هئي جنهن جي ڪري هو پاڻ، سندس زال ۽ ٻار زندگي جون ٻيون ضرورتون ته نهيو ڪڏهين ڪڏهين پوري ماني به نه کائي سگهندا هئا. سندس ٻه ٻار ان اٿهوند جي ڪري مناسب علاج ۽ خوراڪ نه ملڻ جي ڪري اجل جو شڪار ٿي ويا. ساڳي ريت هو پنهنجي زال جو علاج ڪرائڻ جي طاقت به نه پيو رکي. مارڪس جي لاءِ جيئڻ سمجهيو وڃي ٿو ته هن پنهنجي ڪم ۽ تحقيق لاءِ پنهنجي خانداني ذميوارين کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو درست ناهي. هن پنهنجي مالي پريشانين جي ڪري مختلف جاين تي نوڪري جي ڪوشش ڪئي ۽ جيئن هن ڪتاب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ريلوي ۾ ڪيس ڪلارڪ جي نوڪري رڳو ڪيس سندس خراب لکت جي ڪري نه ملي سگهي هئي. هن يونيورسٽين وغيره ۾ هڪ پروفيسر جي حيثيت ۾ پڙهائڻ چاهيو ٿي پر سندس نظرين ۽ سياسي سرگرمين جي ڪري اهي ڪيس قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ساڳي ريت سندس زال جيني جو خاندان جرمني جي حڪمران خاندان سان لاڳاپيل هو. پر مارڪس جي نظرين جي ڪري اهي سندس ڪابه سهائتا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. اهڙي ريت ائين نه هو ته مارڪس پئسو ڏوڪڙ ڪمائي يا حاصل ڪري نه ٿي سگهيو پر هو ان جي عيوض ان وڏي ڪم تان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نه هو جنهن ڪي ڪيس سندس مرڻ جي سون سالن کان پوءِ تائين به جيئرو رکڻو هو. پنهنجن ٻارن کي بک ۽ علاج نه ملڻ جي صورت ۾ پنهنجي سامهون مرندي ڏسڻ ۽ پنهنجي زال جي بيماري ۽ بيوسي کي ڏسڻ جي قيمت جيتوڻيڪ وڏي هئي پر هن ماڻهو ۽ سندس زال ۽ ٻارن اها قيمت ڏيڻ قبول ڪئي ۽ ان ۾ خاص طور سندس زال ساڻس گڏ بيٺل هئي. سندس دوست اينگلز مالي ۽ ٻين حوالن سان سندس مدد ڪندو رهندو هو ۽ هن پاڻ گهڻن جاين تي ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي ته جيڪڏهين اها مدد حاصل نه هجي ها ته هو گهڻو ڪم نه ڪري سگهي ها.

انهن مالي پريشانين ۽ سندس اهم ڪم داس ڪيپيٽال سندس پنهنجي صحت کي گهڻو متاثر ڪيو هو. ڪيس ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ جو گهڻو اونو هوندو هو. جڏهين هن ان جو پهريون جلد مڪمل ڪيو ته ڇڻ مٿانئس وڏو بار لهي ويو. جيتوڻيڪ ان جا ٻيا جلد مارڪس جي گذاري وڃڻ جي ڪري اينگلس کي مڪمل ڪرڻا پيا. پنهنجي زال ۽ وڏي ڌي جي وفات کان پوءِ جلد ئي مارڪس گذاري ويو. سندس وڏيڪ جيئڻ ۽ ڪم ڪرڻ متعلق ته گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو پر هن جيڪا به زندگي گذاري ۽ جيڪو به ڪم ڪري ويو اهو ايستائين گهڻن انقلابن جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي ۽ ساڳي وقت دنيا جي علم ۾ ڇڻ هڪ خاصيتي واڌارو آهي.

ايازعلي جي اها ڪوشش ان لحاظ کان ساراهڻ جوڳي آهي ته اها مارڪس کي سنڌي پڙهندڙ سان متعارف ڪرائي ٿي. وڌيڪ مطالعي ۽ کوجنا لاءِ مختلف ڪتابن ۽ مضمونن جا حوالا ڏنل آهن جن مان مدد وٺي سگهجي ٿي. هن ڪتاب کي سنڌي جي سياسي ليٽريچر ۾ هڪ سٺو واڌارو ليکي سگهجي ٿو.

# مايا جي ڪهاڻي

لاطيني آمريڪا جي ادب کي ڪٽي ڪهڙا به نالا ڏجن ۽ ڪهڙيون به اصطلاحون استعمال ڪجن پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته اهو هڪ مزاحمت جو ادب آهي. پلي گارشيا مارڪيز هجي ، ماريو ورگاس هجي يا آئيزيبل آلندي هجي ڪنهن به پنهنجي ملڪ ۽ علائقي جي سياسي حالتن کان ڪن لاتار ناهي ڪئي ۽ پنهنجي فن وسيلي ان جو اظهار ڪيو آهي.

آئيزيبل آلندي هڪ لحاظ کان آلندي خاندان جي فرد هئڻ ڪري انهن حالتن جو سڌو سنئون شڪار رهي آهي. پنوشي جي فوجي بغاوت ۽ صدر سلواڊور آلندي جي موت کانپوءِ ڪيس پابلو نرودا جي شاعري جي مجموعي سميت ڪجهه ڪتابن ۽ ڪپڙن سان ملڪ ڇڏي جلاوطن ٿيڻو پيو هو. ان صورتحال جي هن پنهنجن ڪجهه ناولن ۾ عڪاسي ڪئي آهي. 2013 ۾ انگريزي ۾ شائع ٿيل سندس ناول Maya’s Notebook ان صورتحال جو وڌيڪ ڪليل نموني اظهارآهي.

دنيا جي گهڻن پاپولسٽ حڪمرانن جيان صدر آلندي کي به سندس خيرخواهن پاران اها ڳالهه ڇٽي ويئي هئي ته ملڪ ۾ سندس خلاف جيڪا سياسي صورتحال ٺهي رهي هئي ان ۾ فوج به شامل ٿي سندس خلاف ڪا ڪاروائي ڪري سگهي ٿي. پر سندس اهو جواب هوندو هو ته چلي جون جمهوري روايتون مضبوط آهن ۽ فوج ڪڏهين به سياست ۾ مداخلت نه ڪئي آهي. ساڳي وقت فوج جو سربراه پڻ جمهوريت ۾ يقين رکي ٿو ۽ سندس کي اهڙا ارادا ناهن. ان وقت فوج جي اڳوڻي سربراه، جنهن واقعي اهڙي ڪنهن قدم جي حمايت نه ٿي ڪئي، کي هڪ سازش ذريعي هٽايو ويو هو ۽ سندس جاءِ تي پنوشي فوج جو سربراه ٿيو هو. ليڪڪا جي چوڻ موجب صدر آلندي جو اهو خيال پنوشي متعلق هو. بهرحال چلي ۾ جيئن ڪڏهين نه ٿيو هو ائين ٿيو. صدر آلندي وڙهندي مارجي ويو. جن فوجين حڪومت کي ختم ڪرڻ جي ان قدم جي مخالفت ڪئي انهن کي گولي هنئي ويئي. هزارين سياسي مخالفن ۽ شڪ جي بنياد تي گرفتار ڪيل عام ماڻهن کي جيلن ۾ واڙيو ويو ۽ ايذاءَ گهرن ۾ ايذاءَ ڏنا ويا. گهڻا ملڪ ڇڏي ويا، گهڻن پرڏيهي سفارتخانن ۾ پناه ورتي ۽ پوءِ جلاوطني اختيار ڪئي. تشدد ۽ ڌهڪاءُ ڦهلائڻ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پنوشي جي حامي جرنيلن جي اڳواڻي ۾ فوجين جا اهڙا قافلا ناهيا ويا جيڪي سڄي ملڪ ۾ هلندي مخالفن جي ڳولها ڪري نه رڳو انهن کي گوليون هڻندا هئا پر انهن جي لاشن کي ڊائناميٽ سان اڏائيندا هئا ته جيئن عام ماڻهن ۾ ان قافلي ۾ شامل فوجين ۾ ڌهڪاءُ ۽ هراس ڦهلجي.

ان سڄي صورتحال ۾ ناديا ودال، جنهن جي مڙس، جيڪو ڪابي ڌر سان لاڳاپيل هڪ صحافي هو ۽ ٽي وي اينڪر جي طور پروگرام ڪندو هو، کي فوج ڪٽي ويئي هئي ۽ سندس ڪو ڏس پتو نه هو، پنهنجي پٽ سان گڏ هونڊراس جي سفارتخاني ۾ پناه ورتي هئي. اتان هن هونڊراس جي سفير جي مدد سان ڪينيڊا ۾ پناه حاصل ڪئي. سندس مڙس ايذاءَ گهر ۾ مارجي ويو. هو ڪينيڊا ۾ ٽيڪسي هلائي پنهنجو گذر بسر ڪري ٿي جتي سندس ملاقات هڪ آفريڪن آمريڪن فلڪيات جي ماهر سان ٿئي ٿي. هو ان سان شادي ڪري آمريڪا جي شهر ڪيليفورنيا ۾ هڪ وڏي گهر ۾ اچي رهي ٿي. پٽ

وڏو ٿي پائلٽ بڻجي ٿو ۽ ڊينمارڪ جي هڪ ايئر هوسٽس سان شادي ڪري ٿو. انهن ٻنهي کي هڪ ڌي مايا جمي ٿي پر ٻنهي ۾ عليحدگي ٿي وڃي ٿي ۽ زال اها ڌي اچي ڪيليفورنيا ۾ ڏاڏاڻن جي حوالي ڪري وڃي ٿي. پي جيئن ته پنهنجي نوڪري جي سلسلي ۾ ٻاهر ئي رهي ٿو ان ڪري ان ڌي کي ڏاڏو ۽ ڏاڏي ڏاڍي پيار ۽ قرب سان نپائين ٿا. مايا جو خاص طور پنهنجي ڏاڏا ۽ ڏاڏا جو ساڻس پيار هجي ٿو. هو اجا اسڪول ۾ ئي هجي ٿي ته سندس ڏاڏا جو انتقال ٿي وڃي ٿو. ان جو مايا ۽ سندس ڏاڏي تي نهايت خراب اثر پئي ٿو. مايا ڏوه ۽ نشي ۾ پئجي وڃي ٿي. نشي ۾ هڪ ڪار سان حادثي ڪانپوء عدالت پاران کيس گهٽ عمر هئڻ جي ڪري بحالي مرڪز موڪليو وڃي ٿو پر ڪجهه وقت ڪانپوء هو اتان ڀڄي وڃي ٿي. ٽرڪ ڊرائيورن ۽ ٻين مختلف هٿن مان ٿيندي هو هڪ منشيات فروش جي هٿ اچي ٿي جيڪو ڪانئس هوٽلن ۽ ٻين مختلف جاين تي منشيات جي فراهمي جو ڪم وٺي ٿو. ان سان گڏوگڏ هو پنهنجي پياء سان گڏجي نقلي نوٽن جي ڇاپڻ وغيره جو ڪم پڻ ڪري ٿو.

ننڍي رقم وارن نقلي نوٽن جي جاچ گهٽ ٿيندي آهي، ان ڪري انهن جو هلڻ سولو هوندو آهي. ٻي ڳالهه ته اهي ڏوهاري مافيا ۽ منشيات فروشن کي ڏورانهن علائقن ۽ پرڏيه ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن جيڪي انهن کي اصلوڪن نوٽن سان گڏي هلائي ڇڏيندا آهن. اهڙي ريت ڏوهارين جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گرفت ۾ اچڻ جو امڪان گهٽ هوندو آهي. پر جڏهين اهي نوٽ ڇاپيندڙ آدم ٽريور پنهنجي پياء منشيات فروش بريندن ليمين کي اهي نوٽ ڏنا ته هن انهن اصولن جو خيال نه ڪيو ۽ نه رکيو انهن کي پنهنجي شهر لاس ويگاس ۾ هلايو پر ساڳي وقت پوليس کي رشوت به انهن ئي نوٽن ۾ ڏني. سندس پنهنجن ٻن گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين سان اختلاف ٿين ٿا ۽ هو انهن کي رستي تان هٽائڻ لاء پوليس کي جيڪا رقم ڏئي ٿو اها به انهن نقلي نوٽن ۾ هجي ٿي. نتيجي ۾ اهو پوليس وارو بجائي انهن کي مارڻ جي انهن کي ان رٿا کان آگاه ڪري ٿو جيڪي پاڻ رٿا ناهي کيس ماري ڇڏين ٿا. ان کان اڳ هن مايا سان گڏجي هڪ وڏي رقم هڪ جاء تي لڪائي هئي. هوِ کيس هڪ ڪوڊ ڏئي ٿو ته هو سندس پياء کي ان کان آگاه ڪري. هو کيس ٻڌائي ٿو ته هو پنهنجي پياء جي خاندان سان گڏ برازيل هليو ويندو ۽ هو به ساڻن گڏ هلي پر مايا ان کان انڪار ڪري ٿي.

بريندن ليمين جي مارجڻ ڪانپوء اهي به ڄڻا ۽ پوليس وارو ارانا مايا جي ڳولها ڪن ٿا. ڪين اها پڪ هئي ته مايا کي اها خبر هئي ته نقلي نوٽ ڪٿي لڪل هئا. ليمين سان گڏ ڪم ڪندڙ مايا جو دوست فريڊي کيس ان کان آگاه ڪري ٿو ۽ هو جم مان، جتي نوٽ لڪائڻ ڪانپوء واپسي تي ليمين کيس ڇڏيو هو، ڀڄي نڪري ٿي. ان ڪانپوء هو جڻ عذاب ۾ اچي وڃي ٿي. ڪاڏي کان وڏيڪ پنهنجي نشي جي ضرورت کي پورو ڪرڻ لاء هو چوري به ڪري ٿي ۽ پنهنجو جسم به وڪڻي ٿي. هڪ ڀيري ارانا کيس چوري ڪندي پڪڙي ٿو. هو کيس جيل ۾ بند نه ٿو ڪري پر ڪارائي پياري کيس اعتماد ۾ وٺي ٿو ۽ ساڳي وقت بريڊن ليمين جي قاتلن کي سندس ڏس پتو به ڏئي ٿو جيڪي اچي کيس ڪٽي وجن ٿا ۽ متس نوٽن جي لڪائڻ واري جاء جو ڏس پتو ٻڌائڻ لاء تشدد ڪن ٿا. پر هو ان وقت ڪين ڪجهه نه ٿي ٻڌائي. انهن جي ڪجهه دير لاء ٻاهر وڃڻ مهل فريڊي اچي کيس آزاد ڪري ٿو ۽ کيس اهڙين راهبائن جي گهر وٺي وڃي ٿو جيڪي سندس سار سنڀال ڪن ٿيون ۽ جڏهين سندس حالت ڪجهه بهتر ٿئي ٿي ته هو ڪين ڪيليفورنيا ۾ پنهنجي ڏاڏي کي فون ڪرڻ لاء چئي ٿي.

پنهنجي ڏاڏي کي هو نوٽن وغيره جي لڪائڻ جي جاءِ ۽ ڪوڊ متعلق ٻڌائي ٿي. هو سمجهن ٿا ته نقلي نوٽن ڇاپڻ ۽ انهن کي هلائڻ جي سزا قتل کان به ڳري آهي ۽ جيڪڏهين مايا ان ڏوهه ۾ گرفتار ٿئي ٿي ته سندس سڄي ڄمار جيل ۾ ئي گذري ويندي. هو اتان نوٽ ۽ نوٽ ڇاپڻ جي مشين ڪڍن ٿا ۽ ڪيليفورنيا ويندي وات تي رڻ پٽ ۾ اهي نوٽ ڪڍ ڪوٽي ان ۾ ساڙي ڇڏين ٿا جڏهين ته مشين کي سمنڊ جي تر ۾ اڇلائي ڇڏين ٿا.

مايا جي ڏاڏي ان ڳالهه کي سمجهي ٿي ته هڪ پاسي مايا کي ڏوهاري مافيا کان خطرو هو ته ٻئي پاسي پوليس ۽ ايف بي آئي به سندس ڪڍ لڳي سگهي ٿي. هو سندس بحالي جي پروگرام جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اهو بهتر سمجهي ٿي ته ڪيس کنهن اهڙي جاءِ تي موڪلجي جتي هو انهن ٻنهي کان محفوظ رهي. ان لاءِ ڪيس پنهنجي ملڪ چلي، جتي هو ٽيهه سالن کان نه ويئي هئي، جي هڪ ننڍڙي ٻيٽ چلوئي جو خيال اچي ٿو جتي سندس هڪ دوست مينوئل آريس رهيل هو.

اهو هڪ ڪنڊ پاسي چلي جو هڪ غير معروف اٽڪل ٽي سو ماڻهن جي آبادي وارو ننڍڙو ٻيٽ هجي ٿو. هڪ ته ناديا جو مينوئل سان پيار جو ناتو هجي ٿو ۽ ٻيو هو سندس مڙس سان ٽارچر ڪئمپ ۾ گڏ هو. جيل ۽ ٽارچر ڪئمپ ۾ رهڻ ڪانپوءِ ڪيس ان ٻيٽ تي موڪليو ويو هو جتي پنهنجي سزا جو مدو گذارڻ ڪانپوءِ هو آسٽريليا هليو ويو هو جتان موٽڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي مرضي سان ان ٻيٽ تي رهيل هو. هو هتي علائقي جي لوڪ ڪٿائن ۽ روايتن وغيره تي ڪتاب لکي رهيو هو جنهن ۾ هاڻي مايا به سندس مدد ڪري رهي هئي. هن کي مٿي ۾ ڦرڙي هئي ۽ اهو خدشو هو ته اها ڪنهن وقت به ڦاٽي سگهي ٿي ۽ سندس موت واقع ٿي سگهي ٿو.

مايا کي هتي موڪلڻ کان اڳ سختي سان ٽيليفون، سوشل ميڊيا ۽ اي ميل وغيره کان پري رهڻ جي تاڪيد ڪئي وڃي ٿي ته جيئن مافيا ۽ پوليس وغيره کي سندس ڏس پتو نه ملي. اهو سڄو ٻيٽ ڄڻ هڪ گهر مثل هو جتي گهرن جا دروازا کليل هوندا هئا ۽ ماڻهو ڪنهن هٻڪ ڪانسواءِ هڪٻئي جي گهرن مان شيون کڻي ويندا هئا ۽ پوءِ پاڻيئي واپس ڪري ويندا هئا ۽ عيوضي ۾ ڪا ٻي شي ڏيئي ويندا هئا. مايا کي بيخوابي جي شڪايت هجي ٿي. رات جو جاڳندي هو مينوئل کي ننڊ ۾ ڳالهائيندي ۽ رڙيون ڪندي ٻڌي ٿي. هو سمجهي ٿي ته سندس اندر ۾ ڪا پيڙا آهي پر هو ڪانئس پڇڻ جي همت نه ٿي ڪري. هو اهو سوچي ٿي ته اهو معلوم ڪجي ته نيٺ ان سڄي پيڙا جو ڪهڙو ڪارڻ هو. هڪ ڀيري جڏهين مينوئل پنهنجي علاج جي سلسلي ۾ سنتياگو وڃي ٿو ته هو به ساڻس گڏ وڃي ٿي. هو مختلف ماڻهن سان ملي اها جاچ ڪري ٿي ته نيٺ پنوشي جي دور ۾ ماڻهن سان ڇا وهيو واپريو هو. هو ان ٽارچر ڪئمپ ۾ وڃي ٿي جتي ميئوئل ۽ سندس ڏاڏي کي قيد ڪيو ويو هو. ان ٽارچر ڪئمپ کي هاڻي پارڪ ٺاهيو ويو هو. اتي محافظ ڪيس ٻڌائي ٿو ته قيدين کي ڪيئن ايذاءَ ڏنا ويندا هئا ۽ ڪيئن انهن جون ڪيڪون سڄي عمارت ۾ گونجنديون هيون. ڪيس تڏهين مينوئل جا ڊيڄاريندڙ خواب ۽ ننڊ ۾ رڙيون ڪرڻ سمجهه ۾ اچي ٿو. نفسيات دان اهو ٻڌائين ٿا ته انسان جي خراب ڏينهن جي يادگيرين کي ٿوري مدي ڪانپوءِ سندس ذهن بلاڪ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان ماڻهو کي به ياد نه هوندو آهي ته ساڻس ڇا ٿيو هو. چلوئي جي گرجا جو پادري، جيڪو پاڻ پنوشي جي ڏاڍ جو

شڪار رهيو هو، ڪيس اهڙن ماڻهن جا مثال ڏئي ٿو جن ڪيس ٽارچر وغيره جا داستان ٻڌايا هئا پر جڏهين هو ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ساڻن مليو هو ته ڪين ڪجهه به ياد نه هو.

ان دوران مايا کي اها خبر پيئي ٿي ته سندس اصل ڏاڏو مينوئل آهي جنهن جا سندس ڏاڏي ناديا سان ناتا رهيا هئا پر ان جو مٿس ڪو اثر نه ٿو ٿئي. ٻي ڳالهه ته سندس چلوئي ۾ آيل هڪ آمريڪي سياح سان محبت ٿئي ٿي جنهن سان هو ان جي واپس وڃڻ ڪانپوءِ فرضي نالي سان اي ميل وغيره ذريعي رابطو رکي ٿي. جيئن ته پوليس وارو ارانا سندس ڳولها ۾ هجي ٿو ان لکپڙه جي بنياد تي هو چلوئي پهچي ٿو. مايا اهو سمجهي ٿي ته اهو ليمين جي قاتلن سان شامل آهي ۽ ڪيس پوليس مان ڪرپشن وغيره جي ڪري ڪڍيو ويو آهي. ٻنهي جي ڇڪتاڻ ۾ هو ٽڪري تان ڪري پون ٿا جنهن ۾ مايا کي به ڌڪ لڳن ٿا ۽ ارانا سمنڊ ۾ لڙهي وڃي ٿو. ان کان اڳ ليمين جا قاتل جيڪي پڻ مايا جي ڳولها ۾ هجن ٿا ريگستان ۾ ڪار ۾ لڳل باهه ۾ سڙي مري وڃن ٿا.

هي ناول ساڳي وقت ان امتيازي ورتاءَ کي به ظاهر ڪري ٿو جيڪو آمريڪا ۾ خاص طور ڪارن سان روا رکيو وڃي ٿو جنهن جو اظهار ناديا جو ٻيو مڙس به ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت اهو نوجوان جنهن سان مايا محبت ڪري ٿي ۽ جيڪو هڪ گڏيل نسل جي ماءُ پيءُ جي اولاد هجي ٿو پڻ ڪري ٿو.

اهو ناول چلي ۽ آمريڪي سماج جي گهٽن پاسن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

# اورنگزيب ۽ مغل سلطنت جو زوال

مغل بادشاه اورنگزيب عالمگير متعلق هڪ طئي ٿيل رايواهو آهي ته هن هندوستان ۾ مذهبي تفرقي کي وڌايو، هندن تي ظلم ڪيا ۽ مندرن کي تباه ڪيو جيڪا ڳالهه نيٺ مغل سلطنت جي وڪرجڻ ۽ آخري نتيجي ۾ نندي ڪنڊ جي ورهاڱي جي صورت ۾ ظاهر ٿي. نهرو پنهنجي ڪتاب ڊسڪوري آف انڊيا ۾ اورنگزيب متعلق چئي ٿو ته عظيم مغل چوائيندڙن مان آخري بادشاه اورنگزيب گهڙيال کي پوئتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ هن ان کي ٻيهاري ۽ ٽوڙي ڇڏيو.

تازو اورنگزيب جي حوالي سان ليکڪا AUDREY TRUSCHKE جو ڇپيل هڪ نئون ڪتاب ’AURANGZEB- THE MAN AND THE MYTH‘ ان سڄي ڳالهه کي هڪ نئين طريقي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش آهي. سندس چوڻ آهي ته اورنگزيب کي جديد دور جي جمهوريت، انساني حقن ۽ مذهبي رواداري وغيره جي معيارن تي پرکڻ بجائي اهو ضروري آهي ته ڪيس پنهنجي دور جي معيارن ۽ مغل روايتن وغيره جي حوالي سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. اورنگزيب تي پنهنجن ڀائرن کي قتل ڪرڻ ۽ پنهنجي پيءُ کي قيد ڪرڻ جو الزام آهي. ڏٺو وڃي ته اها وچ ايشيا جي حڪمرانن جي هڪ روايت هئي ته خاندان ۾ جيڪي به مڙد هوندا اهي تخت جي وراثت واري ڊوڙ ۾ شامل هوندا جڏهين ته اڪبر ان کي رڳو پٽن تائين محدود ڪيو پر اهو به رڳو وڏي پٽ لاءِ نه پر سيني پٽن لاءِ هو. ان حوالي سان جيستائين وراثت جي ڊوڙ ۾ شامل ڀائرن کي قتل ڪرڻ جو سوال آهي ته اها روايت مغلن ۾ شروع کان رهندي اچي. شاهجان پنهنجن ڀائرن خسرو ۽ شهريار کي قتل ڪرايو جڏهين ته اهي ساڳيون ڳالههيون جهانگير ۽ همايون لاءِ به ڪيون وڃن ٿيون. چيو وڃي ٿو ته جڏهين دارا شڪوه کي قتل ڪرڻ کان اڳ اورنگزيب جي سامهون آندو ويو ته هن ڪانئس پڇيو ته فرض ڪر ته اسان ٻنهي جو ڪردار بدليل هجي ها ته تون مون سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرين ها ته دارا، جنهن کي پنهنجو انجام سجهيو پئي، ڪيس جواب ڏنو هو ته آئون تنهنجا چار ٽڪر ڪري دهلي جي چئني دروازن تي ٽنگي ڇڏيان ها. جڏهين ته دارا کي قتل ڪرڻ کان پوءِ سندس مڙه کي همايون جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. جيستائين پنهنجي پيءُ شاهجان کي قيد ڪرڻ جو سوال هو ته ان ڳالهه کي روايتن جي ابتڙ ۽ غير مذهبي ڪري ليکيو ويو.ان ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ تي هن پنهنجي وڏي قاضي کي پنهنجي عهدي تان هٽائي حج تي موڪلي ڇڏيو ته ترڪي جي حڪمران ۽ شريف مڪي پاران اوستائين جيستائين شاهجان حيات هو اورنگزيب کي هڪ غاصب حڪمران سمجهي ان جي حڪومت کي تسليم نه ڪيو ويو. چيو وڃي ٿو ته اهو ڏوه ۽ گناه جو احساس مرڻ گهڙي تائين اورنگزيب سان رهيو.

پنهنجي شروعاتي زندگي ۾ اورنگزيب موسيقي جو شوقين رهيو هو. پنهنجي جواني ۾ هو ناچڻي ۽ ڳائڻي هيرا ٻائي جي عشق ۾ ونجي ويو هو ۽ ان لاءِ پنهنجو سيڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو پر هيرا ٻائي سال جي اندر گذاري ويئي. پوءِ هن اهي شوق ختم ڪري ڇڏيا. مذهب سان سندس

واسطو اوستائين هو جيستائين اهو سندس حڪمراني ۽ دنياوي معاملن ۾ رڪاوٽ نہ ٿي بڻيو. اهڙا گهڻا مثال آهن جتي هن پنهنجي سياست ۽ حڪمراني کي اوليت ڏيندي مذهبي احڪامن کي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. بخارا جي هڪ مسلم، جيڪو 1680 جي ڏهاڪي جي آخر ڌاري مغلن جي نوڪري ۾ آيو هو، بادشاه کي درخواست ڏني تہ دربار ۾ موجود ايراني جيئن تہ سني نہ پر شيعہ هئا ان ڪري انهن کي ترقيون نہ ڏنيون وڃن. ان تي بادشاه کيس جواب ڏنو تہ دنياوي معاملن جو مذهب سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ۽ انتظامي معاملن کي تفرقي بازي ۾ مداخلت نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اوهان لاءِ اوهان جو دين آهي ۽ منهنجي لاءِ منهنجو.

اورنگزيب کان اڳ مغل انتظاميا ۾ هندن جو تناسب ٻاويهہ سيڪڙو هو جيڪو سندس اقتدار جي پهرئين ڏهاڪي ۾ گهٽجي ايڪويہ سيڪڙو تي ويو پر پوءِ وارن سالن ۾ اهو وڌي ايڪٽيهہ سيڪڙو تي ويوهو. جيستائين مندرن کي ڊاهڻ جو سوال آهي تہ سڄي هندوستان ۾ ان وقت بہ هزارين مندر هئا جڏهين تہ اورنگزيب جي ڊاٿل مندرن جو تعداد مشڪل سان ڪجهہ درجنن ۾ آهي. بنارس ۽ ماٿورا ۾ مندرن کي ڊاهڻ جو ڪارڻ بنيادي طور سياسي هو. ڇاڪاڻ تہ اورنگزيب کي اهو شڪ هو تہ هتي سندس حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ سازشون ٿيون هيون. ساڳي ريت سندس اهڙن ڪجهہ حڪمن تي عمل بہ نہ ٿيندو هو ۽ جنهن جي ڪيس ڄاڻ بہ نہ پوندي هئي جيئن سومنات جي سلسلي ۾ ٿيو. ان مندر کي اورنگزيب پاران ڊاهڻ جو حڪم ڏنو ويو هو پر ان کي نہ ڊاٿو ويو ۽ اهو پنهنجي جاءِ تي موجود رهيو. جيستائين هولي جي ڏڻ تي جشن ملهائڻ تي پابندي وجهڻ جو سوال هو تہ هن ساڳي وقت عيد ۽ محرم وغيره جي جلوسن تي بہ پابنديون مڙهيون هيون. مذهبي کان وڌيڪ ان جو هڪ ڪارڻ اهو هو تہ انهن موقعن تي مختلف هٿيار بند گروه شهرن ۾ اچي پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪندا هئا جنهن جي ڪري گهڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو هو..

ڏکڻ هندوستان کي فتح ڪرڻ ۽ پنهنجي سلطنت جو حصو ناهڻ هميشہ کان مغلن جو خواب رهيو هو جنهن کي اورنگزيب اچي پورو ڪيو. هن پنهنجي حڪمراني جي ڪجهہ سالن ڪانپوءِ ئي دهلي کي ڇڏي ڏکڻ کي ئي پنهنجو مرڪز ناهيو ۽ پنهنجي حڪمراني جو باقي عرصو هتي ئي جنگن ۽ مختلف علائقن کي فتح ڪندي گذاريو. سندس ان قدم دهلي کي بلڪل ويران ڪري ڇڏيو. ان جي شان ۽ شوڪت ختم ٿي ويئي ۽ آبادي گهٽجي ويئي. هتي اورنگزيب جي سياست جي مذهب کان مٿانهين هئڻ جو ثبوت ان ڳالهہ مان بہ ملي ٿو تہ گولڪنده ۽ بيجا پور ڏکڻ جون ٻہ اهم مسلم رياستون هيون پر اورنگزيب انهن کي ڪابہ رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ ڊگهن محاصرن ۽ جنگين کان پوءِ نيٺ انهن کي آڻ مڃڻ تي مجبور ڪيائين.

اورنگزيب اٽڪل اوڻونجاه سال هندوستان تي حڪومت ڪئي جيڪو ڪانئس اڳ آيل ڪنهن بہ مغل باسشاه کان وڌيڪ عرصو آهي. اڄ جو اٽڪل سڄو انډو پاڪ سندس سلطنت جو حصو هو.پر ان سڄي عرصي ۾ کيس سڪون ۽ آرام جو هڪ لمحو بہ نصيب نہ ٿيو. اهو سڄو وقت هن خاص طور ڏکڻ ۾ جنگين ۽ مرهٽن ۽ ٻين مختلف گروهن سان وڙهندي گذاريو. پنهنجي آخري عمر ۾ کيس ان ڳالهہ جو احساس هو ۽ مختلف ماڻهن ڏانهن لکيل خطن ۾ هو ان ڳالهه جو اظهار ڪندو هو

تہ هن پنهنجي سڄي زندگي ضائع ڪئي هئي ۽ پنهنجي مالڪ ڏانهن هو هڪ اجنبي جي صورت ۾ نيٺ کهڙو منهن ڪڍي ويندو.

1707 عيسوي ۾ اورنگزيب جي وفات کان پوءِ مغل سلطنت وکرجڻ شروع ٿي ويئي. هڪ پاسي معمول موجب تخت لاءِ شهزادن ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي ويئي ۽ ٻئي پاسي مرهٽن ۽ ٻين مختلف سردارن پنهنجي خودمختياري جو اعلان ڪري ڇڏيو. شهزادن مان ڪنهن ۾ بہ ايتري اهليت نہ هئي تہ هو ان عظيم سلطنت جي بار کي کڻي سگهي. اورنگزيب جي وفات کانپوءِ تيرنهن سالن ۾ پنج بادشاہ تخت تي وينا جڏهين تہ کانئس اڳ جي چار بادشاهن ڏيڍ سو سال حڪومت ڪئي هئي. ان جو هڪ ڪارڻ تہ اهو هو تہ سلطنت جي گهڻي ڦهلاءَ، لاڳيتي جنگين ۽ بادشاہ جي وڏي عمر جي ڪري ڪامورا ۽ سردار وڌيڪ مضبوط ٿي ويا هئا ۽ خزانو خالي ٿي ويو هو. ٻي اهم ڳالهہ اها هئي تہ اورنگزيب پنهنجن پٽن جي نہ آئندي جي بادشاهن طور تربيت ڪئي هئي ۽ نہ ئي انهن کي جوڳي اهميت ڏني هئي. بلڪ پٽن جي بجائي هو پوٽن کي وڌيڪ اهميت ڏيندو هو. ائين بہ ٿيندو هو تہ سندس حڪم تي يا ان کانسواءِ ئي فوجي سردار شهزادن کي گرفتار ڪندا هئا ۽ انهن کي بيعزت ڪندا هئا.

ايران جي نادر شاہ جي ان سڄي صورتحال مان فائدو حاصل ڪرڻ ، ڪيترن ڏينهن تائين دهلي جي ڦرمار ڪرڻ ۽ محمد شاہ کي هڪ يرغمالي طور رکڻ وغيرہ باقي ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي. اورنگزيب جي وفات جي پنجاہ سالن جي اندر مغل سلطنت جو جاہ و جلال ختم ٿي ويو ۽ 1750 کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني اڳ ۾ ئي ڪمزور ٿيل مغلن کي سندن بادشاهت جي باقي رهيل سهيل نشانين جهڙوڪ زمينن جي ملڪيت، فوج ۽ ڊل گڏ ڪرڻ جي اهليت کان بہ آهستي آهستي محروم ڪرڻ شروع ڪيو. نوبت ايستائين اچي پهتي تہ اڪبرشاہ ٻيون جڻ تہ هڪ جيئرو عجائب گهر بڻجي ويو جيڪو پرڏيهي ملاقاتين کان ملڻ جا پئسا وٺندو هو تہ جيئن سندس گذر بسر ٿي سگهي. نيٺ 1857 جي جنگ آزادي کان پوءِ انگريزن ان سڄي معاملي کي ختم ڪري آخري نالي ماتر بادشاہ بهادر شاہ ظفر کي برما جلاوطن ڪري ڇڏيو.

جيتوڻيڪ اورنگزيب مرڻ کان پوءِ پنهنجي لاءِ ڪنهن وڏي مقبري ۽ جاہ و جلال کي پسند نہ ڪيو ۽ هڪ صوفي جي مزار ۾ معمولي قبر ۾ دفن ٿيو پر ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سندس پاليسين جي ڪري عظيم مغل سلطنت ٿوري ئي وقت ۾ وکرجي ويئي ۽ ان جا بادشاہ جڻ محتاج ۽ فقير بڻجي ويا.

# ڪتاب ڪهاڻيون ڪردار

آئون سمجهان ٿو ته جيڪڏهين منهنجو واسطو ڪراچي سنگت سان نه هجي ها ته سنڌ جي گهڻن اديبن، ليکڪن ۽ ٻين ماڻهن، جن سان منهنجي اڄ واقفيت ۽ دوستي آهي، اها شايد نه هجي ها ۽ آئون سنڌ جي ادبي وايو منڊل کان ڪٽيل هجان ها. سنگت سڄي سنڌ جي اديبن ۽ ٻين سڄاڻ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي. جيڪڏهين هفتيوار گڏجاڻي واري ڏينهن ڪراچي کان ٻاهر جو ڪو به سنڌي اديب ڪراچي ۾ هوندو هو ته هو گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو هو ته جيئن نه رڳو سنگت جي دوستن سان ملاقات ٿي سگهي پر ساڳي وقت گڏجاڻي ۾ ٿيندڙ بحث مباحثي مان پڻ لاڀ حاصل ڪري سگهجي. مختلف سياسي ۽ نظرياتي اختلاف ان گڏيل عمل ۾ ڪنهن رڪاوٽ جو باعث نه ٿيندا هئا. اهي گڏجاڻيون هڪ لحاظ کان ذهني اوسر جو ذريعو هونديون هيون.

گهڻا نوجوان جيڪي هونئن ئي پنهنجي ليکي ادبي ۽ سياسي طور سرگرم هئا ان سٿ ۾ شامل ٿيا. انهن ۾ هڪ اهم نالو منوج ڪمار جو آهي. منوج ڪجهه عرصو ڪراچي ۾ رهڻ کان پوء هالا هليو ويو پر گڏيل دوستن وسيلي سندس خبر چار ملندي رهندي آهي. گهڻن لاء سياسي سرگرمين جي ختم ٿيڻ کانپوء پنهنجي شخصيت جي توازن کي برقرار رکڻ جو واحد ذريعو ڪتاب ۽ لکڻ پڙهڻ جو عمل هو. ساڳي ريت منوج به اها ئي واٽ اختيار ڪئي هئي. ڪتاب وٺڻ، پڙهڻ ۽ انهن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ اڄا تائين سندس اهم سرگرمي رهندي آئي آهي. مون سندس ڪتابن مان ان نموني فائدو حاصل ڪيو هو ته جڏهين سنڌي ادبي بورڊ پاران مون کي ڊاڪٽر زواگو جي ترجمي جو ڪم ڏنو ويو ته مون کي ان ناول جو انگريزي ايڊيشن منوج کان ئي ملي سگهيو هو.

منوج اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪالم ۽ مضمون وغيره لکندو رهيو آهي. هاڻي انهن جي چونڊ کي هن ڪتابي صورت ۾ ڪتاب، ڪهاڻيون ڪردار جي نالي سان ڇپائي سامهون آندو آهي. ان ڪتاب ۾ ايڪونجاهه مضمون شامل آهن جن کي هن موضوع جي حوالي سان ٽن حصن ڪردار، ادب ۽ ٻولي ۽ سماج، تاريخ ۽ ماحوليات ۾ ورهايو آهي. ائين ڪٿي ڇئجي ته ٻيجا نه ٿيندو ته اهو ليکڪ جي مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي. مختلف ڪارٽن جي ڪري هو سياسي تجزين کان پري رهيو آهي. پهريون ۽ ٻيون حصو سنڌي ۽ پرڏيهي ادب، اديبن ۽ ٻولي جي معاملن سان لاڳاپيل آهي.هو سنڌي پڙهندڙن کي پرڏيهي اديبن جي ڪجهه اهم نالن جهڙوڪ اسٽيفن زويگ، جيمس جوائس، آرٿ بڪوالڊ ۽ خاص طورتي پولش صحافي ۽ ناول نگار ڪاپوشنسڪي جي شخصيت ۽ فن کان متعارف ڪرائي ٿو جڏهين ته پئبلو نرودا ۽ عمر خيام کان گهڻا سنڌي پڙهندڙ اڳ ئي واقف آهن. باب ڊئلن کي ادب جي نوبل انعام ملڻ تي سوال جيتوڻيڪ اهم آهي پر ساڳي وقت اها ڳالهه پڻ اهم آهي ته سندس شاعري ۽ موسيقي جنهن جو ماڻهن تي هڪ ديرپا اثر رهيو آهي ان کي کهڙي خاني ۾ وجهي سگهجي ٿو. هونئن به مختلف شعبن ۽ خاص طور تي ادب جي شعبي نوبل انعام ادب جي ٻين انعامن جي ڀيٽ ۾ گهڻي ڀاڱي متنازعه ئي رهندو آيو آهي. ان ڀاڱي ۾ اياز، حليم بروهي ۽ فيض تي به مضمون آهن. انهن لکڻين ۾ ليکڪ جو گهڻي ڀاڱي انهن سان هڪ عقيدت ۽ محبت جو اظهار آهي. خاص طور تي اياز ۽

حليم تي لکٽيون مٿن ٿيندڙ تنقيد جو ردعمل آهن. ليڪ جيڪڏهين پنهنجي جذباتي وابستگي کي پاسيرو رکي انهن ٻنهي جي ڪم ۽ شخصيت جو تنقيدي جائزو وٺي ها ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها.
آئون سمجهان ٿو ته ليڪ جي اها تجويز ته سنڌي ادبي سنگت کي رضاڪارانا طور ختم ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي فنڊز، پلاٽ ۽ سرڪاري گرانٽ وغيره کي سنڌ سائنس سوسائٽي کي اڳتي وڌائڻ لاء استعمال ڪرڻ گهرجي هڪ اهم تجويز آهي. سنگت کي هن وقت ذاتي ۽ سياسي مفادن لاء گهڻو استعمال ڪيو پيو وڃي. هيڊ آفيس جي تعمير جي سلسلي ۾ فنڊن تان جيڪا ڇنڊيا پٽ لڳي پيئي آهي ان سنگت جي ساک گهڻو نقصان پهچايو آهي. پر ڳالهه اها آهي ته اهي ماڻهو سنگت مان هٿ نه ڪيندا ۽ جيڪڏهين سائنس سوسائٽي يا ٻيو ڪو ادارو ناهڻو آهي ته ان جي لاء ڌار ڪوششون وٺڻيون پونديون.
ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي حوالي سان سندس ٻه مضمون هڪ محبوب شهر سان ٽٽندڙ رشتي جو داستان ۽ اندر جو شهر ۽ شهرن جا اندر متاثر ڪندڙ آهن. ڪٿي شهر جي ماڻهن کان وڌيڪ ان جون جايون، روڊ رستا ۽ ماحول اهم هوندو آهي ته ڪٿي شهر جا ماڻهو اتان جي سڃاڻپ هوندا آهن. ليڪ جو حيدرآباد سان هڪ جذباتي لڳاء ته آهي ۽ ان جي موجوده حالت ڪيس ڏکوئي به ٿي پر هو سمجهي ٿو ته سندس ذهني اوسر ۾ ڪراچي ۽ اتان جي دوستن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. هن حصي ۾ ماحوليات جي حوالي سان ٻه اهم مضمون سنڌ ۾ ماحولياتي قتل عام تي اسان جي لاپرواهي ۽ ڇا اسان ڌرتي کي قتل ڪري ڇڏينداسين هن ڪتاب ۾ شامل آهن. اهو موضوع پوري دنيا ۾ هن وقت بحث هيٺ آهي. اسان وٽ جيتوڻيڪ ان کي جوڳي اهميت نه ٿي ڏني وڃي پر ان جا اثر واضح طور اسان جي سماجي ۽ معاشي زندگي ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. جيسين متعلق مضمون ان لحاظ کان اهم آهي ته هن وقت ان ڳالهه تي گهڻا محقق متفق آهن ته انهن ماڻهن جا ابا ڏاڏا سنڌ مان ئي دنيا جي مختلف حصن ۽ يورپ ڏانهن ويا آهن.
جيڪڏهين اهو ڏسجي ته ڪتاب جو مرڪزي نڪتو ڇا آهي ته اهو رڳو سنڌ ۽ ان سان محبت آهي. سنڌي ماڻهن سان لاڳاپيل مختلف مسئلن کي ليڪ ان نڪته نظر کان ئي بحث هيٺ آندو آهي ته جيئن انهن کي حل ڪري سنڌي سماج جي حالت کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي. ان لحاظ کان مختلف مضمون بحث جي لاء هڪ بنياد فراهم ڪري سگهن ٿا.

# نئين دور جي محبت

ليکڪ سان ذاتي سڃاڻپ جيتوڻيڪ سندس لکڻين تي لکڻ ۾ مددگار ٿي سگھي ٿي پر ان کي آئون ان لاءِ لازمي ناهيان سمجھندو. ساڳي ريت منور سان بہ نہ منهنجي ملاقات آهي ۽ نہ ئي ذاتي واقفيت آهي. سندس پهريون ناول ڪاپي اک جو خواب مون پڙهيو هو. هي سندس ٻيون ناول آهي. ناول پڙهڻ کان اڳ ان جي ٽائيٽل سان مون کي اهو تاثر مليو ته اهو ڪراچي ۾ هاڪس بي جي سامونڊي ڪناري کان ٿورو اڳتي هڪ سامونڊي ٽڪري آهي جنهن ۾ سمنڊ جي ڇولين هڪ وڏو سوراخ ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري مقامي ماڻهو ان کي اک ڦاٽو چوندا آهن پر هوندئن ان جو نالو پيراڊائيز پوائنٽ آهي جتي گھڻا ماڻهو پڪنڪ ملهائڻ ۽ گھمڻ ڦرڻ وغيره جي لاءِ ويندا آهن جي حوالي سان آهي. پر ناول پڙهڻ ڪانپوءِ پتو پيو تہ اها ٻي جاءِ آهي جيڪا يونيورسٽي جي اندر ئي آهي.

سنڌ ۾ گڏيل تعليم جا ادارا خاص طور يونيورسٽيون ئي اهڙيون جايون آهن جتي ڇوڪرن ڇوڪرين جو آزادي سان ملڻ ممڪن ٿئي ٿو. ان حوالي سان ڪجھ عرصو اڳ کان ناولن لکڻ جو لاڙو پيدا ٿيو. شروع ۾ ناول پڙهندي مون کي ائين لڳو تہ اهو ناول بہ ان لاڙي جو ئي هڪ تسلسل آهي. پر اڳتي هلي اها خبر پئي تہ اهو ساڳي وقت ان جو تسلسل بہ آهي تہ ان کان گھڻين ڳالهين ۾ مختلف بہ آهي. پهرين ڳالهه تہ اهي ڪل وقتي شاگرد ناهن جن جو ڪم رڳو پڙهڻ ۽ محبت ڪرڻ آهي. پر انهن جي لاءِ دنيا ۾ ٻيا بہ غم هجن ٿا. اهي ڏينهن ۾ مختلف نوڪريون ڪن ٿا ۽ شام ۾ ايم بي اي جا ڪلاس اٽينڊ ڪن ٿا. اهي مختلف سماجي، معاشي ۽ لساني پسمنظر رکندڙ شاگرد آهن. جيتوڻيڪ اهو واضح نہ ٿو ڪيو وڃي پر اها خبر پئي ٿي تہ اها ڪنهن ننڍي شهر جي سرڪاري يونيورسٽي آهي.

ناول جا مرڪزي ڪردار هڪٻئي سان پيار ڪندڙ سرمد ۽ ساپيان آهن. سرمد هڪ شاعر جنهن کي سندس طبيعت سان اڻ نهڪندڙ ايم بي اي جا حسابي مضمون پڙهڻا پون ٿا. ساپيان جو سرمد جي شاعري ۽ اهڙي ريت سرمد جي ذات ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي.

هن ناول ۾ ڇمڙا هڪ اهم سمبل آهي. خاص طور اداري جي سربراه ۽ سندس خوشامد ڪندڙ ٽولي جي حوالي سان جنهن جي ڪري يونيورسٽي جو سڄو ماحول بدبودار ٿي وڃي ٿو. اهي شاگردن تي ايستائين نظر رکن ٿا جو سرمد کي چيو وڃي ٿو تہ شاعري وغيره کي ڇڏ جنهن کي هتي وڏو صاحب پسند نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏي. ساڳي ريت وڏي صاحب ۽ سندس ٽولي جي هوندي خاص طور ڇوڪريون پاڻ کي محفوظ نٿيون سمجھن ۽ گھڻين کي پنهنجي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي وڃڻو پئي ٿو. ساڳي ريت استادن ۽ اداري جي ٻين ملازمن جي بيعزتي ڪئي وڃي ٿي ۽ سندن خودداري کي متاثر ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪري جيڪي ان ماحول مان نڪرڻ جا متحمل ٿي سگھن ٿا اهي هليا وڃن ٿا. استاد جي ان ڪردار ۽ يونيورسٽين جي ماحول جو ڪجھ ڏاڪا اڳ جڏهين اسان شاگرد هوندا هئاسين تہ ماڻهو تصور بہ ٿي ڪري سگھيو. ان وقت اهڙا ڪردار حقيقي طور ادارن ۾ موجود آهن جن متعلق گھڻيون خبرون اچن ٿيون ۽ جن واقعي ڇمڙن ۽ سندن ڦهلايل گند جيان انهن پوتر ادارن جي ماحول کي بدبودار ڪري ڇڏيو آهي.

ان سان گڏوگڏ ناول ۾ انساني ناتن ۾ جيڪا بي اعتباري ۽ ڇڪ ڏاهه هن سماج ۾ نظر اچي رهي آهي ان جا ڪجھ عڪس پڻ نظر اچن ٿا. پيار محبت ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ڪو مستقل ۽ اعتبار جوڳو ناتو ناهي رهيو ۽ اهو به ضروري ناهي ته ان جو انت شادي جي صورت ۾ ئي نڪري. امبرين جو ڪيس ان سلسلي ۾ ذڪر جوڳو آهي جيڪا هڪ سادڙي ڇوڪري مراد سان ڪجھ وقت گذاري ۽ سندس جذبن سان ڪيڏي کيس ڇڏي هڪ ٻئي وڏيڪ سمارٽ نوجوان جهانزيب جي ويجهو ٿي وڃي ٿي جيڪو به پوءِ کيس ڇڏي پنهنجي خاندان مان ئي شادي ڪري ٿو ۽ هو وائڙي ٿي گهمندي رهي ٿي. ايستائين ته اها ساڳي ڪيفيت سرمد ۽ ساپيان جي به آهي. هڪ ٻئي سان پيار جي دعوا ڪرڻ جي باوجود ساپيان ان جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪڏهين گمنام نمبر تان چند تان آيل ڇوڪري جي روپ ۾ سرمد جي اندر جو انت وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ته ڪڏهين سندس محبت کي آزمائڻ لاءِ ٻئي ڪنهن ڇوڪري جي ويجهو ٿئي ٿي. ڏنو وڃي ته محبت ته محبت ڪندڙن جي سڄي وجود ۽ انهن جي هر عمل مان ٻڪندي ۽ ظاهر ٿيندي آهي ۽ پنهنجي محبوب کي آزمائڻ ته جڻ سندس بيعزتي ڪرڻ مثل هوندو آهي. ساڳي وقت انهن ٻنهي جي وچ ۾ اها جذباتي وابستگي ئي پيدا نه ٿي سگهي هئي جيڪا ڪين ڏگهي عرصي تائين گڏ رکي سگهي. اها هڪ عجيب ڳالهه لڳي ٿي ته ٻيئي ڪنهن جي رڳو ائين چوڻ تي ته شاعر جذباتي ۽ موڊي هوندا آهن ۽ انهن جو عملي زندگي سان ايڏو واسطو نه هوندو آهي هڪٻئي سان پنهنجو ناتو ختم ڪري ڇڏين ٿا جڏهين ته ڏنو وڃي ته اهو ساڳيو شاعر ايم بي اي ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي پڙهائي سان ڪميٽڊ آهي جنهن جو مقصد ئي عملي زندگي ۾ پنهنجي لاءِ ڪو مقام حاصل ڪرڻ آهي.

هي ناول رڳو پريم ڪهاڻي ناهي. هي انهن ڪردارن جو ذڪر آهي جيڪي هن سماج ۾ سماجي ۽ نفسياتي طور مستحڪم ناهن ۽ پنهنجي لاءِ ڪو مقام حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. اهڙي دٻاءِ ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ اهي ڪڏهين ڪڏهين پنهنجو ذهني توازن وڃائي وڪرجي ويندا آهن. اهڙو هڪ ڪردار يونيورسٽي جي هڪ ذهين شاگرد صفدر علي جو آهي جيڪو پائرن جي ساٽس ۽ پنهنجي پي سان ورتاءَ جي ڪري پنهنجو ذهني توازن ۽ پنهنجي سمت وڃائي ويهي ٿو.

ناول جي هڪ خاص ڳالهه ليکڪ جو جمالياتي احساس آهي. شاعر ۽ اديب ته پنهنجين تخليقن سان بربٽ بيابانن ۾ بهارآڻي سگهندا آهن ۽ پڙهندڙ کي باقاعدي اهو محسوس ڪرائيندا آهن. ساڳي ريت هي ناول نگار به سنڌ جتي ماڻهو مينهن لاءِ سڪندا آهن اتي ان کي خاص طور تي پيراڊائيز پوائنٽ تي هڪ معمول بڻائي ڇڏي ٿو ۽ ان کي اهڙي ريت بيان ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان کي باقاعدي طور محسوس ڪري ٿو. وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ جڻ ان سڄي ماحول جو هڪ حصو آهن.

گمنام ليکڪ جنهن سان سرمد جي واقفيت لائبريري ۾ هڪ ڪتاب ذريعي ٿئي ٿي ان ناول جو هڪ اهم ڪردار آهي جنهن جي وسيلي هو پنهنجن خيالن ۽ جذبن کي هڪ سمت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ واٽ ڳولهي ٿو. آخر ۾ خبر پئي ٿي ته ان گمنام ليکڪ پنهنجي محبوبه جو جيڪو ڪردار تخليق ڪيو هو اهو حقيقي نه پر تصوراتي هو. گمنام ليکڪ جڻ هڪ لحاظ کان سرمد جي اندر ۾ وينل ئي هڪ شخص آهي جنهن جي وسيلي هو پنهنجن جذبن ۽ خيالن جو اظهار ڪري ٿو. ڇا ان مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته سرمد جو جيڪو پنهنجو محبوبه جو تصور آهي اهو به حقيقي کان وڌيڪ تصوراتي آهي.

# جنگ، جدوجهد ۽ آدرش

پاڪستان جي قبائلي علائقن کي آزاد علائقا ڪري ليکيو ويندو آهي جتي ملڪي قانون جي بجائي قبائل جوپنهنجو روايتي قانون، پختون والي، هلندو آهي. انهن علائقن متعلق اهو تاثر عام آهي تہ هتي غير قانوني هٿيارن، منشيات ۽ ٻين شين جو ڪاروبار عام جام ٿيندو آهي ۽ گهڻا ڏوهاري ملڪي قانون کان بچي هتي اچي پناه وٺندا آهن جيڪا ڳالهه پنهنجي ليکي هڪ حقيقت پڻ آهي ۽ مون پاڻ انهن مان گهڻين ڳالهين جو مشاهدو بہ ڪيو آهي. اهڙي ريت اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هتان جي ماڻهن جي زندگي آسان ۽ آزاد آهي ۽ مٿن رياست پاران ڪي خاص بندشون ناهن. پر حقيقت ۾ ائين ناهي. اهي علائقا گهڻي ڀاڱي افغانستان جي سرحد سان ڳنڍ آهن. انگريز پاران انهن کي افغانستان کان ڌار ڪرڻ ۽ هڪ بفر قائم ڪرڻ جو مقصد ئي پنهنجي هندوستان جي سلطنت کي روس ۽ اتر کان ايندڙ ٻين حملي آورن کان محفوظ ڪرڻ هو. ٻي ڳالهہ تہ جيئن انهن علائقن ۾ ٻاهرين مداخلت خلاف هڪ لاڳيتي مزاحمت موجود هئي ان ڪري هتي فوج جي مستقل موجودگي ۽ ان جو ضابطو رياست جي اشد ضرورت هئي. اهڙي ريت اهي علائقا جڻ تہ هڪ مستقل جنگ ۽ مزاحمت جي ڪيفيت ۾ رهندا آيا آهن. انگريز جي وڃڻ ڪانپوءِ ان جي وارث رياست پاڪستان ۾ بہ انهن علائقن جي ساڳي حيثيت رهي آهي ۽ ان ۾ ڪا تبديلي نہ اچي سگهي آهي.

اهي ماڻهو انتظامي ۽ سياسي لحاظ کان باقي ملڪ کان ڌار رهيا آهن. ووٽ ڏيڻ جو اختيار بہ ملڪن جي هڪ مراعات يافتا طبقي وٽ رهيو آهي ۽ عام ماڻهو کي رڳو هاڻي اهو حق ملي سگهيو آهي. اهڙي ريت سماجي لحاظ کان بہ انهن علائقن جي ماڻهن کي ڌار ۽ اوپرو ڪري ليکيو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو جن جي هٿ ۾ بندوق هجي ۽ جن کي گولي هلائڻ، ماڻهن کي اغواءِ ڪرڻ ۽ انهن کي مارڻ کانسواءِ ٻيو ڪم نہ هجي. جڏهين تہ حقيقت ۾ ائين ناهي. سندن ويجهي وڃڻ سان اها خبر پئي ٿي تہ اهي بہ اسان جهڙا ئي انسان آهن. ساڻن هر معاملي ۾ هڪ امتيازي سلوڪ روا رکيو ويو آهي. زندگي جون عام سهولتون جيڪي ملڪ جي ٻين ماڻهن لاءِ هڪ معمول جي ڳالهه آهن انهن ماڻهن لاءِ مراعات مثل آهن. افغان جنگ ۽ دهشت گردي خلاف جنگ ۾ اهو سوال وري وري سامهون آيوآهي تہ انهن علائقن ۾ دهشت گردي جو وڏو ڪارڻ انهن علائقن جي عام ماڻهن جون محروميون آهن جن هتي سڄي روايتي ڍانچي کي تهس نهس ڪري مقامي ۽ ٻاهرين ويڙهاڪن کي قدم ڄمائڻ جو موقعو ڏنو آهي. ان ڪري ان کي منهن ڏيڻ لاءِ انهن جي سماجي ۽ معاشي ترقي ضروري آهي. ان سلسلي ۾ مختلف ملڪن ۽ عالمي ادارن سان گڏجي مختلف رٿائون جوڙيون ويون آهن پر هن وقت سڄي علائقي ۾ عدم استحڪام جي جيڪا صورتحال آهي ان ۾ ان تي عملدرآمد هڪ ڏکي ڳالهہ آهي.

جنگ زده ماحول ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگي معمول موجب ۽ نارمل ناهي هوندي. جيڪڏهين اهو سو بہ سو سالن تي ڦهليل هڪ ڊگهو عرصو هجي ۽ ڪيترين نسلن رڳو هٿيارن، ويڙه، دشمن، سزائن، ڌارين سپاهين، شڪ ۽ نارمل زندگي جي ڳولا ۾ پنهنجي زندگي گذاري هجي، ٻاهرين دنيا سان سندن لاڳاپو نہ رڳو ڪٽيل هجي پر اتي سندن تصور هڪ ويڙهاڪ، دهشت گرد، وحشي ۽ سماج

دشمن جو هجي تہ ان زندگي جو ٻاهر وينل ماڻهو رڳو تصورئي ڪري سگهي ٿو. ڏنو وڃي تہ دنيا جي سيني عام ماڻهن جي ڏک سک ۽ خوشي ۽ غم جا جذبا ۽ احساس ساڳيا هوندا آهن پر منجهن سڌي رابطي نہ هئڻ ۽ مخصوص مفادن پاران سندن هڪ خاص تصوير پيش ڪرڻ ڪري ماڻهن ۾ نہ رڳو ويڇا پيدا ٿي پوندا آهن پر اهي جڻ اڻ ڏٺي هڪبئي جا دشمن ٿي پوندا آهن. اها ساڳي صورتحال قبائلي علائقن جي ماڻهن سان بہ آهي. اڳ انتظاميا جي اجازت سان ٻاهرئين ماڻهو جو انهن علائقن ۾ وڃڻ ۽ اتان جي ماڻهن سان ملڻ ڪنهن حد تائين ممڪن هو پر هن وقت جيڪا صورتحال آهي ان ۾ ان ڳالهہ جو امڪان نهايت گهٽ ۽ اٽڪل نہ هئڻ برابر آهي. اٽڪل ٽن ڏهاڪن کان افغانستان جي جيڪا صورتحال آهي ان هتان جي ماڻهن جي زندگي کي منتشر ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت اهي جڻ ٻن بلائن جي وات ۾ آهن. هڪ پاسي طالبان ۽ ٻيا مذهبي انتها پسند آهن جيڪي هڪ پاسي افغانستان ۾ پرڏيهي فوجن سان وڙهي رهيا آهن ۽ قبائلي علائقن کي پنهنجي پناهگاه طور استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ٻئي پاسي پاڪستان ۾ دهشت گرد ڪاروايون ڪري هتان جي عوام خلاف جنگ ۾ رڌل آهن. فوج پاران مختلف وقتن تي انهن خلاف آپريشن ٿيندا رهيا آهن. پر انهن ڪاروائن ۽ آپريشنن جو وڏو نقصان پڻ هتان جي عام ماڻهن کي ئي ڪڻڻو پوندو آهي جن جو انهن ڪاروائن سان پري جو بہ واسطو ناهي هوندو. اتر وزيرستان ۾ موجوده آپريشن ۽ ان جي نتيجي ۾ اٽڪل اٺ لک کن ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ در بدر ٿيڻ ان سلسلي ۾ ڪو پهريون واقعو ناهي. سوات کي سيٽلڊ ايريا هئڻ ڪري ڪٿي ان ۾ شامل نہ بہ ڪجي پوءِ بہ ان کان اڳ ڏکڻ وزيرستان ۽ ٻين قبائلي علائقن ۾ ساڳي نموني جي صورتحال پيش اچي چڪي آهي ۽ ماڻهن کي وڏي پئماني تي پنهنجن گهرن کي ڇڏڻو ۽ لڏ پلاڻ ڪرڻي پئي آهي. انهن حالتن ۾ سماجي المئي جي ڄاڻ ان وقت ئي پئجي سگهي ٿي جڏهين اهو ڏسجي تہ اتان جا ماڻهو ڪيئن زندگي گذاري رهيا آهن، سندن مسئلن جي نوعيت ڇا آهي ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان ۾ ڪهڙيون تبديليون اچي رهيون آهن.

جنگ جڻ سندن زندگي جي مختلف پاسن کي لڪائي ڇڏيو آهي ۽ ان تي حاوي ٿي ويئي آهي. ان سلسلي ۾ ادب جو هڪ اهم ڪردار آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ٻاهرين حقيقتن سان گڏوگڏ ماڻهن جي احساسن، جذبن ، خوشين ۽ ڏکن جي پڻ عڪاسي ڪري ٿو. پر ان سلسلي ۾ انهن علائقن جي زندگي ڏانهن گهٽ ئي ڌيان ڏنو ويو آهي. هتي اهڙا موضوع آهن جيڪي ملڪ جي ٻين حصن جي موضوعن کان مختلف آهن ۽ اهڙي ريت ليکڪ کي سندس لکڻين لاءِ هڪ وڏو ميدان مهيا ڪري ڏين ٿا.

دي شيڊو آف دي ڪريسنٽ مون فاطمہ ڀٽوجو پهريون ناول آهي. ان ناول جو مرڪز اتر وزيرستان جو شهر ميرعلي ۽ اتان جا ماڻهو آهن. اهڙو شهرجتي جي جبلن ۾ ٻيو ڪو گاه نہ ٿو ٿئي ۽ مذهب خودرو جهنگلي گلن وانگر شهرم گهڙي آيو آهي. اهڙو شهر جتي هر ڪنهن کي احتياط سان پنهنجي مسجد جي چونڊ ڪرڻي پئي ٿي ۽ گهر جا سڀ ڀاتي هڪ مسجد ۾ گڏ نماز ادا ڪرڻ جو جوکم نہ ٿا کڻي سگهن. ناول جو مرڪز عنايت محسود جو گهر آهي جتي هو پنهنجي زال زينب ۽ ٽن پٽن امان ارم، سڪندر ۽ حيات سان گڏ رهي ٿو. سڄو ناول ان تاثر تي ٻڌل آهي تہ مير علي جا رياست سان ناتا نارمل ناهن ۽ اهي پنهنجي ليکي هڪ آزاد زندگي گذارڻ چاهين ٿا جنهن جي لاءِ اهي نسلن کان جدوجهد ڪري ۽ قربانيون ڏيئي رهيا آهن. رياستي ادارن پاران ان کي سندن افغانستان سان گڏجڻ

جي خواهش ڪري ورتو وڃي ٿو پر ڪردارن پاران مير علي جي آزادي تي زور ڏيڻ ڪانسواءِ اهڙو ڪو اظهار نہ ٿو ڪيو وڃي. عنايت محسود ۽ سندس دوست گزن آفريدي ان سڄي جدوجهد جو حصو رهن ٿا ۽ پنهنجي جواني جبلن تي وڙهندي گذارين ٿا. گزن آفريدي اوچتو هڪ ڏينهن پنهنجي موٽر سائيڪل تي غائب ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ موٽي نہ ٿو. عنايت پنهنجي وڏي پٽ امان ارم، جيڪو هوئنئن ساٿس گهمڻ ڦرڻ ۽ سير سپاٽن وغيره جهڙين سرگرمين ۾ گڏ رهي ٿو، جي بجائي پنهنجي ننڍي پٽ حيات کي پنهنجي جدوجهد جو وارث سمجهي ٿو ۽ ان کي پنهنجي جدوجهد ۽ پنهنجي ماضي جو رازدان بڻائي ٿو. ٻئي پاسي گزن آفريدي جي غائب ٿيڻ ڪانپوءِ سندس ڏي سمارا سندس ورثي ۽ آدرشن کي سنڀالي ٿي ۽ ان جي امين بڻجي ٿي.

ان دوران مير علي جي زندگي ۽ ماحول ۾ گهڻيون تبديليون واقع ٿين ٿيون. خاص طور وزيرستان ۾ آپريشن جي ڪري مختلف علائقن جا ماڻهو لڏي اچي شهر جي پسگردائي ۾ جبلن تي رهن ٿا. جيئن تہ انهن ماڻهن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجھ نہ ٿو هجي ان ڪري انهن کي انهن ماڻهن سان شامل ٿيڻ ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿي ٿئي جيڪي جبلن ۾ رهن ٿا ۽ هڪ خاص مذهبي ايجنڊا تحت رياست خلاف وڙهي رهيا آهن. انهن ماڻهن جو مير علي جي زندگي ۽ ان جي طور طريقن تي اثر پوڻ هڪ لازمي عنصر ٿي پئي ٿو.

رياست پاران ماڻهن جي مزاحمت کي منهن ڏيڻ لاءِ طاقت سان گڏوگڏ لوڀ، لالچ ۽ ٻيا مختلف طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. اهو سڀڪجھ ميرعلي ۾ بہ ڪيو وڃي ٿو ۽ اتي ماڻهن جي مزاحمت ۽ جدوجهد کي طاقت وسيلي ضابطي ۾ رکڻ سان گڏوگڏ ٻيا مختلف  طريقا بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا تہ جيئن اها جدوجهد جيڪا ايستائين نسل در نسل منتقل ٿيندي آئي آهي ان کي ايندڙ نسل تائين منتقل ٿيڻ کان روڪي سگهجي يا ان کي مٺو ڪري بي اثر بڻائي ڇڏجي. رياست پاران ان عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هتان جي نوجوانن جي وڏي تعداد کي سرڪاري نوڪرين ۽ خاص طور تي فوج ۾ ڀرتي ڪيو وڃي ٿو. عنايت جو گهر ۽ ان جا پٽ جڻ انهن تبديلين جو هڪ نمونو آهن. امان ارم مير علي جي زندگي ۽ ان جي پابندين، اڌ رات جو گهرن تي ڇاپن، شهر ۾ جاءِ جاءِ تي چڪاسي ۽ جاسوسن جي نوس نوس مان بيزارآهي ۽ ڪنهن بہ ريت هتان نڪرڻ جي طريقن متعلق سوچي ٿو. سندس لاءِ ميرعلي لاءِ جدوجهد هڪ ثانوي شي آهي. هو ڪوشش ڪري آمريڪا ۾ ڪم ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ويزا حاصل ڪري ٿو پرمٽس شرط اهو ٿولاڳو ڪيو وڃي ٿہ هو ميرعلي جي ڪمانڊر، جيڪو ڪيس ويزا ڏيارڻ جي عمل ۾ شامل ٿو هجي، کي علائقي جي صورتحال کان آگاه ڪندو رهندو. آمريڪا پهچي هو نهايت پابندي ۽ فرمانبرداري سان اهو ڪم ڪري ٿو ۽ فون تي ڪيس پنهنجي گهر ۽ پنهنجي محبوبا سمارا کان جيڪا معلومات ملي ٿي اها ان مهل ئي ڪمانڊر تائين پهچائي ٿو. چاڪاڻ تہ ڪيس اها ڄاڻ ٿي هجي تہ ان سلسلي ۾ غفلت ڪندڙن کي نہ رڳو سندن سڄين نوڪرين تان محروم ٿيڻو پيو آهي پر ميرعلي موٽڻ تي سندن حياتي ايڏي ڏکي ٿي ويئي آهي جو نيٺ ڪين آپگهات ۾ ئي پناه ڳولهڻي پئي آهي. هو ان سلسلي ۾ پاڻ کي هر حد تائين وڃڻ لاءِ تيار سمجهي ٿو. ايستائين تہ جڏهين سندس محبوبا سمارا، جنهن کي هو روز آمريڪا مان فون ڪري ننڊ مان جاڳائيندو هو ۽ جنهن کي هو ڇئي ويو هو تہ آمريڪا سندس لاءِ وڃي رهيو هو، جڏهين ڪيس پنهنجي اغواءِ، ٽارچر ۽ بيعزتي متعلق ٻڌائي ٿي تہ هو نہ رڳو

فون بند ڪري ڇڏي ته پر آئنده سندس فون جو جواب ڏيڻ به گوارا نه ته ڪري. ان جي پيٽ ۾ حيات پنهنجي پيءُ ۽ ڪانئس اڳ جي نسلن جي يادگيرين جو وارث آهي. هو ميرعلي لاءِ ٿيندڙ جدوجهد جو هڪ حصو آهي. هو ئي هجي ته جيڪو سمارا کي سهارو ڏيئي کيس وري نه رڳو تحريڪ سان جوڙي پر ان جو اهم حصو بڻائي ته ۽ ايستائين ته کيس پاڻ به سمارا جي ماتحت ڪم ڪرڻ ۾ ڪو عار محسوس نه ٿو ٿئي. پر ڪي ڳالهيون اهڙيون ٿين ٿيون جيڪي کيس اڻ تڻ ۾ وجهي تحريڪ کان پري ٿيڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون. اسپتال تي ويڙهاڪن جي حملي ۾ سندس پائيٽو زالان مري وڃي ٿو جنهن جي ڪري سندس ياڄائي مينا نفسياتي مريض ٿي پئي ٿي ۽ کيس هر مارجي ويل شخص ۾ پنهنجو پٽ نظر اچي ٿو. ساڳي ريت اسڪول بس تي حملي ۾ ڪيئي ٻار مارجي وڃن ٿا. هو جڏهين پنهنجي تنظيم ۾ اهي سوال اٿاري ٿو ته کيس جواب ملي ٿو ته اها جنگ آهي ۽ ان ۾ سڀڪجهه جائز آهي. پر هو ان جواب سان مطمئن نه ٿو ٿئي ۽ سندس ذهن ۾ اڻ تڻ ۽ بيچيني رهي ٿي. ساڳي وقت جڏهين سندس پياءُ امان ارم آمريڪا مان موٽي ٿو ته سندس مقصد اهو ئي هجي ٿو ته پنهنجي خاندان ۽ خاص طور پنهنجن پائرن ۾ ميرعلي جي ماحول کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هڪ اتساه پيدا ڪجي. حيات اهو سوچڻ شروع ٿو ڪري ته جنهن ماضي لاءِ هو وڙهي رهيو آهي اها سندس پنهنجي چونڊ ناهي پراها مٿس مڙهي ويئي آهي ۽ کيس اهو موقعو نه ڏنو ويو ته هو پنهنجي مستقبل جي چونڊ ڪري سگهي ها. هو پنهنجي تنظيم جي ڪاروائين متعلق اڻ تڻ جو شڪار آهي.هڪ وڏي ڪاروائي، جنهن ۾ صوبي جي وڏي وزير کي نشانو بنائڻو آهي، جي رٿابندي وقت هو سمارا، جيڪا ان جي اڳواڻي ڪري رهي آهي، کي مختلف وقتن تي اهو چئي ان کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ان سان سڀڪجهه بدلجي ويندو. سندس مراد ان ڪاروائي ۾ شامل ماڻهن جي خاندانن سان هجي ٿي جن کي پوءِ ان ڪاروائي جي نتيجن کي ڀوڳڻو پوندو، تارچر سهڻو پوندو ۽ پنهنجن گهرن کي ڇڏڻو پوندو. پر هو سمارا، جنهن وٽ هڪ پيرو ٽارچر ۽ بيعزتي جي عمل مان گذرڻ کان پوءِ هاڻي وڃائڻ لاءِ ڪجهه به نه ٿو هجي ۽ جنهن جي لاءِ ست ڪلاڪ ٽارچر ڪئمپ ۾ گذارڻ ڪانپوءِ اتي وڌيڪ وقت گذارڻ به هاڻي ڪو مسئلو نه هجي، کي ڪنهن به ريت قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿو ٿئي. ڪاروائي جي عين وقت تي جڏهين آپگهاتي بمبار، ناصر، ٽي وي ڪئميرا مين جي ويس ۾ وڏي وزير جي انتهائي حفاظتي حصار ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ۽ کيس رڳو سمارا جي فون جو انتظار هجي ٿوته حيات پنهنجي ڀاءُ امان ارم سان گڏجي سمارا کي دوکي سان ڪرنل جي حوالي ڪري پاڻ غائب ٿي وڃي ٿو.

امان ارم ۽ حيات انهن تبديلين جا نمائندا آهن جيڪي رياست جي حڪمت عملي ۽ نين ايجادن جي ڪري واقع ٿي رهيون آهن. نئين نسل جا آدرش بدلجي ويا آهن ۽ اهي ناهن رهيا جيڪي سندن ابن ڏاڏن جا هئا ۽ اهي سون تي سيڻ مٿائڻ لاءِ تيار آهن. سمارا جڻ پراڻي نسل جي آخري باقيات ۽ انهن جي آدرش جي امين آهي. اها هڪ اهڙو آدرش آهي جنهن کي اهي بيئي پائر، جن جي لاءِ عملي زندگي ۽ سندن انفرادي مستقبل ئي سڀڪجهه آهي، گڏجي ختم ڪري ڇڏين ٿا.

آدرشن جو ختم ٿيڻ هونئن ئي اڄوڪي دور جو اهڙو الميو آهي جيڪو اٽڪل سڀني علائقن ۽ ملڪن جي ماڻهن سان لاڳاپيل آهي جنهن ماڻهن جي اجتماعي جدوجهد کي پسمنظر ۾ وجهي انفرادي

۽ ذاتي مقصدن کي اتم بڻائي ڇڏيو آهي. ناول ان ترئجدي تي ئي پورو ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙ کي سوچڻ لاء گهڻو ڪجهه ڏئي وڃي ٿو.

# ڪجهه ايران متعلق

آزادي موهاني هڪ ايراني آمريڪي صحافي آهي. ان جي ماءُ پيءُ گهڻو عرصو آمريڪا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ گذاريو هو ۽ 1979 جي انقلاب ڪانپوءِ انهن ملڪ ۾ سندن لاءِ حالتن جي ناسازگار هئڻ ڪري آمريڪا ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. پاڻ اتي ئي جائي نپني ۽ تعليم حاصل ڪيائين. هو لاس اينجلس ٽائمز ۽ ٽائم مئگزين سان لاڳاپيل رهي آهي. ايران سندس خاص موضوع رهيو آهي. سندس پهريون ڪتاب Lipstick Jihad: A Memoir of Growing up Iranian in America and American in Iran ۽ ٻيون ڪتاب Honeymoon in Tehran: Two years of Love and Danger in Iran آهي. اهي ٻيئي ڪتاب ايران ۾ اسلامي حڪومت جي دور ۾ جيڪي ڪجهه هن ڏٺو ۽ سندس ٻه پيرا اتي اچڻ دوران جيڪي تبديليون آيون ۽ ماڻهن خاص طور نوجوانن ان کي ڪهڙي ريت منهن ڏنو، ان متعلق آهن.

هن کي وچ اوڀر جي ملڪن جي رپورٽنگ ڪرڻ لاءِ ٽائم مئگزين پاران بيروت ۾ مقرر ڪيو ويو هو. 2005 ۾ ايران ۾ صدارتي چونڊن ٿيڻ وقت کيس اهو اسائنمنٽ ڏنو ويو ته هو اهو ڏسي ته ايران جا نوجوان ملڪ جي معاملن متعلق ڇا سوچين ٿا ۽ چونڊن ۾ انهن جو رويو ڇا هوندو. ان دوران صدر خاتمي هڪ سڌارن آڻڻ واري صدر طور ٻه ٽرم پورا ڪري چڪو هو. مهرآباد ايئرپورٽ تي لهڻ سان عملي جي ورتاءَ مان کيس لڳي ٿو ته صدر خاتمي جي دور ۾ ملڪ ۾ ڪجهه تبديلي واقع ٿي آهي.

ايران ۾ جيتوڻيڪ پرڏيهي صحافين جي ڪم کي ڏسڻ لاءِ پرڏيهي اطلاعات جو ڪاتو آهي پر اينٽيليجينس جي وزارت پاران خاص طور پرڏيهي صحافين ۽ سندن رپورٽنگ تي نظر رکي ويندي آهي. ان سلسلي ۾ ليکڪا سان جيڪو شخص لاڳاپي ۾ هو ان جو نالو وٺڻ جي بجائي هن ان کي مسٽر ايڪس جو نالو ڏنو آهي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به هو ته هن کيس سندس سڃاڻپ کي ظاهر ڪرڻ ۽ سندن ملاقاتن کي عام ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. ان جي باوجود هن نالي وٺڻ ڪانسواءِ پنهنجن ٻنهي ڪتابن ۾ ان جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. کيس ايران اچڻ سان ئي پهرين ان کي اطلاع ڏيڻي ۽ ملاقات ڪرڻي پوندي هئي. هو اها ۽ ان ڪانپوءِ ٿيندڙ ملاقاتون اهڙين جاين تي رکندو هو جيڪي ويران هجن ۽ جتي ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ نه هجي ته جيڪڏهين اتي ساڻس ڪجهه ٿئي به ته ان جي ڪنهن کي خبر نه پئي. کيس ان سان وقت بوقت ملاقات ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجين لکڻين متعلق مطلع ڪرڻ پوندو هو.

ليکڪا جو واسطو مٿئين وچولي طبقي سان آهي ۽ سندس واسطو به گهڻو ڪري ان ئي طبقي جي ماڻهن سان رهي ٿو. هو پاڻ ان ڳالهه کي محسوس به ڪري ٿي ته اهو طبقو ايران جي آبادي جو هڪ ننڍڙو حصو آهي ۽ سڄي ملڪ جي سياسي ۽ سماجي زندگي جي نمائندگي نه ٿو ڪري. ان ڪري هو هڪ پاسي مذهب ڏانهن لاڙو رکندڙ ماڻهن ۽ عالمن سان به وچڙ ۾ اچي ٿي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري ٿي ته ٻئي پاسي هيٺئين طبقي جي ماڻهن جهڙوڪ ٽئڪسي ڊرائيورن ۽ هوٽل جي بيرن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪري مختلف مسئلن تي سندن رايا معلوم ڪري ٿي. ڏنو وڃي ته هن ڪتاب ۾ ايران جي مختلف طبقن جي سماجي ۽ سياسي زندگي، سندن روين ۽ مسئلن کي تفصيل سان ڇنڊيو ويو آهي.

آمريڪا، يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ مختلف ملڪن جي Diaspora جو پنهنجي اصلوڪي ملڪ متعلق هڪ طئي ٿيل موقف ۽ ذهنيت هوندي آهي جيڪا سندن ملڪ ڇڏڻ وقت هئي. جيئن آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيوبا جي مهاجرن جي شروع کان اها خواهش رهي ته آمريڪا ڪيوبا تي حملو ڪري ڪاسترو جي حڪومت کي ختم ڪري ۽ آمريڪا پنهنجن مفادن کي نظر ۾ رکندي سندن سهائتا سان اهڙي ڪوشش به ڪئي پر ڪيس ان ۾ ڪاميابي نه ٿي. ساڳي ريت ليکڪا جو چوڻ آهي ته 1960 ۽ 1970 جي ڏهاڪن ۾ جن ايرانين آمريڪا ۾ وڃي مستقل رهائش اختيار ڪئي انهن جو به خاص طور 1979 ۾ انقلاب کانپوء ايران جي حوالي سان هڪ خاص موقف آهي. اهي حالتن کان ائين واقف ناهن جيئن ايران ۾ رهندڙ ماڻهو آهي. سندن ذهن ۾ اها ڳالهه آهي ته ايران ۾ هڪ مذهبي انتها پسند حڪومت آهي جنهن ملڪ ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جو هڪ نظام قائم ڪيو آهي ۽ ماڻهن جي لاء ڪنهن اختلاف وغيره رکڻ جي گنجائش ناهي. نوجوانن جي حڪومت مخالف مظاهرن مان انهن اهو نتيجو ڪڍيو ته آمريڪا جيڪڏهين حڪومت کي ختم ڪرڻ لاء ايران تي حملو ڪندو ته ايران جا ماڻهو گل ڪٽي سندن آڌرڀاء ڪندا. آمريڪي حڪومت کي جيئن عراق تي حملي وقت عراق جي ماڻهن متعلق اها غلط فهمي هئي تيئن انهن ايران متعلق به ائين ئي سمجهيو ٿي. پر ليکڪا ان ڳالهه کي رد ڪندي چئي ٿي ته ايران جي ماڻهن جا حڪومت سان پلي کهڙا به اختلاف هجن پر اهي قوم پرست ۽ محب وطن آهن ۽ ايران تي ڪنهن به ٻاهرين ڪاه ۽ قبضي کي برداشت نه ڪندا. هو لکي ٿي ته ايران اچڻ کان اڳ سندس به ذري گهٽ ساڳيا ئي خيال هئا پر جڏهين هن پاڻ سرزمين تي اچي صورتحال کي ڏٺو ته معاملو بلڪل مختلف هو. هن جڏهين پنهنجي ٽائم مئگزين جي رپورٽن ۾ اها ڳالهه لکي ته ايران ۾ مذهبي حڪومت هوندي به نظر نه ايندڙ ۽ نظر نه ايندڙ تبديلين جو هڪ عمل جاري آهي ته گهڻن آمريڪا ۾ رهندڙ ايرانين ڪيس نندڻ شروع ڪيو ۽ ايستائين ته ڪن سندس مائٽن کي به شڪايت ڪئي ته هو اهو ڇا پئي لکي. اها ساڳي ڳالهه 2013 ۾ سعودي عرب ۽ دبئي ۾ ڪجهه وقت رهڻ دوران مون به سنڌي Diaspora متعلق محسوس ڪئي هئي ۽ ان کي لکت ۾ به آندو هو. ايران ۾ جيتوڻيڪ مختلف معاملن متعلق سخت قانون موجود آهن پر حڪومت پاران انهن مان گهڻن تي سختي سان عمل نه ٿو ڪيو وڃي ۽ ماڻهو ائين هلن ٿا ڄڻ ته اهي قانون موجود ناهن. مقصد اهو آهي ته حڪومت تي ملڪ اندر ۽ ٻاهر جيڪو سياسي دٻاء موجود آهي ان کي ختم يا گهٽ ڪيو وڃي.

ڪجهه عرصو اڳ ئي ايران نوجوانن جي بيچيني جي اظهار ۽ مظاهرن مان گذريو هو. پر ليکڪا جڏهين پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي ۽ مختلف نوجوانن کان انٽرويو ڪرڻ شروع ڪيا ته ڪيس خبر پيئي ته گهڻا اهڙا سرگرم نوجوان جن احتجاجن ۽ مظاهرن ۾ حصو ورتو هو اهي هاڻي يا ته سياست کان لاتعلق ٿي ويا هئا يا ساڄي پاسي هليا ويا هئا. ان جو مک ڪارڻ اهو هو ته خاتمي مان ڪين جيڪي توقعات هيون اهي پوريون نه ٿي سگهيون هيون. منجهانئن گهڻن جو چوڻ هو ته اهي ايندڙ صدارتي چونڊن ۾ ووٽ نه ڏيندا جڏهين ته ڪجهه ڄڻن رفسنجاني جي حمايت ٿي ڪئي. بيروزگاري ۽ ماحول ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ جي ڪري نوجوانن جو لاڙو سياست کان وڌيڪ پنهنجي ڪيريئر کي ناهڻ ۽ يورپي ملڪن ۽ آمريڪا ڏانهن لڏڻ هو. ڏار گهر وٺڻ، زال ۽ ٻارن کي نه سنڀالي سگهڻ جي ڪري نوجوانن ۾ شادي جي سراسري عمر اٽڪل ٽيهه سال تي وڃي هئي. گهڻا اڪيلا نوجوان پنهنجي جنسي ضرورتن

ڪي پوري ڪرڻ لاءِ گڏجي فليٽ وغيره وٺندا هئا ۽ حڪومت پاران بہ ان ڪي نظر انداز ڪيو ويندو هو. اهو سڀڪجهہ ان جي باوجود هو تہ حڪومت پاران نوجوانن ڪي شادي لاءِ رعائتي قرض وغيره ڏيڻ جي اسڪيم پڻ شروع ڪئي ويئي هئي.

ايندڙ مضمونن ۾ ڪتاب ۾ زير بحث آيل مختلف پہلوئن تي پڻ روشني وڌي ويندي.

# احمدي نجاد جو ايران

احمدي نجاد جو صدارتي چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ ٻئي نمبر تي اچڻ آزادي موهاني لاء حيرت جو باعث هو. چونڊن کان ڪجهه ڏينهن اڳ هو تهران مان بيروت اچي ويئي هئي. ڪيس ان ڳالهه جو يقين هو تہ چونڊن ۾ رفسنجاني وڏي گهڻائي سان ڪٽندو جڏهين تہ احمدي نجاد ڪنهن ليکي ۾ ئي نہ هو. هو تهران جو ميئر رهي چڪو هو ۽ هڪ مذهبي بنياد پرست شخص طور ڄاتو ويندو هو.چونڊن کان اڳ وارن تجزين ۽ جائزن موجب هو ٻئين ڇا چوٿين پنجين نمبر تي مس هو. ان ڳالهه جي کوجنا ڪرڻ لاء هو تهران پهچي تي تہ ڇا ايران جي عوام جو لاڙو وڏيڪ ساڄي پاسي ٿي ويو هو. چونڊن جي ٻئي رائونڊ ۾ احمدي نجاد صدر چونڊجي وڃي ٿو. هو مختلف ماڻهن سان ڳالهه ٻولہ ۽ پنهنجي کوجنا دوران ان نتيجي تي پهچي ٿي تہ ان ۾ ملڪ جي مذهبي ايسٽيبلشمنٽ ۽ قم جي انتها پسند عالمن جو وڏو ڪردار هو جن کي اهڙو ماڻهو گهربل هو جيڪو سندن چئي ۾ هلي سگهي. رفسنجاني مان ڪين اها اميد نہ هئي جيڪو هڪ پراڻو تجربيڪار سياستدان ۽ اڳوڻو صدر هو ۽ سندس مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي معاملن تي پنهنجو هڪ نڪتہ نظر هو.

آزادي موهاني ان نتيجي تي پهچي ٿي تہ ان مقصد لاء باسج جي تنظيم کي استعمال ڪيو ويو هو. باسج جي اها تنظيم شروع ۾ ايران عراق جنگ جي دوران بارودي سرنگهن کي صاف ڪرڻ لاء پرتي ڪيل ننڍي عمر جي ڇوڪرن تي مشتمل هئي. ان ڪم ۾ انهن ٻارن جو مرڻ اٽڪل يقيني ڳالهه هئي. ليکڪا جو چوڻ آهي تہ انهن ٻارن جي هٿن ۾ پلاسٽڪ جون چاٻيون ڏنيون وينديون هيون. مطلب تہ مرڻ جي صورت ۾ اهي سڌو جنت ۾ ويندا. جنگ ختم ٿيڻ کانپوء ان تنظيم کي سول گارڊ جي صورت ڏني ويئي جنهن جو ڪم گهڻي ڀاڱي برائي کي روڪڻ ۽ چڱائي جي ترويج ڪرڻ ۽ خلاف ورزي ڪندڙن ۽ حڪومت جي هدايتن تي عمل نہ ڪندڙن کي سزائون ڏيڻ هو. اهي مختلف علائقن ۽ مسجدن وغيره ۾ مقرر هوندا آهن. ليکڪا کي پاڻ ايران ۾ رهڻ دوران ان جو نهايت خراب تجربو ٿيو هو. هڪ ڀيري اسڪارف مان مٿي جا ڪجهه وار ٻاهر هئڻ ڪري ڪيس مسجد مان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. ٻئي ڀيري هڪ مرد دوست سان گڏ هئڻ جي ڏوه ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ڪجهه وقت جيل ۾ گذارڻو پيو هو. ساڳي ريت هڪ ڀيري بغداد مان تهران ايندي ٽئڪسي جي پوئين سيٽ تي سمهي رهڻ جي ڪري ڪيس سرزنش ڪئي ويئي. اهي گهڻو ڪري ڏکڻ تهران، جتي گهٽ آمدني وارن ماڻهن جي گهڻائي آهي، ۾ وڌيڪ سرگرم آهن جڏهين تہ اتر تهران، جيڪو خوشحال ماڻهن جو علائقو آهي، ۾ سندن گهڻو عمل دخل ناهي پر اهي بہ پنهنجي لباس ۽ طور طريقن جي حوالي سان ڪانئن بچيل ناهن. نہ رڳو ان تنظيم کي احمدي نجاد کي ووٽ ڏيڻ لاء متحرڪ ڪيو ويو پر انهن کي ٻين عام ماڻهن کي بہ ان ڳالهه لاء تيار ڪرڻ لاء چيو ويو.

شروع ۾ ائين ئي لڳو ٿي تہ نئين صدر جو گهڻو دارومدار اسٽيبلشمنٽ ۽ قم جي انتها پسند عالمن تي هوندو. پر هن هڪ تہ عالمي سطح تي نيوڪليئر مسئلي تي هڪ سخت گير ۽ ڏار موقف ڏنو ۽ ان ڳالهه کي ورجايو تہ ٻين ملڪن جيان ايران کي بہ اهو حق آهي تہ نيوڪليائي صلاحيت حاصل

ڪري ۽ ان کي پرامن مقصدن لاءِ استعمال ڪري. ٻي ڳالهه ته هو ڳوناڻن ۽ غريب ماڻهن تائين پهتو ۽ انهن کي سهولتون ڏنيون. اهڙي ريت عام ماڻهن ۾ سندس مقبوليت ۽ هڪ خودمختيار صدر جي لحاظ کان سندس حيثيت مضبوط ٿي.

عام تاثر اهو هو ته ان تبديلي سان آزاد خيال ۽ سيڪيولر ماڻهن لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي ويندي ۽ خاتمي جي دور ۾ جيڪي رعائيتون وغيره مليون هيون اهي ختم ٿي وينديون. پر اهو ڏٺو ويو آهي ته جڏهين مقتدر ادارن جي پنهنجي يا انهن جي پسند جي ماڻهن جي حڪومت هوندي آهي ته اهي اهڙا فيصلا به وٺي سگهندا آهن جيڪي ٻين لاءِ وٺڻ ڏکيا هوندا آهن. ٻيا هڪ ته اهڙن فيصلن وٺڻ کان ڪيٻائيندا آهن ۽ جيڪڏهين وٺندا به آهن ته ڪين مقتدر حلقن جي سخت مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. ليڪڪا ان حوالي سان هڪ فلم پروڊيوسر سان ملاقات ڪري سندس خيال معلوم ڪيا. ان فلم پرڊيوسر جو چوڻ هو ته اسان کي ڪم ڪرڻ جي وڌيڪ آزادي هن حڪومت ۾ آهي. چاڪاڻ ته ان جي فيصلن جي ڪير مخالفت نه ٿو ڪري جڏهين ته خاتمي جي دور ۾ اهي ائين آزادي سان ڪم نه ڪري سگهندا هئا. ساڳي وقت ليڪڪا ڪلاسيڪي موسيقي جي هڪ وڏي نالي رضا خان لطفي سان ملاقات ڪئي جيڪو تازو جلاوطني مان موٽيو هو. امام خميني، جيڪو پاڻ شاعري ۽ موسيقي جو شوقين هو، شروع ۾ موسيقي کي حرام قرار ڏنو هو. گهڻن موسيقارن جا موسيقي جا سامان ضبط ڪيا ويا هئا جڏهين ته گهڻن کي ملڪ ڇڏي وڃڻو پيو هو. پنهنجي زندگي جي پڇاڙي ڏينهن ۾ امام خميني هڪ ٻيو فتوا جاري ڪري موسيقي جي ڪجهه اسمن کي حرام ۽ ڪجهه کي حلال قرار ڏنو هو. ڪلاسيڪي موسيقي ان حلال قرار ڏنل اسمن ۾ شامل هئي. هاڻي حڪومت پاران ڪلاسيڪي موسيقي جي ڪنسرٽ وغيره منعقد ڪرڻ جي اجازت هئي. جڏهين ليڪڪا ملڪ ڇڏي انگلينڊ وڃي رهي هئي ته ان ڏينهن استاد لطفي جو ڪنسرٽ شروع ٿيو هو ۽ هو ان ۾ ويئي هئي. چيو ويو ٿي ته اهو ڪنسرٽ جتي منعقد ٿي رهيو هو اها جاءِ ايران جي رهبر  امام خامنئي، جيڪو پاڻ موسيقي جو شوقين آهي، جي رهائش جي ويجهو هئي. ماڻهن مذاق ٿي ڪيو ته هو ضرور استاد لطفي جي سرن مان مزو وٺي رهيو هوندو.

هڪ اسلامي ملڪ جي حيثيت ۾ ايران ۾ شراب جي وڪڻڻ ۽ واهپي تي پابندي آهي ۽ ان جي لاءِ باقاعدي سزا مقرر آهي. پر جيئن پاڪستان ۾ آهي ته پابندي جي باوجود ان جو وڪرو ۽ استعمال جاري آهي. ليڪڪا ٻڌائي ٿي ته شراب وڪڻڻ وارن جا ٽيليفون نمبر واپريندڙن وٽ هوندا آهن. اهڙي هڪ همراه جو مثال ڏيندي هو لکي ٿي ته هن  جڏهين اهو ڌنڌو ڇڏيو ٿي ته هن رڳو پنهنجو ٽيليفون نمبر هزارين ڊالرن ۾ وڪرو ڪيو هو. ان ڪانسواءِ ان پابندي گهرن ۾ شراب ٺاهڻ جي حوصلي افزائي ڪئي آهي. ان مقصد لاءِ بازار مان خاص قسم جا ڳاڙها انگور ملن ٿا. اهو تجربو ليڪڪا پاڻ به ڪيو هوءِ بازار مان انگور وٺي گهر ۾ انهن مان شراب ڪشيد ڪيو هو. جيتوڻيڪ سيني کي اها ڄاڻ آهي پر حڪومت پاران انهن انگورن جي وڪري وغيره تي ڪا پابندي وغيره ناهي.

ان دور ۾ حڪومت جي پرڏيهي ۽ اندروني پاليسين جي ڪري ايران جي ماڻهن کي گهڻين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو.

# ايران: حڪومت جي پاليسي ۽ مزاحمت

ٻڌ جي مجسمن ڪي ڊاهڻ جو ڪم رڳو طالبان پاران افغانستان ۾ نہ ڪيو ويو هو پر اهو ساڳيو ڪم مختلف ٻين ملڪن ۾ بہ ڪيو ويو. ايران ۾ انقلاب ڪانپوء مذهبي حڪومت پاران بہ ائين ڪيو ويو. عربن جي ايران ۾ اچڻ کان اڳ ماضي جا جيڪي نشان ۽ آثار آهن انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ عربن لاء ايران ۽ قسطنطنيہ جي فتح ان ڪري ممڪن ٿي سگهي هئي تہ هڪ ڊگهي عرصي تائين پاڻ ۾ ويڙه جي ڪري ساساني ۽ بازنطيني ٻيئي عظيم سلطنتون ڪمزور پئجي ويون هيون ۽ منجهن ايتري سگهہ نہ هئي جو عرب صحرا جي ان طوفان کي منهن ڏيئي سگهن. ان جي باوجود ايران جي ماڻهن ۽ سندن ثقافت، تاريخ ۽ مذهب ۾ ايتري سگهہ هئي جو اهي پنهنجو گهڻو ڪجهہ وڃائڻ کان بچائي سگهيا. جيتوڻيڪ مصر جي هڪ پراڻي تهذيب ۽ ٻولي هئي پر اهي پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب برقرار نہ رکي سگهيا ۽ عربن جي رنگ ۾ رنگجي ويا. ان جي برعڪس ايرانين نہ رڳو پنهنجي ٻولي برقرار رکي پر انهن اسلام جي مختلف پاسن تي پڻ ديرپا اثر وڌا آهن ۽ ان کي پنهنجين روايتن ۽ حالتن مطابق تبديل ڪيو آهي. اهو چيو وڃي ٿو تہ اسلام ايران ۾ ڄڻ هڪ نئون جنم ورتو.

زرتشت ازم دنيا جو پهريون مذهب آهي جنهن ۾ وحدت جي ڳالهہ ڪئي ويئي هئي. دنيا جا ٽيئي وڏا مذهب، يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام ان کان متاثر ٿيا آهن. نوروز جو ڏڻ ايران ۾ قومي ڏڻ طور ملهايو ويندو آهي ليڪڪا جو چوڻ آهي تہ سندس ايران ۾ قيام دوران هڪ ڀيري نوروز ۽ شيعن جو هڪ متبرڪ ڏينهن گڏ آيا. ٻنهي کي ملهائڻ جو طريقو مختلف هو. نوروز، نئين سال ۽ خوشي جو ڏهاڙو هو جڏهين تہ ٻيو ڏينهن غم ۽ ماتم جو هو. ان جي باوجود گهڻن نوروز جو ڏهاڙو ملهايو جڏهين تہ گهڻن اهو ڏينهن تہ مذهبي لحاظ کان ملهايو پر شام نوروز جو جشن هو. هونئن بہ ليڪڪا اهڙا مشاهدا ڪيا جڏهين ماڻهو ماتمي جلوسن ۾ شريڪ ٿي شام جو اچي شراب ۽ موسيقي جون محفلون سجائيندا هئا.

شاه پاران ايران جي ماضي جي حڪمرانن جي وارث طور انهن جي عظمت جي ساراه ۽ جشن وغيره ملهائڻ کي مذهبي عالمن پاران نديو ۽ ان جي مخالفت ڪئي ويندي هئي. انقلاب ڪانپوء آيل حڪومت ان سلسلي ۾ باقاعدي عملي قدم کڻڻ شروع ڪيا ۽ خاص طور ايران جي جج صادق خلخيلي، جنهن مخالفن کي موت، ڦٽڪن ۽ ٻين سخت سزائن ڏيڻ لاء شهرت ٿي رکي، ماضي جي نشانين کي ڊاهڻ لاء هدايتون ڏيڻ شروع ڪيون. حڪومت پاران ان ڳالهہ کي يقيني ڪرڻ لاء تہ ماڻهو اسلام جي ايران ۾ اچڻ کان اڳ وارا يا ايراني نالا پنهنجن ٻارن تي نہ رکن باقاعدي نالن جي هڪ فهرست تيار ڪئي ويئي . نون ڄاول ٻارن جي رجسٽريشن ڪندڙ محڪمو اهڙي ڪنهن بہ نالي کي رد ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو ان فهرست ۾ شامل نہ هوندو.

حڪمرانن جي پاليسين ماڻهن جي لاءِ گهڻن مسئلن کي جنم ڏنو آهي. مذهبي توراين لاءِ معمول جي زندگي گذارڻ هڪ ڏکي ڳالهه آهي. زرتشتين جي گهٽائي ته اڳ ئي ملڪ مان لڏي يا پنهنجو مذهب ڇڏي چڪي آهي. جڏهين ته بهائي به ڏاڍ جو شڪار آهن ۽ منجهانئن گهڻا ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا آهن.

اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته ايران جي ڳڀپ وڏن تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ ٿئي ٿي پر ان کي پنهنجي ضرورتن ۽ استعمال لاءِ تيل ٻاهران گهرائڻو پئي ٿو. ڪارڻ اهو آهي ته ايران ڪچو تيل پيدا ڪري ٿو جيڪو هو دنيا جي مختلف ملڪن کي موڪلي ٿو پر وٽس ان تيل جي رفائننگ جي جوڳي صلاحيت ناهي. اهڙي ريت ان صورتحال ۾ جڏهين هو دنيا جي وڏين طاقتن سان ٽڪراءَ ۾ هجي ۽ مٿس پابنديون به هجن  ته ان کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي ٿو جنهن جو سڌو سنئون اثر عام ماڻهن تي پئي ٿو. ليکڪا جي ايران ۾ هوندي حڪومت پابندين جي سخت ٿيڻ جي دپ کان تيل جي راشننگ ڪري ڇڏي هئي جنهن جي ڪري سڄي ملڪ ۾ مظاهرا ۽ هنگاما شروع ٿي ويا هئا.

پابندين ۽ خاص طور احمدي نجاد جي سخت موقف ۽ ٻي مهاڀاري جنگ ۾ هٽلر پاران يهودين جي هولوڪاسٽ کي ڪوڙ سڏڻ عالمي عام رائي کي ايران لاءِ اجا به وڌيڪ سخت ڪري ڇڏيو هو. ان سان گڏوگڏ نوٽ ڇاپي ماڻهن کي خوش ڪرڻ وارين معاشي پاليسين جي ڪري ملڪ ۾ مهانگائي ۾ واڌارو ٿي ويو هو. ليکڪا جو چوڻ آهي ته اول ۾ پيشي ور ماڻهو جهڙوڪ ڊاڪٽر، پروفيسر۽ انجنيئر وغيره وچولي طبقي ۾ شمار ٿين ٿا پر ايران ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. مهانگائي ايتري وڌي ويئي آهي جنهن سان غريبن جو جيئڻ ته هونئن ئي جنجال آهي انهن ماڻهن کي به پنهنجين گهڻين ضرورتن کي گهٽائڻو پيو آهي ۽ پنهنجين بنيادي ضرورتن تائين محدود ٿيڻو پيو آهي. پهرين انهن مان جيڪي موڪلن لاءِ ڪيسپين سمنڊ جي ڪناري ويندا هئا هاڻي اهي ان ڳالهه جا متحمل نه ٿا ٿي. سگهن. اهڙي ريت هتي وچولي طبقي ۾ رڳو رشوت خور ڪامورا، وڏا واپاري ۽ ريئل اسٽيٽ ڊيلر ئي اچي سگهن ٿا.  حڪومت جو هڪ طريقو اهو به رهيو آهي ته جڏهين به ٽڪراءَ ۾ تيزي ايندي آهي ته ملڪ ۾ ماڻهن جي لاءِ آزاروڌي ويندو آهي ۽ گرفتارين ۽ سزائن سان گڏوگڏ عام زندگي پڻ ڏکي ٿي ويندي آهي. ليکڪا ٻڌائي ٿي ته اهڙي ئي هڪ موقعي تي عورتن جي لباس تي سختي شروع ٿي ويئي جنهن جي ڪري ليکڪا سميت گهڻين عورتن، جن وٽ اهڙا ڪپڙا نه هئا، ماڳيئي گهران ئي نڪرڻ ڇڏي ڏنو. هڪ اڌ ڀيري ليکڪا جڏهين پنهنجي مڙس۽ ننڍي پٽ سان گڏ هئي ته ڪيس احتجاج ۽ اهو ٻڌائڻ جي باوجود ته اهو لباس گهربل ضرورتن کي پورو ڪري ٿو، بيعزت ڪري گهر واپس وڃي لباس تبديل ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

انهن مسئلن جي ڪري ماڻهو حڪومت جي پرڏيهي پاليسي ۽ خاص طور تي لبنان ۾ حزب الله جي مدد ڪرڻ تي اعتراض اٿارين ٿا. عام تاثر اهو آهي ته حزب الله ايران جي ذيلي تنظيم آهي جيڪا لبنان ۾ ايران جي مقصدن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان ڳالهه کان ايران به انڪار ڪري ٿو ۽ حزب الله به ان کي نه ٿي مڃي. ليکڪا جو خيال آهي ته ڳالهه ان جي وچ ۾ آهي. حزب الله کي ايران جي مدد به حاصل آهي جڏهين ته ساڳي وقت اها پنهنجن گهڻن معاملن ۾ آزاد نموني به فيصلا ڪري ٿي. ليکڪا ايران جي ماڻهن جي حوالي سان چئي ٿي ته ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته حزب الله جي

ان ڪري پنيرائي ڪئي ٿي وڃي تہ جيئن ايران جي حڪومت ملڪ اندر جيڪڏهين ڪنهن بحران جو شڪار ٿئي تہ اها سندس مدد لاءِ اچي. پر اهو خيال ايترو مضبوط ناهي. گهڻا اهو خيال ڏيکارين ٿا، تہ فلسطين ۽ لبنان وغيره عربن جا مسئلا آهن ۽ انهن کي انهن جي حل لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي جڏهين تہ ايران جي حڪومت کي پنهنجن ماڻهن جي مسئلن مهانگائي ۽ بيروزگاري وغيره کي ختم ڪرڻ ڏانهن توجهہ ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجن وسيلن کي ملڪ جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ اهي ايران عراق جنگ جو حوالو ڏين ٿا جڏهين عربن ايران جي خلاف صدام حسين کي هر قسم جي مدد فراهم ڪئي هئي.

اها ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي تہ سختين وغيره جي باوجود ايران جي ماڻهن ۾ هڪ مزاحمت موجود آهي جنهن جي ڪري حڪومت گهڻين رعايتن ڏيڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿي.

# پيار، شادي ۽ ايران ڪان واپسي

ايران ۾ پنهنجو صحافتي ڪم ڪندي ليڪڪا آزادي موهاني جي هڪ نوجوان عرش سان هم آهنگي ۽ محبت ٿئي ٿي. عرش ايران جي ٽيڪسٽائيل جي هڪ وڏي صنعتڪار جو پٽ هجي ٿو. هڪ آزاد خيال نوجوان جيڪو ايران ۾ مذهبي حڪومت جي پابندين کي پسند نہ ٿو ڪري. ايران عراق جنگ شروع ٿيڻ وقت هو پنهنجي خاندان سان گڏ جرمني ۾ هجي ٿو ۽ اتان ان ڪري نہ ٿو موٽي تہ ڪيس اهو خدشو هجي ٿو تہ ڪيس فوج ۾ ڀرتي ڪري محاذ تي موڪليو ويندو.

اهي ٻيئي باقاعدي شادي ڪرڻ ڪانسواءِ زال مڙس وانگر رهڻ لڳن ٿا جنهن ڳالهہ کي سندن مائٽ بہ ڪجهہ رد ڪد ڪان پوءِ قبول ڪن ٿا. مسئلو ان وقت پيدا ٿئي ٿو جڏهين موهاني پيٽ سان ٿئي ٿي. اهي آمريڪا يا يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ هجن ها تہ اهو ڪو وڏو مسئلو نہ هو پر ايران ۾ اهو مذهبي لحاظ ڪان هڪ ڏوهہ هو ۽ ان جي لاءِ سزائون مقرر هيون جيڪي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اهڙن ڏوهن جي مرتڪب ماڻهن کي ڏنيون وينديون هيون. ان جو رڳو هڪ ئي حل هو تہ اهي ٻيئي باقاعدي نڪاح ۽ شادي ڪن. پر جڏهين هو شادي جي دفتر وڃن ٿا تہ کين ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڇوڪري لاءِ سندس پيءُ جي اجازت ضروري آهي. هو کين ٻڌائين ٿا تہ اهي ٻيئي عاقل بالغ آهن ۽ پنهنجي ليکي فيصلا ڪري سگهن ٿا. پر سندن ان ڳالهہ کي نہ ٿو مڃيو وڃي. ان سلسلي ۾ مسئلو اهو هجي ٿو تہ موهاني جو پيءُ ملڪ ڪان ٻاهر هجي ٿو ۽ ان جو ترت موٽڻ جو ڪو امڪان نہ ٿو هجي. ان وچ ۾ سندس چاچو چئي ٿو تہ وٽس پنهنجي ڀاءُ جو پاور آف اٽارني آهي جنهن ۾ کيس اختيار ڏنا ويا آهن. پر ان کي ڏسڻ ڪانپوءِ نڪاح جو رجسٽرار اهو چئي انڪار ڪري ٿو تہ اهو رڳو ڪاروباري معاملن ۽ جائداد متعلق آهي. نيٺ کين مقرر في ڪان ڪجهہ پئسا وڌيڪ رشوت طور ڏيئي اهو معاملو حل ڪرڻو پئي ٿو. نڪاح ڪان اڳ اهو ضروري هوندو آهي تہ ٻنهي گهوٽ ۽ ڪنوار کي زندگي گذارڻ متعلق سرڪاري سطح تي مختلف صلاحون ۽ مشورا ڏنا وڃن. ان سلسلي ۾ انهن کي حمل روڪ جي مختلف طريقن متعلق پڻ ٻڌايو وڃي ٿو. موهاني ۽ عرش کي بہ ان مرحلي مان گذرڻو پيو.

ان ڪانپوءِ شادي ۽ دعوت جي انتظامن متعلق سوچيو وڃي ٿو. ڪنوار جي ميڪ اپ ۽ ڪاڌي جي انتظام جي سلسلي ۾ ملڪ ۾ مختلف ادارا هجن ٿا. ان سلسلي ۾ جڏهين هو پنهنجن واقفڪارن جي چوڻ تي ڪجهہ نالي وارن ادارن سان لہ وچڙهہ ۾ اچن ٿا تہ کين خبر پئي ٿي تہ انهن جا خرچ سندن پهچ ڪان ٻاهر هئا. بهرحال هو پنهنجي پهچ سارو ان جو بندوبست ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ ٻيو مسئلو اهو سامهون اچي ٿو تہ حڪومت پاران شادي جي تقريب ۾ عورتن ۽ مردن جي گڏ هئڻ تي پابندي هجي ٿي. ان جو هڪ حل تہ ماڻهن اهو ڪڍيو هو تہ تقريب ڪانپوءِ ڪجهہ ويجهن عزيزن ۽ دوستن سان گهر ۾ باقي رسمون وغيره ڪندا هئا جڏهين تہ ڪجهہ اهڙيون جايون بہ هيون جن جو پوليس وغيره سان ٺاهہ هوندو هو ۽ اهي ڪجهہ وڌيڪ پئسن جي عيوض اها ضمانت ڏيندا هئا تہ پوليس ان تقريب تي ڇاپو نہ هڻندي. بهرحال انهن سيني ڳالهين جي باوجود اها شادي ٿي ٿي وڃي.

ايران جي آسودن ماڻهن لاءِ ملڪ ۾ عيش ۽ آرام ڪرڻ جي گهڻي گنجائش ناهي. ان حوالي سان دبئي انهن جي لاءِ جڻ هڪ متبادل آهي. هڪ ته دبئي اتان ويجهو آهي ۽ ٻيو ته ايرانين جو ايڏو وڏو تعداد اتي گهمڻ ۽ خريداري وغيره لاءِ وڃي ٿو جو اهو جڻ ته ايران جو ئي هڪ حصو بڻجي ويو آهي. حڪومت پاران ان سلسلي ۾ ماڻهن تي ڪا پابندي ناهي ۽ ايران ايئر جون گهڻيون اڏامون اوڏانهن وڃن ٿيون. اهڙي ئي هڪ پرواز ايران عراق جنگ دوران آمريڪي ميزائل حملي جو نشانو بڻي هئي جنهن ۾ جهاز جا سڀ مسافر۽ عملو مري ويا هئا. بهرحال ان جي باوجود دبئي جڻ ته ايرانين لاءِ ملڪ جي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول مان ڪجهه وقت لاءِ نڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي.

حمل هوندي ليڪڪا ڪجهه عرصي لاءِ موڪل تي گهر ۾ ئي هجي ٿي. هو پنهنجي حمل ۽ ٻي معلومات لاءِ انٽرنيٽ جو استعمال ڪري ٿي. پر ڪيس ان ڳالهه تي گهڻي مايوسي ۽ فرسٽريشن ٿئي ٿي ته هڪ ته نيٽ جي رفتار نهايت آهستي هجي ٿي ۽ ٻيو ته حڪومت پاران گهڻين سائينس تي پابندي هجي ٿي ۽ اهي بلاڪ هجن ٿيون. جيئوٽيڪ ماڻهن وٽ انهن کي کولڻ لاءِ سافٽ ويئر وغيره هجن ٿا پر حڪومت وٽ ٻه انهن جو ٽوڙ موجود هجي ٿو.

هو جيئن ته موڪلن تي هئي ان ڪري هن مسٽر ايڪس سان رابطو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. ان دوران ڪيس ٽائمز ميگزين پاران چيو وڃي ٿو ته جيڪڏهين ممڪن هجي ته هو پنهنجيون موڪلون مختصر ڪري ڪم شروع ڪري. هو ڪم ته شروع ڪري ٿي پر ساڳي وقت هو اهو ٻه چاهي ٿي ته ڪنهن ريت سندس مسٽر ايڪس ڏانهن جوابدهي ۽ آڏي پڇا مان جان ڇٽي. ان سلسلي ۾ ايران جي انساني حقن جي حوالي سان نوبل انعام يافتا شيرين عبادي، جنهن سان هو سندس آتم ڪٿا تي گڏجي ڪم ڪري پئي، ڪيس صلاح ڏني ته هو مسٽر ايڪس کي ٻڌائي ته هو ڪنهن ٻه نامحرم سان ملڻ مهل پنهنجي مڙس کي گڏ وٺي ايندي. هو ڪيس ٻڌائي ٿي ته سندس ٻه ان طريقي سان ان پڇاڻي مان جان ڇٽي هئي. پر ليڪڪا لاءِ اهو طريقو ڪارگر نه ٿو ٿئي ۽ مسٽر ايڪس ڪنهن ٻه ريت ان ڳالهه تي راضي نه ٿو ٿئي. ان جي بدران هو ڪيس ڌمڪي ڏئي ۽ ڊيڄاري ٿو ته سندس خلاف قومي سلامتي جي معاملن خلاف لکڻ جي حوالي سان انڪوائري انصاف جي وزارت ڏانهن ويل آهي ۽ ان سلسلي ۾ جلد ئي عدالت پاران ڪيس گهرايو ۽ فيصلو ڪيو ويندو. اها خبر سندس لاءِ نهايت پريشان ڪن هئي. ڪيس فوري طوربدنام ايون جيل جوخيال اچي ٿو. هو پنهنجن اهڙن دوستن ۽ واقفڪارن متعلق سوچي ٿي جن کي قيد ڪيو ويو هو، ايذاءَ ڏنا ويا هئا ۽ مٿن تشدد ڪيو ويو هو. ڪيس پنهنجي نئين ڄاول پٽ جو خيال اچي ٿو ته سندس گرفتاري جي صورت ۾ ان جو ڇا ٿيندو ۽ ان کي ماءُ جو کير ڪيئن ملندو ۽ سارسنڀال ڪيئن ٿيندي. هو ڳالهه ڳالهه تي ۽. در تي ڪنهن ٻه آواز ٿيڻ تي ڇرڪي ٿي پئي. وقت گذري ٿو ۽ ڪجهه ٻه نه ٿو ٿئي. هو پنهنجن ذريعن ڪان ان سلسلي ۾ پڇا ڳاڇا ڪري ٿي ته ڪيس خبر پيئي ٿي ته اهڙي ڪابه ڳالهه نه هئي ۽ نه ئي سندس خلاف ڪابه انڪوائري وغيره هلندڙ هئي. اهو مڙيئي ڪيس هراسان ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو.

ايران جي تعليمي نظام ۽ پنهنجي گهر ۽ خاندان جي ماحول کي ڏسندي ڪيس اهو فڪر لاحق ٿئي ٿو ته ان صورتحال ۾ ٻار هڪ مونجهاري ۽ ٻٽي شخصيت جو شڪار ٿي ويندو. اسڪول ۾ حڪومت جي پاليسي موجب ٻار کي مذهبي اصولن ۽ طور طريقن مطابق تعليم ڏني ويندي هئي ۽ ان

تي نہ رکو سختي سان هلڻ جي تلقين ڪئي ويندي هئي پر ٻارڪان سندس ماء پي وغيره متعلق پڻ پڇيو ويندو هو تہ اهي نماز روزي ۽ بين مذهبي فرضن وغيره جي پابندي ڪن ٿا يا نہ. ان صورت ۾ هڪ سيڪيولر گهر جو ٻار يا تہ اسڪول ۾ ڪوڙ ڳالهائيندو ۽ يا وري اسڪول جي ماحول ۾ ٻين ٻارن ۽ استاد لاء اوپرو ٿي پوندو.

انهن سيني مسئلن تي سوچيندي هو ٻيئي زال مڙس اهو فيصلو ڪن ٿا تہ اهي ايران مان لڏي وڃي ڪنهن يورپي ملڪ ۾ رهن جتان موهاني لاء پنهنجي صحافتي ڪم لاء وڃ اوير اچڻ بہ سولو هوندو، مٿس ايران جيان ايجنسين جو ڪو دٻاء بہ نہ هوندو ۽ عرش پنهنجي پي ايچ ڊي بہ اطمينان سان پوري ڪري سگهندو. اهڙي ريت اهي لندن ۾ اچي رهڻ جو فيصلو ڪن ٿا.

# پاڳلپڻي جو لمحو: ورهاڱي جي هڪ ڪٿا

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ ٻنهي پاسي وڏي پئماني تي ماڻهن جو قتل عام ۽ لڏپلاڻ گهڻن ماڻهن لاءِ نه رڳو انگ اکر آهن پر جن ماڻهن ۽ انهن جي ڪٽنبن اهو نقصان سٺو آهي انهن جي ٽين ۽ چوٿين پيڙهي لاءِ به اهو سيکجهه، ان ڳالهه جي باوجود ته انهن پاڻ اهو اکين سان نه ڏٺو هو يا ان ۾ سڌي ريت حصو نه ورتو هو، جي ڪي جهوريندڙ آهي. گهڻن خاندانن ۾ وڏڙا ڪوشش ڪري اهو سيکجهه پاڻ وسارڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجن ننڍن سان ونڊيندا ئي ناهن. پر نئين نسل مان گهڻا متجسس ذهن ان ڳالهه جي ڳولها ۾ هوندا آهن ته نيٺ اهو سيکجهه ڇو ٿيو. سوين سالن تائين گڏ رهندڙ، هڪٻئي جو ڏک سک ونڊيندڙ ڇو رات وچ ۾ هڪٻئي جو رت وهائڻ ۽ لڄون لٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

سلمان رشيد هڪ منفرد سفرناما لکندڙ طور ڄاتو وڃي ٿو جيڪو پنهنجي پڙهندڙ کي انهن جاين جي تاريخ، ثقافت ۽ آرڪيالوجي وغيره کان پڻ آگاهه ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت عقيدن جي ڏنڊ کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس تازو آيل ڪتاب A Time of Madness- A Memoir of Partition ان لحاظ کان هڪ مختلف ڪتاب آهي. جيتوڻيڪ ڏٺو وڃي ته اهو به هڪ سفرنامو ئي آهي پر اهو هڪ عظيم الميئ ۽ ان جي ڪارڻن جي ڳولها جي حوالي سان ماضي جو سفر آهي. سندس خاندان ورهاڱي وقت ٿيل رتوڇاڻ مان گذري گهڻو ڪجهه وڃائي جالنڌر مان لاهور لڏي آيو هو. سندس چوڻ آهي ته سندس وڏا ڪڏهين به ان ڳالهه کي زبان تي نه آڻيندا هئا ته ورهاڱي وقت سندن خاندان سان ڇا وهيو واپريو. گهڻي عرصي ڪانپوءِ پنڊي ۾ رهندڙ سندس هڪ پڦي جي هڪ ڪشميري نوڪر هٿان قتل ٿيڻ جي موقعي تي سندس وڏي چاچي جي واتان ڪجهه اهڙا اکر نڪرن ٿا ته انهن به پينرون ته ورهاڱي جي فسادن ۾ جالنڌر ۾ وڃايون هيون ۽ هاڻي هي ٽين، جيڪا اتان تلوارن کان بچي نڪتي هئي، پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي نوڪر هٿان قتل ٿي ويئي. ان مان ڪيس اهو اندازو ٿئي ٿو ته ان وقت سندس خاندان سان ڇا ٿيو هوندو.

جيتوڻيڪ هو ان وقت ڄائو به نه هو پر هو ماضي ۾ جهاتي پائي انهن سيني جاين کي پاڻ ڏسڻ چاهي ٿو ۽ اهو معلوم ڪرڻ چاهي ٿو ته نيٺ ائين ڇو ٿيو. سندس لاءِ پهريون مسئلو ته ڀارت جي ويزا جو حصول هجي ٿو. ٻنهي ملڪن جي سرحدن جتي، 1965 جي جنگ تائين اچ وڃ تي پابنديون ۽ سختيون نه هيون، هاڻي ماڻهن جو آزادانا طور اچڻ وڃڻ بلڪل ئي ناممڪن ٿي ويو آهي. ڪيس پهرئين ڪوشش ۾ ويزا نه ٿو ملي پر ڪجهه سالن ڪانپوءِ ڪيس ويزا ملي وڃي ٿو ۽ سندس چواڻي ته هو ويهه مارچ 2008 تي پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي گهر لاءِ روانو ٿئي ٿو. هو دهلي، بنگال ۽ ڀارت جي مختلف اهڙن شهرن ۽ جاين تي وڃي ٿو جتي سندس پيءُ، چاچا ۽ خاندان جا ٻيا مختلف فرد پنهنجين نوڪرين ۽ ٻين ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ ويا هئا. انهن مان ڪجهه ته فسادن جي وقت مشڪل سان ئي پنهنجي جان بچائي سگهيا. آخر ۾ هو جالنڌر پهچي ٿو جتي سندس ڏاڏي جو سندس وڏي چاچي حبيب الرحمان جي نالي سان نهرايل گهر حبيب منزل آهي جنهن جا هن فوٽو ڏٺا هئا. پر جيئن سندس

پي چوندو هو ته بيوقوف گهر نهرائيندا آهن ۽ عقل مند ان ۾ رهندا آهن ۽ هو پاڻ به سچي عمر مسواڙ جي گهر ۾ ئي رهيو ائين ان گهر ۾ به سندس ڏاڏي ۽ ان جي اولاد کي رهڻ نصيب نه ٿيو.

گهر اهو ساڳيو ئي هجي ٿو پر حبيب منزل جو نالو ميساريل هجي ٿو. ان گهر ۾ رهندڙ هڪ مائي کيس وڏي مشڪل سان ڪجهه دير لاء گهر ۾ داخل ٿيڻ ڏئي ٿي. کيس اصل ۾ ان ماڻهو جي ڳولها هجي ٿي جيڪو کيس اهو سربستو احوال ڏيئي سگهي ته ان وقت سندس گهروارن سان ڇا وهيو واپريو هو. گهر جي پاسي ۾ هڪ دوڪاندار کيس ڪجهه احوال ڏئي ٿو پر هو کيس ٻڌائي ٿو ته کيس اهو سيڪجهه هڪ اهڙي ماڻهو ٻڌايو آهي جنهن جو پي ان سڄي وارتا ۾ شامل هو. گهڻي ڪوشش ڪانپوء سندس ان ماڻهو سان ملاقات ٿئي ٿي. هو ساڻس افسوس جو اظهار ڪري ٿو ۽ چئي ٿو ته سندس پي کي به پوء ان تي افسوس هو. هو کيس ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه سندس ڏاڏي پنهنجي زال ۽ ٻن ڌيئرن سان گڏ هڪ اهڙي دوست جي گهر ۾ پناه ورتي هئي جنهن جي فسادين کي شايد ڄاڻ نه هجي ها جيڪڏهين گهر جو نوڪر، جنهن جا ٻار به ڏاڏي سان گڏ هئا، پريشاني ۽ فسادين جي دٻ ڪان ان گهر جو رخ نه ڪري ها. اتي سڄو خاندان قتل ٿي ويو ۽ رڳو سندن مڙه ئي ڪمري مان ٻاهر اچي سگهيا. هو ان همراه ڪان اهو سوال ڪري ٿو ته نيٺ ائين ڇو ٿيو. هو کيس جواب ڏئي ٿو ته جيڪو ان سڄي صورتحال جو تت آهي ته اهو انتها درجي جي پاڳلپڻي جو لمحو هو جنهن ماڻهن کي پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو هو.

هو علائقي جي مختلف ماڻهن سان ملي ٿو ۽ ڪانئن پنهنجي ڏاڏي متعلق معلوم ڪري ٿو. هر ڪو ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته هو ڪنهن مذهبي مت ڀيد ۽ تعصب ڪانسواء مريضن جو علاج ڪندو هو. پر سندس ڏاڏي سان ڪم ڪندڙ هڪ شخص کيس اهو ٻڌائي ٿو ته هڪ ڀيري جڏهين هن کيس ٻنپهرن جي آرام مان اٿاري هڪ سک مريض کي ڏسڻ لاء چيو ته هن ان مريض جي وڃڻ ڪانپوء مون کي اڪيلائي ۾ چيو ته آئندي ڪنهن سک مريض لاء منهنجي آرام کي خراب نه ڪجان. ساڳي ريت هندو ماضي جي پسمنظر جي ڪري گهرم ڳئون جي گوشت جو استعمال نه ٿيندو هو ۽ نه ئي ڳوٺ جا مسلمان قرباني واري عيد تي ڳئون جي قرباني ڪندا هئا. پر هڪ ڀيري سندس ڏاڏي اهو اعلان ڪيو ته هن ڀيري عيد تي ڳئون جي قرباني ٿيندي جنهن سان سڄي علائقي ۾ هڪ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي ويئي ۽ فسادِ رتوڇاڻ جا امڪان پيدا ٿي پيا. علائقي جي سرڪاري آفيسرن وغيره وچ ۾ پيئي ان صورتحال کي ان شرط تي ٽاريو ته هندو ۽ سک به علائقي ۾ سور نه کهندا. هو اهو سوچي ٿو ته سندس ڏاڏي جنهن متعلق وٽس اهو تاثر هو ته هو هر قسم جي مذهبي مت ڀيد ۽ تعصب کان آجو هو ڪيئن اهڙي ڳالهه ڪري سگهيو پئي. هن اهو سوال پاڪستان ۾ ليکڪ آئي اي رحمان کان ڪيو ته ان وقت چڱا ڀلا ماڻهو ڪيئن ان مذهبي مت ڀيد جو شڪار ٿي ويا هئا ۽ سندن سوچ ۾ ڇو ڦيرو اچي ويو هو. آئي اي رحمان کيس ٻڌايو ته چاليهه جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ اهڙي قسم جو سياسي ماحول پيدا ڪيو ويو هو ۽ پروپئگندا ڪئي ويئي هئي جنهن جي ڪري گهڻن اهڙن ماڻهن به ان پاسي ڏانهن سوچڻ شروع ڪيو جيڪي اڳ ائين نه هئا. ٻيو ته ڏاڏي کي اها ڳالهه ذهن ۾ هئي ته جيڪڏهين ورهاڱو ٿيو به ته جالنڌر، جيڪو مسلم گهڻائي وارو ضلعو هو، پاڪستان ۾ شامل ٿيندو پر ائين نه ٿيو.

ليڪڪ جو خيال آهي تہ هن وقت ملڪ جي حڪمرانن ۽ عام ماڻهن ۾ جيڪا بدعنواني، ڦرمار ۽ قبضي گير ذهنيت آهي ان جون پاڙون بہ ورهاڱي ۾ آهن. پاڪستان مان جيڪي هندو ۽ سک وغيره لڏي ويا اهي مالدار ۽ سکيا ستابا هئا ۽ پويان وڏي ملڪيت ڇڏي ويا هئاجڏهين تہ جن ڀارت مان پاڪستان لڏپلاڻ ڪئي انهن پويان گهٽي ملڪيت نہ ڇڏي هئي. ٻي ڳالهہ تہ ڀارت ۾ باقاعدي طور پناه گيرن جي ڪليم ڏيڻ لاء هڪ نظام ترتيب ڏنو ويو هو جڏهين تہ پاڪستان ائين نہ ڪيو هو. پنهنجي ريوينيو محڪمي ۾ ڪم ڪندڙ هڪ واقف ڪار جو حوالو ڏيندي هو ٻڌائي ٿو تہ هتي جنهن ماڻهو وٽ جيتريون چاٻيون هيون ان ڪي ڪنهن پڇا ڳاڇا ڪانسواء اوترا گهر الاٽ ڪيا ويا. معنا ڪنهن ماڻهو ڪي جيڪڏهين ڪنهن جو ڪو ڪريل چاٻين جو ڳڇو هٿ اچي ويو تہ هو ايترن گهرن جو مالڪ ٿي ويو ۽ رات وچ ۾ سندس قسمت بدلجي ويئي. اهڙي ريت مقامي ۽ پناهگيرن ٻنهي مفت جي مال تي هٿ صاف ڪرڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي. اهڙي مفت جي مال تي قبضو ڪرڻ ۽ رياستي ملڪيت ڦٻائڻ جي هڪ ذهنيت نهي ويئي جنهن ملڪ ۾ هڪ افراتفري جي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي ۽ نتيجي ۾ اڄوڪي صورتحال پيدا ٿي.

ورهاڱي جي حوالي سان گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. جڏهين تہ اها هڪ ذاتي وارتا هئڻ سان گڏوگڏ ان وقت جي صورتحال جو انساني نڪتہ نگاه کان هڪ تنقيدي جائزو آهي جيڪو پڙهندڙ ڪي سوچڻ لاءِ نوان زاويا ڏئي ٿو.

# ورهاڱي جو عمل اڃا جاري آهي

نندي کنڊ جي ورهاڱي کي ستر سال کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي پر نہ رڳو ان جا اثر باقي آهن هڪ لحاظ کان جڻ ورهاڱي جو اهو عمل ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اڃا جاري آهي. ٻنهي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ تہ پنهنجي جاء تي آهي. ان ڪانسواء نہ رڳو سرحد جي ٻنهي پاسي نندي پئماني تي لڏپلاڻ آهي پر مذهبي تڪرار بہ هڪ لحاظ کان پنهنجي جاء تي موجود آهي جيڪو وقت بوقت پرتشدد صورت پڻ اختيار ڪري وٺي ٿو. ورهاڱي وقت بہ مختلف ٻولين جي ادب ۾ ان جو ردعمل ظاهر ٿيو ۽ هن وقت بہ مختلف طريقن سان ان جو اظهار ٿي رهيو آهي.

ٻارڻ جي عنوان سان حميد دلوائي جو مراٺي ۾ لکيل ناول آهي. هن ناول جو بنيادي مقصد اهو ڏيکارڻ آهي تہ مذهب کي ڪيئن نہ ذاتي ۽ گروهي مقصد لاء استعمال ڪري ماڻهن کي ورهايو ۽ ويڙهايو وڃي ٿو. مسلمان زميندارن ۽ گهٽ ذات وارن هندو مزدورن جو هڪ ڳوٺ آهي. جيتوڻيڪ زمينداري ختم ٿي ويئي آهي ۽ زمين جي هارين ۾ ورهاست ٿي چڪي آهي پر سماجي لحاظ کان زميندارن جي مٿيرائپ اڃا قائم آهي. ڳوٺ جي مسلم خاندان جو هڪ نوجوان، جيڪو هڪ ترقي پسند نڪتہ نظر رکي ٿو، ان گهٽ ذات وارن هندن جي پاسي ٿي بيهي ٿو جنهن کي سندس خاندان ۽ ڳوٺ جا ٻيا مسلمان پسند نہ ٿا ڪن. هي نوجوان ڪجھ عرصي ڪانپوء ممبئي هليو وڃي ٿو جتي هو سياسي سرگرمين ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو ۽ اٽڪل پندرنهن سالن تائين ڳوٺ نہ ٿو موٽي. نيٺ صحت خراب هئڻ ڪري ڊاڪٽر جي مشوري تي عمل ڪندي آرام ڪرڻ لاء ڳوٺ اچي ٿو. هتي ڪيس مذهبي تفرقي جي لحاظ کان صورتحال ۾ اڃا وڌيڪ ابتري نظر اچي ٿي. هڪ پاسي سندس پياء زمين جي معاملي تي ۽ ڏکڻ آفريقا کان آيل ڳوٺ جو هڪ ٻيو زميندار هڪ هندو ڇوڪري جي معاملي تي ڳوٺ جي هندن سان آمهون سامهون ٿي بيهن ٿا ۽ معاملو هڪ مذهبي رخ اختيار ڪري وٺي ٿو. جيڪي هندو اڳ ان نوجوان کي پنهنجو همدرد سمجهندي سندس ڳالهہ رکندا هئا اهي بہ هاڻي ڪيس ٻڌڻ لاء تيار نہ هئا. معاملو ايستائين وڌي ٿو تہ هندن جو مذهبي ڏڻ جنهن ۾ اڳ ساڳي ريت ڳوٺ جا مسلمان بہ حصو وٺندا هئا هندن جي ان ڳالهہ تان هڪ تڪراري صورت اختيار ڪري وٺي ٿو تہ اهو جلوس مسجد آڏو دهل دمام ۽ موسيقي وڄائيندو.ان کي منهن ڏيڻ لاء ڏکڻ آفريقا واري مسلمان زميندار پاران پرپاسي وارن ڳوٺن مان هٿيار بند مسلمانن کي گهرايو وڃي ٿو جيڪي جلوس ڪانپوء ڳوٺ ۾ قرمار ۽ عورتن جي عزتن خراب ڪرڻ جو ڪم شروع ڪن ٿا جنهن جو شڪار ان نوجوان جي ڀاڄائي بہ ٿئجي ٿي جيڪا هميشہ جيان ديوي جي آشيرواد لاء اتي ويئي هئي. ان صورتحال ۾ اهو نوجوان پاڻ کي بلڪل بيوس محسوس ڪري ٿو ۽ اهو سمجهي ٿو تہ هاڻي هتي سندس ڪو بہ ڪم ناهي ۽ هو ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ٻيئي ڌريون ڪنهن بہ ريت سندس ڳالهہ ٻڌڻ ۽ سرچاء ڪرڻ لاء تيار ناهن. اهو سوچي هو واپس ممبئي موٽي اچي ٿو.

هڪ ٻيو ناول هندي ۾ احتشام منظور جو سکل ٻڙ جي عنوان سان آهي. اهو ناول ڀارت جي شهر ڀوپال جي هڪ مسلمان خاندان جي حوالي سان آهي. هتي ورهاڱي کان اڳ مسلمان نواب جي

صاحبي هوندي هئي. ان دور ۾ نہ هتي ڪاليج وغيره هوندا هئا ۽ نہ ئي مقامي ماڻهن جي پڙهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي حوصلي افزائي ڪئي ويندي هئي. رياست جي ڪم ڪار ڪي هلائڻ لاءِ عملدار ٻين علائقن مان گهرايا ويندا هئا. هي هڪ مسلمان وڪيل جي ڌي رشيده جي زباني ٻڌايل ڪهاڻي آهي. ورهاڱي وقت سندس پي پنهنجو وطن ڇڏي پاڪستان وڃڻ کان ان ڪري انڪار ڪري ٿو تہ ڪير پنهنجن ماڻهن کي ڇڏي پئسي ڏوڪڙ ۽ مال ملڪيت لاءِ هڪ اهڙي اوپري ملڪ ۾ وڃي رهي جتان جا ماڻهو، ٻولي ۽ ثقافت سڀ سندس لاءِ اوپرا هجن. هو نہ پاڻ مذهب ۽ مذهبي رسمن ۾ يقين رکي ٿو ۽ نہ ئي انهن تي عمل ڪري ٿو پر پنهنجي زال کي اهو سيڪجهہ ڪرڻ کان منع نہ ٿو ڪري. ساڳي ريت هو پنهنجن ٻنهي ٻارن، ڌي ۽ پٽ، جي تربيت بہ سيڪيولر بنياد تي ڪري ٿو. ان جي نتيجي ۾ هو پنهنجن پائرن، پينرن ۽ ٻين خاندان وارن کان جڻ ڪٽجي ڌار ٿي وڃي ٿو ۽ اهي ساڻس ڪو گهڻو واسطو نہ ٿا رکن ۽ نہ ئي هو ساڻن گهڻو لہ وچڙ ۾ اچي ٿو . هو پنهنجن ٻارن جي سٺن تعليمي ادارن ۾ تعليم جو بندوبست ڪري ٿو جتي گڏيل، جديد ۽ سيڪيولر بنيادن تي تعليم ڏني وڃي ٿي. انهن ٻارن لاءِ سماجي ۽ انساني ناتن ۾ هندو ۽ مسلمان جو ڪو فرق نہ ٿو هجي ۽ اهي ان بنياد تي پنهنجي پيار ۽ جنس جي ناتن جو بہ تعين ڪن ٿا. انهن ٻارن کي اڳتي هلي اها خبر پئي ٿي تہ خاص طور تي مذهب جي حوالي سان معاملا عملي زندگي ۾ ايترا سولا ناهن. مذهب جو نہ رڳو هندو ۽ مسلمان ٻنهي پاران سياسي حوالي سان استعمال ڪيو وڃِي ٿو پر ان بنياد تي سماجي ناتن جو تعين پڻ ڪيو وڃي ٿو. انهن ٻنهي ٻارن لاءِ، جن جي تربيت سندن پي پاران سيڪولربنيادن تي ڪئي ويئي هئي، ان سماج ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ ڏکيو ٿئي ٿو جتي مذهب هڪ منجهيل صورت ۾ انساني رشتن ناتن جو تعين ڪري ٿو. هڪ ويڳاڻپ ۽ اڪيلائي جو احساس جنهن ۾ ڪين پنهنجي زندگي گذارڻي پئي ٿي.

انهن ٻنهي ناولن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ اجا تائين ڀارت جي سيڪيولر سياست ۽ ماحول ۾ بہ انهن قوتن ۽ ماڻهن کي نہ رڳو اهو تہ ڪاميابي نہ ملي سگهي آهي پر ڪين مايوسي ۽ نااميدي کي منهن ڏيڻو پيو آهي جن پنهنجي ذات جي قرباني ڏيئي ملڪ جي سيڪيولرازم کي سنجيدگي سان ورتو آهي ۽ ان کي پنهنجي زندگي جو حصو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. موجوده سياسي ماحول کي ڏسندي اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ ان صورتحال جي بدلجڻ ۽ ماڻهن جي آزادانا ماحول ۾ زندگي گذارڻ ۾ گهڻو وقت لڳي سگهي ٿو.

# ڪامريڊ نور ظهير جو پاڪستان

ڪامريڊ نورظهير جو سفرنامو At Home in Enemy Land ٽن ڪتابن تي مشتمل آهي جيڪي سندس مختلف وقتن تي ٿي پيرا پاڪستان اچڻ جا ڏار ڏار قصا آهن. نور ظهير جا پاڪستان سان تعلق جا گهڻا حوالا آهن. جيئن سندس ڪتاب جي نالي مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان، جنهن کي ڀارت ۾ هڪ دشمن ملڪ سمجهيو وڃي ٿو، سندس ٻيو گهر آهي. نه رڳو اهو ته پاڻ هڪ کان وڌيڪ پيرا هتي اچي چڪي آهي پر سجاد ظهير جي هتي اٺ سال گذارڻ ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ نئين ملڪ ۾ پارٽي جي تنظيم سازي جي حوالي سان به سندس ماضي جو اهم حصو هت موجود آهي. پهرئين دوري ۾ هو پاڪ ڀارت دوستي جي وفد جي هڪ رڪن جي حيثيت ۾ هتي آئي هئي. وفد جي ٻين همراهن جا پاڪستان جي حوالي سان ٻيا ڪم به هئا پر ليکڪا جو اهم ڪم هڪ ته پنهنجي ماضي جي ڳولها ۽ ان جو تنقيدي جائزو وٺڻ ۽ ٻيو ٻنهي ملڪن جي گڏيل تهذيب ۽ ثقافت جي گڏيل بنيادن کي ڏسڻو هو. ان سفر ۾ جڏهين پاڻ ٽرين ۾ لاهور کان ڪراچي ايندي سنڌ جي مختلف علائقن مان گذري ٿي ته جيئن دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪندي سوچي ٿي ته اهو سنڌ آهي جنهن هر طرح جي چريائپ، مدهوش قلندرن ۽ ڪريزي سرخن کي پناه ڏني آهي. اها هڪ اهم ڳالهه آهي ته سجاد ظهير جيڪو وقت پاڪستان ۾ گذاريو، جيڪي ڪم هن ڪيا ۽ جن ماڻهن سان سندس واسطو رهيو انهن مان گهڻن ماڻهن متعلق ڪامريڊ نور ظهير کي ڄاڻ آهي. جيڪڏهين سجاد ظهير پنهنجي پاڪستان ۾ گذاريل وقت متعلق ڪجهه لکيو هجي ته مون کي ان جي ڄاڻ ناهي پر جهڙي ريت ليکڪا ان جو ذڪر ڪري ٿي ان مان گهٽ ۾ گهٽ ائين لڳي ٿو ته ان پنهنجن ٻارن کي تفصيل سان ان متعلق ٻڌايو هوندو.

ڀارت رواني ٿيڻ کان اڳ آخري ڊنر ڪين عابد حسن منٽو ڏنو هو. منٽو پنهنجي ڪابي ڌر جي خيالن ۽ سياست جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو پر هتي سندس بلڪل هڪ مختلف تصوير سامهون اچي ٿي. سندس خيال موجب وفد کي موئن جو دڙو جي کنڊرن ۽ سيوهڻ ۾ وقت وڃائڻ بجائي سڌو ڪراچي کان لاهور اچڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته اهو سيڪجهه ماضي آهي ۽ اسان کي حال ۾ رهڻ گهرجي. ساڳي ريت مارڪسزم متعلق سندس اهو خيال آهي ته اهي ڪالهه جا نظريا آهن ۽ اسان کي اڄ ۾ جيئرو رهڻ گهرجي. پنهنجي پهرين ڪتاب جي پڇاڙي هن لاهور ۾ شاهي قلعي جي حوالي سان ڪئي آهي. هن قلعي ۽ پاڪستان جي جيلن ۾ سجاد ظهير جي گذاريل وقت متعلق هو ٻڌائي ٿي ته هن ڪڏهين ان ڳالهه جو ذڪر نه ڪيو ته پاڪستان جي جيلن ۾ مٿس ڇا ٿي گذريو پر سندس پني تي ڇيلهه وٽ هڪ ڦٽ هو جيڪو ڀارت ۽ سوويت يونين ۾ هر قسم جي علاج ڪرائڻ جي باوجود آخر تائين ٺيڪ نه ٿي سگهيو ۽ سندس لاءِ تڪليف جو باعث رهيو.

ڀارت ۾ ڪانگريس تي هندوتا جا اثر ته بلڪل واضح آهن پر مون کي اها ڄاڻ ناهي ته ڪميونسٽ ۽ ٻين ڪابي ڌر جي جماعتن تي ان جا گهڻا اثر آهن. پاڪستان ۾ هن لاهور ۾ قدم رکڻ سان ئي اهو اندازو لڳائي ورتو هو ته هتي ڪابي ڌر ڪيترو وکريل آهي ۽ ڪيترن گروپن ۾ ورهايل آهي. ٻيو ته

ڪراچي جي نيپا آڊيٽوريم ۾ جھڙي ريت پروگرام جي شروعات مقدس آيتن سان ڪئي وڃي ٿي ان کي ڪنھن ڪابہ ڌر جي پروگرام لاء مناسب نہ ٿي سمجھي پر اھا پاڪستان ۾ ھڪ روايت بڻجي چڪي آھي جنھن جي ڪابہ ڌر جا گھڻا ماڻھو حمايت ڪن ٿا.

ٻيون پيرو ڪامريڊ نور ظھير نو سالن ڪانپوء پاڪستان آئي ھئي. اھو ھڪ لحاظ کان سندس ذاتي دورو ھو جنھن جو مقصد سندس ڪتاب جي مھورت ھئي. اسلم خواجہ جنھن کي ھو پنھنجو ننڍو ڀاء چئي ٿي، ھن دوري جو ميزبان ھو. ھو شروع ۾ ئي ڀارت، جنھن جي آئي ٽي جي حوالي سان سڄي دنيا ۾ مشھوري آھي، متعلق حيرت انگيز ڳالہ اھا ٻڌائي ٿي تہ 2014ع ۾ بہ ان جو واھگہ جي سرحد تي ڪسٽم ڊپارٽمنٽ، جنھن کي سندس تصوير جي تصديق جي ضرورت پيش اچي ٿي، اجا تائين بجائي اي ميل ۽ اسڪيننگ جي ترقي يافتہ طريقي جي فيڪس تي ڀاڙي پيو. ھن اسلم خواجہ جي شخصيت کي ھڪ جملي ۾ نھايت جامع انداز ۾ بيان ڪيو آھي. پنھنجي ورثاء ۾ ھو ڪامريڊ آھي، عادتن ۾ رولاڪ ۽ پنھنجي ڪپڙن جي حوالي سان فقيرآھي. ھو ھر لحاظ کان ھڪ پيار جي قابل ماڻھو آھي پر اھڙو شخص آھي جنھن تي دوري جي رٿابندي ۽ ان جي پابندي جي حوالي سان ڀروسو نہ ٿو ڪري سگھجي. منھنجي خيال ۾ اسلم، جنھن کي آئون اٽڪل چاليہ سالن کان سڃاڻان ٿو ۽ جيڪو منھنجي نھايت ويجھو رھيو آھي، جي شخصيت جي ان کان بھتر سمجھاڻي نہ ٿي ٿي سگھي.اسلم ڪيس عين وقت تي ٻڌايو تہ ھو ساڻس لاھور ۾ نہ ٿي ملي سگھيو جنھن جي ڪري ھن کي ھڪ اھڙي شخص تي ڀروسو ڪرڻو پيو جنھن سان سندس امرتسر جي ڪانفرنس ۾ ملاقات ٿي ھئي پر ڪيس سندس نالي جي بہ خبر نہ ھئي.اھو ھمراہ سندس ڪراچي ايئر ٽڪيٽ جا پئسا بہ ڪٽي غائب ٿي وڃي ٿو.

ڪراچي ۾ ڪجھ ڏينھن گذارڻ ۽ ماڻھن سان ملاقاتن ڪانپوء ھو سنڌ جي ٻين علائقن لاء رواني ٿئي ٿي. سندس چوڻ آھي تہ سنڌ جو اصل احساس ڪراچي جي ميٽروپوليٽين ماحول کان نڪرڻ کان پنجاھ ڪلوميٽر پوء ٿئي ٿو.پر ان وچ ۾ ھو ڪوھي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر شيرشاھ جي عورتن جي اسپتال بہ وڃي ٿي. ڪينجھر، نوري، ڄام نماچي ۽ شاھ لطيف جو سر ڪاموڏ خاص طور تي ليکڪن ۽ فنڪارن لاء اتساھ جا ڪارڻ آھن ۽ نور ظھير بہ انھن مان ھڪ آھي. پنھنجي ويزا جي پابندين جي ڪري ھو چاھڻ جي باوجود بہ پنھنجي ھم نام نوري سان رات نہ گذاري سگھي ۽ اتي ڪجھ وقت گذارڻ ڪانپوء حيدرآباد لاء رواني ٿي ويئي. حيدرآباد جي حوالي سان ھڪ تہ سندس ڄام ساقي سان ملاقات آھي جنھن جي شخصيت ۽ تڪليفن کي ھن نھايت پيار ۽ محبت سان بيان ڪيو آھي. ٻي خاص ڳالھہ ھالا جي دستڪاري ۽ خاص طور تي ڀٽ شاھ ۾ ڀٽائي جي مزار تي ٻولي کان اڻ واقفيت جي باوجود سڄي رات راڳ ٻڌندي گذارڻ ۽ مزار جو مشاھدو ڪرڻ آھي. حيدرآباد ۾ مختلف سياسي جماعتن ۽ اين جي اوز سان لاڳاپيل ۽ ڪجھ اڻ لاڳاپيل ڪامريڊن سان گذاريل سندس لاء ڪافي ناخوشگور بڻجي وڃي ٿي. بخشل ٿلھو جي گھر ٽيل ان گذاڻي ۾ سھيل سانگي ۽ اسلم خواجہ بہ موجود ھجن ٿا. انھن سيني جو جارحاڻو رويو ھجي ٿو جڏھين تہ اسلم خواجہ ماٺ ڪري تماشو ڏسندو رھي ٿو. ھو سوچي ٿي تہ ان لاء بہ ڳالھيون ٿي سگھن ٿيون. آيا اھو سڀ اڳ سوچي سمجھي ڪيو ويو يا ائين ئي ٿي ويو. بھرحال ھو پاڻ اعتدال کان ڪم وٺندي صورتحال کي خراب ٿيڻ نہ ٿي ڏيئي.

هڪ نهايت اهم سوال جيڪو پاڪستان جي ڪابي ڏر جي حلقن ۾ شروع کان بحث هيٺ رهيو آهي ۽ جنهن کي هن سفرنامي ۾ به مختلف جاين تي بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ جيڪو هن گڏجاڻي ڪانپوءِ به ليڪڪا جي ذهن ۾ گردش ڪري رهيو هو ته سجاد ظهير جو جيئڻ ته هن ڌرتي سان ڪو تعلق نه هو ۽ نه ئي هو هن ملڪ جي ٻولين، ثقافت ۽ روايتن کان واقف هو ۽ ٻيو ته هو پارٽي کي هڪ بحراني حالت ۾ ڇڏي جيئرو جاڳندو صحيح سلامت پنهنجي وطن هليو ويو اهو سيڪجھ گڏجاڻي ۾ شريڪ همراهن جي ڪاوڙ جو باعث ٿي سگهي پيو. اهي سڀ ڳالهيون درست آهن ۽ انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽي تي ان لحاظ کان تنقيد به ٿيندي رهي آهي پر سجاد ظهير جيڪي اٺ سال هتي گذاريا، ڪميونسٽ پارٽي کي نئين سر منظم ڪيو ۽ جيل جون سختيون سنيون اهو به هڪ لحاظ کان هن ملڪ جي ترقي پسند تحريڪ ۾ سندس ڪنٽريبيوشن آهي جنهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ۽ جنهن جو اعتراف به ڪرڻ گهرجي.

ان ڪانپوءِ ڪراچي ۾ ڪجھ وقت گذارڻ ڪانپوءِ هو لاهور رواني ٿئي ٿي. هتي انتظار حسين سان سندس هڪ مختصر ملاقات ٿئي ٿي جنهن ۾ هو ڪيس چئي ٿو ته ڪيس سندس ڪتاب ”ميري حصي ڪي روشنائي“ ۾ پنهنجي وڏي چاچا خلاف نه لکڻ گهرجي ها جيڪا ڳالھ هن کي پسند نه ٿي اچي پر ڪيس ان سان بحث ڪرڻ جو موقعو نه ٿو ملي سگهي.

اسلام آباد حڪمرانن جو شهر آهي. اتان جا ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ريت اقتدار جي ايوانن سان لاڳاپيل هوندا آهن. ڪراچي ۽ لاهور جي زندگي جو جيڪو تنوع ۽ سرگرمي آهي اها هتي گهٽ ئي نظر اچي ٿي. بس هڪ طئي ٿيل روٽين جي زندگي آهي. ڪتاب جي مهورت، دوستن سان ملاقاتون ۽ سندن دعوتن ڪانسواءِ اسلام آباد کان ٿوري مفاصلي تي ٽيڪسيلا جا پراڻا آثار، ڀٽسٽ يونيورسٽي ۽ جوليان وغيره آهن جيڪي ڪيس سوچڻ لاءِ مواد فراهم ڪن ٿا.

لاهور واپسي لاءِ هو موٽر وي جي بجائي جي ٽي روڊ جي چونڊ ڪري ٿي. ان روڊ تي هن اصل ۾ پنجاب جي ننڍن وڏن شهرن جي گهما گهمي، جيڪا موٽر وي جي ويراني ۾ موجود ناهي، ڪانسواءِ ان روٽ کي ڏسڻ چاهيو ٿي جيڪو سجاد ظهير فيض جي چوڻ تي جنرل اڪبر سان ملاقات لاءِ اختيار ڪيو هو. ان سفر دوران هو اهو سوچي ٿي ته ڇا سجاد ظهير کي اها ڄاڻ نه هئي ته فوج جي تنظيم جهڙي ريت ٿئي ٿي ان ۾ اها نظم و ضبط ۽ فرمانبرداري جي تابع هونديآهي ۽ ان لحاظ کان اها هميشه انقلاب جي مخالفت ۾ ئي هونديآهي. هن ڪيئن مٿن ڀروسو ڪري ورتو. اهو به ممڪن آهي ته هو ٿڪجي پيو هجي ۽ واپس پنهنجي گهر وڃڻ چاهيندو هجي ۽ اهو سوچيو هجي ته بس اها ئي هڪ واپسي جي واٽ ٿي سگهي ٿي. هن سفر جي حوالي سان ان ٿورڙي درستگي جي ضرورت آهي ته اسلام آباد کان لاهور ايندي جهلم پهرين اچي ٿو ۽ گجرانوالا پوءِ جڏهين ته ڪتاب ۾ ان جي ترتيب ٻي نموني سان آهي.

ٽيون پيرو پاڪستان اچڻ جو ڪارڻ ڪراچي لٽريچر فيسٽيول هو. ان ميلي ۾ عصمت چغتائي جي ڪتاب جي ترجمي جي حوالي سان سندس شرڪت ڪانسواءِ محمد علي ٽالپر ۽ خاص طور تي ڊاڪٽر اديب رضوي سان ملاقات ۽ SIUT جي سرگرمين ۾ شرڪت ذڪر جوڳيون ڳالهيون آهن. قديم آثارن ۽ تاريخ ۾ سندس دلچسپي جي هڪ جهلڪ ته ٽيڪسيلا جي دوري جي وقت ڏسي سگهجي ٿي

پر موئن جو دڙو جي حوالي سان معاملو بلڪل ئي مختلف آهي. جيڪو وقت هن اتي گذاريو اهو هڪ عام سياح جي لاء ڪافي ڪان وڌيڪ هو پر پوء بہ سندس تسلي نہ ٿي ۽ ڪيس اها شڪايت رهي تہ پروگرام ۾ هڪ ڏينهن جي هير ڦير ٿيڻ ڪري هو تفصيل سان سڄي سائيٽ ڪي نہ ڏسي سگهي. ان جي باوجود سندس مشاهدو ڪافي گهرو هو. خاص طور اتي ديٽ چيمبر جي موجودگي جو ذڪر جنهن ڪي گهڻا ماڻهو نظرانداز ڪري ويندا آهن.

سکر ۾ SIUT ۽ درازا ۾ سچل سر مست جي مزار تي حاضري ڏيڻ ڪانپوء واپس ڪراچي اچي ٿي جتي هو پنهنجن ڪجھ دوستن سان ملاقات ڪري ٿي ۽ انهن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿئي ٿي. ڪتاب جي پڙهڻ دوران اهو خيال هر هر منهنجي ذهن ۾ ايندو رهيو تہ ڪامريڊ جڏهين بہ پاڪستان اچي ٿي تہ سندس ميزبان هميشہ اين جي اوز، انساني حقن جا ڪارڪن، اڳوڻا ڪامريڊ ۽ سندس ذاتي دوست رهيا آهن. هن پاڪستان جي ڪنهن ڪميونسٽ گروپ سان رابطو نہ ڪيو ۽ نہ انهن مان ڪنهن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ لحاظ ڪان ان جو جواب هن اڻ سڌي ريت انجمن ترقي پسند مصنفين جي حوالي سان هن ريت ڏنو آهي تہ هن انجمن جي همراهن سان ملڻ ڪان ان ڪري لنوايو تہ هڪ تہ اها گهڻن گروهن ۾ ورهايل آهي ۽ ٻيو تہ ان تي غير اديبن جو قبضو آهي جيڪي ان کي پنهنجن مفادن لاء استعمال ڪن ٿا. ذري گهٽ اها صورتحال ڪميونسٽ ۽ ڪابي ڌر جي گروپن جي آهي جن مان هر ڪنهن کي پنهنجي جماعت جي صحيح هئڻ جو يقين آهي.

ڪامريڊ جا پاڪستان جي ماڻهن، ثقافت ۽ ٻولي سان جيڪي لاڳاپا آهن ۽ جهڙي ريت هن هڪ عام ماڻهو جي نظر سان حالتن کي ڏٺو آهي ان سان هن ڪتاب جي اهميت هن ريت وڌي وڃي ٿي تہ اهو ساڳي وقت هڪ پرڏيهي جي نڪتہ نظر سان گڏ هڪ اندر جي ماڻهو جي نڪتہ نظر، احساسن ۽ جذبن جي پڻ ترجماني ڪري ٿو.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book